پير علي محمد راشدي



اهي ڏينهن اهي شينهن

اُهي ڏينهن، اُهي شينهن

[ٽن جلدن ۾ — جلد ٻيو]

اهي ڏينهن، اهي شينهن

[جُلد ٻيو]

”جنهن جي رات، تنهن جو ڏينهن،
جنهن جو مدن، تنهن جو شينهن.“
— مدن فقير.

پير علي محمد راشدي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو / حيدرآباد
سنڌ

سڀ حق ۽ واسطا بيگم ممتاز راشديءَ وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون	١٩٨٠ع	تعداد ٻه هزار
ڇاپو ٻيو	١٩٩٣ع	تعداد ٻه هزار

قيمت : هڪ سؤ روپيا
[Price Rs: 100-00]

ملڻ جو هنڌ :
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢)

"UHAY DEENHAN UHAY SHEENHAN"
In three Volumes—Volume II
(Pen pictures of Eminent Personalities of Sindh together with the account of important social and political events in the late 18th and early 19th Century Sindh)
By: PIR ALI MUHAMMAD RASHDI

Published by: Sindhi Adabi Board
P. O. Box 12
Hyderabad, Sindh, Pakistan.

First Edition, 1980. **IInd, Edition 1993.**

Copyright: Mrs: Mumtaz Rashdi

نذر

انهن بهترين يادگيرين جي احترام ۾ جيڪي

بمبئي، ڪنيٽي، جيڪب ۽ اوڏي ڏي گهر ڳوٺن

سان وابسته رهيون.

سنڌي ٻولي ٻولڻ مون سنڌ سان جهولي ۾

سکي — نه ڪنهن اسڪول ۾، نه ڪنهن آخوند وٽان.

هيءَ تحرير انهن احسانن جي اعتراف جي

ادني علامت آهي.

علي محمد راشدي

ٻه ڳالهيون

نوح که هزار سال یک طوفان دید،
من نوح نیم ولی هزار طوفان دیدم.

ٻارنهن سالن کان پوءِ وري ميلو ٿي رهيو آهي. ان وچ ۾ به گهڻو ڪجهه ٿي گذريو آهي. بيوس اکيون سڀڪجهه ڏسنديون رهيون آهن؛ سڀڪجهه سهنديون رهيون آهن. اکين جهڙو لاچار عضوو ٻيو ڪو ڪونه ٿو ٿئي: نه ڪُڇي سگهن، نه ٻُڌي سگهن، ڳوڙها ڳاڙين ته به آواز ڪونه ٿئي! قيامت ڏينهن انساني جسم سان جيڪي وَهي واپري، پر گهٽ ۾ گهٽ انسان جون اکيون ضرور بهشت وينديون. دنيا اندر هُنن ويچارين ايترو ته صبر سان سٺو آهي، جو اُن عذاب کي اِنگهائڻ يقيناً ايزدي انصاف جي آبتڙ هوندو. نه ڪنهن کي مجال، جو دنيا اندر انهن نياڻين اکڙين جو وڪيل ٿئي، مٿن واقع ٿيندڙ وارداتن جو جهان اڳيان مڪمل ۽ ڪُلي اظهار به ڪري سگهي؟

اڄ هوندي به هيءُ فقير، ان ڏس ۾، ڪجهه ڪوشش اڳ ڪري چڪو آهي ۽ وري هيئنر به پيو ڪري. عمر طبعي جون تقاضائون اثر ٿين ٿيون؛ وقت گذرندي شايد ايتري توانائي به نه رهي.

جيڪي آهي اڄ، سُيان ناهه 'صديق' ڇئي،
واجي وانگر وڄ، مٿي ڪي مُرلي ڪري.

البت ايتري هام ضرور هڻندس ته هن ۾ محض دل وندرائڻ لاءِ بي معنيٰ ڪٿائون ۽ ڪهاڻيون بيان ڪونه ڪيون اٿم. هي مواد خام جو هڪ انبار آهي؛ ان منجهان ماڻهپي جا لعل لهڻ پڙهندڙن جي پنهنجي اک ۽ عقل جي رسائي تي منحصر رهندو.

بيان ڪيل قصن ۾ ڪيترن 'وڏن ماڻهن' سان گڏ 'ننڍن ماڻهن' جو به ذڪر آيل آهي. وڏو ماڻهو ڪير آهي ۽ ننڍو ماڻهو ڪير، تنهن جي فيصلي تي شروع کان دنيا تڪرار ڪندي مختلف معيار مقرر ڪندي پئي رهي آهي؛ قطعي فيصلو اڃ تائين تي ڪونه سگهيو آهي. مون هن ڪتاب ۾، ڪنهن اهڙيءَ تخصيص جي تڪرار ۾ پوڻ بدران، اهڙن سڀني ماڻهن کي آڏي چڙهيو آهي، جيڪي منهنجين اکين کي آڏيا. مون اهڙن انسانن کي نظرانداز ڪونه ڪيو آهي، جيڪي بازاري مفهوم ۾ وڏا ماڻهو ڪونه هئا؛ مون تاريخ ساز ماڻهن سان گڏوگڏ انسانيت ساز انسانن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري سمجهيو آهي. هر گل جو رنگ و بو مختلف ٿئي ٿو؛ چمن ڪونه ٿي ٿو سگهي، جيستائين ان ۾ مختلف رنگ و بو جا گل نه هجن. غريبن مان بوءِ فقط بيوقوفن کي ايندي آهي. سولا ڪنهن ۾ ڪونه ٿو وسي؟ هيرا جواهر ويرانن مان لڀندا آهن، نه دلڪش باغن بستانن مان. گورڪيءَ لکيو آهي:

"مون وٽ ساده دل ۽ گمنام انسان، پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جا لازوال تحفا کڻي اچن ۽ منهنجي روح کي مالامال ڪن؛ اهي انهن کان بهتر آهن، جو پڙهيل ڪڙهيل اچن ۽ مڪر ۽ فريب سان، منهنجي روح کي رنج پهچائين."

منهنجو پنهنجو تجربو به ٿيءُ رهيو آهي، ته غريب ڪچو سون آهن؛ وڏو ماڻهو جيترو وڏو، اوتري گهٽي منجهس مٽ جي ملاوٽ — إلا ماشاء الله. تنهنڪري، ننڍن ماڻهن يا غريبن کي نظرانداز نه ڪرڻ تي مان مجبور هوس.

هن جلد جي وڏي پاڱي جو تعلق ڪراچيءَ سان آهي. ڪراچي سنڌ جي سياست جو مرڪز پئي رهي آهي، تنهنڪري لازم هو ته ان ۾ سياست ۽ سياستدانن جو ذڪر قدري تفصيل سان اچي. اهو هن ڪري به ضروري ٿي پيو، جو خطرو هوم ته مبادا اڳتي هلي تاريخ غلط لکي وڃي ۽ ڪيتريون ضروري حقيقتون رڪارڊ تي

اچي نہ سگهن، يا تاريخ نويس ڀاڻ، ڇاڻي واڻي، انهن کي ليکائي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪن.

هيءُ جلد پنجن سون صفحن تائين پهچي چڪو آهي ۽ اڃا ڪجهہ قدر ڪراچي ۽ سڄي لوور سنڌ رهجي ويئي آهي. اها کوٽتائي ٽئين جلد ۾ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

پڇاڙيءَ کان پهريان ڪجهہ شڪريا ادا ڪرڻ بہ اخلاقي فرض سمجهان ٿو.

عزيزي محمد رفيع، جيڪڏهن ڇڪڙ ٿي ڇنبڙي نہ پوي ها، تہ شايد آءٌ اڃا ڪيترا سال ٽيٽمائيندو وتان ها ۽ هن جلد لاءِ لکڻ تي آماده ڪونہ ٿيان ها. پر هن نوجوان منهنجو ويهڻ ورهڻ ڪري ڇڏيو. آئندي ويهندي ڪاپي ۽ قلم منهنجي اڳيان رکيو ويٺو هوندو هو ۽ جيستائين هر روز ڪجهہ لکي سندس حوالي نہ ڪريان، اوستائين منهن ڪومايون ويٺو هوندو هو.

آن کان بہ ٿورو وڌيڪ تندهي، هن ڪتاب جي معاملي ۾ عزيزي شيخ نفيس احمد (ناشاد) ڏيکاري. مون وٽان مواد وٺي، ڪاپي تيار ڪرڻ، پروف ڏسڻ ۽ ڇپائيءَ جي پوڌواري ڪرڻ، ۽ آنهيءَ سڄي محنت کي مُرڪندي مُنهن ڏيڻ سندس ڪرشمو هو، جنهن لاءِ آءٌ سندس ڏاڍو ٿورائتو آهيان.

جيڪڏهن هن ڪتاب پڙهڻ کان پوء ڪنهن لي ڪلمہءِ خير چوڻ جو حوصلو ٿئي تہ ان ۾ هنن ٻن نوجوانن کي ضرور شامل ڪرڻ کهرجيس. — والسلام

٢٣٩- پستنجي اسٽريٽ،
نارٿ ويسٽ، ڪراچي سنڌ.
١٢- سيپٽمبر ١٩٧٩ع

— علي محمد راشدي

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو، سنڌ ۾
مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

● داد و جاد و ۱

۱- محمد اسماعيل زونر ۴۰

۲- سائين گل محمد شاه ۴۹

۳- سائين جڙيل شاه ۵۰

۴- پير الاهي بخش ۵۲

۵- ميان علي بخش چنو ٦۵

٦- د يوان آدارام ٦۷

۷- سائين صالح شاه نينگ وارو ٦۹

۸- نارو پڳت ۷۲

۹- عارب فقير جتوئي ۷۴

۱۰- رئيس ڏتل خان ۷۷

۱۱- رئيس شمس الدين بلبل ۸۱

۱۲- شمس العلماء دائود پوٽو. ۸۳

۱۳- علامہ آء. آء. قاضي ۹۴

۱۴- وڏيرو يعقوب کوثر يجو ۱۰۵

۱۵- پير حجت الله شاه راشدي ۱۰۷

۱٦- حاجي عبدالمجيد جتوئي ۱۰۸

۱۷- همايون جو عشق ۱۰۹

۱۸- مخدوم نوران ۱۱۵

۱۹- پير درويش — نچل شاه مست ۽ فتح فقير ۱۲۰

۲۰- ميران جمالي ۱۲۲

۲۱- سائين دين محمد شاه لکياري ۱۲٦

• ڪراچي

(مشرق جي ملڪ، سنڌ جي ماڙي) ١٢٨
٢٢- شيخ عبدالمجيد سنڌي ١٥٩
٢٣- مولانا محمد صادق کڏي وارو ١٧٤
٢٤- سر حاجي عبدالله هارون ١٧٦
٢٥- مولانا دين محمد وفائي ٣٢١
٢٦- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ٣٢٨
٢٧- حڪيم علي محمد قادري ٣٣٩
٢٨- حڪيم صمصام ٣٤٠
٢٩- ياجوج ۽ ماجوج ٣٤٢
٣٠- خانبهادر الله بخش گبول ٣٤٩
٣١- آفتاب ۽ ماهتاب ٣٥٠
(رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس)
٣٢- ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پرنسيپال ٻُٽاڻي ٣٥٣
٣٣- پيرزادو عبدالستار ٣٦٣
٣٤- دين محمد عاليگ ٣٧٢
٣٥- قاضي خدا بخش مورائي ٣٧٤
٣٦- نسيم ٿلوي ٣٧٧
٣٧- حاتم علوي ٣٨٢
٣٨- خانبهادر حسن علي جي خاندان ٣٨٣
٣٩- سر مانٽيگو ويب ۽ ٻيا انگريز شهري ٤٠٠
٤٠- قاضي عبدالرحمان ٤٠١
٤١- سيٺ ناءُنمل هوتچند ڀوڄواڻي ٤٠٣
٤٢- دادا ليکراج ٤١٠
٤٣- مس جيٺي سپاهيملاڻي ٤١٥
٤٤- مير ايوب خان ٤١٨
٤٥- ميان محمد هاشم عباسي (۽ چند همعصر ڪامورا) ٤٢٠

۴۶- محمد هاشم گزدر	۴۶۱
۴۷- حضرت خواجه احمد زمان رح	۴۶۷
۴۸- پوژهو پوریو	۴۷۳
۴۹- "کامریډ" عبدالقادر	۴۷۹
۵۰- سنټ جون مارلیون	۴۸۹
۵۱- بوستان خان	۴۹۴
۵۲- جمي سیټ	۵۰۰
● ډسڅي	۵۰۷

اُهي ڏينهن، اُهي شينهن

(جلد پهريون)

دادو جادو

اوائلي زماني ۾ دادو سچ ته جادو هو. وڏي ڳوٺ مثل هو. لاڙڪاڻي ضلعي مان ڪٽجي پنهنجي سِرِ ضلعو بڻيو هو. لاڙڪاڻي جي مقابلي ۾ ڪجهه نه هو. اڃان سکر براج کانه کُلي هئي. زمينون گهڻي ڀڱي غير آباد هونديون هيون ۽ ماڻهو مال وندا پر ڏتڙيل. جڏهن ڏتڙيل چوان ٿو ته منهنجي مراد مالي ۽ خوشحاليءَ جي لحاظ سان ڏتڙيل آهي. ماڻهپي ۽ انساني وڙن ۾ ٻين علائقن جي ماڻهن جي مقابلي ۾ ڏاڍا آسوده حال هوا. غربت ۾ اهو فائدو آهي ته انسان جي انسانيت پنهنجي اصلي ۽ حقيقي رنگ ڍنگ ۾ رهي ٿي ۽ دولت جي ڪَٽُ مٿس کانه ٿي چڙهي. جيئن عام ڪَٽ لوهه تي چڙهي اندران ٻاهران ڳاري ڇڏيس ٿي، تيئن دولت جو زنگ به انسان جي انگ ڪي ڪائي خراب ڪري ڇڏي ٿو. دادوءَ وارن وٽ لاڙڪاڻاين جيتري دولت يا آهو سومان ۽ آڳمان ڪونه هوا، پر ماڻهپي جي دولت سان مالامال هوندا هوا. نه ڪوڙ بدوڙ، نه دغا دولاب، نه چالاڪي نه چابڪ دستي. دوست ته وفادار، دشمن ته اشراف. لائيندا ته توڙ نباهيندا، ٻولي ڪندا ته ٻي نه ٻوليندا. سخن ڪندا ته پاڙيندا:-

"کهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي."

مارئيءَ جي مذڪور ۾ مارُن جي خوبين جا ذڪر ٻڌندا هواسين. اهڙين خوبين جا ماڻهو مون ڪي سنڌ جي فقط ٻن علائقن ۾ نظر آيا: دادوءَ ۾، ۽ ٿر ۾. سادا ۽ سڌا سنوان، ميرڙا پر مٺڙا. شڪر هو جو شهر جي هوا اڃان کانه لڳي هون. پنهنجي اصلي حالت ۾ هوندا هوا. لسيءَ جو وٽو چاڙهيون، لٽ ڪلهي تي ڪنيون، ٻالم ٻڌيا وتندا هوا.

چاهه جي چوس کان پئي هون. شهري زندگيءَ جي ضرورتن
ماڻهن جي مرتبي وڪڻ تي مجبور ڪونه ڪيو هون.

گهاڙي واهه شهر جي هڪ حصي مان گذرندو هو. واهه
جي ڪناري سان ئي مصري شاهه مرحوم جي اوطاق هوندي هئي.
شاه صاحب ننڍا وڇايون، کٽ رکيون، چلم ٽيڪيون، ويٺو
آئي-وئي سان ڪچهري ڪندو هو. سيارو هوندو ته وچ
ڪچهريءَ باهه جو مچ متل هوندو هو. داد وءَ جو سهندار هو.
دادو اچبو ته مصري شاهه جو ديدار ضرور ڪبو. نه لهڻون نه
ليکو، نه ڪم نه ڪار، پر چڱن سان ٻه گهڙيون صحبت ڪرڻ
واري سنڌي رسم نه ڇڏبي. سائين جيوڻ شاهه سنڌس ويجهو
عزيز هو. خلافتي خيالن جو هو. انگريزن سان ڪانه پوندي
هيس. دادو ضلعي ۾ آزاديءَ جو پهريون امام هو. نه گهڻو
پڙهيل هو نه سياسي طرح ڪڙهيل. پر ٻڌو هوائين ته ڌاريءَ
حڪومت کان آزادي چڱي شئي ٿيندي آهي، ۽ ترڪ سلطان
خليفة المسلمين کي انگريز ڏاهي رهيا آهن، تنهن تي آتي
ڪڙو ٿيو هو. اڄ جيترو هجي ها ته خبر نه آهي ته ڪهڙا
خيال ۽ حال هجنس ها. جناب جي. ايم. سيد به انهن ڏينهن
سياسي ميدان ۾ 'پير-پير' ٿي ڪنيان، پر اڃان مڃي مڙس
ڪونه ٿيو هو، تنهنڪري "حر حريت" جي پڳ سائين
جيوڻ شاهه جي سر تي سونهين.

سائين مصري شاهه مرحوم خواه سائين جيوڻ شاهه مرحوم
جو تعلق لڪياري سيدن جي خاندان سان هو. سيوهڻ وارو
سارو علائقو لڪيارين جو ڳڙهه هوندو هو. سيوهڻ جي چوڌاري
ٻڪڙيا پيا هئا: لڪي، آمري، سيوهڻ، جهانگارا، باجارا، واهڙ،
ٻان، آراضي پيرن هيٺان هوندا هون. اسان کان ٿورو اڳ
سردار حبيب الله شاهه لڪياري وڏي شان ۽ مان جو صاحب
ٿي گذريو هو. سيني لڪياري ساداتن جو سردار ايڪبو هو.
اميراڻي ٺاٺ سان حياتي بسر ڪيائين. گوٺ آراضي هوس،

سردار حبيب الله شاهہ لکياري

جنهن ۾ ڪانئس پوءِ سائين جيندل شاهه وبهي مچ مچايو.
جيندل شاهه جوان سال هجي ها، ۽ جوانن جي ملڪ جو رهاڪو
ته هوند ڪنهن تاريخي فوج جو جرنيل هجي ها. ايڏي
دل، اهڙي بهادري، ايڏي سچائي، اهڙي غيرت، ورلي ڪنهن
۾ ڏسڻ ۾ آئي. ڪنهن ڳالهه تي اڙي بيٺو ته لڪيءَ وارو
جبل پڻ پنهنجيءَ جاءِ تان هٽي وڃي پر جيندل شاهه سائين
پير پوئتي نه ڪندو. سائين جي. ايم. سيد جو اليڪشن ۾ پاسو
ورتائين. ۱۹۴۶ ۾ چونڊون ٿيون. مودي انگريز سنڌ جو
گورنر هو ۽ سر غلام حسين سنڌس وزير اعليٰ. مودي پورو
ڪانڪو هو. جي. ايم. سيد جي مخالفت ۾ اليڪشن جي دوران
اهڙا ڪڌا ڪم ٿيا جو انهن ڪڌائين سبب اليڪشن ٽربيونل
آها چونڊ ئي رد ڪري ڇڏي ۽ ”ڪامياب“ اميدوار قاضي
محمد اڪبر صاحب ۽ سنڌس حامي پير الاهي بخش مرحوم
(جو ان وچ ۾ پاڪستان جڙڻ کان سال بعد خود وزير اعليٰ
جي ڪرسيءَ جي زينت بڻجي چڪو هو) کي ڇهن سالن لاءِ
ڪنهن به اليڪشن ۾ مورچو اميدوار بيهڻ کان ئي بند ڪري
ڇڏيو. اسيمبليءَ جي مليل ميمبري ختم، وزارت چٽ، مقدمي
جو خرچ مٿن. في الحقيقت ٽربيونل ته مٿن فوجداري مقدمي
هلائڻ جي به منظوري ڏني هئي، پر جي. ايم. سيد جي کين
معافي ڏيڻ ڪري باقي جزا سزا کان بچي ويا. ان چونڊ
هلندي مودي ۽ غلام حسين مرحوم جي حڪومت جي جٽلهه،
جي. ايم. سيد جي مکيه حامي سائين جيندل شاهه تي ٿي، جنهن
کي بيگناهه ڪٿي جيل ۾ بند ڪيائون. (پوءِ جي اليڪشني
منهن ڪاراين جي ابتدا ان اليڪشن کان ٿي)، پر جيندل شاهه
جي فيصلي ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو. مون انهن ڏينهن ۾ ان
موضوع تي پنهنجي مضمون جي ابتدا هن بيت سان ڪئي:

پتنگن پهه ڪيا، مڙيا مٿي مچ،
پسي لهس نه لُڏيا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳچيءَ ڳچ، ويچارن وڃائيا!

. هيءَ قصو ته وچ ۾ اچي ويو. اصل عرض هيءَ ڪرڻو هوم ته سيوهڻ جي پسگردائي اڪياري ساداتن سان پرپور هوندي هئي. سائين ولي محمد شاهه مرحوم، قلندر لال شهباز رحمته الله عليه جو سجاد نشين به هو ۽ سردار حبيب الله شاهه مرحوم جي وفات بعد لڪيارين جو پڳدار به ليکيو ويندو هو. ڏاڍو اثر ۽ ڏاڪو هوس. سيوهڻ جي وچ شهر ۾ هڪ ڪڪائينءَ اوطاق اندر ڪچهري ڪندو هو. قالين تي طول وهاڻن سان پٺي ٽيڪي ويهندو هو. مهمانداري ۽ مهمان نوازيءَ ۾ سنڌ جي اعليٰ روايتن جو رکپال هو، پر خيال، سنڌي چوڻيءَ وانگر ''بادشاهي'' هوس. هڪ لڳا سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ لاءِ بطور اُميدوار اُٿي ڪڙو ٿيو. سامهون جي. ايم. سيد هوس. سنڌ س ڪاميابيءَ جي اميد بنه ڪانه هئي. پاڻ نه ووٽن لاءِ ڪنهن ڏانهن وڃڻ جي قابل هو، نه آئيني يا هنگامي سياست جي پرچه پروڙ هئس. سيوهڻ کان ٻاهر نڪري ئي ڪونه ٿي سگهيو، ڇو ته انهن ڏينهن جي رواج مطابق ڪيس هر صبح ڇئين بجي وڃي قلندر سائينءَ جي مقبري جو قلف کولڻو ۽ شام جو بند ڪرڻو پوندو هو. انهيءَ ئي سبب ڪري انگريز سرڪار به ڪيس عدالتن يا آفيسن ۾ حاضر ٿيڻ جي پابنديءَ کان قانوني طرح آجو ڪري ڇڏيو هو. اهڙين حالتن ۾ سائينءَ جو اليڪشن لڙڻ ۽ چونڊجڻ کان پوءِ ڪراچيءَ وڃي رهڻ (سنڌ اڃان هاڻ بمبئي صوبي کان جدا ٿي هئي) قياس کان ٻاهر هو، پر سنڌ س کن خليفن کي اليڪشن جي بهاني شايد ''شيري ميري'' ڪرڻ جو ارادو هو، تنهنڪري خواه مخواه چاڙهه ڏئي کڻي سائينءَ کي بطور اميدوار بيهاريائون. جي. ايم. سيد نه ٿي گهريو ته اهڙو بزرگ اليڪشن جي پيڙا ۾ اچي يا سنڌ س مقابلي ۾ هارائي پنهنجي سجاده جي گهٽتائي ڪرائي ويهي؛ تنهنڪري هڪ وفد وٺي ڪيس هٿ کڻائڻ لاءِ التجا ڪرڻ واسطي

سردار حبیب الله شاه لکیاري

هليو. آءٌ بہ آن وفد ۾ شامل هوس. خوش خير عافيت بعد سائين ولي محمد شاهہ مرحوم احوال پڇيا. ملڪ سردار خان مرحوم —جو نومڙين جو سردار ۽ ڪوهستان جي علائقي جو مکيہ ماڻهو هو ۽ اسان سان وفد ۾ شامل هو— اسان جي ٻاران احوال ڏنا. احوالن ڏيندي ملڪ صاحب عرض ڪيس تہ جي. ايم. سيد انگريزي ڄاڻي ٿو ۽ ڪائونسل جي ڪارروائي بہ انگريزيءَ ۾ هلي ٿي، تنهنڪري ڪيس ڇوڏي موڪلڻ ٺيڪ بهتر ٿيندو. سائين ڪاوڙجي پيو، فرمايائين: "اوهين ڇو نٿا تہ جي. ايم. سيد انگريزي ڄاڻي ٿو. ڀلا هينئر ٻڌائي تہ انگريزيءَ ۾ 'ڦوسيءَ' کي ڇا چئبو آهي؟"

جي. ايم. سيد کي بد بخت 'ڦوسيءَ' جي انگريزي ڪانہ آئي ۽ سائين ولي محمد شاهہ وفد جي التجا کي رد ڪري، پر سيني کي مالي ڪارائي، موٽائي ڇڏيو. نتيجو اليڪشن جو آهوئي لڪتو، جيڪو نڪرڻو هو. جي. ايم. سيد کٽيو ۽ سائين ولي محمد شاهہ مرحوم کي سيوهڻ جا بہ پورا ووٽ ڪونہ مليا. مطلب تہ سنڌ جدا ٿيڻ کان پوءِ، اسان جي بدقسمتيءَ سان اليڪشنن جا فيصلا "ڦوسيءَ" جي ليول تي ٿيڻ لڳا.

ٻاجارن جو سائين حاجي اسدالله شاهہ انهن لڪياري سادات ۾ مڙس ميندرو هو. همدرد، ننگ پال، سادات تي ڇپر، وڏيءَ رهائيءَ رسائيءَ وارو، سڀ سان نيڪيءَ جا بہ پير کڻندو، ٻڇڙائي ذشمن سان بہ ڪانہ ڪندو، ڪاوڙ ڪانہ ايندس، ناڪوار گفتگو کي بہ هڪ مُرڪ سان ختم ڪري ڇڏيندو، زبان جو سچو، وقت کي سڃاڻندو ۽ ڦڏي ڦاڙيءَ کان ڀڳل هوندو. خيرپور جو وزير (شيخ محمد قادر مرحوم) خنواه لاڙڪاڻي جا وڏا ماڻهو سائس رستي زکڻ ۽ سندس عزت ڪرڻ ۾ پنهنجي آبرو سمجهندا. سائين ولي محمد شاهہ

توڙي پسگردائيءَ جا پيا سادات ۽ چڱا ماڻهو سندس صلاح کان ٻاهر ڪو نہ ويندا. ديرينني طبعيت ڪري، هر قدم سوچي سمجهي کڻندو. قداور، ٻُت جو پريل، ڏاڙهي خسخس، ڦدري شهپر، سنڌي نيڪ مردن وارو سفيد لباس پهريندو، وڏي پڳ، ڪلهي تي هميشه اڇي چادر، هٿ ۾ لڪڻ. سچ تہ هي آهي تہ سندس ُهن جهان ڇڏڻ کان پوءِ لڪياري سادات يتيم ٿي پيا، ڪين نيڪ و بد سمجهائڻ وارو ڪو ڪو نہ رهيو.

سائين جي. ايم. سيد جو ذڪر تہ ڪراچيءَ جي بيان ۾ ايندو، پر سندس ٻہ ڀاڙيسري ــ هڪ مسلمان، ٻيو هندو ــ وساريا نہ ٿا وسرن:

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي پراڻيءَ سنڌي ”مڙس ماڻهائپ“ جو نمايان نمونو هو، جو هنن اکين ڏٺو. دولت ڏس جهڙي ڪانہ هئس، پر لٽ ٿانگر ۽ هلت چلت اميراڻي. سنڌي چوڻيءَ موجب مڙسن جو مڙس سمجهيو ويندو هو. ڏاڍو خوددار، دل جو پهلوان، يارن جو يار، ڪامورن جي ڪاڻ نہ ڪڍڻ وارو، ڏکي سکي پنهنجي مٽي گذاري ڇڏيندو. محتاجي نہ ڏيکاريندو. ڪنهن جي طرفان آئي بيٺو تہ ڇڙ ٿُل آيو ٿيو. ڪيڏو بہ زور بار پوندس، برداشت ڪري ويندو، نہ ڪنجهندو، نہ ڪڇڪندو. ساري عمر مقابلن ۾ گذاري ڇڏيائين. هيٺي ڪانہ ٻوليائين. موت جي بستري تي حضرت عزرائيل جي آمد جي ڪڪ ڪٽڪ پڇي وڃيس ها، تہ هوند لٺ هٿي ڪڍيس ها۽ سستو ساهہ ڪو نہ ڏئي ها، پر باري تعاليٰ جي فيصلي اڳيان بندو بيوس ٿيو پوي.

ٻريان مانجهوءَ ۾ سيٺ وشنداس جا وٿاڻ هوندا هئا. سنڌ جي نامياري سياستدان سيٺ هرچندراءِ جو پيتا هو.

ڪوڙڙي تعلقي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽي يا ضلعي لوڪلبورڊ ميمبري ڪان وڌيڪ سياست ۾ حصو ڪونہ ورتائين. ساري عمر راڳ- رنگ ۾ گذاريائين. وقت جا وڏا وڏا گويا ۽ طوائفون سندس محفلن ۾ هر وقت موجود. گهڻو ڪري ڪچي جي پر ۾ رهندو هو. نہ شهرن جي گندگي، نہ شهري زندگيءَ جي کيٽ ڦيٽ. رهڻي ڪهڻي مسلمانن وانگر. مهمان نوازي حد. هر وقت ديڳ دسيل رهندي. آيو- ويو پيو کائيندو ۽ اوڳرايون ڏيندو. آهي زمانا بہ پيا هوا. انسان پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ اطمينان جا ڪي گوشا ڳولهي لهي سگهندو هو. ڪائي بہ ساٿ ڪندو هو. ڪارائي پياري فرحت محسوس ڪندو هو. نہ انساني روح انتظارن جي پيڙا ۾ هو، نہ ماڻهن جون دليون مايوسيءَ ۾ مبتلا. هرطرف گلن ۾ رنگ ۽ بلبلن جي آواز ۾ ميٺاج هو- پوءِ چونہ وشنداس پنهنجي طرز جي زندگي گذاري ها؟

سندس وڏي خوبي هيءَ هئي تہ هو پنهنجي هٿن سان ڪمايل دولت گهڻي پر نام مولا صرف ڪندو رهندو هو. ماڻهو تہ ڇڏيو پر جانورن تي بہ نظر رهيس- مثلاً، سرڪار سان پيلا ٺيڪي تي ڪٽي ۽ پيسا پاڻ ڏئي، مفت مالدارن ۾ وراهي ڇڏيندو هو، جيئن سندس گگدام چري ڦري مزا ڪن. ڏڪار پوندا تہ ماڻهن کي اناج ڏيندو ۽ ڳوٺن ۾ ديڳيون چاڙهائي غريبن کي ڪارائي پياري موت جي منهن مان ڪڍندو. سندس سخا سنڌ تائين محدود ڪانہ رهي. سنڌ کان ٻاهر بہ ڪٿي قحط پوندو تہ سندس ساڳيا لنگر پيا هلندا. غريبن جو مفت علاج، ۽ بيروزگارن کي روزگار سان لڳائڻ سندس محبوب مشغلا هوا.

غرض اهڙا داني پرش بہ سنڌ ڏٺا. مون پنهنجي اکين سان سندس ديدار ڪونہ ڪيو، پر سندس هاڪ هرطرف ٻڌم، هرطرح جي ۽ هرقسم جي. مولوي صاحب جي فتوا موجب تہ وشنداس هندو هو، تنهنڪري انهن چڱاين هوندي بہ سندس

جاءِ جهنم ۾ هوندي ۽ مولوي صاحب جن جو پنهنجو مورچو حورن جي هنجن ۾!

دادو ضلعو هڪ ئي وقت ٽن ڪلچرن جو مجموعو نظر ايندو هو. هڪ ڪوهستاني يعني باراني علائقي جو ڪلچر، جو جوهي، ڪاڇي ڪان ڪرچات ۽ ٿاڻي بولاخان تائين پکڙيل هو. ٺيٺ ٺيٺ ٺيٺ پروچڪي ۽ ٺيٺ سنڌي ڪلچرن جي هڪ جاءِ تي ملڻ ڪري وجود ۾ آيو هو ۽ پهاڙي ۽ صحرائي ضرورتن جي مطابق هو. ماڻهو قداور، محنتي، سخت جان، لباس موڪرو، وار وڏا، چولو ڊگهو، پير ۾ گهيتلو، مٿي تي متارو پٽڪو، شڪليون مردانيون. مال وندا، پوک خواه مال جي چاري لاءِ مينهن تي مدار، ورلي ڪنهن هڪ جاءِ تي پڪا گهر ٺاهي رهي سگهندا. جيڏاهن گاهه تيڏاهن راهه. مينهن نه آئو ته ٽيپڙ ڪڻي سال ڪاهي هيٺ لهي اچي درياه ڪناري ڪچي - پڪي پيڙا ٿيندا. پنهنجي ساري ”دنيا“ ڍڳن، گڏهن ۽ اٺن تي لڏيون ايندا. لاڏڻ ۾ سواري لاءِ ته گڏهه يا اٺ هوندا، پر گڏهن يا اٺن جي پٺيءَ تي زالون، ٻار، جنڊ، ٿوڻيون، ديگڙيون، دلا، تڏا، ڏنڊا، ڪونڊا، رلهيون، گنديون سڀ هڪ پٺي مٿان سٿيل هوندا. سامان مٿان ٻانگو ڪڪڙ ويٺل هوندو، جيڪو وقت سر پيو ٻانگون ڏيندو ته ته اٺ پٺيءَ چڙهيو آرام سان لڏندو، لمندو، پيو هلندو. لاڏڻ جي اڳ ۾ يا پٺ ۾ ڪتو به ضرور هوندو. ڪمزور، بکيل، اڌ مئل، پر ساٿ نه ڇڏيندو. شهرن سان لنگهندو، شهري ڇوڪرا ٺڪر يا هڏو ڏيکاريندس پر اڪ ڪڻي نه نهاريندن. ويجها پوندس ته پونڪي، ڇڙا ڏند ڏيکاري، ڀڄائي ڇڏيندن، يعني لولي جي لالچ تي ڪُتي جي ذات نه لڄائيندو. البته ”اشرف المخلوقات“ مان هجي ها ته ٻي ڳالهه هئي!

اِن گڏيل پهاڙي، صحرائي ڪلچر ۾ زالون بہ مردن وانگر محنتي هونديون. بي پرده، پر دل جي پرده تان ڏيکـ ويکـ وارا هزار پرده قربان. سندن دل پرده پٺيان رهندي.

”ور سي وطن چائيون، صحرا ستر جن.“

ڏسڻ ۾ سيريون، لٽا ليڙون، اڪثر پيرين اگهاڙيون، پر شهري زالن وانگر پنهنجن مڙسن لاءِ سٽي جو سور نہ هونديون.

دادو جو پيو ڪلچر منڇر جي ميربحرن وارو آهي. منهنجو خيال آهي تہ سنڌ جي پراڻي ۾ پراڻي قوم اهي ميربحر ٿي سگهن ٿا، يعني موهن جي دڙي واري قوم جي بچيل نشاني. آرين اچي شهرن تي قبضو ڪيو هوندو، پيڙين ۾ رهندڙ مسڪينن سان ڇو وڙهيا هوندا؟ انهن وٽ هئو ڇا جو وٺان ڇڏائين ها؟ مٽيءَ جو ڪنو، ڪاٺيءَ جي ڏوئي، بيس جو تڏو، ڪُڙهي ۽ ونجهہ. ڪُرڙي جهلبي تہ ڪاٺبي، سا بہ جيڪڏهن ٺيڪيدار يا سرڪاري ڪامورن جي جهڙپ کان بچي وئي، ورنہ لوڙهن، بيهن، پبڻ يا نابي جي پٽ تي گذارو. اڪثر پيٽ بکيو، انگ اگهاڙو. کهڙي وٽ هئي وٺن، جنهن جي خاطر آريا ڦرلٽ ڪري مفت پنهنجو منهن ڪارو ڪن ها؟ ڏاڍي جو موچڙو مالدارن تي وسندو آهي. گهوڙا ۽ گهليون شهرن تي چڙهنديون آهن. غريب ڇو بچاءَ سندس غربت هوندي آهي. تنهنڪري آءٌ ان راءِ جو رهيو آهيان تہ سنڌ جي اصلوڪين قومن مان جيڪڏهن ڪا قوم آرين جي ماراماريءَ کان بچي سگهي هوندي تہ آها ميربحرن جي قوم هوندي، پر تنهن هوندي بہ تحقيق جي ضرورت آهي.

بهرحال، انهن منڇر جي ميربحرن جو ڪلچر بلڪل نيارو آهي. گهڻو ڪري پٺيءَ اگهاڙا، هيٺ تي گوڏ، سڄو ڏينهن وهنوار پاڻيءَ سان. زالون ٻتيلن تي ويٺيون ڪم ڪاج ڪنديون.

رنگارنگ لٽا ڦريون، چانديءَ يا سون جي زيورن جا ڇهڙ نڪ ۽ ڪنن مان لڙڪايون، ٻارن جا ڏڻ ـ حيرت آهي ته ننڍڙين ٻيڙين تي سارو وقت رهندي به اهي ٻار پاڻيءَ ۾ چوڻ تا ڪري ٻڏن. سرد سج ڏينهن پيا اچي ماريندا. رات جو ٻيڙيون ڪاهي سُڪ ۾ وچي بيهندا. ڪنهن سهولت واريءَ جاءِ تي گهر جوڙيندا ته ان کي مياڻي ڪوٺيندا. مياڻيءَ اندر گفتگو جو انداز ٻڌي ٻاهريون ماڻهو ائين سمجهندو ته هاڻ ٿا ونجهه هڪ ٻئي جا متا ڦاڙي ڇڏين. پر ان حد تائين ڪونه ويندا. زباني جمع ـ خرچ ڪري ٿڪبا ته ڪير ڪنڌ ٿي ويندا. ڪنهن زماني ۾ آبي پکين جي سفيد پرن جي يورپ ۾ ڏادي کپت ٿي هئي. اتاهون جون عورتون ٽوپين ۾ ڪپڙن ۾ پر ٽنبينديون هيون. فيشن جو معاملو هو. جيستائين فيشن هليو، منڇر جي ميربحرن جا ڪنان به سونا ٿيندا رهيا. ڏاڍا پيسا ڪمايائون. سندن عورتن سيرن سُهين سون پاتو. فيشن ختم ٿيو ته آمدني به ختم ٿي وئي. پوئين زماني ۾ اچي حج تي پيرڙو رکيائون. جنهن وٽ پيسا ٿيندا سو حج پڙهڻ ويندو ـ هڪ پيرو نه پر ڪيئي پيرا. حجن جي تعداد تي منجهن چٽاپيٽي لڳي پئي هوندي. سکيري ميربحر ست حج ڪيا ته سندس پاڙيسري عارب ضرور اٺ حج ڪري ايندو. پر حاجي ٿيڻ کان پوءِ به سندن روايتي گفتار جي شوخيءَ ۾ ڪا ڪمي ڪانه ايندي. جيڪڏهن زباني تڙماناڻ سان ملڪ فتح ٿي سگهن ها ته هوند ڪڏهن جو منڇر ۽ سنڌو دريءَ جا ميربحر گڏجي ڪيئي ملڪ فتح ڪري وٺن ها. اسيمبلين جا ميمبر هجن ها تہ اتاهون جي بحث ـ مباحثي جي لڪبزني هوند عينثرڪان به وڌيڪ هجي ها.

منڇر سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ميراث آهي، پر هيلتائين "ڏٺڪ گهوڙا ۽ غيباڻا هسوار" وارو قصو ٿي رهيو آهي. ڪنهن به سائينءَ جي سنوارني کي منڇر کي وڏائي، سڏاري،

سنواري، ان مان فائدي وٺڻ جو خيال ڪونہ آيو آهي. ڏٺو وڃي ها تہ اهڙو نہ هجي ها جو سڄي دنيا پئي آتس ڏري ها. چيمن جي هينگ چاؤ ۽ سوئٽزرلنڊ جي ڏنڍن ۽ اسان جي منڇر ۾ ڪهڙو فرق هو؟ سواءِ عشق جي تہ هو ڏٺڪا هوا ۽ هيءَ نڌڻڪو! بمبئي نيچرل هسٽري سوسائٽيءَ جي رسالي ۾ سون پڙهيو تہ انگريزن جي زماني ۾ منڇر جي مڇين جي قسمن جي ڳولجنا ڪرائي وئي هئي. معلوم ٿين تہ منڇر ۾ چئن سون قسمن جون مڇيون هيون. اها ڳالھ اڄ ڪان پنجاهہ سال اڳ جي هئي. هاڻي تائين سنڌ جا ناخلف سپ ڏائي ڪپائي ويا آهن. اڄ ڪالھ منڇر ۾ ڪڏهن بنہ سوڪ تہ ڪڏهن ٻوڙان ٻوڙ. ڏنڍ نہ سڪاڻ يا پراڻ جو مدار پر جي اثر وارن زميندارن جي مرضيءَ تي.

منڇر سان منهنجي پنهنجي گھڻي پريت پئي رهي آهي. منڇر جون چانڊوڪيون راتيون، منڇر جي ڪناري پريات جو وڻڻ، ساري رات ڪونجڻ جو ڪرڪڻ، سنگهن ۽ هنجن جون هوڪارون، مٿان لنگهيندڙ بدڪن جي اڏامڻ جي سرسر، وڏين مڇين جا آڏما، مڇي ڦاسائڻ لاءِ پن وجهڻ مهل ميربحرن جا ڏالھ وڄائڻ ۽ منڇر جي بيهن، لوڙهن ۽ پڻ جا مزا وساري نہ ٿا وسرن! پر جن دوستن جي سنگت ۾ زمين جي اِن جنت جا مزا ماڻيا هوا سي هينئر سڀ اصلي جنت ڏانهن سڌارجي چڪا آهن. وڻان ويران ۽ مڙهين ۾ مانڪ ۽ موتجھ آهي.

”ڪڏون ٿيون خالي، هنجھ نہ رهيو هيڪڙو!“

ٿيون ڪلچر دادو جو سيوهاڻي ڪلچر هو. عام چوڻي هئي تہ ”سيوهاڻي چريو تہ بہ پٽڙ اڇلائي پاڻ ڏانهن.“ سيوهڻ پراڻو شهر آهي. شهباز قلندر آن جو غير فاني بادشاهہ رهيو آهي. ڪنهن زماني ۾ وڏا وڏا ماڻهو ات پيدا ٿيندا رهيا. هڪ دنيا پئي آت ڊرندي هئي. ڪيڻن ئي ڪلچرن جو سنگم هوندو هو. ان سنگم مان سيوهاڻي ڪلچر آپريو.

عرف عام ۾ سوالين جو ڪلچر، بي فڪرن جو ڪلچر. سو
هن طرح ته هنڌ هنڌ ”ڪافيون“ يعني اوتارا. ڀنگ، چرس
آفيم. سڀئين درجي جا ساٿهو ته شراب ۽ ميلي جي موقعي تي
ڏيهي پرڏيهي ڪنجرين جا گانا. عجيب ريتيون رسمون.
دسالون، نغارا. قلندر سائين رحمةالله عليه جا ڪيئي ”سجاده نشين“
لڪياري، ڪاڙوئي، پٺاڻ ۽ ڪي هندو گهراڻا (مثلاً قانون
گويا.) ميلي جي موقعي تي قلندر سائينءَ جي شاديءَ جي رسم
پوري ڪئي ويندي هئي. ان گهٽتائي پوري ڪرڻ جي
جوابداري هندن پاڻ تي کنئي هئي. مينديءَ جا ٿالهه پري
جلوس ڪري نڪرندا هوا، خيالي طرح گهوٽ (قلندر سائين)
کي ميندي لائڻ لاءِ. ڪا ڪنوار به هوندي هئي يا فقط
رسم هئي تنهن جي خبر ڪانه اٿم چو ته سون پاڻ ڪڏهن
ميلو ڪونه ڏٺو. پڌم هيءَ ته ڪجهه عرصي اڳ تائين سنڌ
جا ڪي نوابي نموني زميندار، ميلي جي موقعي تي ملهه وٺي
وڏي شان مان سان اچي پرگهٽ ٿيندا هئا ۽ پنهنجي دولت
جي نمائش هن ريت ڪندا هئا ته، روپين جون جهوليون
پري، اٺن تي چڙهي، بزار مان لنگهيندا هوا ۽ مٺيون پري
روپيا ماڻهن ۾ اڇلائيندا ويندا هوا، جيئن نالو نڪري.
احسان قلندر سائينءَ تي، نمائش پنهنجي. ڪن کي ماڻهن جو
شڪ هو ته ڪنجرين جي لونجهه به لڳل هوندي هئي، چو
ته جهڙي طرح مٿي لکيو اٿم، ميلي جي موقعي تي گهٽيون
نالي واريون ڪجريون اچي سيوهڻ ۾ ديرو دمائينديون
هيون. چوندا هوا ته انهن ”نوابن“ جي سواريءَ جي اٺن جا
ساز به سونا روپا هوندا هوا. پيرن ۾ ۽ ڳچين ۾ (اٺن جي)
گهنگهرو پڌل هوندا هون، جن جو چمڪاٽ پڌي خلق ٻاهر
نڪري اچي نواب صاحبن کي ڏسندي هئي ۽ فخر وچان نواب
پاڻ به مڇون وٽيندا، مشڪندا، روپيه اڇلائيندا هلندا هوا.
مٿي تي تارڪشئي جي لونگي، ڪوٽ تي زري زربفت،

سٽڻ ،گيگم جي. آهي ڏينهن ب ويا، آهي نواب ب آسهيا، هاڻي ميلي جي مهنداري آفيسرن جي حوالي آهي. ساري ڪام گذاري هينئر صحافت جي نالي ۾ پئي ٿئي.

گذريل پنجن اٺن سالن ۾ ته درگاهه شريف جي مقبوليت ۾ خاص واڌارو ٿيو آهي. ”لال ميري پت رکيو ڀلا- جهولي لالڻ- دمادم مست قلندر- سنڌڙي (مؤنث) دا شهباز قلندر- سيوهڻ دا شهباز قلندر“ گويا سنڌ جو ”قومي ترانو“ بڻجي ويو آهي. عجب ته اهو آهي ته سنڌ ين کان وڌيڪ اهو ”ترانو“ پنجاب ۾، خصوصاً اتاهون جي بعض خواتين ۾ ڏاڍو مقبول آهي. دمادم مست قلندر چيو ويو وڃن. هر سال وڏي تعداد ۾ پيون زيارت لاءِ اچن ۽ شايد پنهنجي دل جون مرادون حاصل ڪن. البته مرادون ڪهڙيون اٿن تنهن جي ڪل ڪانه اٿم.

ٻئي طرف، سيوهڻ جا چور ب ساڳئي تناسب سان چالاڪ ٿيندا پيا وڃن. لال جي گنبد تي لڳل سوني نيل کي چورن جي چنبي کان بچائڻ لاءِ چوڪيدار رات ڏينهن قبي تي لانگ ورايون چڙهيا ويٺا آهن. تازو ڪي شاهينگ اوقاف وارن جي اسٽور تي چڙهائي ڪري ڪين موچڙا هٿي پٽڻ جا ڀاڪر ڀري گڏه گاڏين ۾ وجهي رمندا رهيا. اڳتي هلي قلندر بادشاه پنهنجي ڪرامت سان انهن چورن کي ضرور اندو ڪري ڇڏيندو پر في الحال ته قريل مال تي چور بالم ٻڌيا ويٺا آهن. عنقريب سرڪار جي پاران ايران مان ٺهي آيل سونو دروازو لڳايو ويندو. خدا نظر بد کان بچائيس. هڪ سونيءَ نيل ٺي اڄ تائين مڙسن کي خفي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. سوني دروازي لڳڻ کانپوءِ خبر نه آهي ته اُن کي شاهن ۽ شاهينگن دان بچائڻ لاءِ ڪيس ڪهڙا اپاءَ وٺڻا پوندا. سچو دروازو لڳائي وڃڻ واقعي تاريخي ڪارنامو ٿيندو. داد و جو نالو تاريخ جي صفحن ۾ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو.

انهن ڳالهين ڪري سيوهڻ پنهنجي سٺي هڪ نياري تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. فقير، الله وارا، مجذوب، قلندر سائين جا ملنگ، مست موالي، سچر مولائي، ملڪان ملڪ جا موالي، گهڙيچوڙ، جتين جا چور، ڳائيون، نچڻيون، ڪجهه دل جون نرمڙيون ۽ اڪثر جون ڏلڙيون، غرض سڀ انساني جنسون ساڳيءَ ئي جاءِ تي پيون ڏرن.

البت جا اصل سيوهڻ جي سونڙي هوندي هئي سا هينئر معدوم آهي، يعني علم ۽ فضل. پيو ته ڇڏيو پر جيڪي عالم، فاضل، فقير، الله جا نيڪ ٻانها ۽ تاريخي ماڻهو اڳ ۾ ٿي گذريا سي سيوهڻ جي ڌرتيءَ ۾ دفن آهن، تن جي تربتن ۽ نشانن ڏي به بيشمار ڪري هينئر رستن ڏي موڪرو ۽ شهر کي سهڻو بڻايو پيو وڃي. گويا سيوهڻ جي سونهن انهن بزرگن جا آثار ۽ يادگار نه هوا، پر ڊامر جا رستا!

اج ڪان ۳۸ سال ڪين اڳ مخدوم ميان بصرالدين عليه الرحمة مخاديم سيوهڻ جي آخري نشاني زنده هو. مون سندس زيارت ڪانه ڪئي پر ٻڌندا هواسين ته صاحب حال وقال هو ۽ طبيب به وڏي پايي جو.

تاريخي لحاظ کان دادوءَ جو علائقو، جنهن ۾ ڏوڪريءَ کان ڪوٽڙي تائين رقبو اچي وڃي ٿو، سنڌ جي باقي علائقن کان مٿاهون سمجهيو وڃي ٿو. منهنجو مطلب تاريخي بحث ڇيڙڻ جو نه آهي، پر آءٌ صرف دادوءَ جي اهميت ثابت ڪرڻ لاءِ ڪجهه نڪتا پيش ڪري ڇڏيان ٿو، يعني:-

(۱) هندستان پاڪستان اندر سڀ کان پراڻو جبل، جو اڳ ۾ اڳ سنڌ منجهان نڪتو، سو لڪيءَ وارو جبل آهي. هماليه پهاڙ کان به اڳوڻو آهي. (ڏسو جيالاجيڪل سروي جون رپورٽون.)

(٢) پراڻي ۾ پراڻي تهذيب ۽ تمدن جا نشان ان علائقي ۾ ملن ٿا، يعني پنج هزار سال پراڻو موهن جو دڙو ۽ ان کان به پنج سو سال اڳوڻو آمريءَ وارو دڙو.

(٣) رنيءَ جو ڪوٽ - جنهن جي مرمت ته ٽالپرن جي زماني ۾ سندن وزير اعظم نواب ولي محمد خان لغاري ڪرائي، پر اهو ڪوٽ يا قلعو ڪنهن ٺهرايو، تنهن جي ڪوجنا اڃا ٿائين ڪانه ٿي آهي. منهنجو انومان آهي ته ايران جي ساساني بادشاهن جي دور حڪومت ۾ اهو قلعو اڏيو.

(٤) سنڌ اندر سڀ کان اوچو پهاڙ دادو ضلعي ۾ ٽئين گاج جي مٿان آهي. ڪوئٽا کان به هڪ هزار فوٽ وڌيڪ سندس اوچائي آهي.

(٥) سنڌ جي سڀ کان وڏي درگاهه قلندر سائين جي آهي، جا دادو ضلعي جي دل ۾ واقع آهي.

(٦) اڪبر بادشاهه جي والده (حميده بانو بيگم) جي همايون بادشاهه سان دادو ضلعي جي پاٽ شهر ۾ شادي ٿي. اڻ سڌيءَ طرح اڪبر اعظم جي پيدا ٿيڻ جو سبب دادو ضلعي ۾ بڻيو. سلو اپريو ڪٿي به، پوکيل دادو جو هو ۽ اهو هو اڪبر بادشاهه!

(٧) سنڌ جو سڀ کان وڏو پاڻيءَ جو ذخيرو يعني منڇر ڍنڍ دادوءَ ۾.

(٨) ڪوٽڙي براج دادو ضلعي اندر، پر ٣٠ لک ايڪڙ زمين آباد ڪري ٿي حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾. دادوءَ خود کي ڇُڪو پاڻيءَ جو نه نصيب! بقول شاهه سائين:

"ڪنڌيءَ سُڪائين ڪانهن، پاهر پيلا پوڙئين."

(٩) تاريخ جون ڪيتريون فيصلہ ڪن لڙايون دادوءَ جي حدن ۾ لڳيون. مثلاً مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود بکريءَ واري جنگ، مغلن ۽ ترخانن جي جنگ، جنهن ۾ مغل لشڪر جو مهندار عبدالرحيم خان خانان پاڻ هو، سمن ۽ ارغونن جي

جنگ، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي تاريخ بدلي (سمن هارايو، ارغونن کٽيو)؛ دارا شڪوه ۽ اورنگزيب جي لشڪر ۾ جهڙپون؛ مير شير محمد خان ٽالپر جي ڪٽنب جي پيڙي تي انگريزن جو حملو، وغيره وغيره. لڪيءَ واري لڪ ڇا ڇا نه ڏٺو هوندو؟

(١٠) سنڌ کي ٽارين جي چنبي مان آزاد ڪرڻ ۽ متحد ڪرڻ جو سهرو دادو ضلعي جي ميان يار محمد ڪلهوڙي جي سر تي رهيو. صدين جي غلاميءَ بعد سنڌ آزادي ماڻي ۽ سندس سرحدون هڪ طرف ڪڇ ۽ ٻئي طرف بلوچستان جي ڪڇيءَ تائين پکڙجي ويون.

(١١) آزاد ۽ متحد سنڌ جي راڄڌاني خدا آباد دادو شهر کان صرف اٺن ميلن تي آهي. ڪنهن زماني ۾ دهليءَ کان به وڏو ۽ سهڻو شهر ليکيو ويندو هو، ان وقت جي انگريز سياحن جي قول مطابق.

(١٢) سنڌ جي لڄ رکڻ وارا "باغي" دادو علائقي جا بزرگ هئا: حضرت مخدوم بلاول، جيڪو سنڌ خاطر گهاڻي ۾ پيڙيو ۽ سيد حيدر سنائي. سنڌ جي مشهور هيري دولهه دريا خان کي به دادوءَ جو ٻاڏي راس ايندو هو. سندس اوطاق ٿلهه صورت ۾ پداپور جي پڊ ۾ اڃان ٻئي نظر اچي.

(١٣) انهيءَ مٽيءَ جناب جي. ايم. سيد (سندس عقيدن کان قطع نظر) کي جنم ڏنو، ڊاڪٽر دائود پوٽي کي جنم ڏنو، علامه قاضي کي جنم ڏنو، شمس الدين بلبل کي جنم ڏنو.

(١٤) اسلامي دور حڪومت ۾ سنڌ جون وڏي ۾ وڏيون دانشگاهون ۽ تعليم گاهون انهيءَ ئي ضلعي ۾ صدين تائين قائم رهيون، يعني پاٽ، بوبڪ ۽ سيوهڻ ۾. وڏيون وڏيون تاريخي شخصيتون ان ڌرتيءَ جي ڪيمياائيءَ جو نتيجو هيون.

(١٥) سنڌ يونيورسٽي دادو ضلعي ۾ آهي.

(۱٦) حضرت ميان مير لاهور وارو سيوهڻ جو هو، ساڳيءَ طرح شيخ مبارڪ، دربار اڪبريءَ جي آبرو ابوالفضل ۽ فيضيءَ جو والد.

(۱۷) ٽالپرن جي حڪومت جو تختو ڪيرائي انگريزن کي آڻڻ وارو، سنڌ جي تاريخ جي مشهور شخصيت، سيٺ نائون مل هوتچند جو خاندان به ساماڻي ڳوٺ (نزديڪ دادو) جو هو.

(۱۸) هر قسم جي آب و هوا دادوءَ ۾، هر قسم جي پوک دادوءَ ۾، هر قسم جو جهنگلي، پهاڙي يا پالتو ساهدار دادوءَ ۾ (*)، سنڌ جي قومي جانور سرهه جو ٽاڪ دادو ضلعي جي کرچات جبل ۾، هر قسم جو پکي ڏيهي خواه پرڏيهي دادوءَ ۾، هر ذات جي مڇي دادوءَ جي ڍنڍن ۾، هر قسم جو معدني ڌن دولت دادوءَ جي پهاڙن ۾.

غرض اهڙين ۽ ايترين قدرت جي فياضين جي باوجود انساني هٿن ۽ ذريعن دادوءَ جو داد نه ڪيو، تنهن جو ڏوراهو تقدير کي ئي ڏيئي سگهجي ٿو.

البته هڪ ڳالهه ۾ دادوءَ ڏاڍو نالو ڪڍيو آهي، خاص طرح سان ويجهڙي زماني ۾. سنڌس ان نيڪ ناميءَ جو سبب هڪ عجيب و غريب "انڊسٽري" آهي، جنهن کي عرف عام ۾ مال جي چوري يا رسه گيري چئجي ٿو. ان طريقي سان شايد دادو ضلعي جي ڪن ماڻهن پنهنجي ضلعي جي هنري يا "انڊسٽريل" پسماندگيءَ جو علاج ڳولي ڪڍيو آهي. ايوب خان جي زماني کان وٺي (۱۹۵۸ع کان ۱۹٦۹ع تائين) شاهي رستي تي، جيڪو دادو ضلعي جي بنه وچ مان گذري

(*) سياح ابن بطوطه جي زماني ۾ ته سيوهڻ جي جهنگن ۾ گينڊا ۽ ٻيلائي شينهن به هوندا هوا.

ٿي، عام جام ٽرڪون هلڻ لڳيون آهن. انهن ٽرڪن طفيل ان انڊسٽريءَ کي ڪافي هٿي آئي آهي- يعني ڏور سنجهي ٻڌو، گهڙيءَ ساعت ۾ رستي تي وهندڙ ٽرڪن ۾ چاڙهي ڪراچي روانو ڪيو ويو ۽ آت پهچندي ئي ڪُسي پائرن جي پيٽ ۾ داخل ٿي ويو. سارو سفر هڪ رات اندر پورو. پوئتي پيرو نه ڪرو. پراڻن پستڪن مان پتو پوي ٿو ته دادو ۽ سيوهڻ جو علائقو گهڻي عرصي کان "شاهينگن" ڪري مشهور رهيو آهي. (سنڌي اصطلاح ۾ نامعلوم چور کي شاهينگ سڏيو ويندو آهي.) مثال طور هيٺيون قصو ملاحظه ڪريو، جيڪو مولانا دين محمد وفائيءَ جي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" (ص ١) مان نقل ڪيو وڃي ٿو:-

"سنڌ جي هيٺين پاڱي ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي جو راڄ هو، جو دهليءَ وارن کي ڪجهه ڏل ادا ڪري آرام سان وقت گذاري رهيو هو. هن کي ڪن جاسوسن ٻڌايو ته بکر ۾ هڪ سيد مسافر (سيد حسين صفاهاني) پهتو آهي، جو ايران جي ارادي سان سنڌ مان لنگهي وڃي ٿو. وٽس لکين روپيه روڪ ۽ لکن جو سون ۽ بي نظير جواهر ۽ ڪمخواب جا ڪپڙا ۽ ٻيو بيشمار مال آهي. زر ۽ جواهرات جو اهو احوال ٻڌي ميان يارمحمد جو وات پاڻي ٿيڻ لڳو. ڏاڍي لالچ پيدا ٿيس ۽ لوچ اچي لڳس ته ڪيئن به ڪري اهو خزانو ۽ مال اسباب هٿ ڪجي. ميان صاحب انهن رٿن ۾ هو ته ڪن ماڻهن اهو سمورو احوال وڃي علامه عبدالجليل کي ٻڌايو. علامه مرحوم سيد حسين صفاهانيءَ کي اڳتي وڌڻ کان منع ڪئي ۽ مٿس زور آندو ته اتان يا ته واپس وڃي يا وري ٻئي رستي کان وطن جو رخ رکي. پر سيد صاحب هڪ به نه ٻڌي، سر ترئيءَ تي رکي موت جي ميدان ڏانهن وڌيو. جڏهن سيوهڻ ۾ پهتو تڏهن ميان يار محمد خدا يارخان ڪلهوڙي جا موڪليل ڌاڙيل به قضا قدر وانگي پهچي ويا،

هڪ رات وچھ وٺي هن مسافر مظلوم سادات کي شهيد ڪري سمورو مال اسباب ڪٺي رمندا رهيا."

سيوهڻ جي پاسي ۽ پاڇي ۾ دادو به گهٽ ۾ گهٽ ڪنجرين جي معاملي ۾ ته "خود ڪفيل" هوندو هو. نئون ضلعو کليو هو. ڪليڪٽر جي ڪچهري نهي راس ٿي هئي. آفيسون ۽ ڪورٽيون آت ڪم هلائڻ لڳيون هيون. هڪ لڱا مان دادوءَ ۾ ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ آيو هوس. سندس دفتر ڪليڪٽر جي ڪچهريءَ ۾ هوندو هو. پاڻ ماجسٽريٽ هو. ڪورٽ ٻاهران وڻن هيٺان داعين - مدعين جا ميڙا لڳل هوا. مون سان هڪ ملان محمد شعبان نالي ساڻ هو. ڏاڍو نمازي نيڪ بخت. نوڪر نه پر سنگتي هو ۽ دل سان منهنجي خدمت ڪندو هو. ندس هڪ "خدمت" تمام زوردار هوندي هئي، يعني جڏهن به ڪم ڪارڪان واندڪائي ملندي هئس ته مون کي وعظ جي سار ڏئي ڪيندو هو: "دنيا فاني آهي. جواني ديواني آهي. رنان رب رلايون آهن، تن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. نماز روزي کان نه گسائجي. هيءَ چوڏهين صدي آهي. قيامت ويجهي اچي وئي آهي. ڏينهن قيامت رنن جي باري ۾ ڏاڍو پڇاڻو ٿيڻو آهي. منڪر نڪير ورهين جا دفتر کولي اچي ڪڙا ٿيندا. سج نيزي پاند هوندو. ڌرتي تتل ٿامي جي مثال هوندي. جن رنن سان هن دنيا ۾ منهن ڪارائي ڪيل هوندي سي پاڻ شاهديءَ ڏيڻ لاءِ اچي حاضر ٿينديون. سندن پيشانيءَ ۾ تنگ هوندو ۽ ان مان گندو مواد پيو وهندو. زاني مردن جي وات مان به ڪا شيءِ پئي لڙڪندي ۽ سرڪاري شاهد وانگر وراڪا ڪيون سچي سرگذشت سڻائيندي. آن کان پوءِ بتس ٻجهڙڪ شاه نانگا يعني ملائڪن (ملائڪن) کي حڪم ملندو ته ڪٺي وجي تنهن بندي کي دوزڪ (دوزخ) ۾ داخل ڪريو ۽ دوزڪ جي ديڳ کي ڍڪڻ ڏئي اچو."

هاڻي جنهن ڏينهن آءٌ پنهنجي ماجسٽريٽ دوست سان ملڻ لاءِ ويس ته ملان شعبان به مون سان ساڻ هو ۽ ٻاهر وڻن هيٺان ويٺل خلق ۾ گهمندو ڦرندو وتيو. ڪيس ان مجمع ۾ دادوءَ جي هڪ نوجوان ڪنجري نظر چڙهي وئي جا پڻ ڪنهن ڪيس ۾ ڦاٿل هئي.

ملان شعبان نهايت ئي خوش اخلاق ۽ پرهيزگار انسان هو. الله تعاليٰ گهڻين ئي بڇڙاين کان بچايو هوس. البت ٻهراڙيءَ جو ملان هو، شهرن جو ڪنل-پيٺل ڪونه هو.

رات جو جڏهن اسان سڀ سمهي رهياسين (گهاڙيءَ جي پڪ تي مرحوم ميان خيرمحمد سولنگيءَ جي اوطاق ۾)، تڏهن ميان شعبان جهنگ جي خيال سان ڪسڪي ٻاهر نڪري ويو. صحيح رستو شايد هٿ نه آيس، پٽل کان چڪلي ۾ وڃي نڪتو ۽ سو به انهيءَ ئي نوجوان ڪنجريءَ جي گهر وٽ جنهن کي صبح جو ڪورٽ ٻاهران ڏٺو هوائين. اندر گهر ۾ ٻاهر جي روشني ٿي نمڪي. ميان جون اکيون اوڏانهن، اها سُڌ ڪانه لڌائين ته سامهون اڱڻ ۾ کو بنا پگ ڦٽل کوهه به آهي. خبر تڏهن پيس جڏهن وڃي کوهه جي تري ۾ پيو. کوهه ۾ پاڻي نالي ماتر هو، پر مهينو ڊسمبر جي ٿڌين جو هو. کوهه مان پنهنجي مٿي ٻاهر نڪرڻ مشڪل. ساڳي وقت دانهن ڪري رات وڳڙي ۾ چڪلي جو پاڙو-پنبو ڪٺو ڪرڻ، ۽ خلق جي خواري کٽڻ ان کان به مشڪل-سڄي رات کوهه ۾ سمو رهيو. صبح جو ڪنهن طرح پاڻ کي ٻاهر ڪڍارايائين. پر ٻاهر ڪڍڻ کان پوءِ ظالمن کيس چور سمجهي شڪ چوريءَ ۾ پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. اسان صبح جو اٿياسين ته ملان غائب هو. نوڪرن ٻڌايو ته شايد فجر جي نماز پڙهڻ لاءِ جيوڻ شاهه جي مسجد ڏانهن ويل هجي. پر پهر سج پوليس وارا سندس هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڇيلهه ۾ رسو وجهي اسان جي اوطاق ۾ وٺي آيا. پنهنجي بغلي ٿيلهي ۾

پوليس وارا ڪاٽ هڻڻ جو رنبو ٻه ڪٺي آيا هوا. ارادو هون ته ملان کي رنبو ڪڍ لائي چورن يا رولاڪن جي قلم هيٺ رجوع ڪري ڇڏين. ڪيس چالان ڪرڻ لاءِ ڪورٽ ڏانهن وٺي ٿي ويا، پر وات تي ملان سُنهن پاند وجهي ميان خيرمحمد وڪيل جا نالا وٺي، ۽ آن اپراند پنهنجي جسم تان لڏل رقم چانه پاڻيءَ تي خرچ ڪري، اسان تائين وٺي آيو هُون. پنهنجي سائيءَ جو اهڙو حال (مٿو اگهاڙو، ڪپڙا پاڻيءَ ۾ گپ ۾ ٻسيل، پيرن مان گرگابي غائب ۽ ڏاڙهي جون ڪجهه چڳون گم) ڏسي دل ڏهلجي ويئي. پوءِ ملان روئيندي هنجهون هاريندي پنهنجي ماجرا ٻڌائي. چي: "آءٌ رات اوهانجي آرام ڪرڻ کان پوءِ جهنگ جي خيال سان ٻاهر نڪري ويو هوس. رستي ۾ اونداهي هئي ۽ کهيءَ ۾ ڪري پيس. گهٽيون ٺي دانهون ڪيم پر ڪنهن ڪون ٻڌيون، تنهنڪري اتي ئي پيو رهيس. صبح جي نماز پڻ قضا ٿي وئي. ان کان پوءِ پاڙي وارا آيا، جن مون کي ڪڍي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوليس وارا ٿاڻي تي وٺي آيا. چيائون تون چور آهين، چوريءَ جي ارادي سان سڙڪي برڪي چڪلي ۾ آيو هئين. منهنجي کيسيءَ مان تسبيح لاهي رنبو ڪڍ لاتو اٿن ته چڻ مون کي ڪاٽ هڻڻ جو ارادو هو."

پوليس وارن جو چوڻ هو ته "هن جي جهنگ جي خيال سان وڃڻ جي ڳالهه ڪوڙي آهي. فلاڻيءَ ڪچريءَ جي گهر جي صحن ۾ ڪتان جهنگ آيو هو جو هي اتي وڃي نڪتو هو؟ جڏهن ته سندس ڳالهه جو اهو بنياد ئي ڪوڙو آهي ته پوءِ وسهڻ لاءِ ان کي ڪافي سبب آهن ته هي چوريءَ جي ارادي سان اڌ رات جو ڪچريءَ جي گهر ۾ گهڙيو هو، تنهنڪري سائنس فلاڻ فلاڻ ڇهه ست قلم لڳايا ويا آهن."

ميان خيرمحمد وڪيل هو، تنهن پڇين ته ”ڪهڙي قاعدي هيٺ اوهان قيديءَ جي ڏاڙهي پٽي آهي؟“

پوليس وارا– ”وڪيل صاحب! ان لاءِ ڏاڙهي پٽيسونس جو هو پنهنجي ٽولي جي ٻين چورن جا نالا نه ٿو ٻڌائي. ڪجهه ڏينهن کان چڪلي ۾ ڏاڍيون چورين جون وارداتون ٿينديون رهيون آهن. ڏسجي ٿو ته ڪو چورن جو ٽولو ٻاهر کان آيل آهي، هي ان ٽولي جو اڳواڻ ٿو ڏسجي. اتفاق سان اڄ ڪوهه ۾ ڪري ڦاسي پيو آهي ۽ اسان جي هٿ چڙهيو آهي. صوبيدار صاحب جن جو حڪم آهي ته هن کي ڪورٽ ۾ حاضر ڪري ان ڏينهن جو ريمانڊ وٺي موٽائي آڻيوس ته پوءِ سندس باقي ڏاڙهي به پٽي ڪانئس سچي ڪرائينداسين ۽ سندس سنگتين جا نالا معلوم ڪري وڏيڪ گرفتاريون شروع ڪنداسين.“

وچ ۾ ٻئي هڪ سپاهي سُر وڌايس: ”وڪيل صاحب! اسان جو صوبيدار صاحب اهڙو نه هفيسر آهي، جو چورن کي سچي ڪرائڻ ۾ دير ئي ڪانه ٿي لڳيس. هن جوابدار کان سچي ڪرائڻ لاءِ هن اڳ ۾ ئي ڪٽولو آڻيو ڪرائي ڇڏيو آهي، جنهن جي ٽانگهه سان هن کي اونڌو ٽنگرائي سندس ترين ڪُٽائيندو. برف ۽ گوگائي مرچ ته هر وقت وٽس موجود رهن ٿا. چور ضد ڪيو ته برف تي سمهاري سندس جسم جا ڳُنگ مرچن سان پورائي ڇڏيندو آهي. جنهن چور سائس سچ ڳالهايو ته مٿس راضي ٿي فقط هيءَ سزا ڏيندس ته ڏاڙهي مٿو ڪوڙائي، منهن ڪارو ڪرائي ڏينهن سوا پڌر ۾ ٻڌي ويهاري ڇڏيندس، جيئن آيو ويو پيو ڏسيس.“

جماندار صاحب وڏيڪ ٻڌايو ته چڪلي ۾ چورين جي گهڻين وارداتين ٿيڻ ڪري ڊي. ايس. پي صاحب کي رات جو ننڊ به ڪانه ٿي اچي. ”اسان تي چارئي پهر موچڙو ٿو وسي ته چورن جو اهو ٽولو جلد پڪڙيو، اڄ آخر مولا مدد ڪئي آهي جو هن کي پڪڙي هٿي وجي هنڌ ڪيو اٿسي.“

مُلان مظلوم جي وات مان (صلوات شريف پڙهندي ۽ پيران پير کي سڏ ڪندي) دانهن نڪري وئي: "مون کي قرآن مٿي تي ڏيو، مان چور نہ آهيان، نہ چوريءَ جي ارادي سان ويل هوس. مان پنج وقت نماز پڙهندو آهيان. ساريءَ عمر ۾ هڪ روزو بہ نہ گسايو اٿم. حج وڃڻ جي آس اٿم. الحمد للّٰه رب العالمين الرحمان الرحيم مالڪ يوم الدين. شو شو شو"........... (يعني پوليس وارن ڏانهن منهن ڪري ڪجھ شوڪاريندو رهيو.)

اڃا قصو سس ات پهتو هو تہ پريان ڪنجرين جو هڪ ٽولو، ڏنڊن مشٽنڊن ڪڄرن جي قيادت ۾، جن مان ڪن جي ڪلهن تي ۽ هٿن ۾ پينگ گهوٽڻ جا ڏنڊا هوا، پوليس پارٽيءَ جا پير پڇائيندي اچي آت پهتو. ملان کي پڏل ڏسي مٿس گارين جا گهوگهٽ شروع ڪري ڏنائون. ڪنجر ملان ڏي ڏنڊا ڏيکاري، ڏند پيڪوڙي، اکيون ڦوٽاري، جمعدار کان سوڪل گهرڻ لڳا تہ هڪ هڪ ڏنڊو چور (يعني ملان) جي ٽوڙ تي وهائي ڪڍن جيئن وري چڪلي ۾ چوري ڪرڻ جو خيال سندس ميچالي مان هميشہ لاءِ نڪري وڃي. هڪ نوجوان (جيڪو ڪنهن ڪنجريءَ جو گهر پالتو عاشق ٿي ڏٺو) تہ نہ ڪئي هم نہ تم، وڌي اچي پڏل ملان جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌو، جنهن کي اسان جي اعتراض تي پوليس ڌڪي پري ڪيو.

پر ڪجرين جي ٽولي کي ڪير جهلي؟ چوڌاري حلقو ٻڌي بيهي رهيون ۽ ملان تي ڦٽ جهٽ ڪرڻ لڳيون:

"اڙي ادي ڪجلي! ڏس تہ مارئي ڏاڙهي بہ رکي آهي."

زردالو (ڪجري):- "مارئي جي ڪوڙي ڏاڙهي آهي. دگا (دغا) ڏيڻ لاءِ رکي اٿائين تہ ماڻهو کيس اچراف (اشراف) سمجهن."

حميدي (ڪچري):- ”جماندار صاحب! سڀني کي موچڙا هڻي، جيڪي منهنجا ڳهه ۽ ڪپڙا ڪاٽ هڻي کڻي ويو آهي، سي ته موٽرائي مون کي ڏيو.“

نوران (ڪچري):- ’ندورو‘ ’بي‌سناختو چور ٿو ڏسجي. اسان فقيرائين جي ڪمائي چورائڻ‌ڪان ٻه ڪونه ٿو مُڙي.

سوڍي (ڪچري):- ”پيڻ پاڳ پري! تو واري ڏهري ٻه هين جي هڙ ۾ هوندي.“

پاڳ پري (ڪچري): ”سان قلندر لال تي سوالڻ هيس. ڏس ته قلندر ڪيئن نه اڄ منهنجي دانهن ٻڌي؟ هاڻي ڏهري ڪين ۽ نه موٽندي، پر تو وارو چيلو ٻه موٽندو جيڪو تو ’ڪتمي‘ (ختمي) ڏيارڻ لاءِ آڻي اڳڻ ۾ پڌو هو ۽ اتان ڏينهن ڏٺي جو چورائجي ويو هو.“

آن ٽولي ۾ آها نوجوان (۽ واقعي موچاري) ڪچري ٻه هئي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪورٽ جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي ۽ جنهن جي گهر جي صحن واري کوهه مان ميان شعبان دستياب ٿيو هو، پر هوءَ گارگننڌ ۾ شريڪ ٿيڻ پنهنجي حسن جي شان خلاف سمجهي چپ ڪيون ويٺي رهي.

ڪلاڪ منو ميان خيرمحمد جي اوطاق ٻاهران گهاڙيءَ جي پڪ تي اهوڪيڌ لڳو رهيو. ان وچ ۾ ميان خيرمحمد اندران وچي سوٽ پائي ٻاهر نڪري آيو ۽ پوليس وارن کي چيائين ته ”هلو ڪورٽ ڏانهن، اُت هلي فيصلو ڪرائينداسين.“ خير محمد ۽ پوليس وارا هلڻ لڳا ته ملان مون کي ليلائي چيو ته ”پير! هن پلصراط تي هيڪلو نه ڇڏ.“ حالت قابل رحم هئس. منهنجو سنگتي هو، مون سان ڳڏ آيل هو، تنهنڪري مون کي ڪيس ضرور ڇڏائڻو هو.

ماجسٽريٽ منهنجو محسن ۽ دوست ميان محمد صالح صديقي مرحوم مغفور هو. ڪيس سمري ڪيس فيصل ڪرڻ

جا پاور هئا. سون ۾ ميان خيرمحمد مرحوم سندس چيمبر ۾ وچي سچي ڳالهه ٻڌايس. ڏاڍو ڪليو، ڪيس ڳوٺائي جوابدار کي زباني فهمائش ڏئي آزاد ڪري ڇڏيائين. ٻاهر نڪتاسين ته ملان اسان سان ڪڏجي گهر موٽڻ بدران پيدل اگهاڙي پيرين سيهڙ وارو رستو ورتو. اسان گهڻو ئي سمجهايس ته هاڻي خير ٿي ويو، پر اعتبار نه آيس. چيائين "ڏاڍي ۾ ڪٿ اچان آئي ٿي پئي هوندي. دادو ندورو شهر آهي. الله وارن جي هٽ جاءِ ڪانه آهي. ٻيرا! توکي به ڇٽو آهي ته پڇي ٻاهر نڪر. مان ته ڄتان پيدل وچي ڪنهن ٻي اسٽيشن تان ريل ۾ چڙهان ٿو."

١٩٣٨ع ۾ مون کي ڪراچي وڃڻو پيو. ملان شعبان کي مون سان ساڻ هلڻو هو، پر هن دادوءَ واري لائن سان هلڻ کان انڪار ڪيو. سالن گذري وڃڻ کان پوءِ به آئي ڪٿ جو ڀؤ ٻيٺو هوس!

عشق عاشقيءَ ۽ حسن جي هنگامن جي ڳالهه هلي آهي ته هڪ ٻيو قصو به ٻڌي ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ دادو ضلعي جو هڪ اڳواڻ تمام نيڪ انسان هو. شرع شريف جو بلڪل پابند، صورت سنت تي ٻنه پوري، منجهس ڪنهن به قسم جي گهٽتائي ڪانه. بدقسمتيءَ سان دادوءَ ۾ اوچتو ڪا نرس اچي نڪتي. تڏهن بي پردگي عام جام ڪانه هوندي هئي. عشاق طبع انسان ڪنهن "قبول صورت" ڏسڻ لاءِ پيا سڪندا ۽ سڙون ڏيندا وتندا هوا. مثلاً ريل گاڏي اچي ڪنهن اسٽيشن تي بيهندي هئي ته هڪدم زناني گاڏي جو گهيرو ٿي ويندو هو. گهڻو ڪري ته اڳٽ چڪ ۾ هوندو ۽ وٽ پيو ٿيندو. "خدا بہ خوش، شيطان بہ راضي." ان معاشرتي ماحول ۾ هڪ بي پرده "قبول صورت" نرس جو دادوءَ جهڙي سيج ۾ اچي سهڙڻ وڏو واقعو ٿي پيو. ماڻهن ۾ مشهور ٿيو

تہ صاحب ممدوح جي نظر بہ مٿس پئجي وئي ۽ آءٌ ھڪ ٿي نظر ڪافي ثابت ٿي. وصال جو سوال ئي ڪونہ ھو (جي ھو تہ بہ مون کي خبر ڪانہ پئي). البت ڦوڙائيءَ جا چاڪ پھرين ڏينھن کان ئي چڪڻ لڳس. ھڪ دفعي آءٌ ڪراچي ويندي رستي سان دادوءَ جي ڊاڪ بنگلي ۾ رات رھي پيس. چئين بجي صبح جو پُڌم تہ پرواري ڪمري ۾ ڪو ماڻھو مثنوي مولانا روم تمام درد انگيز آواز ۾ پڙھي رھيو آھي ۽ ساڳئي وقت پيو ڪو شخص گريو بہ ڪري رھيو آھي. ايڏو شور ھو جو سمھڻ مشڪل ٿي پيو. جاچ ڪيئيسين، ماڻھن جا وات ڪير جھلي. چئي ڏنائون (صحيح يا غلط خدا کي خبر) تہ نرس جي ان نراس عاشق عرصي کان اھو طريقو اختيار ڪيو آھي تہ ھر صبح مثنوي پڙھي ٿو ۽ رنڀان ڪري رڙي ٿو:

ھمت ڪٽيو ھڪلون ڪري روئي زارو زار،
جليو جانب جت لاءِ، پٽيو ڪيي پار.

ڏينھن پڇاڻان نرس بہ ھلي وئي ۽ ھي صاحب بہ گذاري ويو، پر ان گريہ و زاريءَ جو پڙلاءُ اڃا پيو منھنجن ڪنن تي پوي. جڏھن بہ دادوءَ ۾ آن جاءِ وٽان لنگھندو آھيان تہ اھا ڳالھہ ياد ڪري ڏک پربو آھيان. حُسن مٽجي وڃي ٿو، پر عشق جا افسانا ڪو نہ ٿا ميسارجن.

منھنجيءَ نظر ۾ دادوءَ جي بي جوابدار ماڻھن مرحوم تي اھو نرس وارو نسورو ڪوڙ ھُلايو ھو، پر ڪوڙ وڏي پيماني تي ھُلايل ھو. عام کي ڇا مام تہ عشق حقيقي ۽ عشق مجازيءَ ۾ ڪھڙو فرق ٿيندو آھي. مثنوي مولانا روم عشق حقيقيءَ جي ڪاروبار لاءِ ڪم ايندي آھي، ڪو ماڻھو ان کي عشق مجازيءَ يا اوباشيءَ لاءِ ھدايتنامو بڻائي ڪم آڻي تہ اھا مولوي صاحب رحمة اللہ عليہ سان وڏي زيادتي ٿئي ٿي.

لَڪي اڳئين زماني ۾ تہ لڪياري سادات جو گُڙھہ ھئي، جتان سيد علي مڪي جي اولاد ٽڙي پکڙي ڪيئي وٽاڻ وڃي

وسايا، پر اسان جي ابتدائي زماني ۾ هندن جو تيرٿ بڻجي چڪي هئي. ريلوي اسٽيشن جو نالو ئي "تيرٿ لڪي" رکرايو هئائون (جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ "لڪي شاهه صدر" ۾ تبديل ٿي ويو). لڪي شهر ۽ اسٽيشن جي سامهون پهاڙن ۾ گرم پاڻيءَ جا چشما هندو پنهنجي قبضي ۾ ڪري، اُت مندر وغيره ٺهرائي مست ٿي ويهي رهيا هئا. کَل جي بيمارين جا سٽيل انهن چشمن ۾ وهنجڻ لاءِ سڄيءَ سنڌ سان پيا ايندا هئا. ان کان سواءِ دنيا جهان جي هندو فقيرن، سنياسين، نانگن، پنڊتن ۽ ڪَن چير ڪاپڙين جا ات گاها هوندا هئا. مسافرن جي اچڻ وڃڻ لاءِ لڪي اسٽيشن جي سامهون هڪ ڌرمسالا ٺهيل هئي، جيت آيو ويو دم پٽي چشمن ڏانهن ويندو هو. ان ڌرمسالا جا کنڊر اڄ تائين موجود آهن.

منهنجي زندگيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي سياسي نظرياتي انقلاب جو باعث اها ڌرمسالا بڻي.

قصو هينءَ آهي ته ١٩٣٨ع ۾ جناب جي. ايم. سيد ۽ اسان ڪوشش ڪري سر غلام حسين جي وزارت ڪيرائي نئين وزارت الهه بخش مرحوم جي سربراهي هيٺ وجود ۾ آندي هئي. اهو قصو هن ڪتاب جي پهرين جلد ۾ تفصيل سان آيل آهي.

اسان جي سِرن تي انهن ڏينهن ۾ نيشنلزم جو ڀوت سوار رهندو هو. مسلم ليگ جو سنڌ ۾ اڃا نانءُ نشان ڪو نه هو. دهلي ۽ لکنؤ طرف ٿوري گهڻي چرپر ضرور ٿيڻ لڳي هئي، مگر سنڌ ۾ جهان صرف شيخ حاجي عبدالمجيد سنڌي ۽ مولانا محمد صادق مرحوم کڏي واروئي ليگ طرف مائل ٿيڻ لڳا هئا. ان اپراند سنڌ ۾ ليگ جو ڪو پڙلاءُ ڪو نه هو. خود اهي بزرگ به تفريحي طور دل وندرائڻ لاءِ ليگ جو نالو وٺي رهيا هئا. حاجي عبدالله هارون مرحوم دهلي اسيمبليءَ جي ميمبر هجڻ ڪري قائد اعظم رحمة الله عليه جي ويجهو ٿيڻ لڳو هو، پر سنڌ ۾ سندس ايترو ذاتي اثر ڪو نه هو جو ڪليءَ طرح ليگ

جي نالي ۾ ڪا تحريڪ هلائي سگهي. سنڌ جي الهه بخش وزارت به ڪانگريس جي هندو ووٽن جي مدد سان وجود ۾ آيل هئي، تنهنڪري ليگ جي پيدائش لاءِ ڪو به اهم سياسي گروپ سنڌ ۾ موجود ڪو نه هو. فيشن گانڌي ٽوپيءَ جو هو، "جناح ڪيپ" جي مروج ٿيڻ ۾ اڃا ڪي سال وڃڻا هئا.

شروع ١٩٣٨ع ۾ غلام حسين وزارت کي ڪيرائڻ ۽ الهه بخش وزارت کي ٺاهڻ واري ڪم ۾ هندن جي اسان سان شرڪت ڪرڻ ڪري اسان به ڪانگريس جي ويجهو وڃي پيا هئاسين. گدرو گدري کي ڏسي رنگ وٺندو آهي. اسان جي سائين سان جي. ايم. سيد، پير الاهي بخش مرحوم (جو الهه بخش وزارت ۾ وزير ٿي چڪو هو) ۽ پيا ڪيترا ڪانگريسين کي ڏسي کدر پهرڻ لڳا هئا. مون به انهن جي ڏٺي پنهنجي لاءِ هڪ وڳو ٺهرايو هو، پر کدر منهنجي کل کي اهڙو ڪرڙيو جو وري ٻيو دفعو پائڻ جي همت ڪانه ٿيم. انهن ڏينهن ۾ آءٌ ٿلهو ٿيندو هوس، پر پتلي لاءِ به کدر موزون ڪانه هئي. کدر ٿلهي هوندي هئي ۽ چار وال پٽڪو ٻڌبو هو ته غيرموزون نظر ٿي پوندو هو. البته دل منهنجي به ڪنهن حد تائين کدر پوش ٿي چڪي هئي. اٺڻ ويهڻ هندن سان ٿيڻ لڳو. سنڌن اکيان ڏک وسرڻ لڳا هئا. ڏاڍا چتر ۽ چالاڪ هئا. سمجهڻ اٿين لڳا هئا ته اسان سندن هٿن ۾ ڦاٿل بلبلين وانگر آهيون، جن کي پيتي ڏٺي پيا اٿارين ويهارين.

مارچ کان جولاءِ (١٩٣٨ع) تائين نئين الهه بخش وزارت کي مضبوط ۽ مقبول بنائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهي ڪم ڪندو رهيس. جولاءِ ۾ ڳوٺ (بدين ضلع لاڙڪاڻي) موٽڻ لاءِ موٽر ۾ چڙهي خشڪيءَ جي رستي ڪراچيءَ مان روانو ٿيس. مون سان ۾ ڊرائيور هليا ۽ ماستر گوبند رام، جنهن کي مون ننڍي کان وڏو ڪيو هو ۽ ماستريءَ جي نوڪري به وٺي ڏني هئم.

موڪلن جي ڏينهن ۾ سون وٽ اچي رهندو هو. انهن ڏينهن ۾ جيتريقدر سون کي ياد آهي، ڪوٽڙيءَ کان دادو وارو پڪو رستو اڃا ڪو نه ٺهيو هو. گرميون سخت هيون ۽ هوا پڻُ تيل. سن تائين پهتاسين ته گرميءَ سبب ڊرائيور جي نڪ سان رت وهڻ لڳو. ان ڪري جي. ايم. سيد جي اوطاق ۾ لاهي سفر چالو رکيوسين. خيال هو ته دادوءَ ۾ وڃي سانجهاندو ڪنداسين. پر اڃا لڪيءَ تائين مس پهتاسين ته ٻئي ڊرائيور جو به متو ڦرڻ لڳو، مجبور ٿي لڪيءَ واري هندو ڌرمسالا جي در وٽ بيهي رهياسين. لڪيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ ڪو به وڏو وڻ ٽڻ ڪو نه هو، جنهن جي ڇانوَ هيٺ پناهه وٺجي ها. اسان جو حال اڳيئي ابتر ٿي چڪو هو. سون گوبند کي سوڪليو ته ڌرمسالا ۾ ڪمرو وٺي ته آٿ ترسي آجهاپ ڪري، ڏينهن ٽاري، پوءِ اڳتي وڌون. گوبند اندران ٿي آيو. چيائين "ڪمرو سليو آهي، اوهان اندر هلو." سان موٽر سان لهي اچا ڌرمسالا جي در سان مس اندر داخل ٿيس ته هندن ۾ هولچو مچي ويو. سون کي مسلماني لباس (شلوار، چولو ۽ پٽڪو) ۾ ڏسي رستو روڪي بيهي رهيا.

"اڙي ميان مسلمان، هيڏانهن ڪيڏانهن پيو اچين؟ هيءَ ڌرمسالو آهي، هيت هندوءَ کان سواءِ ٻئي کي پير پائڻو نه آهي. ٻاهر نڪر، پوئتي موٽ."

سون چين:

"ڀائي صاحب، اسان به انسان آهيون. هت پاسي پاڻ ۾ نه وڻ نه ٽڻ. ٻاهر ڪانوَ جي اک پيئي نڪري. اسان جي جان جو سوال آهي. گهڙي سوا رهي هليا وينداسين. اوهان جي ڌرمسالا تي قبضو ته ڪو نه ڪنداسين."

گوبند غريب به گهڻو ستاين، چي "هيءَ پير راشدي آهي، اوهان اخبارن ۾ نه پڙهيو آهي؟ قومي خيالن جو آهي. هندو مسلمانيءَ جو پيد ڀاءُ رکي ئي ڪو نه. اوهان کي اهڙي انسان

۽ قومي ليڊر سان 'چوٽ چاٽ' جي پاونا نہ رکڻ گهرجي."
قصو مختصر، اسان جا حيلا، حجت، دليل، دلائل، منٿ ميڙ سڀ بيڪار ثابت ٿيا. پندرهن ويهن واٽين ميڙي، اسان کي پوئين پير ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ڪيڏانهن وڃون ها؟ ڪاٻہ واٽ نہ ڏسي ريلوي اسٽيشن جي ٿرڊ ڪلاس ويٽنگ روم ۾ وڃي ٻياسين. آتي ٻہ مٿان ڇت ۾ لوهہ جا پرچ پيل هئا، جيڪي تپي ويل هئا. گرم هوا کي روڪڻ لاءِ نہ در هو نہ دروازو. ويهڻ لاءِ سيمنٽ جون ٻہ بئنچون هيون، سي ٻہ تپي باهہ ٿي ويل هيون. شڪر آهي تہ موٽر ۾ پاڻي وجهڻ لاءِ خالي بالٽي ساڻ کنئي هئي سين. نل مان منجهس پاڻي ڀري هڪٻئي تي ٻرڪائيندا رهياسين. ٽيهريءَ تائين ان طرح سان گپ ۾ ليٽي پيٽي وقت گذاريوسين. شڪر آهي جو بابو صاحب گرميءَ جو ساريو وڃي پنهنجي ڪوارٽر ۾ ليڪو هو. گهٽ ۾ گهٽ اسان کي ويٽنگ روم ۾ گپلي ڪرڻ کان ڪنهن ڪو نہ روڪيو.

آءٌ اهو سارو وقت دل ۾ سوچيندو رهيس تہ جنهن قوم ۾ ايترو انساني رنگ ڪو نہ آهي جو اسان جي جان بچائڻ لاءِ ٻہ گهڙيون پنهنجي مسافرخاني ۾ اسان کي اجهو ڏئي، تنهن قوم سان ڪهڙيءَ طرح ڀائيچارو هلي سگهندو؟ سو ٻہ مون جهڙي ساٿيءَ سان، جنهن هميشه تعصب بدران محبت جو درس پئي ڏنو آهي؟

شام جو موٽر تيار ڪئيسين. جڏهن سڀ موٽر ۾ ويهي رهياسين ۽ ڊرائيور اڳتي هلڻ لاءِ دادوءَ واري رستي ڏانهن مڙڻ لڳو تہ مون کيس چيو تہ "موٽ، ڪراچيءَ جو رستو وٺ. موٽي ڪراچي هلون ٿا."

گوبند رام حيرت ۾ اچي پڇڻ لڳو: "سو وري سائين ڪيئن؟"

مون چيس ”گوبند، اڄ حياتيءَ جو وڏو سبق سکيو آهيان.
هيلتائين جيڪي ڪيم سو غلط ثابت ٿيو. مفت مسلمانن
سان آءٌ به ڏوڪو ڪندو رهيو آهيان ته ’هندو مسلمان
ڀائر آهن ۽ ڀائر ٿي رهن.‘ هندن جي اڄ جهڙي تنگ دلي
ڏسي آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اسان ڀائر ڪو نه
آهيون ۽ ڀائر ٿي رهي ڪو نه سگهنداسين.“

گوبند: ”برابر هي نالائق تعصبي آهن. پر هاڻي ڪراچي
هلي ڇا ڪنداسين؟“

آءٌ: ”مون اڄ پاڻ سان وچن ڪيو آهي ته جيستائين تنهنجي
هندن جي سنڌ مان پاڙ پٽي ڪين هتان ملڪ بدر نه
ڪندس اوستائين ڳوٺ جو منهن نه ڏسندس.“

گوبند: ”سو وري ڪينءَ ٿيندو؟“

آءٌ: ”سا خبر مون کي به ڪانه آهي. پر همت مردان مدد خدا.
ويهي ڏسجانءِ ڪم قادر جا.“

اهو واقع آهي ته جنهن وقت آءٌ اها ڏاڙ هڻي ڪراچي
واپس وري رهيو هوس تنهن وقت مون کي به پروڙ ڪانه ٿي
پئي ته آءٌ ڪهڙو طريقو اختيار ڪندس. پنهنجي سِرِ آءٌ سياسي
طرح بلڪل بي پوزيشن انسان هوس. اڪيلو، نه ميمبر، نه
منسٽر، نه پارٽي، نه پئسو، ٻي طرف ملڪ جي فضا تي هندڪار
ڇانيل. دولت، تنظيم، علم، اثر، عقل، سياسي شعور ۽ سجاڳي
سڀ وٽن. گانڌي جيءَ جي هلايل هلچل زورن تي. ڪانگريس
جو ستو ڪاپار تي. وقت جي حاڪم انگريز به ڪانئن ڪنو
ٿي ڪاڍي.

انهن حالتن هيٺ هڪ سنڌي جهرڪڙي لَڏي اڪيءَ
مان هلي ته ڪراچي پهچي سياسي شهبازن سان لڙندي ۽ ڪين
سنڌ جي فضائن مان ٻنهي ڀڄائي ٻاهر ڪندي. ڪالهه واقعيات
ٿي لڳي، اڄ به کيل پئي اچيم.

ان کان پوءِ جيڪي ڪجهه ٿي گذريو، تنهن جو ذڪر بيءِ جاءِ تي ايندو. هت فقط ايترو اشارو ڏيندا سين ته جيڪا باهه سنهنجي، اندر ۾ ان ڏينهن لڳيءَ ۽ ڏکي تنهن مون کي ورندڙ ڏهه سال سک سان سمهڻ ڪو نه ڏنو(١). ڏاڍ ڪانه

(١) پهريائين سنڌ ۾ مسلم ليگ کي اُٿڻ ۽ وڌائڻ جي ڪوشش ڪيم، جنهن جو آءٌ صوبائي جنرل سيڪريٽري ٿيس. صوبائي سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس آڪٽوبر ١٩٣٨ع ۾ ڪراچيءَ ۾ قائد اعظم جي صدارت هيٺ ٿي، جنهن ۾ هندستان جي سياسي تاريخ ۾ پهريون دفعو ملڪ جي ورهاڱي ۽ هندو مسلمانن جي جدائيءَ جو آواز اٿيو. آءٌ اُن جو به جنرل سيڪريٽري ٿيس. هندستان اندر خواهه ٻاهر لاءِ مسلم ليگ طرفان جيڪا پروپيگنڊا ڪميٽي آل انڊيا مسلم ليگ مقرر ڪئي، تنهن جو به جنرل سيڪريٽري ٿيس ۽ سڄي هندستان ۾ وڃي موڪلي تقسيم جي حق ۾ مسلمانن کي بيدار ڪيم. جنهن ڪميٽي پاڪستان جي اسڪيم جي ڇنڊڇاڻ ڪري لاهور واري قرارداد پاڪستان لاءِ مواد فراهم ڪيو، ان جو به جنرل سيڪريٽري هوس. ١٩٤٠ع واري مسلم ليگ جي لاهور سيشن، جنهن ۾ قرارداد پاڪستان منظور ٿي، تنهن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ لاهور ۾ ڇه مهينا رهي ڪم ڪيم. مسجد منزلگاهه سکر بابت جيڪا ستياگرهه ٿي، جنهن ۾ وڏو ڪوس ٿيو تنهن جو پيو نمبر ڊڪٽيٽر آءٌ هوس. صوبائي ليگ جي جنهن اجلاس ۾ ستياگرهه جي باقاعده منظوري ڏني وئي، ان جي صدارت مون ڪئي. خونريزيءَ کان پوءِ جيڪو ٽربيونل هاءِ ڪورٽ جي جج هلايو، تنهن جي اڳيان مسلمانن جي وڪالت مون ڪئي ۽ فيصلو ورتم ته تڪراري جاءِ واقعي مسجد آهي ۽ فسادن ۾ مسلمان بيگناهه هئا ۽ اڳرائي هندن جي هئي. ان کان سواءِ ان عرصي اندر جيڪو به لٽريچر مسلمانن طرفان نڪتو، تنهن جو گهڻو ڪري لکندڙ آءٌ هوس. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي مسلمانن وٽ ڪابه اخبار ڪانه هئي، جيڪا هندن جي خلاف ۽ پاڪستان جي حق ۾ پروپيگنڊا ڪري. اها ڪمي به مون پوري ڪئي. پنهنجي جوابداريءَ تي "مسلم وائس" نالي پرچو ڪيدي، عام طرح صلاح مصلحت، لهرائڻ لکڻ ۽ بيانن ڪڍڻ ۾ به منهنجو حصو ڪافي اثرائتو رهيو، خود آل انڊيا ليول تي.

هٿبي، پر آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ آءٌ آهيان ماچيس جي ننڍڙي تيلي هوس جنهن جو پنهنجو ورتُ يا وَس تہ ڪو نہ هوندو آهي پر جڏهن باهہ وڳهي سڄا شهر ۽ ملڪ سڙي ڀسم ٿي ويندا آهن ۽ باهہ لڳڻ جي سبب ۽ ابتدا جي جاچ ڪبي آهي تہ ان جي شروعات وچي ان ڪمزور تيليءَ سان ڳنڍبي آهي. ٻچ جو دائو ننڍڙي شيءِ آهي، مٽيءَ ۾ ملي پاڻ ميٽجي وڃي ٿو. منجهانئس جيڪو وڻ ڦُٽي نڪري ٿو، دنيا اُن کي ڏسندي ۽ ان جي تعريف ڪندي رهي ٿي. ٻچ جي دائي کي ڪو ياد ڪو نہ ٿو ڪري.

قصو ڪوتاهہ، نوَن سالن کان پوءِ پاڪستان بڻيو ۽ هندن جي سنڌ مان لڏ پلاڻ ٿي. هڪ ڏينهن آءٌ ڪياماڙي بندر تي ويس— ڇا ڏٺم؟ هندو مرد و زن، پير و جوان پارت وڃڻ لاءِ جهاز جي انتظار ۾ حد نظر تائين پکڙيا پيا هئا. ڪي اوچنگارون ڏئي روئن پيا تہ ڪي دانهون ڪوڪون پيا ڪن. ڏاڍو دل ڀڃائيندڙ نظارو هو. سنڌي مسلمان، پنهنجي مٽي، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ سائن کا ڪُريت ڪانہ ڪئي هئي، پر ڪين اڳ جو ڪيل پنهنجو ياد ٿي آيو تنهنڪري دل جهلي نٿي سگهيا. تنهن کان سواءِ پيا سبب بہ بڻجي پيا، جيڪي سنڌين جي پنهنجي وَس کان ٻاهر هئا.

سائيو گوبند رام ان ڏينهن بہ مون سان گڏ هو. اهو نظارو ڏسي اکين ۾ پاڻي آڻي ڏوراپو ڏنائين:

”پيرا! پنهنجو وچن سو پاڙئي، پر ڪيئن ڪري ڇڏيئي.“

ڪجهہ ڏينهن بعد خود گوبند رام بہ روانو ٿي ويو. جاني جُدا ٿيا، زماني جي انقلاب سُڪن سان گڏ ساوا بہ ساڙي ڇڏيا.

انهن واقعن جي مناسبت سان ئي مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ لکي مون ۾ وڏي ڦيري آڻڻ جو باعث بڻي. اها ڏوسالا هينئر ڊهي وئي آهي، ”لکي تيرٿ اسٽيشن“ جو نالو

”لکي شاهه صدر“ ٿيو آهي. گرم پاڻيءَ جا چشما سون ١٩٥٣ع ۾ پنهنجيءَ وزارت جي زماني ۾ سنڀال لاءِ، مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيا. جيڪا مسجد هندن پنهنجي زور جي زماني ۾ اُت نهڻ ڪانهه ٿي ڏني، سا به ڪڏهن جو نهي راس ٿي آهي.

جيڪي ڪجهه ٿي گذريو تنهن جو فيصلو الله تعاليٰ وٽ، پر اهو سبق ضرور پرايم ته انسان وڏي بلا آهي، اُن کي تڇ نه سمجهجي. پنهنجيءَ تي چڙهي ٿو ته ڪيئي طاقتون اچي ٿيون ساڻس ڪاهو ڏين ۽ گڏجي ڪجهه مان ڪجهه ڪريو وجهن.

هندستان ۾ انگريزن خلاف ڀريان ڀريان ٻاهه هن تان لڳي جو آنهن ڏينهن ۾ ريلوي جي ڪن گاڏن تي لکيل هوندو هو: ”صرف يورپين لاءِ“ ۽ جڏهن گانڌي جي اهڙي ڪنهن گاڏي ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪئي ته کيس ڌڪا ڏئي لاهي ڦيٽسو ڪيائون. ان ڪان پوءِ ساڳيو گانڌي، جنهن ٻه- چار سال اڳ ڌائين، يعني پهرين عالمي جنگ جي دوران ۾ انگريزي فوج لاءِ پاڻ رنگروٽ ڀرتي ٿي ڪيا ۽ انگريز جي ان خدمت عيوض ”قيصر هند“ جو ٻلو به وٺي چڪو هو، سو انگريز جو وڏو دشمن ۽ انقلابي اڳواڻ بڻجي پيو ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي انگريزن کي هندستان مان ڪيڏي پوءِ ساهه ڏنائين. ساڳيءَ طرح چين جي انقلاب جي ابتدا به يورپين جي خلاف نفرت سببان ٿي. ان نفرت جو وڏو ڪارڻ هيءُ به هو ته شهر شنگهائي ۾ يورپي رهندڙن پنهنجي لاءِ هڪ پارڪ ٺاهيو هو، جنهن جي دروازي تي لکي ڇڏيو هئائون ته: ”چينين ۽ ڪتن کي اندر اچڻ جي اجازت نه آهي.“ چين جي رهاڪن ۾ اها تختي ڏسي سخت غيرت جو جذبو پيدا ٿيو. سندن انقلابي ليڊر سن يات سن ميدان ۾ آيو. ان جي مرڻ کان پوءِ جناب مائوسي تنگ اُٿي وڌيو جنهن چين اندر يورپين جا ڪُپائي اونڌا ڪري ڇڏيا.

دادو ضلعي اندر سنهنجيءَ سانپر ۾، وڏا وڏا ماڻهو ايندا رهيا. مثلاً ڪوٽڙي براج (جيڪا پڻ دادو ضلعي جي حد ۾ آهي)

ڏسڻ لاءِ عراق جو شاهه فيصل شهيد (۱)، آردن جو شاهه حسين ۽ ترڪيءَ جو صدر جلال بايز ۽ وزير اعظم عدنان ميندرس آيا. آءٌ انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو سينئر وزير هوس. سنڌ ميزبانيءَ جي عزت مون کي ملي. ان کان پوءِ پنجن سالن اندر عراق

(۱) شاهه فيصل شهيد جو قصو آيو آهي ته پوءِ جي ڪهاڻي به هتي ئي پڌي چڙيو. ۱۹۵۶ع ۾ مان پاڪستان جي مرڪزي وزارت جو وزير هيس. ان حيثيت ۾ مون کي حڪومت پاڪستان جي طرفان عراق وڃڻ جو اتفاق ٿيو. موقعو هيءُ هو ته عراق ۾ ڪن تعميري منصوبن جي تڪميل تي جشن ٿي رهيا هئا، جن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پاڪستان کي به دعوت ڏني ويئي هئي. عراق پهچڻ تي ڏٺم ته جشن وڏي پيماني تي ٿي رهيا هئا هرطرف شهرن، ڳوٺن ۽ رستن کي سينگاري ڇڏيو هئائون. هنڌ هنڌ دلي دروازا هئا، جن تي بادشاهه، سندس چاچي عبدالله ۽ وزير اعظم نوري سعيد جي تعريف جا ڪتبا لڳل هئا. جنهن به هنڌ ڪنهن منصوبي جي افتتاح جو پروگرام هو ته اوڏانهن بادشاهه سان گڏ اسپيشل ٽرين ۾ وڃڻ ٿي ٿيو. البته نوري سعيد پاڻ هيليڪاپٽر ۾ چڙهي موقعي تي پهچندو هو. ريل جيڏانهن ٿي هلي تيڏانهن پنهين پاسن کان خلق اٿل هوندي هئي، جنهن بادشاهه جي سواري کي لنگهندو ڏسي آتان جي دستور موجب دنبا ذبح ڪري ٿي وڌا. لائين جي ٻنهي طرفن ڪٽل دلبا ۽ رت جا ريلا هئا. نعره بازي ۽ پرتپاڪ استقبال جو شوروشر ان اپرانڌ.

هڪ جاءِ تي اتفاق اهڙو ٿيو جو آءٌ بادشاهه سان گڏ ريل ۾ وڃڻ بدران موٽر ۾ سوار ٿي اڳ ۾ ئي وڃي منزل مقصود تي پهتس. اڃا بادشاهه جي اسپيشل ٽرين پهچڻ ۾ ڪجهه دير هئي. نوري سعيد به ساڳئي وقت هيليڪاپٽر ۾ چڙهي اچي مون وانگر اڳواٽ آٽ ويئو. نوري سعيد ۽ مون کان سواءِ ٽيون ماڻهو سوڊان جو وزير زراعت هو،

(بقايا حاشيه ڏسو ص ۳۶)

۾ انقلاب آيو، جنهن ۾ شاهه فيصل پنهنجي ساري خاندان سميت شهيد ٿي ويو. ترڪيءَ جي انقلاب ۾ ساڳي صدر جلال بايز ۽ وزير اعظم عدنان مينڊرس جي حڪومت جو تختو اونڌو ٿي ويو. پنهين ئي پنهنجن ماڻهن موت جي سزا ڏني. عدنان مينڊرس

(بقايا حاشيه آئندل ص ۳۵)

جيڪو به ڪنهن طرح اڳ ۾ ئي پهچي ويو هو. ڳالهين هلندي نوري سعيد مون کان پڇيو ته "اوهان هت هيلتائين گهڻو ڪجهه ڏسي چڪا آهيو، اوهان ڇا پيا ڀائيو؟ اسان جو بادشاهه ۽ اسان جي حڪومت ڪيتريقدر نه عوام ۾ مقبول آهن."

مون دپيل زبان ۾ چئي ڏنس ته "جيڪي شيون مون استقبال جي دوران ۾ ڏٺيون آهن، سي سڀ گهڻو ڪري مون کي نقلي نظر اچن ٿيون. عراقين کي آءٌ ڪو نه ٿو سڃاڻان، انهن جي مزاج مان واقف ڪو نه آهيان، پر ماڻهن جي چهرن تي خوشيءَ جا آثار مون کي نظر ڪو نه ٿا اچن. تحت الشعور ائين پيو سمجهان ته شايد سندن دلين تي ڪو بار آهي، جنهنڪري سندن منهن اداس آهن. جنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ خوشي هوندي آهي سا سندس منهن مان ئي پڌي پڪندي آهي."

نوري سعيد منهنجي تيڪا ٽپڻي اڌ ۾ ڪاٽي وڏي اطمينان ۽ رعب سان چوڻ لڳو ته: "اسان عراقين کي بهتر ڄاڻون ٿا. آءٌ تيرهن ڀيرا ملڪ جو وزير اعظم ٿي رهيو آهيان. هن بادشاهه جي زماني ۾ وڏا تعميري ڪم ٿيا آهن؛ وڏيون اسڪيمون مڪمل ٿي ويون آهن. هرطرف خوشحالي ئي خوشحالي آهي."

ساڳي ئي ڏينهن مون کي برطانيه جي سفير، رازدارانه لهجي ۾ مشورو ڏنو ته شاهه فيصل جي شاديءَ لاءِ ڪا ڪنوار پاڪستان مان فراهم ڪجي ته مصلحت پري ڳالهه ٿيندي. چو ته هن وقت، بادشاهه تي زور آندو پيو وڃي ته هو فلاڻي عرب بادشاهه جي ڌيءَ سان شادي ڪري، مگر اها شهزادي ڪليوڪلابو ڪميونسٽ خيالن جي آهي، جنهن

(بقايا حاشيه ڏسو ص ۳۷)

ڪي ته اسٽولن تي ويهاري، ڳچيءَ ۾ نوڙ وجهي، پوءِ اسٽول ڪيڏي ٽنگي ڇڏيائون. البته صدر جلال باير کي موت جي سزا ڏني پوءِ ڪيس پوڙهو ڏسي موت جي سزا معاف ڪري، عمر لاءِ قيد ۾ وجهي ڇڏيائون. ڪيترا سال قيد و بند ۾ رهڻ ڏان پوءِ هينئر آزاد ٿيو آهي (١).

(بقايا حاشيه آندل ص ٣٦)
جي چنبي کان ڪيس بچائڻ گهرجي. بغداد پهتاسين ته مون کي بادشاهه ملاقات لاءِ گهرايو. پاڻ ته ڪجهه ڪو نه چيائين، پر سندس چاچي ۽ شاهي وزير دربار ساڳي برطانوي سفير واري ڳالهه دهرائي.

پاڪستان پهچي مون اها ڳالهه پنهنجن ساٿي وزيرن سان ڪئي. ڳالهه پڌلديئي منجهن خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. سمجهيائون ته پاڪستان جو بخت کليو آهي، اجهو ٿي هڪ پاڪستاني خاتون عراق جي راڻي بڻجي. مون کان پڇيائون ته ”پوءِ ڪهڙي صلاح؟“ مون چيو ته عراق اندر غيرفطري سکوت جي ڪيفيت آهي. ممڪن آهي ته ڪو پاڻ پري. اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙي ڪا خاتون ڪانه ملندي جيڪا پڻ ڏينهن راڻي بڻجي ٽئين ڏينهن ”رن جوءِ“ ٿي رُلندي وتي. (هڪ وزير ڏاهن اشارو ڪري) البته هنن صاحبن جي همت کان اها ڳالهه پري نه آهي. هي ڪو بندوبست ڪري وجهن ته ڀلو.

اڃا وزارت ڇڏي سفير بڻجي فلپائين هليو ويس. پٺيان عراق ۾ انقلاب آيو. شاهي خاندان ساري قتل ٿي ويئي. نوري سعيد مرحوم، جيڪو ٽيرهن دفعا وزير اعظم چونڊجي چڪو هو، سو برقعو پائي بغداد مان ڀڄڻ لڳو. رستي ۾ جهلي ڪيس قياس کان ٻاهر بيرحميءَ سان ڪُٺو، سندس ٽنگن ۾ نوڙهو وجهي، بازارين ۾ گهليندا وتيا.

(١) سياستدان جڏهن پاور ۾ هوندا آهن ته ڪو ڪو نه سمجهندو آهي ته سندن پير واريءَ تي به ٿي سگهن ٿا. مثلاً جڏهن عدنان ميندرس وارا ڪراچيءَ آيا ته ڪنهن ڪو نه ٿي سمجهيو ته ڪنهن ڏينهن انهن
(بقايا حاشيه ڏسو ص ٣٨)

کوڙڙي براج جو مذڪور آيو آهي تہ هلندي هلندي اهو بہ ٻڌائي ڇڏيان ٿو تہ مٿس ”غلام محمد براج“ جو نالو ڪيئن پيو.

کوڙڙي براج ئهي راس ٿي تہ ان جي کولڻ لاءِ غلام محمد مرحوم گورنر جنرل کي سنڌ وزارت طرفان دعوت ڏني ويئي هئي. خانبهادر کهڙو سنڌ جو وزير اعليٰ هو، آءٌ بہ سنڌ س وزارت جو هڪ رڪن هوس. مير غلام علي خان مرحوم انهن ڏينهن ۾ اندران اندر ڇُر پر شروع ڪري ڏني هئي تہ وزير اعظم محمد علي بوگره جي ذريعي (جيڪو اسان سان ڪو نہ ٿي ئهيو) اسان جي وزارت کي نيڪالي ڏيارائي. پر آخري

(بقايا حاشيہ آندل ص ٣٧)

کي ڦاهيءَ تي بہ ٽنگيو ويندو. مون کي ياد آهي تہ ان موقعي تي چوڌري محمد علي صاحب وزير اعظم پاڪستان، سنڌن اعزاز ۾ وڏي ضيافت جو انتظام ڪيو. جيڪي ڪجهہ انهن موقعن تي ڪيو ويندو آهي سو ڪيو ويو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ چوڌري صاحب ان شام پنهنجي تقرير ۾ عدنان مينڊرس جي تعريف بعد وڏي واڪي علامہ اقبال رحہ جو هيءُ شعر بہ پڙهيو:

جهان مين اهل ايمان صورت خورشيد جيتے هين،
ادهر نکلے ادهر ڈوبے، ادهر ڈوبے ادهر نکلے.

اسان جي چوڌريءَ جو قصور ڪو نہ هو. عدنان انهن ڏينهن ۾ ترڪيءَ جو لازوال ليڊر سمجهيو ٿي ويو. عوام سندس پوئلڳ هو. پارليامينٽ ۾ زبردست اڪثريت جو اڳواڻ هو. سينٽو ۽ نيٽو معاهدن ۾ شامل ٿي امريڪا ۽ ٻين طاقتن جي پٺڀرائي بہ حاصل ڪري چڪو هو. ڪنهن نہ ٿي سمجهيو تہ ايترو جلد سندس انجام اهڙو ٿيڻو آهي.

ڦاهيءَ تي چڙهندي پٽ ڏانهن پيغام موڪليندو ويو تہ:

”پٽ! سياست جي ويجهو نہ وڃجانءِ.“

اختيار انهن معاملن ۾ وري به غلام محمد مرحوم گورنر جنرل جو هو. غلام محمد چا ڪندو، تنهن جي باري ۾ اسان ڏاڍو متفڪر هئاسين.

جڏهن اسان ڪوٽڙي پهتاسين ته آن وقت تائين نه اسان کي خود ڪو اهڙو خيال هو، نه ڪيبنٽ جو ئي ڪو اهڙو فيصلو هو ته نئين براج تي غلام محمد جو نالو رکجي. گورنر جنرل اڳيان کهڙي صاحب کي جيڪو استقبالي خطبو پڙهڻو هو ۽ جيڪي تيار ٿي آيل هو، ان ۾ به اهڙو ڪو ذڪر ڪو نه هو.

غلام محمد مرحوم وڏيءَ همت ۽ حوصلي جو صاحب هو، پر ويچارو بيمار رهندو هو. براج جي پُل تائين پهچڻ کان پهريان رستي جي ريسٽ هائوس ۾ ترسي آرام ڪرڻ لڳو. کهڙو صاحب ۽ آءٌ اڳواٽ پنڊال ۾ پهچي چڪا هئاسين. آت ويٺي اوچتوئي اوچتو مون کي خيال اچي ويو ته ڇو نه هن موقعي جو فائدو وٺي، بيراج تي غلام محمد جو نالو رکي، گورنر جنرل جهڙي ماڻهوءَ کي هميشه لاءِ احسانمند بڻائي ڇڏجي؟ براج تي هونءَ به ڪنهن نه ڪنهن پرڏيهيءَ جو نالو ته ضرور ٿڦجڻو هو. اڄ نه ته صبح؛ پوءِ ڇو نه هيئنر ئي "نامزدگي" ڪري صوبي جي سياسي استحڪام کي مضبوط ڪري وٺجي؟ مون کهڙي صاحب کي اهڙو مشورو ڏنو جنهن قبول فرمايو. پوءِ مون آتي جو آتي هڪ نئون فقرو لکي تيار ڪيو، جنهن ۾ گورنر جنرل کي استدعا ڪئي وئي ته هو براج کي پنهنجي نالي سان منسوب ٿيڻ جي اجازت عطا فرمائي. اهو نئون جملو اچي پني تي لکيل اصلي ڇپيل ائڊريس جي وچ ۾ ٽنبيو ويو. کهڙو صاحب اهو جملو ريسٽ هائوس وٺي گورنر جنرل کي ڏيکاري آيو، جنهن پڻ پنهنجي جوابي تقرير جي اصلي مسودي ۾ مناسب اضافو ڪرائي ورتو. پوءِ گورنر جنرل شاميانې ۾ آيو. اصلاح شده ائڊريس نئين ٽنبيل فقري سميت کهڙي صاحب پڙهي.

گورنر جنرل جواب ڏنو. اسان جو عرض اگهائي منظوري ڏنائين ته نئين براج تي پل "غلام محمد براج" جو نالو رکيو وڃي.
ائين بيو نالو ڪوٽڙي براج تي "غلام محمد براج" جو!
مير غلام علي خان مرحوم جي هلايل ڪوشش ساري ڌوڙ ڌاڙيون ٿي وئي.

محمد اسماعيل زونر مرحوم

مون سان ته مولا سائين هميشه پورائيءَ ۾ پال ڪيا آهن. ساري زندگي بنا ڪوشش، بنا محنت، بنا لياقت، لڏ مان لعل لهندو رهيو آهيان. انهن ڏينهن ۾ عام چوڻي هوندي هئي ته "ميان جيئن پوءِ تيئن سپ شئي گهت آهي"، پر مون کي ته انهن ڏينهن ۾ به گهٽين گهمندي ناگهان، ناگمان، پاڙهرتو ماڻهن جا ماڻڪ ميسر ٿيندا رهيا.

مثلاً:

اڄ کان پنجيتاليهه سال اڳ آءُ هڪ ڏينهن صبح ويلي گهاڙي واهه جي پڪ واري چونڪ وٽان لنگهي رهيو هوس، هڪ ڳوٺاڻو ڏهاڙيدو سامهون اچي ويو. قد وچولو، بت هلڪو، شهپر ايتريقدر وڏا جو ڪيس غير معمولي ماڻهو سمجهي آءُ خود بخود ڏانهنس ڇڪجي ويس. هٿ ملاياسين، خوش خيرعافيت ائين ڪئيسين جيئن ورهين جا واقف هئاسين. خوش خيرعافيت کان بعد ئي هڪٻئي جا نالا ۽ نشان پتا پڇياسين. سندس نالو محمد اسماعيل ۽ ذات زونر هئس. دادو اسٽيشن جي پٽ ۾ زونرن جي ڳوٺ جو رهندڙ هو. ڳوٺ جي وڏيري بلاول خان جو پٽ هو. معمولي سنڌي ليکڻ پڙهڻ ڄاڻندو هو. ڪرت پوک ۽ معمولي ڪاتيداري هئس.

آءُ سائنس ملڻ بعد آفيسن ڏانهن رڙهڻ لڳس. هي به بنا چئي بنا ٻڌائي مون سان گڏ اوڏانهن هلندو رهيو. جيترو وقت آءُ آت ترسيس هيءُ به ويٺو رهيو. ساڳيءَ طرح واپسيءَ ۾

محمد اسماعیل

۾ سنگت ڪيو آياسين. بس ان ملاقات کان پوءِ مرندي گهڙيءَ تائين محمد اسماعيل گهر ٻار وساري مون سان گڏ رهيو. هر مصيبت ۾ منهنجو ساٿي، هر ڪم ۾ منهنجو ٻانهن ٻيلي، خطري جي گهڙي آئي ته سير تريءَ تي. نه غرض نه مطلب، نه پگهار، نه ڏيڻ وٺڻ، محض محبت، جنهن ۾ ويهن سالن گذري وڃڻ بعد به ماٺائي ڪانه آئي. جيڪڏهن ڪو فڪر رهيس ته اهو ته مون سان گڏ رهي، هر وقت سامهون هجي، دم ڌار نه ٿئي. حقيقت هيءَ هئي ته:

محبت وڏو هوس مامري، نه ته ڪير ڪشالا ڪري؟

مون جهڙي زود رنج ۽ زبان جي تکي انسان سان ويهه سال گڏ رهڻ ۽ آخري دم تائين پل پاسي نه ٿيڻ واقعي وڏو ڪشالو هو. اهو ڪشالو ڪڍڻ ڪنهن معمولي ماڻهو لاءِ محال چا ناممڪن هو، پر محمد اسماعيل معمولي انسان نه هو. هو اهو ڪشٽ ڪڍي ويو پر پيو ۽ ڪڏهن ٻيڙڪ نه ٻاهر ڪڍيائين.

جيڏانهن آءٌ ويندو هوس، مون سان ساڻ هوندو هو. سفر هجي يا حضر- حضر ۾ ته لازمي طرح. هڪ اهڙو زمانو هو جنهن ۾ منهنجي جان خطري ۾ هوندي هئي. اهو زمانو پندرهن سال هليو. محمد اسماعيل منهنجو چوڪيدار هوندو هو. چوويهه ئي ڪلاڪ آءٌ سمهي رهندو هوس ته هي بندوق ڀري در جي ٻاهران ويٺو هوندو هو. گاڏيءَ يا موٽر ۾ ويهندو هوس ته به پير ۾ ڀريل بندوق آيي ڪيو هيڏي هوڏي نهاريندو هلندو هو. هڪ دفعي هٿيار بند مقابلي جو امڪان پيدا ٿي پيو. ٻئي طرف کان گوليون وسڻ شروع ٿيون. پوليس پارٽيءَ وارا، جيڪي محمد اسماعيل سان گڏ ويل هئا، سي سڀ ناهت ۾ ليٽي پيا. محمد اسماعيل ناپت جي پڪ کان مٿي مٿو ڪڍيو جوابي فائرنگ ڪندو رهيو. سندس هٿ، ٻارهن بور جي ڇرن جي

بندوق تي هريل هو. ان ڏينهن فاصلي سبب رائفلن جو معاملو هو. رائفل جو تجربو ڪو نه هوس. ڪوشش گهڻي ڪيائين پر سندس ڏڪ ڪنهن کي ڪو نه لڳو. مقابلي ختم ٿيڻ کان پوءِ پيءُ ڏر کي گاريون ڪيندو رهيو ۽ چوندو رهيو ”هٿ سڌو ڪو نه هون نه ته اسان اڄ شهيدان ڪربلا جي ميڙن ۾ حورن جي هنج ۾ ويٺا هجون ها.“

حورن جي هنج ۾ هيٺر ضرور هوندو، پر آن ڏينهن کيس آن سفر تي سڌارڻ جو موقعو ڪو نه مليس.

شڪار جو ڏاڍو خفتي هو ۽ شينهن جي منهن ۾ به ويندي اصل ڪو نه ڏڇندو هو. سون سان گڏ وڏي شڪار جي ٽولا ۾ تقريباً هرسال هندستان هلندو هو. ڪڏهن يو. پي، ڪڏهن سي. پي، ڪڏهن بهار، ڪڏهن ميسور. شينهن سان مقابلي ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوس. هڪ دفعي اسان ٻئي هاٿين تي سوار ٿي يو. پي. جي جهنگن ۾، وڏي گاهه جي هڪ دڙيءَ سان لنگهي رهيا هئاسون. شينهن آن گاهه ۾ اڪيلو هو. محمد اسماعيل کي هدايت ڪيل هئي ته ٻارهين بور جي ڇرن جي بندوق شينهن تي نه هلائي. هاٿي، گاهه چيريندا اڳتي وڌندا رهيا. اوچتو محمد اسماعيل جي نظر شينهن تي پئجي وئي. نه ڪيائين هم نه تم، ڇرن جي بندوق شينهن تي وهائي ڪڍيائين. گاهه وڏو هو، اسان شينهن ڏسي نه ٿي سگهياسين. بندوق ڇٽڻ کان پوءِ شينهن سامهون گاهه جي جهڳٽي ۾ گهڙي ويو ۽ محمد اسماعيل هاٿيءَ جي پٺيءَ تي اٿيو بيهي نعرا هڻڻ لڳو ”قادر قلندر مست! مست! قادر قلندر مست“. ”ڪاڏي ٿو ڀڳو وڃين گاهه ۾.“ گاريون ڏيندي للڪاريندو رهيس ته ”مڙس آهين ته قلندر جي پاندڙي جو مقابلو ڪر.“ هاٿيءَ جي مهاوت کي تجربو هو، تنهن پنهنجو هاٿي ڪري پوئتي هٽايو ۽ پاسي وارن هاٿين کي اشارو ڏنائين ته ”آڏو شينهن اٿو“. محمد اسماعيل ڪاوڙ منجهان مهاوت جي پڳ لاهي ورتي ۽ کيس گاريون

ڏيندو رهيو ته هاٿي پوئتي ڇو ٿو موٽائي. سندس هڪ هٿ ۾ بندوق ۽ ٻئي ۾ مهاوت جو ٻنڪو. هاٿيءَ جي پٺيءَ تان لڙ ٻغاغو مچائيندي جهنگ مٿي تي ڪٽي ڏنائين. اسان جا باقي ٻه هاٿي (جنهن مان هڪ تي آءٌ سوار هوس ۽ ٻئي تي منهنجو ميزبان) محمد اسماعيل واري هاٿيءَ جنهن جهنگ جي ٻوٽي ۾ شينهن وڏي وڇي ڇپيو هو، تنهن جي وچ ۾ ڪاهي پيا. مڙئي جو معاملو هو، شينهن هاٿي ويجها ايندا ڏسي رنڀ ڪئي ۽ ٽپ ڏئي محمد اسماعيل واري هاٿيءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ سڌو اوڏانهن جو رخ ڪيو. پهلائي شينهن جي رنڀ ايترقدر خوفناڪ ٿئي ٿي جو ائين سمجهجي ٿو ته زمين ۽ آسمان لرزش ۾ اچي ويا. جهنگ جا پيا جانور خواه پکي پرنپ جيت به هوندا شينهن جي رڙ ٻڌي دهلجي دانهون ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ ۽ لڪڻ لڳندا آهن ۽ اها رڙ ميلن تائين ٻڌڻ ۾ ايندي آهي (۱). شينهن گاهه مان نڪري اچا ئي ٽپ مس ڏنا هئا ته ان وچ ۾ اسان جي ساٿي شڪارين منجهان ڪنهن جي گولي ڇٽي جيڪا وڃي شينهن جي ڪڇيءَ ۾ لڳي ۽ ڪنڌ ٿوڙي وڌائينس. شينهن انهن ئي پيرن تي ڪري پيو (۲)، پر محمد اسماعيل جو ٻغاغو ان وچ ۾ به جاري رهيو. مون چيس: "ٻڪ بند ڪر! اڄ پاڻ ڪي به مارايو هئي ۽ اسان ڪي به. ڇي ڪو موقعو هو قلندر جي دنبهن هڻڻ جو."

ورائي ڏنائين: "پير يار، بد مگز (مغز) آهين. شينهن ڪي قلندر ماريو يا تو ماريو؟"

ان ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن به شڪار تي ويندا هئاسين ته مان محمد اسماعيل کي پاڻ سان گڏ هاٿيءَ تي ويهاريندو

(۱) آها رات منهنجي اک ڪانه لڳي. اچا سمهان ته ائين ٿيو سمجهان ته شينهن مون تي حملو ڪري رهيو آهي. سندس رنڀ ساري رات منهنجن ڪنن ۾ گونجندي ۽ گجندي رهي. (۲) شينهن جي حالت ۾ ڪنڌ جي گولي لڳي فوراً ڪارائتي ٿئي ٿي.

هوس ۽ ڪيس ڇني ڇڏيو هوم ته جيڪڏهن وري ڪا مستي ڪيائين ته سندس مچ ڏي خير ڪونه رهندو (يعني مان مچ پٽي وٺندوسانس). مڇن جي دفاع جو مرحوم کي گهڻو خيال هوندو هو ۽ اهوئي دڙڪو سندس حالت ۾ ڪارگر ٿيندو هو.

اهو ته هو پهرين شينهن جو واقعو، هاڻي چيتي شينهن جو قصو ٻڌو. شڪار جي خاطر اسان جهنگ ۾ جنهن ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين، اُت رات وڳڙي چيتا شينهن لنگهي ايندا هئا. چيتو شينهن ڪتن کي مارڻ ۽ ڪتن جي گوشت کائڻ جو ڏاڍو شوقين ٿئي ٿو. ڪتن جي ڳولها ۾ اڪثر رات جو ڳوٺن جي گهٽين ۽ گهرن ۾ رُلندو، نوسيندو رهي ٿو. محمد اسماعيل مرحوم کي نماڻي پوڻيءَ پيٽ جي ڏاڍو شوق هوندو هو، تنهنڪري رات جو ٻه-ٽي پيرا کيس (سڪتين جي اصطلاح موجب) "هڪ" جي خيال سان اُٿي ٻاهر وڃڻو پوندو هو. عرض ڪيل هوس ته هميشه ٽارچ ۽ بندوق پاڻ سان کڻي ٻاهر نڪري، پر هڪ رات جو ٽارچ ته کڻي ويو پر بندوق ڇڏي ويو. مشڪل سان "هڪ" جي خيال پوري ڪرڻ لاءِ ويٺو هو ته صحن جي هڪ ڪنڊ مان کيس سُرڪاٽ ٻڌڻ ۾ آيو. ويٺي ويٺي ٽارچ هنيائين ته چيتي شينهن جون ٽمڪندڙ اکيون نظر آيس. شينهن ٽپو ڏيئي ديوار تي چڙهي موٽي ڏانهس پٺي واجهايو. محمد اسماعيل کي اکيٽ ٻڌڻ جو ٽائم ڪونه مليو. بندوق کڻڻ لاءِ ڀڄندو اندر آيو. سٽڻ پيرن ۾ ٿڙڪندي رهيس. تڪڙ ۾ بندوق کڻي ٻاهر ڀڳو، ڀڄندي سنهنجي پير کي لوڏو ڏيندو ويو. آءٌ سمجهي ويس ته چيتي جو معاملو هوندو تنهنڪري رائفل کڻي سندس ڪڍ لڳس. ان وچ ۾ شينهن ته ڀڄي ويو. محمد اسماعيل چيو "آءٌ شينهن جي ڳولا ۾ ويندس، تون هيءَ بندوق جهل ته مان سٽڻ مٿي ڪري اکيٽ ٻڌي وٺان." ان وقت ته مون زوريءَ کيس گهلي آڻي سمجهاريس پر سڄي رات ننڊ

کاٺ کيائين. هر ڪلاڪ ڪان پوءِ ٽارچ ۽ بندوق کڻي ٻاهر نڪري شينهن لاءِ چئني طرف واجهائيندو ٿي رهيو.

مون متي لکيو آهي ته مرحوم جي نماڻيءَ ٻوليءَ سان ڏاڍي دلچسپي هئي. آءٌ کيس منع ڪري ڪونه سگهندو هوس، ڇوته نماڻي ٻولي نه ملندي هوس، سه چرس جا سوٽا هڻي پنهنجن ڦڦڙن کي ڦٽيندو هو. يو-پي ۾ ڀنگ عام ٿئي ٿي، جيئن سنڌ ۾ جهنگلي گاهه. اُت جا ماڻهو ڀنگ ڪونه پيئندا هئا. محمد اسماعيل مرحوم ڀنگ جا جهنگ ڏسي مُرڪندو ئي رهيو. مون کي پڪ ٿيو ته مبادا يو-پيءَ مان مونٽندي هيءُ صاحب ڀنگ جي ڀري ٻڌي ڪراچي نه هلي، ڇوته سنڌ ۾ ڀنگ تي بندش هئي ۽ ڀنگ رکڻ آبڪاريءَ جو ڏوهه هو. مان کيس تنبيه ڪندو رهيس ته ڀنگ گُوڙ ڪٽي ناهي هلڻي. هو "ها-ها" چوندو رهيو. پر جڏهن ڪراچي پهتاسين ته ڀنگ جي گهُنڊين جي ڀري ڪڍي آڻي منهنجي اڳيان رکيائين. مون پڇيس ته "هيءَ ندوري ڪيئن آندئي؟" چيائين ته "تو ته پنهنجي ٻچڙائي ڪئي، پر قلندر اسان جو پردو رکي ورتو." "سو وري ڪيئن؟" مون سوال ڪيس. جواب ڏنائين: "پندرهن دوناليون بندوقون پاڻ سان ساڻ هيون. ڀنگ جون گهنڊيون ڪڍي بندوقن جي نالين کي ساڻن ڀري ڇڏيوسين. ڪير بندوقان کولي نالين ۾ نظر ڪري ها؟ هاڻي ڇهن مهينن جو راشن مولا هڪ ئي وقت ڏياري ڇڏيو. پيا پيئنداسين ۽ جيئنداسين - قادر قلندر مست..."

سنڌ ۾ لطيفا بيشمار آهن. ڪهڙا ٻڌائي، ڪهڙا ٻڌايان؟

هڪ ڀيرو جواهرلال نهرو اليڪشن جي سلسلي ۾ ڪراچي آيو. کيس سنڌ ۾ گشت ڪرڻو هو. پر خبر پئي هوس ته مسلمان ڪانگريس جي خلاف آهن ۽ وڏو امڪان آهي ته ڪنهن نه ڪنهن جاءِ تي مٿس خوني حملو ٿي پوي. اسان جا ڪانگريسين سان سخت اختلاف هئا. آءٌ پاڻ مسلم ليگ جو

جنرل سيڪريٽري هوس. ان هوندي به جواهرلال طرفان هڪ مقامي هندو ليڊر سون وٽ لنگهي آيو ۽ اچي چيائين ته ”توهان مسلمانن ۾ ايتري فراخدلي آهي ته اوهان سنڌ اندر جواهرلال جي سلامتيءَ جو ذمو کڻو. آخر هو سنڌ جو مهمان آهي.“ سون اختلافن جي باوجود اهو ذمو کنيو ۽ محمد اسماعيل کي بندوق ڏئي تيار ڪيم ته هو جواهرلال سان گڏ موٽر ۾ ويهي ۽ جيڪڏهن جواهرلال تي حملو ٿئي ته ان جي حفاظت ڪري. محمد اسماعيل بندوق کڻي ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين جواهرلال سان گڏ سفر ڪيو ۽ رستي ۾ ڪيس نوٽڪا ٻڌائي کلائيندو رهيو. ڏينهن جو ساڻس موٽر ۾ هلندو هو ۽ رات جو سندس سمهڻ واري ڪمري جي در جي ٻاهران ويهي پهرو ڏيندو هو. ڪنڌڪوٽ يا ڪشمور ۾ جواهرلال کي نوٽن جي ڳوٿري ڏنائون. جواهرلال اها ڳوٿري تحفي طور محمد اسماعيل کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. محمد اسماعيل ڳوٿري وٺڻ کان صفا انڪار ڪيو. چيو: ”هم ڳوٿري ڪے واسطے جان جوکم ۾ نهين ڈالتا. هم ڪو سائين راشدي ڪا حڪم هے.“ جواهرلال ڏاڍو متاثر ٿيو. سندس سنڌ جو سفر سلامتيءَ سان ختم ٿيو.

۱۹۴۹-۵۰ ۾ جڏهن پاڻ هندستان جو وزيراعظم هو، تڏهن آءٌ اخبارنويسن جو وفد وٺي دهلي ويس. پاڻ اسان جي اعزاز ۾ ڊنر ڏنائين. آءٌ سندس پريم ۾ ويڙهل هوس. مون سان محمد اسماعيل جون ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ چوندو رهيو ”بڙا بهت بهادر هے- جسم مين ڪمزور مگر دل ڪا مضبوط.“ موڪلائيندي به محمد اسماعيل لاءِ سلام ڏنائين.

خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي تي الله بخش مرحوم جي خون جو ڪوڙو مقدمو ٺهيو. سياسي دشمنيءَ سببان، هو آخر بيڏوهي ثابت ٿيو. پر هڪ وقت اهڙو به اچي ويو جو خانبهادر جي خلاف مٿل باهه ڏسي ڪانئس هرڪو پاسو

ڪرڻ لڳو. خانبهادر جي طرفان هڪ قسم نامو پيش ڪرڻو هو، پر قسم نامي ڏيڻ کان پيا ته خير سنڌ ذاتي نوڪر به نابري واري ويهي رهيا هئا. مون کي چيائين: ”هاڻي ته هرڪو ڇڏي ويو. هڪ معمولي قسم نامي ڏيڻ لاءِ به ماڻهو نه ٿو ملي؟“ مون چيس: ”اوهان قسم نامو لکرايو، ماڻهو آءٌ ٿو پيش ڪريان. سياسي دشمنيءَ جي حقيقت هونءَ به سچي آهي. فقط دل گهرجي. اوهان جي دوستي وڏن ماڻهن سان رهي، جيڪي پنهنجن غرضن جا غلام ٿين ٿا. ڪنهن غريب سان ياراڻي رکو ها ته هو ههڙي ويل ڪانه وڃائي ها.“ مون فوراً گهر پهچي محمد اسماعيل سان ڳالهه ڪئي، جيڪو چئلينج جهڙي ڳالهه ٻڌي هڪدم شهپرن تي هٿ هڻي تيار ٿي بيٺو. فقط تيل گهريائين ته هو مڇن کي لائي کين چمڪائي جيئن انگريز ماجسٽريٽ تي به رعب پئجي وڃي.

خانبهادر کهڙو قسم نامو لکرائي فريئر هال وٽ پهتو ته آءٌ ۽ محمد اسماعيل اڳ ۾ موجود هئاسين. ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ جي ڪورٽ پير ۾ هئي. ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ هڪ انگريز مسٽر بڊ هو، جنهن جي سخت گيريءَ جون ڳالهيون مشهور هيون.

محمد اسماعيل سنڌ اڳيان وڏيءَ خُنڪيءَ سان بيان ڏنو. بيان ۾ ڪنهن نامور وزير جي دشمنيءَ جو به ذڪر هو. ماجسٽريٽ پڇيس: ”تون انهيءَ وزير کي سڃاڻين؟“ ”هائو - مان پڙس کي به سڃاڻندو هوس. فلاڻي شهر ۾ درزڪو ڪم ڪندو هو. پهريان واڻيو هو ۽ پوءِ مسلمان ٿيو هو.“ ماجسٽريٽ کلي ڪٽي بيان جي تصديق ڪئي.

۱۹۴۳ ۾ محمد اسماعيل چوڻ لڳو ته: ”پيرا! اسان جي حياتي هاڻي ٿوري آهي. مون کان پوءِ دادوءَ سان تنهنجو واهپو ڪونه رهندو. اها ڳالهه مون کي ناپسند آهي. تون دادوءَ ۾ زمين جو ٽڪر وٺ.“

سندس دل رکڻ لاءِ مون زمين جو ٽڪرو خريد ڪيو ۽ ان زمين سبب آءٌ اڄ تائين دادوءَ سان پيو لڙڪان.

١٩٥٠ جي وچ ڌاري پاڻ وفات ڪيائين. آءٌ انهن ڏينهن ۾ لنڊن ويل هوس. منهنجي ٽپال بانڊ اسٽريٽ ۾ ايندي هئي. سندس قضيه جي اطلاع جو خط پڙهي منهنجون وايون وينديون رهيون. موٽندي گهر جي خبر ڪانه رهيم. لنڊن جي رستي تي ساري رات پنڌ ڪندي وڃي شيپرڊ بش نڪتس. هوش حواس گم هئا. پوليس واري مون کي وائڙو ڏسي پڇيو: "ڪيڏانهن پيو وڃين؟" مون جاءِ جو پتو ٻڌايس. چيائين: "اها ته پندرهن ميل پوئتي ڇڏي آيو آهين." مون کي همٿ ڪان وٺي ٽيڪسي ۾ ويهاريائين ۽ ٽيڪسي واري کي منهنجي جاءِ جو پتو نشان ڏنائين. گهر پهچڻ بعد ڏٺو ويو ته سخت بخار چڙهيل هو، جنهن پندرهن ڏينهن نه ڇڏيو. شاهي محل جي ڊاڪٽر کي اٺ پائونڊ ڏئي مشوري لاءِ سڏايو ويو، جنهن راءِ ڏني ته ڪنهن صدمي (Shock) سبب منهنجي اعصابن کي نقصان پهتو آهي. مون کي لنڊن کان ٻاهر برائٽن ۾ وڃي ڪجھ ڏينهن رهڻ گهرجي ۽ غم غلط ڪرڻ لاءِ هلڪو شراب (Red Wine) واپرائڻ گهرجي. برائٽن ته ويس پر ريڊ وائن پيئڻ جي همت ڪانه ٿيم. تنهن ڪاميءَ جي حالت ۾ مهينو کن رهي موٽيس.

منهنجي ڪراچيءَ واري گهر جي صحن ۾ محمد اسماعيل مرحوم پنهنجي ويهڻ لاءِ سيمنٽ جي هڪ بينچ ٺهرائي ڇڏي هئي، جت ويهي مون ڏانهن نهاريندو رهندو هو. اها بينچ اڄ تائين سلامت آهي، محمد اسماعيل ڪونه آهي.

ساموندي سنهوڙا منهنجا ويراڳي ويا،
نڪا ٻاھ ٻندر تي، نڪي ڏسجن ڏيا،
جاني جنهن جهاز ۾، سني ٻيڙائي پيا.

سائين گل محمد شاهه مرحوم

گل محمد شاهه لکيارين جو گل هو. اڄان وچڻ جي ويل به ڪانه هوس، پر ڏاڍي جي سڌ ڪي ڪيئن موڙائي ها؟

سائين ولي محمد شاهه مرحوم جو اڪيلو فرزند هو. پيءُ کان پوءِ جوانيءَ ۾ ئي قلندر جو سجاده نشين بڻيو، سو به اهڙي سمي ۾ جڏهن اڄان قلندر تي اوقاف وارن جو قبضو ڪونه هو. هونءَ به وڏين درگاهن جا سجاده نشين اڄان گهور جا ڍوڪڙ ڪونه بڻيا هئا. وڏي ٺٺ ٺانگر سان رهندا هئا. هت ته قلندر سائين جي درگاهه هئي، ۽ ان جو سجاده نشين گل محمد سائين جهڙو سهڻو جوان! ڏاڍو عياش، ڏاڍو مهمانناز، ڏاڍو هٺ جو ڪٺليو، ڏاڍيءَ همت وارو ۽ پنهنجائي ۾ ڏاڍيءَ غيرت وارو، ڏک سک ۾ پنهنجن کي هيڪلو نه ڇڏيندو، دوست ٿيو ته پيرو نه ڇڏيندو، ڪٿ هڪل ٿي ته منهن نه موڙيندو. ان زماني جي اميرن جي پٽن وانگر لکڻ پڙهڻ سان ڪانه پئي هوس، پر ان هوندي به ورهين جا ورهيه سيوهڻ ميونسپالٽي ۽ دادو ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽي هلائيندو رهيو. سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به ٿيو، پر ايتريقدر مروتي جو جيڪڏهن ڪو پيو دوست آشنا وچ ۾ اميدوار بيهجي ويو ته پاڻ هٿ ڪڍي ان لاءِ جاءِ خالي ڪري ڏيندو. دوستن وٽان هر وقت گهمرو ڪندو رهندو. بي وقت ۽ بيگاهه در کڙڪيو ته سمجهو سائين گل محمد شاهه اچي ويو. به گهڙيون ويهندو، به ڏنگ ڳالهين جا ڪندو ۽ روانو ٿي ويندو. ڪنهن اليڪشن ۾ دوست يا مٽ مائٽ جو طرف ورتائين ته پڻ جو انسان بڻجي انجهيءَ منجهيءَ ڇوويهه ئي ڪلاڪ پيو هلندو. نه آرام جو اونو، نه مانيءَ جي محتاجي، نه پاڻيءَ جي حاجت. خرچ پنهنجو هلندو، ڪم دوست جو ٿيندو. ان زماني جي سنڌ جي اميرن وانگر سندس دسترخوان تمام ڪشادو هوندو هو.

سيوهڻ جي ريلوي لائن سان ڪو يار دوست ٽرين ۾ لانگهائو ٿيو ته سندس گهران قسما قسم مانيءَ جا ٿالهه پرجي اسٽيشن تي ايندا. گهڻو ڪري مانيءَ سان گڏ لانگهائو مهمان سان ملڻ لاءِ پاڻ به هليو ايندو. وڏيءَ رسائيءَ وارو ماڻهو هو. سندس خاطر انگريز جي ڏينهن جا ريلوي بابو به گاڏي سيوهڻ تي بيهاري ڇڏيندا هئا ۽ جيستائين گل محمد شاهه موڪل نه ڏني، گارڊ جهنڊي نه ڏيکاريندو.

بي انتها ڪم آزار انسان هو. شايد ڪڏهن دشمن کي به ڪونه آزاريائين. دائما پنهنجي ئي مَن اندر مگن رهيو. زندگي لٽ سان گذاريائين، جوانيءَ ۾ ئي اوچتو وفات ڪيائين. سندس جيڏي سندس قوم جا ماڻهو ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهه تي ڪڏهن ڪانئس ڏکوئبا به هئا، پر آءٌ وڏي واڪي چوندو هوسانِ ته ”گل محمد جو قدر ڪريو، وري گل محمد جهڙو ننگي ننگهال اوهان ۾ ڪونه ڇمندو.“

۽ شايد ٿيو به ائين، خدا نه ڪري، پر شايد دڙي ئي دف!

سيوهڻ جو بادشاهه ته قلندر آهي، پر بادشاهه جي باغ جو مور گل محمد هو. اڄ بادشاهه به موجود ۽ سندس باغ به، پر مور جنت ۾ پيو ٽِلي.

سائين جڙيل شاهه

حيران آهيان ته سائين جڙيل شاهه سان ماڻهن جي پيار جو راز ڪهڙو آهي؟ اليڪشنون به لڙيو، سياست ۾ مخالفتون ۽ موافقتون به ڪيائين، ڊچئون به ڪونه، پنهنجيءَ تي چڙهيو ته ايوب خان جهڙي ڊڪٽيٽر جي مخالفت ۾ به ووٽ ڏياري وڃي پاهر چڙهيو. انهن سياسي لاهن چاڙهن سان لنگهندي به عام ماڻهن جي اکين ۾ سندس لاءِ ايتري اڄ ۽ دشمن بنهه ڪونه؟

زميندار آهي، زميندار بنا ڏڙڪي ڪڙڪي ڪانه ٿي هلي. پر سائين جڙيل شاهه ۾ ڏڙڪو ڪڙڪو؟ ناشدني. سڄو ڪم حيا ۽ شرم جي آڌار تي پيو هلي، گويا ته سڀي ۾ به انساني اکين ۾ اڃا تائين شرم ۽ حيا باقي رهجي ويل آهي، جيڪو جڙيل شاهه جي ڪم پيو اچي. تعجب جهڙي ڳالهه آهي، شايد دادوءَ ۾ لڄ جي لڄ اڃان به لڀي سگهي ٿي.

سائين مصري شاهه مرحوم جو (جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي) جانشين آهي. مڙسن جي ٻوڪيل پيو لٿي. دادو شهر جو بنياد وجهندڙ ٿي اها خاندان هئي، يعني دادوءَ کي دادو دادوشاهه بڻايو، جيئن درياءَ جي پرينءَ پر نواب شاهه کي نواب شاهه، نواب شاهه بڻايو.

جڙيل شاهه سائينءَ جي مروت ۽ چڱ مڙسي منهنجي لاءِ ڪڏهن مهانگي به پي پئي آهي. وڏن لاڏن ڪوڏن سان کيس دادو ميونسپالٽيءَ جو چيرمن بڻايوسين. مون کيس صرف ايترو عرض ڪيو ته منهنجي گهر ٻاهران جيڪا گند جي موري آهي، سا بند ٿيڻ گهرجي. اها موري بدبوءِ جو ڀنڊار هئي، منجهانس نڪرندڙ بدبوءِ ڏکڻ جي هير سان ملي اسان کي رات جو اڌ سڄو ڪري ڇڏيندي هئي. مهينا گذري ويا پر موري ڪانه ڪنئين. آءٌ الله تعاليٰ کي سوال ڪندو رهيس ته ڪنهن ڏينهن مون ڏانهن ايندي جڙيل شاهه سائين پاڻ وڃي انهيءَ موريءَ ۾ ڪِري ته ڪجهه اسان جي تڪليف جو به احساس ٿئيس. ان منصوبه تحت مون گهٽيءَ مان بجليءَ جو بلب به ڪڍرائي ڇڏيو ته پيل اونداهي هجي جيئن سائينءَ ڏي موريءَ ۾ ڪِرڻ لاءِ سهولت رهي، پر منهنجي اها آس پوري ڪانه ٿي ۽ سائين هڪ دفعو به موريءَ ۾ ڪونه ڪِريو. مجبور ٿي مون موريءَ تي باقاعده سائين جڙيل شاهه جو نالو رکي ڇڏيو، ان هوندي به پاڻ ٻڌندو ۽ کلندو رهيو. موريءَ ڪڍائڻ ۾ ڪين هيءَ رڪاوٽ هئي ته اها موري اتان جو

ڪجي ته وري پاڙي جي ڪهڙي غريب جي گهر سامهون رکي آن لاءِ آزار جو اهتمام ڪجي؟ مطلب ته جيترا ڏينهن سائينءَ جي چيئرمني هلي، موري ڪانه وئي. ڪانئس پوءِ پهرين ڏينهن ڪجي وئي، صرف سرويرصاحب کي چوڻو پيو.

شاه صاحب جي طرز زندگي سون لاءِ هڪ اهڙي ڳجهارت آهي، جيڪا مان اڄ تائين ڇجي نه سگهيو آهيان. ڏاڍو تنهائي پسند، مهينن جا مهينا پنهنجي اوطاق ۾ پيو هوندو. نه ڪيڏانهن ويندو، نه ڪنهن جو سلام ڪندو. ڪم سوال، ڪفايت شعار، خوددار، ڏيندو نه ته ڏکوئيندو به ڪونه. اوطاق جي "حبس دوام" ۾ پيو ريڊئي سان اوران اوريندو ۽ ڳجهه ڳرهيندو. الله تعاليٰ گهٽين ذميدارين کان آجو ڪري ڇڏيو اٿس! سر جو غم سر سان!

پير الاهي بخش مرحوم

پيان پرسان پير ڳوٺ جي پيدائش. ننڍڙائي ۾ ئي سياست جي لونچهه لڳي ويس. تعليم ڇڏي خلافت تحريڪ ۾ ڪاهي پيو هو. انهن ڏينهن ۾ جو جوڙي جا ڪپڙا پهرڻ شروع ڪيائين ته شايد مرندي گهڙيءَ تائين جوڙيءَ جي پچر نه ڇڏيائين. دنيا بدلجي وئي، خلافت ختم ٿي وئي، ڪانگريس وچي ڪڙاهي ۾ پئي، جن چرخا هلائي جوڙي ٿي آئي سي پاڻ پٽ-پٽيهر پهرڻ لڳا، پر جوڙيءَ جي جند پير صاحب مان ڪانه ڇٽي-ساڳي طرح ترڪي ٽوپي.

خلافت جي خاتمي ۽ جيل جي مختصر مهماني ڪاٽڻ بعد، لاڙڪاڻه لوڪلبورڊ جي اسڪالرشپ تي وڃي عليگڙهه مان ايم. اي، ايل. ايل. بي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. اوڏانهن موٽڻ تي لاڙڪاڻه ۾ وڪالت شروع ڪيائين، پر هندو وڪيلن جو ڏاڍو زور هوندو هو. سڀئي اصيل انهن ڏانهن ويندا هئا. عام چوڻي هئي ته انهي تي ڇٽيءَ وارا اصيل، چار آنا في ۽

چار آنا ڏانگي جو ڀاڙو، ٻوچڻ جي ڪنڌ ۾ ٻڌيون وجي پير صاحب وٽ پهچندا هئا. فيءَ جي گهٽتائيءَ ڪي مڙڻي الله جو نالو وجهي پيا پورو ڪندا. گهڻو ڪري ته، منجهند جي ماني ۽ منجهانئس ڪيڏندا ۽ پٻي هيءَ پيا ٻڌندا ته، ”پير وڪيل پنهنجي جهان جو ٻوڙ پلاءَ“ ٻوڙ پلاءَ انهن ڏينهن ۾ پير صاحب خود ڪي ۽ دعوتن جي دوران ۾ ئي ميسر ٿيندو هوندو، پر اهڙن ڪتل اصيلن ڪي انهن ڏينهن ۾ ملندڙ ڏکي وارو نان ٻه، مفت مرحمت ٿيڻ تي، ٻوڙ پلاءَ جو مزو ڏيندو هوندو- مطلب ته جيڪا فيءَ ڏيندا هئا، سا مانيءَ ۾ ڪيڏيون ويندا هئا. اهوئي سبب هو جو لاڙڪاڻي جو ديوان گوبند رام هاسومل وڪيل منهن ڏسي ماڻهن جو وڪيل ٿيندو هو. سندس خيال هو ته پير صاحب پنهنجي اشرافت سان وڪالت جو مارڪيٽ خراب ڪري ڇڏيو آهي. سندس اصيل ٻوچڻ ۾ ته اٺ آنا ٻڌي اچن ٿا، پر سندن وَرَ ۽ ابدائي ۾ سَون جا نوٽ لڪل رهن ٿا. تنهنڪري گوبند رام اهڙن فريبي اصيلن کي منهن مان تاڙي اوچتو سندن پٽڪو لاهي ڏسندو هو، جنهن جي وڪڙن مان اڪثر لڪايل نوٽ ٻاهر نڪري ايندا هئا. ڪجهه ڏينهن بعد سندس واقف اصيل پنهنجي پٽڪي کي پيسن رکڻ لاءِ غيرمحفوظ جاءِ سمجهي نوٽ ابدائي ۾ لڪائي يا اگهڙيءَ ۾ ٻڌي وَرَ ۾ وجهي، اچڻ لڳا. ان جو علاج وري گوبند رام پنهنجي منشي ڪنوڻل کان ڪرائيندو هو، جيڪو کين پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃي سندن هيٺ-مٿي جي پوري پوري تلاشي وٺندو هو. ان قسم جا اصيل گهڻاڻا هوندا هئا، ان زماني ۾ ڏاڙهيون وڏيون رکندا هئا. ڪنوڻل تلاشيءَ جي دوران ڏاڙهين تي به ڪرڙي نظر رکندو هو ته متان ڪو نامراد ڏاڙهيءَ جي ڪنهن وروڪڙ ۾ ڪو نئيو نوٽ نه لڪائي آيو هجي.

سنڌ ۱۹۳٦ع ۾ جدا ٿي. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون پهريون عام چونڊون ٿيون. پير صاحب مرحوم دادوءَ مان اميدوار بيٺو. نوڙت، غريبت ۽ سياڻ جي سادگي ڪم آيس. هڪ دولتمند ۽ نالي واري وڪيل کي ڪيرائي ڪامياب ٿي آيو. انگريز موجود هو. ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ووٽ ڏيندا هئا. سرڪاري هٿتا بوڏي جو خطرو ڪو نه هوندو هون.

۱۹۳۸ ۾ سر غلام حسين مرحوم جي وزارت ڪري ۽ الله بخش مرحوم جي وزارت قائم ٿي (۱). پير الاهي بخش مرحوم ان ۾ روينيو وزير بڻيو. پر وزير بڻجڻ کان اڳ جيڪي ٻه-چار ڏينهن هڪ وزارت جي ڊهڻ ۽ ٻيءَ وزارت کي ٺاهڻ ۾ لڳا. انهن ڏينهن ۾ ڪجهه وقت ته پير صاحب کي راتي باغ ۾ وڃي لڪائڻو پيو، چوڻ، هڪ بزرگ سر غلام حسين مرحوم پاران کيس اسان جي ڪيمپ مان ڀڄائي وڃڻ لاءِ مقرر ٿيل هو، جيڪو سنڌ س ڳولها ۾ سرگردان ڦرندو ڏي وتيو. لڪ واريءَ جاءِ تي ساڻس گڏ رهڻ جو فرض منهنجي سپرد هو، جيڪو مون وڏيءَ حڪمت عمليءَ سان بجا آندو. اسان لاءِ ماني حاجي مولا بخش سومري جي گهران ايندي ٿي رهي، پر اهو ڪم لڪ چپ جو هو، جيئن ڪنهن کي لڪايل پير صاحب جو پترو نه پوي. ”چانچوسي“ چوڏس چوڌار جهٽ ڏيندا پي وتيا.

وزير بڻجڻ شرط پير صاحب سنڌ جي تفصيلي دوري تي نڪتو. دوري جي دوران آءٌ به سندس خدمت ۾ رهيس. ميٽنگن، تقريرن، درخواستن ۽ دعوتن جي ڌم هئي. تقريرن ۾ پير صاحب ڪامورا شاهيءَ کي خوب لتاڙيندو ۽ جوش ۾ اچي پنهنجو لڪڻ هوا ۾ لوڏيندو ۽ چوندو رهيو ته: ”هن سان هائي ڪامورن جو سر ڀڄبو.“ پير صاحب جي دل ۾

---

(۱) ان واقعي جي تفصيل لاءِ هن ڪتاب جي ٻهرين جلد (ٻي ايڊيشن) جو صفحه ۲۹۸ کان ۳۰۳ تائين ڏسڻ گهرجي.

عوام پاران ڏاڍو جوش ۽ جذبو هو ۽ پاڻ پير به پڪو ۽ بنيادي هو ورنه ته ناممڪن هو ته صبح کان شام تائين روز روز جاري رهندڙ ڳوٺ ڳوٺ جي دعوتن کي منهن ڏئي مهيني بعد به جيئرو اچي ڪراچي پهچي ها. ڪو مصنوعي پير هجي ها ته پهرينءَ ستين ئي جو ڳيرجي پوي ها ۽ ڪيس ڪٽ تي ڪٽي اچڻو پوي ها. هڪ ڏينهن سون ڳڻيو ته صبح کان رات تائين ۲۱ جاين تي دعوتون ونيون پيون. ڪڪڙ، چيلا، ايلا، حلوا، مٺايون، ميوا سڀ درياءَ داخل ٿيندا ٿي رهيا. مان واري ڪوڙي پيري ته پهرين ڏينهن ئي ڏئي وٺي بيهي رهي هئي، ان کان پوءِ دعوت جو سڏ ٿيندو هو ته پيٽ جي سور جو بهانو ڪري گهڙي سوا ٻاهر موٽر ۾ ليٽي پوندو هوس. منهنجي ڊيوٽي هيءَ هئي ته جيڪي درخواستون پيش ٿين سي واپس ڪراچي پهچڻ تائين پنهنجي قبضي ۾ رکندو وڃان. اهي درخواستون گهڻو ڪري ڪامورن جي خلاف هيون، جن جي باري ۾ سون کي معلوم ٿيو ته ڪن ڪامورن سازش ڪئي آهي ته وجهه وٺي سورهيو رستي مان انهن کي چورارائي وٺجي، تنهنڪري پهريان پنهنجي وهاڻن ۾ وجهي مٿن مٿو رکي سمهندو هوس. وهاڻن کان وڌي پيون ته ڳوٺين ۾ وجهي ڏينهن جو پنهنجين اکين اڳيان موٽر ۾ ۽ رات جو ڳوٺيون کٽ هيٺان رکي سمهندو هوس. ڪراچيءَ پهتاسين ته محسوس ٿيو ته پير صاحب جي نوڪرشاهي خلاف ڪيل تقريرن جو ٻڌي گورنر صاحب ڏاڍهس ناراض ٿي پيو آهي. گورنر سر لانٽ سيلانٽ گراهم انگريزن جي انتظامي روايتن مطابق نوڪرشاهيءَ جو رکپال هو، تنهن سمجهيو ته نوڪرشاهيءَ جي خلاف ان تحريڪ جو بنياد وجهندڙ جناب جي. ايم. سيد ۽ ان جي پاران آءٌ آهيان، تنهنڪري هن اهڙو چڪر هلايو جو جي. ايم. سيد الله بخش مرحوم کان ۽ آءٌ پير الاهي بخش صاحب کان جدا ٿي وياسين. ڪجهه قدرت جو به ان ۾ هٿ هو چو ته جيڪڏهن اهو

ڦيرو نہ اچي ها تہ هوند بعد جي تاريخ ٻيءَ طرح جڙي ها. ان کان پوءِ پير صاحب جو ناتو الله بخش مرحوم جي ذريعي ڪانگريس سان ٿيو ۽ سيد ۽ مان وچي ليگ ۾ شامل ٿياسين. تفصيل تاريخ سنڌ جي ان ڦيري جو هن کان پوءِ ٻيءَ جاءِ تي ايندو.

مگر هڪ ڳالهہ، ان جدائيءَ کان پوءِ بہ، سچن جهڙي آهي، يعني پير صاحب جا اسان سان سياسي اختلاف پيدا ٿيڻ کان پوءِ بہ ذاتي ۽ خانگي تعلقات ڪونہ ٽٽا. سندس شرافت، نانستگي ۽ حضورشرمي سندس سياست تي بہ حاوي رهي. هونءَ بہ انهن ڏينهن جي ماڻهن جو عام دستور اهو هو. ڪنهن جا ڪنهن سان ڪيڏا بہ شديد سياسي اختلاف چو نہ هجن پر باهمي ذاتي تعلقات کي انهن کان متاثر ٿيڻ نہ ڏيندا هئا. هڪٻئي جي عزت ۾ هٿ ڪونہ وجهندا هئا، دشمني ڪانہ ڪندا هئا. اهڙيءَ ذليلائي جو مظاهرو ڪونہ ڪندا جو اڪيون بہ لڳي چار ٿين تہ ساٿهوءَ کي شرم وچان پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوي. شايد شرم ۽ حياء جي وٺ انهن ڏينهن ۾ معدوم ٿي ويل ڪانہ هئي. سياسي جنگيون بہ زبردست لڳيون، پر سياسي جنگين کي سياست جي حدن اندر رکيو ويندو هو. اهو دؤر ١٩٤٦-١٩٤٧ع تائين قائم رهيو، ان کان پوءِ سياست جا ڦرڪا ئي ڦري لڳا.

پير صاحب مرحوم ١٩٣٨ع کان ١٩٤٨ع جي ڊسمبر تائين سنڌ جي هر وزارت ۾ وزير ٿي رهيو. وزارتون هر سال ٻہ ٻيون ڦرنديون هيون، پر پير صاحب جي پنهنجي وزارت لازوال هوندي هئي. سندس طريقو سڌو هو. وزارتي چٽاڀيٽيءَ ۾ جيڪا بہ پارٽي ڪامياب ٿيندي هئي، پير صاحب بي ڌڙڪ ان ۾ شريڪ ٿي ويندو هو. جيستائين سنڌ جون وزارتون ڪانگريس جي زير اثر، مسلم ليگ جي مخالف رهيون پير صاحب مسلم ليگ کي پرڻ ۽ نندڻ ۾ پيش پيش رهيو؛ وري جڏهن

'وايو منڊل' ڦريو ته پاڻ مسلم ليگ وزيرن جي به پهرينءَ صف ۾ ڪانپ ڪڍي ويهي رهيو. پر اهو گناهه صرف پيرصاحب نه ڪيو، سنڌ جا سياسي وڏ وڏيرا ڪندا رهيا، سواءِ ٻن-ٽن ڳاٽون ماڻهن جي، جن کي سنڌ جا سياڻا سياستدان ديوانو سمجهڻ لڳا (مثلاً جي. ايم سيد).

ٻين صوبن ۾ وزارت خاطر پارٽي بدلائڻ کي سخت معيوب سمجهيو ويندو هو. شايد ١٩٤٠ع جو زمانو هو، انهن ڏينهن ۾ پيرصاحب تازو پارٽي بدلائي وزارت حاصل ڪئي هئي. ڪنهن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ شمله ويل هو، موٽندي لاهور ۾ لهي پنجاب جي وزيراعليٰ سرسڪندر حيات خان مرحوم سان به ملاقات ڪيائين، ساڳيءَ شام جو آءٌ به سڪندر حيات سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويس. مون کي پريان ايندو ڏسي زور سان کلڻ لڳو. ان طرح کلڻ سندس معمولات مان نه هو. آءٌ حيران ٿيس ته سرصاحب اڄ ڇو اهڙي غير معمولي "موڊ" ۾ آهي. ويهندي شرط مون کان ٽوڪ جي نموني ۾ پڇيائين:

"راشدي صاحب، اوهان جي سنڌ ۾ پيرصاحب جهڙيون ٻيون به ڪي سياسي جنسون آهن يا اِن جنس جي فقط هيءَ ئي هڪ نشاني آهي؟"

هڪو ٻڪو ٿي مون پڇيس "سو وري ڪيئن؟"

پاڻ چيائين: "هن نيڪ مرد اڄان ڪالهه پارٽي بدلائي آهي ۽ اڄ وزير بڻجي مون وٽ آيو آهي، ۽ کلندو آيو آهي؟"

غصي کي روڪي مون عرض ڪيس: "جناب والا! پل اهي ڇٽرون اسان غريبن تي ڪندا رهو. خدا ڪري اوهان کي عمر خضري عطا ٿئي، پر اوهان کان پوءِ اوهان جي علائقي تي به دنيا ٽوڪون ڪندي رهندي. في الحال ته -ع- "هر ايڪ مڪان ڪو هي مڪين سي شرف اسد" وغيره.

کهڙو صاحب به ان مجلس ۾ موجود هو، جنهن فرمايو ته: ”اسان جو علائقو مردم خيز آهي، هت بااصول ماڻهن جي گهڻتائي ڪڏهن محسوس ڪانه ٿيندي.“

سر سڪندر حيات خان مرحوم ته ان ڪان پوءِ سنت ٿي گذاري ويو ۽ جنهن صاحب کي ”مردم خيزي“ جو ايترو قدر هئن هو، سو باڻ افسوس آهي ته ١٩٤٧ع وارن فسادن جي دوران ۾ وچ بازار ۾ شهيد ٿي ويو. پر صورتحال هيءَ رهي ته جيڪي صاحب سڪندر حيات خان جي زماني ۾ بلڪ ان ڪان پوءِ به سالن تائين يونينسٽ پارٽي جا ڪٽا ميمبر رهيا، سي وقت ڦرندي سڀ مسلم ليگ ۾ ڪاهي پيا ۽ نئين نظام هيٺ وڏا وڏا عهدا وٺي ويهي رهيا ۽ اسان جي يگاني نمائندي پير الاهي بخش مرحوم جا ان طرح سڀ گناهه ڌوبي ويا.

١٩٤٥ع ۾ جناب جي. ايم. سيد کي مسلم ليگ مان ڪڍيو ويو. ان واقعي جو تفصيل پنهنجي ڪنهن موقعي تي ايندو، في الحال صرف اهي ڳالهيون لکندس، جن جو تعلق پيرصاحب مرحوم سان آهي.

١٩٤٧ع جي آگسٽ ۾ بحمدالله پاڪستان وجود ۾ آيو. آڪٽوبر ١٩٤٢ع ڪان وٺي آگسٽ ١٩٤٧ع تائين سر غلام حسين مرحوم سنڌ جو وزير اعليٰ ٿي رهيو ۽ پير صاحب سندس وزارت ۾ وزير تعليم هو. پاڪستان ٿيندي سر غلام حسين سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو ۽ خانبهادر کهڙو سنڌ جو وڏو وزير. پير الاهي بخش مرحوم کهڙي جي وزارت ۾ به شامل رهيو.

فيبروري ١٩٤٨ع ۾ کهڙي صاحب ۽ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جي وچ ۾ ڪراچي شهر کي سينٽر جي حوالي ڪرڻ واري سوال تي اختلاف پيدا ٿي پيا، جنهنڪري کهڙي کي ڊسمس ڪري مٿس ”بدعنوانين“ جي مقدمي هلائڻ جي تياري ڪئي وئي ۽ پير الاهي بخش کي کهڙي صاحب جي جاءِ تي سنڌ جو وڏو وزير ٺاهيو ويو.

سال اڳ ۾، يعني ١٩٤٦ع ۾ سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ جون عام چونڊون ٿيون هيون. جي. ايم. سيد ۽ سندس چند ساٿي هڪ طرف ۽ مسلم ليگ ٻئي طرف. سيد جو مقابلو قاضي محمد اڪبر صاحب ڪيو، جنهن جو ناٺي پير صاحب جو فرزند هو. پير صاحب هوندءَ به مسلم ليگ جو وزير هو، تنهنڪري ڪيس لازماً قاضي محمد اڪبر جي مدد ڪرڻي پئي. قاضي صاحب ڪامياب ٿيو ۽ جي. ايم. سيد هارايو. پر سيد صاحب، قاضي صاحب جي خلاف انتخابي عذرداري دائر ڪري ڇڏي. اها عذرداري اڃا هلي ٿي ڪانه هئي ته پاڪستان وجود ۾ اچي ويو ۽ ڏهن مهينن ڪان پوءِ پير صاحب پاڻ سنڌ جو وزير اعليٰ ۽ قاضي محمد اڪبر صاحب سندس چيف پارليامينٽري سيڪريٽري مقرر ٿيو. سائين ڏئي، بندو سهي.

چنانچه، وزير اعليٰ جي ڪرسي وٺندي پير صاحب مرحوم ڪجهه تڪڙا حڪم جاري ڪري وڌا، پنهنجي مرضيءَ سان يا مٿان جي ڪنهن مجبوري سببان، تنهن جو علم الله تعاليٰ کي يا پير صاحب خود کي. بهرحال حڪم هيءَ هوا:

(١) سنڌ آبزرور اخبار، جنهن جو آءٌ ايڊيٽر هوس، سا ڇهن مهينن لاءِ بند.

(٢) جي. ايم. سيد پنهنجي ڳوٺ سن ۾ نظربند.

هاڻي سيد جي عذرداري ٽربيونل اڳيان هلي ته ڪيئن؟ سنڌ جو ڪوبه وڪيل ڏريل حالتن عيث سيد جهڙي نئين حڪومت جي معتوب ماڻهوءَ پاران وڪالت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو. جنهن هندو وڪيل (سري ڪشنداس لولا) هيلتائين سندس وڪالت پئي ڪئي، سو به ڪاغذ ڦٽا ڪري بمبئي پڄي ويو هو.

سيد تي نظربنديءَ جي حڪم تعميل ٿيندي پوليس ڪيس وٺي سن رواني ٿي وئي. ويندي وقت سيد صاحب، پنهنجي نوڪر کي عذرداريءَ جا ڪاغذ ڏيندي، چوندي ويو ته،

"هي وچي راشديءَ کي ڏئي، وٺيس ته انهن جي پوئواري ڪري يا نه ڪري."

ڪاغذ مون کي مليا. آءٌ ته اڳ ۾ ئي سنڌ آبڪاري بند ٿيڻ تي سڙيو ويٺو هوس. آخر بشريت جي تقاضا هئي ۽ ڏينهن به پيا هئا. آءٌ ڪاغذ کڻي وڃي ٽربيونل اڳيان سيد پاران پيش ٿيس. وڪيل ڪو نه هوس، پر جنهن طريقي سان مون منزل گاهه وارا مقدما هلائي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، تنهن جي طفيل سنهنجي ڌاڪ ويٺل هئي. تفصيل ۾ وڃڻ جو هيءُ موقعو نه آهي. مختصر طور، اهو ڪيس ٽربيونل جي ٽن ججن اڳيان سال کن هلندو رهيو. (ٻه جج مسلمان، ٽن جو چيئرمن هڪ پارسي سيشن جج) آخر ۾ قاضي محمد اڪبر صاحب پاران وزير اعليٰ پير صاحب جي پنهنجي شاهدي ٿيڻي هئي. حاضري حيدرآباد جي ڪليڪٽر جي ڪچهريءَ ۾ ٿي. قاضي صاحب پاران وڪيل، سنڌس دوست، باڊي گارڊ ۽ اڳاڙهن پٽڪن ۽ پٽن وارا پٽيوالا برف جي پاٽيءَ جا ٽرماس مٿي تي کڻي وڏيءَ سڄ ڌڄ سان اچي ڪورٽ ٻاهران ڪڙڪيا. آءٌ اڪيلو، ڪاغذ هٿ ۾، حڪومت جي اک ۾، پيرين پنڌ، اچيو ۽ ٻڪيو، گرميءَ ۾ چپ ڪئيو، سهڪندو ڦٽڪندو اچي موجود ٿيس. ٻاهران سنهنجي ويچارائي ان ڏينهن ڏسڻ وٽان هئي، البته اندر ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو ٿي سو مون کي معلوم هو.

ڪورٽ جو ڪم شروع ٿيو. هڪ ٻه معمولي شاهد پيش ٿيا، جن جي شاهدي پوري ٿي. ان کان پوءِ ججن چيو:

"مسٽر راشدي! هينئر سنڌ جو وزير اعليٰ جناب پير الاهي بخش شاهدي ڏيڻ لاءِ اچي رهيو آهي. اوهان کي ڪو اعتراض آهي، جيڪڏهن ڪيس ڪورٽ سندس ڪرسي پاڻ سان گڏ مٿي تلهي تي رکرائي؟"

مون تمام ويچارو ٻڌجي عرض ڪيو: ”مون غريب کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. پير صاحب هر طرح احترام ۽ عزت جو لائق آهي، ڀل اچي ڪورٽ سان گڏ ويهي.“

قاضي صاحب جو وڪيل ديوان پريداس هڪ تمام محنتي هندو هو. مون کي چوڻ لڳو:

”اڙي راشدي! اڄ خبر پوندي تنهنجي، سنڌ جو چيف منسٽر صاحب پيو اسان پاران اچي.“

مون چيس: ”ديوان وڏا، مون کي يقين آهي ته تنهنجي زبردست وڪالت ۽ قانون داني ڪري آءٌ هونءَ به هي ڪيس ضرور هارائيندس. ڀل چيف منسٽر صاحب اچي. مون کي ته ايڏي وڏي هستيءَ کان ڪا آڏي پڇا به ڪرڻي ڪانهِ آهي. آءٌ هاڻي ئي پنهنجا ڪاغذ ڳول ڪري هليو وڃان ٿو، جيڪي توکي وڻي سو ڀل پير صاحب جي واتان چواراءِ.“

ائين چوندي هوڏانهن پير صاحب ڪورٽ ۾ قدم رکيو ۽ هيڏانهن مون پنهنجا ڪاغذ سميٽي بغل ۾ ڪري آهستو آهستو ٻاهر نڪري ويس. ٻاهران ورانڊي ۾ ويهي ڪورٽ ۾ هلندڙ قيل مقال يعني پير صاحب جو بيان ٻڌندو رهيس. پير صاحب جو بيان ختم ٿيڻ تي آيو ته آءٌ موٽي ڪورٽ ۾ آيس. پريداس پڇيو: ”وري ڇو آيو آهين؟ تنهنجا ڪم ته اڳ ۾ ئي لهي ويا آهن.“ مون ٻڌايس ته ”ڪو ڪاغذ هت رهجي ويو هو، جنهن کي ڳولهڻ لاءِ موٽي آيو آهيان.“

ان وچ ۾ ڪورٽ مون ڏانهن نهاري چيو:

”مسٽر راشدي...... آڏي پڇا؟“

مون عرض ڪيو: ”ڪهڙي آڏي پڇا ٿيندي سنڌ جي وزير اعليٰ کان؟ پر شايد منهنجي اصيل کي منهنجي نيت بابت ڪا غلط فهمي پيدا ٿئي، تنهنڪري پير صاحب کان صرف هڪڙو معمولي سوال ڪري قصو ختم ڪريان ٿو.“

ڪورٽ: ”اهو ڪهڙو سوال آهي؟ ڀل پڇو.“

پيرصاحب ٻه ٽئن هڪل ڪري چيو: ”گهٻرائين ڇو ٿو؟ جيڪي پڇڻو هجئي سو پڇي وٺ.“

مون پيرصاحب کان تمام نوڙت ۽ نيازمنديءَ سان پڇيو: ”قاضي صاحب جي تڪ ۾ اوهان جيڪو ووٽ وڃي ڏنو، سو پنهنجي تڪ ۾ ووٽ ڏيڻ کان پهريان يا بعد؟“

پيرصاحب جو جواب: ”پهريان پنهنجي تڪ ۾ ووٽ ڏئي آيس، ان کان پوءِ وڃي قاضي صاحب جي تڪ ۾ ووٽ ڏنم.“

سندس جواب کان پوءِ آءٌ هڪدم ويهي رهيس. ڪورٽ پڇيو: ”ٻيو ڪو سوال؟“

آءٌ: ”هڪئي سوال ۾ مون پيرصاحب ۽ قاضي صاحب کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي ڪو به کين بچائي ڪونه سگهندو.“

وقت منهنجي سوال ۽ پيرصاحب جي جواب جي اهميت ۽ سنگيني ڪنهن جي سمجهه ۾ ڪانه ويٺي. گهر وڃي قاعدي جا ڪتاب کوليائين ته معلوم ٿين ته هڪئي اليڪشن جي دوران ٻن تڪن ۾ ووٽ ڏيڻ سخت ۾ سخت قانوني جرم آهي، جنهن جي وگهي نه صرف خودبخود اليڪشن منسوخ ٿي وڃڻي آهي، پر ملزمن تي فوجداري ڪيس هلائي کين جيل جي سزا به ڏئي سگهجي ٿي.

آخر ۾ ٿيو به ائين. ڪورٽ فتويٰ ڏني ته قاضي صاحب جي ميمبري ۽ پيرصاحب جي ميمبري ۽ تنهنڪري سندس چيف منسٽري ڇهن سالن لاءِ ختم. ساڳئي وقت جي. ايم. سيد ”ٽئن [illegible]داري مقدمو به هلائي سگهي ٿو. ڪيس جو [illegible]چ قاضي صاحب تي.“

سچ ته اهو آهي ته پيرصاحب جو اهو حال ڏسي مون کي پاڻ کي ڏاڍو ڏک رسيو، ڇو ته پيرصاحب لاءِ مون کي دلي عزت ۽ محبت هئي. پر آءٌ مجبور به هوس. هڪ ته بطور وڪيل

سون کي پنهنجو فرض ادا ڪرڻو هو ۽ پيو ته پير صاحب پاڻ دادي ۾ ايستادي خواهه مخواهه وچ ۾ ڪڏي اچي شاهد بڻيو هو. ساڳئي وقت ان ۾ به منهنجو قصور ڪونه هو جڪڏهن سنڌ ۾ وڪيل غور سان قاعدي پڙهڻ کان سواءِ ئي اچي سنڌ ۾ پاران وڪالت ڪرڻ لڳا هئا. آءُ ته اڪيلو، ويچارو ۽ زور جو وڪيل هوس، تنهنڪري خيال سان قاعدو پڙهي اچڻو تي پيم.

افسوس آهي ته ان لوڏي کان پوءِ وري پير صاحب ڪڏهن وزير بڻجي نه سگهيو. ڇهن سالن جي نااهليت واري مدي گذرڻ کان پوءِ به مسلم ليگ هن شريف انسان جي ڪا دستگيري ڪانه ڪئي. گهٽائي نيم خوانده، ناتجربيڪار، لولا لنگڙا ماڻهو به ليتي پيتي ان عرصي ۾ صوبن ۾ وزير بڻيا رهيا، پر پيرصاحب جو ڪنهن قدر ڪونه ڪيو؛ حالانڪ پير صاحب پنهنجي وزارت جي زماني ۾ ٻن ڳالهين ۾ رڪارڊ قائم ڪيو هو:

(١) انفرادي ليول تي هر شخص سان نيڪي ۽ احسان.

(٢) اجتماعي ليول تي قوم ۽ صوبي جي خدمت.

سون پنهنجي طرفان البته موقعي سارو ڪجهه تلافي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ١٩٥٥ع ۾ نئين مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. چونڊن جو طريقو اهڙو رکيو ويو هو جو فيصلو هڪ ووٽ تي ٿيڻو هو؛ اهو ووٽ منهنجي هڪ دوست جو هو، جيڪو سون پيرصاحب کي ڏياري کيس اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊرايو. پر لاهور ۾ وڃڻ کان پوءِ پاڻ اُتي وڏي ڪنهن وزارت ۾ هٿ وجهي ڪونه سگهيو، ڪيئي ڳرا گنجا وزارتون وٺي الوليون ساٽيندا رهيا.

وزارت جي ڏهن سالن ۾ پيرصاحب پنهنجي صوبي سان گهٽائي ڀال ڀلايا. زوري تعليم ۽ تعليم بالغان وغيره جون تحريڪون هلايائين، سوين نوان اسڪول کولرايائين، بلڊنگون ٺهرايائين. کيس شوق هوندو هو ته بلڊنگن، باغن وغيره تي

پنهنجي نالي جا پٽر هٽائي پنهنجا اهڙا يادگار ڇڏي ويجي جيڪي قيامت تائين قائم رهن ـ تنهنڪري جيڪا به نئين جاءِ پئي ٺهي، تنهن تي پير صاحب مرحوم جي نالي جو پٽر تي لڳو. اهو خيال ڪونه رهيس ته پولڙن سان ڪم پيل هوس، جيئن پاڻ وزارت تان لهندو ويو تيئن سندس نالي جا پٽر ڪيڏي ڇڏيائون. سکر جي هڪ خوشامدي پارسي ڪليڪٽر ڪوڙا والا وڏيرن سان چندو ڪٺو ڪري، سکر ۾ ريلوي اسٽيشن کان ٿوري فاصلي تي، هڪ اونچي ٽڪريءَ تي، "پير الاهي بخش انرسي ٽاور" (١) ٺهرايو. اهو ٽاور نيا ڳو ثابت ٿيو، اڃان ٺهي مس راس ٿيو هو ۽ چوڌاري جون ڪڏون به پوريءَ طرح ڪونه لڳي سگهيون ته پير صاحب جي وزارت ختم ٿي ويئي.

جنهن زماني ۾ پير صاحب وزارت ڪئي، ان زماني ۾ اڃان صوبائي سياست ۾ پارٽيءَ جو تصور ڪونه نيڪريو هو. ماٺهو پارٽيءَ کي باربرداريءَ جو گڏه سمجهي، جيستائين گڏه چڱي طرح هلندو هو اوستائين مٿس چڙهيا ويٺا هوندا هئا، پر جيڪڏهن ڪنهن منزل تي گڏه گوهي ڪئي ته مٿانس لهي وري ٻئي گڏه جي پٺيءَ تي چڙهي ويهندا هئا، ۽ ان طرح سان سندن سياست جو قافلو هلندو رهندو هو، تنهنڪري پير صاحب تي پارٽيون بدلائي وزارت هٿ ڪرڻ جي باري ۾ ناراض ٿيڻ ناروا آهي.

مرحوم آخر عمر تائين جيڪا هوا ٿي لڳي تنهن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر حالتون اڳيون ڪونه رهيون هيون، تنهنڪري ملڪي سياست ۾ دوباره مرحوم جو لولو اکهي ڪونه سگهيو.

آسي ورهين جي عمر ۾ تازو انتقال ڪيائين. اهو عيد جو ڏينهن هو. ٻڌوسين ته مرڻ عيد جي مانين سان متو.

---

(١) ڏسو صفحو ٢٠٧، هن ڪتاب جي ٻئي جلد جي ٻيءَ ايڊيشن جو.

الله تعاليٰ جون مٿس لک لک رحمتون هجن. وس پڄندي دوست دشمن سان نيڪيءَ جا پير پريائين. ڏکويائين ڪنهن کي ڪونه. افسوس اهو آهي ته مرحوم پنهنجي وزارت جي ذريعي جن کي ٺاهيو هو، ڇاڙيءَ ۾ اهي ئي ساڻس ڪونه ٿي بيٺا. دنيا دورنگي آهي- جنهن جو ڏاڙهيءَ ۾ هٿ، تنهن جي ڦيلهي ۾ پٽ! پيو در ڪان ٻاهر.

ميان علي بخش چنو مرحوم

ميان علي بخش چنو ٻاٽ جي ڀاسي جي پيدائش هو. ٻاٽ، بوبڪ، سيوهڻ ۽ بختيارپور ۾ مسلمانن جي تعليم جا پراڻا مرڪز هئا. انگريز آئي ڪان پوءِ به آتاهون جي ماڻهن جو تعليم لاءِ چاهه ڪونه گهٽيو. انگريز جي ايامڪاريءَ ۾ سيوهڻ گهٽو نڪري هندو ڪامورا ۽ اعليٰ تعليم يافته (وڪيل، پروفيسر، پرنسيپال) فراهم ڪيا. ڏيارام جيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ جو مشهور پرنسيپال ٻڌائي به سيوهڻ جو هو. سندس گهڻا شاگرد (جيڪي مسلمان هئا) ڪاليج مان ڊگريون حاصل ڪري وڏن وڏن منصبن تي پهتا. ٻڌائي صوفي منش انسان هو. سائين رکيل شاهه ناڙيءَ واري جي خاندان جو مريد هو. پنهنجي مرشد ۽ ان جي جماعت جي ماڻهن سان گهڻي عقيدت هوندي هئس. ٻاٽ، بختيارپور ۽ بوبڪ صرف مسلمان ڪامورا پيدا ڪيا. ڪلارڪ، مختيارڪار، ڊپٽي ڪليڪٽر، تعليم کاتي جا آفيسر وغيره وغيره. اهي سڀ بنيادي ۽ خانداني ماڻهو هوندا هئا، تنهنڪري اشرافت جو انگ هوندو هون. پيٽ ڀرڻ لاءِ هروڀرو لاهي پاهي ڪونه ويهندا هئا.

ميان علي بخش چنو، خبر نه آهي ڪٿان چڙهندي چڙهندي آخر وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. پر ڇا انسان هو؟ ڪامل انسان هو. نماز روزو ڪندي يا ٻانگون ڏيندي مون ڪين ڪونه ڏٺو. اهو معاملو سنڌس ۽ سندس ٺاهيندڙ جي وچ ۾

هو، پر جيڪي اسان ڏٺو سو اهو ته انسان ۾ جيڪي خوبيون ٿي گهرجن، سي سڀ منجهس موجود هيون. ڏاڍو ديرينو، ڏاڍو خداترس، ڏاڍو منصف مزاج، ڏاڍو همدرد، ڏاڍو خوددار، غرض هر لحاظ سان ڏاڍو نيڪ. في الحقيقت ان قسم جا آفيسر انگريز حڪومت جا زيور هوندا هئا. انهن جو ڪيريڪٽر هڪ قيمتي سُوڙي هئي، جنهن تي انگريزي راڄ جي زيب، زينت جو مدار هوندو هو. سون نه ٻڌو ته ميان مرحوم ڪڏهن ڪنهن سان تکو ڳالهايو يا زبان درازي يا دڙڪي داٻ سان پنهنجي آفيسريءَ جي ڌاڪ ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي. گفتگو جو انداز تمام نرم هوندو هوس، پر سندس چهري ۾ ڪو اهڙو اثر هو جو سندس منهن ڏسي، ٻچڙي ڪان ٻچڙي وڏيري يا اسيمبلي ميمبر کي به ڪيس ڪنهن ناجائز ڪم چوڻ جي جرئت ڪانه ٿيندي هئي. پنهنجي دل اندر هو گهٽائي په ٻچائي ميان علي بخش تائين پهچندو، پر ات پهچڻ ۽ ميان جي منهن ڏسڻ کان پوءِ هو خود پنهنجي مَرَم ۾ مَري بنا ڪجهه چئي واپس هليو ويندو. فوجداري ڪم ۾ ميان علي بخش جي بي رياڻي ان زماني جي وڏن وڏن هاءِ ڪورٽ جي ججن جي بي ريائي جهڙي هوندي هئي. ڪنهن کي مجال هئي جو ڪنهن ڪيس جي باري ۾ وڃي ڪو ساٿس خانگي طرح ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي. عام انتظامي ڪمن ۾، جيتريقدر جائز ڳالهه هوندي، هر اڙهئي موڙهي جي مدد ڪندو. پر اهڙيءَ طرح جو ڪنهن ٻي انسان جي به حق تلفي نه ٿئي. ڪم ڪرڻ کان پوءِ شڪريو ڪنهن جو قبول ڪونه ڪندو، بلڪ شڪريه جا اکر ٻڌي پاڻ لڄ پيو محسوس ڪندو ۽ هڪ حسين مُرڪ سان گفتگو جو رخ ڪنهن ٻيءَ ڳالهه طرف موڙي ڇڏيندو. ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي زماني ۾ گهٽو ڪري هيڊڪوارٽر ۾ ڪونه ويهندو. بسترو ۽ پراڻي بيگ ڪنيو پيو گشت ڪندو ۽ ماڻهن جا ڏک سور معلوم ڪندو. سرڪاري بنگلن ۾ رهندو،

ڪنهن جو مهمان ڪونہ ٿيندو. ڪنهن جي دعوت ڪانہ ڪائيندو. حد جي ٽپيدار ڪان سواءِ ٻيو عملو ساڻ ڪونہ کڻندو. خالي هٿين سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو، خالي هٿين اتان نڪتو. اهڙا هوندا هئا ڪامورا انگريزن جي ڏينهن جا!

ديوان آڏارام

خبر نہ آهي سن جو ويٺل هو يا سانجهندن جو، پر هو ان پاسي جو. سون جنهن زماني ۾ ڏلس، سکر جو سٽي ماجسٽريٽ هو. سٽي ماجسٽريٽ ڊپٽي ڪليڪٽر جي گريڊ جا هوندا هئا. انهن ڏينهن جا ڊپٽي ڪليڪٽر سنڌي چوڻي مطابق "چاڪر چيوڪر" ٽائيپ جا ڪونہ هوندا هئا. نوڪري ۾ به پنهنجا انساني اصول ۽ شخصيت کي پڌڻ ڪونہ ڏيندا هئا. بطور ماجسٽريٽ آڏارام قانون داني خواهہ ڪيريڪٽر جي لحاظ سان ٻڙس مٿير ليکيو ويندو هو. سندس ججمنٽون علم، دانش، دماغي توازن، انصاف جي اقرار، انگريزي زبان جي ڄاڻ ۽ خداترسيءَ جو مجموعو هونديون هيون. سيڪڙان ماجسٽريٽ سندس ججمنٽون وٺي انهن سان سبق پرائيندا هئا. ان دور ۾ هر شئي جو معيار بلند هوندو هو. ان بلند دور ۾ آڏارام بلند ترين مقام تي رهيو.

هڪ وڏو ۽ تاريخي ڪيس ڪڙو ٿيو. هڪ ڌر جو وڪيل قائداعظم محمد علي جناح هو، ٻئي طرف ڪان يعني سرڪار طرفان سر فرانسس لوبو پيش ٿيو، جنهن کي سرڪار هاءِ ڪورٽ جي ججيءَ ڪان استعفا ڏياري ان ڪيس هلائڻ لاءِ پنهنجو وڪيل مقرر ڪيو هو. اهڙو وڏو ڪيس هو، جنهن جي اهميت جو هيٺئر اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. وڏي ۾ وڏو الزام خون جو هو. وقت جي سرڪار جو ڪيس تي وڏو زور هو. آن گهريو ٿي تہ خون جو ڪيس ضرور ثابت ٿئي. ڪيس ڪيترا مهينا هليو. آءٌ سکر جي سنڌ زميندار اخبار

جو ايڊيٽر هوس. قائداعظم رحه جهڙي نامور وڪيل ۽ ليڊر جو سڪر جهڙي ويراني ۾ ويهي ڪيس جي پيروي ڪرڻ خود وڏو واقعو هو. آءٌ روز اخبار لاءِ ڪورٽ جي ڪارگذاري لکڻ لاءِ ويندو هوس. زبردست جڏ لڳل هوندي هئي. قاعدي جي اڪر اڪر تي جهيڙو، قائداعظم رحه جو سر فرانسس لوبي سان ٽڪرجڻ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وٽان هوندو هو. ٻنهي طرفن جا وڪيل اعليٰ اعليٰ قسم جا ڪپڙا پائي ايندا هئا. هر روز نوان. برعڪس ان جي ديوان اڌارام پنهنجا روزمره جا سادا ڪپڙا پايو ويٺو هوندو هو. ڪيترا مهينا ڪيس هليو، پر سندس سوٽ ساڳيوئي رهيو. ان ظاهري سادگي پٺيان البته وڏو علم ۽ ڪيريڪٽر ڪارفرما رهيا. طرفين جي بحث ٻڌڻ کان پوءِ جو اکر چوندو هو سو قاطع ۽ ساطع هوندو هو. وري ڪنهن جي چوڻ لاءِ گنجائش ڪانه رهندي هئي. آخر فتوا ڏنائين. قتل جي ڪيس کي ڪوڙو ٺهرائي ختم ڪري ڇڏيائين، البته ننڍين ڪيسن ۾ سزا ڏنائين جنهن لاءِ اپيل چيف ڪورٽ ۾ ٿي، ۽ قائداعظم خود ”آرگيو“ ڪئي، پر اڌارام جو ڏنل فيصلو ڪونه ڦريو. سندس فتوا کي سنڌ جي جڊيشريءَ جي تاريخ ۾ ڪلاسيڪل قانوني دستاويز جي حيثيت حاصل ٿي. ورهين تائين وڪيل، ماجسٽريٽ ۽ عام ماڻهو پڙهندا ۽ پنهنجو مٿو ڌوڻيندا رهيا. گهري ها ته ان هڪ ئي ڪيس ۾ لکن روپين جي رشوت ماٺ ميٺ ۾ وصول ڪري سگهي ها، ۽ ان وصوليءَ کان پوءِ نوڪري ڇڏي آرام سان باقي زندگي گذاري سگهي ها، پر اڌارام انهن ڳالهن کان گهڻو مٿي هو. هو انصاف جي ٽڪندڙ لاش تي پير رکي ڪرسيءَ تي ويهڻ وارو انسان ڪونه هو.

مطلب ته دادوءَ جي مٽيءَ اهڙا ماڻهو به پيدا ڪيا، جن انصاف جي معاملي ۾ پنهنجي سرڪار جي به ڪانه ٿي سٹي.

سائين صالح شاهه نينگ وارو

نينگ جي سائين صالح شاهه مرحوم پرڪعو ڇا مڃايو، ڇڻ دادو ضلعي جي رونق لٽجي منجي ويئي. ارڙهين صديءَ جي پيرن ۽ سجاده نشنن جي ياد ڪي تازو رکيو ويئو هوندو هو. آهو شان، آها خود اعتمادي ۽ پنهنجي ڪاني ڪرامت تي اهڙو ڀروسو-جهڙي تهڙي ويهين صديءَ جي سيد پير جي سندس اڳيان بلڪل دال ڪانه ٿي ڳري. اعليٰ لباس پهريندو هو. ٽوپيءَ تي ڪڏهن ڪڏهن سون جي ڪلنگي هٽي هلندو هو. هونءَ سندس زماني ۾ ڪلنگيءَ جو رواج نڪري ويل هو، صرف ناٽڪن ۾ ايڪٽر جڏهن ڪنهن بادشاهه جو پارٽ ڪندا هئا ته گهڙي سوا اهڙيون ڪلنگيون ٽوپين ۾ ٽُنبيندا هئا. پر سائين مرحوم موج ۾ ايندو هو ته موقعي بي موقعي رات ڏينهن ڪلنگي هنيون وتندو هو، جنهنڪري ٻاهر جي ناواقف ۽ نالائق ماڻهن کي غلط فهمي ٿيندي هئي. سندس جيپ جي ڊرائيور (جيڪو سائين جي روحاني مقام کان واقف هو) مون کي هڪ دفعي انتهائي رازدارانه انداز ۾ ٻڌايو ته "اها ڪلنگي سائين ياعليءَ(١) پاڻ ٺهرائي سائينجن ڏانهن موڪلي آهي." مون کي ٿورو منجهيل ڏسي ڪجهه وڌيڪ ڏس پتو ڏنائين، جو هن طرح هو: "سائين ياعليءَ جو اسان جي سائينءَ تي وڏو راز آهي. هو وٽس ايندو ويندو رهي ٿو. سندس پير مبارڪ جو نشان نينگ جي ڀر ۾ پهاڙ ۾ لڳل آهي، ات کوهه به آهي جنهن مان 'ياعلي' جي آواز ٻڌڻ سان پاڻي نڪري اچي ٿو. ياعليءَ اسان جي سائينءَ کي قدرت جا سڀ راز ٻڌائي ۽ پڙهائي ڇڏيا آهن. دنيا ۾ جيڪا به ڳالهه جاتي به ٿئي ٿي سا سائينءَ کي گهر ويٺي اکين اڳيان نظر اچيو وڃي. نينگ ڏانهن ڪو ماڻهو اچي ٿو ته سائينءَ کي

(١) يعني حضرت علي ڪرم الله وجهه.

پهرين اها خبر پئجيو وڃي ۽ ان جي مهمانيءَ جو اڳواٽ بندوبست ٿيو وڃي.“

سائين صالح شاهه مرحوم کي انهن ڏينهن ۾ دادو لوڪلبورڊ جو سربراهه بڻايو هئائون. منهنجو گمان هو ته سائين آمي آهي، تنهنڪري لوڪلبورڊ جو ڪاروبار ڪيئن هلائيندو هوندو؟ مون اهو سوال سندس ساٿي ڊرائيور کان ڪيو. جواب ڏنائين: ”سائين، ڳالهيون ڪهڙيون پيا ڪريو؟ سائين ياعليءَ اسان جي سائينءَ کي لدني علم پڙهائي ڇڏيو آهي. لوڪلبورڊ جي ماڻهو ويائي آهي، جو ان علم کان ڪنڌ ڪڍائي سگهي.“

دادوءَ جي مردم شناسي مشهور آهي. اتاهون جي عوام هڪ دفعي سائين مرحوم کي پنهنجو نمائندو چونڊي سنڌ اسيمبليءَ ۾ موڪليو. هڪ دفعي ڪن چرچائن سائين مرحوم کي ڪن ۾ ڳالهه ڪئي ته ”اڄ سنڌ اسيمبليءَ ۾ لقب ورهائبا، اوهان جو نالو به لقبن جي لسٽ ۾ آهي، تنهنڪري اڄ اعليٰ کان اعليٰ لباس پهري هلو جو اوهان کي لقب به ملندو ۽ لقب جو پلو به اوهان کي پهرايو ويندو.“

سائين مرحوم انهن جي نالائقيءَ کي پنهنجي شرافت سببان سمجهي نه سگهيو، تنهنڪري انهن تي ويساهه ڪري، زري زربفت پهري، ٽوپيءَ تي ساڳي سوني ڪلنگي هڻي اچي اسيمبليءَ ۾ ويٺو، ان انتظار ۾ ته اجهو ٿو لقبن جو اعلان ٿئي. (حالانڪ لقبن جو رواج ته انگريزن ويندي ئي ختم ٿي ويل هو.)

وقت گذرندو ويو، اسيمبليءَ جو معمولي ڪاروبار هلندو رهيو، سائين لقبن جي لسٽ جي انتظار ۾ اٿندو ويهندو رهيو. جن چرچائن کيس ٺاهي جوڙي ان ڏينهن اسيمبليءَ ۾ آندو هو سي تماشي ڏسڻ لاءِ مٿي وڃي گيلريءَ ۾ ويٺا هئا. سائين اشارن ئي اشارن ۾ انهن کان به دير جو

سبب پڇندو رهيو. بهرحال اسيمبلي پوري ٿي ويئي. لقبن جو اعلان نه ٿيڻو هو نه ٿيو. پر سيمبر هال مان ٻاهر آيا، ان کان اڳ ۾ ئي آهو چرچائي ٽولو گيلريءَ مان پڇي ويل هو.

سائين مرحوم منهنجي دفتر ۾ تشريف فرما ٿي پڇڻ لڳو ته: ”اڄ لقبن جو اعلان ٿيڻو هو. اوهان منهنجي لاءِ به سفارش ڪئي هئي، پر اڄ ته اعلان ڪونه ٿيو، تنهن جو سبب ڇا؟“

آءٌ سمجهي ويس ته ڪنهن ظالم شخص هن شريف انسان سان چرچو ڪيو آهي. مون عرض ڪيس: ”قبلا سائين، اهي ڳالهيون مخفي هونديون آهن، آءٌ ڪهڙيءَ طرح اوهان کي ٻڌائي سگهندس.“ (مان اهڙي بزرگ جي دل ٽوڙڻ کان ڏڪس ٿي.)

سائين: ”پوءِ رکون اميد؟ اڄ نه ته صبح، صبح نه ته پرينءَ.“

مون تسلي ڏنس ته ”الله مان اميدون نه لاهيون آهن.“

ان واقعي کان پوءِ به جيترا ڏينهن آها سيشن هلندي رهي، سائين مرحوم پنهنجي روايتي لباس ۾ ملبوس ايندو رهيو.

آخري ڀيرو ١٩٧٠ع وارين چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ جي. ايم. سيد جو مقابلو ڪيائين. جي. ايم. سيد کان پنج هزار وڌيڪ ووٽ کنيائين. بالاآخر ڪيري پئي پيا، جنهنڪري آئين سازيءَ جهڙي نازڪ ڪم ۾ پاڪستان سائين صالح شاهه جي صلاحيتن مان فائدي وٺڻ کان محروم رهجي ويو. پر تڪ جي ووٽرن پنهنجي پاران بيدارمغزي ۽ سياسي شعور ثابت ڪرڻ ۾ ڪُهتائي ڪانه ڪئي.

الله تعاليٰ جون هن نيڪ انسان تي لک لک رحمتون هجن. سچو پچو الله لوڪ هو. نينگ جهڙي ٻَر ۾ بازاريون لڳايو ويٺو هو.

نارو ڀڳت

دل جو درد، سوز ۽ گداز، ماڻهوءَ کان ورثي ۾ ملڻ واريون شيون نتيون ٿين ۽ نه مذهب ۽ ملت تي ٿي سندن مدار رهي ٿو. اهو الله تعاليٰ جو خاص انعام آهي، جنهن کي وٽيس عطا فرمائي. هو رب العالمين آهي. سندس رحيميءَ جي ريت ۽ ڪريميءَ جي ڪرت جو اهو ادنيٰ ڪرشمو آهي ته جڏهن نوازڻ تي اچي ته اهو ڪونه خيال ڪري ته ڪنهن کي نوازي رهيو آهي. مهربانيءَ جا مينهن وسن ته باغ ۽ بَرَ ۾ فرق ڪونه ڪن.

نارو ڀڳت هندو هو، ٽالٽي بلا خان جي پاسي جو. سياڻو هو، ڪتان عشق جي چڻنگ چولي لڳي ويل هئس. جو دم جيئرو رهيو، رُنندو ۽ رڙندو رهيو پاڻ به ۽ ٻين کي به رئاريندو ۽ رڙائيندو رهيو. شاهه جو ڪلام ڳائيندو هو. مون جڏهن کيس ڏٺو ته ستر ورهيه کن جي عمر جو هو. مون تي گهڻي مهرباني ڪندو هو. جڏهن ڪوٽ ويندي هيس ته هليو ايندو هو، پنهنجن سنگتين ۽ سازن سميت. مان انهن ڏينهن ۾ جڏهن به حيدرآباد جو دورو ڪندو هوس ته ”فتح مبارڪ“ جهاز ۾ رهندو هوس، جيڪو ڪوٽڙي واري پاسي ڏانهن درياهه جي ڪناري سان لڳو بيٺو هوندو هو. اهو جهاز ڪنهن زماني ۾ وڏن آفيسرن جي گشت لاءِ ڪم ايندو هو، جيڪي منجهس سوار ٿي سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسن وارو علائقو ڏسندا ويندا هئا. اسان واري زماني ۾ ان جو ٻيو ڪم ڪونه رهيو هو، سواءِ ان جي ته حڪومت ان کي ريسٽ هائوس وانگر ٺاهي بيهاري ڇڏيو هو.

نارو ڀڳت جون محفلون ان جهاز تي ٿينديون هيون. جنهن وقت ڳائڻ لڳندو هو ته مٿس بيخودي طاري ٿي ويندي هئي. اهو سمجهي نه سگهبو هو ته هي ساڳيو نارو آهي يا

سندس جسم ۾ ڪا بي ذات حلول ڪري وئي آهي. جو اڳ
سندس منهن مان نڪرندو هو، سو ٻاهر جو آلو هوندو هو.
چند منٽن بعد ساري محفل نارو پيڪٽ ٻڌجي ويندي هئي.
ڪنهن کي سر ڌڙ جي خبر ڪانه رهندي هئي. پيرزاده
عبدالستار مرحوم سنڌ جو چيف منسٽر هوندو هو. ناري کي
ٻڌي مٿس اهڙو حال طاري ٿي ويندو هو، جو ڪرسيءَ تان
لهي هيٺ ويهي پاڻ به ڳائڻ شروع ڪري ڏيندو هو.
مرحوم درديلو به هو ۽ سريلو به. نارو ٻاهر ڏکائيندو هو،
هي سچ ۾ ڪاهي پوندو هو، عجيب ڳالهه هئي. ان زماني
جا وڏا ماڻهو بيدردا ڪونه هوندا هئا. مون کي ياد آهي،
هڪ دفعي مرحوم غلام محمد گورنر جنرل منڇر جي سير تي
هليو. هڪ پيڙيءَ ۾ پاڻ ويٺو، ٻيءَ ۾ مون کي راڳي
ويهاريا، جيڪي ڳائيندا ٿي هليا. منجهان هڪ يعني حافظ اسحاق
(جو اڄان تائين زنده آهي) سائين بلي شاهه جو ڪلام ڇيڙيو:

چڏ جهگڙا مسجد مندر دا،
گهن طور طريق قلندر دا.

ٻن منٽن کان پوءِ پيرزاده عبدالستار مرحوم، جيڪو گورنر جنرل
جي پيڙيءَ ۾ ويٺو هو، مون کي اشارو ڪري گورنر جنرل
ڏانهن واجهائڻ لاءِ چيو. ڇا ڏسان ته گورنر جنرل زار زار روئڻ
شروع ڪري ڏنو آهي، ايتريقدر جو ڪجهه وقت کان پوءِ ته
بلڪل بيحال ٿي ويو ۽ مون کي مجبوراً راڳين واري پيڙي
ڏڪرائي پوئتي ڪرائڻي پيئي ته جيئن صاحب سامت ۾ اچي.

ناري کي شاهه سائينءَ جي هڪ ڪافيءَ تي خاص
قدرت حاصل هئي:

ڪتيم ڪين ڪي ڇا ٻڌايان،
ڪات قريبن جي هٿ ۾...

اها ڪافي چوندو هو ته، هر هر اپو ٿي ويندو هو. پڳ ۽ چولو لاهي ڦٽي ڪندو هو. نچندو به هو ۽ آهون به ڪندو هو. ائين سمجهبو ته فقير هن وقت ڪنهن ٻي طاقت (ريڊيائي زبان ۾) سان ساڳي Wave-Length تي آهي. ڳائيندو ساٿين ۾ ويهي هو، پر پاڻبو ائين هو ته ان وقت هن جو روح سخن ڪنهن ٻئي سان آهي. ڪافي کي پوري ڪرڻ کان پوءِ وري سامت ۾ اچڻ لاءِ ڪيس ڪجهه وقت لڳندو هو.

سندس راڳ ”ساري گاما پادا“ جي قاعدن قانونن جو پابند ڪونه هوندو هو. دل جون ڪيفيتون دل جي زبان ۾ دل وارن لاءِ ادا ٿينديون رهنديون هيون. فن ڪونه هو، اثر هو. ۽ اصل شئي ته آهي ئي اثر.

ناروءَ جي مرڻ بعد دادوءَ جي بانسري بند ٿي ويئي.

عارب فقير جتوئي

ڦڪن جي ديهه ۾ جتوئن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. موزون ڪونه ڏٺو، پر سندس ڳالهيون ننڍي وڏي جي زبان تي هيون. چوندا هئا وڏو فقير هو، پيشه ور فقير نه، اصلي فقير. گهٽو ڪري مذاق ۽ مذاق ۾ فطرت جون حقيقتون بيان ڪندو وتندو هو. ايتريقدر پهتل هو جو دوئي جا پردا وچ مان کڄي ويل هئا. سندس قصا ايترا گهڻا آهن، ۽ ايتريقدر فلسفيانه جو انهن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ ڪتاب گهرجي. شال ڪنهن کي ان ڪتاب لکڻ جي سگهه ٿئي.

پيٽ پالڻ لاءِ ڳوٺڙي ۾ هٽ کوليو هئائين. هٽ لاءِ سودي وٺڻ واسطي داد وءَ جو ارادو ڪري نڪتو. رستي ۾ ڏٺائين ته هڪ بيمار گڏهه پر ۾ پئي آهي، اٿڻ ويهڻ کان عاجز، نه پرِ ۾ گاهه اٿس نه پاڻي. عارب سندس اهو حال ڏسي اتي ئي ويهي رهيو. گڏهه کي آس کان بچائڻ لاءِ

ستانس پيهي اڏيائين، گاهه ۽ پاڻي ڪٺي آڻي اڳيان رکيائينس ۽ پاڻ به پريِ ويهي رهيس. ڪيڏانهن ويو دادو، ڪيڏانهن ويو هٽ ۽ سودو سلف. ڪيترا ڏينهن ان ريت بيمار ڳڏهه جي تيمارداري ڪندو رهيو، جيستائين ڳڏهه جي جان مان جان نڪتي ۽ عارب جي جان ڳڏهه مان ڇٽي. انسانيت جو اهو اعليٰ ترين مقام ٿئي ٿو، جڏهن خالق جي ڏاهيل هر شئي لاءِ انسان جي دل ۾ احترام ۽ محبت موجزن رهن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن فقير تي جلال جي ڪيفيت به طاري ٿي ويندي هئي. پاڻ ڪيڏانهن ويو ٿي ته رستي ۾ سندس ڪن تي ذڪر جو آواز پيو. ويجهڙو وڃي ڏٺائين، هڪ عورت ويٺي الله الله ڪري. پر ۾ ويهي چيائينس ”شرم نه ٿو اچئي، ڪنهن جو نالو ٿي وٺين؟ جنهن تنهنجون ست ئي پيڙهيون ماريون، تنهنجو ڏاڏو ماريائين، پيءُ ماريائين، ماءُ ماريائين ۽ مڙس ماريائين. باقي تنهنجي لاءِ ڪجهه نه ڇڏيائين، تڏهان پوءِ اجان پڻ سڏينس؟“

ڦڪن جي عبدالله موچيءَ سان گهاٽو رستو هوس. عبدالله فقير کي ٻارهن پٽ ڄاوا ۽ ٻارهن ئي ننڍڙائيءَ ۾ فوت ٿيندا ويا. جڏهن به سندس ڪو پٽ لهندو هو ۽ فقير عبدالله ماتم ۾ هوندو هو ته عارب اچي ساڻس ملندو هو ۽ چوندو هوس ”عبدالله، تون ڇو پيو پنهنجو منهن متو پٽين؟ مهمان آيو هو-جنهن موڪليو هوس، تنهن ورتس، نه تنهنجو اختيار، نه قصور. اهڙي مهمان جي موڪلائڻ تي اجايو پيو غمگين ٿين؟“

فقير اُن منزل تي پهتل هو، جنهن تي کيس زيست ۽ موت ۾ ڪو فرق نظر ڪونه ٿي آيو.

سچل فقير جتوئي سندس سنگتين مان رهجي ويل آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون سان اچي رهاڻ ڪندو رهندو آهي. بنهه فقير آهي-صوفي صاف، اڇو ۽ اجرو، يڪتارو هٿ ۾،

جذبو جاڳيس ته ڳائڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. پيرل فقير جي هڪ ڪافي ڳائيندي وڃي حقيقت جي ويجهو پوندو آهي. ڪافي هي آهي:

سوين پوشاڪون پهرين ٿو، پر ڳوٺ ڳليءَ ۾ ناهين ڳجهو.

اهي آهي فقير آهن، جيڪي تصنع ۽ دنيا جي ڏنڌن ڪان پري پنهنجو روح ريجهائيندا رهن ٿا. بقول شاهه صاحب:

سَين هنيائون سچ ۾ گهمي گهرڙا گهٽا!

دنيا کين ڇڏي، ان ڪان پهريان پاڻ دنيا کي ڇڏيو ڏين. سندن دنيا جڳ ڪان نرالي ٿئي ٿي، جنهن جو اندازو اسان عام دنيا پرست ڪري ڪونه ٿا سگهون.

مختصر معنيٰ اها ٿي ته دادو روح جي خوراڪ ڪان به خالي ڪونه رهيو.

وصال واري ڏينهن هيءَ ڪافي ڏاهي ڪتاب ۾ لکيائين ۽ پڇاڙيءَ ويل سچل فقير جتوئيءَ کي سڏي، هيءَ ڪافي جهونگارڻ لاءِ چيائين. اها ڪافي هڪ قسم جو آخري پيغام ڏيندي، پولائيندي سر ڏنائين ته وڃي پنهنجي مالڪ سان ملبو.

ڪافي

آهي دور دل ۾ ويراڳين وڃڻ جو،
ويراڳين وڃڻ جو، لاهوتين لڏڻ جو.

ڇوڙي سڀ ڇڏيائون، سهي هڪ سڏيائون،
اتي نيئي اڏيائون، جتي جيءُ جاڻ جو.

سمجهي سر ڏنائون، سيئي سگ چنائون،
چريو ٿي چنائون، چوري چنگ چاڻ جو.

واري ويـر ويـڙا، لنگهي ’لا‘ ڪوڻ پيڙا،
آجا عـام ڏيـڙا، پڳن پـؤ بـچـڻ جو.

”عارب“ اور جن کي، مـچـي موج تن کي،
سـعـيو آ سچن کي، پرين کي پـسـڻ جو.

رئیس ڈرتل خان

رئيس ڏتل خان مرحوم

ڪنهن نالو ٻہ ڪونہ ٻڌو هوندو. دنياپرستن جي نظر ۾ تہ ننڍو ماڻهو هو، پر دل پرستن جي نگاهہ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. قدرت جو عجيب قانون آهي: هرهڪ جي جهولي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ سان مڙيوئي ڀريو ڇڏي. ڪن کي ڌن ڏنائين، پر دل جي دولت کان محروم ڪري ڇڏيائين، ڪن کي دل ڏنائين، ڌن نہ ڏنائين. مون اڪثر ڏٺو تہ جت ڌن هو اُت دل ندارد هئي، جت دل موجود هئي اُت ڌن جي ناڻت هئي. سبب اهو سمجهہ ۾ آيو تہ اهي ٻئي تراريون هڪ کپ ۾ سمائجي ڪونہ ٿي سگهيون.

رئيس مرحوم قوم جو لُنڊ هو. سنهنجي فارم جي پر ۾ ٻروچڪين ڀونگڙين ۾ رهندو هو. پنهنجيءَ شاخ جو پريومڙس هو، پر مجوتي موچڙي جي ٽٽي تي. رئيس وٽ ڌن ڪونہ هو تنهنڪري موچڙو بہ ڪونہ هو. البتہ سندس سچائي، صفائي ۽ وفائي جو سڪو ويٺل هو، تنهنڪري هر مجلس ۾ مان لهندو هو. پنهنجي زمين جا ٽڪرا هئس، پر انهن ۾ آباديءَ جو مدار هوندو هو مينهن تي، ۽ مينهن جوهيءَ جي باراني علائقي ۾ چوٿين-پنجين سال مَس ڦيرو ڪندو هو، پر غربت ۾ غني مون اهو شخص ڏٺو.

. مون سان دوستي بنا سبب ٿي ويس. ٻڌو هئائين تہ پاڙي ۾ ڪنهن پير اچي باغ رکيو آهي. پاڻ ٻروچ هو. پاڙيچائي جا فرض چاتائين ٿي. مون سان ملڻ لاءِ لنگهي آيو. هيٺ تي گوڏ ۽ بدن تي ڏگهو چولو چڙهيل هوس. پر سندس چهرو پري کان ٻهڪندو ۽ ٻولائيندو ٿي آيو تہ هي ماڻهو سڪٿو چٽ نہ آهي. مون سانس ملي، موڙي تي وهاريس. پنهنجو تعارف ڪرايائين. چي: "آءٌ تنهنجو پاڙيچو لنڊ ٻروچ آهيان، تنهنجو ٻڌم، آدرڀاءُ ڪرڻ فرض هو،

اهو فرض لاهڻ آيو آهيان. منهنجي لائق ڪابہ خدمت هجي تہ دل سان پوري ڪندس." ان ڪان پوءِ زماني جا حال احوال ڏنا ويا ۽ ورتا ويا. پاڻ اڻ پڙهيل هو. رهندو جهنگ ۽ برپٽ ۾ هو. اٺن-ويهن ٻن هارين، ڌنارن، پنهوارن سان ٿيندو رهيو هوس. نہ اخبارن سان واسطو نہ ريڊئي سان رستو. پر ڌڻيءَ جي ڏنل ذات انهن ڳالهين جي محتاج نہ ٿي رهي. هر مسئلي جي باري ۾ پنهنجي راءِ ٿي رکيائين. ڪنهن جي وڏماڻهپ يا مالداري بنهہ اکين ۾ ڪانہ ٿي آئڙيس. چي: "وڏن ماڻهن جي هڪ تنگ ريل ۾ ۽ ٻي جيل ۾ رهي ٿي. ڦڪرات (فڪرات) ڪري اندر ۾ ٻجهڻ مثل رهي ٿو. سندن شڳن (سخن) چڻ پاڻيءَ تي ليڪو. نہ ڪهڻ جا نہ ڏهڻ جا." جديد غيرمذهبي تعليم جي سخت خلاف هو. انگريزي تعليم يافتن تي خاص طرح سان ڪاوڙيل ٿي رهيو. انهن کي پنهنجي زبان ۾ "اسڪولي" سڏيندو هو، يعني اسڪولن جا پڙهيل. مخالفت جا سبب ڪيئي هئس. پهريون سبب هيءُ هو تہ اسڪول مان پڙهيو، سرڪاري نوڪريون وٺي، پنهنجن ماڻهن کان ئي 'رشوائون' يعني رشوتون وٺن ٿا ۽ انهن کي ئي ڦرين ٿا. ٻيو سبب هيءُ تہ ابي-ڏاڏي جي ريت ڇڏيو ڏين. پڙهڻ کان پوءِ ڪڏهن گهر اچن ٿا تہ چڻ ڌاريا پيا لڳن. نہ محنت ڪري سگهن نہ اباڻي ڪرت، هر هلائڻ کان پرو پيو ايندن. مهمان ڏسيو لڪيو پون، نہ آن جو آدرياءُ ڪن نہ آن سان خوش خيرعافيت. نہ ساڻ جهلڻ جهڙا نہ سخن تي سر ڏيڻ وارا، ڇڙو وات پيا هڻندا. شهرن ۾ رلندا، نوڪرين لاءِ ٻاڏائيندا، ۽ جانهيون ٻي پنهنجا آنڊا ساڙيندا وتندا. مڙس جو شان پڳ هوندي آهي، انهن پڳ ڇڏي واڪي ڪاون واري ٽوبڙي پاتي آهي، جيڪا لٽ جو ڌڪ بہ جهلي ڪانہ سگهندي. پڳ ۾ وڏي حڪمت ٿئي ٿي. جهڙو تهڙو ڌڪ پڳ تي اثر ڪونہ ڪندو. مٿي کان پوءِ بہ ڳازين (غازين)

لاءِ پڳ ”ڪفڻ“ يعني ڪفن جو ڪم ڏئي ٿي. ٽوپي ڪري ٽانءِ ته به پڳ برابر ناهن.“

رئيس ڪي ڪنگهه جو ٽونڪارو هوندو هو. ان مان واندو ٿي وري تقرير شروع ڪندو هو. چي ”اسان جي ٻچن کي اسڪولن ارن ڪان ڪيڏي چڏيو آهي. ڀرت جي ٽوپڙي پائي چيله، کي لوڏا ڏئي پيا هلن، چڻ ميتڙيون مڪڻ يا بازيگرڻيون گهگهڙا وڪڻ شهرن ۾ نڪتيون آهن. چيله، کي اهڙائي موڙا، اکين جا ساڳائي چالا، لٽا به اهڙائي رنگا رنگ زالاڻا. اسان جي جوانيءَ واري زماني ۾ ڪو اسان جو ٻار پنهنجو اهڙو حال ڪري سامهون اچي ها ته لٺين سان آجهائي وجهونس ها. يا ڪدڙو سمجهي ڳوٺ نيڪالي ڏئي ڇڏيونس ها.“

ڪيس سمجهائبو هو ته: ”اهي ماڻهو پڙهيل آهن. اسان جا پنهنجا آهن. سنجهن ملڪ جون اميدون آهن. هي نئون زمانو آهي، جنهن سان نئون ٿي هلڻو آهي، وغيره وغيره.“ پر اثر ڪونه ٿيندو هوس. رئيس جا پنهنجا خيال هوندا هئا. چي: ”انهن مان گذا (غذا) ٿيٽي ڪانه آهي. پڙهيا پر ڪڙهيا ڪونه ته ڇا حاصل؟ سنڌ جو مرڪ ڪڙهڻ آهي نه پڙهڻ. اسان جا وڏا، جن سنڌ تي سر ٿي ڏنا، سي پڙهيل نه هئا پر ڪڙهيل هئا، چوته ”اکران دے وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا.“ اهو ڪهڙو پڙهڻ آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ مان ماڻهپوئي نڪريو وڃي. جڏهن ڪان ڦلنگي (فرنگيءَ) اسڪول چالو ڪيا، اسان جي ماڻهن مان ماڻهپي جا انگ مٽبا ويا. سنهنجي عمر اسي ورهيه آهي، مون جيڪي انگ ماڻهپي جا اوائلي ڏينهن ۾ ڏٺا سي به اڄ نظر ڪونه ٿا اچن.“

پوءِ ويهي رئيس مرحوم پراڻيءَ سنڌ جي ماڻهپي جا انگ ڳڻائيندو هو ۽ هرهڪ جي شرح لاءِ ڪونه ڪو واقعو ٻڌائيندو هو. ڪيس ٻڌڻ کان پوءِ سندس نظريي سان ڪٿي اتفاق نه به ڪبو هو، تڏهن به هيءَ مڃڻو ٿي پيو ته جيڪا سنڌ

رئيس ڏسي چڪو هو ۽ جن انساني خوبين کي هن ماڻهپو ۽ سنڌ جي ميراث ٿي قرار ڏنو، سا سنڌ هيئنر واقعي ڪانه رهي آهي ۽ نه گهٽي پر اهي خوبيون.

رئيس جي اڄ ڪالهه جي سيدن پيرن تي به خاصي رنجش هوندي هئي. چيو: "گهڻو ڪائي دل پيٽ ۾ پوري چڙي اٿائون، آندن ۾ پوريل دل کي الله ڪيئن نظر ايندو." سيدن پيرن جي خلاف گهڻيون شڪايتون هئس، پر سنهنجي شرم کان انهن جي اپٽار ڪونه ڪندو هو. پڇبو هوس ته مُرڪي ڪري ماٺ ڪندو هو ۽ سندس اها مُرڪ به ڏاڍي معنيٰ خيز ۽ سن سوهيندڙ هوندي هئي.

رئيس مرحوم جي سوچ سنڌ جي ٺيٺ خداداد فهم يا Wild Wisdom جو نتيجو هئي، جنهن تي مصلحت، منافقت، زمانه سازي، يا نون تمدني يا تعليمي اثرن جو اثر ڪونه هو. هو جيڪا ڳالهه ڪندو هو سا ائين هوندي هئي چڻ سنڌ جي ڌرتي پئي ڳالهائي ۽ ساڻهو ڌرتيءَ سان ڪن لايون ڌرتيءَ جي ڌڙڪندڙ دل جا داستان پيو ٻڌي.

اسان جو تعلق ڏهه سال هليو. پاڻ اهو دستور ٻڌائي ڇڏيو هئائين ته جڏهن به آءٌ باغ تي ويندس (پل روز وڃان ۽ سهڻن جا سهڻا ويندو رهان) ۽ پاڻ موٽر جو آواز ٻڌندو ته هڪدم جوار يا ڪٺڪ جون سانيون ٿوڻيءَ تي پچرائي، لوڻو لسيءَ ۽ تازي مکڻ سان پري، مٽي تي ڪٽي هڪدم اچي سون وٽ پهچندو، هٿين خالي نه ايندو، ناغو نه وجهندو.

سنهنجي باغ تي پهچڻ کان گهڙي ساعت بعد پري کان ڏسبو هو ته پوک يا وڻن مٿان پهريان دکي ٻاهر نڪرندي هئي، پوءِ رئيس جي اچي پڳ ۽ ان کان پوءِ رئيس صاحب پاڻ. اها سنڌ جي روايتي وضعداري هئي، ناتو رکڻ ۽ ناتو نباهڻ.

۱۹۷۴ع جي پڇاڙيءَ ۾ پاڻ انتقال ڪيائين. ساڻس دوستي کهنبي جو چڱڪو ثابت ٿي.

ويچارا وڇارا ويا، ڇني سنگ سندام،
ائين ڇڏي ڇڪام تہ اسان اڃڻ ايترو.

شال سندس مرقد مبارڪ الاهي رحمتن سان منور رهي.

رئيس شمس الدين بلبل مرحوم

سنڌ جي علم ادب يا لٽريچر تي دادو ضلعي جا وڏا احسان آهن. اهڙي موقعي تي جڏهن سنڌ جي نئين تاريخ پئي لکجي، دادو ضلع ٽي ماڻهو سنڌ کي ڏنا، جن سان هرهڪ پنهنجي لائن ۾ يگانو هو.

صحافت ۽ لٽريچر ۾ رئيس شمس الدين بلبل (ميهڙ).
ادب ۽ تاريخ ۾ علامہ دائودپوٽو (ٽلٽي).
فلسفہ، تصوف ۽ متفرق علوم ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضي (پاٽ).

اهي ٽي ماڻهو اهي هئا، جن نئين سنڌ ۾ پنهنجي علمي ڪمالات سان ذهني انقلاب آندو ۽ ان انقلاب جي خود قيادت ڪيائون. هرهڪ جو ذڪر پنهنجيءَ جاءِ تي ايندو، هت فقط بلبل مرحوم بابت مان پنهنجا تاثرات پيش ڪريان ٿو.

مون مرحوم کي اکين سان ڪونہ ڏٺو، پر جڏهن اک پٽيم تہ اهو ڏٺم تہ هن مڙس جو ساريءَ سنڌ مٿان ڏاڪو ويٺل هو. جنوءِ ۾ پيا بہ گهڻائي لکيل پڙهيل ماڻهو هوندا هئا، پر بلبل جو مٽ ڪونہ هو. صحافت جي پيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ ٻہ شير ڏٻا هئا؛ لاڙ ۾ محمد هاشم 'مخلص' ۽ اتر ۾ شمس الدين 'بلبل'. ٻئي اخبارنويس هئا، ٻئي نظم ۽ نثر ۾ صاحب ڪمال هئا. فرق فقط هيءُ هو تہ مخلص جي تحرير قدري آگري هوندي هئي ۽ بلبل جي تحرير سلوڻي. مخلص جو زور وقتي مسئلن تي هوندو هو، بلبل کي قوم جي مستقبل جو بہ خيال رهندو هو تنهنڪري سندس فڪر جو انداز تعميري ۽ نظر ڊگهي هوندي هئي. هيجو ۽ مذاق ٻنهي جي تحرير جو خاصو هوندي هئي ۽ ماڻهو ٻنهي جي تحرير پڙهڻ لاءِ آتا

هوندا هئا. البت هجوگوئيءَ ۾ مخلص جي قلم جو گهوڙو ڪڏهن ڪڏهن ذاتيات ۽ شخصيات ۾ به ڪاهي پوندو هو، ۽ برعڪس ان جي بلبل اڪبر الله آباديءَ جي طرز ۾ عام حالات تي تنقيد ڪندو هو.

سنڌ ۾ دور جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هيءُ هو ته انگريزن جي پيرن پختي ٿي وڃڻ ڪري هڪ وڏو انقلاب اچي چڪو هو، جنهن سبب سنڌ سان محبت جي تقاضا اها هئي ته ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪجي جيئن سنڌ جي تهذيبي ورثي کي مغربيت جي اثر کان بہ آجو رکجي (جيئن سنڌيت جا قديمي رنگ نہ ميسارجن) ۽ ساڳئي وقت نين حالتن پٽاندڙ زماني سازيءَ کان به ڪم ورتو وڃي. انهيءَ اصول جي بنا تي بلبل مرحوم هڪ طرف ته سنڌ مدرسي جي پايي وجهندڙ مرحوم حسن علي آفنديءَ جي تعليمي تحريڪ سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي تحرير ۽ ڪلام جي ذريعي نئين غير ملڪي تهذيب جون بڇڙايون بيان ڪندي سنڌين کي پنهنجن قديمي تهذيبي ليڪن لتاڙڻ ۽ ابائي ريت وسارڻ کان به روڪيندو رهيو. اهو هڪ قسم جو وڏو تهذيبي جهاد هو، جنهن جو مقصد هو ته نون تهذيبي ۽ تمدني طوفانن جي عين وچ ۾ سنڌ کي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي محور تي قائم رکيو وڃي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ مون واري نسل جا ماڻهو گهڻيءَ حد تائين بلبل جي تحريرن کان متاثر رهيا، تنهنڪري مغربي تهذيب جي سيلاب ۾ ٻڏي لڙهي وڃڻ کان بچي ويا. ثبوت هيءُ آهي ته ان زماني ۾ اسانجن ماڻهن تي مغربي تهذيب جو ايترو اثر ڪونہ هو، جيترو آزاديءَ کان پوءِ اسان ڏسي رهيا آهيون. انهن ڏينهن ۾ نہ ايتريون پتلونون نظر اينديون هيون، نہ ايتريقدر بي پردگي، نہ مغربي طرز زندگيءَ سان اهڙي وابستگي.

مرحوم ساري زندگي پنهنجي ڪمن سان گڏ اخبارنويسي ۾ ڪندو رهيو. ١٨٨٩ع کان ١٩١٩ع تائين (جنهن سال پاڻ وفات ڪيائين) ڪنهن نه ڪنهن اخبار سان وابسته رهي پنهنجي خيالات جي اشاعت ڪندو رهيو. سندس مضامين نيچو لٽريچر هوندا هئا. اهڙي طرزنگارش ورلي وري ڪنهن سنڌيءَ جي حصي ۾ آئي. اخباري مضمونن کان سواءِ نظم توڙي نثر ۾ ڪيئي ڪتاب به لکي ڇڏيائين. مثلاً:

(١) نيچرل ڪريما، (٢) ديوان بلبل سنڌي، (٣) بهار عشق، (٤) رحيما، (٥) تيرهن چار، (٦) مسلمان ۽ تعليم، (٧) عقل ۽ تهذيب، (٨) قرض جو مرض، (٩) صد پند سود مند، (١٠) شمس المڪاتيب، (١١) احسن التواريخ، (١٢) ديوان بلبل فارسي، (١٣) بهارستان بلبل، (١٤) آئينہ ظرافت، (١٥) گنج معرفت، (١٦) ديني ڪتابن جو سلسلو.

مطلب ته بلبل سنڌ جو بلبل هو، سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙ هو، سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو، سنڌي تهذيب جو راکو هو.

ڪو ڏينهن ايندو، جڏهن سڄي سنڌ ڪر ڀڃي آٿندي ۽ بلبل جي احسانن جو قرض ان صورت سان لاهيندي ته ميهڙ جو بيمعنيٰ ۽ ڪوجهو نالو مٽائي بلبل آباد يا بلبل ديرو رکندي.

مرحوم شمس العلماء علامہ دائود پوٽو*

ست ورهيه سنڌ کان ٻاهر رهڻ بعد، ١٩٦٢ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ موتي اچي ڏٺم ته ان عرصي اندر ڪيترائي ساٿي سات سهيڙي وڃي جنت ۾ جائگير ٿيا هئا. سندن ماڳ، سندن سانگ موجود هئا. اهي ٿر، اهي بر، اهي پنڌ، اهي پيچرا، اهي گهٽ، اهي گهيڙ، اهي اڳڻ، اهي آستان - فقط جوءِ اندر جڻن جو پنهنجو پرو ڪونه هو.

---

*هي مضمون ١٩٦٢ع ۾ لکيو ويو هو، جو هيت شامل ڪيو وڃي ٿو، ان نسبت سان ته علامہ مرحوم جي پيدائش به داده ضلعي جي هئي.

”لڏي ويا ڇڏي ڪاهي ڏڻ ڏنار،
نڪا پيڪ ٻڪر جي نڪا تڙ تنوار!“

انهن وچڙي ويل ويڙهيچن جي ياد وسرڻ جي نه آهي. هرهڪ جي صورت هينئر به پئي اکين اڳيان ڦري. ڊاڪٽر دائود پوٽو، عثمان علي انصاري، مولانا محمد صادق راڻيپوري، حڪيم شمس الدين، سيٺ محمد جعفر خواجو، پير عبدالغفار شاهه، مولوي عبدالحي حقاني، نسيم تلوي، علي احمد خان افغان بيچانجي وارو. هرهڪ پنهنجي جاءِ تي جانب، لائق ۽ نباهڻ جو لائق، نه وساري نه وسري. ڪنهن جو قصو ڪري ڪنهن جو قصو ڪجي، سواءِ هن جي ته:

”اباڻن جي آڪير، راتو ڏينهان روئاري!“

ڊاڪٽر دائود پوٽو عليه الرحمة ڪي تڏهن ڪان سڃاڻندو هوس، جڏهن هو صاحب اڃا ڊاڪٽر ڪونه ٿيو هو. ايم. اي. پاس ڪري ولايت وڃڻ واسطي، اسڪالرشپ وٺڻ لاءِ بمبئي آيل هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ اڃا بمبئي پريزيڊنسيءَ سان پيوست هئي. بمبئي جي ڪمبيڪر اسٽريٽ ۾ آءٌ پنهنجي ڏاڏي مرحوم جي خدمت ۾ هڪ ميمڻ دوست وٽ مهمان هوس. جاءِ جي هيٺان هڪ ريڊنگ روم هوندو هو، جتي اخبارون ۽ رسالا رکيل هوندا هئا. اخبارن سان منهنجو واسطو اڃا ڪونه ٿيو هو، علم جي شوق وچان فقط اردو رسالن جا پيو ورق ورائيندو هوس. رسالن جو اڃا رواج ڪونه پيو هو.

هڪ پونياڙيءَ جو مٿان لهي آءٌ اچي ريڊنگ روم ۾ ويٺس. اتي پڻ ماڻهن سان گڏ هڪ سنڌي نوجوان به ويٺل هو. مٿي تي ڳاڙهي ترڪي ٽوپي، جسم تي ڊگهو ڪارو ڪوٽ، هيٺ تي سوڪرو پاجامون، پيرن ۾ سليپر، چهري تي ڏاڙهي، پر قدري ڪتريل. اهو ياد ڪونه اٿم ته هو پاڻ مون ڏانهن متوجه ٿيو يا مون وڏي وجي ساڻس ڳالهايو، پر اسان جي ڏي وٺ بروقت ٿي ويئي. پاڻ ٻڌايائين ته: ”منهنجو نالو

عمرالدين آهي، آءٌ ٿلهيءَ ضلعي دادو جو ويٺل آهيان، ايم. اي پاس ڪئي اٿم ۽ يونيورسٽيءَ طرفان سونو پدڪ به مليو اٿم. (اٿين چوندي سونو پلو ڪيسي سان ڪيڏي ڏيکاريائين) ميان عبدالرحيم شاهه سجاول واري سان گڏجي هت آيل آهيان، انهيءَ ارادي سان ته چٺوچوات ڪرائي، بمبئي سرڪار وٽان اسڪالرشپ وٺان ۽ ولايت وڃي ڊاڪٽري پاس ڪري اچان."

سنڌي دستور موجب مون کان احوال ورتائين. مون عرض ڪيس: "فارسي پيو پڙهان، مسجد جو ملان درس ڏيندو اٿم، اسڪول ۾ وڃڻ جو ڪو سوال ڪونه آهي، پير ماڻهو آهيون، زمين به آهي، نوڪري ڪانه ڪرڻي اٿم جو اسڪولي تعليم وٺان."

منهنجو اهو قصو ٻڌي، مسٽر عمرالدين مرحوم اچرج ۾ پئجي ويو، چيائين: "تون هوشيار ڇوڪرو نظر پيو اچين، توکي باقاعده سنڌي ۽ انگريزي تعليم اسڪول ۾ وٺڻ گهرجي. تنهنجا وڏا توکي ڇو پيا گهات ڪن؟ وقت اچي رهيو آهي، جڏهن علم کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ ڪم اچڻي ڪانه آهي."

مون چيس: "منهنجو ڏاڏو به هت آهي ۽ سٽي رهيل آهي، اوهان موقعي سر رو ساڻس ڳالهائي ڏسو."

رات جو مون پنهنجي ڏاڏي کي ٻڌايو ته هڪ تمام غريب سنڌي نوجوان هن پاڙي ۾ اچي رهيو آهي، کيس اسڪالرشپ کپي ٿي، اوهان ساڻس ملاقات ڪريو ۽ اسڪالرشپ واري ڪم ۾ سندس مدد به ڪريو. سر علي محمد خان دهلوي مرحوم انهن ڏينهن ۾ بمبئي سرڪار ۾ وزير هو ۽ ڏاڏي مرحوم جي ساڻس پراڻي واقفيت هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو مون عمرالدين مرحوم کي وٺي ڏاڏي مرحوم سان ملايو.

پاڻ منهنجي انگريزي تعليم بابت زوردار لفظن ۾ چيائين ۽ ڏاڏي مرحوم کان وعدو ورتائين ته مون کي ڪرنل براٺون جي ڪيمبرج اسڪول ۾ انگريزي تعليم وٺڻ لاءِ ضرور موڪليندو.

سنڌ موٽي اچڻ بعد خط پٽ ذريعي ۽ عمرالدين مرحوم منهنجي تعليم واري قصي جي پوئواري ڪندو رهيو. جڏهن آءٌ ديرادون وڃڻ لڳس ته اتان جي پرنسپال ڪرنل برائون جي نالي تعارفي خط ۽ لکي موڪليائين، حالانڪ ڪرنل برائون سان سنڌس ڪابه ذاتي واقفيت ڪانه هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ پاڻ عمرالدين (مرحوم) ۽ ولايت اسهي ويو.

ديرادون اسڪول ۾ مون فقط هڪ ڏينهن تعليم ورتي. ٻئي ڏينهن صبح جو ٽپڙ کڻي واپس اچي گهر پهتس. اسڪول سان دل ڪانه لڳي.

عمرالدين (مرحوم) جي تاڪيد جو اثر منهنجيءَ دل تي پوءِ به قائم رهيو. محض ڪيس منهن ڏيکارڻ جي قابل ٿيڻ خاطر مون زور سان انگريزي پرائڻ جي ڪوشش ڪئي- خانگي طرح، ڪتابن ۽ اخبارن جي وسيلي.

وقت گذرندو ويو، وڃان ورهيه پنجي ويا.

عمرالدين (مرحوم) ولايت مان پي. ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪري موٽي آيو ۽ هت رسڻ بعد سنڌ مدرسةالاسلام جو پرنسپال مقرر ٿيو. آءٌ پاڻ به متا مونان هٿي ڪجهه سنڌي، ڪجهه انگريزي سکي ٻيو هوس. سنڌ زميندار سکر جي ايڊيٽريءَ سان گڏ محترم خانبهادر کهڙي صاحب جي سيڪريٽريءَ طور انگريزيءَ ۾ لکپڙهه ڪندو ٿي رهيس.

ولايت مان موٽڻ بعد عمرالدين مرحوم ڊاڪٽر يو. ايم. دائود پوٽو سڏجڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ مدرسي جي پرنسپالي به ڪا شيءِ هوندي هئي. هر وات تي ڊاڪٽر صاحب جي واڪا هئي. سنڌ جو پهريون مسلمان پي. ايچ. ڊي هو.

انهيءَ ئي زماني ۾ محترم خانبهادر کهڙو صاحب، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪري چڪو هو. اڪيلي سر، پنهنجي ذميداريءَ تي. اڪثر دنيا سندس مخالفت پئي ڪئي. هندن ته ٻنهي منهن متا پئي پٽيا، پر اوائلي ڏينهن

۾ مسلمانن مان به ڪيترن صاحبن بمبئي سرڪار ۽ هندن ڪي خوش رکڻ خاطر، وچي واهن جا پاسا ورتا هئا. ان تحريڪ جو مرڪز پهريائين لاڙڪاڻو هو ۽ بعد ۾ ڪراچي. تحريڪ جي سلسلي ۾ خانبهادر کهڙي کي اڪثر ڪراچي اچڻو ٿي پيو ۽ بطور سنڌس سيڪريٽريءَ جي مون کي به. ڪراچيءَ جي فضا ڪنهن حد تائين ناموافق هوندي هئي. سرڪاري ڪامورا ڪڙا ۽ ليڊرن مان به ڪيترا سچڻ وقت جا سلامي هئا ۽ کهڙي صاحب کان مڙيوئي پاسو پيا ڪندا هئا. الڪو اهو هوندو هون ته اها خبر سنڌ جي ڪمشنر کي نه وڃي رسي. وقت جو ڪمشنر هڪ ڪٽر انگريز هوندو هو، جي. آي. ڊاس. بمبئيءَ جي اخبار ٽائمز آف انڊيا، سنڌس انيشلز (ڇوٽين صحيحن) ”جي. اي“ جو شرح ڪيو هو ”گاڊ المائٽي“ (يعني خود خدا) نعوذ بالله.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي- کهڙو صاحب ۽ آءٌ ڪراچي آيل هئاسون، مرحوم حسين عليءَ جي بنگلي تي، سنڌس مهمان طور، رهيل هئاسون. حسين علي، خانبهادر حسن علي مرحوم جو پوٽو هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ جيل کاتي ۾ نوڪري ورتي هئائين. سنڌس بنگلو وڪٽوريا روڊ، پراڻيءَ ڪمشنريءَ جي پاهران هوندو هو.

حسين عليءَ مرحوم، کهڙي صاحب جي اعزاز ۾ ڊنر پارٽيءَ جو انتظام ڪيو. گهڻن ئي ڏڻ-وارن ماڻهن ڏانهن دعوت ناما موڪليائين، پر سواءِ ٻن شخصن جي، باقي سڀني کي وقت تي ڪونه ڪو عارضو ٿي پيو، جنهنڪري دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ کان لاچار ٿي پيا. اهي ٻه جيڪي اچي ڊنر ۾ شامل ٿيا، سي هئا: مير بنده علي خان ٽالپر ۽ مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو.

ڊاڪٽر صاحب کان پڇيو ويو ته ڪين وقت جي قلت جو ڇو ڪونه خيال ٿيو؟ پاڻ فرمايائين ”و تعز من تشاءُ و تذل

من تشاءُ." قادر ڪريم پنهنجا اختيار ڪمشنر جي حوالي ڪونہ ڪيا آهن، جو آءٌ ويهي ڪانئس ڊڄان.

ڊاڪٽر مرحوم ان موقعي تي پهريان مون کي ڪونہ سڃاتو، ڇو تہ طرفين جي عمر ۽ حيثيت ۾ ڪافي ترقي ٿي چڪي هئي. بعد ۾ وجهہ وٺي مون کيس اڳيان بمبئيءَ وارا ڏينهن ياد ڏياريا. عين شفقت وچان ڀاڪر پاتائين ۽ فرمايائين: "آءٌ اڄ تائين تنهنجي ڳولا ۾ هوس. ولايت مان موٽڻ بعد آءٌ علي محمد راشديءَ جو نالو اڪثر ٻڌندو پئي رهيس، پر اهو پتو ڪونہ هوم تہ جنهن ڇوڪري سان آءٌ بمبئيءَ ۾ مليو هوس، سو هينئر علي محمد راشدي ٿي پيو آهي، وغيره وغيره." ڇگهن کان هميشه چڱايون پيون پچن.

تجديد ملاقات بعد، تعلقات جو نئون دؤر شروع ٿيو، تنهن کي ڊاڪٽر صاحب مرحوم آخر وقت تائين نباهيو. مون کي ياد نہ آهي تہ مون کيس ڪڏهن ڪو عرض ڪيو هجي ۽ هن صاحب نہ مڃيو هجي.

سياسي زلزلا آيا، جهيڙا ٿيا، وزارتون ٺهيون ۽ ڊهيون، پارٽيون ٿيون ۽ ڪريون، جاني دوست، جاني دشمن بنجي ويا، وقتن ڦرندي دشمن، دوستيءَ جا دم هڻڻ لڳا، پر مون ڏانهن سندس اوائلي شفقت ۽ روايتي ڪريميءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪا ڪوتاهي ڪانہ ٿي، حالانڪ طبعاً پاڻ قدري زود رنج هئا ۽ آءٌ ٻنهہ "سيد ڪو يارا!"

سنڌ مدرسي جي پرنسپاليءَ بعد، ڊاڪٽر صاحب مرحوم اسماعيليہ ڪاليج انڌيري جو پروفيسر مقرر ٿي بمبئيءَ روانو ٿي ويو. آءٌ "سنڌ زميندار" ڇڏي "ستاره سنڌ" جاري ڪري چڪو هوس.

اسيرو نالي هڪ باورچي مون وٽ ملازم هو. ماني چڱي رڌيندو هو، پر دماغ جي ڪل ٽڙڪيل هيس، ڪنهن مهريءَ جي موهہ جا هٿ لڳل هئس. مون وٽ سندس ڏگهار هڪ آنو روز هوندي هئي ان اپراڌ الائونس جي، مون کي

۽ منهنجي متعلقين کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهندو هو. ڪفايت ۽ ماٺيءَ جي چشڪي جي ڪري آءٌ ۽ حسام الدين به صبر ۽ سڪون سان سنڌس ٻڙٻڙ جي بوڇاڙ برداشت ڪندا ٿي رهياسين.

سياري جي موسم هئي ۽ سکر سونهاري جي صبح جي ڦرڪٽي. اميرو منهنجي ڪمري ۾ اچي دانهون ڪرڻ لڳو. چي: ”صبح مڙدان سان هڪ ”ڊاڪدر“ بنگلي ۾ لنگهي پيو آهي، سون گهٽوئي پيو چوانس ته هن گهر ۾ ڪو به بيمار ڪونه آهي، پر هو مڙوي ڪونه ٿو. چوي ٿو ”مبئيءَ“ کان آيو آهيان. سون چيس ته هينئر وڃ، سيٺ واٽ لاهي، عبدالرحمان جي هوٽل تان چانهه پاڻي پيءِ، پوءِ سج موٽي اچي پير سان ملجانءِ، پر منهنجي ڪا ڳالهه ڪانه ٿو مڃي. ڪتابن جي پيري کنيو ٻاهر پٽ تي چڙهيو ويٺو آهي. آءٌ ته دروازي تي ڪڙا ڪنڊا چاڙهي آيو آهيان، پاڻ ٿي ٿڌ تپائيندس ۽ هليو ويندو...“

منهن ٻاهر ڪڍي ڏٺم ته ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم پاڻ ويٺو آهي. ناگهان، بي گمان، ڊوڙي وڃي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ اميري جي بدتميزين بابت ٽڪڙي ٽڪڙي معافي گهرڻ لڳس، پاڻ فقط کلندو رهيو.

حال احوال وٺندي معلوم ٿيو ته سنڌ جي تاريخ تي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ پاڻ سنڌ جي سفر تي چڙهيل آهي. ان سلسلي ۾ کيس معلوم ٿيو هو ته مان اڳ ۾ ئي سيد محمد معصوم بکري عليه رحمة جي حالات متعلق تحقيق پيو ڪريان، جنهنڪري ضرورت محسوس ٿيس ته مون سان اچي ملي.

ڊاڪٽر صاحب اڳڻ اچي ۽ عيدان نه ٿين؟ خوشيءَ وچان آءٌ سنڌس خدمت ڪرڻ لڳس. جيڪو حاضر هو، سو ڏٺي پرينءَ جي پيش ڪيم. سال ڪن کان پوءِ سنڌس ڪتاب تاريخ معصومي شايع ٿيو، جنهن جي ديباچي ۾ مون کي به ياد فرمايو هئائين.

پر اچا جا ڳالهه اهم هئي ۽ ان موقعي تي مون کي معلوم ٿي، سا اچا پي هئي. ڊاڪٽر صاحب پهريون دفعو سنڌ جي ذهني ترقي متعلق، مون کي پنهنجو پروگرام ٻڌايو.

سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جا آثار ان وقت تائين نہ فقط ظاهر، بلڪ يقين جي حد تائين پهچي چڪا هئا. ان حقيقت کي سامهون رکندي، ڊاڪٽر صاحب فرمايو تہ سنڌ جي جدائي اوسيتائين بي معني ثابت ٿيندي، جيسيتائين سنڌين کي ذهني طرح جهنجهوڙي، جاڳائي، پيرن پر کڙو نہ کيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سندس خيال هو:

١- سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ڪجي. بغير ماضي معلوم ڪئي ۽ ماضيءَ مان سبق حاصل ڪئي، مستقبل جو صحيح تعمير ٿيڻ ناممڪن آهي.

٢- سنڌي ٻوليءَ تان ٻاهرين ٻولين جا چلهڙ ۽ چوڏا لاهي، ان کي سندس اصلي ۽ نج حالت ۾ پيش ڪجي. پنهنجي ٻوليءَ جي مدد کان سواءِ ماڻهو پنهنجي اندر جا ٻول ٻولي نہ سگهندو.

٣- سنڌ جي مخصوص روحاني تعليمات کي زنده ڪجي، جيئن سنڌي پنهنجي ان بي مثال ورثي تي فخر ڪري سگهن.

٤- سنڌ اندر تعليم عام ڪجي.

ڊاڪٽر صاحب فرمايو تہ سردست هو سنڌ جي تاريخ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري. جيڪڏهن حياتيءَ هٿ نہ ڪڍيس تہ هلندي هلندي باقي ڳالهين جي بہ پوئواري ڪندو رهندو.

هينئر سندس حياتيءَ جو مجموعي جائزو ورتو ويندو تہ معلوم ٿيندو تہ ڊاڪٽر صاحب مرحوم ان پروگرام کي پوريءَ طرح نباهيو ۽ ائين ڪرڻ سان سنڌ جي اجتماعي زندگيءَ کي هڪ نئين دور جي دروازي تي آڻي بيهاريو.

۱۹۳۶ع ۾ سنڌ جدا ٿي. ۱۹۳۷ع ۾ آزاد سنڌ جون پهريون چونڊون ٿيون. ٿوري ئي عرصي اندر ڊاڪٽر صاحب مرحوم. ٻه ٻمبئيءَ کان موڪلائي اچي پنهنجي ڳوٺ جا وڻ ڏٺا ۽ تعليمي کاتي جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو.

سنڌس دفتر بندر روڊ تي، اسٽار (هينئر مئجيسٽڪ) سئنيما جي سامهون هو ۽ سنهنجو گهر رام باغ تي. وچان فاصلي جي ٿورائي ڪري اسان جو گڏجڻ روزانو نه، ته ٻه هڪ نه ٻئي ڏينهن ضرور پيو ٿيندو هو. اهي ڏينهن امنگن پريا هوندا هئا. نئين ولولي جو وهڪرو اچا وَير جي ٽڪرين سان ٽڪرجي ٽُڪر ڪونه ٿيو هو. اميدن جو بهار هو، خزان جو خطرو محسوس ڪونه ٿي ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب مرحوم پنهنجي قلم ۽ پنهنجي تعليمات ذريعي اها ڪوشش شروع ڪئي ته سنڌي زبان کي هندي ۽ سنسڪرت جي نامناسب ۽ غير ضروري ملاوٽ کان آزاد ڪري، سنڌس اصلي صورت ۾ پيش ڪري. سنسار سماچار ۽ ڪن ٻين ڪٽر هندو اخبارن جو شغل ٿي چڪو هو ته سنڌيءَ ۾ ٻاهرين ٻولين جا اکر ٽُنبي سنڌس حُليو بگاڙيو وڃي. ان تحريڪ ۾ سنڌ جا سڀ هندو شامل ڪونه هئا. سنجهن گهڻا اهڙا بزرگ به هئا، جن ان جعلسازيءَ کي قطعاً نفرت جي نگاهه سان ٿي ڏٺو، پر پڙي ڪونه ٿي سگهيا. سنڌ اندر هندو قلم اهڙن بدمستن جي هٿ چڙهي ويل هو، جن کي اڳ پوءِ جي پرواهه بلڪل ڪانه ٿي پئي ۽ قريل وقت ۽ مستقبل جي امڪانن جو سنجهن ڪو به احساس ڪونه هو. في الحقيقت اهائي چڻنگ هئي، جنهن وقت گذرندي پڙڪو کائي سنڌي سوسائٽيءَ جي يڪ رنگي واري ساري سرمايي کي ساڙي ڇڏيو ۽ نيٺ خود هندن کي سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو.

۱۹۴۰ع ۾، ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي پيدا ڪيل جذبي جو خاص نتيجو نڪتو. سنڌ جي تعليمي وزير محترم غلام مرتضيٰ شاهه سنائي (جي. ايم. سيد) سنڌ جي زبان ۽ ادب کي اڀارڻ لاءِ سرڪاري ادبي بورڊ قائم ڪيو. ان بورڊ جي ساڃهه هيٺ سنڌي ادب جون ڪيتريون زنده جاويد شخصيتون هڪ جاءِ تي گڏيون ٿي ويون. مرحوم مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مرحوم مولانا دين محمد وفائي، مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ، محترم سيد ميران محمد شاهه، سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي، سرڳواسي ڪاڪو ڀيرومل مهرچند، سرڳواسي لالچند امرڏنومل، سرڳواسي ديوان سوڀراج نرملداس ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو عليه الرحمة ٻاڻ! منهنجي خوشقسمتي هئي، جو ڪنهن طرح سان منهنجو نالو به ميمبرن جي لسٽ ۾ اچي ويل هو.

اهي ڏينهن، اهي شينهن، وري هي اکيون ڪونه ڏسنديون. اهڙن انسانن جي قدمن ۾ ويهڻ جو موقعو مليل ويل هو، جن انسانن جا نالا سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ قومون قيامت تائين انتهائي عزت، ادب ۽ احترام سان ياد ڪنديون رهنديون. انهن جي گفتگو جو ڇهڇٽو، انهن جي زبان جي چاشني، انهن جي معلومات جي ڳوڙهائي، انهن جي اٿڻ ويهڻ جي تهذيب، انهن جي صورتن جو شان ۽ وقار، غرض سندن ڪهڙي خوبي ڳڻي ڪهڙي ڳڻجي! علمي آسمان جي ڪتين ۽ تيرن، آفتابن ۽ ماهتابن جو ميڙو هو.

موقعو به تاريخي هو، سنڌ جي قديمي مقامي تمدن جو اٺويهين صديءَ وارو دور ختم ٿي رهيو هو. سنڌ جي زبان جا ابا پنهنجو عرصو پورو ڪري، قومي ادب جو ورثو نئين نسل جي حوالي ڪري رهيا هئا. سنڌي تاريخ جي تحقيق جو نئون دور شروع ٿي چڪو هو. سنڌيت ڏانهن موٽڻ لاءِ

نئين تحريڪ جو بنياد پئي پيو. احساس ۽ آس، اميدن ۽ آسرن جي هڪ نئين دنيا اکين اڳيان اچي ويل هئي. سمجهو ائين پئي ويو ته هڪ اهڙو سال شروع ٿيو آهي، جنهن جو چيٽ ٻارهن ئي مهينا چالو رهندو ۽ جنهن جي دوران نه گل جو گلچين سان، نه بلبل جو صياد سان سابقو پوندو.

ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم پاڻ انهن ميڙن جو مور هوندو هو. ڏکئي کان ڏکيا علمي سوال کولي آڻي رفيقن اڳيان رکندو هو. بورڊ جي ساري ڪم جو نقشو سندس دماغي خوبين جو نورانتو هوندو هو. اصولي ڳالهين ۾ پاڻ ڪنهن جي ڪونه مڃيندو هو. هڪ دفعي ڪنهن اکر جي سلسلي ۾ اچي زير زبر تي جهڳڙو لڳو. هڪ طرف ڊاڪٽر صاحب پاڻ، ٻئي طرف بورڊ جي ميمبرن جي گهڻائي. جيتريقدر مون کي ياد آهي، اهو جهيڙو ٻه سال کن هلندو رهيو ۽ بورڊ پاڻ گروپن ۾ ورهائجي ويو. تڪرار وڌي وڃي اخباري ڪالمن تائين ٻه پهتو، پر پڄاڙيءَ تائين آڻ ڪنهن، ڪنهن جي ڪانه مڃي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجيءَ ڳالهه تي قائم رهيو.

ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر صاحب عليه الرحمة صوبي سان اڪيچار ڀال ڀلايا. خوش قسمتيءَ سان ڪين وزير ٻه پير الاهي بخش ملي ويو هو. انهن ٻنهي صاحبن جي ڪوشش سان سنڌ اندر تعليم کي وڏو فروغ رسيو. نيون ڪاليجون برپا ٿيون، سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي، اسڪالرشپون ورهايون، زوري تعليم عام ٿي، سون بيرين نوان پرائمري اسڪول کليا، قيمتي ڪتاب ڇپيا، سنڌ جي تاريخ ۽ زماني کي جيارڻ ۽ آجارڻ واري اصول ۾ عام دلچسپي پيدا ٿي ـــ غرض سنڌ اندر علم جو آجهامندڙ ڏيئو انهن ٻن صاحبن جي حب الوطنيءَ وسيلي روشن ٿي بيو. ڪيترن سالن تائين پوءِ ٻه آڳ گهٽ ادارن تي پير الاهي بخش جو نالو ڏسندو رهيس. پر عرصو گذرندي:

”لڳي ڪا جا واءَ، ويا انگڙا لڇي.“

١٩٥٦ع ۾ جڏهن آءٌ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ته ڊاڪٽر صاحب مون کان موڪلائڻ آيو. پاڻ سان ديوان حافظ جو هڪ طلائي نسخو کڻي آيو، جيڪو مون کي بطور تحفي جي ڏنائين ۽ فرمايائين:

”جلاوطنيءَ جي زماني ۾ هيءَ سوکڙي ساڻ رکجانءِ، هيانءُ منجهيئي ته هن ڏانهن رجوع ڪجانءِ!“

١٩٥٨ع ۾ ڊاڪٽر صاحب عليه الرحمة جي رحلت جي خبر پئي. اهو هڪ اهڙو حادثو هو، جنهن جي اثر هيٺ دل دانهون ڪندي رهي، پر قدرت جي فيصلن ۽ فتوائن اڳيان چارو چلي ڪونه ٿي سگهيو. سندس ڏنل ديوان حافظ ڏانهن رجوع ڪيم، هن شعر تي نظر پئي:

”اي دل ريش مرا بالب تو حق نمڪ،
حق نگهدار ڪه من ميروم، الله معڪ.“

انا لله و انا اليه راجعون.

١٩٦٢ع جي آڪٽوبر ۾ موٽي اچي ڏٺم ته ساز توڙي جو پاڻ خموش ٿي چڪو هو، پر ان جا نغما اچا تائين به فضا ۾ پئي ڦريا. ڏئي ڪري شال نغمن سان به ڪا ويڌن نه وائڄي.

علامه قاضي امداد علي (آء. آء. قاضي)

قومون ماڻهن سان ٺهنديون آهن، ماڻهو اڻلڀ هوندا ته قوم ڪٿي لهي سگهبي: ٻ- پيرن ڊورن جي ڌڻ کي قوم نٿو سڏي سگهجي:

”ڪه از فڪر دو صد خر،
ڪار يڪ انسان نمي آيد.“

[(چوتہ) ڀن سون گڏھن جي سوچ جو ھڪڙي ماڻھوءَ
جي سوچ سان سودو نٿو ٿي سگھي.]

ايران جي شاعر جي قول مطابق:

”آدميت نہ بہ نطق و نہ بہ ريش و نہ بہ جان،
طوطيان نطق، بزان ريش، خران جان دارد.“

[ماڻھپو نہ ڳالھائڻ تي آھي، نہ ڏاڙھيءَ تي، ۽ نہ ساھ تي،
ڳالھائين چٽون بہ ٿا، ٻڪرن کي بہ ڏاڙھيون آھن،
۽ گڏھن کي بہ ساھ ٿئي ٿو.]

اھوئي سبب ھو جو يوناني فيلسوف، ڊايوجينز، ماڻھوءَ جي ڳولا ۾ ٻتي کنيو پيو گھمندو ھو، ۽ مولانا رومي دانھون کندو رھيو:

کز ديودد ملولم، انسانم آرزو ست!

[ديوَن جھڙا منھن ڏسي ڪڪ ٿي پيو آھيان، ماڻھو
ڏسڻ چاھيان ٿو.]

۽ غالب فيصلو ڏنو تہ:

آدمي کو بھي ميسر نھين انسان ھونا.

[آدم جي اولاد لاءِ بہ ماڻھو ٿيڻ وس ۾ ڪونھي.]

مطلب تہ ماڻھوءَ جھڙي شيءِ ڏاڍي ڏکي ٿي لڀي، ۽ ڪنھن قوم جي وجود کي ثابت ڪرڻ لاءِ يا ان جي بلنديءَ ۽ پستيءَ جي سطح مقرر ڪرڻ لاءِ، اھوئي ڏسڻو پوندو آھي تہ ان قوم ۾ سچاپچا ماڻھو سندس ھئي آدمزاد جي پيٽ ۾ ڪيترا آھن، ان جي مٽيءَ ۾ ماڻھو پيدا ڪرڻ جو ست آھي يا نہ، ۽ ان جي ڌرتيءَ جو ماحول ماڻھپي جي آسرڻ ۽ نسرڻ لاءِ ٺھڪندڙ ۽ پورو آھي يا نہ؟ ڏکي ڳالھ سچ پچ ھيءَ آھي تہ ماڻھو ھر روز پيدا نٿا ٿين. ماڻھوءَ کي بنائڻ قدرت جي ڪاريگريءَ جو ڪمال آھي، ۽ قدرت جون پنھنجون

مصلحتون ڪجهه اهڙيون آهن، جو ان جي ڪارخاني ۾ هر روز سندس ڪمال جا شاهڪار پيدا ڪين ٿا ٿين - پوءِ، ههڙيءَ عجيب صورتحال هوندي، جڏهن ڪو ميجيل ڪيل ماڻهو ڪنهن قوم کان جدا ٿي وڃي ٿو، ته اها فطري ڳالهه آهي ته ان قوم ۾ هرهنڌ ماتم پئجي وڃي.

علامه امداد علي قاضي هڪ ميجيل ڪيل انسان هو - هو قدرت جي فياضين جو هڪ اعليٰ نمونو هو، انساني صفتن جو حسين مجموعو هو، ذهني ۽ روحاني ڪمال جو پتلو هو، علم ۽ فضل جو خزانو هو، مشرقي ۽ مغربي ڄاڻ جو گنج هو، هن دؤر جي اسلامي دنيا جو يڪتا مفڪر هو، سنڌ جي ڌرتيءَ جو سيون لاتيون لونڌڙ پکي هو، لطيفي لات جي بلبلِ هزار داستان هو، پاڪستان جي سرزمين لاءِ عزت ۽ شان جو سبب هو، ۽ پاڪستاني قوم جي امتياز ۽ سربلنديءَ جو نشان هو - هيءَ لفاظي نه آهي، هڪ حقيقت آهي - اعتبار نه اچيوَ ته سندس زندگيءَ جو مطالعو ڪري ڏسو، سندس ڇڏيل پنا اٿلائي پٿلائي ۽ پڙهي ڏسو، جن خوش نصيبن کيس ڏٺو ۽ ٻڌو، انهن کان پڇي ڏسو.

غور فرمايو! قاضي صاحب مرحوم جي زندگي دنيا جي تاريخ جي سڀ کان وڏي خوني دؤر مان لنگهي. پاڻ ٻه عالمي جنگيون پنهنجين اکين سان ڏٺائين، پاڻ هٽلر ۽ مسوليني‌ءَ کي انساني رت سان ۽ سندن خسيس پوئلڳن کي انساني حقن سان کيڏندي ڏٺائين، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ کي زندگيءَ جو فلسفو ٻڌجندي ڏٺائين، امن ۽ ماڻهپي جي ماڻهن کي پائمال ٿيندي ڏٺائين، ۽ هيءُ به ڏٺائين ته ماڻهن کي ايتري ته بدبختي ورائي وئي آهي جو سچ ۽ ماڻهپي جي ڳالهه هو ٻنهي ڪنن ٻڌڻ - ٻڌ، ان هوندي به هي شخص امن ۽ انسانيت جو نياپو ڏيندو رهيو، ماڻهن سان پيار ۽ خدا کان خوف جي ڳالهه ٻڌائيندو رهيو، ماڻهن جي آجرن

انهن کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هڪ رت جي پياسي دنيا ۾ رهيو، پر پنهنجي دامن کي رت جي داغن کان صاف رکيائين؛ هڪ لوڀي ماحول ۾ رهيو، پر لوڀ جي ڏائڻ کي پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏنائين؛ هڪ طاقت جي بکيءَ دنيا ۾ رهيو، پر طاقت جي بلا جي ڏنگ کان بچيو رهيو. هڪ اهڙي زماني ۾ جائو، جڏهن ساڌو رزاق کان وڌيڪ رزق کي ڇهڻيا رهيا، پر هن شخص پالڻهار کي پٺي ڏيئي پيٽ جي پوڄا ڪانه ڪئي- تاريخ جي هڪ اهڙي دور سان سنڌ واسطو پيو، جڏهن وک وک تي ڪو نه ڪو ”لات“ يا ”منات“ اپو ٻيٺل ڏٺائين، پر هي مسافر ڪڏهن ”اِني لا احب الافلين“ (جتا نه ڪندڙ شين سان منهنجي پريت ڪانهي.) چوندو، ۽ ڪڏهن ”لاحول“ (هڪ اعليٰ ۽ عظيم الله کان سواءِ ٻي ڪابه طاقت ڪانهي) پڙهندو، پنهنجي واٽ وٺيو ويندو رهيو. هڪ اهڙي عالمي ماحول ۾ سنڌ جنم ٽيو، جڏهن دولت جي ماڻ ۾ شرافت جي تور-ماپ ٿيندي رهي، پر هن شخص جو قلندري شان ڏسو، جو:

”چند تصوير بتان، چند حسينون کي خطوط،
بعد مرني کي ميري گهر سي يه سامان نڪلا.“

[ڪي يارن جون سورتون ۽ ڪي سهڻن جا خط،
مرڻ کان پوءِ منهنجي گهر مان ڪُل اهو
سامان نڪتو.]

بنيادي ڳالهه هيءَ هئي ته قاضي صاحب ساڌو هو. هن ساڌپي جو مان رکيو. هن هيءَ تڇ دنيا ڇڏي، ۽ اصلي دنيا حاصل ڪئي. ”جاميءَ“ جي چوڻ موجب:

”جماد چند دادم، جان خريدم،
بحمدالله بسي ارزان خريدم.“

[ٿورا سڪا ڏنم، ساهه ورتم. خدا جو شڪر آهي،
ڏاڍو سهانگو ورتم.]

فقير عبدالرحيم گرهوڙي سنڌ جو مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. هڪ ڏينهن هو پنهنجيءَ جهوپڙيءَ ۾ تڏو وڇايو پٽ تي ليٽيو پيو هو. اتر سنڌ جو بادشاهه سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. فقير جو هيءُ حال ڏسي حيرت وچان دانهن نڪري ويس. فقير صاحب فرمايو "مير صاحب! هيءَ دنيا رڳو هڪ لنگهه آهي، هتان جي لاءِ هي تڏو ڪافي آهي. جتي هميشه رهڻو آهي، اتان جي لاءِ، خدا جو شڪر آهي، ڪجهه چڱوئي بندوبست ڪيو اٿم." اسان جي قاضي صاحب عليه الرحمة جي زندگيءَ جو به قريب اهوئي حال آهي.

سندن وڏا دادو ضلعي جي انسان اپائيندڙ ڳوٺ پاٽ جا ويٺل هئا؛ جتي شهنشاهه همايون جي شادي اڪبراعظم جي ماءُ حميده بانو بيگم سان ٿي هئي، جتي هر دور ۾ وڏا وڏا عالم ۽ فاضل پيدا ٿيندا رهيا، جتان جي ماڻهن ۾ اڄ به پڙهيلن جو حصو نوي سيڪڙو آهي، جتي هن وقت به اوهان کي مئٽرڪ پاس ڪيل ماڻهو هر ڪاهيندي ۽ شاهه عبداللطيف جو ڪلام جهونگاريندي ڏسڻ ۾ ايندا. قاضي صاحب جو پنهنجو جنم حيدرآباد ۾، اپريل ١٨٨٦ع ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم ترجي هڪ آخوند صاحب کان حاصل ڪيائون. ديني تعليم کان پوءِ انگريزي پڙهڻ بعد لنڊن روانا ٿي ويا، جتي بئريسٽري پاس ڪيائون، مختلف علمي ادارن مان فيض حاصل ڪيائون، وقت جي چوٽيءَ تي پهتل مستشرقين ۽ مختلف علمن جي استادن کان سبق ورتائون، مشرقي ۽ مغربي علمن تي عبور حاصل ڪيائون. تنهن کان پوءِ جرمنيءَ ويا، ۽ هڪ سال اتي رهي، اتان جي دانشگاهن جي علمي انبارن کي اٿلايائون پٿلايائون. اتي شادي به ڪيائون، ۽ پوءِ سن ١٩١١ع ۾ واپس پنهنجي وطن آيا.

هتي اچڻ سان قاضي صاحب حيدرآباد ضلعي ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. ان کان پوءِ خيرپور رياست ۾ پهريائين سيشن جج ۽ پوءِ هوم منسٽر ٿيو. هن ملازمت جي زماني ۾ پڻ قاضي صاحب، پنهنجي علم ۽ معلومات جي وڌائڻ جي خيال کان، هر ٻئي يا ٽئين سال يورپ جو سفر ڪندو رهيو. سندس علمي پايي کي ڏسي، لنڊن جي ڪيترين ئي علمي سوسائٽين کيس اعزازي طور ميمبر بنايو. هر ڀيري آتي اسلام ۽ فلسفي تي سندن تقريرون ٿينديون رهنديون هيون، ۽ ماڻهو وڏيءَ عزت سان سندس خيال ٻڌندا هئا. نيٺ سرڪاري ملازمت سندس طبيعت سان ميل نہ کاڌو. پاڻ محسوس ڪيائون تہ ملازمت جي مجبورين ڪري، ڪن حالتن ۾ ضمير تي سهڻ کان وڌيڪ بار پوي ٿو، قيمتي زندگي خسيس ڳالهين جي پويان ضايع ٿي وڃي ٿي، نالي ۽ ناموس، اختيار ۽ طاقت جي هوس ماڻهوءَ جي نرمل امنگن کي ڦٽي وجهي ٿي: مطلب تہ، جيئن پاڻ فرمائيندا هئا، ”گهر آباد ٿئي ٿي ٿئي، ان کان اڳ دل جي دنيا ويران ٿي وڃي ٿي.“

ان روحاني پوساٽ سان نڪرڻ لاءِ، قاضي صاحب هوم منسٽريءَ وغيره کي ڇڏي، ولايت جو رخ ڪيو، ۽ اتي ويهي ڪيترائي سال اسلام جي اشاعت جو ڪم ڪندو رهيو، ۽ يورپي طالب علمن کي قرآن مجيد جو تفسير ٻڌائيندو رهيو.

پاڪستان جي ٺهڻ کان ڪجهہ عرصو اڳي، پاڻ ڪراچيءَ آيو، ۽ هتي انگريزي پڙهندڙ طالب علمن کي قرآن ۽ مذهب جو درس ڏيڻ لڳو. هر جمعي ڏينهن جناح هاسٽل جي مسجد ۾ سندس خطبو ٿيندو هو، جنهن جي ٻڌڻ لاءِ بيشمار ماڻهو ايندا هئا. خطبي جو مضمون الڳ الڳ ۽ نئون هوندو هو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، قاضي صاحب لنڊن هليو ويو ۽ اتي پڪيءَ طرح گهر ڪري رهڻ جو انتظام ڪيائين، پر ٿورن سالن کان پوءِ، ڪن پاڪستاني دوستن جي زور ڀرڻ تي، ڪيس واپس اچڻو پيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر طور ڪم ڪرڻ لڳو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي سندس ئي پورهئي جو نتيجو هئي. پورا ڏهه سال پاڻ انهيءَ دانشگاهه جي خدمت ڪندو رهيو. سن ۱۹۵۹ع ۾ اتان استعيفا ڏيئي گوشه نشين ٿي ويٺو، ۽ انهيءَ گوشه نشينيءَ ۾ سوچ ويچار ۽ پڙهڻ لکڻ ۾ پاڻ کي مشغول رکيائين. ڪيترائي علمي مقالا انهيءَ زماني ۾ لکيائين – ڪجهه ڪتاب پڻ لکي تيار ڪيائين. شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي تحقيق ڪيائين، ۽ سندس رسالو پڻ شايع ڪرايائين. شاهه سائينءَ جي ڪلام جي چونڊ حصي جو پاڻ ۽ سندس اهليه سڳوريءَ گڏجي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ ان مشغوليءَ کان پوءِ جيترو وقت بچيس، اهو تعليم يافته نوجوانن کي پنهنجي علم ۽ فضل کان فيضياب ڪرڻ تي خرچ ڪرڻ فرمايائين.

قاضي صاحب ڪيترن ئي موضوعن تي اعليٰ تحريرون ڇڏيون آهن. اسلام، قرآن مجيد، انسانيت، ادب ۽ فلسفي جي تاريخ سان سندن خاص ذوق هوندو هو.

منهنجي سامهون هن وقت سندن هڪ ڪتاب آهي، جو سندن انتقال کان ٿورائي ڏينهن اڳ شايع ٿيو آهي – ڪتاب جو نالو آهي، ”ڪيزوئل پيپس ائٽ سوفيا“ (Casual Peeps At Sophia). پيش لفظ بروهي صاحب جو لکيل اٿس، ۽ مضمونن جي فهرست هيءَ اٿس:

(۱) فيلسوف ڪنهن کي ٿا چون؟ (۲) اڄڪلهه جي ماڻهن ۾ ڪهڙي اوڻائي آهي؟ (۳) تحقيق تي زور مگر نتيجو غائب! (۴) سڀ تعليم اها آهي، جا ترقيءَ جو رستو ڏيکاري؛

(٥) غزل (مشرقي شاعريءَ تي تبصرو)؛ (٦) علامہ اقبال؛ (٧) شاهہ عبداللطيف؛ (٨) اردو ٻولي (اردو جو پس منظر ۽ ان جي اهميت)؛ (٩) ماڻهوءَ جو اخلاق؛ (١٠) تعليم؛ (١١) قبرستان ۽ ڪتبخانہ؛ (١٢) صحت ۽ پاڪيزگي؛ (١٣) زردشت، پيغمبر؛ (١٤) سري ڪرشن؛ (١٥) ڪيئن جي ڪهاڻي (پهرين ۽ مهاڀاريءَ جنگ بابت ڪهاڻي). هرهڪ مضمون پڙهڻ وٽان آهي. منهنجي نظر ۾ آخري حرف جي حيثيت رکي ٿو. گويا هڪ نچوڙ آهي هر مسئلي بابت، سندس سالهاسال جي غور ۽ فڪر جو. ڊيگهہ جي خوف ڪان، مضمونن جا ٽڪرا هتي پيش نٿو ڪري سگهان، انهن جي تفصيلي تنقيد جو في‌الحال سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

هڪڙو سندن پيو ڪتاب ان زماني ۾ شايع ٿيو هو، تڏهن سندن رهائشگاهہ انگلنڊ ۾ هئي. تن ڏينهن ۾ جارج برنارڊشا هڪ ڪتاب ”ڪاري رنگ جي ڇوڪري خدا جي ڳولا ۾“ لکيو هو. قاضي صاحب جو هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي هو ۽ ٽائيٽل هوس ”پوري رنگ جي ڇوڪري خدا جي ڳولا ۾.“

شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جو هڪ مستند مجموعو (شاهہ جو رسالو) پاڻ ڪيترن ئي سالن جي تحقيق ڪان پوءِ مرتب ڪيائين، جو وڏيءَ محنت جو ڪم هو ۽ اڄ تائين ڪوبہ محقق پورو ڪري ڪونہ سگهيو هو.

شاهہ صاحب تي پاڻ ڪيترائي مقالا پڻ لکيائين، جن جو عنوان ”شاهہ عبداللطيف“ آهي، پر انهن ۾ دنيا جهان جو فلسفو ۽ ادب سمايل ڏسبو. انهن ڪان سواءِ، سندن بيشمار متفرق تحريرون هتي ۽ انگلنڊ جي لٽريچر ۾ پکڙيون پيون آهن. مون کي اميد آهي تہ ڪونہ ڪو صاحب، انهن ٽڙيل پکڙيل ٽڪرن کي گڏ ڪري ضرور شايع ڪندو.

حقيقت ڪري هاڻي ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته قاضي صاحب جون جملي تقريرن ۽ تحريرن کي چونڊي چپوٽي گڏ ڪيو وڃي؛ سندس خط ۽ ٻين تحريرن جا مسودا جمع ڪيا وڃن؛ ۽ جن ماڻهن کي سندس صحبت جي نعمت نصيب ٿي هئي، اهي سندس ٻول ۽ اکين ڏٺا احوال قلمبند ڪري محفوظ ڪن. هڪ زمانو ايندو، جڏهن انهن شين جي وڏي گهرج ٿيندي، ۽ ايندڙ نسل اسان کي هرگز معاف نه ڪندا، جيڪڏهن اسان هيءَ اثاثو انهن تائين پهچائي نه سگهياسون. چوڻ وارا چئي ڪري گذري وڃن ٿا، پر جو ڪجهه هو چئي وڃن ٿا، ان جو لاڀ ابدي ٿئي ٿو.

قاضي صاحب مرحوم هن مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي دنيا منجهان رخصت ٿيڻ جو جيڪو دردناڪ طريقو اختيار ڪيو، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي غيرمعمولي هو. شايد ”ملتِ عشق از همه دينها جداست“ [عشق جي برداري سڀني دينن کان الڳ آهي.] جيستائين سندن اهليه مرحومه (جنهن جي علم، ادب ۽ فن جو ڪمال هڪ الڳ مضمون گهري ٿو) جيئري رهي، تيستائين کين اڪيلائي ۽ گهٽ محسوس ڪانه ٿي. اڄ جهڙيءَ دنيا ۾ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي هڪ ئي همدم ۽ همراز ملي وڃي ته غنيمت آهي. قاضي صاحب انهيءَ ڳالهه ۾ ڀاڳن وارو هو. ستونجاهه سال زال ۽ مڙس جي وچ ۾ اهو ناتو رهيو، جو چنڊ ۽ چڪور ۾ هوندو آهي. پوءِ، جڏهن هڪ سال اڳ اُن خاتون جو به انتقال ٿيو، ته جيتري تائين مون کي معلوم آهي، پاڻ ڏاڍي اڪيلائي محسوس ڪرڻ لڳو هو. گويا سندس دنيا بيحد سُسي ۽ سوڙهي ٿي چڪي هئي. هيڏانهن هوڏانهن نظر کڻي ڏٺائين ته جنهن جنس سان سندن دڪان سينگاريل ۽ ڀريل هو، اُن جي گهرج ختم ٿي ويئي هئي. علم جا ڪارخانا کليل هئا، علم جو روح قبض ٿي چڪو هو؛ ماڻهو موجود هئا، ماڻهپي

جو ڏڪار پئجي چڪو هو؛ انسان هلي چلي رهيا هئا، انسانيت غائب هئي؛ دوست موجود هئا، دوستي اٿلي تي چڪي هئي؛ گل لڏي لٽمي رهيا هئا، خوشبو اڏامي ويئي هئي: يعني، شي موجود هئي، گهرندڙ ڪونه هو؛ مطلوب موجود هو، طالب نه رهيو هو! پوءِ اهڙيءَ دنيا ۾ رهي ڪري، ڪير ڏينهن رات دل جا صدما سهندو رهي!

جي ماڻهو زندگيءَ جي حقيقت سمجهي وٺن ٿا، اهي موت کان ڪڏهن به نٿا ڊڄن. قاضي صاحب مرحوم کي شاهه عبداللطيف جو "الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب" [موت هڪ پل آهي، جنهن تان لنگهي دوست دوستن سان وڃي ملن ٿا.] وارو اشارو معلوم هو. شاهه صاحب جو پيو ارشاد به سندس علم ۾ هو: "مرين جيئين ته ماڻيين، جانب جو جمال!" يا "مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات."

سقراط يا پيٽرونيس ڪٿي موت کان ڊنا هئا؟ هڪڙي مزي سان زهر جو پيالو پيتو ۽ ساهه ڏنو؛ ٻئي ڏاڍي مزي سان پنهنجي شاهه شريان کي ٽڪو ڏيئي، رت وهڻ ڏنو ۽ ابدي ننڊ سمهي رهيو. حضرت "مير" جي چوڻ موجب:

"غالباً زيرِ زمين، 'مير' هے آرام بهت"

[اي مير، ڌرتيءَ جي هيٺان شايد ڏاڍو آرام آهي!]

قاضي صاحب جو آخري آرامگاهه انهيءَ جاءِ تي ٺهيو آهي، جتي سندس پسند مطابق سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس قائم ٿي.

ڪنهن زماني ۾ انهيءَ مسئلي تي ڏاڍو جهيڙو هليو هو ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ڪٿي اڏيا وڃن. ڪامورا شاهيءَ جي رٿ هئي ته انهن ادارن کي شهر کان ٻاهر نيڻ نه گهرجي. اڪيلو قاضي صاحب مرحوم انهيءَ راءِ جو هو ته هي ادارا شهر کان پري، کليل ميدان ۾

هئڻ گهرجن. فيصلو انهيءَ ڳالهه تي وڃي بيٺو هو ته پهريائين لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڪٿي ٺهرائجي. اتفاق سان مان انهيءَ زماني ۾ وزير صحت هوس. وڏي وزير مون کي حيدرآباد روانو ڪيو ته، سرزمين تي وڃي ۽ سڀني جون ڳالهيون ٻڌي، هدايتون جاري ڪجن. آءٌ اتي پهتس، سرڪٽ هائوس ۾ ميٽنگ ٿي. مون آفيسرن جي دليلن ٻڌڻ کان پوءِ، قاضي صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيو: ”قاضي صاحب، منهنجي هدايت اها ٿي ٿيندي، جيڪا اوهان جي هدايت هوندي. اوهان جي راءِ اڳيان منهنجي راءِ يا ڪنهن ٻئي جي راءِ جي ڪابه وقعت ڪانهي.“ ڪين اکين ۾ پاڻي تري آيو. جهيڻي آواز ۾ چيائون: ”علي محمد، بابا، ڄامشورو!“ مون فائيل کڻي ان تي لکيو: ”ڄامشورو.“ ٿورن مهينن اندر، پوءِ مون، گورنر غلام محمد مرحوم کي نيئي، ان جي هٿان، ڄامشوري جي ٽڪريءَ تي، سنگ بنياد پڻ کوڙائي ڇڏيو.

مون کي کهڙي خبر هئي ته ڄامشوري لاءِ سندن زور پرڻ جو هڪ سبب هيءُ به هو ته اتي ئي ڪين آخري طور سمهڻ ۽ ابدي ننڊ ڪرڻ جو ارادو هو. بهرحال، هاڻي پاڻ پنهنجيءَ چونڊيل جاءِ تي سمهي رهيا آهن. دنيا جي بيقدريءَ ۽ ماڻهن جي بي رخيءَ کان ستي وڃي چڪا آهن.

”اب یادگارِ ’فاني‘ بسمل ہے اس قدر،
گلگون ہے خاک، کوچۂ قاتل جگہ جگہ.“

[هاڻي ڪنل ”فانيءَ“ جو يادگار بس هي آهي، جو قاتل جي گهٽيءَ جي مٽي هنڌ هنڌ سندس رت سان رڱجي گل گل ٿي بيٺي آهي.]

وڏيرو يعقوب ڪونريجو

وڏيرو مرحوم اسان جي سانڍر ڪان گهڻو اڳ گذاري ويو هو، پر سندس نالو ۽ ناموس قائم هئا. ايڏو وڏو طبيب هو، جو ماڻهو ان جي ”طبابت“ کي ڪرامت سان تعبير ڪندا هئا. ٽلٽيءَ جي علائقي ۾ ڳوٺ هوس. انگريزن جو اوائلي زمانو هو. اڃا ايلوپٿي ڊاڪٽريءَ جو سنڌ ۾ بنياد ڪونه پيو هو. اهو ته مون کي به معلوم آهي ته ١٩٢٤ع تائين ساريءَ سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ ٽي-چار ايلوپٿي جا ايم-بي-بي-ايس ڊاڪٽر هوندا هئا، سي به گهڻو ڪري انگريز، جن کي سول سرجن ڪري رکيو ويو هو. خود ايلوپٿي طرز علاج به ايڏي ترقي ڪانه ڪئي هئي. ٻن عالمي لڙاين کان پوءِ ئي نين کوجنائن جا نتيجا عجيب و غريب دوائن جي صورت ۾ ظاهر ٿي عام تائين پهتا. ان کان اڳ سارو ميدان ديسي طبيبن ۽ حڪيمن جي حوالي هوندو هو، جن جو طريقهٔ علاج يوناني هو. جلاب، سيرر، پڙيون، چاڻا، ڪشتا، معجونون وغيره وغيره. سٺن مريضن کي ليڪي ليکي ”ليپن“ ۽ ”طلائن“ سان به نوازيندا هئا.

هونءَ ته حڪيم ۽ طبيب بيشمار هوندا هئا، ايستائين جو ورلي ڪو مولوي يا پير هوندو هو، جنهن کي طبيب هجڻ جي دعويٰ نه هوندي هئي. پر پنهنجي زماني ۾ سنڌ جي سڀني طبيبن جو سرتاج اهو وڏيرو يعقوب ڪونريجو سمجهيو ويندو هو. پورالو هو ۽ پنهنجي فن تي ناز هوس. جهڙي تهڙي سڏ تي ڪونه ويندو هو. چوندا هئا ته پري کان مريض جو منهن ڏسي هڪدم تشخيص ڪري ڇڏيندو هو ته فلاڻو مرض اٿس ۽ سندس قياس غلط نه ثابت ٿيندو هو. زالن ۾ پردو سخت هوندو هو. سنڌ جون شريف زاديون بيماري وگهي مرندي مري وينديون هيون، پر ڪوٺ جي

چائنٽ اورانگهي طبيب تائين ڪونہ ويندا هئا. طبيب کي گهر گهرايو ويندو هو تہ بہ ڪپڙن ۾ ويڙهجي سيڙهجي مشڪل سان ٻانهن ٻاهر ڪڍي نبض ڏيکاريندا هئا. منجهان گهڻيون تہ ٻانهن بہ ٻاهر نہ ڪڍنديون هيون. وڏيري يعقوب لاءِ مشهور هو تہ هو مريض خواتين جي ڪرائي تي سڳو ٻڌرائي، پري ڪان اُن سڳي جي ذريعي نبض جو حال معلوم ڪندو هو.

هڪ ڀيري ڪنهن ڪراچيءَ جي سيٺ علاج لاءِ اوڏانهن گهرايس. موٽندي ريل جي پليٽفارم تي ڪو انگريز ڊاڪٽر نظر آيس، جيڪو پڻ ڪنهن ڪم سان اتي ڦري رهيو هو. وڏيري يعقوب ڪيس ڏسي چئي ڏنو تہ اڄ هن ڊاڪٽر تي دل جو دورو پوندو ۽ بچي نہ سگهندو. اها پيش گوئي ٻڌي ماڻهو سرڪڻ لڳا. پر ساڳي شام ڊاڪٽر تي واقعي دل جو دورو پيو ۽ هو گذاري ويو. ڪن جو خيال هو تہ وڏيرو علم جفر جو ڄاڻو هو، تنهنڪري هو اهڙيون ڳالهيون اڳواٽ معلوم ڪري سگهندو هو. اهو واقعو آهي تہ ان زماني جي گهڻن طبيبن بابت اهو مشهور هو تہ هو مخفي علومن جا بہ ڄاڻو هئا. ممڪن آهي تہ وڏيري صاحب بابت بہ اهو خيال صحيح هجي.

افسوس آهي تہ ڪنهن بہ محقق اڄ تائين وڏيري يعقوب جهڙي باڪمال شخص جي باري ۾ ڪا بہ تحقيق ڪانہ ڪئي آهي. سندس بياض هوندا، ڪتاب هوندا، نسخا هوندا. ممڪن آهي تہ پاڻ بہ پنهنجي فن تي ڪو رسالو لکيو هجائين. پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ سندس زندگي متعلق ڪي دلچسپ ٽوٽڪا يا واقعائي قلمبند ڪيا وڃن ها. مگر اڄ تائين ڪٿي ڪنهن منجهان ڪونہ آهي. سارو خزانو ضايع!

پير حجّت الله شاهہ راشدي

پير حجت‌الله شاهه راشدي مرحوم

جهڙو صورت جو سهڻو، اهڙو سيرت جو سهڻو. پٽ سرائي لڳ ميهڙ جي پير خاندان جو سربراهه هو. راشدي خاندان جي ماڻهن جڏهن پنهنجي مرڪز تان ٽڙي پکڙي هيڏي هوڏي جا ملڪ وسايا، تڏهن سندن هڪ شاخ، جنهن جو شاهاڻي* پاڙي سان تعلق هو، پٽ سرائي ۾ اچي اقامت اختيار ڪئي. اتاهون جا مقامي ماڻهو سندن مريد هئا. پير پنهل رحمةالله عليه جي سنڌي چوٽي موجب رات هئي. ليڪن ماڻهو سندس مريدي جي حلقي ۾ داخل ٿيل هئا. همعصر ڪيس اولياءَ ۽ صاحبِ ڪرامات سمجهندا هئا. اهو زمانو به پيو هو. خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ روحاني رستا چالو هئا.

سندس فرزند ۽ ڪانئس پوءِ جاءِ نشين پيرشاهه دوران شاهه جي مون پاڻ زيارت ڪئي. سفيد ريش، قد ڊگهيرو، جسم ۾ هلڪو، چهرو نوراني. لٺ تي هليو چليو ٿي، پر جسماني ڪمزوريءَ ڪري نه، محض بزرگانه ريت مطابق.

پير حجت‌الله شاهه مرحوم بعد ۾ سندس گاديءَ تي ويٺو. ڏاڍي وڻندڙ طبعيت هوس. خوش خُلق، خوش لباس، خوش طبع، هر محفل جو مور. وقت پئي سڏ ڪبس ته نه، نه ڪندو. پنهنجي خاندان جي اثر کي قائم رکيون آيو. پيا راشدي به اِن تر ۾ رهندا هئا، مثلاً خيرپور ناٿن شاهه جي پير ۾، پر اثر ۽ مقبوليت ۾ حجت‌الله سڀ کان اڳيرو هو. صورت به ڏسڻ جهڙي هئس. پنهنجي زماني ۾ ساري دادو ضلع اندر مرداني سورت جو بهترين نمونو هوندو هو. اوچتو گذاري ويو. اجا وڃڻ جو وقت ڪونه هوس، پر الله جي سرڪار ڏاڍي آهي. سندس دوست ڪيس ياد ڪندا رهن ٿا.

---

* شاهاڻي پير علي مرتضيٰ شاهه رحمة الله عليه جي اولاد کي سڏيندا هئا. اهو بزرگ حضرت پير محمد راشد رحمة الله عليه جو پاٽ هو.

حاجي عبدالمجيد جتوئي مرحوم

ٻيٺي جو جتوئي خاندان اتر ۾ پڇنديءَ ۾ چوٽيءَ جو خاندان سمجهيو ويندو هو. خاندان جو سربراهه مرحوم خانبهادر ڏني بخش خان هو، جنهن کي مون ڏٺو. سندس صورت يا طرز رهائش سنڌ جي پراڻن خاندانن جو عڪس هئي. انگريز سرڪار ۾ ڏاڍي هلندي هئس. خانبهادر جو لقب ڏنائونس، ساڳي وقت آنريري اسپيشل ماجسٽريٽ جا پاور به. ۱۹۲۰ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. سندس انتقال کان پوءِ سندس ننڍو ڀاءُ خانصاحب ڪريم بخش خان مرحوم بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي ويو ۽ تادم زيست چونڊبو رهيو. سندس فرزند حاجي عبدالمجيد مرحوم ڪجهه عرصي بعد پنهنجي والد مرحوم واري پوزيشن حاصل ڪئي. سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ڪيترا سال پنهنجي علائقي جي نمائندگيءَ جا حق بجا آڻيندو رهيو. ون يونٽ ٿيو ته گڏيل اسيمبليءَ جو ميمبر به چونڊيو ۽ ات ايوب خان ۽ نواب ڪالا باغ جي راڄ ۾ به اپوزيشن بينچن تي ويهي سرڪار جي مخالفت ڪندو رهيو ۽ سنڌ جي حقن لاءِ وڙهندو وتيو. ان زماني جي حالتن سارو اپوزيشن ۾ ويهڻ ۽ سرڪار جي مخالفت ڪرڻ وڏيءَ همت جو ڪم هو. عبدالمجيد مرحوم ٻي اڳيان جڏهن "فرض" ۽ "مصلحت" ۾ مقابلو ٿيو ته هن هميشه مصلحت کي ڇڏي فرض جو پاسو ورتو. ڏاڍو خوددار ماڻهو هو. پڇاڙيءَ تائين پنهنجي ڳالهه تان ڪونه هٽيو. آخر سرڪار عالي پنهنجي دستور موجب مقامي حالتن کي چڪر ڏئي کيس چونڊ ۾ شڪست ڏياري. پر ان کان پوءِ به مرحوم پنهنجي آزادخياليءَ کي قائم رکيو آيو ۽ حڪومت جي آڏ ڪانه مڃيائين. جڏهن کان منهنجي ساٿس ڏيٺ-ويٺ ٿي، هو منهنجو دوست ٿي رهيو. پر اهڙو دوست، جنهن ۾ مون کي اهو

آسرو نہ رهيو تہ هو ان دوستي خاطر پنهنجن اصولن ۾ ڪا ڦيرڦار ڪندو. سنڌ ۽ سنڌين سان ڏاڍي محبت هئس. گهڻو ڪري صبح کان شام تائين انهيءَ آڻ-تڻ ۾ لڳو رهندو هو. سواليءَ کي خالي موٽائڻ، مناسب نہ سمجهندو هو. سواليءَ جي وڃڻ جي دير هوندي هئي. سفارش ڪرڻ لاءِ هو هڪدم موٽر تي چڙهي روانو ٿيندو هو. ڪو ٻڌي يا نہ ٻڌي، پر مرحوم پنهنجي پاران ڪوتاهي ڪو نہ ڪندو هو.

پڇاڙيءَ ۾ خرابيءَ صحت جي باوجود حج تي ويو. مديني جي مير (صلعم) سندس خدمتن جو ڪيس اهو انعام ڏنو جو قيامت تائين پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائينس. اسان سندس دوست پويان سندس ياد ۾ روئندا رهجي وياسين.

همايون جو عشق

روم ۾، خوبصورت بار بريني محلات جي پٺين تي اڄا تائين هڪ تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا ٻڌائي ٿي تہ ڪهڙيءَ ريت ماڻهو پهرينءَ نظر ۾ عشق هٿان گهائل ٿي وڃي ٿو. مارگريتا يا لافورنرينا، اپوجهائيءَ سان پنهنجا دولائتا پير هڪ ٿڌي چشمي ۾ لڙڪايو ويٺي هئي، جڏهن سندس حسن جي واچوڙي هڪ واٺهڙوءَ، اٽليءَ جي ناميارِي مصور رفائل ارٻينو کي پنهنجي وڪڙ ۾ آندو ۽ ڪيس پٽ ليٽائي ڇڏيو. پاڪ مڊونا (مريم) سندس ياد جي ڦرهيءَ تان ڌوپي وئي ۽ مارگريتا جي سونهن جي درگاهہ جو عقيدتمند پوڄاري ٿيو. سندس هٿ مارگريتا کي جيڪو نذرانو پيش ڪيو، اهو هيئنر روم جي عظيم قومي گئلريءَ جي پٺين جي سوڀيا آهي.

اهڙي قسم جا واقعا، اسان جي پنهنجي تاريخ ۾ بہ ڇڊا نہ آهن. نامور نورجهان سان جهانگير جو پيار ڪن ڏکين ملاقاتن جو ڦل نہ هو، نہ وري شاهجهان جي ممتازبيگم سان

پريت يا هيرا بائيءَ لاءِ اورنگزيب جي اُڪير ڪنهن چڱيءَ ريت سوچيل ۽ اڳ رٿيل ارادي جو نتيجو هجي.

مشهور بادشاهه بابر جو پيارو پٽ همايون، جيڪو پاڻ اڻ ڳڻت ايذائن جو شڪار هوندي به پنهنجي ٽورڙي اهنج تي لڙڪ وهائي ويهندو هو، سو مغل تاريخ ۾ هڪ خاص جاءِ والاري ٿو. ان لحاظ کان هو شايد هندستان جو اڪيلو ئي فاتح هو، جنهن پنهنجن پونيرن لاءِ سلطنت قائم ڪرڻ لاءِ، تيز واچوڙي وانگر زندگي گذاري، پر پوڙهپ جو ڏينهن پاڻ نه ماڻيائين.

هڪ فاتح ۽ هڪ پناهه ڳوليندڙ جي حيثيت ۾ تاريخ سندس جانبازين جا ننڍا ننڍا تفصيل سانڍڻ ۾ ته سخاوت ڏيکاري آهي، پر سندس زندگيءَ جي هڪ ٻي رخ يعني محبت جي ميدان ۾ سندس سورهيائين کي سهيڙڻ ۾ انصاف کان ڪم نه ورتو آهي. هو نه رڳو هڪ عظيم سپاهي هو، پر گڏوگڏ قرباني ڏيندڙ عاشق پڻ هو. هڪ اهڙو بي صبر عاشق، جنهن جي ڳلن تان پنهنجي محبوب جي سڪ ۾ گهٽا گهمرا گرم ڳوڙهن جا نار وهيا.

مان هت جيڪو قصو بيان ڪريان ٿو، اهو نه رڳو "پهرينءَ ئي نظر ۾ عشق" جو هڪ مثال آهي، پر ان سان گڏ انهيءَ عظيم انسان جي زندگيءَ جي نرم پهلوءَ جي به ڄاڻ پوي ٿي.

جنهن هنڌ اهو قصو شروع ٿيو، اهو پاٽ جو ڳوٺ هو، جيڪو هاڻوڪي دادو ضلعي جي حد اندر اڄ به پنهنجي پراڻي نالي سان قائم آهي. ان قصي جي شروعات سال ۱۵۴۱ع ۾ ٿي.

پڙهندڙن کي اها ڄاڻ هوندي ته گنگا نديءَ جي ڪناري تي شڪست کائڻ، پاڻيءَ جي قبر ۾ لڙهڻ ۽ نوڪرن جي پٺ ويساهه گهاتين کان به دفعا بچڻ بعد، همايون انهيءَ

اسيد سان سنڌ ڏانهن، جيڪا ان وقت شاھ حسين ارغون جي هٿ هيٺ هئي، رخ رکيو ته هو اتي پنهنجي طاقت کي زور وٺائڻ لاءِ ڪو حيلو هلائيندو.

پناھ گهوليندڙ بادشاھ جو بکر ڏانهن سفر اهنجن کان آجو نه هو، پر هو پنهنجي ماٽيلي ڀاءُ هندال، حرم جي ڪجهه عورتن ۽ فوج جي رهيل سپاهين سميت آخرڪار سنڌ پهچڻ ۾ سوڀارو ٿيو.

هن بکر جي سامهون، جيڪو ان وقت سلطان محمود ڪوڪلتاش جي سلطانيءَ هيٺ هو، سنڌونديءَ جي ڪاهي ڪپ تي چار باغ وٽ اچي خيما کوڙيا ۽ لٽي ۾ شاھ حسين ڏانهن ايلچي اماڻيا ته هو اچي وٽس حاضر ٿئي.

چار باغ پهچڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ هن پنهنجي ماٽيلي ڀاءُ هندال کي حڪم ڪيو ته هو سيوهڻ ڏانهن ويندڙ رستي تي پاڻ وٽ ترسي ۽ اتي همايون جي وڌيڪ حڪم جو انتظار ڪري. هندال حڪم مڃيندي پاڻ اچي پهتو.

شاھ حسين جواب ڏيڻ ۾ اينگهه ڪرڻ جون اٽڪلون ڪرڻ لڳو، تنهنڪري همايون جو صبر جواب ڏئي بيٺو. شاھ حسين نه ته پاڻ پٽي آيو ۽ نه وري ايلچين کي موٽڻ جي موڪل ٿي ڏنائين، پر ايلچي جيئن تيئن ڪري، گستاخ شاھ حسين وٽان سوڪڙيون کڻي پهتا. انهيءَ ڪري پريشانيءَ جي حالت ۾ بادشاھ پاٽ ڏانهن رخ ڪيو. هن سفر ۾ ست ڏينهن لاتا ۽ بيهيلا (دربيلي) ۾ ٽي ڏينهن رهڻ کان پوءِ پاٽ پهتو، جتي اڳ ۾ ئي سندس ڀاءُ هندال ڪٽنب جي ٻين ڀاتين سان گڏ رهيل هو.

هندال جي حرم ۾ ان وقت هندال جي ماءُ دلدار بيگم جي حفاظت هيٺ چوڏهن سالن جي هڪ ڪنواري نينگر رهندي هئي. اها ڇوڪري مير بابا دوست جي، جيڪو مشهور

اوليا، احمد چام جي اولاد مان هو، نياڻي هئي. ڇوڪري ”سونهن، سمجهه ۽ صفت ۾ خيالي هيلن، هندستاني د ميني، ستي لڪريس ۽ پاڪ دامن پدمڻيءَ کان اڳري هئي.“ سندس والد مير بابا دوست، هندال جو استاد هو، تنهنڪري سندس سڄو ڪٽنب هندال جي ڏک سک جو ساٿي هو.

همايون جڏهن پنهنجي ماٽيلي ماءُ، دلدار بيگم جي دعوت تي وٽس ويو ته، سندس نظر ان مهل وچي ڇوڪريءَ حميده تي پئي. ڏسڻ ويرم ئي همايون جي سيني ۾ عشق جي آنڌي اٿي کڙي ٿي. توڙي جو همايون جي ان وقت عمر ٽيٽيهه ورهيه هئي ۽ هو اڳ پرڻيل هو، تنهن هوندي به حميده لاءِ سنجهس اهڙي اڻ جهل آڪير پيدا ٿي، جهڙي هن اڳ ڪڏهن به محسوس نه ڪئي هئي. هو پنهنجي تنبوءَ ڏانهن ته موٽيو، پر دل پٺيان ئي ڇڏي آيو.

همايون اهڙي اهنج وقت ۾ ڪلهن تي هڪ وڏيڪ جوابداريءَ جي بار کڻڻ کان دل ئي دل ۾ پاڻ کي پرچائڻ لڳو، پر عشق اڳيان سندس هڪ حجت به نه هلي. هن شايد نيپولين وانگر اهو سوچي پاڻ کي آٿت ڏنو ته ”سهڻي ستارن پرئي آسمان هيٺان، ڪنهن پياريءَ عورت سان رات گذارڻ ۾ سڀ کان وڏو آنند آهي.“ ٻئي ڏينهن هو وري به اڻ سڏيو هندال جي حرم ۾ ويو. حقيقت ۾، ڪنهن به عاشق کي اهڙن معاملن ۾ سڏ جي گهرج نه هوندي آهي.

”هوءَ ڇوڪري ڪير آهي؟“ همايون دلدار بيگم کان پڇيو. ”حميده“ دلدار بيگم وراڻيو، ”مير بابا دوست جي ڌيءَ آهي.“ ”ڏاڍو سٺو“، همايون وري چيو، ”مير بابا دوست اسان جو مائٽ آهي. اها ڳالهه منهنجي شان وٽان آهي ته اوهان مون کي سندس ڌيءَ سان پرڻايو.“

هندال انهيءَ آڇ کي قبول نہ ڪيو. چي: "مان هن نينگر کي پنهنجي پيٽ ۽ پنهنجي اولاد وانگر ڏسان ٿو. اوهان شهنشاهہ آهيو. الله پناهہ ڏئي، جيڪڏهن خرچ جو پورو بندوبست نہ ٿي سگهي ۽ اهو پوءِ ڪاوڙ جو سبب بڻجي."

عاشقن کي ڪڏهن جلد مٺيان بہ لڳندي آهي. هندال جي جواب شهنشاهہ کي ڪاوڙ ڏياري ۽ نااميد ٿي پنهنجي خيمي ڏانهن موٽي ويو. هيئنر سندس وقت ذهني عذاب ۾ گذرڻ لڳو، پر جلد ئي ڪيس هندال جي ماءُ وٽان چٺي پهتي، جنهن سندس ذرد لحظي ۾ لاهي ڇڏيا. گلبدن بيگم جي سرگذشت جي صفحن ۾ اها چٺي ۽ ان جو آيل جواب محفوظ آهن. دلدار بيگم همايون ڏانهن لکي موڪليو: "ڇوڪر جي ماءُ هن کان اڳ ئي شرط وجهي رهي آهي. اهو عجب آهي تہ اوهان ٿورڙن لفظن تان ڪاوڙجي هليا ويا."

همايون جواب موڪليو: "اوهان جو نياپو مون لاءِ ڏاڍي خوشي آڻيندڙ آهي. جيڪي بہ شرط وجهن، اهي مان اکين سان قبول ڪندس. خرچ بابت هو جيڪي چون، مان مڃيندس. اوهان جي جواب لاءِ منهنجون اکيون واٽ تي وڇايل رهنديون." دلدار بيگم پاڻ وٽ همايون کي پيهر سڏي، اميدن کي آٿت ڏنو.

ٻئي ڏينهن تي هو وري شهزاديءَ ڏانهن ويو ۽ ڪيس منٿ ڪئي تہ ڪنهن کي موڪلي، حميده بانوءَ کي گهرايو. حميده اچڻ کان هيئن چئي انڪار ڪيو: "جيڪڏهن مون کي سڏائڻ جو مقصد شهنشاهہ کي نياز پيش ڪرڻ آهي تہ اڳ ۾ ئي مان اها عزت حاصل ڪري چڪي آهيان، تنهنڪري پيهر مان ڇو اچان؟" شهنشاهہ انهيءَ بيعزتيءَ کي مشڪي لنوائي ڇڏيو. ڪوبہ عاشق خودداريءَ کان ڪم نٿو وٺي سگهي، تنهنڪري بادشاهہ سلامت سبحان قلي خان هٿ هندال ڏانهن نياپو ڏياري موڪليو تہ ڇوڪري ڏانهس موڪلي وڃي.

ظاهر آهي، همايون جو ان وقت مقصد ڇوڪريءَ سان روبرو ڳالهائڻ هو.

هندال کي شروع کان ئي اها سڄي ڳالهه پسند نه هئي، تنهنڪري هن بادشاهه جو نياپو آڻيندڙ کي کرو جواب ڏنو: ”مان ڪجهه به چوان، پر ڇوڪري اچڻ قبول نه ڪندي. تون پاڻ وڃي ڇوڪريءَ کي چئه.“

تنهن تي سبحان قلي خان پنهنجي دل ۾ هٺن ۾ جهلي حميده وٽ ويو.

حميده کيس چيو: ”بادشاهن کي هڪ دفعو ملڻ جائز آهي، ٻيو ڀيرو ڏسڻ منع آهي. مان ڪنهن صورت ۾ نه اينديس.“

سبحان قلي خان موٽي وڃي بادشاهه کي سڄي روئداد ٻڌائي. بادشاهه خوشطبعيءَ سان ڳالهه ٻڌي، راءِ ڏني: ”شايد هوءَ محسوس ڪري ٿي ته هوءَ اوپري عورت آهي، تنهنڪري مون سان ايترو گهڻو نه ملي سگهندي، جيتري منهنجي خواهش آهي. بهرحال اسان کيس پنهنجو ساٿي بڻائي، سندس لڄ دور ڪنداسين.“

همايون جي لائق ڀيڻ گلبدن بيگم لکي ٿي: ”چاليهن ڏينهن تائين حميده مقابلو، بحث ۽ انڪار ڪندي رهي.“

هندال جي ماءُ بهرحال، پنهنجي ماٽيلي پٽ طرفان وڪالت ڪندي رهي. هن حميده کي چيو: ”تون آخرڪار ڪنهن سان ته شادي ڪندينءَ، پوءِ ڀلا بادشاهه کان بهتر ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟“

تو ڙي جو حميده کي آخر آڻ مڃڻي پئي، پر ان وقت جيڪو هن جواب ڏنو، اهو سندس اندروني شخصيت ۽ هٺ کي ظاهر ڪري ٿو. حميده وراڻيو: ”ها، مان ڪنهن سان شادي ته ڪنديس، پر هو اهو ماڻهو هوندو، جنهن کي مان ٻڪڙيءَ کان جهلي سگهنديس ۽ انهيءَ سان نه، جنهن جي پلوَ تائين به منهنجو هٿ نه پهچي!“

”عورت، خاص طرح جوانيءَ ۾، ڪمزور ۽ اڻ ٻختي هوندي آهي ۽ حميده بانوءَ تي چاليهن ڏينهن جو زور بار رائگان نہ ويو. جمادي الاول ۹۴۸ھ (سيپٽمبر ۱۵۴۱ع) سومر (؟) ڏينهن منجهند جو، بادشاهہ سلامت موزون وقت پسند ڪرڻ ڪان پوءِ، مير عبدالبقا کي گهرائي حڪم ڏنو تہ شاديءَ جو تڪڙو بندوبست ڪيو وڃي. بادشاهہ نڪاح لاءِ مير کي ٻہ لک نقد ڏنا. شاديءَ جا ٽي ڏينهن ٻاٽ ۾ رهڻ کان پوءِ همايون ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، ٻکر ڏانهن روانو ٿيو.“ گلبدن بيگم جي لفظن ۾ اها هئي سڄي معاملي جي پڄاڻي.

جيتوڻيڪ حميده شروع ۾ شهنشاهہ سان شاديءَ لاءِ راضي نہ هئي، پر پوءِ بيحد وفادار ۽ فرض شناس عورت ثابت ٿي. جڏهن بادشاهہ محتاجيءَ جي حالت ۾ سنڌ جي رڻن ۾ پئي رليو تہ حميده خوشيءَ سان پنهنجي وَرَ جي ڏکن ۾ حصيدار ٿي ۽ عمرڪوٽ (سنڌ) ۾ هڪ ٻار کي جنم ڏنو. انهيءَ ٻار جو نالو ڇا هو؟ اڪبر اعظم.

ميڊم نوران

”نوران“ ٺيٺ سنڌي نالو هوندو هو. بنياد نور تي هوس. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن عورت کي نور سان تشبيهہ ڏيڻي پوندي هئي تہ پيار ۽ عزت وچان نوران يا نوري نالو رکيو ويندو هوس. نور بيگم، نور بانو، نورجهان، نور خاتون ۽ اهڙا ٻيا ڳوڙا ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ سان نامناسب نالا گهڻو پوءِ جون لفظي جعل سازيون آهن.

البتہ انهن ڏينهن ۾ بہ جيڪڏهن ڪا سنڌي نوران ڪنهن ٻاهر جي چام تماچيءَ سان اک جي آٽي اٽڪائي، اُن ٻوٽ کي ازدواج جي بوتل ۾ بند ڪري وجهندي هئي تہ ”ميڊم نوران“ جي نالي سان نوازي ويندي هئي، پر عرف عام ۾ وري بہ نوران جي اضافت ڇڏي ڪيس ”منڊم صاحب“ يا ”ميم صاحب“

سڏيو ويندو هو. ان جو هيءُ سبب به هو ته سنڌي معاشري ۽ تهذيب ۾ ڪنهن معزز عورت کي هر هر سندس اصلي نالي سان سڏڻ معيوب سمجهيو ويندو هو، تنهنڪري ”ميم صاحب“ جي لقب کي استعمال ڪندا هئا.

دادو ضلعي ٻاهرينءَ دنيا کي صرف اڪبر بادشاهه جي والده حميده بانو بيگم نه ڏني، پر هڪ ميڊم نوران به ارپڻ ڪئي، جيڪا بنگال جي آخري نواب جي نهن هئي. مائي منهنجر جي ڪنهن اميرالبحر خاندان جي چشم و چراغ هئي، پر جڏهن اسان ڏٺي، چشم ۽ چراغ ٻئي محض الزام جي صورت اختيار ڪري چڪا هئا.

بنگال جي مرشدآبادي نوابن جي خاندان جو هڪ صاحبزادو انگلنڊ مان اعليٰ فني تعليم حاصل ڪري سنڌ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر مقرر ٿي آيو هو. سندس پورو ۽ ريڪارڊي نالو هو: ”صاحبزاده هارون قدر سيد موسيٰ علي مرزا“ اهو صاحب بنگال جي آخري نواب جو پڙپوٽو ۽ اسان واري سڪندر مرزا جو چاچو هو. سڪندر مرزا پاڪستان جو گورنر جنرل ۽ پهريون پريزيڊنٽ ٿيو هو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر جو عهدو انهن ڏينهن ۾ وڏي ڳالهه هوندو هو، جو صرف انگريزن کي ملندو هو. هن مرشدآبادي صاحبزادي کي انگريزن ڪن اهم سياسي مصلحتن ڪري ان طرح نوازيو هو. مون ڏسڻ ۾ به سچو صاحبزادو لڳندو هو. قداور، سهڻو چهرو، چڙڪ ٻت، ڪليل رنگ، مهمان نواز ۽ خانداني نوابن وانگر ياري باشي ۽ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. پراڻي ڪهاڙ ڪئنال ڊويزن جو ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٿي آيو. اڄ ان پراج ڪاڻ لهي هئي، تنهنڪري مڪر ڪان منهنجر تائين سندس حد هوندي هئي. شڪار جو شوقين هو. گشت تي نڪرندو هو ته چڻ ڪو گشتي ميلو هليو. نڍڙي وڏي سان ڏيٺ ويٺ، دوستي ۽ پيار. وڏي سنگت سان. شادي ڪيل ڪانه هوس. لنڊن

۽ لاهور ۾ هنئين منجهان ٻنان ٻاند ٻسائي ٻچي اچي سنڌ ۾ پهتو هو. سنڌ جا خاندان پاڻهرتو نياڻيون ڪونه آڇيندا هئا ۽ نه بيپردگي هوندي هئي، تنهنڪري هڪ عرصي تائين هي شهزادو:

دنيا ميں سب جوڙي جوڙي،
پر عاشق ڦرن نگوڙي.

جو مصداق ٿيو رهيو، سندس سنگتين ۾ اڪثر ان مضمون تي قال قيل رهندي هئي.

سال ڏيڍ جي عرصي کان پوءِ اوچتو ”الوالان“ ٿي ويئي. سندس دوستن ۾ هيءَ خبر مشهور ٿي ته صاحبزادي صاحب اوچتوئي اوچتو شادي ڪري ورتي آهي. ڇو پڇو هلي ته سنڌ جي ڪهڙي خاندان تي اهو چنڊ جهليو ۽ ساڻس اها شاهي نسبت قائم ٿي. پر ”خاندان“ جو پتو ڪرو آسانيءَ سان ڪونه ٿي پيو. جيترا وات اوتريون ڳالهيون هيون. نيٺ صاحبزادو صاحب پاڻ پنهنجي اهليه يعني ميم صاحب (انجنير جي زال لازماً ميم سڏجڻي هئي) کي دوستن سان ”انٽرو ڊيوس“ ڪرائڻ لاءِ ساڻ وٺي گشت تي نڪتو، جيئن هر علائقي جا دوست موقعي تي ڪنوار جو مشاهدو ڪن.

اسان جي علاقي ۾ سندس منزل تاجيديري جي انجنيري بنگلي تي ٿي. تاجيديرو مديجي ريلوي اسٽيشن جي لڳ آهي. سندس سارن دوستن ڏانهن ڪوٺ آئي ته شام ويلي بنگلي تي اچي ڪٺا ٿيو. سڀ لٿي منهنجو ڏاڏو مرحوم، منهنجو والد مرحوم ۽ آءٌ اچي سهڙياسين. ٿوريءَ وٿيءَ سان ڊڪٽن مان محمد پناهه خان مرحوم ۽ قنمبر مان علي حسن خان هڪڙو ٻه اچي پهتا. سيارو هو، بنگلي جي صحن ۾ ٻُنڊن جي باهه جو مچ مِتل هو. ان جي چوڌاري ڪرسيون، روشني صرف باهه جي هئي. اهڙين محفلن ۾ بتّي ڪانه رکبي هئي، ڇو ته ان جي روشنيءَ تي جيت اچي مڙندا هئا.

ٽوريءَ دير ۾ گهوٽ ڪنوار ٻئي نڪري اچي مچ تي وڏا ۽ ماڻهن سان مليا. ڪنوار کي انگريزي ڪٽ جو گاؤن پيل هو. سڀني وڏي ڪنوار کي موڙو ۽ گهوٽ کي مبارڪون ڏنيون. گفتگو شروع ٿي. آءٌ ننڍڙي ڇمار جو هوس، پر ڏاڏو مرحوم مون کي هميشه پاڻ سان گڏ رکندو هو. گفتگو جي دوران ۾ ڪنوار گهوٽ کي هرهر "جاني" ٿي سڏيو ۽ صاحبزاده صاحب، جنهن کي شايد ساري عمر ڪنهن عورت "جاني" ڪونه سڏيو هو، جاني جو لفظ ٻڌي ٻئي ٽيڙيو. دير سان رات جو محفل ختم ٿي، اسان سڀ مهمان آئي پنهنجي جاءِ تي آياسين. اتي وري شاديءَ جي واقعي ۽ "ميم صاحب" جي نسواني نزاڪتن تي ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي رهي.

ڏاڏي مرحوم مون کان پڇيو: "علي محمد، تو ڪنوار ڏٺي، توکي وڻي؟"

مون چيس: "ڏاڏا، مون ته ڪانه ڏٺي، مون ڏانهن ٻئي هئس."
سڀني مهمانن ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو، ڏاڏي مرحوم مشڪندي چيو: "نالائق، اهو ته مائي جو منهن هو جنهن کي تو ٻئي سمجهيو آهي."
مون عرض ڪيو ته "ڏاڏا، اوهان سڀ پل مون تي کلو. پر جيڪڏهن مائي جو منهن اهو هو ته پوءِ گهوٽ جو به 'هر هارو منهن ڪارو' چئبو."

وري کل جا ڪوڪرا ٿيا. ڏاڏي مرحوم مون کي فهمائش ڪئي ته "صبح جو مائي جي منهن جو رنگ ڏسي هرگز نه کلجانءِ، غلطي نه ڪجانءِ. تون شرير آهين، خبردار، ڪٿي پٽيندوسانءِ."

ميم صاحب کي انگريز ميم صاحبن وانگر سندس مڙس شڪار جو فن به سيکاريو هو. ڦاڙهن جي شڪار لاءِ مڙس سان گڏ هلي ڪُڏڻ ۾ ويهندي هئي. پڪين کي بندوق سان مارڻ جو شوق ڪونه هوس، جو ته ساري عمر منجهر تي

پکين کي چارن ۾ ڦاسائيندي رهي هئي، پيو ته عمر سبب ڪجهه نظر کي به نقصان پهچي چڪو هوس. آڏاسندي پکيءَ سان بندوق جي سڪ ملائي ڪانه ٿي سگهي، ٿي سگهيو ٿي ته سندس حد نظر ئي بندوق جي سڪ کان اوري ختم ٿي ٿي ويئي ڇو ته عمر جي لحاظ سان اکِ ۾ ٿي ڪائي پي چڙهي هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ دفعي شڪار تان موٽندي رستي ۾ ميم صاحب کي مٽرن جي پوک نظر آئي. هڪدم اُٽ تان لهي رائفل ڌرتيءَ تي ڦِٽي ڪري پاڻ مٽرن جي هلي پئي (ڪچي) ڪاڻ ويهي رهي. اهڙي ذوق ۽ شوق سان جو جڏهن اتان ڇَري پَري آئي ته رائفل کڻڻ وسري ويس، جيڪا پوءِ ڏنارن کي هٿ آئي جن کڻي وڃي لڪائي ڇڏي. شام جو سُڌ لڌائون ته ميم صاحب رائفل وڃائي آئي آهي. بس طوفان کڙو ٿي ويو. علائقي جا چڱا مڙس ۽ ڪاڙيڪو گڏ ٿيا. رائفل لاءِ ووڙ ڪُلهءَ ڏني ويئي. هفتو کن اهو هنگاسو جاري رهيو. ان کان پوءِ ئي وڃي رائفل هٿ آئي. انگريزن جي صاحبي هئي، هٿيار عام جام ڪونه هوندا هئا. ڪنهن رائفل جو گم ٿيڻ وڏو حادثو سمجهيو ويندو هو.

ميم صاحب جي مرزا صاحب سان رفاقت ٻه-چار سال هلي، جنهن دوران ۾ هڪ پٽ به پيدا ڪيائين. پر ان کان پوءِ پاڻ کيڏانهن کسڪي ويئي ۽ مرزا صاحب لاڙڪاڻي مان وري ئي شادي ڪري ورتي.

رٽائر ٿيڻ بعد مرزا صاحب باقي زندگيءَ جا ڏينهن وڃي انگلنڊ ۾ گذاريا.

دادو ۽ جا ٻه درويش

دادو درويشن جو به آستان پئي رهيو آهي. قلندر لال شهباز رحمةالله عليه بنا سبب دادو ضلعي جي خاڪ ۾ قيامت تائين سمهي آرام ڪرڻ پسند ڪونه فرمايو هو. آخر ايران جي سرند علائقي مان هلي، وچ جا وڻ ٽڻ ۽ جملي جر، جبل جهاڳي اچي سيوهڻ جي سرزمين تي ابدي ننڊ سمهڻ جي ڪا ته معنيٰ هئي؟

عارب فقير جتوئي جو قصو مٿي ڪري چڪو آهيان. ان سلسلي جون پيون به ڪيئي ڪڙيون دادو ضلعي ۾ ملي سگهن ٿيون. مثلاً **ٻچل شاه مست ۽ فتح فقير**. ٻئي تارڪ دنيا جي ڏنڊن کان دور. ڪفني اوڙهيون، لٽ ڪلهي تي ڪنيون، بقول شاه صاحب:

چڙي ڪيٺ ڪري، لوچي لاهوتي ٿيا!

ٻچل شاه مست هميشه هلندو ٿي رهيو. ڪنهن جاءِ تي قرار ڪونه ٿي آيس. پاڻي پيئڻ لاءِ ڪونجي ۽ ڳنڍڻ رڌڻ لاءِ ديگڙي پاڻ سان هوندي هئس. پيسو پائي نه وٺندو هو، نه ساڻ کڻندو هو. ٻئي جي هٿ جي پڪي ڪانه کائيندو هو. پاڻ پچائيندو هو، پاڻ واپرائيندو هو. جيڪي جڙيس جڳ جي پالڻهار وٽان.

سندس هڪ ڪافي مون کي هٿ آئي آهي، جا عرض رکان ٿو. سندس زندگيءَ جو فلسفو ان ۾ سمايل آهي:

پيسي ڪؤن ڏيءِ پري پري،
وَرُ وُوڙ تون وَرَ ڪري ڪري.

١- پيسي تي جن پيار ڏريو،
ٿيو قلب ڪنيو تن جو ڪارو،
گنج قاروني ٿا سانڍين سارو،
سي ويا تحت الثريٰ جي تري تري.

۲- پيسو سيڙين سري چُسوءِ،
ڪنهي پرين ڪاٿيون ڪوءِ،
رُڪي روتي اٿن سانجهي صبح،
ڳنڍڻ لاءِ پيو ڳري ڳري.

۳- دولت جن پياري ڏاري،
ڳالهيون ڪري ويا ڳري،
ڪين ڪنيائون پاڪر پري،
ڌرتيءَ ۾ ويا آهن ڌري ڌري.

۴- بچل شاهه پيسو نه پڇن،
لالن ڪارڻ لوڙين لُڇن،
ڏکن ۾ ٿا ڍولڻ ڏسن،
سندن ذوق ذري ذري.

فتح فقير اصل ڪکڙ پاسي جو هو. وڏو عاشق الله جو هو. پڇاڙيءَ ۾ حيدرآباد شهر جي ڊومڻ واهه جي ڪناري تي وڃي اوتارو هنيائين ۽ باقي حياتي اتي پوري ڪري چڏيائين. هجي ڪو سنڌ جو سپوت، جو انهن فلاسفرن جي حياتي ۽ ڪلام کي گڏ ڪري دنيا اڳيان آڻي. آءٌ انهن ماڻهن کي فلاسفر (فيلسوف) سمجهان ٿو.

يونان جي فيلسوفن جي سر مٿان سگهه ڪو نه هوندا هئا. اهڙائي ماڻهو هئا، جن زندگيءَ جي فلسفي ۽ مقصد متعلق هڪ خاص راءِ قائم ڪئي ۽ ان سانچي ۾ پنهنجي زندگي ڍاليائون. انهن کي ۽ انهن جي فلسفهءِ حيات کي اُجارڻ ۽ باقي دنيا اڳيان آڻڻ جو ڪم سندن پوين نسلن ڪيو، جن سندن حياتين، گُفتن، اشارن ۽ اُهڃاڻن کي گڏ ڪري، عام فهم زبان جو حليو ڏيکاري، موتين جي هڪ مربوط مالا طور پيش ڪيو. سنڌ جي فلاسفر فقيرن جي سندن پوين مان نه ڪنهن پولي سمجهي، نه ان جو قدر ڪيو، ڪن چريو چيو، ڪن ڪريو پاڻ، عاشق اوپارا، لوڪ لانوهارا.

برو بگيرد بام بليخا، موں نہ پروڙين مار!
(شاھہ صاحب)

فتح فقير جو ڪلام ڪنھن زماني ۾ سنڌ ۾ عام ھو، بدقسمتيءَ سان، مون کي سندس فقط ’ھڪ‘ ڪافي ذھن ۾ رھجي ويئي آھي.

نينھن سچن جي ڪئي نمائي،
ڏاتر شال ڏيکاريندو.

١- ورھ وڌي ڪئي دل ويڳائي،
سالڪ مٺي جو مرض سچائي،
ايندو آزار اتاريندو.

٢- چاڻ اجھو منھنجو آري آيو،
ڪندو ھوت ملڻ جو سعيو،
قول ڪيل اچي پاريندو.

٣- آھ تہ آھيان عيبن ھائي،
پنھل ايندو پاڻ سچائي،
آري ننگ آجاريندو.

٤- ”فتح“ فراق برھ جو باري،
ساجن چڙھي ٿيو آھ شڪاري،
محبت واريون ماريندو.

ميراڻ جمالي

خلافت ۽ ڪانگريس جي تحريڪ شروع ٿي ۽ انگريزن صلحنامہ ھيٺ ترڪيءَ جي ملڪ جا ڀاڱا ڪيا تہ ھندستان وانگر سنڌ ۾ بہ انگريزن خلاف ناراضگيءَ جي لھر لڳي ويئي. ميراڻ اڻ پڙھيل جمالي بروچ ھو، لڪيءَ واري جبل جي بلوچستان واري ڇيڙي تي بر پٽ ۾ رھندو ھو. تڏھن نہ ريڊيا ھئا، نہ اھڙيون اخبارون، جيڪي اڄڪلھ

ڏوراهين ڏيهہ تائين رسي سگهن - ۽ جيڪڏهن رسن بہ تہ پڙهي ڪير؟ ماڻهو افواهن، پڌين سڌين ڳالهين ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ شهرن مان ٿي آيل ماڻهن کان ملندڙ حال احوال جي آڌار تي راءِ قائم ڪندا هئا.

ميراڻ کي ڪنهن طرح خبر پئي تہ انگريز سلطان ترڪيءَ سان ڏاڍائي ڪري رهيو آهي. پر سلطان ترڪيءَ تائين پهچڻ ۽ ان جي فوج ۾ ڀرتي ٿي انگريز کي اکين ڏيکارڻ جو وسيلو وٽس ڪونہ هو. ماڻهن کان پڇيائين تہ آهو انگريز ڪهڙو آهي، اهو ساڳيو آهي، جنهن جو راڄ سنڌ ۾ بہ آهي، يا ٻيو ڪو نياڳو؟ ٻڌايائونس تہ ساڳيوئي انگريز آهي. ميراڻ فيصلو ڪيو تہ ولايت جي سفر ڪرڻ بدران هيتڙي ئي ساڻس هٿن جي صفائي ڪئي ويندي. هٿن جي صفائيءَ لاءِ سولي ۾ سولو رستو اهو نظر آيس تہ انگريز جي مال ملڪيت کي تباهہ ڪجي. ٻہ-چار سالي وٺي اچي دادو لائين جون ريلوي اسٽيشنون ڦُرڻ ۽ انهن کي ساڙڻ جو سلسلو شروع ڪيائين. وڏي ۾ وڏو نقصان ٻگهي ٽوڙهي ريلوي اسٽيشن کي پهچايائين، جنهن کي ساڙي ٻاري اهڙيءَ طرح خاڪ ڪري ڇڏيائين جو اڄ تائين وري اها اسٽيشن چالو ٿي نہ سگهي آهي. اسٽيشنن جي بابُن کي چتائيندو هو تہ: "ڪين سنڌن آل اولاد ۽ مال مڏيءَ کي هٿ نہ لاتو ويندو. جنگ انگريز سرڪار سان آهي، جنهن جي ملڪيت يعني اسٽيشن، ساڙبي ۽ آت پيل خزانو بہ ڪٽي وڃبو." بابو ويچارا، جن جي دلين تي ميراڻ جو اڳ ۾ ئي ڌاڪو ويٺل هوندو هو، سي چپ ڪري پاسي تي ويهندا هئا. ميراڻ لُٽ ڦر ڪري ۽ اسٽيشن ساڙي، رات جي پيٽ اندر لڪيءَ وارو جبل اَڪري وڃي ڪٽ لڪندو هو.

انگريز حڪومت جو انهن ڏينهن وڏو زور هو. پوليس آفيسر فقط سڄي گراهه يا پنهنجي ڪيسي ڪي گرم ڪرڻ لاءِ چپ مرڪائيندا ڪونہ وتندا هئا. انگريز سڀ ڳالهہ برداشت ڪري ٿي سگهيو، پر پنهنجي انتظامي رعب ۽ شان تي ريلوي اسٽيشن جي سڙڻ جهڙي هاڃي کي برداشت ڪري ڪونہ ٿي سگهيو. انهن ڏينهن تائين اڃا دادو ضلعو ڪونہ ٺهيو هو، اهو سارو جابلو علائقو لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي ضلعن ۾ ورهايل هو. ٻنهي ضلعن جون پوليسون ٻچي ميراڻ جي ڪڍ پيون. ڪنهن بہ تفتيش ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ هئي، ڇو تہ ميراڻ، جت بہ اسٽيشن کي ڦريندو يا ساڙيندو هو تہ پنهنجي نالي ۾ پيغام سرڪار ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. جي: "اوهان ترڪيءَ سان ڪاهنہ ڇڏيو تہ منهنجو توهان سان خير آهي، ورنہ جهاد جاري."

انگريز ڏاڍو عاجز ٿي پيو. آخر هڪ ڪڙپيل بروهي پوليس انسپيڪٽر کي ميراڻ ڏانهن موڪليائين. انسپيڪٽر صاحب جي ڏاڙهي ميراڻ جي ڏاڙهيءَ جيڏي ڊگهي هئي. لباس بہ بروهڪو پهريو هوائين ۽ مٿي تي قرآن شريف رکي ميراڻ جو پڇائيندو، ميراڻ واري جوءِ ڏانهن پيرين پنڌ وڃندو ويو. واٽ تي مشهور ڪندو ويو تہ انگريز قرآن شريف ميراڻ ڏانهن موڪليو آهي تہ هو سائس لاهہ ڪري. ميراڻ کي خبر پئي تہ "پلو سونهارو" يعني قرآن شريف هيٺر ڏانهس پيو اچي، سو قرآن شريف جي استقبال لاءِ پاڻ هلي اچي قرآن آڻيندڙ يعني ان فريبي پوليس انسپيڪٽر سان مليو. انسپيڪٽر صاحب قرآن شريف وچ ۾ رکي سائس گفتگو ڪئي، گفتگو جو مطلب هيءَ هو تہ "ميراڻ جي حملن ڪري انگريز جا ڏيڍر هيٺر ڍرا ٿي پيا آهن. هو ترڪيءَ سان صلح جون ڳالهيون هلائي، سندس ڪسيل علائقا واپس ڪرڻ لاءِ تيار آهي. انگريز جو خيال آهي تہ ترڪيءَ سان ٿيندڙ انهن ڳالهين ۾ ميراڻ مجاهد

به اچي ويهي، جيئن ڪيس به تسلي ٿئي. تنهنڪري ميران هڪ وار لاڙڪاڻي تائين هلي، صاحبلوڪن سان پنهنجو ترڪيءَ هاڻ جو پروگرام طئي ڪري.“ انسپيڪٽر قرآن شريف ۽ پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي کيس يقين ڏياريو ته هو جيڪي چئي رهيو آهي، سو سچ آهي ۽ ان ڳالهه جو ضامن قرآن شريف آهي.

ميران ويچارو جابلو پروچ هو. کيس ٻاهرين دنيا جهان جي خبر يا حڪومتن جي لکين ۽ ڏنن جو تجربو ڪونه هو. هن سمجهيو ته قرآن وچ ۾ اچي چڪو آهي، تنهنڪري جيڪي ڪجهه هيءَ پروچ پاڻ (جو حقيقت ۾ پوليس انسپيڪٽر هو) چئي رهيو آهي، سو سڀ سچ آهي، ڀڳي ٽوڙهي اسٽيشن جي سڙڻ ڪري انگريز هينئر واقعي ترڪي کي علاقا موٽائي ڏيندو. سندس اکيان پنهنجي علائقي جي سردارن جي ڪچهرين جي تصوير هئي، جت داعي مدعي گڏ ٿي، قرآن شريف تي، چوراپل چوپائي مال جي چورين جا فيصلا ڪندا هئا. هن ڀانيو ته ترڪيءَ جي باري ۾ به اهڙي ڪچهري لڳندي، جنهن ۾ ميران مجاهد پاڻ به ڪانپ ڪري ويهندو ۽ پنهنجن ”حق جي گفتن“ سان ڌرين کي صحيح راهه تي لائيندو.

گهر وڃي تيل ڦليل لائي، وڏي پڳ ٻڌي، کهيتلو پير ۾ ڪري، ميران انسپيڪٽر سان گڏ جي دادو پهتو. ات ساڳئي انسپيڪٽر صاحب هٿن ۾ هٿ ڪڙيون وجهي، پيرن ۾ بيل ڪڙيون پهرائي، چيله ۾ رسو وجهي وڃي لاڙڪاڻي ۾ ايس-پي صاحب اکيان پيش ڪيائينس ۽ پنهنجي بهادري ۽ ميران سان پنهنجي هٿيار بند موت مار مقابلي جون من گهڙت ڪهاڻيون ٻڌائي، بروقت انعام ۽ آفرين ناما ورتائين. ٿئين سال ۾ کيس ”خان صاحبي“ جو خطاب به مليو.

ميران لاءِ انگريز ۽ ترڪي جي ڪچهري ته ڪانه لڳي، ساڳيئن کيس ويهه سال قيد جي سزا ملي. جنهن زماني ۾ هو

مگر جڏهن جيل ۾ بند هو ۽ آءٌ ات سنڌ زميندار اخبار جو ايڊيٽر هوندو هوس ته سائس ملاقات ڪندو هوس ۽ حسب حال سندس پرگهور لهندو هوس. ويهه سال جيل ڪاٽي زنده سلامت ٻاهر نڪتو ۽ جيل ڇڏي وڃي نواب شاهه ضلعي ۾ هارپ ڪرڻ لڳو. هڪ ڀيرو سون سان ملڻ لاءِ دادوءَ به آيو.

سائين دين محمد شاهه لڪياري

دادوءَ ۾ به هڪ چوڪڙياري هوندي هئي، جنهن جو سربراهه سائين دين محمد شاهه مرحوم هو. چوڪڙياري جا ٻيا ٽي ميمبر هوندا هئا: محمد اسماعيل زؤنر مرحوم (جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي)، ميان محمد اسماعيل ناريجو مرحوم (ايڊيٽر دادو گزيٽ) ۽ ميان محمد عالم گهلو مرحوم - گڏجي ڪري روزانو دادو شهر جي چونڪ ۾ ڪنهن هوٽل يا دڪان تي ويهي پاڻ ۾ حال احوال ڪندا هئا ۽ پوين چوويهن ڪلاڪن اندر دادو ضلعي ۾ ڇا وهيو واپريو، تنهن جو جائزو وٺندا هئا.

ڪير آيو، ڪير ويو، ڪهڙي هنڌ ڪو خاص واقعو ٿيو، ڪهڙي ڪاموري ڪيتري رشوت وصول ڪئي، ڪهڙي وڏيري ڪنهن جي چوري ڪرائي يا رن ڀڳارائي؛ ٻاهراريءَ جو ڪهڙو مظلوم ڪهڙي پوڪار ڪئي دادوءَ ۾ آيل آهي ۽ هيٺئر دفترن ۾ ڌڪا پيو کائي؛ ڪهڙي ”واڻئي“ ڪهڙي ڪانيدار کي قرض ڏئي سندس زمين ڦٻائڻ جا پهه پچايا آهن؛ صوبائي حڪومت جو ڪهڙو آفيسر ڪڏهن دادوءَ ۾ اچڻو آهي ۽ وفد جي صورت ۾ ان سان ملي، دادو ضلعي جا ڪهڙا مسئلا سندس اڳيان رکجن؛ ”دادو گزيٽ“ جي ايندڙ هفتي جي پرچي ۾ ڪهڙن موضوعن تي لکجي، وغيره، وغيره.



د ين محمد شاه لکياري

ايجنڊا تمام ڏکي هوندي هئي. ڪو به اهڙو واقعو يا معاملو ڪونه هوندو هو، جو چوپاري ۾ زير بحث نه ايندو هو، بحث ڪان پوءِ فيصلا صادر ٿيندا هئا. ڏکين مورين کي مفت درخواستون لکي ڏيون هيون، جن ڪوٺائن کي صاحبلوڪن اڳيان ڳالهائڻ جو ڍنگ نه ايندو هو، انهن سان گڏجي وڃي انهن جي پاران حال حقيقت صاحب کي سمجهايو ويندو هو- جيڪڏهن "خرچيءَ" لاءِ پٽيوالا عرضدار کي چنبڙي پوندا هئا ته وچ ۾ پئي منجهائڻ غريب جي جان ڇڏائي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن پوليس جي جماندار يا روينيو جي تپيدار ڪنهن پهراريءَ جي گگدام کي ڦريو هوندو ته ان جي خلاف "ڪماني صاحب يا ڪليڪٽر صاحب جي ڌيان طلب" اخباري مضمون تيار ڪري انهن کي دادو گزيٽ ۾ ڇاپڻ جو بندوبست ڪيو ويندو هو. مطلب ته جيستائين ڪورٽون ۽ دفتر کليل هوندا، اوستائين اها ڪچهري هلندي رهندي، ان کان پوءِ هرڪو گهر هليو ويندو هو. پئي ڏينهن جي ڳالهه، پئي ڏينهن سان.

سچي سنڌ اندر، بيواهن ۽ بي وسيلن، داد خواهن جي خدمت لاءِ مون ڪنهن ٻه پئي هنڌ اهڙو نظام ڪونه ڏٺو. بعد ۾ ڪانگريسين ڪن ڪن شهرن ۾ "پبلڪ پوڪار آفيسون" ضرور کوليون، پر انهن جو فائدو مسلمان ڪونه وٺي سگهندا هئا.

سائين دين محمد شاهه مرحوم ڦڪن جي مشهور لکياري خاندان جو هڪ معزز فرد هو. جهڙو ڏسڻ ۾ بارعب ۽ باوقار هو، اهڙو عمل جي لحاظ سان. رنگ ۾ پورو، شهپر وڏا پر منهن تي موزون، بت پورو پنو، لباس اڇو اجرو، هٿ ۾ لڪڻ يا ڪلهي تي بندوق، جوانيءَ ۾ سواريءَ لاءِ سائيڪل، چڱو زميندار هو، خاصي رهائي ۽ خاصي اثر وارو. وعدي جو پڪو، دل جو پهلوان، سندس وڃڻ کان پوءِ چڪ وستي ٿي ويران ٿي ويئي.

ڪراچي

مشرق جي ملڪ، سنڌ جي ماڙي

جيڪا ڪراچي اسان آڳاٽو ڏٺي، تنهن جو هينئر نالو نشان ڪونه رهيو آهي، سواءِ چند پراڻين عمارتن جي، جن جي درين منجهان ڌوتل گندا آلا ڪپڙا آس ۾ سُڪڻ لاءِ پيا لڙڪن!

ڪهڙو حال ٻڌايان پراڻيءَ ڪراچيءَ جو؟ لفظن جي لباس ۾ اهو ماحول سامهون آڻي نٿو سگهان. اها ڪراچي شهر نه هئي، گلشن هئي، گلستان هئي يا ڪا ڪنوار هئي، جنهن کي لاوَن واريءَ رات لاءِ سينگاريو ويو هجي.

آبادي اڍائي-ٽن لکن جي هئي. صفائي ۾ ساري برصغير اندر پهريون نمبر. اها ٽي لک آبادي خوشحال، صاف، سٿري ۽ سهڻي هئي، جنهن کي پنهنجي شهر جي شان جو پورو پورو احساس هو. ماڻهو رستن تي گهمندا نه هئا، پر ٽو، ٽلندا هئا، گويا پيرن هيٺان گل ۽ پايل هون. يعني رستن جو احترام به ملحوظ رکيو ويندو هو. وڏي ڳالهه ته نه ڪنڊيچوڙن جو خوف هوندو هو، نه چري بازن جو، نه ڦورن جو، نه مسجدن مان جُتين چورائڻ وارن جو، نه مڇرن جو ۽ نه مکين جو. ان قسم جي ماڻهن ۽ جيتن کي جرئت ئي ڪانه ٿيندي هئي ته ڪراچيءَ جو قصد ڪن. ساري شهر ۾ فقط ٻه ٽي مئجسٽريٽ هوندا هئا-- رچرڊسن ۽ ٽلاٽي پارسي، جيڪي گهوڙو گاڏي ٽريفڪ، رستي روڪ يا جانورن سان بيرحميءَ متعلق معمولي ڪيس هلائيندا هئا. جانورن جو ذڪر آيو آهي ته هيءَ به ٻڌي ڇڏيو ته ڪراچي جي جانورن جي

عزت ۽ سندن حقن جو احترام ڪيو ويندو هو. مجال هئي
ڪنهن گاڏيءَ واري جي، جو مقرر تعداد کان وڌيڪ سواريون
وهاري يا منڊو يا ڇُٽر جانور جوٽي. جانورن سان بيرحميءَ
جي ڪيس پڪڙڻ لاءِ باقاعده سوسائٽيون هونديون هيون
۽ انهن سوسائٽين جا عهديدار ۽ آنريري مئجسٽريٽ روزانو
شهر ۾ گهمندا رهندا هئا. زخميل جانورن جي علاج لاءِ وڏي
اسپتال هئي ۽ سندن اُڃ لاهڻ لاءِ هر چونڪ ۾ هڪ فوارو
لڳرايل هو، جنهن مان رات ڏينهن ٿڌو پاڻي وهندو رهندو هو.
اهي فوارا گهڻو ڪري مالدار پارسي پنهنجي گذري ويل بزرگن
جي ياد قائم رکڻ لاءِ لڳرائيندا هئا. هندن گئوشالا کولي
رکي هئي، جنهن ۾ بيمار يا رٽائرڊ ڳئون، ڏاند ۽ مينهون
رهي، ڪاٺي ۽ ٻي پنهنجي زندگي جا رهيل ڏينهن گذاري پورا
ڪن. انهن جانورن جي خدمت لاءِ عملو رکيل هو ۽ گاهه داڻي
جا انبار لڳا پيا هوندا هئا. ٻه واقعا ڪراچيءَ وارن جي
انسانيت ۽ رحمدليءَ جا مثال طور ٻڌايان ٿو. مسٽر جمشيد مهتا
ڪراچي ميونسپل جو پريزيڊنٽ هو ۽ سالن جا سال بنا مقابلي
ان عهدي تي چونڊبو رهيو. ١٩٣٠ ڌاري آءٌ بندر روڊ سان
وڃي رهيو هوس. ڏٺم ته جمشيد مهتا پيدل هڪ زخمي گڏهه
کي وٺيو جانورن جي اسپتال ڏانهن پيو وڃي. سندس موٽر
سندس ڊرائيور پٺيان ڪاهيندو پيو هلي. تماشي ڏسڻ لاءِ آءٌ
ٻه اسپتال جي وراندي ۾ وڃي ويٺس. جمشيد پنهنجي سامهون
گڏهه جي ملم پٽي ڪرائي ۽ ڊاڪٽر کي بار بار چوندو ٿي
رهيو ته زخم کي آهستو صفا ڪر جيئن گڏهه کي ايذاءُ نه
اچي. ملم پٽي ختم ٿي ته ڊاڪٽر کي حڪم ڏنائين ته گڏهه
کي سندس ذاتي خرچ تي اسپتال ۾ رکيو وڃي ۽ گاهه داڻي
لاءِ ڪجهه رقم ٻه اسپتال ۾ جمع ڪرائي ڇڏيائين. ٻئي طرف
گڏهه جي مالڪ کي ٻه چيائين ته جيستائين گڏهه جو علاج
پورو ٿئي ۽ گڏهه ڪم وٺڻ جي قابل ٿئي، اوستائين هو

پنهنجي مزدوري جو حساب ڪانئس وٺندو رهي ۽ انهن چوندي ڪجهه نوٽ به اڳواٽ ئي ڪيس ڏئي ڇڏيائين.

هڪ دفعي مون پڻ هڪ سربرآورده پارسي جهانگير پنٿڪي کي ڏٺو ته هو الفنسٽن اسٽريٽ ۾ هڪ ڪراءِ جي وڪٽوريا گاڏي پوليس جي مدد سان روڪيو بيٺو ڪوچوان سان بحث ڪري. بحث جو موضوع هيءُ هو ته ”گهوڙو تمام لاغر ۽ منڊو هو. جانور به ساڳيءَ الله تعاليٰ جي مخلوق آهن. انهن تي رحم ڪرڻ سان خالق به خوش ٿئي ٿو. تنهنڪري مناسب آهي ته گهوڙي کي گاڏيءَ سان جوڙي به-چار ڏينهن ان جو علاج ڪجي ۽ ڪيس گاهه داڻو کارائي وهڻ جي قابل بڻائجي.“

ڪوچوان پاڻران آبل هو. ڪيس ڪراچيءَ جا قاعدا معلوم نه هئا، تنهنڪري پنٿڪي جي ڳالهه سمجهي نه سگهيو. سائنس تڪرار ڪندو رهيو ۽ آخر ڪاوڙ منجهان ڪيس چهبڪ ڏيکاري گاڏي هلائڻ لڳو. پنٿڪي فرسٽ ڪلاس آنريري مئجسٽريٽ به هو. پوليس واري ڪان ڪوچوان کي گرفتار ڪرائي جيل اماڻيائين، گهوڙو ڇوڙائي اسپتال موڪليائين ۽ گاڏي کي ڪ ڪرائي صدر پوليس ٿاڻي جي حاطي ۾ بيهاري ڇڏيائين.

هنن واقعن بيان ڪرڻ جو مقصد هيءُ ڏيکارڻ آهي ته ڪراچيءَ جي حيوانن جي به عزت ۽ شان هوندو هو. انهن جا به قانوني حق هوندا هئا، جن جو احترام ڪيو ويندو هو.

* * *

ڪراچيءَ سان منهنجي شناخت، پهريون دفعو شايد ١٩١٧ع ڌاري ٿي. پهرين عالمي جنگ هلي رهي هئي، پر اسان کي فقط انڊين منڊين اخبارن وسيلي پئي خبر پوندي هئي ته اهڙي جنگ جاري آهي، ورنه روزمره جي زندگيءَ تي ان جو ڪو اثر ڪونه هو. انگريز اهڙو مٺو انتظام رکيو هو.

اڄڪلهہ تہ سواريءَ جي ٽڪن وسيلن ساريءَ دنيا کي سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي، پر انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جو سفر بہ وڏو سفر ليکيو ويندو هو. ماڻهو اڳواٽ تياريون ڪندا هئا. يارن دوستن کي سڏ ڏيندا هئا تہ هوا بدلائڻ لاءِ ڪراچي جي سفر جي سنبت ٿي رهي آهي. ڪراچيءَ کي انگريزي دان "ڪراچي" سڏيندا هئا، عام ڳوٺاڻا "ڪاراچي". ڪراچي اڄان "ڪِرانچي" ڪاٺہ بڻي هئي.

موزون موسم ان سفر لاءِ مئي، جون، جولاءِ جي هوندي هئي. جڏهن اپر سنڌ ۾ گرميون ۽ مڇر ماڻهن جي ڪل خراب ڪري ڇڏيندا هئا. روپين جي ريل پيل جهڙن تهڙن زميندارن وٽ بہ ڪاٺہ هوندي هئي. ڪڻڪ روپئي من، ساريون ١٢ آني من وڪامنديون هيون. ڪڪڙ جو آنو پيسي، ڪڪڙ جي بيگم ڇهہ آني، ڇيلو ٽڪ روپئي، سڄو ڳيهہ پين ڪان ڇهين آني سير، بناسپتي يا ڊالڊا جو نالو نہ ڪنداره. ڳوٺ جي هٽ واري ڳيهہ سان هٽ چراند ڪئي تہ مٿس موچڙن جو مينهن وسي ويندو.

اهڙي زماني ۾ وڏيرا ڪراچي تڏهن ئي وڃي سگهندا هئا، جڏهن ربيع جو فصل لهي، جنس وڪامي ۽ واپاري ڏوڻي جي پلاند مان نوٽن جي ٿهي ۽ وڏيءَ مان اوڙهن (١) جي لپ ڪڍي سندن حوالي ڪن، اوستائين وڏيرا پيا اپريل جو چاليهو، مئي جون پنئون ۽ جون ۾ مڇرن جو مارو سهندا ۽ ڇيٽن جون دونهيون ڪرائي وقت ٽپائيندا رهندا. وقت جا واپاري بہ استاد هوندا هئا. ويٺا موسم کي ڏسندا هئا ۽ جنس جي اگهن تي رنجهہ ڪنجهہ ڪندا هئا. کين خبر هئي تہ جنهن وقت سخت گهٽ ٿيندي ۽ مڇر بڻہ، وڏيري جي نند

(١) ايڊورڊ ستين جي سڪي کي اوڙهو سڏيندا هئا، جو تہ بادشاهہ جي جيڪا تصوير روپئي تي هوندي هئي، تنهن ۾ بادشاهہ جو گنجو مٿو اگهاڙو ڏيکاريل هوندو هو.

حرام ڪرڻ لڳندا، ان وقت وڏيرو ڪراچي وڃڻ لاءِ تنگ ٿي گهٽ-وڌ اگهه، تي جنس وڪڻي ڇڏي ويندو. اهي ٻ-ٽي هفتا وڏيري ۽ واڻيءَ جي وچ ۾ دلچسپ چڪتاڻ پئي هلندي. وڏيري کي رات جو ننڊ ڦٽنيندا ته گهر ڀاتين سميت ڀيو ڏڪڻ کي سڏ ڪندو، ڇي:

آءُ ڏڪڻ ڏيهي،
ڀيج ننڊن جي ڀيڙهي.

سميت جو ملان ڏڪڻ مان پارسيءَ ۾ ڀيو خطاب ڪندو.

حيدر-حيدر-باد
باد ٻ جنبان باد

پر جڏهن وڏيري جي صدائن ۽ ملان جي مداحن کان پوءِ ٻ، نه ڏڪڻ گهلندو ۽ نه ننڊ ٿڙندو ته صبح جو وڏيرو تڪڙو تڪڙو واڻيءَ کي سڏائيندو:

’ڀائي فلاڻه مل، ڏي ڪا خبر. اگهن جي ڪا چُرپُر.“

ڀائي فلاڻومل: ”وڏيرا سائين، تهان کؤن ڪهڙي ڳالهه ڳجهي آهي. ڌرتي ۽ آڪاش جي وچ ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو هلي چلي، سو سڀ سائينءَ کي ”مهلوم“ (معلوم) رهي ٿو. هن سال ته اگهن جو حال ئي ڪونهي. وڏا واپاري، راليءَ (١) سوڌا، پنڪين ۾ آهن. مال ڪڻڻ لاءِ نه ريل جا گاڏا، نه مال کي ملڪ کان ٻاهر ڪيڻ لاءِ جهاج (جهاز) سڀ جنگ جي ٻلي ٿي ويا آهن. رات سيٺ لڌڻ مل ٺهڪنداس وارن نياپو موڪليو آهي ته جنس جي کپت ڪانه آهي، تنهنڪري مال نه ولجو.“

---

(١) رالي برادرس انهن ۽ ڪپاهه جا وڏا واپاري هوندا هئا.

واپاري ۽ وڏيري جي اها ڪشمڪش هفتن جا هفتا پئي هلندي. نيٺ وڏيرو تنگ ٿي پڳڙن مُٺ تي انبار وڪڻي، ڪراچي وڃڻ لاءِ ڪمر ڪشيندو. واپاري ان لٽ مار ڪان پوءِ ٻه ٽورو وڏيري تي پيو ٽڪيندو. چي: ”وڏيرا، تون هاڻي، آءٌ ڪول. نيٺ مون کي ڇيٽي ڇڏيئي!“ مطلب ته ”ڪول“ کي ڇٽڻ ۽ روپيا ڳڻڻ پڊڻ کان پوءِ وڏيرو ڪراچي لاءِ ريل ۾ چڙهي ويهندو. صدر جي علائقي ۾ انگريز رهندا هئا، تنهنڪري بي‌ادبيءَ جي ڊپ کان صدر اسٽيشن تي نه لهندو، سڌو وڃي سٽيءَ تي سامان لاهيندو. ٻه آنا (قلي) ڪوليءَ کي ڏني، راهي، فراشي ۾ ويڙهيل ۽ لوهي پيتي ٻاهر ڪڍائي ۽ اٺ آنا ڀاڙو وڪٽوريا گاڏيءَ بلي خرچ ڪري وڃي بندر روڊ تي مولوءَ (موليڏنه) مسافرخاني ۾ سهڙندو. اُتِ خاص ڪمرو ورتائين ته اٺ آنا ڪرايو، عام ڪمرو ته نام مولا مفت! سخت گرميءَ مان نڪري ٿڌيءَ آب هوا ۾ اچڻ ڪري ڀهريان ٻه-چار ڏينهن ته نزلي زڪام ۾ ڦاسي هڪ ٿي جاءِ تي هنڌ ۾ پيو هوندو. وڏ ۾ وڏ همت ڪيائين ته رڙهي مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم مغفور جي دواخاني تائين ويندو. اُتِ زڪام جون ڦڪيون گوريون اڳواٽ موجود هونديون. حڪيم صاحب لپ پڙي ڏيندس ۽ هدايت ڪندس ته جيستائين زڪام نه لهي اوستائين ٻاهر نه نڪري، مبادا نمونيا نه ٿي پويس.

هڪ ڀيرو مان هڪ سردار بهادر (جيڪو ان وقت تائين اڃان ٽلهو سردار هو) سان ملڻ لاءِ مولوءَ مسافرخاني ويس. ڏٺم ته سردار بهادر تندرست تنومند کٽ آس ۾ وجهايون اُتِ ٻه سوڙ ۾ ويڙهيو پيو آهي. مون ان احتياط جو ڪارڻ پڇيس. فرمايائين: کنگهه ٿي هئي. حڪيم فتح محمد صاحب وٽ ويو هوس، تنهن چيو آهي ته ڪراچيءَ جي ٿڌي هوا ۾ ٻاڻ کي ٻاهر نه ڪڍجانءِ متان ”نيمونو“ ٿي پوئي. ”نمونو“ بيماري جو نالو مون اوستائين ڪونه ٻڌو هو. بعد ۾ حڪيم صاحب

خود ڪان پڇڻ تي معلوم ٿيم ته ”نمونو“ مان مقصد نموتيا هئي. حڪيم صاحب ٻڌايو ته اهو مشورو هن سردار صاحب کي ٻه هفتا اڳ ڏنو هو، جڏهن مٿس نزلي جو حملو هو. هينئر نزلي ختم ٿئي کي هفتا گذري چڪا هئا، پر سردار بهادر ”نمونو“ جي دهشت ڪان اڃان تائين سوڙ ۾ سمهيو پيو هو!

غرض، هيءَ هو هڪ عام خاڪو انهن حالتن جو، جن هيٺ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا مهانڊا ڪراچيءَ جي زيارت يا سياحت لاءِ ايندا هئا.

*   *   *

خوشقسمتيءَ سان اسان جي گهر سان اهي حالتون لاڳو ڪونه هونديون هيون. ڪراچيءَ جا وڏا وڏا واپاري ۽ مالدار ميمڻ اسانجن بزرگن جا مريد هوندا هئا. گرمين جو زمانو ايندو هو ته پاڻ هُرتو اڳواٽ سارو بندوبست ٿي ويندو هو. فقط اسان جي پنهنجي پهچڻ جي دير هوندي هئي. ڪراچي رسڻ ڪان پوءِ رهڻ لاءِ محل ماڙيون، سواريءَ لاءِ ٻه گهوڙي گاڏيون (بعد ۾ موٽرون) ۽ کاڌي پيتي لاءِ هر روز ۽ هر ٽائيم تي سٽ رڇيون تيار. کائو، پيئو، گهمو، گهتو، خدا جا احسان مڃيو ۽ وڏن جي ڪيءَ ڪمائيءَ لاءِ مٿن صلواتون ۽ سلام موڪليو.

اسان جي روانگي ڪوٽ جي ريلوي اسٽيشن نصرت تان شام ويلي ٿيندي هئي. ڪراچيءَ جي تصور ۾ دل پئي ٽپا کائيندي هئي ته اجهو ٿا جهنگ جي جهنم مان نڪري ڪراچيءَ جي جنت ۾ پهچون. ٻارهن ڪلاڪن جو سفر هوندو هو. پئسينجر ٽرين نمبر ۴۲ ڏائون الين بجي شام ڇٽي، الين بجي

صبح ڪراچيءَ صدر پهچندي هئي. سيڪنڊ ڪلاس(١) جا گاڏا اڪثر اسان وٽان خالي لنگهندا هئا ۽ فقط لاڙڪاڻي پهچي، ٻين مسافرن سان ڀربا هئا، پر گپاگيهه ان هوندي به ڪانه هوندي هئي. مسافر سڀ ماڻائتا مهذب هوندا هئا. هڪڙي ڪي چاڙهندا سجائيندا هئا. راڌڻ اسٽيشن تائين ويٺا پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا هئا. ان کان پوءِ پنهنجن پنهنجن سيٽن تي وڇايل هنڌن بسترن تي ليٽي پوندا هئا. سون کي ننڊ ڪانه ايندي هئي؛ شوق وچان رستي ۾ جنهن به اسٽيشن تي گاڏي بيهندي هئي ته آءٌ دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي، پليٽفارم تي چرپر ڏسندو رهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ چور ريلن ۾ چڙهي لٽ مار ڪونه ڪندا هئا، تنهنڪري مسافر بي خوف دريون کولي سمهي رهندا هئا.

آب و هوا جو عالم هيءَ هوندو هو ته لڪيءَ جي لانگهي تائين ته گرمي ۽ مڇر شامل رهندا هئا، پر جيئن آسري اسٽيشن آکري هئي، تيئن فرق محسوس ٿيندو هو. سن آيو ۽ ٿڌي هير هلي. ڪوٽڙيءَ پهچڻ ته نئين دنيا ۾ داخل ٿيڻ. اکيون مهٽي ويٺڙ کان چانهه جي پيالي ۽ آني وارو ڪيڪ وٺي کائي ڪراچيءَ کي اکين لائي ويهي رهندؤ. جنگشاهي ٽپندؤ ته ٿڌيءَ هوا جا جهوٽا جسم مان چٽ چٽ شروع ڪري ڏيندا، دابيجيءَ پهتا ته ڪل تان آرائيون، خارش جا نشان ۽ مڇرن جي چڪن جون سموريون ثابتيون ميٽجي ويل هونديون. بدن ۾ تازگي ۽ توانائي پئي محسوس ٿيندي. اهڙي صاف، خوشبودار ۽ مٺي هير سان وري سابقو ڪونه پيو، تو ڙي جو

(١) فرسٽ ڪلاس ۾ ويهڻ جو سوال ڪونه هوندو هو، ڇو ته انهن ۾ انگريز آفيسر سفر ڪندا هئا ۽ انهن سان گڏ سفر ڪندي بي ادبي جو پهلو پيدا ٿيندو هو. ان کان سواءِ سيڪنڊ ڪلاس گاڏا به فرسٽ ڪلاس جهڙائي آرام ده ۽ سينگاريل هوندا هئا.

ساري دنيا گهمي ڏٺم. پراڻيءَ ڪراچيءَ جي هنيانءَ ٺار هير چا هئي، تنهن جو اندازو لڳائڻ هاڻوڪين حالتن هيٺ ناممڪن آهي. سمجهو ته چڻ بهشت جي ڪنهن ڳلتي مان نڪري سڌو اچي ڪراچي ۾ گهلندي هئي. سارو ماحول موافق. آسمان ۾ ڇڊا ڇڊا ڪڪر، مٿان هلڪو هلڪو جهڙ، وچ ۾ رڪي رڪي مينهڙي جي ڦڙ ڦڙ، ۽ تنهن سان گڏ ان مٺڙيءَ هير جي سرسرا! ماڻس غيرصحت بخش اجزا يا عناصر جي ملاوٽ جو ته سوال ئي ڪونه هو. سڄو شهر صاف شفاف هو. نه ڪين، نه ڪچرو، نه اگهاڙا تلاءَ، نه گندي پاڻيءَ جا ڍٻا، نه گٽر ڪليل، نه گٽرن جا ڍڪڻ چورايل، نه ڪچين وستين جو وجود، نه رستن تي ٻول ٻراز جي آزادي، نه موٽرن، بسن ۽ رڪشائن جو دونهون، نه پنجاهه لکن ماڻهن جي تحليل رياح جو معاملو، نه رستن تي سگريٽن جا ٽڪرٽوٽا، نه ديوارن تي پان جون پيچڪون. پوءِ ڪراچيءَ ۾ صاف هوا ڇو نه گهلندي؟

صدر ريلوي اسٽيشن جي ويجهو اچبو هو ته سڄي هٽ ڏانهن پري کان وائرليس جا ڪنڀا نظر ايندا هئا. اُن سمي ماڻهن کي سمجهه ۾ ئي ڪونه ايندو هو ته ٻنهن تند تار جي پيغام ڪيئن اچي وڃي سگهندا هوندا؟ ريڊئي يا ٽي ويءَ جي ڪو ڳالهه ڪري ها ته ڀاڪل سمجهي ڇنبا هڻي ڪڍنس ها.

گاڏي پليٽفارم تي بيهندي هئي ته سيڪنڊ ڪلاس گاڏن ۾ ڪُولي (قلي) ڪاهي پوندا هئا. هڪ آني مزدوريءَ تي هنڌ پيتي ڪٽي ٻاهر بيٺل ڪنهن وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ رکندا هئا. گاڏيون گهٽيون، مسافر ٿورا، هٿيس گيس ڪانه، آرام سان گاڏيءَ ۾ ويهي فريئر هال واري رستي سان صدر ڏانهن هلبو هو. ٻهرين ڪارلٽن هوٽل ايندي هئي، ان جا ڪنڊر اڄ ٻه نظر اچن ٿا، پر اُن زماني ۾ انگريزن جي رهائش لاءِ مخصوص هوندي هئي. گهڻن گهڻن سالن کان پوءِ ان ۾ فيشن ايبل ديسين کي رهڻ جي اجازت ملي يا جرئت ٿي. ڀانيان ٿو ته

ڪمرن جي مسواڙ اٺ رپيا روز هوندي هئي. مسلم ليگ تحريڪ شروع ٿيڻ کان اڳ، حضرت قائداعظم رح به ڪراچيءَ آئي ڪارلٽن ۾ ئي رهڻ پسند فرمائيندو هو(١).

ڪارلٽن جي سامهون رستي جي ڪپ پاسي ڏاڍيون اوچيون جايون ڪونه جڙيون هيون. صاف ميدان پيو هوندو هو. صرف وچ ۾ هڪ ننڍي مارڪيٽ هوندي هئي، جتان پسگردائيءَ جي بنگلن وارا ڀوڄ ڀاڄي وٺندا هئا.

اڳتي وڌبو ته فريئر هال وٽان گذر ٿيندو هو. چوڌاري وسيع باغ، راڻي ۽ بادشاهه جا بت(٢)، ۽ خود عمارت جو عجيب نمونو ڏسي ماڻهن جا ڏند چپن سان لڳي ويندا هئا. ان کان پوءِ فليگ اسٽاف هائوس هوندو هو، جنهن ۾ فوجي ڪمانڊنگ آفيسر رهندو هو. دروازي جي ٻاهران رستي تي ٻه توپون بيهاريل هيون. توپن مان جان ته نڪري ويل هئي ۽ محض نمائش لاءِ رکيل هيون، پر ان هوندي به گاڏيءَ واري کي چتاءُ ڪبو هو ته توپن کان پاسو ڪري هلي، متان نه متان!

الفنسٽن اسٽريٽ(٣) جون ”چاپون“ ڏسي ماڻهوءَ ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿيندو هو. سواءِ ٽن-چئن ميمڻ جي دڪانن جي باقي سڀ دڪان انگريزن، پارسين ۽ هندو عاملن جا هوندا هئا. پر صدر جي دڪانن جو مهندار وري به سيٺ اي. حاجي ڏوسل هوندو هو. سڀ کان وڏو دڪان، هر قسم جو سامان، سئي ڌاڳي کان وٺي اعليٰ درجي جي بندوقن تائين سڀڪجهه، ان هڪ ئي دڪان تان پيو ملندو.

---

(١) بعد ۾ حاجي سر عبدالله هارون مرحوم جو مهمان ٿيندو هو.

(٢) آزاديءَ کان پوءِ اهي مجسما اسان جي ات شڪنيءَ جو نذر ٿي ويا يا ڪٿي لڪايا اٿن!

(٣) هاڻوڪو زيب‌النساء اسٽريٽ رکيو اٿائون.

البت دڪان ۾ گهڙڻ ڪان اڳ بوت صاف ڪرائبو هو، ڪوٽ جا بٽڻ وجهبا هئا ۽ ڏاڙهي مڇن کي هٿ هڻي ٺاٺ ڪبو هو، ڇوته اندر لنگهڻ ڪان پوءِ خطرو هوندو هو ته متان اوچتو ڪو انگريز آفيسر نه سنهن پهچي وڃي. سنڌين کي پاڻ ڪان ڏاڍي لاءِ ادب جون تقاضائون هر وقت ۽ هر هنڌ ياد رهنديون آهن.

دڪان ۾ گهڙندي ئي صورتون سامهون پونديون هيون - سيٺ هارون مرحوم ۽ ڏاڏا سيٺ مرحوم. ٻئي وڏي در جي لڳ چوڪيدار وانگر ڪرسيون وجهيون ويٺا، ايندڙ ويندڙ ڏانهن اکيون ڦوٽاري خوفناڪ نموني ۾ تڪيندا رهندا هئا. هو ته بزرگ هوندا هئا، پر ڏسڻ ۾ ائين ايندا هئا، جيئن جن جي خطري ڪان ڪنهن در تي ديو ويهاري ڇڏيا هجن. وڏيون وڏيون ڳاڙهيون اکيون، ڊگها قد، گهاٽيون ڏاڙهيون، ٻت پريل، منهن تي مرڪ ڪان، چهرو ايتري قدر غصي ناڪ جو ماڻهو سيٺين کي ڏسيو پاڻهي پاسو ڪريو وڃن. چوندا ڪنهن کي ڪو نه هئا، شايد ساري ڏينهن ۾ هڪ لفظ به ڪو نه ڪچندا هئا، پر ڳالهائڻ پوءِ جي ڳالهه آهي. ٻهرين پهر ديدار سان آهي، سندن ديدار دل شڪن هوندو هو، البت ٻچو سيٺ مرحوم، جو انهن ڏينهن ۾ ويهن-ٻاويهن ورهين ڄمار جو هو ۽ ڏاڍو سهڻو، خوش پوشاڪ ۽ بامروت انسان هوندو هو، تنهن جي ڏسڻ سان گراهڪن جا درد دفع ٿي ويندا هئا ۽ وڏن سيٺين کي ڏسڻ سان، جا دهشت مٿان طاري ٿيل هوندي هئي، سا دور ٿي ويندي هئي.

اهو ڏوسل جو دڪان هڪ ادارو هوندو هو. سنڌ جا گهڻو ڪري سڀ وڏيرا، مير ۽ پير ان دڪان جا مقروض هوندا هئا ۽ فصل لهڻ سال جي ڪمائيءَ جو وڏو حصو ڏوسل ڪان ڪنيل اوڌر بلي ڏيڻو پوندو هون. سندن گهڻو مارو هوندو هو بندوقن، ڪارتوسن، ولائتي بسڪوٽن ۽

خوشبودار صابڻ تي، جن جنمن جي ڏوسل وٽ ڪا گهٽتائي ڪانه هوندي هئي. دڪان ۾ رکيل پيو سامان گهڻو ڪري سندن سمجهه ۾ ئي ڪونه ايندو هو، تنهنڪري ان جي ويجهو ڪونه ويندا هئا. ڪي ڪي چوند وڏا ماڻهو شام ويلي ڏوسل جي دڪان جي ٻاهران ڪانس جي ڏنلهي تي نيٺ جون ڪرسيون رکائي ويهي رهندا هئا، جيئن ڪو آفيسر يا ان جي منڍم اچي ته هي آئي سندس سلام ڪن. هڪ لحاظ سان ڏوسل جي دڪان جي ٻاهران ويهڻ خود عزت جو نشان سمجهيو ويندو هو.

هور نالي هڪ انگريز درزيءَ جو دڪان، ساڳيءَ الفنسٽن اسٽريٽ ۾ نئين انگريزي فيشن جي دلداده وڏيرن جي دلچسپيءَ جو مرڪز هوندو هو. سنڌي پڙهيل وڏ ۾ وڏ قميص ۾ بٽڻ تائي هٿڻ تي اڪتفا ڪندا هئا. جيڪڏهن انگريزيءَ جا ٻه-چار درجا پڙهيل هوندا هئا ته هور کان سوٽ ٺهرائي پائيندا هئا، پر انگريز عملدارن وٽ گهڻو ڪري سوٽ پائي نه ويندا هئا، مبادا صاحب کي اهو خيال ٿئي ته وڏيرو انگريزن سان همسري ڪرڻ جا پهه پچائي رهيو آهي. ان کان ٿورو اڳيرو جي. بلس (j.Bliss) جو دڪان هوندو هو، جتان انگريزي دوائن کان سواءِ اعليٰ ترين ولايتي سينٽ صابڻ وغيره ملي سگهندا هئا. فيشن ايبل ماڻهو اتان جو ٻه چڪر هڻندا هئا. دڪان جي ٻاهران وڏا شيشا لڳل هوندا هئا. گهڻا ماڻهو دڪان جي ٻاهران بيهي شيشي کان اندر جو نظارو ڏسي چوندا هئا "واهه ڙي انگريز واهه!" يورپ جي طرز تي دڪان سينگاريل هوندو هو. هڪ دفعي سنڌ جو هڪ بزرگ ان دڪان ۾ ڪنهن شيءِ وٺڻ لاءِ داخل ٿيو. مريدن کي معلوم ٿي ويو، لئيون کڻي بلز جي دڪان جو شيشو پٽي ان جا ٽڪر بطور تبرڪ پاڻ سان کڻي ويا. بزرگ مائين

نقصان جو عيوض بلزکي ڀري ڏنو(١) ۽ شايد وعدو به ڪيائين ته وري دڪان ۾ نه ايندو. ساڳي طرز جو دڪان اسپيچلي نالي انگريز جو به هو. اُت به دوائن ۽ خوشبو جو سامان ملندو هو ۽ هيءَ ڳالهه تسليم شده هئي ته اسپيچلي جي دواخاني مان جيڪو نسخو ٺهي ملبو، سو هر لحاظ سان صحيح ۽ پورو هوندو. اسپيچلي جي سامهون حاجي ابوبڪر اينڊ سنس جو دڪان هو. ڪپڙي لٽي، زناني يا مرداني جو وڏي ۾ وڏو دڪان هو. سنڌس جي ضرورت جو سارو سامان سڌو ولايت مان گهرايل موجود هوندو هو. دڪان جو مالڪ مرحوم اسماعيل سيٺ ميمڻ هوندو هو، جيڪو منهنجي مرحوم مغفور ڏاڏي جو دوست ۽ ميزبان هوندو هو. سندس انتقال کان پوءِ سندس فرزند علي محمد سيٺ ۽ پاڻنيو پڻ و سيٺ به انهيءَ تعلق کي برقرار رکيو آيا. اسان سندن دڪان جي مٿان ماڙيءَ جي هڪ حصي ۾ رهندا هئاسين. مهمان نوازيءَ جون حدون ڪري ڇڏيندا هئا. ڪشاده دل ماڻهو هئا. سندن دستوخوان تي هر وقت الڳ-ڌهن قسمن جا طعام هوندا هئا. ڪاڏو خاص ميمڻڪي نموني جو-کچڙيون، گوشت جا ٻه-ٽي قسم جا پوڙ، تريل پام فريٽ مڇي، آچار، چٽڻيون، مربا، ميوا وغيره. ميمڻڪي کاڌي جو ذائقو نيارو هوندو هو ۽ جيڪي اسان اڄڪلهه کائون ٿا، ان کان بلڪل مختلف. اسان جي هاڻوڪي شهري يا هوٽلن ۾ پڪل طعامن تي زياده تر دهلي ۽ يو. پي جو اثر آهي. "شامي ڪباب" جو نالو پهريون دفعو مون ١٩٢٤ ۾ پڙهيو، پر کاڌم اوستائين ڪونه جيستائين پنج سال پوءِ دهليءَ وڃڻ جو اتفاق نه ٿيو. ابوبڪر جي دڪان ۾ سارو وقت انگريز مردن ۽ عورتن جي اچ وڃ رهندي هئي. آءٌ هڪ ڪنڊ ۾ ننڍڙي ڪرسي وجهي ان تي ويهي خموشي سان اهو نظارو ڏسندو رهندو هوس.

---

(١) مبادا بلز، جيڪو انگريز هو، ڪمشنر صاحب سنڌ مان وڃي شڪايت ڪري.

پيو مشهور ميمڻ جو دڪان عدن والا جو هوندو هو، جنهن جو بورڊ اڄ تائين لڳل آهي. خبر نہ آهي اندر ڪير رهن ٿا-ميمڻ يا ڪير؟ بهرحال عدن والا قسما قسم سگريٽن ۽ چروٽ وڪڻندو هو.

الفنسٽن جي چوڙي تي رستي جي ٻئي طرف، جت هينئر گلزار هوٽل آهي، حاجي احمد ڪريم محمد سيٺ جو دڪان هوندو هو. انگريزي گرم ڪپڙي جو ڌندو ڪندا هئا. سچو دڪان ولايتي ڪپڙي جي ٿانن سان ڀريو پيو هوندو هو. مالڪ مرحوم عبدالستار سيٺ دروازي جي ٻاهران ورانڊي ۾ ڪاٺ جو پلنگ وجهيو، ان تي چڙهيو ويٺو هوندو هو ۽ آئي وئي سان پيو محفل ڪندو هو.

ميمڻ کان سواءِ الفنسٽن اسٽريٽ ۾ پارسين جا دڪان بہ هوندا هئا، مثلاً جال ٻائي فوٽو گرافر ۽ سيٺ نسروانجي مهتا. نسروانجي، جمشيد مهتا (جنهن جو ذڪر ڪجهہ اڳ ۾ اچي چڪو آهي ۽ باقي هن کان پوءِ ايندو) جو والد هو ۽ سندس ڪاروبار ولايتي شراب جو هو. پوئين زماني ۾ حيدرآباد جي ڪن عاملن بہ اچي ڪتابن ۽ ولايتي بوٽن جا دڪان کوليا هئا.

۱۹۳۰ع ۾ عالمگير اقتصادي بحران آيو، جنهن جي دوران ۾ ميمڻ ڪمي واپار ۾ ايتريقدر نقصان پيو جو هو تريب برباد ٿي ويا ۽ انهن جون جايون اچي هندن والاريون. هڪ عبدالله هارون مرحوم پنهنجن پيرن تي بيٺل رهجي ويو. خود سيٺ عبدالله مرحوم مون کي ۱۹۳۹ع ۾ ميمڻ جي ان بربادي‌ءَ جو سبب ٻڌايو-چيائين تہ پهرين عالمي لڙائي‌ءَ جي موقعي تي ميمڻ گهڻي نفع اندوزي ڪئي هئي، جنهن جي خدا کين سزا ڏني. مرحوم جو عقيدو هوندو هو تہ جنگين جي دوران ۾ خلق خدا مجبور ٿيو پوي ۽ ان جي مجبوري‌ءَ جو فائدو وٺي واپاري حرام جي

روڪڙ ڪڏڪن ٽا، آخر ۾ خدا جي طرف ڪان مٿن تنزل ۽ غربت جو عذاب نازل ٿي ٿيو. جڏهن ۱۹۳۹ع ۾ ٻي عالمي جنگ آئي ته سيٺ عبدالله هارون ٽڙ تڪڙ ۾ پنهنجو ڪنڊ جو ڪارخانو، جيڪو موتي پور صوبه بهار ۾ هوندو هو، ڀڳڙن جي مٺ تي وڪڻي پنهنجا پلو آزاد ڪري ڇڏيا. سبب هي ٻڌايائين ته "هاڻي وري ٻي عالمي جنگ لڳي آهي، جنهن جي دوران ۾ ڪنڊ جي اڻاٺ ٿيندي ۽ تنهن ڪري بليڪ مارڪيٽ جو رواج پوندو. حياتيءَ تي ڀروسو نه آهي، ممڪن آهي ته ان وچ ۾ آءٌ مري وڃان ۽ منهنجي اولاد لالچ ۾ پئجي ڪنڊ جو بليڪ مارڪيٽ ڪري ۽ ان طرح مان خدا جي گرفت ۾ اچي برباد ٿي وڃي، تنهن ڪري نه ڪنڊ جو ڪارخانو وٽن هوندو، نه اهو ڪڏو ڪم ڪندا".

صدر ڪان ڪياماڙيءَ تائين ٽرام هلندي هئي. سارو سفر ٽڪي ۾ طئي ٿيندو هو. ٽرام بوري بزار ڪان هڪ طرف صدر ريلوي اسٽيشن ڏانهن ويندي هئي ۽ ٻئي طرف بندر روڊ مان ڪياماڙيءَ تائين. خلق آرام سان پئي هلندي چلندي هئي. نه ٽرامن ۾ گپا گيهه ۽ نه مسافرن جي اڙڪڻ جو مسئلو. ٽرام ڪان سواءِ گهوڙا گاڏيون به مروج هيون. موٽرون ۽ بسون بلڪل ڪونه. رڪشائون نه ڪنهن ڏٺيون هيون نه ٻڌيون. مالدار سواريءَ لاءِ خانگي وڪٽوريا گاڏيون رکندا هئا. پورين موٽرڪار هڪ سيمٺ سيٺ عبدالرحيم صالح محمد گهرائي، همبر HUMBER هئي. ٽاپ ڪليل. رستي تي نڪرندي هئي ته ماڻهو باادب پاسو ڪري بيهي رهندا هئا. انگريز گهڻو ڪري گهوڙن تي گهمندا هئا. شام جو هوا خوريءَ لاءِ ڪلفٽن تائين ويندا هئا. اهو رستو اڃان پڪو ڪونه ٺهيو هو. سر هينري لارينس H. S. Lawrence ڪمشنر سنڌ کي مون گهڻو ڪري هر شام، ان رستي مان، مڊم سوڌو، گهوڙن تي ڪلفٽن ڏانهن ويندي ڏٺو. اڪيلا

زال مڙس، نه چوڪيدار نه بادي گارڊ. ملڪ اندر حد ملاءِتي امن ۽ امان هوندو هو. ڪنهن کي مجال ڪانه هئي جو ڪنهن ڏانهن گناهه آلود نظرن سان ڏسي. ڪلفٽن تي سر جهانگير ڪوٺاري پنهنجي نالي سان سيرگاهه يا پيريڊ (Parade) کڻو پوءِ اڏرائي.

هوڏانهن بندر روڊ به برسيل هوندو هو. مولوين جو مسافرخانو، غلام حسين خالقڏنه هال، ڊينسو هال، ميريويدر ٽاور، سمال ڪاز ڪورٽ، ڪسٽم هائوس، پورٽ ٽرسٽ بلڊنگ، ان سير سفر جا سنگ ميل هوندا هئا. خالقڏنه هال ۾ مولانا محمد علي جوهر مرحوم ۽ سندس ساٿين تي مقدمو هليو، جنهن ڪري اها جاءِ ماڻهن لاءِ زيارتگاهه بڻجي پئي.

ڊينسو هال وٽان سڄي ڪچي رستا ڦٽندا هئا. ڪچي وارو رستو ”نئي چالي“ پاڙي سان (جاتي الوحيد اخبار جو دفتر هو) گذري ميڪلوڊ روڊ ۾ وڃي پوندو هو. سڄي ڏانهن ٻه رستا هوندا هئا، هڪ ميريٽ روڊ، جنهن تي هندي واپار جون ڪوٺيون ۽ دڪان هوندا هئا ۽ ٻيو رستو نيپئر روڊ هو، جنهن جي مهڙ ۾ ميمڻ واپارين جون ”وڻڪارون“ ۽ آفيسون هونديون هيون(١) ۽ اڪثر چڪلو. چڪلي واري علائقي ۾ ڪسباڻيون ۽ ڳائڻيون ته رهنديون هيون، پر جن ماڻهن جو انهن پيشن سان تعلق ڪونه هو ۽ وڏي درجي جا صاحب هوندا هئا، اهي به پنهنجا گهر اُتي ويٺا هوندا هئا. مثلاً سنڌ جي ڪمشنر صاحب جو مير منشي به انهيءَ پاڙي ۾ رهندو هو. شريف، پاڪباز ۽ روزي نماز ڪندڙ شخص هو. شام جو گهر جي گيلريءَ ۾ ڪرسيون وجهيو ويٺو پنهنجن دوستن سان ڪچهري ڪندو هو ۽ ايندڙ ويندڙ کي ڏسندو هو. ان دور جا ماڻهو باالخلاق سڌا سادا شرفاءَ هئا. اهڙي پاڙي ۾

---

(١) سر حاجي عبدالله هارون جي آفيس ۽ بعد ۾ صوبائي مسلم ليگ جو دفتر به انهيءَ ئي رستي تي هو.

رهندي ٻه سنڌن ڪيريڪٽر تي حرف ڪونه ايندو هو. پيشه ور طوائفن کي پاڻ وٽ گهرائي يا وٽن وڃي راڳ ٻڌڻ ۾ ڪا قباحت ڪانه سمجهي ويندي هئي. اشرافن ۽ پيشه ورن جي وچ ۾ حد فاصل واضح هوندي هئي. چڱي ۽ ٻچڙي فن ۽ هنر کي پنهنجن پنهنجن حدن اندر رکيو ويندو هو. معاشري ۾ منافقت جو دؤر اڃان ڪونه آيو هو. ليڪي ليکي ليڊڙن پائڻ جو رواج ته شايد انهن ڏينهن ۾ به هوندو، پر ڪلبن، جمخانن، هوٽلن ۽ پارٽين ۾ بي پرده "خواتين" و "خضرات" وچان حجاب جا پردا گهڻو پوءِ هٽيا.

* * *

حڪومت جون واڳون سنڌ جي ڪمشنر جي هٿ ۾ هونديون هيون. سنڌ جو هاڻوڪو پرڳڻو بمبئي صوبي سان ڳنڍيل هوندو هو. بمبئيءَ جي گورنريءَ جي سنڌ کان فاصلي تي هجڻ سبب مقامي انتظام هلائڻ لاءِ سمورا اختيار ڪمشنر جي حوالي هوندا هئا. ڪمشنر به وڏا وڏا انگريز مقرر ٿيندا هئا. نڙس مٿير، منتظم، بااصول، بي داغ، اٿين نه هوندو هو ته ڪمشنر ڪنڌ ورائي ۽ خلق خدا ان جي ڪيريڪٽر تي ٽيڪا ٽپڻي شروع ڪري ڏئي — "فلاڻي معاملي ۾ نامراد هيتري رقم کائي ويٺو آهي، سمگلنگ وارن سان حصه بخره اٿس، هيترا بنگلا ٺهرايا اٿس، رشوتن ۽ لڳ لاڳاپي تي پيو نوڪريون ۽ ٺيڪا وراهي، پنهنجي ضمير، ايمان ۽ انصاف جي اصولن کي تياڳ ڪري پنهنجن بالادستن جي اشاري تي پيو ڪڏا ڪم ڪري ۽ ڪوڙيون رپورٽون موڪلي."
ڪمشنر ايڏي پايه جا انسان هوندا هئا، جو انهن جي باري ۾ اهڙي چوپچو جو هلڻ ماڻهن جي خيال ۾ به ڪونه هوندو هو. ڪمشنر کي مدد ڪرڻ لاءِ هڪ گورو آءِ.سي.ايس آفيسر بطور اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻي ديسي ڊپٽي ڪليڪٽر گريڊ جا آفيسر مقرر هوندا هئا. منجهانئن هڪ نيٽو اسسٽنٽ ڪمشنر

سڏبو هو. ان جو واهپو پبلڪ سان هوندو هو. ڪمشنر جي ڀاڃي ۾ رهڻ ڪري انهن جو به ڏاڍو ٻوندو هو. زميندار ته پيا سندن دَرن تي ڌڪا کائيندا هئا. خان بهادر نبي بخش محمد حسين مرحوم، جيڪو وڏي ڪيئي عهدا ماڻي وڃي بهاولپور رياست جو وزير اعظم بڻيو ۽ انان رٽائر ڪيائين، ٽالپي وارو ٽپٽو اسسٽنٽ ڪمشنر هو. خلافت هلچل جي زماني ۾ انگريز سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏنو هئائين ۽ جنهن ڪري انگريز ڪمشنر سندس ڪَن جو وارُ ٿي رهيا. سنڌ جي وڏيرن متعلق "ڀڳي ڇوڙي" سندس سپرد هوندي هئي. ڪنهن تي ڪهل، ڪنهن تي ڏمر، ڪن کي خطاب وٺي ڏنائين، ڪن تي ڪمشنر جي دربار جون ڪرسيون مرحمت ڪرايائين. فريئر هال جي پٺ ۾ سندس بنگلو هوندو هو. وڏيرن جي ڳپا ڳيهه لڳي پئي هوندي هئي، توڙي جو سندس رهڻي ڪرڻي ۽ طرز تعلق انگريزي نموني جي هوندي هئي ۽ ڪنهن کي هرو ڀرو پاڻ سان ڳهرو پوڻ ڪونه ڏيندو هو.

ڪراچيءَ جا ڪليڪٽر به سينئر آءِ-سي-ايس انگريز آفيسر ٿي ايندا هئا. ڇا شان هو، ڇا مان هو! سڀ ڏانهن ڀري رهندا هئا. جنهن کي چڱو سمجهندا هئا، ان جي عزت ڪندا هئا، پر اهڙي طريقي سان، جو هو سندن ويجهڙائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي نه سگهي. سياري جي موسم ۾ شهر مان نڪري ضلعي جو گشت ڪندا هئا. سامان اُٺن تي، صاحب پاڻ گهوڙي تي، پنهنجو خرچ، پنهنجي ماني، نه ڪيش ڪيش، نه ليچ ليچ. سندن سرشتيدار ۽ ٻيڙيل ۽ ٽپيوالا البته حد جي مختيارڪارن ۽ تپيدارن ڏانهن مرسائي (مهماني) وٺندا هئا، پر ان مهمانيءَ جو مقدار هرو ڀرو "هنياءَ ڦاڙ" ڪونه هوندو هو. ڪير ڇڳڪو، ڳيهه، دُڪو، آٽي ۽ چانورن جو سير ٻه ۽ هڪ اڌ ڪڪڙ يا ڇيلو. ڪڪڙ جي قيمت آٺ آنا، ڇيلي جو مٺله، روپيو سواءِ جيڪڏهن ڪليڪٽر صاحب جي باورچيخاني

لاءِ ڪا شئي وٺبي هئي ته صاحب آن جو بل پنهنجي جيب مان ادا ڪندو هو. ڍنرن ۽ لنچن، ورائٽي شو يا مينا بازارين جي وپا جو نشان پتو ڪونه هوندو هو.

* * *

سياسي خيال ڪان ڪراچي ۾ سنڌ جي بزرگن جا ميڙ هوندا هئا. هڪ ئي وقت وڏا وڏا ماڻهو آت پيدا ٿيندا رهيا. سنڌ جي سياسي پڌي چوڙي آت ٿيندي هئي. ڪنهن جا نالا وٺي ڪنهن جا وٺجن؟ مسلمان، هندو، پارسي، ليڊر سڀ باوقار، اعليٰ اخلاق جا صاحب ۽ اعليٰ اصول رکندڙ. سيٺ هرچند راءِ وشنداس، جمشيد مهتا، سر حاجي عبدالله هارون، غلام علي چاڳلا، سيٺ غلام حسين قاسم، واجه فقير محمد دُرا خان، مير ايوب خان، طيب علي علوي، حاتم علوي، خان بهادر ماما، خان بهادر ولي محمد حسن علي، بابا مير محمد بلوچ، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا عبدالڪريم درس ۽ سندس فرزند ۽ جانشين مولانا ظهورالحسن درس، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جهانگير پنٿڪي، سر جهانگير ڪوٺاري، سر ڪاوسجي جهانگير، سر مانٽيگو ويب، اي. ايل. پرائس، خان صاحب بابو فضل الاهي، محمد هاشم گزدر، بي. ٽي. ٺڪر، روپچند بيلارام، موتيرام عيدن مل، قاضي خدا بخش، قاضي عبدالرحمان ۽ ٻيا.

١٩٢٤ع ڌاري سنڌ جي پاهراڙيءَ مان ٻه ڪي سربرآورده بزرگ ڪراچيءَ ۾ بنگلا ٺهرائي، اڪثر وقت اتي رهڻ لڳا، مثلاً سر شاهنواز خان ڀٽو، خان بهادر محمد ايوب کهڙو ۽ جناب جي. ايم. سيد. انهن جي ڪراچيءَ ۾ رهڻ ڪري سنڌ جي مرڪزي شهر ڪراچي ۽ سنڌ جي پاهراڙيءَ جي سوچ ويچار ۾ گهڻي موافقت نظر اچڻ لڳي. شيخ عبدالمجيد، حاجي عبدالله هارون، جمشيد مهتا، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، غلام علي چاڳلا، مير ايوب خان، بابا مير محمد بلوچ،

غلام حسين قاسم، هرچند راءِ وشنداس، ولي محمد حسن علي، بابو فضل الاهي، مولانا محمد صادق، شيورتن مــهوتا، محمد هاشم گذدر ۽ راءِ بهادر شيوا رام ڏيون مل اڳ ۾ ئي ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا.

جيستائين ان پايي جي بزرگن جي هٿ ۾ سنڌ جي سياست رهي، سنڌ جو شان ۽ مان ڪجهه ٻيو هو. خود انهن ماڻهن جو ذاتي ڪلچر ۽ سنڌ بزرگيءَ جو انداز پدرانه ۽ مشفقانه هو. صوبي جي سچي ماحول تي اثرانداز رهيا. ڪير جو اخلاق کان ڪريل ڳالهه ڪري يا سياست ۾ بداخلاقيءَ جو مظاهرو ڪري! غرض، اهي سنڌ جي جملي معاشري جا ٿنڀا هئا. آءٌ اهو فرق بخوبي محسوس ڪري رهيو آهيان، انهن جي اکين ٻوٽڻ کان پوءِ سنڌ يتيم ٿي پئي، نه ڪنهن کي ڪو روڪڻ وارو رهيو، نه همت ڪري حق چوڻ وارو ـ انڌي جي جوءِ، الله جي امان!

مون انهن بزرگن جون ڪچهريون ۽ انهن جي ڪم ڪرڻ جا طريقا ڏٺا. هڪ ته الله تعاليٰ انهن کي صورتون اعليٰ ڏنيون هيون، ٻيو ته سنڌ لباس، اٿڻي ويهڻي بزرگانه هوندي هئي، ٽيون ته، هو سڀ سير نفس يعني ذاتي لوڀ لالچ کان بالا هوندا هئا. پاڻ ۾ ملندا رهندا هئا، پنهنجي صوبي جي ڀلائيءَ لاءِ رٿون رٿيندا هئا. جيڪو قدم کڻندا هئا، سو سوچي سمجهي، پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري. نه هڪ ٻئي جي خلاف سازشون ڪندا، نه ڪنهن سياسي عهدي يا فائدي تي انڌا اونڌا ٿي ڪرندا.

ڪراچيءَ کي انهن ماڻهن ڏاهيو. سنڌ کي انهن ماڻهن سنواريو. اڄ تائين به اکين ماڻهو سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح سنڌ عمل صالح جو فائدو پيا وٺن. توڙي جو في الحال ته انهن جي نالي وٺڻ وارو به ڪونه رهيو آهي، پر ممڪن آهي ته ڪو وقت اچي جڏهن ماڻهو آنڌ ڏنڌ مان نڪري، انهن

جون قبرون ڳولهي لهن، مٿن گلن جون چادرون چاڙهين ۽ انهن جي نيڪوڪاري، حب الوطني، انسان دوستي، شرافت ۽ سنجيدگيءَ جا قصا ڪهاڻيون ٻڌي هنجون هارين. پنهنجي پر مون کي يقين آهي ته ائين ئي ٿي رهندو.

* * *

ڪراچي ٻن ٽن ڳالهين ۾ ته مرڪزي حيثيت ڌاري رکي - يعني سنڌ جي اخباري دنيا ۾ ۽ تعليمي معاملن ۾. اخبارون ٿوريون هونديون هيون، پر اخبار نويس لالچي، واپاري مزاج ۽ ڪُڌا نه هوندا هئا. اخبارون ڪن اصولن تي ڪاربند رهنديون هيون - مثلاً انگريزي اخبارن مان 'نيو ٽائمز'، جيڪا ساڌو واسواڻيءَ جي زيرِ سايه نڪرندي هئي، هندستان جي آزاديءَ ۽ انگريز جي مخالفت لاءِ وقف هئي. ١٩٢٤ع ڌاري سياسي هلچل ۾ وقتي ماٺي آئي ته اها اخبار بند ٿي وئي. انگريز حڪومت جي نقطهٔ نگاهه پيش ڪرڻ لاءِ 'ڊيلي گزيٽ' هئي، جنهن جو ناميارو ايڊيٽر سر مانٽيگو ويب هو. هندن جي مفاد کي اڳيري ڪرڻ لاءِ 'سنڌ آبزرور' ميدان ۾ آيل هئي. سنڌس ايڊيٽر، پوئين زماني ۾، هڪ ڪٽر مدراسي هندو ڪي. پُنيا هوندو هو. ان اخبار جو اصول هو ته انگريز کي ڪڍي، ملڪ تي هندو راڄ مڙهجي.

شروع ۾ مسلمانن وٽ پنهنجو ڪو اخباري ٽپڙ ٽاڙي ڪونه هوندو هو. سڀ کان پهرين روزانه اخبار الوحيد، خلافت تحريڪ جي زماني ۾، حاجي عبدالله هارون مرحوم جي همت افزائيءَ ۽ شيخ حاجي عبدالمجيد سنڌي ۽ سندس چند سرفروش ساٿين جي محنت سان نڪتي ۽ ساري انقلابي دور اندر مسلمانن جي وڪالت ڪندي رهي ١٩١٩ع کان ١٩٥٤ع تائين. شيخ صاحب جي ته جواني هئي ۽ سنڌ جي مسلمانن جي اميدن جو آغاز. الوحيد جي ڪهاڻيءَ تي هوند ڪتاب لکڻ جڳائي. حڪومت مخالف، آمدنيءَ جو ذريعو صرف

غريبن وٽان ملندڙ چندو، ڪڏهن ڪڏهن قيد و بند جون مصيبتون، ڊپازٽيون، ضبطيون، قرض جون تڪليفون روزمره جو معاملو، ڪڏهن پنو ڪون ته ڪڏهن ٽپال جي ٽڪلين وٺڻ لاءِ پيسو غائب؛ اهڙو وقت به آيو، جڏهن سرڪار طرفان الوحيد جي ايڊيٽرن کي جيل موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿيو. هڪڙي پٺيان ڪيئي ايڊيٽر گرفتار ٿي جيل جي حوالي ٿيندا رهيا. آخر سرڪار پاڻ ٿڪجي پئي، پر الوحيد جا ايڊيٽر ڪون ٿڪا. ان دور ۾ گهڻائي مانجهي مڙس ٽپندا ڪڏندا ميدان ۾ ايندا رهيا. مثلاً مولانا دين محمد وفائي، ميان دين محمد عليگ، مسٽر عبدالسلام، جناب الله بخش ٽالپر، رئيس حاجي علي محمد مري، مولانا عبدالڪريم چشتي، قاضي عبدالرحمان ۽ ڪيترا ٻيا. منهنجا سڀ کي سلام، سڀ تي ڌڻي پاڪ جون بي پايان رحمتون. اصولن ۽ خالق الله جي ٻلي خاطر پاڻ جلائيندا رهيا، پر سچ ۽ حق جي ڏيئي کي اجهامڻ نه ڏنائون. اصول پرستي، سرفروشي ۽ راست گوئي جو وڏو ورثو ڇڏي ويا، جنهن جي برباد ڪرڻ ۾ به ٻوين کي ويهن ڪان مٿي سال لڳي ويا آهن.

١٩٣۴ع ڌاري سنڌ جي هندن ۾ تنگدلي پيدا ٿي. آزاديءَ جي بهاني سان سنڌ جي مسلمانن سان اٻتا پير کڻڻ لڳا. ان ڪم لاءِ هنن ڪيتريون روزانه اخبارون سنڌي زبان ۾ به ڪڍيون ـ هندو، ماترڀومي، سنسار سماچار، وغيره. سندن ڪوشش هئي ته سنڌ جي اخباري زبان ۾ هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ ڪثرت سان ٽنبي ڀريائين سنڌ جي روايتي ٻوليءَ تي ۽ ان ڪان پوءِ سنڌ جي ڪلچر تي حاوي پون. اڪيلي الوحيد سندن مقابلو ڪندي رهي.

* * *

تعليم جي سلسلي ۾ سنڌي مسلمانن جو ادارو صرف سنڌ مدرسةالاسلام هو، جتان وقت جا وڏا وڏا اڪابر پڙهي نڪتا.

قائد اعظم رحه ۾ شروع ۾ ان مدرسي ۾ تعليم پرائي. مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي اهو مدرسو قائم ڪري سنڌ جي مسلمانن تي وڏو احسان ڪيو. جيڪڏهن اهو مدرسو نه هجي ها ته سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليم ڪانه اچي ها، تعليم ڪانه اچي ها ته منجهن سياسي شعور ڪونه پيدا ٿئي ها، سياسي شعور پيدا ڪونه ٿئي ها ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ واري تحريڪ ڪانه هلي ها، ۽ سنڌ بمبئيءَ کان جدا نه ٿئي ها ته پاڪستان به ڪونه ٿئي ها. ڳالهه منجهان ڳالهه هلي.

مقابلتاً، هندن جا تعليمي ادارا البت گهڻا ۽ مضبوط بنيادن تي بيٺل هئا. ڏيارام جيٺمل ڪاليج، ڊي. جي. ڪاليج، اين. جي. وي. هاءِ اسڪول ۽ لا ڪاليج. سنڌ اندر هندو قوم کي لاهڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ انهن ادارن جو ڪافي حصو رهيو. هندن پرنسپال به پنهنجي دور جا وڏي ۾ وڏا معلم ۽ استاد هئا. پرنسپال بٽاڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي (جنهن "شاهه جو رسالو" وڏيءَ محنت سان ٽن جلدن ۾ شايع ڪرائي سنڌ تي وڏو ٿورو ڪيو)، پرنسپال شاهاڻي ۽ ٻيا ڪيترا پروفيسر، جن جي زندگي تعليمي ماحول ۾ گذري ۽ ان کان ٻاهر ڪونه نڪتا.

سنڌ مدرسي جا پرنسپال به پهريائين ته غير مسلم مقرر ٿيندا رهيا، آخر ۾ شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم آيو. سندس احوال عليحده مضمون جو محتاج آهي.

* * *

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي سياست کي آزاديءَ طرف موڙڻ ۾ هندو عنصر جو به وڏو هٿ هو. تعليم ۾ مسلمانن کان اڳرو هئا. هندن مڊل ڪلاس (وچولو طبقو) طاقتور هو. ٻاهرينءَ دنيا جي ڪين وڌيڪ پروڙ هئي. ڪانگريس هلچل کان متاثر ٿي چڪا هئا. انگريز سرڪار جو رعب متان ڪونه رهيو هو. ٿوريءَ گهڻيءَ

ڳالهه، تي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. ستياگره، سول نافرماني، عدم تعاون، "لاٺي چارج"، "ٽيئر گئس"، گوليون، جيلن وغيره جهڙن منزلن طئي ڪري اڳتي هليا هئا. البته مسلمانن سان ڪانه پوندي هئي. سندن منصوبا اهي هئا ته آخر ۾ ملڪ تي پنهنجو راڄ قائم ڪن، پر ساڳئي وقت هيءُ به سمجهيو پئي ته سندن نڪري وڃڻ کان پوءِ ڪنهن حد تائين سنڌ جي صوبائي سياست سان خود داري، آزاد خيالي ۽ قربانيءَ جا جزا گم ٿي ويا. ويتر جو سنڌ جدا ٿيڻ بعد (١٩٣٧ع ۾) سياست ڪي ڀاهراڙيءَ جا ڪي ناخوانده ۽ ڪامورن جا "لکڻ سڻيا" وڏيرا، پنهنجي تعدادي گهڻائيءَ جي بنياد تي، اسيمبليءَ ۾ داخل ٿي، وڻ وڍڻ هيءَ وانگر ڀڪوڙي ويا ۽ سنڌ جي جدائيءَ جو حقيقي مقصد نظرانداز ڪري، خود ساڳين هندن جي هٿن ۾ ڪيڏڻ لڳا، تنهن صورتحال مجموعي صوبائي سياست کي ڪُتن جي ڦٽي بڻائي ڇڏيو. منجهس ڪا جان ڪانه رهي. صرف جوڙ توڙ، ڪوڙ بدوڙ، ضمير فروشي، بي اصولائي ۽ "هر آئيندي سچ جي پوڄا" جهڙن عادتون ۽ قباحتون منجهس ڪاهي پيون.

پر ان جي اها معنيٰ نه سمجهڻ گهرجي ته ان عام ماحول اندر خود ڪراچيءَ ۾ به ماڻهن جو هروڀرو ڪال رهيو. ان وقت بوقت چند مسلمان قومي ڪم ڪندڙ اهڙا ضرور اڀرندا رهيا، جيڪي سياسي شعور، آزاد خيالي، عزت نفس، سختين سهڻ جي اهليت ۽ اصولن تي ساهه ڏيڻ وارين خاصيتن ۾ ڪنهن به طرح هندو سياسي ورڪرن کان پير پوئتي ڪونه هئا. مثلاً شيخ عبدالمجيد، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا عبدالڪريم درس، مولوي محمد صديق، ماستر محمد خان (اصل پنجاب جو هو، پر لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو هو)، بابا مير محمد بلوچ، محمد هاشم گذدر، مولوي عبدالحي حقاني، ظهورالحسن درس، حافظ شريف حسين، قاضي

خدا بخش ۽ الوحيد ۾ ڪم ڪندڙ سارو گروپ، سنڌ جي مسلمانن جي سياست جو Progressive ۽ انقلابي پهلو نمايان رکيو آيا. منجهانئن اڪثر غريب هئا، پر غربت ۾ انسانيت جو شرف برقرار رکڻ ڪو انهن کان سکي ها. انگريزن خواه هندن، ٻنهي سان چوٽون کائيندا رهيا. ڪيڏي به مصيبت مٿن آئي، نه ڪنجهيا، نه ڪڙڪيا. فائدو ٻيا وٺندا رهيا، سختيون هي سهندا رهيا. مولانا عبدالڪريم درس جو مثال وٺو. خلافت تحريڪ جي ابتدائي دؤر جو ماڻهو هو. جن ڪيس ڏٺو، تن جو متفق فيصلو هو ته شعلہ بيان مقرر هو. سندس تقريرون انگريزن جي دلين ڪي ڏاريندڙ رهنديون هيون. پهرين عالمي جنگ پوري ٿي (جنهن جي دوران ۾ مسلمانن انگريزن جي مدد ڪئي هئي) ۽ انگريزن جنگ مان جان ڇڏائي، ترڪيءَ تي تير سڌا ڪيا ۽ خلافت کي ختم ڪرڻ جون سٽون سٽيائون، ته مولانا درس ڇهوني مارڪيٽ وٽ هڪ وڏي عام جلسي ۾ تقرير ڪندي هيءُ شعر پڙهيو هو، جيڪو منهنجيءَ دل تي اڄ تائين اُڪريل آهي:-

مگت را خون دل دادم که بامن آشنا گردد،
ز بخت خود ندانستم که او ديوانه خواهد شد.

(يعني، تنهنجي در جي ڪتي کي پنهنجيءَ دل جو رت پيارم، ان اميد سان ته منهنجو دوست ٿيندو، پر پنهنجي بدبختي ڪري آهو نه ڄاتم ته اهو ڪتو منهنجو رت پي پاڳل ٿي پوندو.)

ٻئي موقعي تي هندن سان مخاطب ٿي هي بيت پڙهيائين:

روئي وفا نه ديد ز ياران هم وطن،
شايد که درس روبه ديار دگر کند.

(معني ـ وطني يارن ۾ وفا نظر ڪانه آيس، تنهن ڪري درس شايد ڪنهن ٻيءَ ولايت ڏانهن لڙي وڃي.)

سنڌ ۾ پنهنجو لاهيل هڪ شعر سالها سال فارسي پڙهيل سنڌين ۾ مقبول رهيو ۽ سنجهن خوداعتماديءَ جو جذبو پيدا ڪندو رهيو:

فرض کردم که خراسان و بخارا نه شوي،
کم نه باشي مگر از هند، ز پنجاب، اي سنڌ.

[سمجهيم ته اي سنڌ، تون خراسان يا بخارا نه آهين، پر هند ۽ پنجاب کان ته گهٽ ڪونه آهين.]

مولانا مرحوم جو هڪڙو بيو شعر به فارسي دانن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو:

نے عارف آگاهم نے زاهد درگاهم،
گر راست همے پرسي درسم به کتاب اندر.

[آءٌ نه عارف باالله آهيان، نه زاهد درگاهه آهيان. سچ پڇين ٿو ته آءٌ صرف ڪتاب زندگيءَ جو چاٽو آهيان.]

مولوي صاحب کي اهڙيءَ صاف گوئي ڪري ڪيترا ڀيرا جيل ۾ به وڃڻو پيو، مگر مرندي گهڙيءَ تائين پنهنجن اصولن تان ڪونه هٽيو. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ فرزند مولانا ظهورالحسن مرحوم ١٩٣٨ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي تحريڪ شروع ٿي (ان وقت الله بخش مرحوم جي حڪومت هئي ۽ هندن جو سخت زور هو) تڏهن ليگ جو جهنڊو کڻي پيهي رهيو. پاڙي پاڙي، محلي محلي ۾ وڃي ميٽنگون ڪندو ۽ مسلمان عوام کي ليگ جي حق ۾ جاڳائيندو رهيو. حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن مولانا ظهورالحسن نه هجي ها ته مسلم ليگ ڪراچيءَ جي عوام ۾ ايترو جلد مقبول ڪونه ٿئي ها.

ساڳيءَ طرح مولانا عبدالحي حقاني به مسلم ليگ تحريڪ جي دوران ۾ جوانمرديءَ جا جوهر ڏيکاريا. مسلم ليگ جو

جلسو ٿيندو هو ته ڪانگرس نظم پڙهائي ويندي، جيڪا هو خوش الحانيءَ سان ۽ انتهائي موثر انداز ۾ سُر سان ڳائي پڙهائيندو هو. نظم هئي:

مسلم هے تو مسلم ليگ مين آ
باطل پہ اڑے هين ڪانگريسي
ڪرتے نهين حق کي داد رسي
ڪچھ اور هے انکي دل مين بسي

........وغيره وغيره

مسلمانن ۾ جذبي جاڳائڻ لاءِ ان نظم وڏو ڪم ڪيو. نظم شروع ٿيڻ شرط اهڙو سمان پيدا ڪيو ويندو هو، جو مسلم ليگ تحريڪ جي خوبين تي وڏيڪ تقرير ڪرڻ جي ضرورت گهٽ رهندي هئي. غريب ايترو ئي ڪري سگهيو ٿي، جيڪو ڪندو رهيو.

الوحيد وارن جي ذوق اسيري جو ذڪر هيٺ ٿي چڪو آهي. انهن سان گڏوگڏ مولانا محمد صادق کڏي وارو، ۽ مولانا محمد صديق، حڪومت وقت جي چوڏن لاهڻ ۾ حد تنده سان مصروف رهيا. بابا مير محمد بلوچ ته بنهه بلوچ هو. سرفروش، بي خوف، انگريز جو جاني دشمن، هندن کان تنگ، رات ڏينهن حڪومت جي خلاف سَچت مچايون ويٺو هوندو هو. بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. انگريزي ڪونه ڄاڻندو هو، پر هين هُن کان انگريزيءَ ۾ سوال لکرائي ڪائونسل ۾ موڪليندو هو ۽ ان ريت حڪومت جي خوب اوگهڙ ڪندو ٿي رهيو. جنهن سوال پڇندي پيا ميمبر پيا ڏڪندا ۽ ڪنبندا (ته مبادا حڪومت بنهه ناراض ٿي پوي) اهو سوال بابا مير محمد، ڏونڪي جي چوٽ، پڇي ڇڏيندو. حڪومت گهڻا ئي واجهه وڌا ته ڪنهن طرح بابا جي شوخيءَ کي نرم ڪري، پر هو پنهنجي اصول تي اڙيو رهيو.

بابا مير محمد جي انتقال ڪان پوءِ مسٽر محمد هاشم گذدر سنڌ جاءِ تي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ۽ مرحوم جون روايتون برقرار رکيو آيو. سنڌ قومي خدمتن ۽ بهادريءَ جو ذڪر، تفصيل سان، هن ڪان پوءِ ايندو، پر هت اهو ٻڌائڻ ڪافي ٿيندو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ايوبي دؤر استبداد ۾، ڪيس ڏاڍيون اذيتون ڏنيون ويون. جيستائين مٿس پراون جا حملا ٿيندا ٿي رهيا، اوستائين نه هن جي همٿ ۾ ڪمي آئي، نه سنڌ دل تئي، بلڪ گهوٽ پٽيو وتيو، پر جڏهن پنهنجن جو حملو ٿيس ته دل ٽٽي پيس؛ مجنون ۽ ليليٰ جي گل جو مثال هو.

ميان نسيم تلوي هڪ غريب بروچ هو. لياري جي مسڪيني ماحول ۾ رهندو هو. پر حڪومت کي "ڪن گوشي" ڪرائڻي هوندي هئي ته نسيم کي چوري چڙهيو هو. هفتيوار پرچو "بلوچستان جديد" ڪڍندو هو. زبان جو آهڙو ٺيڪو هو، جهڙو قلم جو. شال نه ڪنهن ڪاموري يا ليڊر يا اخبار نويس جي ڪڍ پوي، سرڻ جيئڻ جي ڪاڻ ڪندو هو. پنهنجيءَ تي آيو، ته نه ڪيس ڪو ويچاري سگهندو، نه خريد ڪري. مسڪين هو، پر سنڌ مسڪينيءَ اڳيان بيشمار دولت مندن جون اکيون هيٺ. غربت ۽ غيرت گڏجي هجن ته چوڏهين رات جي چانڊاڻ!

هي چند مثال مون هن خيال سان پيش ڪيا آهن ته پڙهندڙن کي اندازو ٿئي ته پراڻي ڪراچيءَ جي غريب سنڌين ۾ به جان هئي. هر وير ورڇ ڪونه هئا.

* * *

ڪراچيءَ نه صرف قائداعظم محمد علي جناح يا سر آغا خان جهڙن مدبرن ۽ چوٽيءَ جي تاريخ ساز سياستدانن کي جنم ڏنو، پر سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترن انقلابي واقعن جي به ابتدا ٿي - مثلاً:

* مسلم ليگ (آل انڊيا) جماعت جو باقاعده پهريون اجلاس ١٩٠٩ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيو (توڙي جو ان جو خاڪو ١٩٠٦ع ۾ ڍاڪا ۾ تيار ٿيڻ لڳو هو).

* آل انڊيا ڪانگريس جي اها سيشن، جنهن ۾ مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ ويڇو پيو ۽ مولانا ظفر علي خان نماز مغرب لاءِ اجلاس مهمل نه ٿيڻ تي "واڪ آئوٽ" ڪري ويو، ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿي. ان کان پوءِ وري هندو ۽ مسلمان دليءَ طرح پاڻ ۾ گڏجي نه سگهيا.

* مولانا محمد علي، شوڪت علي ۽ سندن ساٿين تي تاريخي مقدمو ڪراچيءَ جي خالقڏنه هال ۾ هليو. مقدمي جو بنياد اهو هو ته هنن ڪجهه وقت اڳ ڪراچيءَ ۾ تقريرون ڪيون هيون، جن ۾ مذهبي نقطهءِ نظر کان انگريز جي فوج ۾ مسلمانن جو داخل ٿيڻ حرام قرار ڏنو هئائون.

* سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرائڻ جي تحريڪ جو بنياد به ڪراچيءَ ۾ پيو، جت جناب جي - ايم - سيد جي جاءِ تي پهريون پيرو ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ قائد اعظم رحمت الله عليه کي به جي - ايم - سيد جي جاءِ تي ئي سنڌ جي جدائيءَ جي باري ۾ ضروري حقيقتون ٻڌايون ويون. قائد اعظم ان زماني ۾ پير صاحب پاڳاره جي اپيل جي ڪم سان ڪراچيءَ آيل هو ۽ اتان سنئون گول ميز ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لنڊن وڃڻو هوس.

* آڪٽوبر ١٩٣٨ع ۾ صوبائي مسلم ليگ جي ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ پاڪستان تحريڪ جو بنياد رکيو ويو. هڪ قرارداد (١) جي ذريعي، جنهن جو مطلب هيءُ هو ته تجربي مان ثابت ٿي چڪو آهي ته هندستان جا هندو ۽

---

(١) شيخ عبدالمجيد جي ذڪر ۾ ان قرارداد جو مضمون ڏئي رهيو آهيان.

مسلمان ڳڻڌيل ملڪ ۾ هڪ نئي نظام هيٺ رهي نه سگهندا (هندن جي افعالن ۽ عمل تنگ دليءَ ڪري) تنهن ڪري مسلم ليگ اهڙو ڪو آئيني خاڪو مرتب ڪري، جنهن هيٺ مسلمانن جي آزاديءَ وارو مقصد حاصل ٿي سگهي. ان قرارداد پاس ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان تحريڪ جي ابتدا ٿي وئي ۽ ١٩٤٠ع ۾ لاهور جي آل انڊيا مسلم ليگ سيشن ۾ مشهور زمانه "قرارداد پاڪستان" منظور ٿي.

* سنڌ جي قانون ساز اسيمبلي (جنهن جو اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو) هندستان جي پهرين صوبائي اسيمبلي هئي، جنهن هڪ واضح ٺهراءَ جي ذريعي "پاڪستان" جي گهر ڪئي.

* سنڌ اسيمبلي ئي سڀ کان پهريائين پاڪستان سان الحاق جو اعلان ڪيو. ٽڙيءَ ڦڙيءَ تلاو ٿئي ٿو. پهرين اُڙي ڪراچيءَ ۾ پئي، جنهن اڳتي هلي تلاو ورتا.

* * *

ڪراچيءَ (پراڻيءَ) جون ڪي سوکڙيون وسرڻ جون نه آهن:-

* چندو حلوائيءَ جو "ڏنڊا گيري" حلوو.
* سيفي هوٽل (الفنسٽن اسٽريٽ) جي "مڪس پليٽ".
* بومن پارسيءَ جي هوٽل (بوري بازار جي سامهون) جي چانهه.
* جي باس (الفنسٽن اسٽريٽ) جو سينٽ.
* اسپيچليءَ جي دواخاني جي مڪسچر (سنڌن جي سور لاءِ)
* سکوئرا فوٽوگرافر جا فوٽا.
* حسن عليءَ جي ڪارخاني جي سوڊا لمليٽ.
* اسلامي هوٽل جي برياني.
* محمد صديق جي دڪان جا بوٽ.

* بابا مير محمد بلوچ جي دڪان جون ترڪي ٽوپيون.
* بي (م) الاني جي دڪان جون گهڙيون ۽ گهڙيال ('ويسٽ اينڊ واچ' ڪمپني جا).
* بولٽن مارڪيٽ جي سامهون هندو ڏانوائيءَ جي دڪان جو پڪل "پلو ۽ مڇي".
* حڪيم فتح محمد سيوهائيءَ جون زڪام جون ٽڪيون گوريون.
* حڪيم علي محمد قادريءَ جي ياقوتي.
* جهونا مارڪيٽ جي چونڪ ۾، عزيز جي هوٽل جا نان پاوا.
* حاجي ڏوسل، سليمان عمر ۽ حسين ڀائي جون بندوقون ۽ ڪارتوس.
* ڪيفي گرانڊ" جا ڪيڪ پيسٽريون.

* * *

ڪراچيءَ جي پکيڙ انهن ڏينهن ۾ ايتري ڪا نه هوندي هئي. جيل جي چوڌاري جهنگ ۾ سون تترن جو شڪار ڪيو آهي. ٽريڊ نگ اسٽيٽ واري علائقي ۾ چراخن سان ملاقات ٿيندي هئي، جيڪي شام ويلي شهر جي سير لاءِ (پير منگهي واري طرف کان) ايندا هئا. لياريءَ جي حصن ۾ بيڙل ڀائيءَ جا تلاءُ هوندا هئا، جت بدڪن جو شڪار ٿيندو هو. پي- اي- سي- ايچ جا جهنگ باقاعده شڪارگاهه هوندا هئا.

* * *

قصو ڪوتاهه، جنرل سر چارلس نيپئر (جنهن انگريزن پاران سنڌ تي قبضو ڪيو) جو قول ته ڪراچي ڪنهن ڏينهن "Queen of the East" (مشرق جي ملڪه) ٿي ملهبي، بلڪل

صحيح ثابت ٿيو. ١٩٤٧ع تائين جڏهن ڪراچي دهلي، تنهن راڄڌاني ته ساري برصغير اندر، صفائي ۽ سهائيءَ ۾ ڪراچيءَ جو مقابلو ٻيو ڪو شهر ڪري ڪونه ٿي سگهيو. اڄان به مشرق جي ملڪ، چئوس يا نه، چئو ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هنن پنجيهن سالن ۾ بلاشڪ ٻين شهرن ۾ به وڏي ترقي ٿي آهي، پر ڪراچي سنڌ جي ”مارئي“ آهي ۽ ٿي رهندي!

انتظامي خيال کان گذريل پنجيتاليهن سالن ۾، ڪراچيءَ کي ڪيترن ئي لڪن (ڦيرين گهيرين) مان لنگهڻو پيو آهي. ١٩٣٦ع ۾ سنڌ سان گڏ بمبئيءَ کان جدا ٿي، ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان جي دارالحڪومت بڻي، ١٩٤٨ع ۾ سنڌ کان ڇڄي مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿي، ١٩٥٤ع ۾ ون يونٽ ٿيو ۽ باقي سنڌ سان گڏ نئين گڏيل صوبي ”مغربي پاڪستان“ ۾ مدغم ٿي. ١٩٧٠ع ۾ ون يونٽ ٽٽو ۽ ڪراچي موٽي سنڌ جو حصو بڻي.

شيخ عبدالمجيد سنڌي

سياست هميشه پيسي جي راند رهي آهي. سنڌ ۾ ته، شيخ عبدالمجيد جي اڀرڻ کان اڳ، ڪنهن غريب دانشور لاءِ سياست جي ميدان ۾ قدم رکڻ به مشڪل ڪونه هوندو هو. سنڌ جا مالدار ماڻهو، سردار، وڏيرا، مير، پير، مخدوم، سيٺيون، مالدار وڪيل، وڏا ڪامورا (رٽائرڊ يا اڻ رٽائرڊ) ”نانيءَ ويڙهو“ لايون ويٺا هوندا هئا. پنهنجو پاڻ ۾ ملي ”ونڊ ورهاست“ پيا ڪندا هئا. ان سياست جو مقصد به محدود هوندو هو، محض ڪمشنر صاحب کي خوش ڪرڻ، آفيسرن تي اثر وجهڻ، غريب عوام تي سڪو ڄمائي رکڻ،

شيخ صاحب ٢٤- مئي ١٩٧٨ع تي وفات ڪئي، هي مضمون ان کان ڪجهه وقت اڳ لکيو ويو هو. — ناشر

پنهنجن حريفن کي عيتاهين ڏيکارڻ، ذاتي پذيرائي ۽ تن پروري، ڏيک ۽ ويک، ٽيپ ۽ ٽاپ! اهڙي خار زار ۾ ڇا مجال هئي ڪنهن غريب جي ته پنهنجو پير ڌري؟

ڌاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪرهن، ڪيچين ساڻ...

...متان ڪا پي لنءُ لائي.

شيخ عبدالمجيد ٻئي پهريون شخص هو، جيڪو خالي هٿين، سنڌ جي ان ڪافر قلعي اندر ڪاهي پيو. ٿٽي جي هڪ معمولي هندو گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو ليلارام هو. محض ذاتي مطالع، غور ۽ فڪر جي زور تي ابتدائي عمر ۾ ئي مسلمان ٿيو، ۽ "قومي خدمت" جو ڪم شروع ڪيائين. پهريان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي مرحوم جي سنگت ۾ شامل ٿيو. رئيس مرحوم سنڌ جي مسلمانن، خاص طرح سان وڏيرن سان پهريون ماڻهو هو، جنهن جي سياست "پروگريسو" هئي. نوڪرشاهيءَ کان نفرت ۽ ملڪ جي آزاديءَ جون ڳالهيون ڪندو هو. "الامين" نالي اخبار ڪڍيائين. شيخ عبدالمجيد کي ان جو ايڊيٽر بڻايائين. جيرامداس دولت رام (جيڪو پاڪستان کان اڳ سنڌ جي ڪانگريسي هندن جو تسليم شده اڳواڻ هو، ۽ هندستان جي ٺهڻ ۽ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ هندستان جي چوٽيءَ جي ليڊرن سان شمار ٿيو ۽ ڪجهه عرصي تائين آسام جو گورنر به ٿي رهيو)، ڄيٺمل پرسرام (سنڌي زبان جو وڏو ڄاڻو، سنڌي صحافت جي ميدان جو شهسوار ۽ سنڌ جو سچو عاشق)، ديوان سنت داس منگهارام (حيدرآباد جو برک قانون دان)، ۽ مسٽر عبدالجبار (وڪيل) به ان سنگت ۾ شامل هئا.

البت خلافت تحريڪ ٿي هئي (جا ڪجهه سالن بعد شروع ٿي) جيڪا شيخ صاحب جي حقيقي جوهرن کولڻ جو سبب بڻي.

هن تحرير جو مقصد شيخ صاحب جي مفصل سوانح حيات مرتب ڪرڻ جو نه آهي. ان لاءِ وڌيڪ تحقيق ۽ گهڻي

مواد جي ضرورت آهي. ماڻ هن ڪتاب ۾ صرف انهن ڳالهين جو ذڪر ڪريان ٿو، جيڪي مون کي نظر آيون يا جن منهنجي حافظي تي مستقل نشان ۽ اثر ڇڏيا. اهو اصول نه صرف شيخ صاحب جي باري ۾ مدنظر رهيو آهي، پر ٻين بزرگن جي سلسلي ۾ پڻ.

شيخ صاحب جي ابتدائي زماني کي ڇڏي، گهٽ ۾ گهٽ، سن ١٩٢٤ع کان، پاڻ منهنجي اکين اڳيان پئي رهيو آهي. آءٌ ڪڏهن به سندس گروپ ۾ شامل ڪونه ٿيس پر ڏسندو سڀ ڪجهه رهيس. هينئر اسان ٻنهي جي زندگين جي ڪهاڻي پڇاڙيءَ تي پهچي چڪي آهي، ته ساري تصوير نهايت جڙي، مڪمل ٿي، اکين اڳيان ڦرڻ لڳي آهي.

مجموعي طور، جيتري قدر آءٌ ڏسي سگهيس، شيخ صاحب جي سياسي زندگيءَ جا چند خاص مقصد رهيا- مثلاً:

(١) هندستان جي آزادي (١٩٣٨ع کان پوءِ پاڪستان جي آزادي)

(٢) اسلام ۽ مسلمانن جي سربلندي (آل انڊيا پيماني تي)

(٣) سنڌ جي ڀلائي (هر لحاظ سان)

اهي وڏا مقصد هئا، وڏي دماغ، وڏي حوصلي، وڏي اخلاق، ۽ وڏين ذاتي صلاحيتن جي وسيلي ئي ماڻهو ان ڏس ۾ ڪجهه اڳتي وڌي سگهيو ٿي. اهو ڪرشمو شيخ صاحب جو هو، جيڪو سنڌ جهڙي پسمانده ملڪ جو غريب ٿي، ۽ بنا ڪنهن سازوسامان يا مال ۽ دولت جي، سياست جهڙي سلوڻي لقمي کي، وڏيرن جهڙن واسينگن جي وات مان ڇڪي ڪيڻ (۽ ساڳئي وقت پاڻ به جيئري رهڻ) لاءِ ساري عمر جدوجهد ۽ جتن ڪندو رهيو.

شيخ صاحب وٽ قلم هو، زبان هئي، دماغ هو، ارادي جي قوت هئي؛ ان کان سواءِ وٽس ٻيو ڪجهه به ڪونه هو.

هٿئين خالي وڃڻندو رهيو- ڪڏهن هندن سان، ڪڏهن انگريز سان، ڪڏهن انگريز جي ٽوڊين سان، ڪڏهن سياسي ٺيڪيدارن سان، ڪڏهن سيٺين، سردارن ۽ سيدن سان. نتيجو ڪجهه به نه نڪتو، پر دائما هٿ صاف ۽ ڳاٽ اوچو رهيو. عملي سياست ۾ مقام پيدا ڪرڻ ۽ نه سگهي ته، هرهند ڀورين نمبر عهدي حاصل ڪرڻ لاءِ خود وڏيرن جي پنهنجن اختلافن مان فائدي وٺڻ جو فڪر هوندو هوس، جو ته سنڌ جهڙي هڪ غريب ڪارڪن لاءِ اڪثي وڏڻ جو اهو ئي طريقو نه سگهيو ٿي، پر اهو "جوڙ توڙ" به مناسب ۽ اخلاق جي حدن اندر ٿيندو ٿي رهيو. ڪراچي ضلعي (هاڻوڪي ٺٽي ضلعي) جي سياسي وڏيرن ۾ اختلاف پيدا ٿيو ته پاڻ منجهان هڪ ڌر سان شامل ٿي، ڪانئن بمبئي ڪائونسل جي هڪ سيٽ ڇڏائي ورتائين. لاڙڪاڻي ضلعي جا وڏيرا وڙهيا ته منجهان هڪ پارٽيءَ سان شامل ٿي، سر شاهنواز پٽي مرحوم جي تڪ مان اميدوار بيهي، سر صاحب کي شڪست ڏئي، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ سر شاهنواز خان هميشه لاءِ سنڌ جي سياست مان خارج ٿي وڃي بمبئيءَ ۾ هڪ سرڪاري عهدو وٺي ويهي رهيو. جت اختلاف جي اهڙي صورت بڻجي ڪانه سگهي، اُت شيخ صاحب هميشه هارايو. جنهن جو مطلب هيءُ رهيو ته سنڌ جي مسلمان عوام شخصي طور شيخ صاحب جي قدر شناسي ڪانه ڪئي ۽ سنڌ س خدمتن، قربانين، جسماني ڪاوشن ۽ دماغي ۽ قلمي پورهئي جو ڪو لحاظ ڪونه رکيو. ڏينهن گذرندي ۽ وقت ڦرندي سياسي گراگنجا به سنڌ جا وزير بڻيا رهيا، پر شيخ صاحب کي، هڪ دفعي جي ٻارهن مهينن جي وزارت کان سواءِ، ڪجهه ڪونه جڙيو؛ حالانڪ شيخ صاحب هر لحاظ سان ملڪ جي وڏي ۾ وڏي منصب ماڻڻ جو اهل ۽ حقدار هو. سنڌ جي سياسي ماڻهن مان صرف هو صاحب ئي هو، جنهن کي عالمي سياست جي پروڙ

هئي، آل انڊيا مسلمانن جي باري ۾ ڪا راءِ هئي، ۽ پاڻ دنيا جي وڏي مان وڏين سياسي مجلسن جو مور بڻجي ٿي سگهيو، پر هو غريب هو، سنڌ جي پيداوار هو- لعل لِڏ ۾ ئي لڪل رهجي ويو!

ٻه-ٽي دفعا جيل ۾ به وڌائونس. جوانيءَ ۾ ٻه-ٽي دفعا انگريز سرڪار، ۽ عمر جي پڇاڙيءَ ۾ پاڪستان جي مسلمان حاڪمن (ايوب خان). انگريز تي ته ميار ڪانه هئي، پر پاڪستان جي مسلم ليگي وزيرن ۽ حاڪمن لاءِ مناسب ڪونه هو ته هو به ساڻس اهو سلوڪ روا رکن. هو پاڪستان جي معمارن ۽ محسنن مان هو. مثلاً: هندوستان جي ورهاڱي ۽ مسلمانن جي علحده قوم هجڻ ۽ سندن آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ حقدار هجڻ جي باري ۾ پهريون ٺهراءُ، جو ١٩٣٨ع واري ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ پاس ٿيو ۽ جنهن ڪان پوءِ ساري برصغير ۾ پاڪستان جي تحريڪ چالو ٿي وئي، سو شيخ صاحب جو لکيل ۽ پيش ڪيل هو*. ان ٺهراءَ ۾ هندوستان جي مسلمانن جو سارو طرف پيش ٿي ويل هو ۽ اهڙو مفصل ۽ زوردار ٺهراءُ ان ڪان اڳ يا پوءِ پاس ڪونه ٿيو.

---

* ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس (آڪٽوبر ١٩٣٨ع) ۾ شيخ عبدالمجيد جو لکيل ۽ پيش ڪيل ٺهراءُ هن سبب بلڪل اهم آهي، جو هندوستان خواه مسلم ليگ تحريڪ جي تاريخ ۾ اهو پهريون پيرو، ان ئي ٺهراءَ جي ذريعي "پاڪستان تحريڪ" جو بنياد پيو. ٺهراءَ جي تاريخي اهميت جي پيش نظر آءٌ ان جو متن هت ڇاپي محفوظ ڪري ڇڏيان ٿو، جيئن ضايع ٿيڻ ڪان بچي وڃي.

ٺهراءَ جو متن ۽ مضمون جو سنڌي ترجمو (اصل ٺهراءُ انگريزيءَ ۾ لکيو هئائين).

"جڏهن ته انڊين نيشنل ڪانگريس جو، هندو مسلم جي باري ۾، آل انڊيا مسلم ليگ سان ڳالهين ڪرڻ ڪان انڪار، (هن بهاني سان ته مسلم ليگ هندوستان جي مسلمانن جي اڪيلي نمائنده

سنڌ س وڏي پر وڏو ڪارنامو الوحيد اخبار سان وابستگي ۽ سنجهس ڇپجندڙ سنڌ س بي شمار تحريرون هيون. آها روزانه اخبار شروع ۾ ته سيٺ عبدالله هارون جي شرڪت ۽ مدد سان نڪتي، پر پوءِ سيٺ صاحب پاڻ نڪري ويو ۽ الوحيد جو سارو ادارو شيخ صاحب جي سپرد ٿيو، جنهن کي پاڻ عوام جي مدد ۽ چندي سان هلائيندو رهيو سال ١٩٥٤ع تائين (جڏهن پاڪستان جي سرڪار الوحيد کي ڪجهه عرصي لاءِ حڪماً بند ڪيو ۽ بندش کان پوءِ وري اٿي نه سگهي). پر جيترو عرصو آها اخبار جاري رهي، سنڌ مٿان سنڌ س ڏاڪو رهيو.

جماعت نه آهي) ظاهر ڪري رهيو آهي ته ڪانگريس جي ايت اِها آهي ته مسلمان قوم کي حصن ۾ ورهائي مٿن (هندو) راڄ مسلط ڪري ۽ ساڳي وقت هندوستان جي اقليتن جي مسئلي کي ۽ سلجهائڻ بدران هميشه لاءِ منجهائي ڇڏي، حالانڪ مسلم ليگ گذريل ڪن سالن کان ان سلسلي ۾ ڪي (بي نتيجه) ڪوششون ڪندي رهي آهي......

”جڏهن ته ڪانگريس، پيسي ۽ اخبارن جي زور تي، سڀ طرح مسلمانن کي گمراه ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڏني آهي، تانڪ هڪ طرف مسلمان قوم جي ٽڪري ٽٽي ۽ ٻي طرف دنيا تي اثر پئي ته ڪانگريس خود هندوستان جي سڀني قومن جي نمائنده جماعت آهي......

”جڏهن ته ڪانگريس هندو راڄ قائم ڪرڻ جي ليت سان صوبن ۾ اهڙيون وزارتون ٺاهيون آهن، جن ۾ يا ته موڙڪو ڪنهن مسلمان کي شامل ڪونه ڪيو اٿائين يا جيڪڏهن (ٽالي خاطر) ڪو مسلمان وزير ڪنيو به اٿائين ته اهڙو، جنهن کي پنهنجي مسلمان قوم ۾ ڪو به نمايندگيءَ جو مقام حاصل نه آهي، حالانڪ وزارتن قائم ڪرڻ جو اِهو طريقو گورنمينٽ آف انڊيا جي آئيني سڌارن واري

طرز تحرير شيخ صاحب جي سياسي هوندي هئي. ڏکيا مضمون لکندو هو. سنڌ جي مسلمانن جي بهتري ۽ سربلندي جي خيال سان. وڏيون وڏيون تعميري اسڪيمون پيش ڪري رڏن اڳيان رباب وڄائيندو رهندو هو. سياسي تحرير ۾ جذباتي ۽ لفظي لوڻ مرچ ڪونہ ٿو ٿئي، تنهنڪري سندس مضمونن کي دوامي ادبي حيثيت حاصل ڪانہ ٿي سگهي ۽ هزارين مضمون الوحيد سان گڏ دفن ٿي ويا. هن ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪو سنڌي محقق اهي مضمون هٿ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇاپيندو تہ انهن جي ذريعي سنڌ بلڪ ساري هندوستان جي آن زماني جي تاريخ ۽ سياسي مفڪرن جي

ايڪٽ خواه (برطانيہ سرڪار طرفان) جاري ڪيل هدايت ناما Instrument of Instructions جي روح ۽ لفظ جي ابتڙ آهي......

"جڏهن تہ اڻ (غلط) طريقي سان قائم ڪيل صوبائي وزارتن اهڙيءَ طرح ۽ طور سان راڄ ڪرڻ شروع ڪيو آهي، جيئن مسلمانن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪري، سندن حوصلو برباد ڪري ڇڏين، مسلمانن جي صحت مند ۽ تعميري ثقافتي اثرات کي (هندستان مان) ختم ڪري ڇڏين، مسلمانن جي مذهبي رسم و رواج ۽ (اسلام ڏاهن) سندن (يعني مسلمانن جي) ذمہ دارين کي ميساري ڇڏين ۽ سندن حقن کي (جيڪي بحيثيت هڪ جدا قوم جي کين حاصل آهن) پامال ڪري ڇڏين......

"جڏهن تہ جمهوريت جي تسليم شده اصولن جي ابتڙ ڪانگريس جي اها ڪوشش آهي تہ جن صوبن ۾ مسلمانن جي گهڻائي آهي، تن صوبن ۾ بہ مسلمانن جي سياسي قوت کي ايرڻ اہ ڏجي ۽ ان مقصد سان ڪانگريس انهن صوبن (مثلاً صوبہ سرحد، بنگال، پنجاب ۽ سنڌ) ۾ بہ اهڙن گروپن کي طاقت ۾ آڻي رهي آهي (يا سائن گڏجي مشترڪ وزارتون ٺهرائي رهي آهي، يا مشترڪ وزارتن جي پٺ ڀرائي ڪري رهي آهي) جن گروپن کي مسلمان عوام جو اعتماد حاصل نہ آهي...

سوچ جا انداز اڪين اڳيان ڦيرڻ لڳندا. پر اهو ڪم ڪير ڪندو؟ ڪو دل جليو ئي ڪري سگهندو. هن وقت ته سون کي اهڙو ڪو علمي محنت ڪش نظر ڪونه ٿو اچي.

هڪ ڀيرو شيخ صاحب جي آل انڊيا سياست ۾ وڏي شهرت ٿي. پاڻ آل انڊيا خلافت ڪاميٽيءَ جو ناميارو صدر چونڊيو (مولانا شوڪت علي مرحوم خلافت ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري هوندو هو)، ۽ پنهنجي اصابت راءِ سان هندوستان کي ايتريقدر متاثر ڪيائين جو سندس ٿي سندس صدارت هيٺ آل انڊيا آل پارٽيز ڪانفرنس به سڏائي وئي، جنهن هندوستان جي آئيني مسئلن بابت تجويزون تيار ڪيون. آل انڊيا

”جڏهن ته ڪانگريس پنهنجي مرڪزي هاءِ ڪمانڊ جي اوليءَ ۾ ۽ ان جي ذريعي صوبائي وزارتن مٿان پنهنجو اختيار ڄمائي رکيو آهي جيڪو طريقو صرف فاشي آمريتن ۾ مروج رهيو آهي ۽ جنهن طريقيءَ ڪار جو نتيجو هينئر هيءُ اکري رهيو آهي، جو پارليماني رسم ۽ رواج ۽ آئيني روايتن کي آڏو ڪوهل جو موقعو ڪولي ملي رهيو آهي، مسلمانن جي حق تلفي ٿي رهي آهي ۽ کين سندن جائز حصي حاصل ڪرڻ کان به محروم رهڻو پيو آهي ۽ ان ايراڻي صوبائي وزارتن کي، مسلمانن جي حقوق ۽ مفاد جي مدنظر سان، ازسرنو تشڪيل ڪرن کان به صاف انڪار ٿي چڪو آهي......

”جڏهن ته ڪانگريس هيءُ فيصلا ڪري چڪي آهي ته:

(الف) مسلمانن جي سخت اعتراض جي باوجود ودِيا مندر اسڪيم (پراڻي هندو طريقي سان هنديءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو طريقو، جنهن تي هندو مذهب ۽ تهذيب جو پهلو غالب رهي ٿو) کي رائج ڪيو وڃي......

(ب) بندي ماترم جي ڳائي کي قومي ترانه جي حيثيت ڏئي مسلمانن تي به مڙهيو وڃي، حالانڪ ان ڳائي ڪري مسلمانن جا جذبات

سياست ۾ سندس قدم رکڻ سان سنڌ کي اهو فائدو ضرور پهتو جو هر موقعي تي سنڌ کي بمبئيءَ کان آزاد ڪرائڻ لاءِ آواز اٿندو رهيو، جنهن اڳتي هلي اثر پيدا ڪيو ۽ سنڌ بمبئيءَ کان علحده ٿي، پنهنجي مٿي جدا صوبي جي حيثيت حاصل ڪئي.

خلافت تحريڪ جي شروعات ۾ شيخ صاحب حاجي عبدالله هارون سان گڏجي ڪم ڪيو، پر جيئن جيئن ٻئي بزرگ مچي مڙس ٿيندا ويا تيئن تيئن منجهس هڪڙي ڏانهن روايتي سنڌي سياسي سهائپ جو جذبو پيدا ٿيندو ويو. هونءَ به "بشريت" جون تقاضائون اڻ ٽر ٿين ٿيون. بهرحال

مجروح ٿين ٿا، منجهس بت پرستيءَ جا جزا موجود آهن ۽ ان جي ڪري مسلمانن جي خلاف نفرت جو ٻج پوي ٿو.

(ج) هندي ۽ ديوناگري رسم الخط کي هندوستان جو قومي رسم الخط معين ڪيو وڃي، حالانڪ مسلمانن ان تجويز جي سخت مخالفت ڪئي آهي، ڇو ته ان جي ذريعي هندو مذهب جي خيالن ۽ هندو فلسفي ۽ ڪلچر جو ٻج السالي دماغن ۾ پوکجي ٿو ۽ هندوستان مٿان برهمڻ ڪلچر جي مسلط ٿيڻ جو امڪان روشن ٿئي ٿو.

(د) هندو ميجارٽي جي زور تي لوڪل باڊيز ۾ گڏيل چونڊون ڪرايون وڃن، جيئن مسلمانن کي صحيح نمايندگي حاصل ڪرڻ جو وجهه نه ملي.

(هه) اردو اسڪول بند ڪيا وڃن ۽ اردو تعليم جي حوصله افزائي نه ڪئي وڃي، جيئن هندوستان مان اردوءَ جو نالو نشان ميٽجي وڃي.

(و) تقرير ۽ جائز سياسي ڪاروبار جي آزاديءَ کي ان بهاني سان بند ڪيو وڃي ته "لا اينڊ آرڊر" قانون ۽ امن عام لاءِ خطرو پيدا ٿي رهيو آهي.

(ز) مسلمانن جي مذهبي آزادي ريتن ۽ رسمن ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي، ڏاڍائي ۽ هٿيارن جي مدد سان...

شيخ صاحب الوحيد عبدالله هارون مرحوم جي هٿن مان ڪڍي، پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏي ۽ ٻين عهدن لاءِ باهمي سياسي رقيب طور هڪٻئي کي اکيئن لايون ويٺا رهيا.

ٻـ ٽي دفعا مون کي شيخ صاحب سان گڏ سنڌ کان ٻاهر همسفريءَ جي سعادت حاصل رهي. ١٩٤١ع ۾ مدراس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو سالانو اجلاس ٿيو. ان اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آءٌ ۽ شيخ صاحب گڏجي مدراس وياسين. ڊگهو ريل جو سفر هو. گهڻين ڳالهين ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ شيخ صاحب گذشته تاريخي واقعات ۽ پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا بيان ڪندو هليو. افسوس آهي جو هاڻي گهڻيون ڳالهيون وسري ويل اٿم.

ٻيو دفعو ١٩٤٥ع ۾ وائسراءِ ويول هندوستان جي

"جڏهن ته هندوستان جي هندو اڪثريت هزارن سالن کان "ڇوت ڇات" جي رسم تي ڪاربند رهي آهي، جيڪا رسم قوميت، انساني مساوات ۽ جمهوريت جي انهن جملہ اصولن جي ابتڙ آهي، جيڪي اصول باقي ساري دنيا اڳ ۾ ئي اختيار ڪري چڪي آهي يا انهن لاءِ واجهائي رهي آهي، ۽ جنهن رسم وڪهي اڄ هندوستان جا ڪروڙين انسان اقتصادي ۽ اجتماعي طرح عدم مساوات جا شڪار ٿي چڪا آهن ۽ دوامي غلاميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن...

"۽ جڏهن ته هندستان الهه واحد متحد قوميت جو اسرڻ ۽ اڀرڻ ناممڪن بڻجي چڪو آهي ۽ جنهن جا ڪارڻ هي آهن ته هندو اڪثريت جي ازلي (مذهبي) ڇوت ڇات واري ذهنيت اڄ تائين قائم آهي، اها هندو اڪثريت مسلمان قوم جي بدخواه ثابت ٿي چڪي آهي، ۽ علاوه ازين منجهن (هندن ۽ مسلمانن ۾) مذهب، زبان، رسم الخط، ڪلچر، تمدني راويات، نظرياتي لاڙن ۽ زندگيءَ جي مقصدن ۾ بنيادي فرق آهي (ڪهڙي حد تائين ته اصلي فرق به آهي)...

"تنهنڪري، هيءَ ڪانفرنس ضروري سمجهي ٿي ته برصغير ۾ دائمي امن، تمدني ارتقا، اقتصادي تعمير ۽ بهتري، ۽ وڏين ٻن قومن کي حق خودارادي (Self-Determination) ڏيارڻ خاطر آل انڊيا مسلم ليگ کي سفارش ڪجي ته هوءَ هن ڳالهه تي ازسرِ نو غور ڪري ته هندوستان لاءِ ڪهڙو آئين مناسب ٿيندو، جنهن جي ذريعي انهن ٻنهي قومن کي پنهنجو پنهنجو صحيح مقام ميسر ٿي سگهندو ۽

ليڊرن سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڪين شمله سڏايو. جناب جي. ايم. سيد قائد اعظم رحه جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو، تنهن جي استدعا تي آءٌ ۽ شيخ صاحب به ساڻس گڏجي شمله ويا هئاسون.

١٩٣٦ع ۾ جڏهن مسلم ليگ تحريڪ جي نئين دؤر جي ابتدا ٿي ته قائد اعظم مرحوم سنڌ پاران شيخ صاحب کي پنهنجي آل انڊيا ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو هو، پر اڳتي هلي جيئن سنڌ جي وڏن ماڻهن (جيڪي شروع ۾ ليگ کان متنفر هئا)، ليگ طرف رخ رکيو، تيئن شيخ صاحب کي ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ رکڻ جي ضرورت گهٽبي وئي ۽ ٻئي سال کيس مورڳو ورڪنگ ڪاميٽي مان ڪڍي حاجي

(پنهنجي مٿي) اهڙي آئيني رٿا تيار ڪري جنهن هيٺ مسلمان قوم ڪامل مڪمل آزادي حاصل ڪري سگهي...

"وڌيڪ هيءَ ڪانفرنس آل انڊيا گڏيل وفاق (جنهن لاءِ ١٩٣٥ع واري گورنمنٽ آف انڊيا ايڪٽ ۾ بندوبست ڪيل آهي) کي نامنظور ڪري ٿي ۽ حڪومت برطانيه کان مطالبو ڪري ٿي ته هوءَ ان ايڪٽ کي عمل ۾ آڻڻ کان پاڻ کي روڪي ڇو ته ان ايڪٽ ۾ ڏنل رٿا هندوستان جي عوام لاءِ بالعموم ۽ هندوستان جي مسلمانن لاءِ بالخصوص، نقصان ده آهي.

"(آخر ۾) هيءَ ڪانفرنس اعلان ڪري ٿي ته هندوستان جا مسلمان اهڙو ڪو به آئين قبول ڪونه ڪندا، بشرطيڪ ان جو بنياد (هن ٺهراءَ ۾) مٿي ڄاڻايل اصولن تي رکيل هجي ۽ مسلم ليگ جي مشوري ۽ ان جي منظوريءَ سان تيار ڪيل هجي".

ٺهراءُ پيش ڪندڙ: شيخ عبدالمجيد ايم ايل اي (سنڌ)

تائيد ڪندڙ: خان بهادر ڪرماڻي ايم ايل اي (پنجاب)

مزيد تائيد ڪندڙ: سر حاجي عبدالله هارون ايم ايل اي (مرڪز)

سيد عبدالروف شاه ايڊوڪيٽ ۽ ايم ايل اي (سي پي)

مولانا عبدالحامد بدايوني (يو-پي)

(نوٽ- ڪراچي ڪانفرنس جي ڇپيل رپورٽ حڪومت پاڪستان جي آرڪائيوز Archives اسلام آباد ۾ موجود آهي- نمبر اٽس ٣٤٩ جلد ٣ قائد اعظم رحه جي ڪاغذن جي Accession-List).

عبدالله هارون مرحوم کي سنڌ جاءِ تي آندو ويو. ساڳي طرح ٻہ ٻيان ٻہ سال شيخ صاحب سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو صدر رهيو، پر پوءِ سنڌ بدران ان منصب لاءِ ٻيهر حاجي عبدالله هارون مرحوم کي چونڊيو ويو. سنڌ جي سياست ۾ مقام حاصل ڪرڻ ۽ مقام ماڻڻ لاءِ دولت جو هجڻ لازمي هوندو هو ۽ شيخ صاحب وٽ دولت ڪانہ هئي!(١) البت هيءَ قبول ڪرڻو پوندو تہ حاجي صاحب بہ آل انڊيا سياست جو خوب ڄاڻو ۽ شيخ صاحب جو هم پلہ هو. جيڪڏهن منجهن ڪو فرق هو تہ صرف هيءُ تہ شيخ صاحب وٽ قلم ۽ زبان هئي، دولت ڪانہ هئي. حاجي صاحب مرحوم وٽ دولت ۽ سياسي شعور هو، قلم ۽ زبان ڪانہ هئي.

ذاتي رهڻيءَ ڪرڻيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سادگيءَ، صفائي ۽ سنجيدگيءَ جي تصوير بڻيو رهيو. جوڙيءَ جا سفيد ڪپڙا جسم تي، ڍڳهيرڙي قميص ۽ پاجامو، محفل هوندي تہ مٿان شيرواني. ڪاري ڪلائين ٽوپي مٿي تي، انگريزي جوتو پيرن ۾، صورت بزرگانہ، خسخس پر نوڪدار ڏاڙهي، قد ڍڳهيرڙو، بُت ڇڙڪ، سفر ۾ هلندو تہ مختصر اوڇڻ بغل ۾، ڪاغذن ۽ اخبارن سان ڀريل ٿيلهو هٿ ۾. الوحيد پريس جي جنهن ڪاڻاوين ننڍڙي ڪمري ۾ ويهي ساڻن مٿان سلپون، مضمونن جون، لکيون پيو چيچڙ لاءِ اندر ڪمپازيٽرن ڏانهن

---

(١) سنڌ جا دولت مند ماڻهو گهڻو ڪري پنهنجي دولت جو صرف ڏيک ويک ڪندا هئا. قومي ڪمن ۾ پئسو خرچ ڪونہ ڪندا هئا. جيڪو خرچ ڪندا بہ هئا، سو پنهنجي ذات تي ۽ هوٽلن ۾ رهڻ ۽ مولن جي ڪرائي ڀلي. البتہ حاجي عبدالله مرحوم ڪنهن حد تائين ان ڳالهہ کان مستثنيٰ هو. هو قومي ڪمن لاءِ چندا بہ ڏيندو هو ۽ سياسي تحريڪن تي مناسب خرچ بہ ڪندو هو. غرض مقابلتاً سندس وجود غنيمت هوندو هو.

موڪليندو هو، تنهن ڪمري ۾ هڪ پراڻي ننڍي ميز ۽ معمولي ڪرسي پيل هوندي هئي. ڪمري ۾ ڪڏهن ڪڏهن ته پوري پوهاري ۾ ڦريل ڪاڳر هوندي هئي. مگر اهڙي ماحول ۾ به سنڌس سياسي خيال آسمان کي پيا ڇُهندا هئا.

شيخ صاحب جي چمار هن وقت نوي ورهين جي قريب آهي، ٿورو سٽي يا گهٽ. ڪي ورهيه ٿيا ته سياست ڇڏي چڪو آهي. جنهن جواب ڏني چڪو اٿس ۽ ويسارو وڪوڙي ويو اٿس. تنهن ڏينهن اخبارن ۾ سنڌس "گمشدگي" جي خبر پڙهي، دل کي ڏاڍو ڌڪ رسيو. پوءِ معلوم ٿيو ته صبح جو شيخ صاحب فجر جي نماز مسجد ۾ پڙهڻ لاءِ گهر کان نڪتو، سو ٿيندي رستو وسري ويس، سو وڃي اڇي قبر (پراڻيءَ ڪراچي) وٽ نڪتو. اُت ڪن ماڻهن ڪيس سڃاڻي بروقت ڪٽ تي سمهاري ڇڏيو. شام جو گهر وارن کي خبر پئي ته اتان موٽائي وٺي آيس.

آزاديءَ ۽ تقسيم برصغير کان پوءِ (جيڪو شيخ صاحب جي پنهنجي خواب جو تعبير هو) شيخ صاحب جو صحيح مقام يونائيٽيڊ نيشن ۾ هو، بحيثيت مستقل مندوب جي. جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته ساري دنيا حيرانيءَ ۾ پئجي وڃي ها ته سنڌ ۾ به ماڻهو پيدا ٿيندا آهن، جيڪي بين الاقوامي سياست بلڪ خود ماڻهپي جو سينگار هوندا آهن، پر......

سمئي شهر ڀنڀور ۾، نڪي رڙ نڪي روءِ

بين الاقوامي سياست جي باري ۾ شيخ صاحب جي فهم ۽ ادراڪ جو هڪ مثال ٻڌو- ١٩٣٩ع ۾ ٻي عالمي جنگ شروع ٿي. هٽلر، جرمنيءَ جو ڊڪٽيٽر، جنهن جنگ شروع ڪئي، هوندءِ ته روس ۽ ان جي ڪميونزم جي سخت برخلاف هو، پر هن جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ چالاڪي ڪري ساڻئي روس سان صلح، تعاون، دوستيءَ ۽ مدد جو معاهدو ڪري ورتو هو. روس ۽ جرمنيءَ ان معاهدي هيٺ

پولنڊ جي ملڪ کي پاڻ ۾ ورهائي کڻڻ جو منصوبو ٺاهيو هو ۽ اها ڳالهه پڪي هئي، جيڪا قبول ڪري، روس هٽلر کي پنهنجي طرفان بي فڪر ڪري، انگريزن ۽ فرانس سان جنگ ڪرڻ لاءِ رستو کولي ڏنو هو. جيڪڏهن هٽلر روس سان اهو معاهدو ڪري، روس واري طرف کان بي فڪر نه ٿئي ها ته هو روس جي خوف وچان، انگريزن ۽ فرانس سان جنگ نه ڇيڙي سگهي ها. ان جي معنيٰ اها ٿي ته هٽلر جي جنگي منصوبي جو بنيادي پٿر اهو معاهدو هو.

جنگ جي اعلان کان پوءِ هندوستان جي سياسي پارٽين انگريزن سان جنگ ۾ مدد ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. ڪانگريس هيءَ ٿي سمجهيو ته جرمني ۽ روس جي ان معاهدي کان پوءِ هٽلر جي ڪاميابي ۽ انگريزن جي شڪست يقيني ٿي چڪي آهي ۽ انگريزن جي کٽڻ جو ڪو امڪان ڪونه رهيو آهي، تنهنڪري ڪانگريس تڙ تڪڙ ۾، مهاتما گانڌيءَ جي مشوري سان، پنهنجي پاليسيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ان پاليسيءَ جو مول متو هيءُ هو ته انگريز هندوستان کي هڪدم آزاد ڪري، ڪانگريس جي حوالي ڪري ڇڏي، پوءِ صورت ۾ ڪانگريس انگريزن جي مدد ڪري ڪانه سگهندي. اکرن جي هيرڦير جيڪا به هئي، پر مطلب اهو ئي نڪتو.

(قائد اعظم) جناح صاحب رحه. دورانديش ۽ ديرينو مدبر هو. ڪانگريس وانگر جوش ۾ اچي، تڪڙي فيصلي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هوندو هو. تنهنڪري هُن صاحب، ٻه ـ ٽي هفتا پاڻ سوچڻ ۽ مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ کي حالتن جي مطالعي ڪرڻ لاءِ موقعي ڏيڻ ۾ لائي ڇڏيا. آخر مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس دهليءَ ۾ سڏايائين سنڌ مان شيخ عبدالمجيد، حاجي عبدالله هارون ۽ آءٌ وياسين. شيخ صاحب ۽ آءٌ فتح پوري مسجد جي سامهون ڪارونيشن

هوٽل ۾ گڏ رهياسين. حاجي صاحب وچي مرينا هوٽل Marina Hotel نئين دهليءَ ۾ رهيو. ميٽنگ ۾ اجان ٻه ڏينهن هئا. ان وچ ۾ (قائداعظم) جناح صاحب رحه سان آءٌ ۽ حاجي عبدالله هارون گڏياسين. پاڻ مون کي حڪم ڪيائين ته جنگ جي باري ۾ مسلم ليگ جي ڪهڙي پاليسي هجي، تنهن موضوع تي ٺهراءُ لکي تيار ڪريان. ڪا خاص هدايت ڪانه ڏنائين، صرف اهو چيائين ته حالتون سامهون آهن، انهن تي نظر رکندي مسودو تيار ڪر. مون کي اها خبر ڪانه هئي ته اهڙي اهم ٺهراءَ جي مسودي تيار ڪرڻ جو بار مون تي وڌو ويندو. مان ماٺ ڪانو ڪري، موٽي اچي ڪارونيشن هوٽل پهتس. اُت شيخ صاحب کي صورتحال پڌائم ۽ کيس عرض ڪيم ته "اوهان صلاح ڏيو ته آءٌ ڇا لکان، ڇو ته بين الاقوامي حالات جي مون کي پنهنجي سر گهٽي پروڙ ڪانه آهي."

شيخ صاحب هيءَ راءِ ڏني:-

"مسلم ليگ کي وچولي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي. نه انگريز سان دشمنيءَ جي ۽ نه اهڙيءَ دوستيءَ جي، جو اڳتي هلي پاسي موڙڻ لاءِ ٻي گنجائش نه رهي. جنگ ۾ ڪاميابي انگريز کي حاصل ٿيندي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هٽلر ۽ روس پاڻ ۾ وڙهندا ۽ جنهن معاهدي کي اڄڪلهه جي بيوقوف دنيا ايترو قدر پختو پئي سمجهي، سو ناپائيدار ثابت ٿيندو. آخر ۾ انگريز ۽ روس پاڻ ۾ ملي وچ ۾ هٽلر کي چيپاٽي ڇڏيندا. تنهنڪري جنگ جي اهڙي انتها ۽ اهڙي انجام کي اکين اڳيان رکي، پوءِ پنهنجي پاليسيءَ جو ٺهراءُ تيار ڪريو."

مون انهيءَ لائن تي ٺهراءُ جو مسودو تيار ڪري قائد اعظم جي اڳيان رکيو، جنهن مسودي کي منظور ڪري

مون کي حڪم ڪيو تہ ٻئي ڏينهن ڪائونسل جي اجلاس ۾ آءٌ ٺي اهو ٺهراءُ پيش ڪريان. ٻئي ڏينهن ٺهراءُ (۱) منهنجي نالي سان پيش ٿيو ۽ منظور ٿيو. ان ٺهراءَ جو ڪانگريس جي ٺهراءَ سان مقابلو ڪري، اڄ بہ فرق محسوس ڪري سگهبو تہ ڪير صحيح ثابت ٿيو.

هاڻي غور ڪريو! هيءَ ڳالهہ جنگ چڙهڻ کان ٻن-ٽن هفتن پوءِ جي آهي. ان وقت سارو عالم (گانڌي، نهرو، روزيولٽ، چرچل ۽ ٻيا ان ڪڙيءَ جا ليڊر ۽ مفڪر ۽ بين الاقوامي سياست جا ماهر) هن بنياد تي ٿي هليو تہ هٽلر ۽ روس جو معاهدو ڪڏهن ڪونہ ٽٽندو ۽ اهي ٻئي طاقتون پڇاڙيءَ تائين گڏجي هلنديون. پر سنڌ جي هڪ سياسي قلندر يعني شيخ عبدالمجيد ڪيئي سال اڳ ۾ هفتان ويٺي ڏٺو، تہ اهو معاهدو قائم رهي ڪونہ سگهندو، تنهنڪري فتح انگريز جي ٿيندي. اهو هو پايو شيخ صاحب جو بين الاقوامي سياست ۾!

مولانا محمد صادق کڏي وارو

مولانا صاحب انهن عالمن مان هو، جن ۾ علم غرور پيدا ڪري نہ سگهيو. اسان انُ دور جا ٻيا بہ گهڻا علماءَ ڏٺا، جيڪي ملڪ جي آزاديءَ يا خدمت خلق خاطر ڪک پڇي ڀڃڻو نہ ڪندا هئا، سارو وقت پنهنجي شڪل شباهت کي موثر بڻائي پيش ڪرڻ، بي معنيٰ بحثن ۾ الجهڻ ۽ هڪ ٻئي خلاف فتوائن جاري فرمائڻ ۾ رڌل رهندا هئا.

مولانا محمد صادق عليہ الرحمة جي دل ۾ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڏاڍي لوچ هئي، هر قومي تحريڪ ۾ شريڪ رهيو، ۽ اهڙي طريقي سان جو پنهنجيءَ ذات کي چمڪائڻ يا

---

(۱) مسلم ليگ جي ان ٺهراءَ لاءِ ڏسو Indian Annual Political Register Sep-Oct: 1939

سياست ۾ پاڻ کي اڳ پرو ڪرڻ جو خيال سنڌ س لوڄ کي قطعاً متاثر ڪري ڪونه سگهيو. پهريائين خلافت ۽ ڪانگريس (جن جماعتن انگريز جي خلاف گڏيل محاذ بڻايو هو) جي تحريڪن ۾ حصو ورتائين ۽ جيل ڪاٽيائين. بعد ۾ ڪجهه عرصي لاءِ مسلم ليگ جي مرڪزي پارليامينٽري بورڊ جو ميمبر به نامزد ٿيو. پر جڏهن مسلم ليگ طرف انگريز وٽان خطاب يافتن، يا مالدارن، سيٺين ۽ سرن ڊوڙ پڌي ته هُو خوشيءَ سان پس منظر ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي مدرسي ۾ ويهي درس تدريس جو ڪم ڪرڻ لڳو. سنڌ س مدرسو ڪنڌه محلي لياري ۾ هوندو هو. سيٺ عبدالله هارون مرحوم ساڳئي محلي ۾ هڪ يتيم خانو ۽ مدرسو قائم ڪيو هو ۽ ان جو صدر مدرس مولانا محمد صادق کي بڻايو هئائين. پر سيٺ صاحب مرحوم ۽ هن فقير جي اهڙا سنگت گهڻو وقت هلي ڪانه سگهي ۽ مولانا سيٺ صاحب جي مدرسي کان موڪلائي، پوءِ ٻيو پنهنجو مدرسو کوليو. ١٩٣٨ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جلاوطنيءَ جو عرصو پورو ڪري سنڌ ۾ واپس آيو ته مولانا محمد صادق به ساڻس شامل ٿي ويو ۽ ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيو. مولانا عبيدالله رحه تحريڪ هلائي ته مسلمان بي تحاشا ڏگهيون ڏاڙهيون نه رکائين ۽ مٿي تي انگريزي قسم جو ٽوپلو ڏڪين (١). هڪ ڀيرو مون سماسٽه ريلوي اسٽيشن (جت ريل گاڏين جو ڪراس هو ۽ آءٌ لاهور کان ڪراچي اچي رهيو هوس) تي ڏٺو ته مولانا محمد صادق رحه، جيڪو مولانا عبيدالله سان گڏ دهليءَ وڃي رهيو هو، ٽوپلو پايو پيو پليٽفارم تي گهمي. مون کيس پهريان سڃاتو به ڪونه، پر ته مولانا جي سونهاريءَ ۾ به هيئنر نمايان تخفيف ٿيل هئي.

---

(١) مولانا عبيدالله رحمة الله عليه ۽ سنڌ س تحريڪن ۽ تجويزن جو ذڪر اڳتي ايندو.

مولانا ان وقت جي آزادي پسند قومي تحريڪن جي ادنيٰ ورڪرن وانگر جسم تي هميشه کاڏيءَ جي پوشاڪ پهريندو هو. مٿي تي يا ڪلهي تي عربي طرز جو موڪرو پريل، ٿيڪو روسال رکيل هوندو هوس. ڏاڍو نيڪ ۽ الله جو هو. هزارين ماڻهو وٽانئس ديني علم پڙهي فارغ ٿيا. قوم جي خدمت ڪيائين. عيوض نه ڪڏهن گهريائين، نه ورتائين. ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جي ڪجهه قربانيون ڪيائين پنهنجي عزت نفس جي تسڪين لاءِ. ملڪ جي ماڻهن جي جيڪا خدمت ڪيائين سا خوشنوديءَ خالق خاطر. اهڙا ڪا معمولي ڳالهه نه هئي ته وقت جو ڪوبه حاڪم انگريز، مسلمان، سنڌس ضمير کي خريد ڪري ڪونه سگهيو. سنڌس جهڙو فقير، ان اپرانڌ، ڀيو ڪري نٿي چا ٿي سگهيو؟

سر حاجي عبدالله هارون مرحوم مغفور

جي نه مري راڻو ته ڪاڪ وڃي ڪيئن ٿئي؟ عبدالله هارون ١٩٤٢ع ۾ ورلڊ کان وڇڙي نه وڃي ها ته ملڪ ۾ ان جا ماڻهو گهٽ نه ڏکن ۽ ڏوجهرن کان بچي وڃن ها. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ کي ته سسئيءَ وانگر حب ۽ پنب جي پٿرن سان پنهنجا پير پٿي ۽ پٿرن ڪرڻا ڪونه پون ها. عورت جو شان مڙس، ملڪ جو مان اڳواڻ ٿئي ٿو. مڙس موچارو ۽ اڳواڻ سروپچ ته مهريءَ يا ملڪ ڏانهن ڪنهن جي مجال جو منڊي ڪ ڪٽي سگهي؟ پر مڙس منجهو ۽ اڳواڻ مورک يا مترجوه ته پنهنجي جا پچا پير تي!

عبدالله هارون کي هڪ پيري سنڌ جي گورنر چيو ته: ”تون مون ڏانهن ائين پيو گهورين جيئن ڪو مچريل شينهن هجي.“ حاجي مرحوم جواب ڏنس: ”بيشڪ، جيڪڏهن تون منهنجن پاڻرن سان اهڙو سلوڪ ڪندين، جهڙو اڄ ڪالهه

ڪري رهيو آهين...“ گورنر هنهنجي شرم ڪي پرچائيندو رهجي ويو.

سو، حاجي مرحوم واقعي شينهن هو ۽ قومي معاملن ۾، خاص طرح سنڌ پاران، جيترو وقت جيئرو هو، هندوستان ڀرِ ۾ گجرائيندو ۽ دشمنن کي چنبا ڏيکاريندو رهيو. سندس اصول هو:

جو دم حياتي هووي، رهه يار نال جاوي،
ايهو ڪم اسان نون پانوي پن گلم غاليان.

هن ڪتاب ۾ منهنجو مقصد واقف ماڻهن جي سوانح عمريون ڏيڻ جو نه آهي، نه منهنجوئي اهو ڪم آهي ته سندن ڄم سوڀ جون تاريخون ڳوليان. مطلب منهنجو صرف اهو آهي ته آءٌ سندن متعلق اهي نُڪتا ٻڌايان، منهنجي دل تي اڪريل آهي اثر ۽ عڪس قلمبند ڪريان، جيڪي منهنجي حافظي محفوظ ڪري ڇڏيا آهن. البت اها اميد اٿم ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڪو شخص ضرور اٿندو، جيڪو حاجي صاحب مرحوم جي مفصل سوانح حيات لکي نئين نسل کي تفصيل سان ٻڌائيندو ته ڪيئن هڪ پرديسي يتيم، چار آنه روز مزدوريءَ تي سائيڪلن جي مرمت ڪندڙ، پنهنجي محنت، ڪوشش، هڪ جنتيءَ ماءُ جي تربيت ۽ دعائن ۽ هڪ فرض شناس ۽ عقلمند ”رفيقهٔ حيات“ جي رفاقت سان، سيٺ سر حاجي عبدالله هارون بڻيو، جيڪو نه ڇڙو کنڊ جي هڪ ڳوٺيءَ سان واپار شروع ڪري ساري هندوستان ۾ ”کنڊ جو بادشاهه“ سمجهيو وڃڻ لڳو، پر پنج درجا پڙهي ۽ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ لکڻ يا پڙهڻ جي اهليت رکڻ کان سواءِ، ملڪ جي سياست ۾ اهڙي اوج تي پهتو جو اهڙو اوج گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ين منجهان ته ڪنهن کي به نصيب ڪو نه ٿيو هو. اهي ڳالهيون حاجي صاحب پاڻ مون کي ٻڌائيندو هو. سندس دستور هو ته

جنهن وقت کان اسان گڏجي مسلم ليگ جي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو، شام جو تقريباً هر روز سون کي گهران ڪڍي، هوابندر ڏي وٺي هلندو هو. آت سمنڊ ڪناري هڪ آنہ في ڪرسي مسواڙ تي ڪرسيون ملنديون هيون. حاجي صاحب پنهنجي واسڪوٽ مان ٻہ آنا ڪڍي دڪاندار کي ڏيندو هو ۽ ٻہ ڪرسيون کڻائي سمنڊ جي پاڻيءَ جي وٽ سان رکرائي، هڪ تي پاڻ ويهي ۽ ٻيءَ تي سون کي ويهاري ماضي ۽ مستقبل جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪندو هو.

چوندو هو، "آءٌ ڪجهہ ڪونہ هوس. يتيم ٻار هوس، پرديس يعني ڪچ مان آيل. ڇٺن ورهين جو هوس تہ پيءُ مري ويو. سارو بار منهنجيءَ ماءُ تي پئجي ويو جا پڻ مسڪين هئي. آءٌ شروع ۾ ٻہ-ٽي درجا پڙهي سگهيس. پوءِ روزگار جي تنگيءَ ڪري سون کي نوڪري ڪرڻي پئي. صدر ۾ رهندا هئاسين ۽ نوڪري جهوني مارڪيٽ ۾ ملي، سائيڪلن جي مرمت واري دڪان تي. امڙ رُڪي ماني پچائي ڪپڙي لڪر ۾ ٻڌي ساڻ ڏيندي هئي ۽ سون کي روزانو صدر کان جهوني مارڪيٽ پيدل وڃڻو پوندو هو، سو بہ اهڙيءَ حالت ۾ جو جُتي ڇڄي ويندي هئي تہ اگهاڙين پيرين هلڻو پوندو هو. دڪاندار چار آنا روز مزدوري ڏيندو هو. سون کي جيڪي ڪجهہ حاصل ٿيو سو ٻن عورتن جي مهربانيءَ سان- يعني منهنجي ماءُ ۽ ٻي منهنجي گهر واري يوسف جي والده."

ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي چوندو هو: "راشدي! آءٌ سچ ٿو ٻڌايانءِ، منهنجي ماءُ تہ منهنجي ماءُ هئي، پر منهنجي زال بہ گهٽ ڪانہ هئي. 'پان کي' (يعني پاڻ کي) ٻنهين اڏيو."

اڳتي جو قصو ٻڌايائين: "ڪجهہ وقت کان پوءِ ٻہ-ٽي روپيا گڏ ڪري، ڪنڊ جا ٻہ-چار سير وٺي، جهوني

مارڪيٽ ۾ رستي تي رکي وڪڻڻ شروع ڪيو. ٿورو پئسو پئسو گڏ ڪري ڪنڊ جي ڪوٺي ورتي. ان طرح سان منهنجي ڪنڊ جو واپار شروع ٿيو"(١).

حاجي صاحب ۽ آءٌ وڏي يار ٿيا هئاسون. وڏي هئڻ جو سبب هيءُ هو:-

١٩٣٤ع ۾ مرڪزي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. ٻن جاين لاءِ ٽي اميدوار بيٺا هئا، يعني حاجي صاحب، شيخ عبدالمجيد ۽ سردار نبي بخش خان ڀٽو. منهنجي همدردي

---

(١) اهو قصو ته حاجي صاحب پاڻ بيان ڪيو، پر منهنجي ڏاڏي پيرشاهه رحمت الله عليه مون کي ٻڌايو هو ته: "عبدالله ۽ عثمان ٻه ڀائر هئا. سندن وڏيءَ ڀيڻ جي شادي سيٺ صالح محمد سان ٿي، جيڪو وڏو واپاري هو. هن پنهنجن سالن عبدالله ۽ عثمان ٻنهين کي پنج-پنج هزار روپيا ڏنا ته هو واپار ڪن. عثمان مرحوم پنهنجي رقم اشي پٽي تي ڪپائي ڇڏي، پر عبدالله پنهنجي والده جي نصيحت تي عمل ڪندي ۽ ان جي نظر هيٺ پنهنجو واپار وڌايو ۽ مالڪيت ٺاهي ڇڏيو."

ڏاڏي مرحوم، سيٺ صالح محمد مرحوم جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي، بلڪ انهيءَ جي صلاح سان ئي اها شادي ٿي. صالح محمد مرحوم جو ڏاڏي مرحوم سان دوستيءَ جو رستو هو ۽ ڪنهن حد تائين پيري مريديءَ جو تعلق به، حالانڪ براهِ راست اهي ميهڙ ڪوٺي واري خليفي جا مريد هئا، جيڪو اسان جي مورث اعليٰ حضرت پير سائين محمد راشد عليه الرحمت جو خليفو هو.

واپار ۾ حاجي صاحب هڪ گجراتي هندوءَ پرشوتم داس سان ڀائيواري ڪئي هئي ۽ ٻئي ڪڏ آفيس ۾ ويهندا هئا. پرشوتم گذاري ويو ته حاجي صاحب ان جي غم ۾ گهوڙا ڊوڙائيندو رهيو. حاجي صاحب جو خزانچي به هڪ گجراتي هندو والجي ٿالي هو، جيڪو سارو وقت واپار جي ٻندين ۾ منهن وجهيون ويٺو حساب ڪتاب جا 'ڪاڳر' ڏسندو هو. ڪنڊ جي مارڪيٽ ۾ حاجي صاحب کي اهڙو ماهر سمجهيو ويندو هو جو بمبئيءَ جو هڪ وڏو ادارو حاجي صاحب کي پيسا ڏئي هر مهيني سندس راءِ ۽ اڳڪٿي (Forecast) حاصل ڪندو هو.

نبي بخش خان سان هئي، جيڪو اسان جو پاڙيچو هو ۽ سنڌ جي خاندان سان اسان جي وڏن کان وٺي رستو هلندو ٿي آيو. آءٌ نبي بخش خان جو مکيه ايجنٽ ۽ ساري اليڪشن جو منتظم هوس. انتخابي حلقو سنڌ جو سارو صوبو هو ۽ هر ماڻهو، جنهن پنجهتر روپيا ڍل يا ٽيڪس ٿي ڀري، سو ووٽر هو.

حاجي عبدالله هارون پراڻو قومي ڪارڪن ۽ مشهور سياستدان هو. منهنجي دل تي سنڌ باري ۾ ڪو چڱو اثر ڪونه هو. في الحقيقت منهنجي ته ساڻس سڌيءَ طرح ڏيٺ ويٺ به ڪانه هئي. مون ٻڌو هو ته هو مغرور سيٺ آهي ۽ عام قومي ورڪرن کي پينو ۽ ويڪائو شيءِ سمجهي ٿو. الوحيد وارن سان به وڙهي چڪو آهي. ڪيترن سالن کان مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊبو رهي ٿو، پر سنڌ جي ماڻهن ڏانهن ٿلها خط لکيو، گهر ويٺي پيو کٽي ۽ ميمبر چونڊجي ۽ پنهنجو واپار وڌائي. حاجي صاحب جا ڪي ورڪر اهي افواه به ڦهلائيندا ٿي وتيا ته، "هو نبي بخش خان جي ورڪرن کي خريد ڪري، ڪيس ڪنڌ پر ڪيرائي، پاڻ ميمبر چونڊجي ويندو. راشدي غريب آهي، اهو ته ٻهرئين ڏينهن ئي وڪامي ويندو."

منهنجي به جواني هئي، جواني ديواني ٿئي ٿي. ديوانو ماڻهو چرچن ۾ به چڙي ٿي ويو. آهي زمانا پيا هئا. خدا ته جلشانه، پر خدا جي بندن ۾ به خوديءَ جو ذرو بچيل هو، حاجي صاحب جا حال ٻڌي، اسان جي خودي به بلند ٿي ويل هئي.

ٻهرين چنانچه پيپرن جي چڪاس وقت لڳي. حاجي صاحب پاڻ به رٽرننگ آفيسر سامهون موجود هو. مون حاجي صاحب جي پيپر تي اعتراض ورتو ۽ اهڙي تقرير ڪيم جو ڏٺو ائين پئي ويو ته سندس پيپر رد ٿي ويندو. غصي ۽ انتظار وچان سندس منهن تي رت وري آيو. گهڙي ۽ ڏڪڻي

بحث مباحثي ۽ ڪن ڪلاڪن بعد وڃي رٽرننگ آفيسر سمورا پيپر بحال ڪيا. حاجي صاحب اڳ ۾ ئي ان تڪ مان ميمبر چونڊبو رهيو هو، تنهنڪري اهو پائنٽ سنڌ س فائدي ۾ ويو. بهرحال ان ڏينهن کان پوءِ حاجي صاحب سان سلام ڪلام بند ٿي ويو. هڪبئي کي ڏسندا هئاسين ته منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيندا هئاسين. چونڊ ۾ به مون حاجي صاحب لاءِ ڪافي تڪليف پيدا ڪئي. نتيجي ۾ نبي بخش خان حاجي صاحب کان هزارين ووٽ مٿي کٽي چونڊجي ويو. حاجي صاحب ٻئي نمبر تي آيو. جايون ۾ هيون، تنهنڪري شڪست کان بچي ويو. ٽيون اميدوار شيخ عبدالمجيد ڪري پيو.

اسان جي وچ ۾ تعلقات جي اها تلخي شروع سيپٽمبر ١٩٣٨ع تائين قائم رهي. ١٩٣٦ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي. ١٩٣٧ع ۾ نين چونڊن بعد سر غلام حسين سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو. ١٩٣٨ع جي ابتدا ۾ سر غلام حسين جي وزارت ڪيرائي، اسان جي مدد سان، خان بهادر الهه بخش مرحوم وزارت ٺاهي، پر چند مهينن جي اندر الهه بخش خان سان ترقي پسند مسلمان گروپ(١) جا اختلاف ٿي پيا، جنهنڪري سنڌ س وزارت کي ڪيرائڻ لاءِ محترم جي. ايم. سيد صاحب ۽ اسان گڏجي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. حاجي صاحب اڳ ۾ ئي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي چڪو هو ۽ سنڌ س مشوري سان ئي اسانجن اڳواڻن مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ قبول ڪيو هو. سر غلام حسين مرحوم وزارت مان نڪرڻ بعد ان نئين قائم ٿيل مسلم ليگي گروپ سان شرڪت ڪئي هئي، جنهنڪري سنڌ س ساٿي خان بهادر الهه بخش گبول مرحوم، خان بهادر کهڙو ۽ ٻيا به مسلم ليگ ۾ گهڙي پيا هئا.

صلاح ٿي ته سنڌ ۾ مسلم ليگ کي زور وٺائجي ۽ ان مهم جي ابتدا ڪراچي ۾ هڪ وڏي مسلم ليگ ڪانفرنس

---

(١) ان گروپ جو اڳواڻ جناب جي. ايم. سيد هو.

(قائداعظم رحه جي صدارت هيٺ) سڏائي آتان ڪئي وڃي، ان مقصد سان ميٽنگ سڏائي وئي، حاجي صاحب جي نيپئر روڊ واريءَ پبلڪ آفيس (١) ۾. ڪانفرنس سڏائڻ جي فيصلي ٿيڻ بعد سوال پيدا ٿيو ته ان ڪانفرنس جي انتظامي مجلس استقباليه جا عهديدار ڪير چونڊجن. خان بهادر الهه بخش گبول کي معلوم ٿو ته حاجي صاحب ۽ مون ۾ شديد اختلاف آهن ۽ هڪٻئي جو منهن ڏسڻ به پسند ڪون ٿا ڪريون. خبر نه آهي، ڇرچي خاطر يا ان مراد سان ته اسان ٻئي گڏجي ڪم ڪري ڪون سگهنداسين، تنهنڪري مسلم ليگ ڪانفرنس ڪامياب ٿي ڪانه سگهندي، گبول، حاجي صاحب جو نالو چيرمين استقباليه ڪميٽيءَ لاءِ ۽ منهنجو نالو جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ پيش ڪيو. ميٽنگ ۾ شامل ماڻهن ان ڪنهن کي به سوچ ويچار جو وقت ڪون مليو. نالن پيش ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ئي گبول صاحب شور ڪرڻ لڳو ته "منظور-منظور-هاڻي آئو، هينئر کي ڪم ڪرڻ ڏيو. ڪانفرنس ٿيڻ ۾ فقط ٢٧ ڏينهن جو عرصو آهي." ماڻهو اٿي کڙا ٿيا ۽ ميٽنگ برخواست ٿي. حاجي صاحب جو پنهنجو منهن به لهي ويل هو. هن به سمجهيو ته گبول، جيڪو سنڌ سياسي دشمن هو، اڄ ڪانفرنس جي تجويز کي درهم برهم ڪري، کيس ملهه ماري ويو پر ڪڇيائين ڪجهه ڪونه، چپ چاپ لڪڙ ٽيڪيندو ٻاهر نڪري ويو ۽ موٽر ۾ ويهي گهر روانو ٿي ويو.

مون گبول صاحب جي ڇرچي کي پاڻ لاءِ چئلينج سمجهي، دل ۾ فيصلو ڪيو ته ڪانفرنس ڪوٺائي آهي ۽ ان کي ضرور ڪامياب ڪرڻو آهي، منهنجا ۽ حاجي صاحب جا ذاتي اختلاف پوءِ جي ڳالهه آهن. ميٽنگ ختم ٿيڻ شرط آءٌ حاجي

(١) حاجي صاحب جي واپار واري دفتر مٿان "پبلڪ آفيس" هوندي هئي، جت سنڌ سياسي سيڪريٽري محمد صديق ڏيهي حاجي صاحب پاران سياسي لکپڙهه ڪندو رهندو هو.

صاحب جي پبلڪ آفيس ۾ آتي جو آتي ويهي رهيس. ميٽنگ ۾ مولوي عبدالحي حقاني مرحوم، مسٽر عبدالخالق مرحوم ۽ ٻ-ٽي ٻيا ٻه ڪارائتا نوجوان آيل هئا. انهن کي پاڻ سان ويهاري، انهيءَ گهڙيءَ ڪانفرنس جو ڪم شروع ڪري ڏنم. برابر ٣٦ ڪلاڪ دفتري ڪم جاري رکيوسين. نه ننڊ، نه آرام، نه کاڌو، نه وهنجڻ سهنجڻ، صرف هيٺان نيپئر روڊ جي دڪان تان چانهه، جون پياليون گهرائي پيئندا ۽ ڪم ڪندا ٿي رهياسين. منهنجن سائين مان کي ٽڪجي بيحال ٿيي ٿي ويا ته آفيس جي ٽيبلن تي ليٽي گهڙي سوا اک ٻوٽي ننڊ وٺي ورتائون. آءٌ پاڻ، هر حال ۾، ڪرسي تي ٽيڪ ڏيو ويٺو رهيس ۽ ڪاغذي ڪم جاري ٿي رکيم. ٽئين ڏينهن صبح ويلي حاجي صاحب هيٺ، پنهنجي واپار واري آفيس ۾ آيو ته پنهنجي ٽيبل تي (سندس) صحيح لاءِ رکيل سوين خط، تارون، ڇپيل بليٽن، اخباري بيان، ڪانفرنس جا نقشا، جلوسن جا پروگرام هڪ انبار جي صورت ۾ سٽيل ڏٺائين. پاڻ پنهنجي سياسي سيڪريٽري محمد صديق مرحوم کان پڇيائين ته "هيءُ ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟" محمد صديق چيس ته "اهو سارو ڪم راشديءَ ڪيو آهي. ٽيون ڏينهن جيئن ميٽنگ ختم ٿي، تيئن پاڻ پبلڪ آفيس ۾ ويهي رهيو آهي ۽ مسلسل ڪم پيو ڪري. نه ننڊ ڪئي اٿائين، نه گهر ويو آهي، اڃان مٿي ويٺو آهي، چوي ٿو ته حاجي صاحب کان ڪاغذن تي صحيحون وٺي اچو ته ٽپال ۾ روانا ڪريون، وقت بلڪل ڪونه آهي."
حاجي صاحب مُرڪندي مشڪندي محمد صديق کي چيو ته "هي راشدي ماڻهو ته نه آهي، ڪو جن ڀوت آهي." نقشا ۽ پروگرام ڏسندي ۽ دعوت نامن ۽ تارن تي صحيحن ڪندي کيس چار ڪلاڪ لڳي ويا.

ڪنهن وقت ڏٺم ته حاجي صاحب لڪڙ ٽيڪيندي ڏاڪڻ تان چڙهي اچي مون وٽ پهتو. خوشيءَ وچان ٻلهار

ٻاهار ٿي نظر آيو. منهنجي سامهون ويهي چيائين: "آءٌ توکان معافي وٺڻ آيو آهيان. مون اڄ تائين توکي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي هئي. تون مون کي دل سان معاف ڪر. تون وڏو ماڻهو آهين. آءٌ نه پڙهي ڄاڻان نه لکي ڄاڻان، تنهنڪري مان توکي سمجهي نه سگهيس. هن کان پوءِ پيو ورق ورندو، ڪڏهن ڪم ڪنداسين، تنهنجي مدد هوندي ته ملڪ جو نقشو بدلائي ڇڏينداسين". مون کليو چيس ته: "اوهان جي مهرباني. منهنجي دل ۾ ڪا ڪدورت ڪانه رهندي آهي، ورنه هن دنيا ۾ جيئرو رهڻ ۽ ڪم ڪرڻ ڏکيو ٿي پئي ها."

ان ڏينهن کان پوءِ حاجي صاحب ۽ اسان جي تعلقات جو پيو دور شروع ٿيو. هيٺ پنهنجي دفتر وارن کي حڪم ڪري ويو ته منهنجي رهڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ مسواڙ تي بنگلو وٺن، جو ته هيلتائين آءٌ ڪراچيءَ ۾ مسافرن وانگر پيو رهان، ڪڏهن ڪنهن جو مهمان، ڪڏهن ڪنهن جو(١).

اها ڪانفرنس ايتريقدر ڪامياب ٿي جو ان جو مثال نه ان کان اڳ نه پوءِ هندوستان ۾ ٿيندڙ ڪا ڪانفرنس پيش ڪري سگهي. قائداعظم رحه صدارت ڪئي (٢). سر سڪندر حيات مرحوم، مولوي فضل الحق مرحوم ۽ هندوستان جا ٻيا ڪيترا مسلمان مدبر ۽ رهنما منجهس شريڪ ٿيا. ان ئي ڪانفرنس ۾ هندوستان جي تقسيم (٣) لاءِ ذهني سنگ بنياد رکيو ويو ۽ ان کان پوءِ پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ فضا تيار ٿيڻ لڳي.

---

(١) انهن ڏينهن ۾ آءٌ پنهنجي ڳوٺ لهڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ڪم ڪار سان ڪراچيءَ اچڻ ٿيندو هو.

(٢) ٻاهر اسٽيج تان ڪانفرنس جي انتظام رکندڙن کي خطاب ڪندي فرمايائين ته: "جينٽلمين، اوهان ڪرامت ڪري ڏيکاري آهي!"

(٣) شيخ عبدالمجيد جي ذڪر ۾ ان ٺهراءَ جو حوالو ڏنو ويو آهي.



ڪراچي ليگ ڪانفرنس جي موقعي تي جلوس جو نظارو- ١٩٣٨ع

سنڌ اسيمبليءَ جي مسلمان ميمبرن تي ٻه پهريان چڱو اثر ويٺو، جو منجهانئن ٢٩ صاحبن ليگ جي عهدنامي تي صحيح ڪري ڏني، پر ستت ئي، حسب دستور، ڦري وڃي الهه بخش وزارت جي پٺڀرائي ڪيائون. ليگ ۾ صرف ست ماڻهو رهجي ويا، جن مان ٻه ٻه صاحب پوءِ ڦري ويا. باقي ليگ جي پڙ ۾ وڃي رهيا پنج!

حاجي صاحب مرحوم جيئن کهڙيون ڳالهيون لکي کهڙيون لکان؟ پنجن سالن جي صحبتن اندر گهڻو ڪجهه ٻڌو ويو ۽ چيو ويو.

هڪ دفعي چيائين ته ”منهنجي ترقيءَ ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هن ڳالهه جو به حصو رهيو آهي ته مون کي پنهنجين گهٽتاين جو پورو پورو احساس رهي ٿو، ۽ ان ڪري انهن گهٽتاين کي پوري ڪرڻ لاءِ ٻين لائق ماڻهن جي مدد حاصل ڪندي ڪو عار محسوس ڪونه ٿو ڪريان. الله تعاليٰ ماڻهن کي سڃاڻڻ جو ملڪو مون کي عطا ڪيو آهي. مون کي هر موقعي ۽ هر ڪم لاءِ صحيح ساٿي مليو وڃن. انهن جي مدد سان آءٌ پنهنجون ذاتي گهٽتايون پوريون ڪري ڇڏيان“.

ذاتي گهٽتاين جو احساس ۽ صحيح ساٿي سڃاڻي پنهنجن انهن گهٽتاين کي پوري ڪرائڻ جي لياقت، الله تعاليٰ جون معمولي مهربانيون نه سمجهڻ گهرجن.

جهڙي طرح مٿي لکي چڪو آهيان، حاجي صاحب جڏهن به ڪراچيءَ ۾ هوندو هو ته شام ويلي مون کي گهران وٺي هلي هوابندر جي هوا به کارائيندو هو ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ويهي ڳالهيون ٻولهيون به ڪندو هو.

ذڪر ڪيل ڪانفرنس جي ڪم شروع ٿي اڃا ٻه چار ڏينهن مس گذريا هئا ته پاڻ هڪ شام جو مون کي هوابندر وٺي هليو. اُت ويهي آهستي آهستي هنڌن جي هلت ۽

هندستان جي مسلمانن جي مستقبل جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي پائين ۽ گفتگو جو ماحصل هي هو-

”مون اڪثر سياسي زندگي هندو اڳواڻن جي قريب گذاري آهي. واپار ۾ به منهنجا ڀائيوار ۽ ڪم ڪار هلائيندڙ هندو آهن. آءٌ ڪانگريس ۾ به رهي چڪو آهيان. پر ان ساري تجربي بعد آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته هندو ۽ مسلمان گڏجي هلي ڪونه سگهندا. هندن جي نيت هيءَ آهي ته انگريزن کي ڪڍي پوءِ ساري هندستان تي پنهنجو هندو راڄ قائم ڪن ۽ هندو راڄ هيٺ مسلمانن جو حال ڪهڙو ٿيندو، تنهن جو اندازو سنڌ اندر ڪانگريسي هندن جي منورتيءَ مان پئجي رهيو آهي، جيڪي سنڌ ۾ ٿورائيءَ ۾ (اقليت) هوندي به مسلمان اڪثريت کي ساڻ ۾ ويڙهائي اڻ سڌيءَ طرح مٿن راڄ ڪرڻ جون ڪوششون پيا ڪن. ان مان ظاهر آهي ته جن صوبن ۾ هو (يعني هندو) زبردست اڪثريت ۾ آهن، اُت مسلمانن سان ڇا نه ڪري گذرندا؟ (جناب) جناح صاحب رحه به اچا ڪو اهڙو رستو ڪڍي ڪونه سگهيو آهي، جنهن جي اختيار ڪرڻ سان مسلمانن کي ان آزار مان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي. تازو جواهر لال نهروءَ ڪانئس پڇيو آهي ته ’آخر مسلمان جو هيتري واويلا پيا مچائين سو انهن کي گهرجي ڇا ٿو ۽ ڇو نٿا صاف طرح ٻڌائين ته ڪين ڇا ٿو کپي؟‘ جناح صاحب جواب ۾ ڏانهنس لاهور مان نڪرندڙ ملڪ برڪت علي (مرحوم) جي هفتيوار اخبار ٽائمز جي هڪ مضمون جو ٽڪرو ڪاٽي موڪليو آهي ۽ لکيو اٿائينس ته مسلمان ته هي به پيا گهرن. ان مضمون ۾ ڪهڙا مطالبا ڪيل



حاجي عبدالله هارون ۽ مصنف

آهن؟ صرف هيءَ تہ مسلمانن کي ڪن صوبن ۾، سندن آدمشماريءَ جي تناسب کان وڌيڪ نمائندگيءَ جو حق ملي يعني Weightage. جن صوبن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، اُتِ ان اڪثريت کي گهٽايو نہ وڃي، سرڪاري نوڪرين مان ڪين حصو ملي، وغيره وغيره."

گفتگو جو سلسلو جاري رکندي حاجي صاحب فرمايو، "پر راشدي، ويچار ڪريو. اهي ننڍڙيون ڳالهيون هندستان جي مسلمانن جي مسئلي جو ڪو مستقل حل ٿي سگهن ٿيون؟ انگريز هليا ويندا تہ پوءِ انهن شرطن تي ڪير هندن کان عمل ڪرائي سگهندو؟ ملڪ جا مالڪ تہ هندو پاڻ هوندا!"

مون حاجي صاحب کان پڇيو تہ "پوءِ ان مسئلي جو مستقل حل، اوهان جي پنهنجي نظر ۾ ڪهڙو آهي؟"

فرمايائين "حل پيو ڪهڙو آهي؟ سواءِ ان جي تہ هندستان کي ورهائي ان جا آهي حصا، جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، مسلمانن جي حوالي ڪيا وڃن.(١)

---

(١) جيڪڏهن ڪو محقق پاڪستان جي تصور جي ارتقا جي سچي تاريخ لکڻ گهري تہ کيس، هيءُ سواد سان گڏ، هيٺيون شيون بہ نظر ۾ رکڻ گهرجن: (١) ١٩٣٨ع واري ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس جي ڪارروائي (٢) رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۽ ان سان وابستہ مختلف ڪميٽين جون ڪيل ڪارگذاريون، خاص طرح تقريرن ۽ شهادتن جو رڪارڊ (٣) ڊاڪٽر امبيڊڪر جو ڪتاب Thoughts on Pakistan (٤) Indian Annual Register جا جلد ١٩١٩ع کان ١٩٣٧ع تائين (٥) ١٩٣٠ع واري الله آباد مسلم ليگ جي ڪارروائي ۽ ١٩٣١ع تائين ان تي اخبارن جي تنقيد ۽ ليڊرن جا بيان. ٽربيون لاهور، سول ۽ مليٽري گزيٽ، ملاپ، پرتاپ، پايونيئر، ٽائمز آف انڊيا ۽ ٻين اخبارن جا فائيل (٦) حضرت قائداعظم رحمة الله عليہ جي هلايل (هلنڊڙ)

راشدي: "ان مطالبي پيش ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ڪهڙي آهي؟ لايو ڌ ڪڙ ڪي اٿوا"

حاجي صاحب: "اهو ڪم ايترو قدر آسان به ڪونه آهي."

اکيڙه جواهرلعل لهرو ۽ گانڌي جي مٿان (٧) قائداعظم رح. جا خطبا ۽ تقريرون ۽ علامه اقبال رح مٿان لکيڙه (٨) اخبار انقلاب لاهور جا فائيل (٩) سائمن ڪميشن جون رپورٽون (١٠) ١٩٣١ع ۾ لاهور ۾ ملايل پنجاب نيشنلسٽ مسلم ڪانفرنس جي ڪارگذاري (١١) مختلف آل پارٽيز ڪانفرنس جون ڪارگذاريون (١٢) چوڌري رحمت علي مرحوم جي چوڙي پاڪستان جي باري ۾، پاڪستان لهڻ کان پوءِ جو سنڌس لپفرو (١٣) قائداعظم رح ۽ عبدالله هارون جي مابين لکيڙه، جيڪا نيشنل آرڪائوز ۾ آهي ۽ شايد ان جا ڪجهه حصا پڻ ڇاپين تي به هجن (١٤) نواب نذير يار جنگ جو ڪتاب Pakistan Issue ڇپايل شيخ محمد اشرف لاهور واري جو ١٩٤٣ع (١٥) نواب سر محمد ياسين خان جو ڪتاب نامه اعمال (١٦) سول ۽ مليٽري گزيٽ جا پرچا ١٧ مارچ کان ٢٧ مارچ ١٩٤٠ع تائين جا (نيشنل آرڪائوز ۾ فائيل موجود آهي). (١٧) آل انڊيا مسلم ليگ جي مدراس واري اجلاس جي پروقت اخبارن ۾ ڇپيل ڪارگذاري. اهو اجلاس اپريل ١٩٤١ع ۾ ٿيو هو. (١٨) آل انڊيا مسلم ليگ جي دستورالعمل ۽ اغراض و مقاصد جي اصلي ڪاپي، مدراس واري اجلاس ۾ ڪيل ترميمن کان پوءِ جي (١٩) سر پيمونڊ هور (لارڊ لنپلوڊ سيڪريٽري هند) جو ڪتاب The Nine Troubled Years (٢٠) ١٩٤٠ع واري قرارداد پاڪستان جو اصلي مسودو، جنهن تان اجلاس ۾ قرارداد پڙهي پڌائي وئي. ان ۾ منهنجي هٿ لکيل ترميم جي پرزي سميت، جنهن ۾ لکيل هو

"Subject to such territorial adjustments as may be found necessary."

(٢١) هندوستان جي آئين جي باري ۾ ڇپيل مختلف اسڪيمون، جيڪي مختلف ماڻهن ١٩٣٧ع کان ١٩٤١ع تائين شايع ڪرايون، خاص طرح لذان سر سڪندر حيات مرحوم جي زونل اسڪيم.

راشدي: "ته پوءِ رڪاوٽون به ڪهڙيون آهن؟"

حاجي صاحب: "رڪاوٽون وڏيون ۽ گهڻيون آهن، مثلاً

(١) پهريون سوال آهي ته هندوستان جي ورهاڱي ۽ مسلمان علائقن کي جدا رياست بنائڻ جو مسئلو هڪ آل انڊيا مسئلو آهي، جيڪو فقط ڪنهن ننڍي صوبائي ليول تي کنيو ويو ته ان کي اهميت حاصل ڪانه ٿي سگهندي. اڄ تائين هندوستان جي آزاديءَ وارين تحريڪن خواه مجموعي سياسي سوچ جو محور متحده هندوستان پئي رهيو آهي ۽ منجهانئس صرف انگريز کي بيدخل ڪرڻ جو مسئلو پيش نظر پئي رهيو آهي. هينئر هندوستان جي بنه تقسيم جو آواز يا مطالبو هڪ نئون ۽ وڏو انقلابي منصوبو ٿيندو، جيڪو ماضيءَ جي آئيني ۽ سياسي تاريخ ۾ تقريباً ٻن صدين جي سياسي تصورات ۽ معتقدات کي هڪ وار هيلائي ڇڏيندو. رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس (١) واري موقعي تي چوڌري رحمت علي مرحوم لنڊن مان هڪ چوپڙي ڇاپرائي هندوستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي نالي سان مسلم علائقن کي جدا رياست بڻائڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي، مگر رائونڊ ٽيبل ۾ شريڪ ٿيندڙ ڪنهن

---

(١) اها رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس لنڊن ۾ انگريز سرڪار منعقد ڪرائي هئي، هن مسئلي تي غور ۽ بحث مباحثو ڪرڻ لاءِ ته هندوستان ۾ ڪهڙا آئيني سڌارا رائج ڪجن ۽ ڪهڙي قسم جو آئين لاڳو ڪجي. ڪانفرنس ۾ ٨٩ ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا، جن ۾ ٧٣ هندوستان جا نمائندا هئا ۽ باقي برٽش پارليامينٽ جا. رائونڊ ٽيبل جو پهريون اجلاس ١٢ نومبر ١٩٣٠ع ۾ شروع ٿيو ۽ ١٩ جنوري ١٩٣١ع تائين جاري رهيو. ان کان پوءِ ٿوري ٿوري وقفي سان ٻه ٻيا اجلاس به ٿيا ۽ ١٩٣٢ع جي پڇاڙيءَ ۾ ختم ٿي.

به مسلمان ليڊر ان کي ڪا خاص پذيرائي ڪانه بخشي هئي بلڪ ان جو ڪو نوٽس به ڪونه ورتو هو. (١) حالانڪ ڪانفرنس ۾ تقريباً سڀ چوٽيءَ جا مسلمان ليڊر (به شموليت حضرت قائداعظم رح، سر آغا خان مرحوم، مولانا محمد علي جوهر مرحوم، علامه ڊاڪٽر سر محمد اقبال مرحوم، سر محمد شفيع مرحوم، مولوي فضل الحق مرحوم، سر عبدالقيوم مرحوم، ۽ ٻيا ڪيترا) تشريف فرما هئا. ١٩٣٠ع ۾ علامه ڊاڪٽر سر محمد اقبال رح (پاڪستان جي نالي وٺڻ کان سواءِ) پنهنجي الله آباد واري تاريخي خطبي ۾ اها تجويز پيش ڪئي هئي ته هندستان (جي برصغير) اندر هڪ Consolidated مسلمان رياست قائم ٿيڻ گهرجي. الله آباد واري موقعي کان پوءِ حضرت علامه صاحب خود رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ شريڪ هئا، پر تقسيم برصغير يا علحده Consolidated مسلم رياست جي قيام جي ڳالهه وڏي ڪانه سگهي. (٢)

---

(١) هن باري ۾ ڏسو ان وقت جي سيڪريٽري هند سر سيموئل هور (پوءِ لارڊ ٽيمپلوڊ) جي ڪتاب -The Nine Troubled Years - 1954 collins) جا صفحا ٥٠ ۽ ٥٢ ۽ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾ شروع کان آخر تائين ٿيل تقريرن جو رڪارڊ جيڪو ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهي.

(٢) بقول ڊاڪٽر امبيڊڪر، جيڪو پاڻ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جو ميمبر هو، حضرت علامه صاحب رح خود رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي ٽئين اجلاس ۾ هيءَ گهر ڪئي هئي ته هندستان ۾ ڪابه مرڪزي حڪومت نه هجڻ گهرجي ۽ صوبن کي خود مختيار ۽ آزاد Dominion بڻائي سڌيءَ طرح لنڊن ۾ برطانيه جي سيڪريٽري سان وابسته (هلنڊڙ)

هاڻي ان پس منظر کي سامهون رکندي جيڪڏهن هينئر اسان صوبائي ليول تي هندستان جي ورهاڱي ۽ علحده مسلمان رياست جي قيام جهڙو آل انڊيا مسئلو اوچتوئي اوچتو ڇيڙيندا سين ته ان کي ڪا به اهميت حاصل ڪانه ٿي سگهندي. تنهنڪري ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ هينئر آل انڊيا مسلم ليگ جي آل انڊيا پليٽفارم تان اهو سوال کڄي (١) ۽ هندستان جي سمورن مسلمانن جو ڌيان ان طرف ڇڪجي. هيلتائين انهن کونه ٿيو آهي. ١٩٢٧ع وارن مسلمانن جي چوڏهن پائنٽن ۾ تقسيم جو ذڪر کونه آهي، تازو جواهرلعل نهرو سان (٢) جيڪا لکپڙه هلي آهي، ان ۾ به تقسيم برصغير ۽ مسلمانن لاءِ ٻئه علحده رياست جو مطالبو نظر کونه پيو اچي.

ڪرڻ گهرجي. پاڪستان جو ڳالهو کونه ورتو هئائين (ڏسو ڊاڪٽر امبيڊڪر جي ڪتاب Thoughts on Pakistan جو صفحو ٣٣٦ ۽ ڏين رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي ڪارگذاري.)

(١) نوري جو حاجي صاحب ڪنهن به موقعي تي مون سان اهڙو ڳالهه ظاهر نه ڪئي، پر مون کي شڪ آهي ته حاجي صاحب جي ذهن تي علامه اقبال رحه جي الله آباد واري خطبي جو اثر ضرور ويٺل هو، جنهن خطبي ۾ علامه صاحب (١٩٣٠ع ۾) هندستان ۾ علحده Consolidated مسلم رياست جي قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي. الله آباد واري ان تاريخي اجلاس ۾ حاجي صاحب پاڻ به شريڪ ٿيو هو ۽ ان موقعي تي ورتل هڪ فوٽو، جنهن ۾ علامه صاحب ۽ حاجي صاحب گڏ موٽر ۾ ويٺل ڪانفرنس ڏانهن وڃي رهيا آهن، موجود آهي.

(٢) ڏسو Indian Annual Political. Register جلد پهريون صفحو ٣٦٦ ۽ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي ڪتاب جو صفحو ٢٦٠.

(۲) ٻيو نمبر رڪاوٽ هيءَ آهي ته ملڪ جي تقسيم لاءِ ڪابه مفصل اسڪيم ڪانه تيار ٿي آهي، جنهن جي ذريعي انگن اکرن سان ثابت ڪري سگهجي ته تقسيم جي تجويز قابل عمل آهي ۽ نئين مسلمان رياست اقتصادي طور ۽ ٻين سببن ۽ حالتن جي بنياد تي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي قابل آهي. هن وقت هندوستان جي ساري ايڪانامي آل انڊيا بنيادن تي گڏيل آهي ۽ هڪ علائقي جو ٻئي تي مدار رهي ٿو. هندو ۽ انگريز پنهنجي طرفان طرح طرح جا اعتراض اٿاريندا، جن جا جواب انگن اکرن سان ڏيڻا پوندا. پر ان لاءِ ضروري مواد ڪٿ آهي؟

(۳) ٽيون نمبر رڪاوٽ اها آهي ته ملڪ اندر خواه ملڪ کان ٻاهر تقسيم واريءَ تجويز جي حق ۾ راءِ عام World opinion پيدا ڪرڻ جا ذريعا ٻاڻ وٽ ڪونه آهن. نه اخبار آهي، نه خزانو آهي. نه ايترا ۽ اهڙا ٽرينڊ ۽ باهمت نڪتل ورڪر آهن (جهڙا ڪانگريس ۽ هندن وٽ آهن) جيڪي سهم هلائي طوفان مچائي سگهن. ٻئي طرف هندوستان جي مختلف علائقن جو هيءُ حال آهي ته جت مسلمان ٿورائيءَ ۾ آهن، اُت ڪانگريس وارا هر حيلي سان ڪين بدحوصلي ڪري پنهنجن پيرن ۾ ڪيرائڻ جون ڪوششون پيا ڪن. جن صوبن ۾ مسلمان گهڻائيءَ ۾ آهن، اُت بي فڪريءَ جي فضا مٿن طاري آهي. بنگال ۾ مولوي فضل الحق جي وزارتي سياست تي ڪنهن حد تائين هندو اثرانداز آهن. پنجاب ۾ يونينسٽ پارٽي جي ڪلهن تي چوڌري ڇوٽورام ۽ سندس گروپ لانگ ورايون ويٺا آهن. سرحد ۾

موڙڪو ڊاڪٽر خانصاحب جي سرڪردگيءَ ۾ ڪانگريس وزارت پڻ الوليون ڪري. سنڌ جو حال تنهنجي پنهنجي اکين اڳيان آهي. پوءِ اهڙين حالتن ۾ تقسيم جهڙي انقلابي تجويز پيش ڪري ان کي قبول ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

(٤) چوٿون نمبر رڪاوٽ اها آهي ته مسلم ليگ جي نئين دور شروع ٿئي سال ڏيڍ مس گذريو آهي. ڪنهن به وڏي تحريڪ هلائڻ جيتري طاقت اڃا منجهس ڪانه آئي آهي. خود مسلم ليگ کي تقسيم جو قائل ڪرڻ هڪ مرحلو ٿيندو. ان کان پوءِ هندستان ڀر جي مسلم عوام کي قائل ڪرڻ تنهن جي اپرانڌ."

ان تقرير کان پوءِ حاجي صاحب اها راءِ ڏني ته مولانا غلام رسول مهر کي لاهور منجهان گهرائي ان سان اِن باري ۾ صلاح به ڪجي ۽ ڪانفرنس لاءِ استقباليہ ڪميٽيءَ جي صدر جو خطبو به لکرائجي. مولوي غلام رسول (مرحوم) لاءِ حاجي صاحب کي وڏو احترام هو. منهنجي ته ساڻس ڏيٺ ويٺ به ڪانه هئي، ۽ حاجي صاحب کان جيڪي ڪجهه ٻڌو سو هيءُ هو ته هو نه صرف هڪ ناميارو اخبار نويس هو پر هڪ صائب الراءِ سياسي مدبر به. پڻ ڏينهن حاجي صاحب طرفان مولانا غلام رسول ڏانهن تار وئي ته هڪدم ڪراچيءَ تشريف فرما ٿئي. ٽڪيٽ وغيره جو انتظام ٿي ويو.

چند ڏينهن اندر مولانا صاحب ڪراچيءَ پهچي ويو ۽ ساڻس حاجي صاحب ۽ منهنجون ڪچهريون شروع ٿي ويون. مولانا صاحب حاجي صاحب جي راءِ سان متفق هو. سنڌ سنڌ تجويز هئي ته اهو ڪم شروع ضرور ڪجي ۽ درجي به درجي ان کي اڳتي وڌائبو رهجي.

مولانا غلام رسول مهر(۱) پنهنجي مٿي وڏي شخصيت هو، جنهن جي پايي جو هم صفت موصوف عالم، مدبر، مورخ، محقق، اديب، اهل قلم، صحافي، مون ٻيو ڪٿي ڪونہ ڏٺو. سندس لائف جدا مضمون جي محتاج آهي. هت صرف سرسري طور آءٌ ڪراچيءَ ۾ (۱۹۳۸ع جي سيپٽمبر ۾) حاجي صاحب مرحوم جي ڪوٺي تي سندس تشريف آوريءَ جو ذڪر ڪندس.

حاجي عبدالله هارون جي خطبہ استقباليہ لکڻ جو ڪم منهنجي گهر ۾ ڪيائين. ڪٽ تي بسترو وڇائي، وهاڻي طور رکي، اُن تي ٽيڪ ڏيئي ويهي لکندو هو، پينسل سان، ڪاغذ جي ننڍين ننڍين سلپن تي. آءٌ سندس سامهون ويٺو هوندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن خطبي جي مضمون جي باري ۾ مون سان مشورو بہ ڪندو هو. خطبي جو ترجمو انگريزي زبان ۾ مون کي ڪرڻو پيو. ڪانفرنس جي اڳيان حاجي صاحب اهو مون وارو تيار ڪيل ترجمو پڙهي ٻڌايو، جيڪو تاريخي لحاظ سان، ڏاڍو اهم آهي. ڊيلي گزيٽ اخبار جي ۹ آڪٽوبر ۱۹۳۸ع جي پرچي ۾ سڄو شايع ٿيل آهي. ڊيلي گزيٽ جا فائيل اسلام آباد جي سرڪاري نيشنل آرڪائوز ۾ موجود آهن. جنهن صورت ۾ اُن تاريخي دستاويز

---

(۱) مولانا مهر جي سنڌ سان خاص دلچسپي هئي. حاجي صاحب سان تعلق ڪري ۽ ان کان پوءِ مون سان ۽ منهنجي ڀاءُ ڊاڪٽر حسام الدين سان دوستي ٿي وڃڻ سبب، پاڻ سنڌ جي ڪلهوڙن حڪمران جي تاريخ لکي اٿائين [ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ] ۽ سيد احمد شهيد رح (بريلوي) جي سوانح حيات ۾ پڻ سنڌ جا حوالا ڏنا اٿائين. مهر صاحب کي "مولانا" صرف سندس تبحر علمي ڪري احتراماً سڏيو ويندو هو ورنہ هو ڏسڻ وائسڻ ۾ مولانا ڪونہ لڳندو هو، يعني ڏاڙهي شيو ڪندو هو. ملڪ کان ٻاهر هلندو هو تہ سوٽ بہ پائيندو هو. انگريزيءَ ۾ بي. اي. هو. علم ۽ معلومات ۾ ايڏو درياهہ جنهن جو ڪو ڪنارو ڪونہ هو.

مولانا غلام رسول مهر (شيو ڪرائيندي)

مان آن وقت جي سياسي حالات جو پورو پورو پتو پوي ٿو،
۽ اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته ان کان ڏيڍ سال پوءِ مسلم ليگ
پنهنجي لاهور واري اجلاس ۾ (مارچ ١٩٤٠ع ۾)، ڇو
هندستان جي ورهاڱي لاءِ باقاعده ٺهراءُ پاس ڪيو (جنهن
کي عام طرح ”قرارداد پاڪستان“ چيو وڃي ٿو)، تنهن صورت
۾ اهو خطبي جو سنڌي ترجمو، ملڪ جي سياسي ۽ آئيني
تاريخ جي محققن جي استفادي لاءِ هت پيش ڪري ڇڏيان
ٿو. ممڪن آهي ته اهو دستاويز ٻيءَ هنڌان ته غائب ٿي
وڃي، مگر هن ڪتاب ۾ محفوظ رهجي وڃي.

حاجي عبدالله هارون جي خطبہ استقباليہ جو سنڌي ترجمو

(جيڪو پاڻ سنڌ پراونشل مسلم ليگ جي اجلاس ۾
١٨ آڪٽوبر ١٩٣٨ع جو پڙهيائين.)

”منهنجي لاءِ هيءُ موقعو باعث عزت افزائي آهي، جو
آءٌ سنڌ جي مسلم قوم پاران اوهان صاحبن جهڙن بزرگن جي
آجيان ڪري رهيو آهيان. مون کي احساس آهي ته مون ۽
منهنجن رفيقن، جن تي اوهان جي استقبال جي ذميداري عائد
ٿيل هئي، ايترو ڪجهه نه ڪيو آهي جيڪو اسان کي ڪرڻ
کپندو هو، تنهنڪري آءٌ پنهنجين گهٽين ڪوتاهين لاءِ اوهان
کان معافي گهران ٿو. آءٌ اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته
اسان سنڌ وارا محسوس ڪريون ٿا ۽ ان ڳالهه جو قدر ڪريون
ٿا ته اوهان جهڙا بزرگ مختلف هنڌن تان هلي ڪيڏا نه
ڏکيا سفر ڪري هت پهتا آهيو، محض ان مقصد لاءِ ته
اسان جي هن ڏکئي ۽ تڪليف واري وقت ۾ رهنمائي فرمايو.

”اڄ اسان هڪ اهڙي صوبي جي دارالحڪومت ۾ گڏ
ٿي رهيا آهيون، جيڪو رقبي جي لحاظ سان ته انگلنڊ (ويلس
جي علائقي ڪانسواءِ) جيترو آهي، پر تاريخي ۽ جغرافيائي لحاظ
سان هندستان جي اهم ترين حصن مان هڪ آهي. جغرافيائي

طرح ڪراچي يورپ کي ويجهي ۾ ويجهو بندر آهي، بري، بحري ۽ هوائي سفر جي نقطہ نگاهہ کان. تاريخي طرح تازين کوجنائن ذريعي اهڙا خزانا هٿ لڳا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ماضيءَ ۾ سنڌ تعجب انگيز پيماني تي هڪ شاندار ۽ عظيم تمدن جي حامل هئي. نہ وري هندستان جو ڪو مسلمان هن حقيقت ٿي نظرانداز ڪري سگهي ٿو تہ اسلام جو قافلو پهريان پهريان سنڌ مان گذري پوءِ ٻين پاسن ڏانهن وڌيو هو. صرف ان نسبت سان ٿي اسان سنڌي مسلمان هن ڳالهہ جا مستحق آهيون تہ جنهن تڪليف ۾ اسان اڄ ڪالهہ مبتلا آهيون، تنهن کان نجات. ڏيارڻ لاءِ اوهان اسان جي مدد ڪريو. مون کي قوي اميد آهي تہ اوهان جي هٿ گڏ ٿيڻ ڪري نہ فقط اسانجين مقامي تڪليفن ۾ تخفيف ٿيندي، پر هتان هڪ نئون قافلو مسلمانن جي اتحاد، ٻڌيءَ ۽ قوت جو وکر کڻي اڳتي هندستان ڏانهن روانو ٿيندو. اميد اها اٿم تہ توڙي جو هينئر منهنجي پنهنجيءَ عمر جي شام آهي، پر آءٌ اهو ڏينهن، جيڪو پري نہ آهي، ڏسندس، جڏهن اهو قافلو روانو ٿيندو ۽ منزل مقصود تي پهچندو.

”هندستان جي مسلمانن جي مسئلن جي فهرست ايترقدر طويل آهي، جو آها ساري هن داستان ۾ سمائجي نہ سگهندي. تنهنڪري آءٌ اختصار کان ڪم وٺندي، محض انهن چند اهم مسئلن ڏانهن اوهان جو توجہ ڇڪايان ٿو، جن مسئلن کي اوهان سلجهائي سگهو ٿا.

اقليتن جو مسئلو: ”هن پهرين بنيادي حقيقت کان ڪوبہ انڪار ڪري ڪو نہ سگهندو تہ هندستان هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو قسما قسم قومن ۽ فرقن جو وطن آهي. انهن قومن ۽ فرقن جا پنهنجا پنهنجا مذهب آهن ۽ پنهنجون

پنهنجون ثقافتون ۽ روايتون. مگر اهي مختلف ۽ متضاد عناصر ڪهڙي طرح هڪ آئيني نظام هيٺ رهن (جنهن کي منجهائن هر هڪ قبول ڪري) تنهن مسئلي جو حل اڃا تائين ڪو ڪوبه ڪونه سگهيو آهي. منهنجي پنهنجي راءِ اها آهي ته ان ڏس ۾ ناڪاميابيءَ جو مکيه ڪارڻ اهو آهي جو هندستان جي اڪثريت واري قوم (هندو) انهن مختلف اقليتن جي وجود ۽ شخصيت تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ ڇڙو ملڪ جي جغرافيائي خصوصيت تي پئي زور ڏئي ۽ ان مان ناجائز فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪري.

”في الحقيقت جغرافيائي يا تاريخي لحاظ سان هندستان ڪڏهن به هڪ مرڪز هيٺ نه رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انگريزن پنهنجي دور حڪومت ۾ هندستان جي جدا جدا حصن (Units) جي شخصيت کي اڀرڻ ۽ اسرڻ جي موقعن کان محروم ڪري ڇڏيو ته ان جي اها معنيٰ نه ٿيڻ گهرجي ته هندستان ۾ رهندڙ مختلف قومن جي وجود ۽ هستيءَ کان ئي انڪار ڪري ڇڏجي. ظاهر آهي ته اڪثريت واري قوم اهو انداز فڪر هن لاءِ اختيار ڪري رهي آهي ته هندستان اندر رهندڙ ساري انسان ذات مٿان هوءَ پنهنجو تسلط قائم ڪري وٺي. مگر اقليتون انهيءَ انداز فڪر کي هرگز قبول ڪونه ڪنديون ۽ اهوئي فڪري تصادم ڪارڻ آهي هن ڳالهه جو ته هندستان جو مسئلو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پيچيدو بڻبو پيو وڃي.

”مناسب ته ائين هو ته اقليتن جي وجود کي هڪدم تسليم ڪري انهن کي پنهنجي وجود کي سلامت رکڻ لاءِ، ضروري تحفظات مهيا ڪري ڏنا وڃن. اهوئي هڪ رستو هو جنهن سان هندستان جو مسئلو سلجهي سگهيو ٿي. جنهن وقت مسلمانن اهڙن تحفظات لاءِ گهر ڪئي، ان وقت انهن جي پيش نظر ڇڙو پنهنجو فائدو ڪونه هو، پر انهن سمورين ننڍين

ننڍين اقليتن (جيڪي تعداد جي لحاظ سان ڪيترقدر به ڪمزور هيون) جي حقن جي حفاظت به مد نظر هئي.

”اوهان کي معلوم آهي ته گذريل پندرهن سورهن سالن اندر گهٽ ۾ گهٽ پنجويهه دفعا ان مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ٿي چڪيون آهن. پهرين ڪوشش ١٩٢٣ع ۾ ٿي، جڏهن انهن ڳالهين لاءِ دهليءَ ۾ ڪانگريس جو خاص اجلاس سڏايو ويو. آخري پيرو اهڙي ڪوشش تازو ٿي گذري، جنهن جي دوران ۾ خود هن ڪانفرنس جي صدر صاحب (مسٽر جناح رح) ہاڻ مسلمانن جي وڏي قابليت سان نمايندگي فرمائي.

”ان سلسلي ۾ جيڪي به بحث مباحثا اڄ تائين ٿيندا رهيا آهن، انهن جي هڪ خصوصيت اها پئي رهي آهي ته اڪثريت هميشه اقليتن جي شخصيت تسليم ڪرڻ کان نابري پئي واري آهي. اڪثريت جو مقصد اهو هو ته ملڪ جون اقليتون ملڪ جي حڪمرانيءَ ۾ حصو نه گهري سگهن. ان مقصد جي نشاندهي ميثاق لکنو جي موقعي تي ٿي، جڏهن اڪثريت واريءَ قوم بنگال ۽ پنجاب (جن ۾ مسلمانن جي گهڻائي هئي) ۾ مسلمانن جي اڪثريت کي ٽوڙي انهن کي اقليت بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان پوءِ هوءَ (يعني هندو اڪثريت)، ساڳي نيت سان، بلوچستان ۽ سنڌ کي جدا انتظامي حلقن بڻائڻ واري مطالبي جي مخالفت ڪندي رهي. هندن جي اهڙي تنگ دليءَ جي مقابلي ۾ مسلمانن هميشه فراخدلي پئي ڏيکاري آهي ۽ هر فرقي ۽ هر اقليت کي سندس حقن ڏيارڻ واري اصول جي پٺڀرائي ڪئي آهي. مثلاً مسلمانن اوڙيسه صوبي جي بڻجڻ جي مخالفت ڪانه ڪئي، ننڍين ننڍين اقليتن کي حق ملڻ، تنهن مطالبي جي به مزاحمت ڪانه ڪئي. برعڪس ان جي، هندن جدا چونڊن جي اصول جي مخالفت پئي ڪئي آهي، جيئن اقليتون پنهنجا

حق حاصل ڪري نہ سگھن. تعجب جي ڳالھہ تہ اھا آھي تہ هندو پنھنجي ان منفي ۽ خود غرضانہ روش کي ”نيشنلزم“ لاءِ پنھنجي خواهش ۽ پيار سان پيا تعبير ڪن! اسان جڏھن بہ اڪثريت کي استدعا ڪريون ٿا تہ ھوءَ اسان سان گڏجي ويھي مسئلن جو تصفيو ڪري تہ جواب اھو پيو ڏئي تہ ”اڃا تائين مليو ڇا آھي، جنھن جي ويھي ونڊ ورھاست ڪريون؟“ پاڻ سنڌس طرفان اھو مشورو پيو ڏنو وڃي تہ اقليتون ان وقت تائين ترسي ويھن، جيستائين هندستان کي سوراج مليو آھي. مگر سنڌن سوراج جي معنيٰ ڇا آھي؟ معنيٰ آھا آھي جنھن جو اظھار اڳ ۾ ئي انھن ستن صوبن ۾ ٿي رھيو آھي، جن ۾ (نون سڌارن هيٺ) ڪانگريس کي (صوبائي وزارتن وسيلي) راڄ ڪرڻ جو موقعو مليو آھي. ڪھڙي قسم جا مسلمان، مسلمانن جي نمايندگيءَ لاءِ، يو-پي- بمبئي، بھار ۽ مدراس جي وزارتن ۾ ڪنيا اٿن؟ اھي، جن ۾ نہ مسلمانن جو ڀروسو آھي ۽ نہ انھن کي صوبي جي مسلمانن جي پٺڀرائي حاصل آھي! مسٽر شريف کي ڪيدي ڇڏڻ ڪان پوءِ سي-پيءَ ۾ ڪنھن بہ مسلمان کي وزارت ۾ ڪجھہ جي لائق ڪونہ سمجھيو اٿائون! ڪجھہ وقت تائين اھو پئي چيو ويو تہ جنھن صورت ۾ مسلمان ميمبرن جي اڪثريت ڪانگريس جي پاليسي قبول نٿي ڪري، تنھن صورت ۾ ڪانگريس بہ ساڻن تعاون ڪونہ ٿي ڪري سگھي. پر صوبي سرحد ۾ ڪانگريس جو اھو اصول ڪيڏانھن ويو، جت ھُن هزارا جي غير ڪانگريسي جمھوري پارٽيءَ جي شرڪت سان پنھنجي وزارت ٺاهي آھي؟ آسام ۾ تہ پاڻ وڌيڪ کُليءَ طرح سان پنھنجي ان ”اصول“ جي مٽي خراب ڪئي اٿائين. اوڙيسہ ۾ جڏھن مسلمانن وزارت ۾ نمايندگيءَ لاءِ گھر ڪئي، تہ کين جواب ڏنو ويو تہ جيڪو مسلمان ڪابينہ ۾ کڻجي سگھي جھڙو ھو، تنھن چونڊن ۾ هڪ ڪانگريسي اميدوار

کي شڪست ڏئي پاڻ کي چونڊايو آهي، تنهنڪري ان کي وزارت ۾ ڪٿي جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. پر صوبہ سرحد ۾ ڪانگريس هڪ اهڙي پارٽيءَ جو تعاون قبول ڪيو آهي، جنهن چونڊن ۾ سنڌس مخالفت ڪئي هئي. نہ فقط ايترو، پر خود اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر هڪ اهڙي مسلمان ميمبر کي بڻايو اٿائين، جيڪو چونڊن ۾ ڪانگريسي اميدوار کي شڪست ڏئي چڪو هو. پوءِ ڪيڏانهن ويو اُت ڪانگريس جو اصول؟

”وزارتن ٺاهڻ کان پوءِ ڪانگريس مسلمانن سان ڪهڙا ويل وهايا آهن، تن جو تفصيل ڏيڻ غير ضروري آهي ڇو تہ اوهان سان هرهڪ کي اڳ ۾ ئي معلوم آهي تہ اُتي ڇا وهي واپري رهيو آهي. آءٌ فقط ايترو ئي عرض ڪري سگهان ٿو تہ انهن صوبن ۾ مسلمانن جو مذهب، سندن ثقافت ۽ خود وجود سخت خطري ۾ پهچي چڪا آهن. جيڪڏهن اهو ئي نمونو آهي مسلمانن سان ڪانگريس جي سلوڪ جو، تہ پوءِ ارمان ۽ نااميديءَ جوئي اظهار ڪري سگهجي ٿو.

”اسان کي ورِي ورِي چيو پيو وڃي تہ هندستانين کي هڪ ڏسڻ گهرجي تہ يورپ ۾ ڪهڙي طرح اتاهون جي اقليتن جو مسئلو حل ڪيو ويو آهي ۽ ان سلسلي ۾ جمعيت اقوام League of Nations جي اصولن جو پڻ حوالو ڏنو پيو وڃي. ان وعظ جو مطلب هيءَ نڪري ٿو تہ اسان مسلمان پنهنجي مذهب، ثقافت ۽ روايتن جي بقا ۽ سلامتيءَ جو ڪو خيال نہ ڪري هندو اڪثريت ۾ مدغم ٿي وڃون. پر هيءَ حقيقت وساري پئي وڃي تہ خود يورپ اڄ ڪالهہ انهن اصولن تان هٿندي پئي وڃي. مثال لاءِ چيڪوسلاواڪيہ (۱) ڏانهن ڏسو، جت سمڻ متو پيو آهي.

---

(۱) چيڪوسلاواڪيہ ۾ جرمن نسل (Sudetan) جي اقليت تي اهو گوڙ متل هو- ان اقليت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هٽلر چيڪوسلاواڪيہ تي حملو ڪيو ۽ چيڪوسلاواڪيہ وڏيءَ ايذا ۾ پهچي وئي.

”حقيقت ۾ هندستان جي آزاديءَ جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهي آهن، جيڪي اقليتن کي سندن صحيح مقام ڏيڻ کان انڪاري آهن. هندستان (آزاديءَ لاءِ) اوستائين متحد محاذ هرگز ٺاهي ڪونه سگهندو، جيستائين اڪثريت واريءَ قوم جو اهو عزم آهي ته اقليتن جي هستيءَ کي نابود ڪري ڇڏي. آءٌ اڪثريت کي تنبيه ڪريان ٿو ته هوءَ اسان مسلمانن جا مطالبا قبول ڪري، نه ته هت به چيڪوسلواڪيه جهڙو حال ٿيندو. جيڪڏهن چيڪوسلواڪيه جا ٣٥ لک جرمن ايترو ڪري سگهن ٿا ته هندستان جا ٩ ڪروڙ مسلمان (۽ ٻيون اقليتون) ڇا نه ڪري گذرندا، اڪثريت واريءَ قوم جي بدنيتين کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ؟

”آءٌ هن موقعي جو فائدو وٺندي، وري به هڪ ڀيرو اڪثريت واريءَ قوم کي اپيل ڪريان ٿو ته هوءَ اسان جي صبر جو وڌيڪ امتحان نه وٺي. **اسان اڳ ۾ ئي ان منزل تي پهچي چڪا آهيون، جتان اسان جا رستا جدا ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن اسان جو (حقن ۽ مطالبن جو) مسئلو حل نٿو ڪيو وڃي ته دنيا جي ڪابه طاقت هندستان کي ”هندو هندوستان“ ۽ ”مسلم هندستان“ ۾ ڪٽجي وڃڻ ۽ ٻن جدا جدا فيڊريشنن هيٺ رهڻ کان روڪي ڪانه سگهندي.** اڄ ڪالهه مسلمان سجاڳ ٿي چڪا آهن ۽ انهن کي دٻائڻ يا گمراهه ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش ڪامياب ڪانه ٿيندي آهي. جيڪي ڊريون ”نيشنلزم“ (قوميت) جو ڍول وڄ ڪيون وڃيون آهن، تن کي ياد رکڻ گهرجي ته اقليتن کي سندن حقن کان محروم ڪرڻ ملڪ جي آزاديءَ کي قريب آڻي ڪونه سگهندو. مسلمان سياسي مسئلن ۾ نه خود غرض آهن نه تنگ دل. هندستان جي آزاديءَ جا هو تهدل سان خواهان آهن ۽ ان ڏس ۾ پنهنجن ڪوششن ۾ ڪڏهن به

گھٽتائي ڪانه ڪئي اٿائون. پر ساڳئي وقت هو اهڙي ٻه ڪا ڳالهه قبول ڪانه ڪندا جنهن جي معنيٰ هيءَ نڪرندي هجي ته صرف سنڌن حاڪمن ۾ تبديلي ٿئي، يعني انگريزن جي جاءِ تي هندو مٿن راڄ ڪن.

”هندستان جي مجموعي سياسي مسئلي جي باري ۾ مٿين حقيقتن عرض ڪرڻ بعد مان پنهنجن مسلمان ڀائرن جي خدمت ۾ ٻه ڪجهه ڳالهيون پيش ڪرڻ گهران ٿو. انهن ڳالهين جو ساڻن ڳوڙهو تعلق آهي ۽ سنڌن حق ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون.

”ڪين پنهنجو ذهن صاف رکڻ گهرجي، ۽ هيءَ حقيقت ٻروڙڻ گهرجي، ته جيستائين هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان تعلق پيدا نه ڪندا، تيستائين موجوده حالتن ۾ سنڌن زنده رهڻ دشوار ٿي پوندو. جن صوبن ۾ مسلمان اڪثريت ۾ آهن اتاهون ڪين پنهنجا نمايندا (وفدن جي صورت ۾) اقليت وارن صوبن ڏانهن موڪلڻ گهرجن، جيڪي اُت وڃي ساڻن تبادله خيالات ڪن ۽ جن حالتن ۾ هو ڪانگريس حڪومتن هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن تن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪن. ساڳي طرح اقليت وارن صوبن مان به مسلمانن جا وفد (١) اڪثريت وارن صوبن ۾ اچڻ گهرجن، جيڪي هت اچي اتاهون جو حال احوال پنهنجن ڀائرن کي ٻڌائين. اسان مسلمان ڏاڍي ڏکئي وقت مان گذري رهيا آهيون، تنهنڪري اسان کي صاف ۽ مضبوط ۽ متحد طريقه ڪار اختيار ڪرڻ گهرجي.

”آءٌ هن حد تائين به وڃڻ لاءِ تيار آهيان ته آءٌ ڪين (مسلمانن کي) اهو مشورو به ڏيان ته هو پنهنجا وفد پنهنجي ملڪ کان ٻاهر مسلمان ملڪن ڏانهن موڪلين. ان مقصد

---

(١) ورلڊ ڏن ڇڻ مهڻن الدر حاجي عبدالله هارون پنهنجي خرچ تي اهڙا وفد تيار ڪرائي روانا ڪيا. انهن وفدن کي ٺاهڻ ۽ موڪلڻ جو انتظام منهنجي حوالي ڪيائون.

سان تہ انهن سان سڌو سياسي ۽ ثقافتي تعلق پيدا ٿئي ۽ ڪين هتان جي روئداد ڪان بہ واقف ڪيو وڃي. ڪانگريس وقتاً فوقتاً اهڙا وفد مسلمان ملڪن ڏانهن موڪليندي رهي ٿي، جيڪي اُتي پهچي غلط ڳالهيون پڌائين ٿا ۽ اسان هندستان جي مسلمانن کي هندستان جي آزادي ۽ وطن جا دشمن ڪري ڏيکارين ٿا. تنهن ڪري اسان کي بہ پنهنجا وفد(١) موڪلي اهڙيءَ پروپيگنڊا جو هينئر مقابلو ڪرڻ گهرجي. هونءَ بہ دنيا جون حالتون ڦري رهيون آهن ۽ اسان کي عالمي مسلمان برادريءَ جي ويجهو اچڻ گهرجي، جنهن جهڙي وسيع برادري ٻيءَ ڪنهن بہ قوم کي ميسر ڪانہ آهي.

سنڌ جي سياست. ”ان ڪان پوءِ آءٌ اوهان کي پنهنجي گهر يعني سنڌ جو حال ٻڌائيندس. اسان هت تمام ڏکين حالتن جي ڪُن ۾ ڦاسي پوڻ بعد پنهنجا هيٺان هٿ پير پيا هڻون. هتان جا مسلمان تمام پسمانده حالت ۾ آهن. سندن گذارو زراعت پيشہ تي آهي، پر هو سخت مقروض آهن ۽ سندن قرض جو تخمينو ويهن ڪروڙن روپين کان مٿي جو آهي. جنهن وقت انگريزن هيءُ ملڪ هٿ ڪيو، ان وقت تائين غير زراعت پيشہ ماڻهن (يعني هندن) وٽ هڪ ايڪڙ زرعي زمين جو بہ ڪونہ هو. ۽ سال ١٩٣٥ع تائين چاليهہ سيڪڙو زمينون مسلمانن وٽان نڪري هندن جي هٿن ۾ پهچي چڪيون هيون. گذريل ڏهن سالن ۾ وڌيڪ چاليهہ سيڪڙو زمين وياج خورن جي قبضي ۾ اچي ويل ڇئي وڃي ٿي. تعليم مسلمانن ۾ تقريباً ڪانہ آهي. انهيءَ انڌ وهناڪ حالت کي سنڌ جون نيون صوبائي جمهوري وزارتون بہ درست ڪري ڪونہ سگهيون آهن. سنڌ اندر

---

(١) ان مقصد لاءِ حاجي صاحب پاڻ پنهنجي خرچ تي مولانا حسرت موهاني رحہ ۽ مولانا آزاد سبحاني رحہ کي ٻاهرين ملڪن جي دوري تي روانو ڪيو.

پوليس تي ته سالانه ۳۵ لک روپيا خرچ پيا ٿين، پر سنڌ جي صحت تي فقط هڪ لک اسي هزار! سنڌ جي سرڪاري انتظام تي بمبئيءَ کان سواءِ هندستان جي ٻين سمورن صوبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ خرچ ڪيو پيو وڃي. ڍڳن وٽ ڍڳن وٽ پڪڙ جا پراڻا قاعدا هن صوبي ۾ اڃا پيا هلن، حالانڪ سينٽي ڊرين پاران اهو مطالبو ٿيندو رهيو آهي ته اهي قاعدا منسوخ ڪيا وڃن. زمينن تي ڍلن جا نرخ تمام وڏا آهن ۽ بي انصافيءَ جي بنياد تي رکيل آهن. سرڪاري خرچ کي گهٽائڻ بدران، جيئن ٿيڻ کپي، وڌايو پيو وڃي. في الحقيقت اسان وٽ آمدنيءَ کان خرچ وڌيڪ لڳو پيو آهي ۽ کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ آبادگارن تي نوان نوان محصول وڌا پيا وڃن. جن ماڻهن کي سنڌ جي حالتن جو پورو ڄاڻ ڪونه آهي، تن کي خيال هوندو ته سکر بئراج چالو ٿيڻ بعد سنڌ جا بيابان باغ بوستان بڻجي ويا هوندا، پر آءٌ انهن کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته حقيقت ائين نه آهي. ان بئراج ڪري پاڻ نوان مسئلا پيدا ٿي پيا آهن. پهريان ته بئراج بلي ورتل قرض جي لاهڻ جو مسئلو آهي. اهو قرض ان وقت کنيل هو، جڏهن سنڌ بمبئيءَ جي صوبي جو هڪ حصو هئي. سنڌ جي جدا ٿيڻ کان پوءِ ٻنهين جي وچ ۾ انصاف سان حساب ڪتاب جي صفائي ڪانه ٿي، پاڻ ان قرض جو سارو بار لاهي سنڌ جي آبادگارن تي وڌو ويو ۽ ڪو ويچار ڪونه ڪيو ويو ته بئراج بعد مرڪزي سرڪار جي پنهنجيءَ (سنڌ مان) آمدنيءَ ۾ ڪيترو واڌارو ٿيو آهي (آنهن محڪمن جي ذريعي جن جي آمدني سڌيءَ طرح مرڪزي سرڪار پئي کٽي). ان کان سواءِ بئراج اسڪيم ۾ ڪيترين فني گهٽتايون پڻ رهجي ويل هيون، جن کي هاڻي (وڏي خرچ سان) پورو ڪرڻو پيو پوي. انهن گهٽتاين جي اڃا چڪاس به پوريءَ طرح ڪانه ٿي آهي، جنهن مان پتو پئجي سگهي ته انهن کي رفع ڪرڻ تي

سنڌ کي ڪيترو خرچ ڪرڻو پوندو ۽ ڪهڙيون ڏير ڦاريون ڪرائڻيون پونديون. ان اپراند في ايڪڙ ڪيترو پاڻي کپندو، تنهن جي باري ۾ به براج ٺاهيندڙن انجنيرن جي اڳ ڪٿين ۾ گهڻيون غلطيون نڪتيون آهن، جنهن ڪري پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ جي شڪايت عام ٿيندي پئي وڃي.

”هاڻي اوهان جو ڌيان آءٌ هڪ اهڙي خاص مسئلي ڏانهن ڇڪايان ٿو، جنهن جي پيدا ٿيڻ ڪري سنڌ جي آبادڪارن ۾ اڄ ڪالهه گهڻي بي آرامي پيدا ٿي آهي. اهو مسئلو (سنڌ جي الله بخش وزارت طرفان) ڍلن ۾ تازو ڪيل واڌاري جو آهي (يعني تازو ڍلن وڌائڻ جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي). نئين منصوبي جا ٣ حصا آهن :-

(١) سلائيڊنگ اسڪيل (Sliding Scale) جو طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي، جنهن هيٺ اڻ پيدا ڪندڙ اراضيءَ جي ڍل ۾ (ڦٽين جي وقتي اڳهه پٽاندر) گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جو دستور رائج ڪيو ويندو.

(٢) گهٽ پيداوار ڪندڙ اراضيءَ جي ڍل ۾ به اضافو ڪيو ويندو.

(٣) هر قسم جي پوک تي ڍل وڌائي ويندي.

”اهو منصوبو، ڪيترن سببن ڪري، سنڌ جي ماڻهن کي نامنظور آهي. سلائيڊنگ اسڪيل جو طريقو سنڌ ۾ اڳ کان به رائج ڪونه رهيو آهي. ان کان سواءِ سلائيڊنگ اسڪيل جي اصطلاح به غلط آهي، ڇو ته آن هيٺ ڍلون وقت بوقت (ڦٽين جي اگهن چڙهڻ ڪري) وڌائي ته سگهبيون پر (اگهن جي ڪرڻ واريءَ صورت ۾) گهٽائي نه سگهبيون! جن زمينن مان اهو طريقو لاڳو ڪيو ويندو، اڃا تائين انهن جا ڪلاس به متعين ڪونه ڪرڻ ۾ آيا آهن ۽ نه وري انهن مان ٿيندڙ پيداوار جو ڪو صحيح تخمينو لڳايو ويو آهي.

”منصوبي سان تعلق رکندڙ باقي ٻه ڳالهيون سنڌ جي اسيمبليءَ آگسٽ ١٩٣٧ع ۾ اڳ ۾ ئي رد ڪري ڇڏيون هيون ۽ انهن کي رد ڪرڻ ۾ سنڌ جو موجوده وزير اعلي (خان بهادر الهه بخش) پاڻ به شريڪ هو.

”ڏلن واري ان منصوبي جي سامهون اچڻ بعد (جنهن تي عوام جي شديد مخالفت جي باوجود هينئر عمل ٿيڻو آهي) سنڌ ۾ ٿيندڙ واقعات تمام افسوسناڪ آهن. هتان جي ڪانگريس جي روش سان اڻين پيو معلوم ٿئي ٿو هوءَ ڪانگريس نه پر مهاسڀا آهي. ساڳي طرح موجوده سنڌ وزارت جي هلت به حد درجي قابل نفرت آهي. اها وزارت قائم هن طرح ٿي هئي ته ٻه مسلمان وزير(١) ”يونائيٽيڊ پارٽي“ جا هئا، جيڪي پنهنجي ان پارٽيءَ ڏانهن جوابده هئا. پر جيڪو سلوڪ انهن وزيرن پنهنجيءَ پارٽيءَ سان ڪيو آهي، تنهن جو مثال جمهوريت جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. پهريان ته هنن پارٽي سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ ڏلن وڌائڻ جو منصوبو ٺاهيو. ان کان پوءِ جڏهن پارٽيءَ ڪائن گهُر ڪئي ته ان منصوبي کي ٻارهن مهينن لاءِ ملتوي ڪيو وڃي ته اها ڳالهه به ڪانه مڃيائون، حالانڪ التوا واري ان مطالبي ٽيڻ وقت وزير پاڻ به ان ميٽنگ ۾ موجود هئا ۽ ان مطالبي جي فائدي ۾ نظر ٿي آيا. انهن وزيرن آخر ۾، ڏاڍائي ڪري ۽ پنهنجي ضمير جي آواز کي ٺُڪرائي ڏلن وڌائڻ

(١) اهي ٻه مسلمان وزير هئا: خان بهادر الهه بخش مرحوم ۽ پير الاهي بخش مرحوم، ساڻن ٽيون هندو وزير ديوان نهچلداس هو. وزارت ۾ ڪل اهي ٽي وزير هئا. اها وزارت، جيڪا صوبي جي جدائيءَ کان پوءِ سنڌ جي ٻي وزارت هئي، مارچ ١٩٣٨ع ۾ سر غلام حسين جي وزارت کي ڪيرائي قائم ڪئي وئي هئي. ان وزارت ٺاهڻ ۾ مسلمانن جي يونائيٽيڊ پارٽي ۽ ڪانگريس پارٽي شريڪ هيون.

جي منصوبي کي عمل ۾ آڻي ڇڏيو. پارٽيءَ، سندن ان باغيانه قدم جي پيش نظر، ڪانئن استعفا جي گهر ڪئي، پر هنن وزارت مان استعفا ڏيڻ بدران پاڻ پارٽي کان استعفا ڏئي ڇڏي. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين شديد ناراضگي پيدا ٿي وئي، پر وزيرن ان جو ڪو اثر قبول ڪونه ڪيو.

”انهن ڪارگذارين ۾ ڪانگريس پارٽيءَ کهڙو ٻهرو ورتو، ان جي باري ۾ به ڪجهه احوال پڙهو. مثلاً سنڌ اندر ڪانگريس پارٽيءَ پاڻ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هيءُ ثابت ڪيو اٿائين ته کيس نه پنهنجن اصولن جي پرواهه آهي، نه پنهنجن اڳ جي ڪيل اعلانن جي، ۽ نه ئي پنهنجي روش ۾ ربط پيدا ڪرڻ جي.

”جنهن وقت ڏلن جي سوال تي بحث هلي رهيو هو، ان وقت ڪانگريس پاڻ ڏلن وڌائڻ جي مخالفت پئي ڪئي. ان مخالفت ۾ مسٽر جيرامداس دولترام، جيڪو سنڌ طرفان مرڪزي ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ جو ميمبر آهي، پڻ شريڪ هو. ڪانگريس ان مضمون جا ٺهراءَ پاس ڪيا ۽ وزيرن ڏانهن تارون موڪليون ۽ ان تجويز تي ملامت جو اظهار ڪندي ان کي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو. سنڌ جي موجوده وزارت کي ڏاهڻ يا ٿاهڻ جي معاملي ۾ ڪانگريس کي وڏي قوت حاصل هئي. اها وزارت ٺهي ئي هئي ڪانگريس پارٽيءَ جي پٺڀرائيءَ جي آڌار تي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪانگريس پارٽي پنهنجن اصولن ۽ اعلانن تي ثابت قدم رهي ها ته وزارت کي ڪا مجال ئي ڪانه هئي ته هوءَ عوام جي راءِ کي ريتي ڏلون وڌائي ها.

”ذرا تاريخن تي غور ڪريو (۽ ڪانگريس جي ڦيرين گهيرين ۽ ڦڙتين کي ڏسو):

- وزارت ڏلن وڌائڻ جو حڪم ۱۵ جولاءِ تي جاري ڪيو.

- ٻئي ڏينهن ڪانگريس، بہ طور اعتراض، وزارت جي پٺڀرائي (Support) ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.
- ٢١ تاريخ جولاءِ جو وزارت ڪانگريس پارٽيءَ سان ڳالهيون شروع ڪيون. ڪانگريس پارٽيءَ وزيرن کي چيو تہ ٢٣ جولاءِ کان اڳ وزارت ڏلن وڌائڻ واري فيصلي کي روڪڻ جو اعلان ڪري، ورنہ ڪانگريس عدم اعتماد واري ٺهراءُ (جيڪو اسيمبليءَ اڳيان پيش ٿي چڪو هو) تي وزارت جي خلاف صحيحون ڏيندي.
- وزارت ڪانگريس جي چوڻ موجب اهڙو اعلان ڪونہ ڪيو، جنهنڪري ٢٥ جولاءِ جو ڪانگريس ميٽنگ ڪري وزارت کي، سنڌس غير آئيني ۽ خراب هلت ڪري، سخت ننديو ۽ سنڌس خلاف ملامت جي ووٽ تي صحيح ڪرڻ جو اراد و ڏيکاريو، ان شرط سان تہ جيڪا نئين وزارت ٺهندي سا ڏلن واريءَ رٿ کي سال لاءِ واپس وٺڻ جو عهدنامو ڪندي.

"ظاهري طور، ڪانگريس پارٽي جي ان آخري ۽ حتمي فيصلي بعد ڪنهن لاءِ بہ وهم ۽ گمان جي گنجائش ڪانہ رهي هئي تہ هوءَ، محض فرقہ پرستيءَ جي خيال سان، ايترو جلد پنهنجي اهڙي فيصلي تان ڦري ويندي. مگر ٿيو ڇا؟ پهريان ڪانگريس اسيمبليءَ ۾ مخالف پارٽيءَ سان عهدنامو ڪيو تہ موجوده وزارت جي ڊهڻ واريءَ صورت ۾ هوءَ ڪابہ وزارت ڪانہ ٺاهيندي، بشرطيڪ ڏلن وڌائڻ وارو فيصلو اڳوات واپس ورتل نہ هوندو. پر پوءِ اسان جي تعجب جي ڪا حد ڪانہ رهي، جڏهن معلوم ٿيو تہ ڪانگريس وارا ان کان پوءِ بہ الهہ بخش وزارت سان مخفي طرح ڳالهيون پيا هلائن ۽ آخر هن ڳالهہ تي پاڻ ۾ ٺاهہ ڪري ڇڏيو اٿائون تہ وزارت فقط سلائڊنگ اسڪيل واري حصي کي

ٻارهن مهينا ملتوي ڪندي، مگر منصوبي جي باقي ٻن حصن تي ڪيل فيصلي موجب عمل قائم رهندو.

”ڪانگريس جي ان ٻه-چاپڙائيءَ ۽ منافقيءَ سبيان ساري سنڌ مان ڪانگريس تي لعنت ملامت وسڻ لڳي ۽ سنڌ منجهه سنڌن پارٽيءَ جا پير اکڙي ويا. ان نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ جي ڪانگريس وارن سردار ولڀ ڀائي پٽيل ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد کي سنڌ ۾ گهرايو. جناب پٽيل ڪراچيءَ ۾ پهچندي ئي ٻئي ڏينهن تي، ٻنا ٻئي طرف کي ٻڌي، ۽ ٻنا ڪنهن سبب جي، سنڌ جي مسلمانن خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو. جلد ابوالڪلام آزاد به هت پهتو ۽ ان ڪان پوءِ سنڌ جي پنهنجي ذريعن سان سنڌن ڳالهيون هليون. آخر فيصلو اهو ٿيو ته جيڪڏهن سنڌ جي وزارت ڏلن وارو منصوبو واپس نه ٿي وٺي ۽ سنڌس خلاف عدم اعتماد جي رٿ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿئي ٿي ته ڪانگريس پارٽي نيوٽرل رهندي. ڪانگريس جو اهو فيصلو به هڪ لحاظ کان اڻ وڻندڙ هو. ڪانگريس کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڏهه سيٽون هيون ۽ سنڌس نيوٽرل رهڻ جي اها معنيٰ ٿي ٿي ته ڏلن جهڙي نازڪ سوال تي به سنڌ جا اهي ڏهه ٽڪا به راءِ ڏئي نه سگهندا. ان کان سواءِ سنڌ جي جنهن وزارت اهڙيون غير آئيني حرڪتون ڪيون هيون، ان کي جوڳي سزا ڏيڻ واري پهلوءَ کي به نظرانداز ڪيو ويو هو، حالانڪ ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ-جي پنهنجي راءِ به اها هئي ته وزارت جي هلت قابل اعتراض رهي هئي.

”اصل ۾ سچي ۽ بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪانگريس انهن ورن وڪڙن ڪائڻ سان، اڻ سڌيءَ طرح، موجوده غلط ڪار وزارت کي قائم رکڻ گهري ٿي. ڪانگريس جي 'فرض فراموشي' ظاهر ٿي چڪي آهي. موجوده وزارت جڏهن کان قائم ٿي آهي، اسيمبليءَ جو اجلاس ڪونه سڏايو

اٿائين (سواءِ پندرهن ڏينهن جي، ڇڏهن مٿي مهيني ۾ هڪ ٽڪڙو اجلاس سڏايو هئائين). اسيمبليءَ جي ايجنڊا تي ۱۰۸ بل، سوين ٺهرائن جا نوٽس ۽ هزارين سوال چڙهي چڪا آهن. مخالف ڌر جي اڪواڻ، وزارت خلاف عدم اعتماد جي ٺهراءَ جو نوٽيس پڻ موڪلي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ چاڙايو اٿائين ته. ڪانگريس جي نيوٽرل هجڻ واري اعلان کان پوءِ وزارت کي اسيمبلي اندر اڪثريت جي حمايت حاصل ڪانه رهي آهي، ۽ جنهن صورت ۾ باقي ميمبرن جي اڪثريت مخالف ڌر جي حامي بڻجي چڪي آهي، تنهن صورت ۾ اسيمبليءَ جو اجلاس هڪدم سڏائي هڪ نه هڪ فيصلو وٺڻ گهرجي. انهن حالتن هيٺ هاڻي وزارت جو ڪهڙ حمايتن کان خالي ٿي چڪو آهي. ڪنهن به پارٽيءَ جي سپورٽ ڪيس حاصل ڪانه رهي آهي. وزارت فقط انگلن تي پنهنجو گذارو پئي ڪري. ان قسم جي وزارت کي وڌيڪ وقت چالو رکڻ آئيني جمهوري اصولن سان هاجي ڪرڻي آهي.

”آءٌ ڪانگريس کان پڇڻ گهران ٿو ته هوءَ ان باري ۾ هيئنر ڇا ڪرڻ گهري ٿي؟ موجوده وزارت کان اڳ واري دور ۾ ڪانگريس کي هر وقت انتظار لڳل رهندو هو ته اسيمبليءَ جا اجلاس ٽڪڙا ٽڪڙا سڏايا وڃن. ڇا هوءَ هيئنر سنڌ جي گورنر تي زور آڻڻ لاءِ تيار آهي ته اسيمبليءَ جو اجلاس هڪدم ڪوٺايو وڃي ۽ سنڌ جي صوبي کي هاڻوڪيءَ وزارت جي تباهه ڪارين کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي؟

”ڪانگريس لاءِ رستو ڪيتريقدر به صاف ۽ سڌو ڇو نه هجي، پر هوءَ ان تي بنه ڪانه هلندي. ڪانگريس کليو کلايو هندن جي جماعت آهي، هوءَ هر حال ۾ هاڻوڪيءَ وزارت کي قائم رکڻ گهري ٿي ڇو ته هندو مهاسڀا وارا وزارت جي پٺڀرائي ڪري رهيا آهن ـ مهاسڀا وارن جي مراد اها آهي ته هو ان وزارت ذريعي سنڌ جي مسلمانن کي تباهه ۽ برباد

ڪرائي ڇڏين. ان سازش ۾ ڪانگريس به ساڻن شامل آهي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو هوءَ پنهنجن مڙني نام نهاد اصولن ۽ اعلانن تان ڦرندي رهي آهي.

”پر، هڪ ڳالهه چٽي ٿي آهي، يعني سنڌ ۾ هيمر ڪانگريس اکاڙي ٿي پئي آهي ۽ پنهنجي تابوت ۾ آخري ڪلي ٺوڪي چڪي آهي.

عام هندن کي تسلي: هن خطبي کي ختم ڪرڻ کان پهريان آءٌ سنڌ جي هم وطن هندن کي مشوري طور هيءُ چوڻ گهران ٿو ته هن صوبي جي ترقي تيڏ اوستائين مشڪل رهندي جيستائين سنڌن اها ڪوشش هوندي ته هو مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، هڪ اهڙيءَ وزارت جي ذريعي پنهنجو راڄ قائم ڪن جيڪا وزارت پنهنجي ولر کان وچڙي خود پنهنجي مسلمان قوم ۾ نفرت ۽ ملامت جو نشانو بڻجي چڪي آهي. فرقه پرستيءَ مان، آخرڪار، ڪنهن به قوم يا فرقي کي فائدو ڪونه پهچندو آهي. انساني حياتيءَ جي وڏن مسئلن کي ڏاڍيلن وارن طريقن سان حل ڪري ڪونه سگهجي. ملڪ جي سياسي زندگيءَ کي صاف ۽ آئيني اقدارن کي هر حال ۾ ملحوظ رکڻ جڳائي. انهن اصولن تي جيڪو فرقو عمل نه ڪندو، سو گويا ساري ملڪ سان دشمني ڪندو.

”پنهنجي پاران آءٌ سنڌ جي هندن کي تسلي ڏيڻ گهران ٿو ته جيڪڏهن مسلم ليگ پاور ۾ آئي ته هوءَ هندن ۽ ٻين اقليتن جي حقن جي اهڙي ئي تندهي ۽ ايمانداريءَ سان حفاظت ڪندي، جهڙي مسلمانن جي حقن جي. ان باري ۾ ڪين ڪا تشويش نه هجڻ گهرجي، حتاڪ ان صورت ۾ به جيڪڏهن هو موجوده وزارت، جنهن جا مسلمان مخالف آهن، جي اڃا به پٺڀرائي ڪندا رهندا. انتقام ۽ بدلو وٺڻ مسلم ليگ جي اصولن جي خلاف آهي. ان يقين ڏيارڻ کان پوءِ آءٌ البته ڪين هيءُ به چوندس ته هو موجوده وزارت جي باري ۾

پنهنجي روش تي نظرثاني ڪن. آخر ڪيستائين هاڻوڪيون شڪي حالتون ۽ بي اعتباري ۽ ڪشمڪش جي ڪيفيت جاري رهندي؟ ڇا هو سمجهن ٿا ته انهن طريقن اختيار ڪرڻ سان هو صوبي جي ماڻهن سان ڀلائي ڪري رهيا آهن؟

”خطبي جي پڇاڙيءَ ۾ آءُ اوهان صاحبن جي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي غرض سان ڪجهه نُڪتا پيش ڪريان ٿو:

(١) سنڌ جا مسلمان پسمانده آهن ۽ سندن اها پسماندگي اوستائين ڪانه وينديي، جيستائين هاڻوڪي وزارت برسراقتدار رهندي، جنهن جي ٣٥ مان ٢٦ مسلمان ميمبر مخالفت ڪري رهيا آهن؛

(٢) هندن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري هيءَ پاليسي اختيار ڪئي آهي ته موجوده اڻ وڻندڙ وزارت کي هو هر حال ۾ قائم رکيون ايندا؛

(٣) ڪانگريس پاڻ کي وزارت جي معاملي ۾ نيوٽرل ظاهر ڪري صوبي کي نقصان پهچائي رهي آهي؛

(٤) سنڌ جو گورنر اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي فيصلي ڪرائڻ لاءِ تيار نه آهي، باوجود هنن ڳالهين جي ته:

(الف) موجوده وزارت کي يونائيٽڊ پارٽي، جنهن سان هن جي وابستگي هئي، رد ڪري چڪي آهي. ڪانگريس پارٽي به ووٽ جي باري ۾ نيوٽرل رهڻ جو فيصلو ڪيو ٿو ڏسجي.

(ب) گورنر جي اها روش ۽ موجوده وزارت جو اڃا به قائم رهڻ ١٩٣٥ع واري آئين جي خلاف آهي ۽ پڻ انهن هدايتن جي جيڪي بادشاهه وٽان Instrument of Instructions جي ذريعي گورنر کي ڏنل آهن.

(ج) اپوزيشن جي ليڊر وزارت جي خلاف عدم اعتماد
جي ٺهراءَ جو نوٽيس گورنر ڏانهن موڪلي
ڏنو آهي (پر گورنر پنهنجن خطن ۾ ان اطلاع
جو ڪو حوالو به ڪونه ٿو ڏئي.)

(د) اسيمبليءَ جو ڪيترو پيو ڪم به اجلاس نه
سڏجڻ ڪري رُڪيو پيو آهي.

(ھ) موجوده وزارت جي اچا ئي قائم رهڻ ڪري
سنڌ جي انتظام جي حالت ابتر ٿي رهي آهي.

”اهو آهي اختصار انهن مسئلن جو، جيڪي هن ڪانفرنس جي اڳيان مختلف ٺهرائن جي صورت ۾ پيش ٿيندا ۽ اوهان کي انهن جي باري ۾ اسان جي رهنمائي ڪرڻي پوندي.

”خطبہ استقباليہ کي ختم ڪرڻ کان اڳ آءٌ انهن ساٿين جو شڪريو ادا ڪرڻ گهران ٿو، جن هن ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. مثلاً شيخ عبدالمجيد، سر غلام حسين هدايت الله، مسٽر گزدر، مسٽر جي- ايم- سيد، ملڪ عبدالعزيز، خان بهادر کهڙو، مسٽر ايم- اي- خالق، مسٽر غلام علي خان، مولانا ثناءالله، مولوي حقاني، سيد ايم- اسلم، مسٽر آغا، حاجي عبدالعزيز، مسٽر يوسف هارون، ۽ سيد علي محمد راشدي (ڪانفرنس جو جنرل سيڪريٽري) ۽ ٻيا اهي حضرات، جن هن باري ۾ وڏي محنت ڪئي آهي ۽ وڏي تڪليف برداشت ڪئي آهي.“

* * *

مٿين خطبي جو هيءُ ٽڪر اڄ غور ڪرڻ جي قابل آهي، ڇو ته اُن سان ظاهر ٿئي ٿو ته حاجي عبدالله هارون جي نگاهہ ڪيتري قدر نه دوررس هئي:

”آءٌ هن موقعي جو فائدو وٺندي، وري به هڪ ڀيرو اڪثريت واريءَ قوم (هندن) کي اپيل

ڪريان ٿو تہ هوءَ اسان جي صبر جو وڌيڪ امتحان نہ وٺي. اسان اڳ ۾ ئي ان منزل تي پهچي چڪا آهيون جتان اسان جا رستا جدا ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن اسان جي حقن ۽ مطالبن جو مسئلو حل نہ ٿو ڪيو وڃي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت هندستان کي ”هندو هندستان“ ۽ ”مسلم هندستان“ ۾ ڪٽجي ورهائجي وڃڻ، ۽ ٻن جدا جدا فيڊريشنن هيٺ رهڻ کان روڪي ڪانہ سگهندي.“

حاجي صاحب هندن کي اها سمجهاڻي يا تنبيه آڪٽوبر ۱۹۳۸ع ۾ ڏني، پر هندن سندس ڪا ڳالهہ ڪانہ ٻڌي. پاڻ هر محاذ تي مسلمانن کي وڌيڪ تنگ ڪرڻ جون ڪوششون جاري رکندا آيا. سنڌ ۾ تہ خاص طرح سان، مسلمانن کي چيڙائڻ ۽ زير ڪري ڪين پنهنجي طاقت ڏيکارڻ جي نيت سان، الله بخش مرحوم جي وزارت سان چنبڙيا رهيا، جنهنڪري سنڌ جي مسلمانن کي، منجهانئن پنهنجي جند ڇڏائڻ خاطر هندستان کي ورهائڻ ۽ مسلمانن جي علائقن کي جدا ڪرائڻ لاءِ، سُتت ئي جيڪا تحريڪ شروع ٿي تنهن ۾، اندر جي ٻاهہ ڪان، وڏو ۾ وڏو حصو وٺڻو پيو.

ان ساري قصي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ آڪٽوبر ۱۹۳۸ع (جڏهن حاجي صاحب هندن کي اها تنبيه ڏني) کان پوءِ جا ٿيل واقعا مختصر طرح، هت ڏئي ڇڏجن:

(۱) آڪٽوبر ۱۹۳۸ع ۾ حاجي صاحب اها تنبيه هندن کي ڏني، پر مٿن اثر ڪونہ ٿيو. پاڻ حاجي صاحب تي هندو اخبارن گارين جا ڏوڙيا وسائڻ شروع ڪيا ۽ سندس باري ۾ لکيائون تہ هو (حاجي صاحب) ڪٽر فرقہ پرست آهي ۽ هندستان کي ٽڪر ٽڪر

ڪرڻ ۽ پاڪستان آڻڻ جا منصوبا بڻائي رهيو آهي.(١) هندن ان پروپيگنڊا جي دوران ۾ پاڻهرتو "پاڪستان" جو نالو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. حالانڪ انهن ڏينهن تائين اهو نالو مسلم ليگ جي پليٽفارم تان ڪڏهن به ڪونه ڪنيو ويو هو.

(٢) حاجي صاحب هندن جي اها ضدي ۽ منفي ذهنيت ڏسي ۽ منجهانئن نا اميد ٿي، هندستان جي تقسيم ۽ مسلمانن جي اڪثريت وارن صوبن کي هندستان کان جدا ڪرائڻ لاءِ هڪدم پنهنجي متي ٿورو گهڻو ميدان هموار ڪرڻ شروع ڪيو.

(٣) ١٩٣٨ع جي پڇاڙيءَ ۽ ١٩٣٩ع ۾ مسلمان نمايندن جا خيرسگالي وفد(٢)، پنهنجي خرچ تي، هندستان جي مختلف صوبن ۾ راءِعامہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان روانا ڪيائين. جن صوبن ۾ مسلمان گهٽائيءَ ۾ هئا، اتان جي نمايندن جا وفد آنهن صوبن ۾ موڪليائين جت مسلمان ٿورائيءَ ۾ هئا، ساڳي طرح مسلمانن جي ٿورائي وارن صوبن جي نمايندن جا وفد گهرائي مسلمانن جي اڪثريت وارن صوبن ۾ انهن

(١) حاجي صاحب جي جواب ۽ مقابلي ۾ هندن خانبهادر الهه بخش کي آل انڊيا سياست ۾ به آندو ۽ سندس صدارت هيٺ دهليءَ ۾ 'آزاد ڪانفرنس' جو انتظام ڪري-- جنهن ۾ ڪانگريسي خيال جي مسلمانن جون بيون جماعتون به شريڪ ٿيون- حاجي صاحب ۽ ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس جي تجويزن جي مخالفت ڪرائي (آخر ١٩٣٩ع).

(٢) انهن وفدن مان هڪ وفد جي فوٽو لاءِ ڏسو ڪتاب "اسٽرگل فار انڊيپنڊنس فوٽوگراف آلبم"، بيورو آف نيشنل ريڪنسٽرڪشن، گورنمينٽ آف ويسٽ پاڪستان، مطبوعہ مارچ ١٩٧٠، صفحو ٦٨.

جو گشت ڪرايائين. (هيءُ قصو قرارداد لاهور جي پاس ٿيڻ ڪان ڏيڍ سال اڳ جو آهي.)(١)

(٤) صوبي پنجاب جي اهميت ۽ خاص حالتن جي پيش نظر(٢) حاجي صاحب اتاهون جي حالتن جي مطالعي لاءِ مون کي اوڏانهن موڪليو. منهنجي رپورٽ

---

(١) انهن ڪارگذارين ڪان حاجي عبدالله هارون بروقت حضرت قائداعظم کي واقف ڪندو ٿي رهيو. قائداعظم رحه ڏانهن ان باري ۾ لکيل سندس خط نيشنل آرڪائوز ۾ اڄ تائين محفوظ آهن ۽ انهن جا اوتو اسٽيٽ آرڪائوز مان ورتل مون وٽ به موجود آهن. مثال لاءِ ڏسو حاجي صاحب جو قائداعظم ڏانهن خط مورخه ٢٢ اپريل ١٩٣٩ع (آرڪائوز جو نمبر F 48/11 - عبدالله هارون جي قائداعظم مان لکپڙهه جو فائيل.)

(٢) مثال لاءِ پڙهو ملڪ برڪت علي صاحب جو خطبو، جيڪو هن ١٩٣١ع واريءَ لاهور جي ”پنجاب نيشنلسٽ مسلم ڪانفرنس“ جي صدر استقباليه جي حيثيت ۾ پڙهيو هو. اهو خطبو پٺي ڪنهن هندان هٿ اچي تہ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي ١٩٤١ع ۾ ڇپايل ڪتاب Thoughts on Pakistan جي صفحن ٣٢٥ کان ٣٢٧ تي پڙهي ڏسجي. ملڪ صاحب اهو خطبو علامہ اقبال رحمة الله عليہ جي الله آباد واري خطبي (١٩٣٠ع ۾) کان هڪ سال پوءِ يعني ١٩٣١ع ۾ خود لاهور ۾ (جڏهن تہ علامہ صاحب رحہ خود بہ زنده ۽ لاهور ۾ موجود هو) ۾ پڙهيو هو ۽ خطبي ۾ علامہ اقبال رحہ جي الله آباد وارن ارشادات ڏانهن بہ اشارا نظر اچن ٿا، جيڪي پڙهڻ جهڙا آهن. اهو خطبو ڪتاب Indian Annual Register سال ١٩٣١ جلد ٢، صفحو ٢٣٤ ۽ ٢٣٥ ۾ بہ موجود آهي. ملڪ برڪت علي مرحوم ١٩٣٦ع کان آل انڊيا مسلم ليگ جو سرگرم ليڊر هئو ۽ ڪيترن سالن تائين قائداعظم جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو بہ ميمبر رهيو.

جي بنياد تي حاجي صاحب فارين اينڊ انلنڊ پبلسٽي ڪميٽي (جنهن جو ذڪر هن هيٺ ايندو) ڪان ١٢ جون ١٩٣٩ع (١) جو قائداعظم رحه جي خدمت ۾ سفارش موڪلرائي ته آل انڊيا مسلم ليگ جو ايندڙ سالانه اجلاس پنجاب ۾ سڏايو وڃي. اجلاس جي انتظام ۾ مقامي ڪارڪنن سان تعاون لاءِ جون ١٩٣٩ع کان پوءِ سنهنجو هيڊڪوارٽر لاهور ۾ ڪرايائين، جت سان نواب سر شاهنواز خان ممدوٽ مرحوم سان اجلاس ختم ٿيڻ واري وقت تائين شريڪ ڪار رهيس. اهو اجلاس مسلم ليگ جو آهو تاريخي اجلاس ثابت ٿيو، جنهن ۾ قرارداد لاهور (جا بعد ۾ قرارداد پاڪستان جي ٽائٽل سان مشهور ٿي) ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع جو پاس ٿي. منهنجي هيڊڪوارٽر (جنهن ۾ آفيس، رهائش جي جاءِ ۽ ڪافي عملو شامل هو) جو سارو خرچ حاجي صاحب پنهنجي پرڀو ۽ اجلاس متعلق تقريباً سارو ڪم مون وٽ ٿيندو رهيو.

(٥) مٿي ذڪر ڪيل وفدن جي انتظام کان سواءِ حاجي صاحب ٻه ٻيا قدم به کنيا: هڪ ته آل انڊيا مسلم ليگ کان (ڊسمبر ١٩٣٨ع ۾) ٺهراءُ پاس ڪرائي مسلم ليگ پاران ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ساريءَ پروپيگنڊا جو ڪم پنهنجي هٿ ۾

(١) فارين ڪميٽي جي اها ميٽنگ ١٢ جون ١٩٣٩ع جو لاهور ۾ ٿي. آن جي ڪارگذاريءَ ۾ اها سفارش موجود آهي. ميٽنگ ۾ هيءُ صاحب شريڪ ٿيا: حاجي عبدالله هارون، نواب سر شاهنواز ممدوٽ، پروفيسر عبدالستار خيري، سيد سجاد حيدر يلدرم، مسٽر اخترحسين ايم. ايل. سي (لکنو) ۽ سيڪريٽري علي محمد راشدي.

ڪنيائين. ان ڪم لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪرايائين، جنهن جو پاڻ چيئرمن ٿيو. خرچ سمورو پاڻ تسي هموار ڪيائين.

(٦) ان ڪميٽيءَ تي نالو پيو "فارين اينڊ انلنڊ پبلسٽي ڪميٽي" (Foreign&Inland Publicity Committee) جا پوءِ عام طرح فارين ڪميٽي سڏجڻ لڳي. ان ڪميٽي(١) ٺهڻ شرط حاجي صاحب ڪميٽيءَ کان هڪ ٺهراءُ پاس ڪرائي هڪ سب ڪميٽي(٢) ٺاهي، جنهن جي سپرد هيءُ ڪم ٿيو ته هوءَ ملڪ جي تقسيم کي ممڪن العمل ثابت ڪرڻ لاءِ مختلف تجويزن ۽ ضروري مواد جو جائزو وٺي، هڪ جامع ۽ مدلل اسڪيم تيار ڪري، جنهن اسڪيم جي ذريعي هڪ طرف آل انڊيا مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ کي ۽ ٻي طرف انگريزن ۽ باقي دنيا کي هن اصول جو قائل ڪري سگهجي ته تقسيم برصغير ۽ مسلمان علائقن جي علحدگي قابل عمل رٿائون آهن. ان سب ڪميٽيءَ جون ميٽنگون سارو سال (١٩٣٩) هلنديون رهيون ۽

---

(١) ڪميٽيءَ جا ميمبر هئا: حاجي عبدالله هارون (چيرمن)، نواب سر شاهنواز ممدوٽ، سردار اورنگزيب خان ۽ راجا محمودآباد. ڪميٽيءَ کي اختيار ڏنل هو ته هوءَ پاڻ وڌيڪ ميمبر به کڻي سگهي ٿي. ان اختيار هيٺ ڪميٽيءَ علي محمد راشديءَ کي ميمبر ۽ سيڪريٽري ڪري پاڻ سان شامل ڪيو.

(٢) ان سب ڪميٽيءَ جا ميمبر هئا: حاجي عبدالله هارون (چيئرمن)، مولانا غلام رسول مهر ايڊيٽر انقلاب لاهور، نواب سر شاهنواز آف ممدوٽ، مسٽر رضوان الله ايم- ايل- اي (لکنو) ڊاڪٽر افضال حسين قادري (عليگڙه)، ڊاڪٽر سيد عبداللطيف (حيدرآباد دکن)، چوڌري اختر حسين ايم- ايل- سي (لکنو)، مسٽر اي- پنجابي (لاهور) ۽ سيد علي محمد راشدي (سنڌ) سيڪريٽري. (پڇاڙيءَ ۾ رپورٽ متعلق سارو ڪم مولانا مهر ۽ علي محمد راشديءَ ڪيو.)



پاڪستان جي اسڪيم تي غور لاءِ ڪاميٽيءَ جو اجلاس

فيبروري ١٩٤٠ع ۾ حاجي صاحب بحيثيت چيئرمن جي، آل انڊيا ليگ هاءِ ڪمانڊ اڳيان Interim (١) رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ چاٽايائين تہ هاڻي مسلم ليگ کي مسلمانن لاءِ علحده رياست حاصل ڪرڻ متعلق مطالبو پيش ڪري ڇڏڻ گهرجي. رپورٽ ۾ اهو بہ لکيائين تہ فارين (۽ انلنڊ پبلسٽي) ڪميٽي هڪ سب ڪاميٽي ناهي آهي، جيڪا ان باري ۾ مفصل Feasibility رپورٽ جلد مرتب ڪندي (٢).

---

(١) حاجي عبدالله هارون اها رپورٽ ٢ فيبروري ١٩٤٠ع جو هاءِ ڪمانڊ کي موڪلي ۽ ان جو اصل قائداعظم رحہ جي ڪاغذن ۾ موجود آهي، جيڪي هينئر اسلام آباد جي نيشنل آرڪائوز ۾ محفوظ آهن. هن رپورٽ تي آرڪائوز جو نمبر آهي (عبدالله هارون سان لکپڙه) F 96/70- آرڪائوز وارن وٽان ان دستاويز جو فوٽو اسٽيٽ وٺي مون پاڻ وٽ بہ سوگهو ڪيو آهي. ان تان نہ رڳو هن ڳالهہ جي تصديق ٿئي ٿي، نظريہ پاڪستان جي فطري ارتقا جي تاريخ کي محقق کي لکڻي پوي ۽ سندس اهڃ ڪان اڳ ٿي آهي ڪاغذ هيٺ مٿي ٿي وڃن.

(٢) اها مڪمل رپورٽ قائداعظم رحہ ڏانهن ٢٣ ڊسمبر ١٩٤٠ع جو موڪلي وئي ۽ سندس ڪاغذن ۾ جنسي رپورٽ موجود آهي. آرڪائوز جو نمبر اٿس (عبدالله هارون سان لکپڙه)؛ F274/141- ان رپورٽ جو نقل ڪتابي صورت ۾ بہ ١٩٤٣ع ۾ لاهور مان شيخ محمد اشرف (ڪشميري بازار) وارن شايع ڪيو. ڪتاب، جنهن ۾ اها رپورٽ شايع ٿي، ان جو ٽائيٽل آهي The Pakistan Issue- ۽ سندس مولف آهي نواب نذير يارجنگ بهادر، حيدرآباد دکن جو. (مثال طور ڏسو، حاجي عبدالله هارون جي قائداعظم رحہ سان لکپڙه-جا ڪيترا خط اڃان نيشنل آرڪائوز ۾ موجود آهي- جيئن ان ڪميٽين جي ڪارگذاري ۽ سندن پيش ڪيل رپورٽون، ڪتابي صورت ۾ دنيا جي اڳيان اچن. انهن دستاويزن کي پيش نظر رکڻ کان سواءِ پاڪستان جي تصور جي ارتقا جي مڪمل، صحيح ۽ سچي تاريخ مرتب ٿي ڪانہ سگهندي، اهو مون کي يقين آهي.)

(۷) ايندڙ مارچ (۱۹۴۰) ۾ لاهور واري قرارداد آل انڊيا ورڪنگ ڪميٽي تيار ڪري، سالانه اجلاس کان منظور ڪرائي ۽ ان کان پوءِ تحريڪ پاڪستان زور شور سان هلي.

(۸) ۱۹۴۲ع جي اپريل مهيني ۾ حاجي صاحب پاڻ انتقال ڪري ويو، مگر سندس مچايل چڻنگ هڪ شعلي جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي ۽ ورندڙ پنجن سالن اندر ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. ڪاش، حاجي صاحب جيئرو هجي ها ۽ پنهنجي پوکيل سلي جو ثمر ڏسي سگهي ها.

* * *

ان قصي جو هڪ ٻيو پهلو به حيرت ۾ وجهندڙ آهي. مثلاً- جيڪڏهن الله بخش وزارت ڏلن ۾ ٿي رهڻي تي صرف ٻن-ٽن آنن جو اضافو نه ڪري ها ته سنڌ ۾ ممڪن ڪونه هجي ها؛ ڪانگريس (جنهن الله بخش وزارت جي مدد ڪئي) سان سنڌ جا مسلمان ناآميد ٿي، جوش ۾ اچي هندن خلاف آل انڊيا مسئلن ۾ ڪاهي ڪونه پون ها؛ ٿي سگهيو ٿي ته حاجي عبدالله هارون (۱) به آڪٽوبر ۱۹۳۸ع واري مسلم ليگ ڪانفرنس ٿي ڪونه ڪوٺائي ها ۽ مسلم ليگ جو سنڌ ۾ ڪو به خاص اثر پيدا ڪونه ٿئي ها؛ ٿي سگهيو ٿي ته هندستان جي ورهاڱي واري مطالبي جي ابتدا (ڪم از ڪم ان منزل تي) ڪانه ٿئي ها؛ ٿي سگهيو ٿي ته خود حاجي عبدالله هارون به ايڏي جوش سان سرڌڙ جي بازي ڪونه

---

(۱) ۱۹۳۸ع جي ڀڃڙيءَ تائين سنڌ ۾ مسلم ليگ بلڪل ٽالي خاطر هئي ٽڪلڪي ۽ ان جو "صدر" شيخ عبدالمجيد هو. حاجي عبدالله هارون ڪراچي ڪانفرنس ۽ سنڌ جي وزارتي بحران کان پوءِ ئي سنڌ مسلم ليگ جو صدر ٿيو ۽ ان جو ڪاروبار پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو.

لڳائي ها ۽ پنهنجي خرچ سان آهي ڪم ڪونه ڪري ها، جن جو ذڪر هيٺر ڪري چڪو آهيان(١)-- ۽ اهڙين حالتن ۾ امڪان ٿي سگهيو ٿي ته برصغير جي تاريخ ڪنهن ٻيءَ طرح ٿئي ها ۽ شايد ته هندن کي سنڌ سان ٻنهي لاءِ ٿڏٿون ڪونه پوي ها. اهي سڀ امڪاني ڳالهيون هيون، امڪان جي حدن کان ٻاهر ڪونه هيون. آخر ٿيو آهو، جيڪو مولا کي منظور هو. سنڌس لک احسان جو اسان مسلمانن کي هڪ آزاد رياست پاڪستان عطا فرمايائين.

بهرحال سياست جي دنيا ۾ ننڍين ڳالهين مان ڳالهوڙا ٺهيو پون.

* * *

حاجي عبدالله هارون جي باري ۾ ڪجهه واقعات پڙهو:

حاجي صاحب ۽ آءٌ مسلم ليگ جي ڪم سان دهليءَ ۾ رهيل هئاسون، ٢٠-ونڊسر پئليس ۾، جيڪا حاجي صاحب جي رهائش جي جاءِ هئي ۽ اسيمبلي ميمبر جي حيثيت ۾ ڪيس سرڪار طرفان الاٽ ٿيل هئي. آت فبروري ١٩٤٠ع ۾ جڏهن قرارداد پاڪستان جو مسودو تيار ٿيو ته قائد اعظم جي حڪم موجب، عبدالله هارون مرحوم مون کي دهليءَ کان لاهور موڪليو ٿي گهريو ته اهو مسودو وڃي سر سڪندر حيات خان مرحوم کي ڏيکاريان ۽ ڪائنس منظور ڪرايان. سر سڪندر حيات خان جي رضامندي، ان مسودي جي باري ۾، حاصل ڪرڻ ضروري

(١) هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جي قابل آهي ته توڙي جو مسلم ليگ تحريڪ جو ٿڏون دؤر ١٩٣٦ع کان شروع ٿيو هو. مگر حاجي عبدالله ان ۾ ڪو خاص يا نمايان حصو ڪونه ورتو هو، جيستائين ته ١٩٣٨ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ليگ ڪانفرنس نه ٿي. ان ڪانفرنس کان پوءِ سنڌ جا گهڻا سياسي ڪارڪن ليگ ۾ شامل ٿي ويا، مثلاً: جناب جي. ايم. سيد، محمد هاشم گزدر، خان بهادر کهڙو، سر غلام حسين (جيڪو پوءِ ڦري ويو)، آءٌ ۽ ٻيا ڪيترا.

هئي، ڇو تہ هو پنجاب جو وزير اعليٰ ۽ قائد هو ۽ جيستائين هو شامل نہ ٿي ٿيو، اوستائين قرارداد جو مقصد حاصل ٿيڻ ڏکيو هو. مسودي جي ڪاپي ڪٺي آءٌ دهلي ريلوي اسٽيشن تي آيس تہ گاڏيءَ ۾ جاءِ لڪائي بلي، جنهن ڪري سوٽي اچي حاجي صاحب کي اِها ماجرا ٻڌايم. پاڻ چيائين ”ائين ڪم ڪونہ هلي سگهندو، ريلن جي آسري تي. پاڻ کي سياسي ڪم لاءِ پنهنجو هوائي جهاز وٺڻو پوندو.“ مون ان وقت تہ اِها ڳالهہ مذاق سمجهي. حاجي صاحب کي جڏهن جوش ايندو هو تہ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ڇڏيندو هو. مگر منهنجي حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن ورندي صبح جو پاڻ موٽر ۾ سوار ٿي، مون کي ساڻ ڪري، سينڌيا اسٽيم نيويگيشن ڪمپنيءَ جي دفتر ۾ هلي پهتو. آءٌ بہ ساڻس گڏ مئنيجر جي ڪمري ۾ گهڙي ويس. اتي حاجي صاحب جهاز جي خريداريءَ جي باري ۾ آرڊر ڏيڻ لڳو. مون کي خطرو محسوس ٿيو تہ ڳالهہ سان ڳالهوڙو ٻڌجي رهيو آهي؛ هينئر هوائي جهاز خريد ٿيو ٿئي، جڏهن اهو هوائي جهاز آيو تہ لازماً مون کي اهو استعمال ڪرڻو پوندو، ڇو تہ حاجي صاحب طرفان مون کي ئي ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي پئي پوي. مون وچ ۾ (حاجي صاحب ۽ ڪمپنيءَ جي مئنيجر جي گفتگو ۾) دخل ڏئي، سنڌيءَ ۾، حاجي صاحب کي چيو تہ آءٌ هوائي جهاز ۾ ٻنهہ ڪونہ چڙهندس، تنهن ڪري اهو خرچ اجايو ويندو. حقيقت اها هئي تہ ان وقت تائين مون ڪڏهن بہ هوائي جهاز ۾ سفر ڪونہ ڪيو هو.(١) مون کي هوائي جهاز کان وحشت ۽ نفرت هوندي هئي.

---

(١) هوائي جهاز جي سفر جي ١٩٢٦ع کان ابتدا ٿي چڪي هئي، مگر مون پهريون دفعو هوائي جهاز ۾ سفر ١٩٥٠ع ۾ ڪيو، جڏهن اخبار وارن جي ميٽنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مولانا مهر مرحوم سان گڏ ڪراچيءَ کان ڪلڪتي تائين هوائي جهاز ۾ ويس.

منهنجيءَ گهٽي گڙٻڙ ڪري حاجي صاحب ڳالهيون اڌ ۾ ڇڏي مونکي گهر آيو ۽ مون کي سمجهائڻ لڳو ته "دنيا تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي، هوائي جهاز جي سواري زندگيءَ جي ضروريات ۾ داخل ٿي رهي آهي. آءٌ ڪيستائين پاڻ کي بيل گاڏيءَ جي دؤر ۾ رکيون ويٺو هوندس؟" حاجي صاحب آخر ۾ هيءُ هٿيار به استعمال ڪيو. چيو: "تنهنجن انهن حالن ۾ پاڻ پاڪستان ڪيئن ٺاهي سگهنداسين؟" مون ڪٺو جواب ڏنس، "پاڪستان ٺهي يا نه ٺهي، سو الله تعاليٰ جي مرضيءَ تي منحصر آهي، پر آءٌ هوائي جهاز ۾ هرگز ڪونه چڙهندس." آخر بصد مشڪل حاجي صاحب باز آيو. آءٌ ان خوف وچان، ته مبادا منهنجي لاهور وڃڻ ۾ ڏير پوڻ ڪري حاجي صاحب کي ٻي ڪا خطرناڪ رٿ خيال ۾ اچي، انهيءَ وقت پنهنجي موٽر ۾ چڙهي سر سڪندر حيات سان ملڻ لاءِ لاهور ڪسڪي ويس، تاڪ فيالحال حاجي صاحب جي اکين کان ٽريل هجان.

ٻي عالمي جنگ جي اعلان کان پوءِ سنت ئي وائسراءِ هند لارڊ لنلٿگو هندستان جي مکيه ليڊرن ڏانهن شملي مان دعوت موڪلي ته هو اچي ساڻس ملن، تاڪ ٿئين صورتحال ۽ هندستان جي آئيني مسئلن جي باري ۾ ساڻن مشورو ڪيو وڃي. انهن ليڊرن مان، جن جي نالي وائسراءِ وٽان تارون آيون، هڪ حاجي صاحب به هو. تار پهچڻ شرط مون کي سڏائي ورتائين. چيو: "هاڻي ڪوهه ۾ ڪڙو پئجي چڪو آهي. آئين جي باري ۾ ٿئين سر ڳالهيون ٿينديون. اهوئي موقعو آهي جو اسين هندستان جي ورهاڱي ۽ آزاد مسلم رياست حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪري سگهنداسين، تنهنڪري هڪدم تيار ٿي ته شملي هلون." ان کان پوءِ پاڻ هرتو چيائين ته شملي

۾ سردي هوندي، تنهنڪري تنهنجي لاءِ ٻن گرم سوٽن سبائڻ جو آرڊر ڏيئو اٿم. مون چيس ته گرم ڪپڙا اٿم، هر وڻرو نون سوٽن سبائڻ جي ضرورت ڪانه آهي، پر پاڻ ڪونه مڙيو. مون کي سونر ۾ ويهاري، انهيءَ ئي وقت ڪراچيءَ جي مهانگي ۾ مهانگي درزيءَ حميد وٽ هليو. ان کي سلائيءَ جا ڊبل پيسا آڇي، مون لاءِ اعليٰ ۾ اعليٰ گرم ڪپڙي مان سوٽن ٽاهڻ جو آرڊر ڏنائين.

واپس دفتر ۾ آياسين ته مون کيس مشورو ڏنو ته اسين هڪ مضمون لکي، لاهور جي سول-ملٽري گزيٽ اخبار ۾ ڇپارائي، شملي هلڻ کان اڳ پڌرو ڪرائي ڇڏيون، جنهن ۾ اسان دنيا آڏيان واضح ڪري ڇڏيون ته هندستان جي مسلمانن کي پنهنجي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻو ٿو گهرجي؟ — يعني هندستان جو ورهاڱو ۽ آزاد مسلمان رياست جو قيام! اهو مضمون سول-ملٽري گزيٽ ۾ شايع ٿيو ته شملي ۾ وائسراءِ جي نظر مان به گذرندو ۽ هو اڳواٽ ان بابت ۾ سوچڻ شروع ڪري ڏيندو. گهٽ ۾ گهٽ حاجي صاحب کي ته دوران گفتگو، ساري داستان ۽ دليل دلائل پڌائڻ جي ضرورت ڪانه پوندي. ممڪن آهي ته ان مضمون جي ڪري وائسراءِ پاڻ هرتو ساڻس اها گفتگو ڇيڙي. منهنجي صلاح حاجي صاحب کي ڏاڍو پسند آئي. مون انهيءَ ئي وقت هڪ ڊگهو مضمون سندس نالي ۾ لکي تيار ڪيو، جنهن جي سرخي هئي: "Sword or Logic" (تلوار يا منطقي دليل). خود مضمون ۾ اهي سمورا دليل ڇاٽايل هئا، جن جي بنياد تي هندستان جو ورهاڱو ۽ مسلمان رياست جو قيام لازمي هو ۽ آخر ۾ لکيل هو ته جيڪڏهن صاحب اختيار ڌريون اهڙن واضح دليلن کي نظرانداز ڪري مسلمانن جي مطالبي کي ٺڪرائين ٿيون ته مسلمانن کي لاچار ترار جي ذريعي پنهنجو حق وٺڻو پوندو.

مضمون ۾ مون دليلن جي انتها ڪري ڇڏي هئي. مضمون ٻڌي حاجي صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. اسان شملي ڏانهن وڃي رهيا هئاسين ته ڪالڪا ۽ شملي جي وچ ۾ رستي تي هڪ موٽر اسٽينڊ وٽ سول-ملٽري گزيٽ جو پرچو مليو. ان ۾ مضمون به ڇپيل هو ۽ پهرين صفحي تي مسلمانن جي گهر موجب تيار ڪيل مسلم رياست جو نقشو به ڏنل هو. اخبار ڏسي حاجي صاحب ڪپڙن ۾ ڪونه ٿي ماپيو. سندس چهري جي رونق ڏسڻ وٽان هئي، چوڻ لڳو:

"هاڻي مسلمانن اڳيان هڪ مقصد Goal واضح طور اچي چڪو آهي، هاڻي ان جي حصول کي ڪابه طاقت روڪي ڪانه سگهندي."

ائين چوندي، ۾ واري ريسٽورانٽ مان "چانهه، پيسٽري، ڪيڪ، سينڊوچ وغيره" جي طشتري گهرائي زور سان مون کي کارائڻ لڳو. مان انهن شين کائڻ جو عادي ڪونه هوس، خاص طرح سان ماني⁴ جي ٽائيم جي وچ ۾، مگر حاجي صاحب پنهنجن هٿن سان شيون کڻي منهنجي وات ۾ وجهندو ويو، چيائين: "اج ته روزا ٽوڙ، هينئر به وات مٺو نه ڪندين ته ڪڏهن ڪندين؟"

*　*　*

مارچ ١٩٤٠ع ۾ لاهور واري آل انڊيا مسلم ليگ جي سالانه اجلاس ۾ مشهور زمانه قرارداد لاهور پاس ٿي. ١٩٤١ع جي اپريل ۾ سالانه اجلاس مدراس ۾ ٿيو. ان اجلاس ۾ سنڌ پاران حاجي صاحب مرحوم، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ آءٌ شريڪ ٿياسين. ساري پنجاب مان فقط ٻه صاحب آيا، ملڪ برڪت علي مرحوم ۽ مولانا ظفر علي خان مرحوم.

صوبہ سرحد ۽ بلوچستان مان بنهہ کو ماٺهو ڪونہ آيل هو. ان اجلاس ۾ مسلم ليگ هاڻ ڪمانڊ قرارداد لاهور ڪي مسلم ليگ جي نصب‌العين يا اغراض مقاصد ۾ شامل ڪرڻ ٿي گهريو. منهنجو خيال هو تہ قرارداد جو آهو حصو نظرثاني جو محتاج آهي، جنهن جو مضمون هن طرح هو:

”(جنهن حصي ۾ مسلمان رياستون قائم ٿينديون) ات اقليتن (يعني غير مسلمانن) لاءِ ڪافي، موثر ۽ لازمي (Mandatory)، تحفظات، تفصيل سان ۽ سندن مشوري سان، آئين اندر مهيا ڪيا ويندا، تاڪ اقليتن جي مذهبي، ثقافتي، اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ واسطن (Rights and Interests) جي حفاظت ٿي سگهي.“

ساڳي قسم جو وٿيہ (بندوبست) انهن علائقن ۾ اقليتن لاءِ رکيل هو، جت هندو رياست ٺهڻي هئي.

منجا دليل هي هئا:

١- مسلمان علائقن ۾ جيڪڏهن سندن ۽ سکن کي اهي، ايترا ۽ اهڙا حق آئيني طور، عين سندن مشوري موجب ڏنا ويا تہ آهي مسلمان رياست کي ”مسلمان“ ٿي ڪم ڪرڻ يا بنهہ هلڻ، ڪونہ ڏيندا. اسان کي ٻنهنجن اڪثريت وارن صوبن ۾ اڪ ٿي سندن هٿ لڳل هئا (اهڙي دؤر ۾ جڏهن ڪين اجا اهي ۽ ايترا حق بہ حاصل ڪونہ هئا) آن وقت آدمشماريءَ جي پوزيشن هيءَ هئي: مسلمانن جي وڏي ۾ وڏن صوبن ۾ سندن اڪثريت معمولي هئي، يعني بنگال ۾ صرف ٤ فيصد ۽ پنجاب ۾ ٦ فيصد. بيشڪ سرحد، سنڌ ۽

بلوچستان ۾ مسلمانن کي نمايان گهڻائي حاصل هئي، مگر انهن صوبن جي آبادي بنگال ۽ پنجاب جي مقابلي ۾ ڪجهه ڪانه هئي (١).

٢- ته جيڪڏهن اسان جي پنهنجي قرارداد ۾ اقليتن سان مشوري وارو شرط بحال رهيو ته ان سان اسانجن علائقن جي هندو اقليت گهٽي ۾ گهٽي ناجائز فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ ايتري قدر تنگ ڪندي ۽ ايتريون رڪاوٽون وجهندي جو اسان وٽ ڪو آئين ٺهي ڪونه سگهندو (٢).

(١) آدمشماريءَ جا انگ اکر هن طرح هئا:

صوبو	مجموعي آبادي	مسلمانن جي آبادي	مسلمان في صد
سنڌ	٣٨٨٧٠٧٠	٢٨٣٠٨٠٩	٧٢٫٧ فيصد
سرحد	٢٤٢٥٠٧٦	٢٢٢٧٣٠٣	٦٥٫٨ فيصد
بلوچستان	٤٦٣٥٠٨	٤٠٥٣٠٩	٨٧ فيصد
پنجاب	٢٣٥٨٠٨٥٢	١٣٣٣٢٤٦٠	٥٦٫٥ فيصد
بنگال	٥٠١١٤٠٠٢	٢٧٤٩٧٦٢٤	٥٤٫١ فيصد

(٢) هندن جي روش اڳ ۾ ئي عيان ٿي رهي ته سرحد ۾ مسلمانن جي ايتري اڪثريت هوندي به اُتي ڪانگريس وزارت قائم ڪرائي ويٺا هئا. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ الله بخش وزارت قائم ڪرائي ويٺا هئا. پنجاب ۾ اُن جي مهار چوڌري ڇوٽو رام جي هٿن ۾ ٿي رهي. بنگال ۾ مولوي فضل الحق جو اٽڻ ويهڻ حرام ڪري ڇڏيو هئائون. هينئر جيڪڏهن اهڙيءَ هندو اقليت کي اهي حق ڏنا وڃن جن جو اشارو قرارداد لاهور جي ٻاڙيءَ واري حصي ۾ ڪيل هو ته پوءِ ملڪ کي جدا ڪرائڻ سان ڪهڙو خاص فائدو ٿيندو — ان سوال جو جواب اڳتي هلي خود مسلم ليگ کي مسلمان علائقن جي مسلمانن کي ڏيڻو پوندو ۽ سندس مقبوليت لاءِ اها ڳالهه ڏکي ثابت ٿيندي.

۳- آن وقت تائين مستقبل جي باري ۾ ايتري قدر تفصيل ۾ وڃڻ ۽ وضاحتن ڪرڻ جي ضرورت پيش آيل ڪانه هئي، جو خواه مخواه اڳواٽ پاڻ هرتو پنهنجا هٿ ٻڌي پاڻ کي هندو اقليت جي حوالي ڪري ڇڏجي ۽ ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ جو رستو ڏاهي ڏجي. (ان وقت جي حالتن پٽاندر اهڙيءَ پيش بنديءَ جي ضرورت محسوس ٿي ٿي).

۴- ايتري قدر اڳواٽ تفصيل ۾ وڃڻ جو نتيجو هيءُ ٿي نڪري سگهيو ٿي ته خود هندستان جا مسلمان ٻن گروپن ۾ ورهائجي وڃن، يعني هندو علائقن ۾ وسندڙ مسلم اقليت پنهنجي لاءِ ساڳين حقن وٺڻ خاطر (۱)، مسلم اڪثريت وارن علائقن جي مسلمانن کان قيمت ادا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ان سوال تي مسلمانن جا پاڻ ۾ اختلاف پيدا ٿي پون.

۵- في الحال اسان مسلم ليگ جي نصب العين ۽ اغراض مقاصد کي هندستان جي ورهاڱي ۽ علحده آزاد مسلمان رياست جي قيام تائين محدود رکون. باقي ڳالهيون مناسب وقت تائين ڪليل ڇڏي ڏيون ۽ سياسي هٿن جي راند ۾ وقت کان اڳ پنهنجا سمورا پتا ڏيکاري نه ڇڏيون.

---

(۱) اهڙا سٽربات اسان مدراس تائين پهچندي رستي ۾ ۽ خود مدراس الدر ڊيليگيٽن جي ڪيمپن الدر ٻڌي چڪا هئاسين. ان کان سواءِ قرارداد لاهور کان پوءِ پورو سال (۱۹۴۰ع) مولانا غلام رسول مهر ۽ مون، دهليءَ ۽ لاهور ۾ رهي، تقسيم برصغير ۽ علحده مسلم رياست جي قيام واري مطالبي جي هٿ پرائيءَ ۾ Feasibility Report تيار ڪئي هئي (جنهن جو مختصر ذڪر هن کان اڳ به اچي چڪو آهي)—۽ رپورٽ جي سلسلي ۾ اسان جيڪا تحقيقات ڪئي، تنهن جي دوران ۾ ساري تصور ۾ اسان جي اکين اڳيان واضح ٿي چڪي هئي، جنهنڪري مون کي احساس ٿيو ته ڪهڙي ڳالهه اسان جي فائدي ۾ ويندي ۽ ڪهڙيءَ مان نقصان پهچي سگهندو.

٦- "نصب العين" ۽ "قرارداد" جي وچ ۾ هيءُ فرق ٿي ڏيو ته نصب العين ۾ اڳتي هلي ڪنهن به ترميم لاءِ گنجائش ڪانه ٿي رهي، مگر مقابلتاً قرارداد ۾ حالتن سارو اڳتي وڌڻ يا پوئتي هٽڻ لاءِ رستو کليل ٿي رهيو. تنهنڪري اصولي ڳالهين، يعني تقسيم برصغير ۽ مسلمان رياست کي وجود ۾ آڻڻ وارن مطالبن کي ته نصب العين ۽ اغراض و مقاصد ۾ ضرور رکجي، مگر تفصيلي ۽ تشريحي ڳالهيون في الحال قرارداد جي لبول تي ئي رهڻ ڏجن.

غرض، انهن ۽ ٻين دليلن کي سامهون رکندي، مون مدراس پهچندي، اجلاس جي مضمون ڪميٽيءَ (Subject Committee) اڳيان مناسب ترميم پيش ڪئي، جنهن تي تقريباً اڍائي ڏينهن بحث هلندو رهيو. ٻهرين ٻه ڏينهن ڪميٽيءَ جي ڪاروائي نواب محمد اسماعيل خان مرحوم ۽ نوابزاده لياقت علي خان مرحوم جي زير صدارت هلي، جو قائداعظم رح جي طبيعت ناساز هئي(١). مون تي ان وچ ۾ بعض ڌرين طرفان طرح طرح جا ٻار آندا ويا ته آءٌ پنهنجي ترميم واپس وٺان، مگر مون ڪونه مڃيو. آخر ۾ مون سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ حاجي عبدالله هارون مرحوم کي مون ڏانهن موڪليائون، جو ڪين (غلط) خيال هو ته آءٌ حاجي صاحب جو نوڪر ۽ سيڪريٽري آهيان، تنهنڪري حاجي صاحب جي حڪم اڳيان هڪدم ٿسي پوندس. مون حاجي صاحب کي سڄي پوزيشن سمجهائي ۽ مستقبل جا سمورا خطرا ۽ اسڪان سندس اڳيان واضح ڪيم. ساڳئي وقت مون ڪيس اهو به چٽي ڏنو ته هوڙيءَ وڏيءَ ڳالهه ۾ آءٌ سندس مرضي

---

(١) بمبئيءَ کان مدراس تائين ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي، رستي ۾ گرميءَ جي شدت سبيان قائداعظم جي طبيعت قدري عليل ٿي پئي هئي.

ڪونه رکندس، بلڪ ڪُلِيءَ مخالفت (۱) ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويندس.

قصو مختصر، جا ڳالهه عرض ڪرڻ جي آهي، سا هيءَ ته، حاجي صاحب ايتري قدر آزاد خيال، باهمت ۽ ضمير وارو انسان هو، جو منهنجن دليلن کيس قائل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ هيءَ چئي روانو ٿيو ته "آءٌ سارو مسئلو قائداعظم رح جي خدمت ۾ پيش ڪندس ۽ تنهنجي راءِ جي پٺ ڀرائي ڪندس."

ڪميٽيءَ جي ٽئين ڏينهن واري اجلاس جي صدارت ڪرڻ لاءِ حضرت قائداعظم رح خود تشريف فرما ٿيو ۽ مون کي چيمبر ۾ سڏي حڪم ڪيائين ته:

"عبدالله هارون مون کي تنهنجو نقطهِ نظر ٻڌايو آهي. تنهنجيءَ ڳالهه ۾ وزن آهي ۽ آءٌ ان جو تدارڪ اڳتي هلي پاڻ ڪندس. في الحال جيڪڏهن اسان اصليءَ پوزيشن تان هٽنداسين ته اسان جا مخالف پروپيگنڊا ڪندا ته ليگ خود قرارداد لاهور کان هٽڻ شروع ڪري ڏنو آهي، تنهنڪري ان قرارداد ۾ ڪيل مطالبو آخري، حتمي ۽ Final سمجهڻ نه گهرجي. اهڙيءَ پروپيگنڊا جو نتيجو اسان جي ساريءَ تحريڪ تي اثرانداز ٿيندو."

قائداعظم رح جي ان ارشاد کي صحيح سمجهي، مون پنهنجي ترميم واپس ورتي ۽ ٽن ڏينهن کان هلندڙ جهيڙو خير و خوبيءَ سان ختم ٿي ويو (۲).

* * *

(۱) ان وچ ۾ مون پنهنجي ذاتي انگريزي اخبار مسلم وائس جاري ڪري ڇڏي هئي، جنهن ايرندي سان وڏو شعاع ڪري ڇڏيو هو.

(۲) ۱۹۴۱ع کان ۱۹۴۷ع تائين منهنجي خدشي جو تدارڪ ڪونه ٿيو، جنهنڪري مان بي آرامي محسوس ڪندو رهيس، پر پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ لڏ پلاڻ شروع ٿي ۽ هندو اقليت اسانجن علائقن مان پنهنجي مرضيءَ سان لڏي ويئي، جنهنڪري خود بخود تدارڪ ٿي ويو.

پڙهندڙن کان آءٌ معافي گهران ٿو، جو حاجي عبدالله هارون مرحوم جو هيءُ ذڪر قدري طويل ٿي رهيو آهي. آءٌ مجبور آهيان. حاجي صاحب جي جهان ڇڏئي کي اڄ ٣٦ سال ۽ پاڪستان ٺهڻي کي ٣٠ سال گذري ويا آهن، پر حاجي صاحب جي سوانح عمري لکڻ ۽ سنڌ جي نون نسلن کي اهو ٻڌائڻ ته اسان ۾ اهڙو ماڻهو به ٿي گذريو آهي، ڪنهن کي همت ڪانه ٿي سگهي آهي، حالانڪ سنڌ جي مجموعي تاريخ جو حاجي صاحب وارو باب نهايت اهم ۽ فيصلہ ڪن هو. مون کي خطرو آهي ته مون کان پوءِ هيتري ڪجهہ لکڻ وارو به ڪونہ رهندو، تنهن ڪري ترتڪڙ ۾ حاجي صاحب جي باري ۾ جيترو مواد منهنجي ذهن ۾ آيو آهي، تنهن کي قلمبند ڪري رهيو آهيان.

* * *

حاجي صاحب کي وزير بڻجڻ جو موقعو ڪونہ مليو، ورنہ مون کي يقين آهي ته هو وڏو منتظم ثابت ٿئي ها. ڪراچي واري تاريخي مسلم ليگ ڪانفرنس (جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي) جي باري ۾ انتظام ٿي رهيا هئا. پاڻ استقباليہ ۽ انتظامي ڪميٽيءَ جو چيئرمن هو ۽ آءٌ جنرل سيڪريٽري. سندس فرزند يوسف هارون مسلم ليگ والنٽيئرن (نيشنل گارڊ سڏبا هئا) جو سالار هو. ڪانفرنس لاءِ پنڊال تيار ٿي رهيو هو. هڪ ڏينهن آءٌ پنڊال جي لڳ پنهنجي دفتر ۾ آيس ته مون کي شڪايت ملي ته والنٽيئر پنهنجي سيٽي رهيا آهن ۽ ڪم ۾ خواه مخواه دخل پيا ڏين. آءٌ سرسري تحقيقات ڪري، ان نتيجي تي پهتس ته اهڙي دوعمليءَ هيٺ اسان جو ڪم هلي ڪونہ سگهندو، تنهن ڪري مون اعلان ڪرائي ڇڏيو ته والنٽيئر پنڊال ڇڏي وڃن ۽ نہ اندر داخل ٿين ۽ نہ ڪين ڪنهن ڪم ۾ شريڪ ڪيو وڃي. جيڪي والنٽيئر ڀري تي هئا، انهن جي جاءِ تي مون پنهنجي ڳوٺ مان

آيل للڙيا بيهاري ڇڏيا. والنٽيئرن کي خيال هو ته ڪانفرنس جو چيئرمن سندن سالار جو والد محترم آهي، تنهن ڪري هو سندن اهڙي توهين برداشت ڪونه ڪندو ۽ منهنجي ڪنيل قدم کي ريٽي ڇڏيندو. حاجي صاحب مرحوم جا خوب ڪن پريا ويا، پر مٿس ڪو اثر ڪونه ٿيو. ڪين چئي ڏنائين ته اهو ڪم جنرل سيڪريٽريءَ جو آهي، آءٌ ان جي ڪم ۾ دخل ڏئي، انتظامي ڊسپلن کي خراب ڪونه ڪندس. نتيجو اهو نڪتو جو والنٽيئرن کي لاچار مون ڏانهن ئي رجوع ڪرڻو پيو ۽ آينده لاءِ وعدو وٺي، مون ڪين وري پنڊال اندر بحال ڪيو. حاجي صاحب جي اهڙي قدم ڪان پوءِ ڪانفرنس جي ڪاروبار ۾ پوري ڊسپلن رهي ۽ ڪانفرنس ايتريقدر ڪامياب ٿي جو قائد اعظم رحه خود کي (اسان ڏانهن روءِ سخن فرمائيندي)، از راه ڪرم، اظهار ڪرڻو پيو:

"جنٽلمين، اوهان ڪرامت ڪري ڏيکاري آهي."(١)

جيڪڏهن حاجي صاحب خود منتظم نه هجي ها ۽ ڊسپلن جو اصول سمجهندڙ نه هجي ها ته اهڙو خوشگوار نتيجو ڪونه نڪري ها.

* * *

سکر جي مسجد منزلگاه وارو معاملو، سنڌ جي مسلمانن جي سياسي سجاڳيءَ جي تاريخ جو هڪ اهم باب بڻجي گهربو هو، مگر افسوس آهي جو ان باري ۾ هڪ حرف ڪنهن ڪتاب يا مضمون ۾ اڃ تائين ڪونه آيو آهي، گويا جن سنڌين ويچارن ان موقعي تي بي مثال همت ڏيکاري هئي ۽ قربانيون ڪيون هيون، سي سڀ پاڻيءَ تي ليڪا هيون.

ان معاملي جو پس منظر هيءُ هو: سکر شهر ۾ درياهه جي ڪناري تي، هندن جي تيرٿ شري ساڌ ٻيلي جي بلڪل سامهون، اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ سندس درٻار جي هڪ

(1) "Gentlemen! You have performed a miracle."

سنڌي اميرن مير معصوم بکريءَ جا جايون بطور يادگار ڇڏيون هيون، انهن مان هڪ مسجد هئي ۽ ٻي آرامگاهه. انگريز جي اچڻ کان پوءِ اهي جايون مسلمانن جي قبضي مان نڪري حڪومت جي قبضي ۾ هليون ويون هيون ۽ مختلف دنيوي غير مذهبي ڪمن لاءِ استعمال ٿينديون پئي رهيون. سال ١٩٢٩-٣٠ع ۾ آءٌ سنڌ زميندار اخبار جو ايڊيٽر هئجي سکر ويس. مون کي اُت معلوم ٿيو ته ١٩٢٠ع کان مقامي مسلمانن جي خواهش اها پئي رهي آهي ته اهي قديمي، تاريخي ۽ مذهبي عمارتون موٽي کين ملن. آءٌ سنڌ طرفان انجمن اسلام سکر جي نالي ۾ عرضداشتون لکي بمبئي سرڪار ڏانهن موڪليندو رهيس (چو ته ان وقت سنڌ جو علحده صوبو اڃان ڪونه ٿيو هو ۽ سنڌ بمبئي پرڳڻي جو هڪ ڏوراهون حصو هئي)، پر بمبئي سرڪار ڪو توجه ڪونه ڏنو. ١٩٣٦ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي ته نئين سنڌ سرڪار ڏانهن مسلمانن جون درخواستون وڃڻ لڳيون، مگر سنڌ جون وزارتون هندن جي ووٽن جي آڌار تي هلڻ لڳيون هيون، تنهن ڪري هندن جي مخالفت سببان هو مسلمانن کي حق ڏيڻ وجهي ڪونه ٿي سگهيون.

اهو معاملو ان منزل تي هو، جو ١٩٣٨ع جي پڇاڙيءَ ۾ (١) سنڌ اندر مسلم ليگ جي تحريڪ شروع ٿي. ابتدائي جوش ۽ ولولي جي ڏينهن ۾ ته گهڻا ئي صوبائي ليڊر مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ جمع ٿي ويا، پر جيئن جوش ڍرو ٿيندو ويو تيئن منجهانئن گهڻا پويان پير(٢)

---

(١) آڪٽوبر ١٩٣٨ع واريءَ ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس کان، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.

(٢) مسلمان اسيمبلي ميمبرن مان فقط ٥ يا ٦ ڄڻا مسلم ليگ مان وفادار رهجي ويا.

فرمائيندا ويا. سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي عوام تائين اڃا مسلم ليگ جو آواز پهچي نه سگهيو هو، تنهنڪري هنن جي سجاڳيءَ ۽ شموليت جو سوال نه پيدا ڪونه ٿي ٿيو(۱).

سياسي فضا ۾ مسلمانن جي ايتري قدر رجعت ۽ مايوسي ڏسي حاجي عبدالله هارون مرحوم، شيخ عبدالمجيد صاحب ۽ (جيڪڏهن منهنجو حافظو غلطي نٿو ڪري ته) ٻه-ٽي ٻيا مسلم ليگي ليڊر، جڏهن منهنجي طبع پرسيءَ لاءِ سون وٽ ملهير ۾ آيا (جت آءٌ بيمار پيو هوس) ته آت، ڏاڍيءَ مايوسيءَ جو اظهار ڪيائون. مون سان صلاح ڪيائون ته سنڌ جي مسلمانن ۾ سجاڳي آڻي ڪين ملڪ جي هلندڙ مسئلن ۾ دلچسپيءَ وٺائڻ لاءِ ڇا ڪجي، يا مورڳو مسلم ليگ جا دروازا بند ڪري سنڌ جهڙي مسلماني صوبي کي هندن جي حوالي ڪري ڇڏجي؟ دوران گفتگو مسجد منزلگاه جو ذڪر به نڪتو، جنهن جي مسلمانن کي ملڻ يا نه ملڻ جو سوال ۱۹۲۰ع کان هلندو ٿي رهيو. آخر ۾ طئي اهو ٿيو ته ٻين مسئلن سان گڏ ان مسئلي کي به مسلم ليگ هٿ ۾ کڻي.

ملهير جي ان ملاقات کان پوءِ حالات ۾ تيزي پيدا ٿي. ستت ئي يعني ۱۹ مئي جو حاجي صاحب پاڻ وڃي سکر پهتو ۽ آت ليوڪس پارڪ ۾ مسلمانن کي خطاب ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو مسجد منزلگاه جي واگذاريءَ لاءِ صوبائي مسلم ليگ طرفان، خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي جي چيئرمنيءَ هيٺ هڪ خاص ڪميٽي (۲) قائم ڪئي وئي ۽ اعلان ڪيو ويو ته جيڪڏهن ورندڙ آڪٽوبر تائين سرڪار اهي

---

(۱) حالانڪ ۱۹۲۷ع کان ۱۹۳۰ع تائين هندو مسلمانن جي وچ ۾ فساد ٿيندا رهيا هئا.

(۲) "مسجد منزلگاه جي واگذاري (Restoration) لاءِ ڪميٽي" جو نالو مٿس رکيو ويو.

عمارتون مسلمانن کي واپس نه ڪيون ته پهرين آڪٽوبر
کان مسلمان ستياگرهه ڪري انهن جو قبضو وٺندا.

بدقسمتيءَ سان هندو ليڊر پنهنجي آن وقت جي پاليسي
مطابق، اهڙيءَ هر ڳالهه جي مخالفت ڪرڻ ۽ مٿس واويلا
مچائڻ جا عادي ٿي چڪا هئا ۽ کين اهو به آسرو هو ته
هن وقت الله بخش مرحوم جي وزارت آهي، جيڪا کين
ڪڏهن به نااميد نه ڪندي، تنهنڪري هنن هڪدم هاءِ گهوڙا
شروع ڪري ڏني. سندن چوڻ هو ته اهي عمارتون مسجد
نه آهن ۽ ان کان سواءِ هندن جي تيرٿ جي سامهون آهن،
جنهنڪري مسلمانن کي واپس ملڻ جي صورت ۾ هندن سان
آزار ٿيندو. مثلاً مسلمان مسجد ۾ بانگون ڏيندا ۽ تيرٿ
ڏانهن ويندڙ هندو مردن، عورتن ۽ ٻارن سان ڪانهند ٿيندي،
وغيره وغيره.

ٻئي طرف واڳذاريءَ واري ڪميٽيءَ طرفان ٻهراڙيءَ
جي مسلمانن ۾ تبليغ شروع ٿي ته مسجد منزلگاهه مسلمانن
جو عبادتگاهه آهي ۽ هندو ان جي واڳذاري جي محض پنهنجي
روايتي تعصب ڪري اجائي مخالفت ڪري رهيا آهن.

هاڻي هڪ طرف هندو ته ٻئي طرفان مسلمان (خاص طرح
سان ٻهراڙيءَ جا) آيا ٿي ويا. هرڪو پنهنجي ضد تي قائم.
مسلمان چون ته اسان جو عبادتگاهه اسان کي موٽي ملڻ گهرجي،
هندو چون ته اهو ڪم هرگز ٿيڻ ڪونه ڏينداسون. مطلب
ته سڄي صوبي اندر، بلڪ ٻاهر به طوفان کڙو ٿي ويو ۽
مقابلي جو ميدان تيار ٿي ويو.

ان گوڙ هلندي آءٌ پاڻ هڪ دفعو سکر ويس، جت ڏٺم
ته ٻنهي طرفين وڏو جوش آهي ۽ اڳتي هلي خونريزي ٿيڻ
جو امڪان آهي. خونريزي حاجي صاحب ۽ منهنجن اصولن
جي خلاف هئي. مون نٿي گهريو ته ڳالهه ايتري اينگهه وٺي.
موٽي ڪراچي اچي پير الاهي بخش مرحوم سان (جيڪو

الله بخش وزارت ۾ وزير هو) مشورو ڪيم. پير صاحب پاڻ انسان ۽ انسان دوست هو. مون ساڻ گڏجي خانبهادر الله بخش وٽ هليو ته ان کي سمجهائجي ته ان مذهبي ڳالهه تي ضد نه ڏيکارجي ۽ صلح صلاحيت جو ڪو رستو ڪڍجي. ان ملاقات جو قصو هن ڪتاب جي پهرين جلد صفحه ٢٤٩ تي بيان ٿي چڪو آهي. مطلب ته خانبهادر مرحوم اسان کي ڌتڪاري ڪڍي ڇڏيو.

ساڳئي وقت خانبهادر مرحوم به تحريڪ کي دٻائي ختم ڪري ڇڏڻ لاءِ انتظامي پيش بنديون شروع ڪري ڏنيون. مقامي عملدارن وٽان ڪيس رپورٽون مليون هيون ته پنج ڇهه سو ماڻهن کي گرفتار ڪري جيل ۾ رکڻ سان مسلمان بزدل ٿي بس ڪري ويهي رهندا. پاڻ جيل کاتي وارن کان پڇيائين ته سنڌ جي جيلن ۾ ڪيترن وڌيڪ ماڻهن کي بند ڪرڻ لاءِ گنجائش نڪري سگهي ٿي؟ کيس ٻڌايائون ته ڇهه سو تائين ماڻهن لاءِ ساريءَ سنڌ جي جيلن ۾ گنجائش ڪڍي سگهبي. خانبهادر مرحوم حڪم جاري ڪيو ته جيڪڏهن ستياگره شروع ٿئي ته گرفتاريون ڪري ان کي ختم ڪيو وڃي.

حاجي عبدالله هارون مرحوم کي مسلمانن جي جذبي ۽ تيارين جون خبرون پونديون ٿي رهيون. هن صاحب به سمجهيو ٿي ته حڪومت جي تشدد ڪري جوابي تشدد ضرور ٿيندو ۽ انساني خون وهندو. فيصلو ڪيائين ته هندن کي هڪڙيءَ طرح اپيل ڪجي ته هو حڪومت جي آسري تي هرو ڀرو ٻاڙيچن مسلمانن سان نه ٺٽائين ۽ منزلگاهه جي مسئلي تي مسلمانن سان گفتگو ڪري، ڪنهن ٺاهه تي پهچن، نه ته ڳالهه وڌي ويندي ۽ ڪنهن جي موٽائڻ جي ڪانه رهندي.

ساڳئي وقت مون کي به هدايت ڪيائين ته فوراً هڪ دل ڇهائيندڙ اپيل هندن جي نالي لکي، ڪتابي صورت ۾

ڇپائي، سنڌ جي سمجهدار ۽ دورانديش هندو ليڊرن ۾ ورهائي ڇڏياتين ڏانهن موڪليان. ان ڪتاب جو ترجمو انگريزيءَ ۾ به ڇپايان، جيئن سنڌ کان ٻاهر جي ماڻهن ۽ گورنمينٽ هند کي به مسئلي جي ماهيت ۽ نزاڪت معلوم ٿئي. مون حڪم جي فوراً تعميل ڪئي ۽ رات کي ڏينهن سمجهي پنجن ڏينهن اندر سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب تيار ڪري، ڇپائي، ورهائي ڇڏيا.

حاجي صاحب ڪتاب ڇپجڻ شرط هندو ليڊرن کي صلاح ڏني ته هو ڪنهن جاءِ تي گڏجي مسلمان ليڊرن کي گهرائي، انهن سان صلح صلاحيت جون ڳالهيون ڪن. شيو رتن مُهيٽا جي ڪلفٽن واريءَ محلات ۾ (جنهن ۾ هاڻي قائد اعظم رحه جي همشيره محترمه جي رهائش آهي) ٻه-چار دفعا گڏيل ميٽنگون ٿيون. حاجي صاحب ۽ آءٌ به مسلمانن طرفان ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيندا رهياسين، پر هندن جا دماغ آسمان تي هئا. هنن سمجهيو ٿي ته اجهو ٿي الله بخش جي وزارت مسلمانن کي ڏنڊا هڻي هميشه لاءِ زير ڪري ڇڏي، جنهن کان پوءِ سنڌ ۾ هندو الويون ڪندا وتندا ۽ مسلمان سندن پير چٽيندا وتندا. سنڌ جي مهاسڀائي ليڊرن جي پراڻي آرزو هئي ته هڪ دفعي مسلمانن جي هڏڙي، حڪومت هٿان ڀڃرائي ڇڏجي، جيئن هو هندو اقليت جي اکيان ڪڏهن به ڪنڌ ڪڻي نه سگهن ۽ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ ڪري، جن فائدن جون کين اميدون آهن، تن جي ماڻڻ کان محروم رهن. ڳالهين دوران سندن هٺ ۽ زورآوري ڏسڻ وٽان هئي، جنهن اسان کي ڏاڍو ڏکويو. ائين پئي سمجهيائون ته ڄڻ اسان مسلمانن جا نمائندا سندن ڪنهن شڪست کاڌل دشمن جا ايلچي آهيون، جيڪي هينئر کين پرچائڻ لاءِ سندن اکيان هٿ ادب جا ٻڌيو وينتيون پيا ڪريون. مناسب ڪسان مناسب ڳالهه به سندن دل کي ڪانه ٿي آئڙي. هر ڳالهه تي اِڪريءَ جي ڦيڪري.

ڪڍهن ڪڍهن ته اجايو سجايو ڪاوڙجيو ٻاهر نڪري ويو ٿي ويا ۽ پاڻ ۾ ڪانا ڦوسي ڪري وري ويو ٿي آيا. حاجي صاحب مرحوم گهڻو ٿي سمجهاين (١) ته "ڀائي صاحب هوش ڪريو، اجايو حڪومت جي ڏنن تي لڳي، ڪنڊا نه پوکيو." پر هندو نمائندن سندس ڪانه پڙي. منجهان نااميد ٿي، حاجي صاحب سنڌ جي گورنر سان مليو، کيس چيائين ته "هيءَ نازڪ مذهبي معاملو آهي، جنهن جي سلسلي ۾ انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي هلڻ حڪومت کي ڪونه جڳائي." حاجي صاحب گورنر جي آڳري موڊ کي ڏسي ساڻس آها گفتگو ڪئي، جنهن جو ذڪر هن مضمون جي شروعات ۾ اچي چڪو آهي. سندن ملاقات هنن اکرن تي ختم ٿي:

گورنر صاحب: "حڪومت ڏسي رهندي."

---

(١) حاجي صاحب ميٽنگن ۾ هن لاءِ تيار ٿي، هلندو هو ته جيترو قدر ٿي سگهي اوتري قدر مروت، رعايت ۽ ڀاڙيچالي جي جذبي کي ڪم آڻي، ڪن منصفانه شرطن تي، لازمي طرح هندن سان ٺاهه ڪري اچي، جيئن فساد جو امڪان ٽري وڃي، پر اهڙيءَ مروت ڏيکارڻ جو کيس هندو ليڊرن موقعو ڪونه ڏنو.

حقيقت هيءَ هئي ته ان زماني تائين سنڌ جي هندن جا اڳوڻا ليڊر، هرچند راءِ وشنداس جهڙا بزرگ، جيڪي تعصب کان ٻري، هر ڳالهه جي ٻاري ۾ انصاف ليا ۽ ڀاڙيچائي جي جذبي کان ڪم وٺندا هئا، سي گذري ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ تنگ دل ۽ ناتجربه ڪار ليڊرن ورتي هئي، جن جي اڪثريت ۾ ڪا "دوربيني"، شائستگي ۽ دور انديشي ڪانه هئي ۽ سنڌ کان ٻاهر هلندڙ تعصبي تحريڪن کان حد کان زياده متاثر ٿيل هئا. هنن اڳ ۾ بلڪل ڪوله ٿي ڏنو؛ سنڌ پٽ جو منجهن ڪو ذرو ڪونه هو. هر ڳالهه ۾ ضد، ڏڪر ۽ ڏونس. ان ۾ ڪو شڪ ڪونه هو ته تعليم ۾ سنڌ جي لحاظ مسلمانن کان گهڻو اڳ ۾ هئا؛ سٺ سيڪڙو زمينون سندن قبضي ۾ اچي چڪيون هيون. سرڪاري عهدا ۽ نوڪريون ٩٠ سيڪڙي کان مٿي وٺي هيون. اخبارون ۽ پروپيگنڊا جا ذريعا سڀ سندن هئا. پاڻ ۾

(هلندڙ)

حاجي صاحب: ”اسان ٻه ڏسي وٺنداسين ته حڪومت ڪيئن ٿي اسان کي ڏسي رهي.“

انهن پنهنجي ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ بعد حاجي صاحب سارو توجهه ستياگره جي تيارين تي ڏيندو رهيو. ٻيا مسلم ليگي ليڊر اڳ ۾ ئي ان ڪاروبار ۾ مشغول هئا. خان بهادر کهڙو صاحب پاڻ واڳداري ڪميٽيءَ جو چيئرمن هو. قاضي فضل الله صاحب لاڙڪاڻي کي تحريڪ جي حمايت ۾ اٿاري کڙو ڪيو. دادو طرف جناب جي. ايم. سيد هو. حيدرآباد جناب پير غلام مجدد صاحب سرهندي مرحوم جي سپرد هئي. سکر ۽ شڪارپور جي پسگردائي شيخ واجد علي صاحب ۽ آغا غلام نبي خان جي حوالي هئي. ڪراچيءَ جو مرڪز محمد هاشم گزدر مرحوم پنهنجي ذمي ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ سڀ

ٻڌي ۽ تنظيم هئي. هندستان جي هندو ڪُهڻاٽيءَ جي حمايت به کين حاصل هئي، ۽ کين سنڌي سياڻن جي چوڻي وسري ويل هئي ته ”قاضين وٽان ڪٿي اچجي، ته به الله کان ڊڄجي.“ کين اهو نه ڄڪائيندو هو ته مسلمانن جي ضعيفي ۽ پنهنجي طاقت ۽ برتريءَ جو هر ڳالهه ۾ فائدو وٺي، مسلمانن کي پاڻ مان ايترو قدر نااميد ڪري ڇڏين، جو هو پنهنجي لاءِ دنيا تنگ ڏسي، ماڙيچاڻي جي حجاب جا پردا ڦاڙي، سنڌ جون صوفيانه روايتون وساري، مرڻ ماري لاءِ اٿي کڙا ٿين.

سنڌ جا مسلمان محسوس ڪرڻ لڳا هئا ته انهن ڪٽر ناتجربه ڪار اوڻ هندو ليڊرن اڳيان ان وقت ٻه مقصد هئا:

1- سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي، جيڪا سندن مخالفت هوندي عمل ۾ اچي چڪي هئي، تنهن کي مسلمانن لاءِ ناڪامياب ثابت ڪن ۽ کين منجهائس ڪو فائدو وٺڻ نه ڏين.

2- پراڻين مسلمان بادشاهتن جي زماني جا حساب ڪتاب سنڌ جي مسلمانن جي هاڻوڪي نسل کان وٺن.

منزلگاهه مسجد جي قصي تي سندن ضد اهڙيءَ سوچ جي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهيو وڃڻ لڳو.

جوان هئا ۽ جوان همت. مسلمان عوام ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ کين جهنجهوڙي جاڳائڻ لاءِ ڪافي محنت ڪيائون.

جيتري قدر مون کي ياد آهي، سيپٽمبر جي ۲۸ تاريخ سنڌ مسلم ليگ جو هاءِ ڪمانڊ هلي سکر پهتو. سکر ڊاڪ بنگلي ۾ چار ڪمرا هوندا هئا، چارئي ڪيرائي تي ورتا ويا. ان کان سواءِ اوروڙي پنڊ تي عيدگاهه جي چوديواري هئي، جنهن ۾ ستياگره ڪيمپ کولي وئي هئي ۽ گرفتاريءَ لاءِ ٻهراڙيءَ مان ايندڙ ستياگرهين کي رهائڻ جو انتظام ڪيل هو. ۳ تاريخ کان سکر ۾ ٻاهران مسلمانن جا ڪٽڪ اچڻ لڳا. ڀر وارا مسلمان ته مجاهدن جي مهماني لاءِ خوراڪ جي سامان جون گاڏيون ڀري آيا. ٻئي سامان سان گڏ هنن ڳئون، ڍانڊ، ٻڪريون ۽ ڇيلا به ٻئي آندا، جن کي ڏسي هندن کي ڏاڍو جوش پئي آيو ۽ حڪومت ڏانهن تارن پٺيان تارون موڪلڻ لڳا ته مسلمان ”گئوڪوس“ جون تياريون ڪري رهيا آهن ۽ ان ڪري هندن جي ”جذبن ۾ جوش جي جولاني پيدا ٿي رهي آهي.“

حڪومت طرفان تحريڪ کي زبردستي ختم ڪرڻ جو فرض سکر جي پارسي ڪليڪٽر ڪوٽا والا صاحب جي سپرد ٿي چڪو هو. هو وڏو زمانه شناس آفيسر هو. هر ڳالهه سان ان جي مطلب جون ڳالهيون ڪندو هو. حڪومتي ڪم ڪار ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪڏهن ڪڏهن مسلم ليگي ليڊرن وٽ پهچي، انهن سان به ڪن ڳالهيون ڪري ويندو هو. طرفين کي سرچايون، پنهنجي جان بچايون ويٺو هوندو هو. حڪومت ڏانهن جيڪي رپورٽون موڪليون هئائين، تن ۾ هي غلط اندازو لڳايو هئائين ته وڌ ۾ وڌ ٽي-چار سو مسلمان ستياگره لاءِ ايندا، جن کي بند ڪرڻ لاءِ جدا جيل ڪيمپ کولڻ جو انتظام رکيو ويو آهي.

پهرين تاريخ آڪٽوبر جي ستياگره شروع ٿي. پهريون ڊڪيٽيٽر شيخ واجد علي صاحب هو، جنهن پهرئين ڏينهن ۳۱۳

ستياگرهين کي جلوس جي صورت ۾ منزلگاهه وارين عمارتن تي
قبضي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. انهن کي رستي ۾ ئي گرفتار
ڪري جيل آماڻيو ويو. حاجي عبدالله هارون ۽ ٻيا ليڊر
ساڳئي ڏينهن پاڻ به گرفتار ٿيڻ لاءِ تيار ويٺا رهيا، پر
ڪوٺا والا حڪومت کي ٻڌايو ته هزارن جي تعداد ۾ مسلمان
سکر تي پرنجي پيا آهن ۽ جيڪڏهن ليڊر گرفتار ڪيا ويا ته
پيدا ٿيندڙ اشتعال ۾ سکر جو شهر لُٽجي، سڙي ٻري برباد ٿي
ويندو ۽ هندن جو عام ڪوس شروع ٿي ويندو، تنهن ڪري
ليڊر ڪونه گرفتار ٿيا. ٻهرين ڏينهن جي ستياگرهين جي
قيادت مرحوم مغفور پير غلام مجدد صاحب سرهندي فرمائي،
جيڪو پراڻو خلافت جي زماني جو ليڊر هو ۽ علي برادران
سان گڏ ڪراچي واري بغاوت جي مقدمي ۾ ٻه سال جيل جي
سزا ڀوڳي چڪو هو. مون کي ان ڏينهن وارو نظارو اڄ به
اکين اڳيان پيو ڦري. پير صاحب مرحوم غسل ڪري، نوان
اڇا ڪپڙا پهري، مٿي تي سفيد پڳ ٻڌي، ڪلي مشڪي،
ٽهڪندو ٽهڪندو اٿي روانو ٿيو. خدا ڏسي ٿو، ائين ٿي
لڳو ته چڻ ڪو سهڻو سينگاريل گهوٽ پنهنجيءَ ڄڃ ۾
شامل ٿيڻ لاءِ هاڻ لڳو آهي. اهو ٻهريون ڏينهن هو.
حڪومت جي چاڙتن اڳ ۾ ئي هُلائي ڇڏيو هو ته جلوس تي
فائرنگ ٿيندي ۽ گهڻا ماڻهو شهيد ٿي ويندا. شڪ هو ته
هندن کي به اهڙي سڌ هئي، جنهن ڪري اهڙي نظاري
ڏسڻ لاءِ هو به رستي جي ڪنڌن پاسن سان اکيون لائي
بيهي رهيا هئا، تنهن ڪري پير غلام مجدد صاحب چوندو
ويو ته "آءٌ گوليءَ وکهي مران ته منهنجو لاش ساڳيئي ئي
ڪپڙن ۾ عام مجاهدن جي لاشن سان گڏ، بنا غسل ڏياري
پورائي ڇڏجو، جيئن قيامت ڏينهن به انهن سان گڏ بارگاهه
ايزديءَ ۾ حاضر ٿيڻ جو موقعو ملي." سندس اهو گفتو ٻڌي
اسان ٻڌڻ وارن جون اکيون ته آليون ٿي ويون، پر پاڻ

بي فڪر، بي پرواهه، الله توآهر چوندو روانو ٿي ويو. سٽ ئي ستياگرهين جي جلوس سان گڏ گرفتار ٿي وڃي جيل ۾ رسيو.

جاچ سان معلوم ٿيو هو ته سکر جو ڪيمپ جيل ڀرين ڏينهن ئي انهن ۳۱۲ ستياگرهين جي داخل ٿيڻ ڪري ڀرجي ويو هو ۽ منجهس وڌيڪ ماڻهن رکڻ جي گنجائش ڪانه رهي هئي، تنهنڪري ورندڙ پن ڏينهن اندر هزار کان مٿي ستياگرهين کي جيل اٿارٽي انتظاميه لاءِ بحران جي حالت پيدا ڪئي ويئي. ان اپرانت ستياگرهين کي هيءَ به چيل هو ته منجهان ڪو به پنهنجو نالو يا تفصيل نه ٻڌائي، جيئن جيل ۾ رکڻ لاءِ وارنٽ يا ڪيس هلائڻ لاءِ چالانن جا ڪاغذ تيار ئي ڪونه سگهن. جنهن کان به نالو پڇيو وڃي سو چوي: "مسلمان پٽ مسلمان ذات مسلمان رهندڙ مسجد منزلگاهه"- مسٽر غلام مجتبيٰ عيسائي مرحوم، وڪيل، پنهنجون خدمتون مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون، ان کي هيءَ هدايت ڏني موڪليو ويو ته هو جيل جي اختياريءَ وارن ۽ علائقي ماجسٽريٽ کان گرفتاريءَ جي وارنٽن ۽ چالانن جي نقلن وٺڻ جي گهُر ڪري، جيڪي نالن معلوم نه هجڻ ڪري ڪانئن تيار ئي ڪونه سگهيا هئا. مسٽر عيسائي کي جڏهن نقل ڪونه ڏنا ويا ته هن درخواست پيش ڪئي ته قيدين کي بنا وارنٽ ۽ بنا چالان جي ناحق بند ۾ رکيو پيو وڃي جيڪو خود از روءِ قانون ڏوهه بڻجي ٿو. ڀريان فقط ۱۴۰۰ ماڻهن کي جيل ۾ رهائڻ ۽ کارائڻ جي مسئلي تي بحران هو، هينئر ناحق بند جي پائنٽ تي به شديد قانوني بحران پيدا ٿي پيو. ڪنهن به ماڻهوءَ جي باري ۾ نه وارنٽ جاري ڪري ٿي سگهيا نه چالان، ڇو ته جنهن کي سڏين سو "مسلمان پٽ مسلمان ذات مسلمان رهندڙ مسجد منزلگاهه" جو ئي نڪتو. هڪ کي سڏ ڪن ته چوڏهن سؤ ماڻهو اٿي

ڪڙا پيا ٿين. عدم تعاون جو اهو نسخو مون تجويز ڪري ڏنو هو ڇو ته گرفتار ٿيل ستياگرهين کي هرطرح سان عدم تعاون ڪرڻو هو، نالو ٻڌائڻ تعاون جو هڪ قسم ٿي ٿيو.

۳- تاريخ شام جو ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ٽيليفون تي سنڌ گورنمينٽ کي ان نازڪ صورتحال کان واقف ڪيو ۽ اهو به ٻڌايائين ته پنج هزار وڏيڪ ستياگرهي گرفتاريءَ لاءِ هن وقت سکر ۾ موجود آهن ۽ هر روز ٻهراڙيءَ مان وڏيڪ هزارن جي تعداد ۾ مسلمان سکر ۾ وارد پيا ٿين. ڪافي قانوني صلاحن ۽ مشورن بعد حڪومت وٽان ڪيس هدايت پهتي ته هيلتائين گرفتار ڪيل سڀ ستياگرهي جيل مان آزاد ڪيا وڃن ۽ منزلگاهه تان پوليس پهرو هٽائي ڇڏجي، جيڪڏهن مسلمان ان ۾ داخل ٿيڻ گهرن ته انهن کي روڪ نه ڪجي.

ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ اها خوشخبري ڪٺي اسان وٽ پهتو، پر اسان چيس ته ”حڪومت طرفان اسان کي لکت ۾ هيءَ فيصلو ملڻ گهرجي ته هينئر تڪراري عمارتن جو قبضو سرڪاري طرح مسلمانن جي حوالي ڪيو وڃي ٿو، ورنه اسان جا ستياگرهي جيل مان ٻاهر ڪونه نڪرندا.“

اها ٻي عجيب ڳالهه حڪومت جي سامهون آئي.

۴ تاريخ شام کان اڳ عمارتن تان پوليس جو پهرو ته لهي ويو، پر ستياگرهين جيل مان نڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو (جيستائين واڳذاريءَ جو حڪم کين لکت ۾ نه ملي). لکت ۾ اهڙو حڪم حڪومت ڪونه ڏنو، جنهنڪري ستياگرهي ٺڏو متنبه ڪري جيل اندر ويهي رهيا. ٻئي ڏينهن سرڪار جيل جي عملي کي جيل مان هٽائي ڇڏيو، جنهن تي ستياگرهين پنهنجي طرفان پاڻ مان ”جيل جا عملدار“ مقرر ڪيا، سرڪار سنڌن ماني بند ڪئي ته ستياگرهه ڪيمپ مان برپانيءَ جون ديڳيون رڌجي کين پهچڻ لڳيون، آخر ٻاٽي ۽ بجايءَ جا

ڪنڪشن ڪاني ڇڏيا ويا. لاچار ئـبي ستياگرهي نعرا هڻندا جيل مان ٻاهر نڪري آيا ۽ منجهان گهڻن وچي عمارتن جو قبضو ورتو. ٻه ڏينهن جيل خود ستياگرهين جي قبضي ۾ رهيو.

اهو سڀڪجهه ٽڙتڪڙ ۾ ٿي گذريو، هندن خواه مرحوم الله بخش جي وزارت جي اميدن ۽ اڳڪٿين جي بلڪل برعڪس! هنن سمجهيو ٿي ته سنڌ جا ڳوٺاڻا غريب مسلمان بي حس، بي همت، سياسي شعور ۽ مذهبي جذبي کان عاري آهن، تنهنڪري ٿوري ئي سرڪاري دڙڪي ڪڙڪي تي ڊجي ويهي رهندا، پر ائين ڪونه ٿيو. ڪوٽا والا ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ پاڻ سرڪار ڏانهن لکي موڪليو ته: ”هُن کي ستياگرهن جو وڏو تجربو آهي، جو ته هو بمبئي جي طرف کان آيل آهي، جت ڪانگريس ۽ مرهٽن جي تحريڪن جو زور پئي رهيو آهي، مگر جهڙو جذبو، جهڙي سرفروشي، جهڙو قرباني ۽ سرويچائيءَ جو مادو، هن موقعي تي سنڌ جي ٻهراڙيءَ مان آيل مسلمان ستياگرهين ڏيکاريو آهي، ان جو مثال هُن (يعني ڪوٽا والا) پنهنجي ساريءَ عمر ۾ ڪنهن ٻه قوم يا سياسي پارٽيءَ ۾ ڪونه ڏٺو آهي. هي ٻرندڙ جبل وانگر آهن، ماٺ ۾ آهي ته ماٺهو ۽ ڏڪا ڏور ٻل پيا ڪيس لتاڙين، پر ڦاٽي ته دنيا کي ڌوڏي ڇڏي.“

ڪوٽا والا پنهنجيءَ رپورٽ ۾ سرڪار کي پنهنجي هن مشاهدي کان ٻه مطلع ڪيو ته ”سرڪار کي سنڌ جي عام وڏيري کي ڏسي ڪابه سياسي قياس آرائي يا منصوبه بندي ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته سنڌ جو وڏيرو هڪ شيءِ ٿئي ٿو، ۽ سنڌ جو ڳوٺاڻو عوام ٻي شيءِ ۽ ٻيئي هڪٻئي کان بلڪل مختلف.“

ڪوٽا والا غلط ڪونه هو- جيڪي ڪجهه سکر ۾ ڏٺو ويو، ان خود اسان کي ٻه اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. مرد ته مرد پر سنڌ جون ڳوٺاڻيون، اڻ پڙهيل عورتون ٻه ڪنهن

جهل جهلجڻ وار يون ڪون نہ ٿي ڏنيون. ننڍڙا ننڍڙا ٻار هنج تي ڪٽي، جيل هلڻ لاءِ ستياگرھہ ڪيمپ ۾ اچي پهتيون هيون ۽ منٿون پئي ڪيائون تہ مردن کان پهريان ڪين جيل ۾ موڪليو وڃي. ستياگرھہ هلندي هڪ ڏينهن پوليس جي پهري مان ڪيٽو ڏسي ستياگرهين منزلگاھہ جي چوديواري تي حملو ڪري ڏنو ۽ زور سان پٽ ٽپي اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پٽ تي سرڪار سوڊا جي بوتلن جا ٽڪرا نوڪدار شيشا هڻائي ڇڏيا هئا، جيئن ديوار ۾ هٿ وجهندڙن جا هٿ وڍجي پون. ڪوٽاوالا ۽ انگريز پوليس ڪپتان ڀڙايو تہ ان جتي جون اڳواڻ ڪوٽائيون زالون هيون، جيڪي هڪدم ڊوڙي وڃي چوديواريءَ جي شيشن لڳل ديوار سان چنبڙي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. سندن هٿ وڍيا پئي، هٿن ۽ ٻانهن مان خوب رت پئي وهيو، پر ان هوندي بہ پٽ ٽپڻ جي ڪوشش کان باز نہ آيون.

مون ان ڏينهن محسوس ڪيو تہ اسان جي شاھہ سونهاري، ٻيٽائي گهوٽ، سنڌ جي مومل، مارئي ۽ سسئي کي اجايو ڪون ساراهيو هو.

* * *

۱۴ آڪٽوبر جو منزلگاھہ جي قبضي وٺڻ کان پوءِ ڪجهہ والنٽيئر اتي ئي رهي پيا. ڪجهہ اڳواڻ بہ ساڻن شامل ٿي ات ويهي رهيا تہ مبادا هندن جي هاءِ گهوڙا ڪري سرڪار دوباره سندن قبضي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري. انهن اڳواڻن ۾، جيترقدر مون کي ياد آهي، هي صاحب هئا: محترم جي- ايم- سيد، قاضي فضل الله صاحب، شيخ واجد علي مرحوم، آغا غلام نبي خان، آغا نظرعلي خان، پير غلام مجدد مرحوم (شڪارپور وارو) ۽ شايد ٻہ-چار ٻيا.

حاجي عبدالله هارون ۽ آءٌ سکر ۾ وڌيڪ وقت رهي ڪون سگهياسون، ڇو تہ اسان جي اڳيان ٻيا محاذ بہ هئا، مثلاً:

(١) مون کي لاهور ۾ رهي، ١٩٤٠ع واري آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس لاءِ تيارين ۾ نواب شاهنواز خان ممدوٽ مرحوم سان همراهي ڪرائڻي هئي.

(٢) ڪجهه وقت لاءِ دهليءَ پهچي پاڪستان جي باري ۾ Feasibility Report مڪمل ڪرڻي هئي.

(٣) منزلگاهه واري معاملي متعلق هندن جي ردعمل کي ڏسي سنڌ کان ٻاهر اهڙو انتظام ڪرڻو هو ته جيڪڏهن هندن جي اِن زوربار ڪري سرڪار انهن عمارتن جو قبضو زوريءَ مسلمانن کان ڇڏائي، ۽ سنڌ ۾ تشدد جي نئين لهر هلائي، ته ان جي جواب ۽ مقابلي ۾ سنڌ کان ٻاهر تحريڪ هلڻ شروع ٿئي، جيئن هندستان کان ٻاهر جي حالات کي ڏسي، مرڪزي سرڪار دخل ڏيڻ لاءِ مجبور ٿئي.

(٤) اهي سمورا ڪم حاجي صاحب جي زيرنظر هليا ٿي. ان کان سواءِ ڪيس ڪراچيءَ جو مرڪز ۾ سنڀالڻو هو، جتان هندن جي ايجيٽيشن جي نئين دور شروع ٿيڻ جا آثار پهرين ڏينهن کان پيدا ٿيڻ لڳا هئا.

(٥) ٻين ڳالهين سان گڏ آءٌ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو ۾ جنرل سيڪريٽري هوس، پر جنهن صورت ۾ مون کي سنڌ کان ٻاهر لاهور، دهلي ۽ شملي ۾ رهڻو هو، تنهن صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ صوبائي ليگ جي صدر (يعني حاجي صاحب) جو ڪراچيءَ ۾ موجود هجڻ ضروري ٿي سمجهيو ويو، چنانچه ٥ آڪٽوبر جو حاجي صاحب ڪراچيءَ روانو ٿي ويو ۽ آءٌ لاهور.

* * *

هندن جي ايجيٽيشن جو اهو نئون دور، جيڪو ٤ آڪٽوبر جو مسلمانن کي مسجد جي قبضي مان ڪڍڻ کان شروع ٿيو، سو پهرين دور کان وڌيڪ خطرناڪ هو، چند ڏينهن اندر گويا سڄو هندستان سنڌي هندن جي مدد ۾ اچي پيو. الله بخش مرحوم تي زور اچڻ لڳو ته ”مسجد جو قبضو خالي ڪراءِ

نہ تہ تنھنجي وزارت جو خير ڪونہ رھندو.“ مھاتما گانڌي پاڻ بيان جاري ڪيو. مرڪزي ڪانگريس اسيمبلي پارٽي پنھنجو ڊيپُٽي ليڊر سنڌ ڏانھن روانو ڪيو. ڊاڪٽر مونجي مھاسڀائي ناگپور مان ھلي اچي موقعي تي پھتو ۽ مکر ۾ ١٢-١٣-١٤ ۽ نومبر جو ھندن جي ھڪ وڏي ڪانفرنس سڏائي ڪين ”ڪمرڪشي“ ٻيھڻ تي آپار يائين ۽ آگھاڙي تلوار فضا ۾ لھرايائين. ڪانفرنس ۾ الله بخش وزارت جو ھندو وزير بہ شريڪ ٿيو، جنھن اعلان ڪيو تہ جيڪڏھن وزارت منزلگاھہ مسلمانن کان خالي نہ ڪرايو تہ ھو وزارت تان استعفيٰ ڏئي ٻاھر نڪري اچي پنھنجي ”جاتيءَ“ سان ٻانھن ٻيلي ٿي بيھندو. رھيون سنڌ ۾ ھندن جون اخبارون، سو تن بہ پنھنجي سڄي ڇيھہ ڪري ڇڏيو، سڄي ھندستان کي ڏڪائي ڇڏيائون.

* * *

انصافي انصاف، تہ ھن بحث ۾ مرحوم خانبھادر الله بخش سان بہ حق ٿيڻ گھرجي، ۽ سنڌس طرف بہ سمجھڻ گھرجي:

(١) خانبھادر الله بخش پاڻ مسلمان ھو ۽ سندس پرورش مسلماني ماحول ۾ ٿيل ھئي. سنڌ جي وزير اعليٰ ٿيڻ کان پوءِ مولانا عبيدالله سنڌي مرحوم جي جلاوطني ختم ڪرائي، کيس واپس ملڪ ۾ آڻڻ وارو پاڻ ھو،

(٢) ھن صاحب جي دل گھريو ٿي تہ جنھن جاءِ تي مسجد جو نالو پئجي چڪو آھي، سا مسلمانن کي ملڻ گھرجي. ان جو ثبوت ھيءُ ھو تہ جڏھن ھو اڃا بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ھو، ۽ اڃا سنڌ بہ بمبئيءَ کان جدا ڪانہ ٿي ھئي، تہ ھُن مسلمانن سان کليو وعدو ڪيو ھو، تہ ھو مسجد مسلمانن کي موٽرائي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪندو. ١٩٣٨ع ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ ٿيڻ کان پوءِ ھن مسلمان علمائن جو ھڪ وفد (جيڪو مولانا محمد صادق مرحوم ڪڏي واري ۽

جناب مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم مغفور تي مشتمل هو)، هن لاءِ سکر موڪليو هو ته هو جاءِ واردات ڏسي ڪيس پڌائين ته هندن جي هن دعوا ۾، ته اها عمارت مسجد نه پر "آرامگاهه" آهي، ڪيتريقدر حقيقت آهي. مولانائن جي راءِ حاصل ڪرڻ بعد هن ساڻن وعدو ڪيو ته پن - ئن ڏينهن اندر هو مسجد مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏيندو. سندس ان وعدي جو اعلان مولوي صاحبان پروقت پنهنجي پريس بيان ۾ به ڪري ڇڏيو.

(٣) ان سلسلي ۾ مسلمانن جي ڪيس کي مضبوط ڪرڻ خاطر هُن ٽن انجنيرن جي هڪ ڪاميٽيءَ کي عمارتن کي ڏسي، سندن تعمير جي نوعيت تي، رپورٽ ڪرڻ لاءِ سکر موڪليو.

(٤) ساڳي طرح هن ڪن مسلمان سول آفيسرن جي راءِ به حاصل ڪئي. انهن آفيسرن کي اسلام متعلق وڏي معلومات رکڻ جي دعوا هوندي هئي ۽ اُنندي ويهندي علامه اقبال رحمةالله عليه جو ڪلام سڌر سان پيا پڙهندا هئا، پر انهن وٽان ڪيس رپورٽ پهتي ته عمارتن تي جيڪي فارسي ڪتبا لڳل آهن، تن مان اهو ثابت ڪونه ٿو ٿئي ته اها مسجد آهي.

(٥) سر غلام حسين هدايت الله مرحوم ڪانئس (يعني الله بخش مرحوم کان) اڳ وزير اعليٰ رهي چڪو هو. منزلگاهه واري فائيل تي اڳوات ئي فيصلو لکي چڪو هو ته "اهي عمارتون سرڪاري آهن، مسجد نه آهن، تنهن ڪري مسلمانن جو مطالبو رد ڪجي ٿو ۽ عمارتون سرڪار وٽ رهنديون." (ڪانئس اڳ بمبئي سرڪار جا به اهڙا ئي فيصلا رڪارڊ تي لڳل هئا.)

(٦) خانبهادر الله بخش مرحوم اچا ڪو آخري فيصلو فائيل تي صادر ڪري، ان کان اڳ ۾ ئي مسلم ليگ "وچ ۾

ڪڍي پئي هئي"، جنهن جي جواب ۾ هندو به اٿي ڪڙا
ٿيا هئا ۽ ان ڪري مسئلي جي مذهبي پهلوءَ تي سياسي پهلو
غالب پئجي ويل هو ۽ سنڌس فيصلي ڪرڻ ۾ "وقتي
رڪاوٽون" پئجي ويون هيون.

(٧) خانبهادر مرحوم هيءَ سوچيو هو ته جنهن صورت ۾
انهيءَ مسئلي هاڻي سياسي رنگ اختيار ڪيو آهي، ۽ اڳتي
هلي شايد سياست کان علاوه انتظامي ۽ لا اينڊ آرڊر جون
پيچيدگيون به پيدا ٿي پون، تنهنڪري ڌرين جي منهن ڪي
بند ڪرڻ لاءِ معاملو موڙهو هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج ڪي
خاص ٽريبونل بڻائي، ان جي حوالي ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان
فيصلو وٺڻ گهرجي ته تڪراري عمارت مسجد آهي يا نه، ۽
ان مقصد لاءِ هن ضروري قانوني بل پاس ڪرائڻ جي
تياري ڪئي هئي، جيڪو بل ٻاڻ اينڊڙ جنوري (١٩٤٠)
جي اسيمبلي اجلاس اڳيان پيش ڪري پاس به ڪرايائين(١)
(ان ايڪٽ جو ٽائٽل هو: Sind Public Inquiries Act 1940)

(٨) خانبهادر مرحوم انتظام هلائڻ جي اصولن جو
آڳياس انگريزن جي زماني ۾ ڪيو هو ۽ ان وقت به مٿس
گورنر هڪ انگريز هو. اچا انگريزن جي 'بادشاهي قائم
هئي ۽ ڪنهن کي به خواب خيال ڪونه هو ته اُن سالن
اندر انگريز ختم ٿي ويندا.

---

(١) هو بل پاس ڪرائڻ کان اڳ مکر ۾ (١٩ نومبر کان) هندو مسلم
فساد شروع ٿي ويا هئا، جنهنڪري هندن ڏجي مارچ مهيني ۾
الله بخش وزارت کي ختم ڪري مسلم ليگ کي پاور ۾ آندو ۽
الله بخش کي انهنجي اِل هيٺ ٽربيونل مقرر ڪرڻ جو موقعو ڪونه
مليو (اڳتي هلي ساڳئي اِل جو فائدو وٺي مسلمليگ وزارت پاڻ اهڙو
ٽربيونل مقرر ڪيو، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو).

بهرحال، انگريزي انتظام جو بنيادي اصول اهو هو ته قانون شڪنيءَ يا ڪنهن سياسي دڙڪي داٻ ڪري ڪابه ڳالهه نه مڃجي، پهريان قانون شڪني ۽ دڙڪي کي ختم ڪرائجي ۽ ان کان پوءِ حق ۽ انصاف موجب فيصلو ڏجي. خانبهادر ان اصول کان متاثر هو ۽ سمجهيائين ٿي ته قانون شڪنيءَ جي دڙڪي ۽ دٻاءَ هيٺ اچ هيءُ فيصلو ڏنم ته ان کان پوءِ رستو ئي پوندو ۽ حڪومت کان هر ڪم دڙڪو ڏئي پيو ڪرايو ويندو، جنهنڪري حڪومت ڦلهڙي ٿي پوندي ۽ ڪوبه انتظام رکي نه سگهندي ۽ اڳتي هلي خود عام ماڻهن جون حق تلفيون ٿينديون.

خانبهادر الله بخش مرحوم جي انهن دليلن ۾ ڪيترو به وزن هو، مگر هيٺين سببن ڪري، ان جو اثر زائل ٿي ويو ٿي:

(١) سنڌس نيت ڪيتريقدر به نيڪ هئي، مگر اها به هڪ حقيقت هئي ته هن کي سڀ کان پهريون وزارت مطلوب هئي، جنهن کي هن ڇڏڻ نه ٿي گهريو، ۽ سنڌس ان خواهش جو فائدو وٺي، هندو ڪيس بليڪ ميل ڪري رهيا هئا ۽ مسلمان اهو نظارو رات ڏينهن پنهنجن اکين سان ڏسي رهيا هئا. جيڪڏهن سنڌس پنهنجي وزارت ۽ سياسي خود غرضي جو سوال وچ ۾ نه هجي ها، ته ماڻهو سنڌس نيت واري پهلو تي به نظر ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ها.

(٢) ساڳئي قسم جي ايجيٽيشن جي دٻاءَ هيٺ هاڻ اڳ ۾ لواري شريف واري ميلي ۽ اوم منڊليءَ تي بندش وجهي چڪو هو. پوءِ انهن موقعن تي سنڌس انگريزي انتظامي اصول ڪاڏي هليا ويا هئا؟ ڇا انهن اصولن جو نفاذ خالي منزلگاهه جي باري ۾ مسلمانن جي مطالبي لاءِ رهيل هو؟

(٣) سنڌس لاءِ مناسب هو ته هو وزارت کان مستعفي ٿي، مسلمانن سان شامل ٿي وڃي ها. سنڌس ٻاهر نڪرڻ

ڪان پوءِ هندو اهڙي ڪابه وزارت قائم ڪرڻ نه ڏني سگهيا، جيڪا منزلگاهه مسجد مسلمانن کي موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿئي ها. جيڪڏهن الله بخش مرحوم هندن کي فقط اهو دڙڪو ڏئي ها ته هنن کي اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ها ۽ هو ڪيس اجايو وزارت مان ڪڍڻ ڪين ها. پر هن صاحب ايترو جوکم کڻڻ به قبول ڪونه ڪيو.

(٤) سڀ کان مکيه ڳالهه اها آهي ته اڳتي هلي ان سڄي معاملي جي جنڊچاڻ ٽربيونل جي انگريز هاءِ ڪورٽ ججن اڳيان ٿي، جنهن جي سامهون ٻنهي ڌرين پنهنجو طرف بيان ڪيائين ۽ شاهد ۽ ڪاغذ وغيره به پيش ڪيائين. جج اهو فيصلو ڏنو ته معاملي کي اڻکهائڻ، منجهائڻ ۽ ڦرندڙ گهرندڙ پاليسين سان پيچيده بڻائڻ جي ذميداري مٿس عائد ٿي ٿيئي ۽ اهو ئي ڪارڻ بڻيو فسادن ۽ خونريزيءَ جو.

* * *

٤- آڪٽوبر کان پوءِ جا واقعا پڌرو.

هندن جي ايجيٽيشن جي نتيجن دُور، جيڪو ٤- آڪٽوبر کان شروع ٿيو هو، تنهن آخر هٿي هنڌ ڪيو. الله بخش وزارت مجبور ٿي حڪم جاري ڪيو ته منزلگاهه کي مسلمانن کان ڪسي زور سان خالي ڪرايو وڃي ۽ خالي ڪرائڻ لاءِ تاريخ ١٩ نومبر مقرر ڪئي ويئي.

١٩ نومبر کان اڳ سنڌ جي سمورن ضلعن مان پوليس جا دستا گهرائي سکر ۾ موجود رکيا ويا. ڳوڙهن وهائڻ واريءَ گيس جا بم ۽ انهن کي استعمال ڪندڙ عملو ڪراچيءَ کان اچي ويو. ان سان گڏ گهوڙن جو رسالو به گهرايو ويو، جيئن گهوڙن تي چڙهي پوليس وارا منزلگاهه مسجد ۾ ويٺل مسلمان والنٽيئرن تي يلغار ڪن ۽ ڪين گهوڙن جي سُنبن هيٺان لتاڙائين. رائفلن، لٺين ۽ پوليس جي ڏنڊن جا انبار ان کان علاوه لڳي ويا. ان زماني ۾ سکر ۾ فوج به

رهندي هئي، آن جو هڪ دستو گهرائي، ان ڪم لاءِ تيار رکيو ويو ته جڏهن پوليس وارا ڏنڊا ۽ گيس هڻي مسجد خالي ڪرائين ته هي چوڌاري خاردار تار جو جهنگلو ڪڙو ڪري وٺن، جيئن وري ڪو اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪري نه سگهي. اِها ايڏي ساري تياري ڪنهن جي مقابلي لاءِ ڪئي وئي هئي؟ جناب جي. ايم. سيد ۽ ٻين ڇهن پنجن ليڊرن ۽ پندرهن ويهن مسلمان والنٽيئرن جي سرڪوبيءَ لاءِ.

پوليس جو حملو منجهند ڌاران پوءِ شروع ٿيو. گهوڙا ٽپ ڏيندا گهڙندا آيا، گيس جا بم ڦاٽندا رهيا، پوليس جي لٺين ۽ ڏنڊن جا وسڪارا ٿيندا ويا، پر مسلمان موقعي تان ڪونه ٻڏا. منجهان ڪجهه زخميا، رت ڳاڙيندا رهيا، پر اتي ئي پيا ڦٽڪندا رهيا. نيٺ پوليس وارن کين ٻڌي ٻاهر ڪڍيو ۽ جي. ايم. سيد ۽ ٻين کي گرفتار ڪري، انهيءَ ئي وقت کين خشڪيءَ جي رستي سان حيدرآباد موڪلي ڏنائون، جت هو وڃي بند ٿيا. جيڪي ليڊر (مثلاً شيخ واجد علي مرحوم) يا والنٽيئر گرفتاريءَ کان بچي ويا، تن منزلگاهه ڇڏڻ بعد شڪارپور جو رستو ورتو. سندن حال ڏسي رستي جي ڳوٺن جي مسلمانن کي خبر پوندي ويئي ته سکر ۾ مسلمانن سان ڪهڙا ويل وهيا آهن!

سکر جي هندن کي اڳواٽ معلوم ٿي چڪو هو ته ڪهڙي وقت منزلگاهه تي حملو ٿيندو، تنهنڪري هنن پنهنجي طرفان هيءُ بندوبست ڪري ڇڏيو ته جنهن وقت هوڏانهن حملو ٿئي، عين ان وقت شهر جا هندو پنهنجي هستي ۽ طاقت ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي (١) شهر جي مسلمانن کي قتلام ڪرڻ ۽

(١) سکر شهر جي آباديءَ ۾ ان وقت گهڻائي هندن جي هئي. ستر هزار آباديءَ ۾ چاليهه هزار هندو هئا ۽ ٽيهه هزار مسلمان. ميونسپالٽيءَ ۽ وڏين وڏين سرڪاري نوڪرين ۾ به سندن لماهان گهڻائي هئي.

سندن گهرن ۽ دڪانن کي باهيون ڏيڻ ساڙڻ جو ڪم ڪري ڏين. سندن اهو پروگرام ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيو. ٻن اڍائن ڪلاڪن اندر رستن تي ۽ گهٽين ۾ مسلمانن جا لاش پيل ڏٺا ويا ۽ جنهن جنهن پاڙي ۾ مسلمانن جون هوٽلون يا دڪان هئا، اتان باهين جا آلا ٿي نڪتا. هڪ مشهور هندو غنڊو گورڌن ان مهم جو سرغنو هو ۽ جيستائين مسلمان سجاڳ ٿي پنهنجي بچاءَ لاءِ ميدان ۾ آيا ۽ گورڌن جو پنهنجو خاتمو ٿيو، اوستائين گورڌن جي غنڊن مسلمانن کي ڪافي ڪان وڌيڪ نقصان پهچائي ڇڏيو.

اهو قصو ته ٿيو سکر جي شهر اندر — شهر کان ٻاهر ڳوٺن ۾ وري هندن لاءِ مصيبت ڪڙي ٿي ويئي. جيڪي ڪجهه سکر شهر اندر ٿي رهيو هو، ان ۾ افواه سازن اضافو ڪري ٻاهراڙي ۾ اهڙيون ڳالهيون ڦهلائي ڇڏيون، جو نتيجي ۾ مسلمانن جو هوش مان نڪرڻ نيچرل ڳالهه بڻجي پئي. گهڻا هندو ماريا ويا ۽ سندن جايون ساڙيون ويون. ورنڊڙ ٻن-ٽن ڏينهن اندر سکر تعلقو، جنهن ۾ هندن جو وڏو تعداد رهندو هو ۽ جتان جي ٨٠ سيڪڙو زرخيز زمين سندن ملڪيت هئي، ڪانئن خالي ٿي ويو. انهن فسادن دوران اڪيلي هلي ٽربيونل اڳيان جيڪي جاني نقصان جا انگ اکر ضلعي جي انتظاميه طرفان پيش ٿيا، سي هن طرح (١) هئا:

مئلن جو تعداد

هندو ١٥١ مسلمان ١٤

زخمين جو تعداد

هندو ٥٨ مسلمان ١٢

* * *

(١) ٽربيونل فيصلو ڏنو ته اهي انگ گهٽائي لکيل آهن، حقيقت ۾ جاني نقصان ان کان گهڻو زياده ٿيو هو. ملڪيت ڪيتري سڙي، تنهن جا الڳ ته ٻنه ملي ڪونه سگهيا هئا. هندن جي دعوا هئي ته ٽن ڪروڙن کان مٿي جائداد جو نقصان ٿيل آهي.

۴ آڪٽوبر ۱۹۴۱ع نومبر جي وچ ۾ هڪ ڀيو وڏو حادثو ٿي گذريو، جنهن سنڌ کي ڏڪائي ڇڏيو ۽ فضا کي حد کان زياده زهر آلود بڻائي ڇڏيو. حضرت پير صاحب ڀرچونڊي شريف جو فرزند سکر گهمڻ لاءِ آيل هو. اُتي ڪن هندو غنڊن متس ڪليءَ بازار ۾ حملو ڪري ڪين مارڪٽ ڪئي ۽ سخت بي‌آبرو ڪيو. پير صاحب جي جماعت ۾ انڪري سخت اشتعال پيدا ٿيو. چوڻ ۾ آيو ته انتقام طور پير صاحب جي هڪ مُريد(۱) رُڪ اسٽيشن تي ۲ تاريخ نومبر جو ريل جي گاڏي ۾ ويٺل ڀڳت ڪنور رام کي بندوق هڻي ماري ڇڏيو. ڀڳت صاحب صوفي خيالن جي مسلمانن خواه هندن ۾ گهڻو مقبول هو. ساري سنڌ سندس ڀڳت ۾ سندس واتان ڪافين ٻڌڻ لاءِ آتي هوندي هئي. ذاتي طرح وڏو داني پُرش هو. ڀڳتين ۾ ماڻهو هزارين رپيا متس نڇاور ڪندا هئا، جن کي هٿ لائڻ کان سواءِ برقت سائلن ۽ غريبن (مسلمانن خواه هندن) ۾ ورهائي، پاڻ هٿين خالي ٻوچڻ ڇنڊي ڀڳت مان اٿندو هو. ڪُائڻ لاءِ اڌ رات کان پوءِ اٿندو هو ۽ صبح تائين ساريءَ فضا کي موسيقيءَ ۾ منڊل ڪيو بيٺو هوندو هو. آواز ۾ اثر ۽ دل ۾ درد هوس. سندس هڪ خاص ڪافي هئي، جيڪا چيل ته صوفي دريا خان سائين ڪنڊڙيءَ واري جي هئي، پر جڏهن اها ڪافي ڀڳت ڪنوررام جي مُک مان ادا ٿيندي هئي ته ٻڌندڙ بيخود ٿي ويندا هئا. ان ڪافيءَ جو ٿلهه هو:

آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهه، مون کي تن ماروئڙن جي(۲).

---

(۱) خون جو ڪيس ناثابت ٿيو ۽ پير صاحب جي مريد کي چيف ڪورٽ ڇڏي ڏنو.

(۲) ٻڌو اٿم ته ڀڳت صاحب جي ڳايل ان ڪافيءَ جا ريڪارڊ هندوستان ۾ اڄ تائين پيا هلن ۽ اُت ويل شايد ئي ڪنهن سنڌي هندوءَ جو گهر هوندو، جنهن ۾ اهو ريڪارڊ موجود نه هوندو. ان ريڪارڊ کي ٻڌڻ عبادت سمجهن ٿا.

بدقسمتيءَ سان اهڙو بي ضرر فنڪار ۽ انسان به، سکر جي واقعات جي هاجيءَ ۾ هڃي ويو. جيڪڏهن سکر جا ڪوته انديش ۽ عقل کان عاري هندو غنڊا پير صاحب جي فرزند جي بيعزتي نه ڪن ها ته ڪنور رام جهڙي انسان جي جان ضايع ڪانه ٿئي ها. پر سکر جي هندن ڪي ڪير ٿي سمجهائي سگهيو؟ جيئن ٿڏ، تيئن وڏا!

*   *   *

١٩ نومبر وارن فسادن کان پوءِ وري گرفتارين جو سلسلو شروع ٿيو. گرفتار سڀ مسلمان ٿيا، هندو هڪ به ڪونه. جنوري تائين مسلمانن جي گرفتارين جو تعداد پندرهن سون کي وڃي پهتو. ساڳئي ٿي مهيني ۾ سنڌ اسيمبليءَ اڳيان تقرير ڪندي خانبهادر الله بخش مرحوم اعلان ڪيو ته هندن جي املاڪ جو جيترو نقصان ٿيو آهي، اهو ڏوهاري ڌر (جيڪا سندس نظر ۾ مسلم ليگ هئي) کان ڀرائي ڏنو ويندو ۽ ان ڪم لاءِ هڪ ٽربيونل مقرر ٿيندو.

سنڌ جي مسلمانن کي پيڙڻ لاءِ اها پراڻي پاليسي هئي، جنهن تي هندو پاڻ به عمل ڪندا ٿي رهيا ۽ حڪومت کان به عمل ڪرائيندا ٿي رهيا. پاليسيءَ جا مکيه جُزا هي هوندا هئا:

(١) پهرين ڪنهن مسئلي تي ضد ۾ ڏي اشتعال پيدا ڪجي ۽ ڪشمڪش شروع ڪرائجي.

(٢) ساڳئي وقت اخباري هاءِ گهوڙا مچائي، ملڪي فضا کي مسموم بڻائجي ۽ مسلمانن خلاف عام نفرت ڦهلائجي ۽ هندو جاتيءَ کي مقابلي لاءِ اڀارجي (سنڌ جي پريس ساري جي ساري، سواءِ هڪ الوحيد جي، هندن جي قبضي ۾ هئي).

(٣) شهرن(١) ۾ فساد مچائڻ ۽ مسلمانن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ نوجوان غنڊن جي تنظيم ڪري ڪين ورزش جا آکاڙا کولي، هٿيارن هلائڻ جي سکيا ڏيارجي (اهڙا آکاڙا هر شهر ۾ کلي چڪا هئا.)

(٤) فساد ٿين ته مسلمانن سان هٿيار بند مقابلو ڪجي.

(٥) فسادن جي سلسلي ۾ هاءِ گھوڙا مچائي ۽ حڪومت خاص طرح پوليس لئي ڏ پائي، گھٽي ۾ گھٽي تعداد ۾ مسلمانن کي گرفتار ڪرائجي، گھڻو ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ يا ڪوڙيون ثابتيون ٺهرائي.

(٦) مقدمن جي ذريعي مسلمانن کي خوب پيڙارائجي، جيئن سندن حوصلا ڪري پون ۽ وري ڪڏهن ڪنڌ ڪڍي نه سگھن (سنڌ ۾ مئجسٽريٽ ۽ وڪيل ٩٠ فيصد هندو هوندا هئا، هيڪڙ ٻيڪڙ جيڪي ننڍا ننڍا مسلمان وڪيل هوندا هئا، سي يا ته هندن جي خوف کان اهڙن ڪيسن ۾ مسلمانن جا وڪيل ڪونه ٿيندا هئا، يا ڳاڻي ڳڻيون اهڙيون

---

(١) سنڌ جي تقريباً سمورن شهرن ۾ هندن جي اڪثريت هوندي هئي. مثلاً (آخري آدمشماريءَ موجب:)

شهر	جملي آبادي	غير مسلم	مسلم
ڪراچي	٢٤٧٧٩١	١٢٩٣٧٩	١١٨٤١٢
حيدرآباد	٩٦٠٢١	٦٨٩٠٥	٢٧١١٦
لاڙڪاڻو	٢٦٨٤١	١٥٨٩٦	١٠٩٤٥
نوابشاه	٧٠٢٣	٥٥٥٥	٢٤٦٨
سکر	٦٩٢٧٧	٤١٦٢٥	٢٧٦٤٢
ميرپورخاص	١٠١٧٥	٧٤٠٩	٢٧٦٩
جيڪب آباد	١٥٧٤٨	٧٩٦٥	٧٧٨٣

تقريباً ساڳي حالت اهن ڪان ننڍن شهرن ۾ هئي. هر هنڌ هندو گھڻائي ۾ ۽ مسلمان ٿوراڻي ۾.

فيون گهرندا هئا، جيڪي سندن محنتائي ۽ لياقت کان وڌيڪ هونديون هيون ۽ مسلمان پري نہ سگهندا هئا)

اها هئي سياستدان هندن جي نئين نسل جي مسلمانن جي باريءَ ۾ پاليسي، جنهن تي فسادن کان سڪر ۾ بہ عمل شروع ٿيو!

پر وڌيڪ تفصيل ۾ وڃڻ، ان کان اڳ آءٌ مناسب سمجهان ٿو تہ سنڌ جي نئين نسل کي واقف ڪرڻ لاءِ ڪن ڳالهين کي هن منزل تي واضح ڪري ڇڏيان:

پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ آءٌ، هن ذڪر ۾، هندو لکان ٿو تہ منهنجي مراد ان وقت جي ساري هندو جنتا کي ذميدار ٺهرائڻ جي نہ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جو هندو ۱۹۲۰ع کان اڳ باقي برصغير جي هندن کان گهڻين ڳالهين ۾ مختلف هوندو هو. هيءَ صوفي منش هو، مسلمان پيرن فقيرن جو معتقد هوندو هو. فارسيءَ ۽ اسلامي لٽريچر کان متاثر هو. قرآن شريف جو ايتري قدر احترام ڪندو هو، جو ان تي هٿ رکي ڪڏهن ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندو هو. ڪي هندو تہ باقاعده ڪلام مجيد جو دؤر بہ ڪندا رهندا هئا. پيراني جي هڪ هندو سيٺ جي باري ۾ چيو ويندو هو تہ هن کي ٽي هزار صحيح حديثون ياد هيون. جت اچا اسڪول نہ کليا هئا، اُت هندو ٻار مُلن جي مڪتبن ۾ (جيڪي گهڻو ڪري مسجدين ۾ هوندا هئا) تعليم وٺندا هئا. مسجدن ۾ رات جو ڏيا هندو عورتون ٻاري رکنديون هيون. قرآن شريف تي هندو عورتون باسون باسينديون هيون ۽ باس پوري ٿيندي هُوَن تہ قرآن مجيد کي "ريشمي پوتي" پهرائينديون هيون ۽ مسجدن ۾ وڃي مٺايون ورهائينديون هيون. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام تي گهٽي ۾ گهٽي تحقيقات هڪ هندو عالم ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ڪئي. راءِ بهادر وشنداس جو ذڪر اڳ دادو ضلعي ۾ اچي چڪو آهي.

اهڙا پيا هندو به هوندا هئا، جيڪي ڪنهن به فرق ڪرڻ بغير مسلمانن جي خدمت ۽ حاجت روائي ڪندا رهندا هئا. بيوهه عورتن کي قوت گذر ۽ يتيم مسلمان ٻارن ۾ اسڪالرشپون ورهائيندا رهندا هئا(١). اڪيئن جون اسپتالون شڪارپور جا سيٺيون پنهنجي خرچ تي کولرائيندا هئا، مثلاً اڪيئن جي مشهور ڊاڪٽر سر هينري هالنڊ جي اسپتال هر سال شڪارپور ۾ کولرائيندا هئا، جنهن جو سارو خرچ هندو پريندا هئا (مسلمان مريضن جي رهائش ۽ خوراڪ جو به) - سرڪاري ڪاليجون کانسواءِ، ان کان اڳ هندن خانگي طرح پنهنجي پيسي سان ڪاليجون کوليون، جن مان مسلمان به فائدو وٺندا ٿي رهيا. ٿرپارڪر ضلعي جا هندو راجپوت پنهنجون نياڻيون مسلمان خاندانن ۾ پرڻائي ڏيندا هئا. بلڪ ڪلهه کان اڳ سنڌ جي مسلمانن جي ڪمائي هندو شاهوڪارن وٽ امانت طور رکي ويندي هئي. ساريءَ تاريخ ۾ اهڙو مثال ڪونه ٿو ملي، جنهن ۾ ڪنهن هندو شاهوڪار مسلمانن جي امانت ۾ خيانت ڪئي هجي. سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ جي هندو اڪثريت مان آجو ڪرائي علحده صوبي بڻائڻ جي تحريڪ سڀ کان پهرين سيٺ هرچند راءِ وشنداس شروع ڪئي ۽ وقت جي ٻين هندو بزرگن آن جي پٺ ڀرائي ڪئي ۽ منجهان ڪنهن به مخالفت ۾ اکر ڪونه ٻوليو(٢). عام

---

(١) ڏڪار پوندا هئا ۽ مينهن نه وسندو هو ۽ گاهه نه هجڻ ڪري مسلمانن جا جانور مرڻ لڳندا هئا ته هندو پنهنجي هڙان گاهه خريد ڪري يا سرڪاري پيلا ليکن تي کڻي "اهم سامين" کي ڏانيندا هئا.

(٢) ١٩٢٩ع ۾ ۽ ان کان پوءِ جڏهن ان تحريڪ جو نئون دؤر مسلمانن هٿان شروع ٿيو ته هندن جي نئين نسل ۽ اُن ليڊرن ان جي خوب مخالفت شروع ڪري ڏني. سبب اهو هو ته سنڌن بزرگ کهڙو ڪري ان وچ ۾ گذاري ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ هڪ اهڙي نئين نسل ورتي هئي، جيڪو سنڌ جي روايتن کان ناواقف هو ۽ ڪراچي ۾ اڳ-پوءِ جي خبر ڪانه ٿي پيس.

زهٽي ڪرٽي ۽ لباس جي هيءَ حالت هوندي هون جو هندو بزرگ ڏاڙهيون رکندا هئا. هيٺ تي شلوار ڍڪيندا هئا ۽ مٿي تي وڏي پڳ. راڳ هندن جي مذهبي لائف جو هڪ اهم جزو ٿئي ٿو، سنڌ جي هندن جو راڳ سو فيصد مسلماني طرز جو هو. مسلمان بزرگن جي ڪلام کان سواءِ ٻيو ڪجهه نہ ڳائيندا يا پڙهندا هئا. سنڌ جي هندن ۾ اڌ کان گهڻو وڌيڪ مسلمان صوفي بزرگن جي درگاهن جا مريد هئا. حضرت قلندر لعل شهباز رح ۾ جيترو اعتماد مسلمانن جو هو، اوترو هندن جو بہ هو، درگاه جي متولين ۾ هڪ "ڪافي" هندن جي هوندي هئي. درگاه شريف جون بعض رسومات صرف هندو بجا آڻيندا هئا، مثلاً مينديءَ جي رسم. سنڌي زبان جي بہ هندن وڏي خدمت ڪئي، سنڌي زبان جا گهڻا چوٽيءَ جا اهلِ قلم هندو هئا. سنڌ جي اڪيليءَ آرٽس ڪاليج ۾ فارسيءَ جو پروفيسر هندو هو. سنڌ جي قديمي تاريخ جي کوجنا ٻهرين ٻهرين هندن شروع ڪئي. سنڌ جا هندو سوئر جي گوشت جي ويجهو قطعاً ڪونہ ويندا هئا. ٻڪر جو گوشت بہ جيستائين مسلمانن جو حلال ڪيل نہ هوندو، ڪونہ واپرائيندا هئا. سندن جذبات جو احترام ڪندي سنڌ ۾ کليل گاؤڪشي ڪانہ ٿيندي هئي. مٿين طبقي جا مسلمان تہ ساري عمر وڏي گوشت جي ويجهو ڪونہ ويا. شاديءَ خواه غميءَ ۾ هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ايتري قدر قريب هئا، گويا هڪ ئي قوم جا ماڻهو بلڪ پاڻ ۾ عزيز آهن. مسلمانن جي وڏين زميندارين ۽ جاگيرن خواه گهرو ڏيتي ليتيءَ جو انتظام هندو ڪاردارن ۽ مودين جي حوالي هوندو هو. ڳوٺاڻي زندگيءَ جو مرڪز هوندا هئا. عام چوٽي هوندي هئي تہ "ڳوٺ جي سونهن ۽ وستيءَ جي وندر" هندو آهن. ڪن وڏن مسلمان گهراڻن ۾ تہ سترونديون خواتين پنهنجن هندو مودين ۽ ڪارڪنن کان پردو ڪونہ ڪنديون هيون

حالانڪ عام طرح هو پردي جون سخت پابند هونديون هيون. ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ ڪو به راڄ-وٽو فيصلو اوستائين ڪونه ٿيندو هو، جيستائين ڳوٺ جو مُکي وچ ۾ ويهي ٻين چڱن مڙسن کان ڳالهيون نه ٻڌي.

غرض، سنڌ جي سوشل لائف باقي برصغير جي سوشل لائف کان بلڪل مختلف هوندي هئي ۽ اُن جو نتيجو اهو هو جو هت هڪ مشترڪ ۽ متوازن گڏيل ڪلچر يا معاشرو اُڀري رهيو هو، جنهن ۾ باهمي مذهبي ۽ معاشرتي تضادات کان وڌيڪ تصورات، معتقدات ۽ اقدارن جو پهلو نمايان نظر ايندو هو.

انهن حالتن کي سامهون رکندي، سوال پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ اهو نفاق ڇو پيدا ٿيو ۽ ڪڏهن کان پيدا ٿيڻ شروع ٿيو.

جواب آسان آهي.

١٩٢٠ع ۾ آئيني سڌارا مليا ۽ ان ڏينهن کان ملڪ جي سياست هڪ نئون رخ اختيار ڪيو. اسيمبلين، ميونسپالٽين، لوڪلبورڊن ۽ اسڪول-بورڊن جون ميمبريون ڪليون ۽ جدا چونڊن جو طريقو رائج ٿيو. هندو هندن کي چونڊين ۽ مسلمان مسلمانن کي. هر چرندڙ پرندڙ ماڻهو ۾ پاور جي بوءِ تي نيون هوسون ۽ اسنگون پيدا ٿيون، جن 'چِڪتاڻ' جو روپ ورتو. مثلاً مسئلو پيدا ٿيو ته هڪ اُميدوار پاڻ کي ٻئي اميدوار جي مقابلي ۾ پنهنجي قوم اندر، ڪيئن وڌيڪ مقبول بڻائي اليڪشن کٽي ۽ پنهنجي هوس جي پورائي ڪري؟ سنڌ ۾ نه ڪا مستقل سياسي پارٽي هئي، نه ڪو اقتصادي پروگرام، جنهن جي بنياد تي اميدوار ووٽرن کي اپيل ڪري ڪاڻن فيصلو وٺن ها. ماڻهوءَ جو پنهنجو ذاتي اثر به گهڻو ڪونه ٿي هلي سگهيو. گهڻا اهڙا شهري هندو اميدوار ميدان ۾ ٿيي پيا ٿي، جن کي ٻهراڙيءَ ۾ ڪو سڃاڻندو به ڪونه هو

۽ ووٽ گهٽي تعداد ۾ ٻهراڙي جا هوندا هئا، تنهنڪري ضرورت محسوس ٿين ته ملڪ ۾ ڪو اهڙو ممڻ مچائجي ۽ مسئلو ڪڙو ڪجي، جنهن جي آڌار تي سياست جي ميدان ۾ آيل شوريده سر نوان شهري هندو آسانيءَ سان ووٽ وٺڻ جا حقدار بڻجي پون. بدقسمتيءَ سان انهن ١٩٢٠ع وارن سڌارن کان پوءِ باقي هندستان جي هندن کي به ساڳئي قسم جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي هئي، جنهنڪري هنن ٽي چار تحريڪون هڪدم شروع ڪري ڏنيون هيون: (١) شُڌي ۽ سنگهٽن، (٢) آريا سماج ۽ (٣) هندو مهاسڀا. انهن سڀني جي سرتاج وري پراڻي ڪانگريس هئي، جنهن کي نالي ماتر ته هيءَ دعوا هئي ته هوءَ هندو ۽ مسلمانن جي گڏيل جماعت يا تحريڪ آهي، مگر حقيقت ۾ ان جو مقصد به هندن جي بالادستي قائم ڪرڻ (١) جو هو (ٿورو اڻ سڌيءَ طرح)-- چالاڪي هيءَ هئي ته جيڪي هندو اڃا پراڻي حجاب جا پردا ڦاڙي، ٻين ڪٽر هندو جماعتن ۾ کليءَ طرح شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿين، تن کي هن وچولي پليٽفارم تي جمع ڪري ۽ ساڻ کڻي اڳتي وڌجي. جنهن صورت ۾ مقصد ڇٽني جماعتن جو آخر ۾ ساڳيو هو، تنهن صورت ۾ بنيادي هندو ڪاز کي ڪو نقصان ڪونه ٿي پهتو.

سنڌ جي هندن جو اهو گروپ، جنهن ١٩٢٠ع وارن سڌارن ڪري نئين سر (٢) سياست تي قبضو ڪرڻ لئي گهريو، سو هندستان جي انهن تحريڪن سان هڪ نه هڪ سان

---

(١) جيئن ان کان پوءِ جي واقعات ۽ سنڌس حالت مان ثابت ٿيو.

(٢) ١٩٢٠ع کان اڳ سنڌ جي هندن تي ٻاهرين جماعتن جو ڪوبه اثر ڪونه هو ۽ شايد انهن جو ڳالهه به ڪهڙو ڪونه پڌو هئائون. ان جو ثبوت اهو آهي ته ١٩٢٠ع کان اڳ ڪوبه سنڌ جو هندو انهن جي لڪيٽ تي ڪونه چونڊيو هو.

شامل ٿي ويو. اهي سڀ پڙهيل لکيل ماڻهو هئا. دنيا جي مختلف تحريڪن جي تاريخ پڙهي چڪا هئا. هنن کي نظر آيو ته ڪنهن به تحريڪ کي تيزيءَ سان ماڻهن ۾ ڦهلائڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته ڪنهن ڌر سان دشمني پيدا ڪجي، جنهن جو پوت ٻڌائي، پنهنجن ماڻهن کي ڌيچاري ۽ نفرت جي بنياد تي انهن کي منظم ڪري، مقابلي لاءِ ميدان ۾ آڻجي ۽ ان جي اڳواڻي هٿ ڪجي-- پوءِ پنج ئي آڱريون گيهه ۾.

چنانچه، سنڌي هندوگروپ ان نسخي تي عمل ڪري پوت جي طور مسلمانن کي پيش ڪيو ۽ انهن جي خلاف هندن ۾ نفرت جو ٻج پوکڻ شروع ڪيو. ان خرابيءَ جا خاص مرڪز ٻه هئا: لاڙڪاڻو ۽ سکر-- جتان پيشقدمي شروع ٿي ۽ ان جي تائيد ڪراچي، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص مان نڪرندڙ هندو اخبارون ڪرڻ لڳيون ۽ باقي سنڌ جي هندن ۾ زهر ڦهلائڻ لڳيون.

لازم هو ته هندن جي سياست جو اهو نئون لاڙو ڏسي مسلمانن جا به ڪن ڪڙا ٿين. هنن ۾ به اهو احساس پيدا ٿيڻ لڳو ته هندن جي ان ايجيٽيشن ڪري سنڌن حقن تي حملو ٿيڻو آهي. مثلاً ڪين سرڪاري نوڪرين مان پورو حصو ڪونه ملندو ۽ اقتصادي ۽ معاشي نظام ۾ اهڙيون ڦيريون گهيريون ڪرايون وينديون، جو سنڌ جو واپار ته اڳ ۾ ئي ساري جو سارو هندن وٽ آهي، پر هيٺر مسلمانن جون زمينون به هندو وياج خورن جي قبضي ۾ هلي وينديون(١).

(١) انگ اکر ڏنا ويا ته معلوم ٿيو ته اڳ ۾ ئي 40 سيڪڙو مسلمانن جون زمينون هندن وٽ پهچي چڪيون هيون ۽ وڏيڪ وهن کان چاليهن سيڪڙي تائين زمينون وڃن گروي رکيل هيون ۽ سنڌ جي مسلمان زرعي پيشه وارن ماڻهن کي آهي قانوني بچاءُ به ڪونه ڏنل هئا، جيڪي پنجاب جي زراعت پيشه ماڻهن کي اڳ ۾ ئي حاصل ٿي چڪا هئا.

ان کان وڌيڪ هڪڙم ڏکوئيندڙ ڳالهه هيءَ هئي ته اوچتو ئي اوچتو هندن ۾ ڏاڍي مغروري پيدا ٿي وئي هئي ۽ هو مسلمانن کي وحشي ۽ ذليل سمجهڻ لڳا هئا. عام طرح هندن پاڻ کي باقي سنڌ جي معاشري کان ڪالي هڪ علحده ۽ نسبتاً اعليٰ ۽ ارفع (Exclusive and Superior Society) سوسائٽي طور رهڻ ۽ اڳتي وڌڻ شروع ڪري ڏنو هو، جنهن نئين رجحان سندن بهترين گهٽگهُرن مسلمانن کي به سخت ڏکويو ٿي. ان خرابيءَ ۾ جيڪڏهن اجا ڪا گهٽتائي رهجي ٿي ويئي ته آها هندو اخبارن، هندو سرڪاري ڪامورن(١) ۽ هندو لٽريچر لکندڙن پوري ڪئي. مثلاً ڪن دريده دهن هندو قلمڪارن اهڙيون چوپڙيون به ڇپائي مسلمانن ۾ ورهايون، جن ۾ حضور پاڪ صلي الله عليه و سلم جي ذات گرامي تي سخت بيهودا حملا ڪيل هوندا هئا.

اڄ تسليم ڪريان ٿو ته اها ساري ڪاروائي هندن جي نئين سياسي هوسناڪ پوڌ جي هئي ۽ ان ۾ پراڻيءَ معاشرت جي هندو بزرگن جو ڪو ڏوهه ڪونه هو. مگر هيءَ به حقيقت هئي ته اهي بزرگ نئون زمانو ڏسي پاڻ هٽي، سارو ميدان انهن ناتجربڪار، ڪوته انديش، فسادي ۽ ڪٽر فرقہ پرستن جي حوالي ڪري، پاڻ عملي سياست مان رٽائر ڪري ويا هئا. هو انهن نون ساٿين جو مقابلو پاڻ ڪري ڪونه سگهيا ۽ سنڌ کي، پنهنجن خاندانن کي، بلڪ پنهنجي ساري جاتيءَ کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيائون.

(١) مغروري ۽ مسلمانن سان صريحاً بي انصافي برتڻ.

هن ڪتاب جي پهرين جلد ۾ صفحي ۴۹۱ کان ۴۹۷ تائين آن عمل ۽ رد عمل (Chain Reaction) (۱) جو تفصيل ڏنل آهي، جيڪو ۱۹۲۷ع کان لاڙڪاڻي کان شروع ٿيو ۽ ۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان بڻجڻ ۽ هندن جي سنڌ مان جلاوطن ٿيڻ تائين جاري رهيو.

---

(۱) پهرين جلد ۾ اِن تفصيل جي ڇپجڻ ۾ هڪ غلطي ٿي ويل آهي، جنهن جي تصحيح هيٺين احوال پڙهڻ سان ٿيڻ گهرجي:

هندو مسلم فسادن جي شروعات لاڙڪاڻي مان ٿي. ۱۹۲۷ع جي مارچ مهيني جي ۲۹ تاريخ کان ۽ هڪ مسلمان عورت جي معاملي تان.

اها عورت ڪريمان نالي ڀهراڙيءَ جي هڪ مسلمان جي زال هئي، جنهن کي ان مسلمان مڙس مان ٻه ٻار به هئا. ڪريمان هڪ هندوءَ سان بدراهه ٿي لاڙڪاڻي پنهنجي ٻارن سميت هندو آريه سماجين (جن شڌيءَ جي تحريڪ شروع ڪري ڏني هئي) جي هٿ تي مرتد ٿي، يعني ٻارن سميت هندو ڌرم ۾ داخل ٿي. شهر جي مسلمانن ٻارن جي قبضي وٺڻ لاءِ ڪورٽ ۾ فرياد داخل ڪئي، پر ان جي شنوائي ڪانه ٿي. مسلمان پوءِ وفد ٺاهي ضلع عملدارن وٽ ٻارن جي ٻاري ۾ ملڻ ويا. هندن ان وچ ۾ ڪريمان کي ۽ ٻارن کي ڪاٺ وٽ لڪائي ڇڏيو هو. ڪليڪٽر وٽان نااميد ٿي نڪرڻ کان پوءِ وفد، ٻئي هجوم سان گڏ، حاجي امير علي خان مرحوم سان لاهورين ۾ ملڻ ويو ۽ اتان به مايوس ٿي موٽندي، رستي هلندي وفد ۾ شامل ڪن ڇوڪرن هندن جي پن پيڙين ۽ سگريٽن جي ڪاٺين ڪيبن کي اُتريو ۽ هندو ڇوڪرن کي پٿر هنياءُون. ان کان پوءِ شهر ۾ وڌيڪ چار- پنج هندو دڪان ان فساد کان متاثر ٿيا. ٻر هيءَ ڳالهه ياد رکڻ جي قابل آهي ته لنگاوتي ۽ مذهبي معاملي تي اشتعال پيدا ٿيڻ کان پوءِ به هندن جو ڪو به جاني نقصان ڪونه ٿيو، نڪو ڪو هندو

(هلندڙ)

لاڙڪاڻي جي فساد کان پوءِ فسادن جو سلسلو هندن روهڙي ڊويزن ۾ مڪر شهر اندر شروع ڪري ڏنو. اهي فساد لاڙڪاڻي وارن ڪيسن ڇٽڻ کان پوءِ تمام ٿورڙي وقفي بعد شروع ٿيا ۽ ١٩٣١ع تائين هلندا رهيا. فسادن جي سلسلي ۾ جيڪي مقدما هندن کڙا ڪيا (مسلمانن خلاف) سي ٻه-ٽي ورهيه پوءِ به هلندا رهيا ۽ مسلمان پامال ٿيندا رهيا.

ماريو ۽ ان شديد زخمي ٿيو. دڪانن جي ڦرجڻ واري ڳالهه به ڪورٽن ۾ ڪوڙي ثابت ٿي، ڇو ته ڦُر جو ڪو به مال ڪنهن مسلمان وٽان هٿ ڪونه آيو هو ۽ نه هندو خود ئي ثابت ڪري سگهيا هئا ته واقعي هندن دڪانن جي ڦر ٿي هئي. انگريز جج پنهنجي فتوا ۾ هندو شاهدن کي ڪوڙو ۽ بي ايمان ٺهرايو.

هندن ان مختصر ۽ وقتي حادثي جو فائدو وٺي، مسلمانن کي پيڙڻ لاءِ زوردار مهم هلائي. ڪوڙا ڪيس داخل ڪيائون. ٨٠ کان وڌيڪ مسلمان جيل ۾ وجهرائي ڇڏيائون. لاڙڪاڻي جي چوائب مسلمان قومي ڪارڪنن کي خاص طرح سان پڪڙايائون. خود خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي کي، جو ان وقت بمبئي ڪائونسل ۾ لاڙڪاڻي جي مسلمانن جو چونڊيل نمائندو هو، ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪيائون ۽ ان جو قصور فقط اهو هو ته هو مسلمانن جو همدرد هو ۽ انهن سر سياست ۾ اڳڙي رهيو هو. هندن ڪوشش ڪئي ته اهو لٺون سلو اڀري وڃ ٿئي، تنهن کان اڳ ۾ئي ان کي ڪاٽا ڪري ڇڏجي، پر خدا ڪيو جو ان ڪوشش ۾ هندو ڪامياب ڪونه ٿيا.

پورو هڪ سال هندن جا کڙا ڪيل اهي ڪوڙا ڪيس هلندا رهيا ۽ مسلمان جيلن ۽ خرچن ۾ پيڙهبا رهيا. آخر ۾ انگريز سيشن جج مسٽر ڊي. آر. نارمن مسلمانن کي بي قصور سمجهي آزاد ڪري ڇڏيو (ڏسو نارمن جي ججمنٽ مورخه ١٢ مارچ ١٩٢٨ع، ڪيس نمبر ٨٤، سال ١٩٢٧) - ڪيسن هلندي مسلمانن جي ويچارائپ جو هيءُ

(هلندڙ)

ان مصيبت مان جان ڇڏائڻ لاءِ مسلمانن سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرايو(١). ١٩٣٦ع ۾ سنڌ جدا ٿي، پر هندن ان جو ثمر به مسلمانن کي چکڻ ڪونه ڏنو. جهڙيءَ طرح سنڌ جي الله بخش وزارت جي سلسلي ۾ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، هندو، مسلمان اسيمبلي ميمبرن ۽ وزارتن جي اميدوارن کي پاڻ ۾ ويڙهائي هڪ ٻئي کي پنهنجي اڳيان نوايون ويٺا هوندا هئا.

١٩٣٩ع ۾ منزلگاهه تي جيڪي فساد ٿيا، تن جو احوال مٿي ڏئي چڪو آهيان. اهي فساد به اُن وڏيءَ ۽ عام هندو مسلم ڇڪتاڻ جي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئا.

*　　　*　　　*

منزلگاهه جي قصي هلندي پيون به ڳالهيون وچ ۾ بيان ڪرڻيون پيون اٿم، جو ته انهن ڳالهين کي ذهن ۾ ويهارڻ کان سواءِ آهي خاص نفسياتي ۽ سياسي ڪيفيتون (جن جو نتيجو انهن فسادن جي صورت ۾ نمودار ٿيو هو) سمجهه ۾ اچي ڪونه سگهن ها.

حال هو، جو ڪين اچاءِ لاءِ ڪوبه مقامي وڪيل ڪونه ملي سگهيو ۽ هنن کي وڏيون فيون ڏئي، لاهور مان انگريز وڪيل گهرائڻو پيو. مسلمان ڪورٽن ڪيسن مان آزاد ته ٿيا، پر جنهن مسلمان عورت ۽ ٻارن جي مرتد ٿيڻ تي معاملو هليو هو، سي سڀ هندن جي قبضي ۾ رهجي ويا ۽ هندن انهن کي ڪيڏانهن گم ڪري ڇڏيو، تنهن جو پتو ڪونه پئجي سگهيو. لاچار ٿي مسلمانن به ٻوڙواري ڇڏي ڏني، پر غيرت جا چاڪ سندن دلين ۾ چڪندا رهيا. جيڪڏهن هو گهرن ها ته هندن مان ٻلو ڪري سگهيا ٿي ۽ عيوض ۾ هندو عورتون ۽ ٻار زوريءَ کڻي وڃي سگهيا ٿي، پر هنن ائين نه ڪيو.

(١) سنڌ جي جدائيءَ جي سنڌ جي هندن سخت مخالفت ڪئي، جو ته بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ هندن جي موجاري هئي.

هاڻي منزلگاهہ جي ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي پڌو-

١٩ نومبر ١٩٣٩ع جو منزلگاهہ تي سرڪار طرفان زوريءَ قبضو ٿيو ۽ فساد شروع ٿي ويا. الله بخش وزارت پنڌرهن سو مسلمان مختلف قسم جي ڪيسن ۾ پوليس هٿان قاسارائي جيلن ۾ بند ڪرايا. اها ”وٺ پڪڙ“ چار مهينا هلي، مگر مسلمانن جي جوش ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ آئي. سنڌ جي حالتن تي مڪمل ضابطو ٿئي، ان ڪان اڳ پنجاب ۽ ٻين صوبن جا مسلمان سنڌ ۾ مدد لاءِ ڪَر پڇڻ لڳا. آءٌ خود لاهور ۾ رهندو هوس. اتان لٽريچر ڇپائي سنڌ ۾ موڪليندو رهيس(١) ۽ ساڳئي وقت پنجاب ۽ ٻين صوبن جي مسلمانن ۾ بہ تقسيم ڪرائيندو رهيس. خونريزي وارن واقعن جي حقيقي سببن تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب (٢) Why Bloodshed in Sind? لکي سڄي هندستان جون ان مسئلي جي باري ۾ اکيون کوليم. نتيجاً پنجاب ۾، ۽ پنجاب کان ٻاهرين صوبن ۽ ايترو قدر جذبو پيدا ٿيو، جو اتان سنڌ ڏانهن والنٽيئرن موڪلڻ لاءِ تياريون ٿيڻ لڳيون. مسلمانن جي جوش جو هيءُ عالم هو جو خانبهادر الله بخش مرحوم دهليءَ ۾ ”آزاد مسلم ڪانفرنس“ جي صدارت ڪرڻ لاءِ لاهور جي رستي ريل ۾ وڃي رهيو هو تہ لاهور ۽ امرتسر جي اسٽيشنن تي سنڌ سان خلاف نعرا لڳا ۽ ڏانهس پٿر اڇلايائون(٣).

خانبهادر مرحوم منهنجي گرفتاريءَ لاءِ وارنٽ ڏئي چرنجي لعل ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس کي سکر مان لاهور موڪليو تہ هو مون کي اتان پڪڙي آڻي سنڌ جي جيل ۾

(١) ان مهم جو سارو خرچ حاجي عبدالله هارون مرحوم برداشت ڪندو رهيو.

(٢) منهنجو اهو ڪتاب بہ سنڌ وزارت ضبط ڪيو.

(٣) ان واقعي کي ”خوني حملي“ جو رنگ ڏئي هندو اخبارن وڏين سرخين هيٺ ڇاپيو. حالانڪ اهو خوني حملو ڪرڻ هو، محض اظهار احتجاج هو.

بند ڪري ڇڏي. مرحوم سر سڪندر حيات خان، پنجاب جي وزير اعليٰ کي خبر پئي ته چرنجي لعل منهنجي گرفتاريءَ لاءِ اچي لاهور رسيو آهي. پاڻ لاهور جي ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ F. C. Bourne (١) کي حڪم ڏنائين ته هو منهنجي خلاف وارنٽ جي تصديق نه ڪري ۽ چرنجي لعل کي هڪدم پنجاب ڇڏي وڃڻ لاءِ حڪم ڪري ۽ جيڪڏهن هو تنهن هوندي به نه وڃي يا دير مدار ڪري ته کيس گرفتار ڪري جيل ۾ رکجي. ساڳئي وقت سر سڪندر حيات به ٻيا قدم به کنيا؛

(١) ٽيليفون تي وائسراءِ سان ڳالهايائين ۽ کيس سمجهايائين ته الله بخش هندو مسلم ڪشيدگيءَ جو ٻج سنڌ کان ٻاهر هيئنر پنجاب ۾ به پوکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ سرڪار مسلم ليگ جي راشديءَ جهڙي اهم ڪارڪن کي پنجاب اندر هٽ لاتو ته پنجاب جا مسلمان مشتعل ٿيندا ۽ ان جو شديد اثر جنگي ڪوشش (٢) تي پوندو.

(٢) خانبهادر الله بخش مرحوم خود ڏانهن به ٽيليفون (٣) ڪيائين. کيس مٿين سببن ٻڌائڻ کان پوءِ چيائين ته جيڪڏهن سنڌ وزارت جي اهڙي روش رهي ته سنڌ جو ڪو به وزير يا آفيسر پنجاب مان لنگهي دهليءَ يا شملي وڃي ڪونه سگهندو. سماسٽي اسٽيشن تي ئي کيس گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏبو.

---

(١) جيڪو بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مشرقي پاڪستان جو پهريون گورنر مقرر ٿيو.

(٢) ان وچ ۾ ٻي عالمي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. جنگ جي ڪمن ۾ حڪومت برطانيه پنجاب جي مدد جي محتاج هئي، جتان گهڻي ۾ گهڻي ڀرتي ٿيندي هئي.

(٣) خانبهادر مرحوم چند ڏينهن لاءِ بمبئي ويل هو ۽ سر سڪندر مرحوم کيس اُت يعني بمبئيءَ ۾ ٽيليفون تي وٺي ساڻس ڳالهايو. ان گفتگو وقت آءٌ پاڻ سر سڪندر وٽ موجود هوس.

سر سڪندر مرحوم جي انهن ڏڙڪن ڪُڙڪن ڪان پوءِ منهنجي گرفتاريءَ لاءِ ڪا ڪوشش ڪانه ٿي، پر آءٌ پنجاب ۽ دهليءَ ۾ ٿي رهي پنهنجو ڪم ڪندو رهيس. حاجي عبدالله مرحوم به انهن ڏينهن ۾ دهليءَ اچي رهيو هو ۽ منهنجي ڪم جي نگراني پئي ڪيائين.

پوءِ سنڌ ۾ مارچ مهيني (١٩٤٠) تائين ٺاپر ڪانه آئي ۽ هندو پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳا. آخر الله بخش مرحوم ساڻ بيزار ٿي، مارچ جي ٽئين هفتي جي پڇاڙيءَ ۾ (لاهور واري مسلم ليگ سيشن کان به ڏينهن اڳ) هندن سندس وزارت کي ڪيري، اڻ سڌيءَ طرح مسلم ليگ جي نمائندن کي وزارتون ڏنيون. سير بنده علي خان مرحوم کي وزير اعليٰ بڻايائون، ڇو ته ان جي ڪليل وابستگي مسلم ليگ ساڻ ڪانه هئي؛ سندس هٿ هيٺ خانبهادر کهڙي، جناب جي. ايم. سيد ۽ شيخ عبدالمجيد کي وزارتون مليون.

ٽئين وزارت ساڻ ڪجهه شرط رکيائون:

(١) وزارت مسجد منزلگاهه پنهنجي اختياريءَ تي مسلمانن جي حوالي نه ڪندي. ان مسئلي جو فيصلو، ته اها جاءِ مسجد آهي يا نه، هڪ ٽربيونل کان ڪرايو ويندو، جيڪو هاءِ ڪورٽ جي هڪ انگريز جج، مسٽر ويسٽن (١) تي مشتمل هوندو. (هندن کي يقين هو ته اهڙي سخت جج جي اڳيان مسلمان ان عمارت کي مسجد ثابت ڪري نه سگهندا.)

(٢) فسادن ۽ خونريزي جي حقيقي سببن ۽ نقصان جي باري ۾ به ساڳئي ٽربيونل کان فيصلو ورتو ويندو ته:

(الف) فسادن جا سبب ڪهڙا هئا؟

---

(١) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اهو جج هندستان ويو، جت مشرقي پنجاب جو چيف جسٽس ٿيو ۽ Sir Eric Weston سڏجڻ لڳو.

(ب) سول ۽ پوليس آفيسرن فسادن کي روڪڻ ۽ فسادن سبب پيدا ٿيل صورتحال تي ضابطي رکڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا هئا؟

(ج) ڪيترو جاني ۽ جائداد جو نقصان ٿيو؟

(هندن جي نيت اها هئي ته هو ٽربيونل اڳيان اهو ثابت ڪري ويندا ته فسادن ۾ اڳرائي مسلمانن ڪئي هئي ۽ ان کان پوءِ جاني ۽ جائداد جي نقصان جو جيڪو تخمينو ٽربيونل لڳائيندو، سو مسلمانن کان ڀرايو ويندو)

(٣) "فسادن" جي سلسلي ۾ گرفتار ٿيلن پندرهن سوَن (١) مسلمانن تي باقاعده فوجداري مقدما هلايا ويندا ۽ سرڪار ڪو به ڪيس واپس نه وٺندي ۽ نه پنهنجي اختياري هلائي آزاد ڪندي.

وزارت ۾ ويهڻ کان هفتي اندر (يعني ٢٧ مارچ) نئين وزارت جج ويسٽن کي ٽربيونل مقرر ڪرڻ جو اعلان جاري ڪيو ۽ گرفتار ٿيل مسلمانن تي مقدمن هلائڻ لاءِ چار اسپيشل ماجسٽريٽ مقرر ڪيا.

ان کان پوءِ ساري معاملي جو مدار وڃي ٿيو ٽربيونل جي فيصلي تي. جيڪڏهن ٽربيونل فيصلو ڏئي ته اها جاءِ مسجد نه آهي ته مسلمان مسجد کان محروم ۽ جيڪڏهن ٽربيونل اها راءِ ڏئي ته فسادن ۾ اڳرائي مسلمانن ڪئي هئي ته ساري جاني ۽ مالي نقصان جو هرجانو (جيڪو

(١) جيستائين ٽربيونل جو فيصلو اچي، ان کان اڳ ئي ٻه بي گناهه مسلمان ڦاسيءَ تي چڙهي ويا. هندن لون وزيرن کي ايترو قدر به ٻجاري رکيو هو، جو هو انهن جي رحم جي درخواست پڙهي موت جي سزا معاف ڪري يا گهٽائي ڪولڊ سگهيا. ساڳئي قسم جي ٻين مقدمن ۾ ڦاٿل مسلمان بعد ۾ بي گناهه ثابت ٿي آزاد ٿيا.

ڪروڙن ۾ وڃي ها) مسلمانن کان پرايو وڃي. اهو اصول الله بخش مرحوم جي وزارت جنوري (١٩٤٠) ۾ اسيمبليءَ اڳيان قبول ڪري چڪي هئي.

هائي سڄو بار وڃي پيو ٽربيونل تي. ٽربيونل تي هاءِ ڪورٽ جي جنهن جج کي مقرر ڪرايو هئائون، سو ڏاڍو بي ريا ۽ سخت طبيعت جو انگريز هو. هندن کي يقين هو ته جنهن صورت ۾ سندن قوم ۾ وڏا وڏا وڪيل موجود هئا، جن جي پايي جا وڪيل مسلمانن وٽ ڪونه هئا، تنهن صورت ۾ هو پنهنجي عدالتي تجربي، قانون دانيءَ، بهتر پيروي ۽ معتبر شاهدن جي زور تي جج کان پنهنجون ڳالهيون ضرور مڃرائي ويندا ۽ ان کان پوءِ مسلم ليگ جي وزيرن هٿان خود مسلمانن جي حجامت ڪرائيندا، يعني مسجد کان به کين محروم ڪرائيندا ۽ ڪروڙين روپيا حرجانو وصول ڪري کين ڪنگال به بڻائي ڇڏيندا.

ٽربيونل جي ڪاروائي پهرين اپريل کان شروع ٿي. ضروري ڪاغذن ۽ دفترن جي مطالعي کان پوءِ ٧ اپريل جو ڌرين ڏانهن، حاضر ٿيڻ لاءِ عدالتي نوٽيس جاري ٿيا ۽ ٢٠ اپريل کان باقاعده ٽربيونل جا اجلاس شروع ٿيا.

هندن ته پنهنجي طرفان وڪيلن ۽ دفترن وغيره لاءِ اڳواٽ ئي ڪافي بندوبست ڪري ڇڏيو هو، پر مسلمانن جي ڌر جي هيءَ حالت هئي:

(١) ڪيس جي پيروي لاءِ وٽن ڪو به وڪيل ڪونه هو.

(٢) خرچ وغيره لاءِ ڪنهن به پائي پيسو ڪونه ٿي ڏنو.

(٣) مسلمانن جي ڪيس ٺاهڻ، ڪاغذن تيار ڪرڻ، ٻيءَ ڌر جي ڪاغذن وٺڻ، دفتر قائم ڪرڻ، فسادن جي باري ۾ بچاءَ طرفان ضروري معلومات هٿ ڪرڻ ۽ آڏيءَ پڇا لاءِ سواد فراهم ڪرڻ لاءِ

ڪوبه انتظام ڪونه ٿيل هو (تان جو حاضري مٿان اچي وئي).

مسلمانن جي ٿڌائي ۽ بي تعلقيءَ جا ڪجهه سبب هئا:

(١) فسادن ۾ گرفتارين ڪري عام مسلمان ڏڪجي ويا هئا ۽ هنن سمجهيو ته هاڻي منزلگاهه تحريڪ جا ليڊر ۽ پاڻ وزير ۽ حاڪم بڻيا آهن، تنهنڪري اُتي جي سڄي ڪم ۽ خرچ ڪي هو پاڻ سنڀالي ڏيندا.

(٢) نوان مسلم ليگي وزير ڪجهه ته سرڪاري فائلن جي مطالعي ۽ انتظامي امور ۾ مصروف رهيا ۽ پيسي ۽ مسلمانن جي دفاع لاءِ انتظام بابت حاجي عبدالله هارون تي پاڙي ويٺل هئا. حاجي صاحب جو اصول هو ته، هُو، گهڻو ڪري، قومي چندن ۾ صرف تڏهن پيسا ڏيندو هو جڏهن ٻيا به پنهنجي هڙان ڪجهه ڪن. سڄو بار پاڻ تي نه کڻندو هو، ڇو ته سندس چوڻ موجب ”آن صورت ۾ آن ڪار خير ۾ (ڪنهن به پيسي نه ڏيڻ ڪري) ٻين ماڻهن جي دلچسپي ڪانه ٿي رهي. مسلمان جنهن شئي تي ٿورو گهڻو هڙان پيسو لائيندو، ان ۾ ئي دلچسپي وٺڻ جو عادي ٿئي ٿو. جيڪڏهن مفت ۾ ۽ آسانيءَ سان پيسو هٿ ڪنهن جي کيسي مان نڪرندو پيو ڏسندو ته پاڻ چُپ ڪري ويهي تماشو ڏسندو.“

نئين وزارت ٺهڻ وقت حاجي صاحب مسلم ليگي وزيرن مان هيءَ شرط ڪيو هو ته هو اڳواٽ وزارت تان پنهنجون استعفائون لکي وٽس امانت رکندا ۽ جيڪڏهن هُن (يعني حاجي صاحب) به حيثيت صدر صوبائي مسلم ليگ، محسوس ڪيو ته مسلم ليگ جا وزير مسلمانن جي حقن جي حفاظت خاطرخواهه نموني ۾ نه ٿا ڪري سگهن ته هو آهي استعفائون داخل ڪري سندن وزارت ختم ڪري سگهندو. انهيءَ اميد تي ته، وزير پنهنجون استعفائون لکي اڳواٽ سندس حوالي ڪندا، حاجي صاحب هڪ لوهو ڪيٽ به خريد ڪري

پاڻ وٽ موجود رکيو، تاڪ استعفائن جا ڪاغذ حفاظت سان ان ۾ رکي سگهجن.

پر وزارت ملڻ کان پوءِ حاجي صاحب کي ڪنهن به وزير پنهنجي استعفا ڪونه موڪلي ۽ سنڌ ڪپٽ خالي رهجي ويو.

حاجي صاحب جي بدل ٿي، ڪيس جي خرچ لاءِ، پيسن ڏيڻ کان ڪيائڻ جو اهو پيو سبب هو.

پر ان هوندي به سنڌ دل ڪانه ٿي رهي. مون ڏانهن شملي ۾ لکي موڪليائين ته ”وزيرن هن وقت تائين ته ڪو به پيسو پائي ڪلو ڪونه ڪيو آهي، جنهن سان ٽربيونل اڳيان مسلمانن جي ڪيس جي پيروي جو انتظام ڪري سگهجي، پر ان هوندي به مسلمانن کي ڇڏي ڪونه سگهبو. اوهان سر سڪندر حيات سان صلاح ڪري، پنجاب جي ڪنهن وڏي مسلمان وڪيل سان ڳالهيون ٻولهيون هلايو.“

اهڙو ئي خط حاجي صاحب سر سڪندر ڏانهن سڌي طرح به موڪليو، جنهن تي سر موصوف ڊاڪٽر شيخ محمد عالم بيرسٽر سان گفتگو ڪري ڪيس مڃايو ته هو روزانه هڪ هزار رپيا في وٺڻ بدران، سنڌ جي مسلمانن سان رعايت ڪري، ڪاٺئن مورڳو پنج هزار رپيا في ساري مهيني لاءِ وٺندو.

فيصلو اهو ٿيو ته جڏهن ڪيس هلڻ شروع ٿيندو ته، ڊاڪٽر عالمؔ سکر پهچي، مسلمانن پاران وڪالت شروع ڪندو ۽ مسلمان هر مهيني جي في پنج هزار رپيا مهيني مهيني جي شروع ۾ ڪيس ادا ڪندا رهندا.

مون حاجي صاحب کي ان فيصلي جو اطلاع ڏنو ۽ ساڳئي وقت اهو به ٻڌايم ته ”آءٌ پاڪستان(۱) اسڪيم تيار ڪرڻ ۾ مصروف هجڻ سببان نه پاڻ شملو ڇڏي سکر اچي سگهندس ۽ نه ٽربيونل جي ڪم ۾ ئي ذاتي طرح ڪو عملي

(۱) Feasibility Report، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

حصو وٺي سگهندس. وڪيل ڊاڪٽر عالم اسان موڪليندا سين، باقي جو بندوبست مقامي طرح اوهان پاڻ رکجو."

حاجي صاحب گهڻو زور رکيو ته گهٽ ۾ گهٽ پهرين ۽ ابتدائي حاضري وقت، جنهن ۾ ٽربيونل ڪي اصولي فيصلا ڪندو، آءٌ پاڻ ٽربيونل سامهون، بحيثيت جنرل سيڪريٽري صوبائي مسلم ليگ، ضرور حاضر رهان. مون ايتري ڳالهه به ڪانه ٿي مڃي، پر سندس تارن پٺيان تارون اچڻ لڳيون. آخر مون مان ناآميد ٿي سر سڪندر ڏانهن تار موڪليائين ته هو ڪنهن طرح مون کي هڪ ڏينهن لاءِ سکر اچڻ تي آماده ڪري. سر سڪندر ڪلندي ڪلندي مون کي چيو ته "پوڙهي مرد کي سخت بيقراري محسوس ٿي رهي آهي، تون هڪ ڏينهن لاءِ سکر وڃي سندس مرضي رکي اچ."

مون ڪيس پنهنجي تڪليف ٻڌائي. مون چيس ته آءٌ هن ڳالهه کان ڊڄان ٿو ته اهو مقدمو ڊگهو هلندو. وزير پنهنجن سرڪاري ڪمن ۾ مصروف رهندا، تنهنڪري عبدالله هارون اڪيلو رهجي ويندو. نه پيسو ڏيندو، نه وڪيل ڪي في ڏئي سگهندا. آخر وڪيل تنگ ٿي پچي ويندو ۽ سڄو بار مون تي اچلائي، سنڌ جا ليڊر پاڻ ويهي تماشو ڏسندا. آخر ۾ خدانخواسته جيڪڏهن فيصلو مسلمانن خلاف ٿيو ته سارو الزام مون تي مڙهڻ لاءِ آيا ٿي ويهندا. مون کي پنهنجن سائين جو حال معلوم آهي. مون کان جيتريقدر ٿي سگهيو ٿي، سو اڄ ڏائين ڪندو رهيو آهيان. مون ۾ وڌيڪ همت ڪانه رهي آهي، جو آءٌ پاڻ کي نئين سر چالاڪيءَ جي هن چڪر ۾ ڦاسايان ۽ ساڳئي وقت عام مسلمانن کي به اهڙي اجائي آسري ۾ رکي نقصان پهچرايان. امڪان آهي ته منهنجي پري رهڻ ڪري، مقامي ليڊر ۽ مسلم ليگي وزير پاڻ تي ذميداري کڻي، ڪو بهتر انتظام ڪري سگهن، جنهن سان مسلمانن جو بيڙو به تري پوي."

سر سڪندر صوبائي سياست جي هيٺ مٿاهين ڪان بسر خود واقف. هجڻ جي باوجود ان ڳالهه تي ضد ڪڍي بيٺو ته آءٌ هڪ وار ضرور سکر وڃي منهن پيائي اچان. ٽربيونل ابتدائي حاضري ۲۰ اپريل مقرر ڪئي هئي. اهڙو نوٽيس سنڌ مسلم ليگ، جنهن جو آءٌ جنرل سيڪريٽري هوس، تعميل ٿي چڪو هو.

۱۸ اپريل سنجهند ويلي آءٌ شملي مان ريل ۾ سوار ٿيس. ڊاڪٽر عالم ڏانهن به تار ڪيم ته هو به سکر هلڻ لاءِ ۱۹ تاريخ جو ڪراچي ميل ۾ لاهور کان اچي سوار ٿئي. اسان جي ريل گاڏي شملي اسٽيشن کان ڇٽي ميل کن مس ڪيو هو ته برسات سبب سنڌس انجڻ پٽي تان ترڪي سڌي وڃي پهاڙ ۾ لڳي ۽ چڪناچور ٿي ويئي. ڏڪي لڳڻ ڪري مسافرن مان ڀريل گاڏا ڇڄي وڃي سوين فوٽ هيٺ غار ۾ ڪري پيا. گهڻا مسافر مئا، گهڻا زخمي ٿيا، منهنجي نوڪر جي ٽنگ ڀڄي پئي. ساري گاڏيءَ جي مسافرن مان جيڪي ٻي يا چار ماڻهو زخمي ٿيڻ کان بچيا، انهن مان هڪ آءٌ به هوس. منهنجي پنهنجي انٽر ڪلاس ۾ پنج ماڻهو پيا به ويٺل هئا، جيڪي پڻ زخمي ٿي پيا. منهنجي بچي وڃڻ جو مکيه ڪارڻ هيءُ هو ته الله تعاليٰ کي اڃا مون کي مارڻ منظور ڪونه هو. سبب هيءُ بڻايائين ته گاڏيءَ ۾ سوار ٿيندي، آءٌ وچينءَ سيٽ تي سمهي ڪتاب پڙهڻ لڳو هوس. جڏهن گاڏيءَ کي ڌڪ لڳو ۽ گاڏو ڀڳو ته سيٽ جون ٻانهون منهنجي مٿي جي مٿان ڳنڍري اهڙيءَ طرح بيهي رهيون جو ڀڳل ڇت جو ڪو ٽڪرو به منهنجي مٿي يا جسم تي ڪونه ڪريو. پيا گاڏا ٻنهي هيٺ وڃي ڪري پيا هئا. مون وارو گاڏو جيڪو وچ ۾ هو، سو پٽي تان لهي وڃ جي هڪ پل جي مٿان بيهي رهيو هو، جڏهن ته اڳيان پويان سڀ گاڏا وڃي هيٺ غار ۾ ڪري پيا هئا.

ان کي چوندا آهن ته مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڏو آهي. گاڏيءَ جي ڪِرڻ جي خبر فوراً شملي شهر ۾ ڦهلجي ويئي، ڇو ته گاڏي اڃا شهر جي حدن ۾ ئي هئي جو ڪري پئي هئي. ڪنهن ماڻهن جا ٻچندا اچي موقعي تي موجود ٿيا. سر سڪندر کي به خبر پئي، تنهن پنهنجي موٽر ۾ پنهنجو سيڪريٽري چاڙهي، هنن هدايتن سان موڪلي ڏنو ته جيڪڏهن آءٌ مري ويو آهيان ته منهنجو لاش موٽر ۾ وجهي وٽس پهچائين، جيڪڏهن زخمي آهيان ته اسپتال کڻي وڃن، پر جيڪڏهن مورڳو بچي ويو آهيان ته مون کي ساڳيءَ موٽر ذريعي هڪدم ڪالڪا اسٽيشن پهچائين، جيئن (سکر واريءَ گاڏي جو ڪنيڪشن نه وڃائي ويهان ۽) اتان سوار ٿي لاهور رستي ٻيءَ شام جو وڃي سکر پهچان.

مان الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان ٺيڪ هوس. موٽر ۾ سوار ٿي ڪالڪا پهتس ۽ ٻئي ڏينهن رات جو سکر پهتس. ڊاڪٽر عالم لاهور مان گهرايو هليو هو. سکر پهچڻ تي ٻهرينءَ مهيني جي في گهريائين. ڪراچيءَ مان ڪا پهر سکر آيل ڪانه هئي. آءٌ ڊاڪٽر صاحب کي پيسا ڪٿان ادا ڪريان ها؟ مون ڪراچيءَ تارون موڪليون، جن جو جواب ٻن ڏينهن کان پوءِ رسيو ته پيسن جو في الحال انتظام ڪونه ٿو ٿي سگهي. ڊاڪٽر صاحب نااميد ٿي، ٻن ڏينهن جي ترسڻ کان پوءِ آخر واپس لاهور روانو ٿي ويو، باقي آءٌ اڪيلو وڃي سکر ۾ رهيس. سائين ڏٺي، بندو سهي. آهوئي ٿيڻ لڳو، جنهن جو مون کي خطرو هو ۽ سر سڪندر کي اڳواٽ آگاهه به ڪري چڪو هوس. حاجي صاحب، مولوي حقانيءَ (١) وسيلي، زباني

---

(١) سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو جائنٽ سيڪريٽري هو.



شملي ۾ ٽرين جي حادثي جو منظر

پيغام موڪليو ته "سائين(١) تعاون ڪونه ڪري رهيا آهن، تنهنڪري آءٌ به لاچار آهيان. نه ڊاڪٽر عالم لاءِ پيسا ڏئي سگهيا، نه سنڌ جوئي ڪو مسلمان وڪيل هٿ ڪري سگهجي ٿو، جو مفت مسلمانن جو ايڏو وڏو ڏيکو وارو ڪيس کڻي." حاجي صاحب بمر خود اڪيلي سر سارو بار کڻي سگهيو ٿي، پر هن جي پيسن ڏيڻ جا اصول اهڙا ته ٿي پڌائي چڪو آهيان- يعني جيستائين ٻيا مالدار رفيق به پيسو نه ڪڍندا، تيستائين سڄو بار پاڻ تي کڻڻ لاءِ حاجي صاحب به تيار ڪونه ٿيندو هو. اهو سندس عام اصول هو، جنهن ڪان هٽڻ لاءِ هو تيار ڪونه هو. آءٌ سکر ۾ اٽڪيل هوس، ڪراچي پهچي سائين ان باري ۾ روبرو گفتگو به ڪري ڪونه ٿي سگهيس! اها غير يقيني حالت ۾ ـ چار ڏينهن هلندي رهي.

ان وچ ۾، يعني اسان جي سکر پهچڻ ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن تي پهرين حاضري آئي. ٽربيونل بيراج ڪالونيءَ ۾ هڪ وڏو بنگلو پنهنجي ڪاروبار هلائڻ لاءِ حاصل ڪيو هو. ٽربيونل جو نوٽيس منهنجي پنهنجي نالي تي نڪتل هو، ڇو ته آءٌ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري هوس. منهنجو پنهنجو حاضر ٿيڻ تنهنڪري ضروري هو.

آءٌ نوٽيس ڪيسي ۾ وجهي وڃي ڪورٽ ۾ حاضر ٿيس. هندو وڪيلن، آفيسرن، الله بخش مرحوم جي طرفدارن ۽ عام تماشبينن جا آت ميڙا لڳا پيا هئا. مون کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. شمالي وٽ گاڏيءَ جي ڪيرڻ ۽ ان گاڏيءَ ۾

---

(١) سائين مان خانبهادر کهڙي، وزير ٿي وڃڻ جي باوجود، فوجداري ڪيسن ۾ قاتل پنڌ رهڻ مؤ مسلمانن کي بچائڻ ۽ ڇڏائڻ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو هئي، بلڪ انهن ڪيسن متعلق مسلمانن جي طرفان سڄو بار پاڻ تي کنيو ويٺو هو.

منهنجي سوار ھجڻ جي خبر ريڊيي ذريعي ڪين اڳيئن ڏينهن تي پهچي ويئي. هنن سمجهيو ٿي ته آءٌ ان حادثي ۾ مري ڪري ويو هوندس، ڇو ته، حادثي کان پوءِ منهنجي فوراً ڪالڪا رواني ٿي وڃڻ ڪري نه سون کي ڪنهن آت ڏنو هو، نه منهنجي باري ۾ ٻچڻ يا سڻ جي ڪا خبر اخبارن کي موڪلي سگهيو هو.

سون کي ڏسي هندو وڪيلن ۽ سياسي ڪارڪنن ۾ ڇرڇر پئجي ويئي. سون کان پڇڻ لڳا: "تون راشدي آهين يا راشديءَ جو پوٽ؟ تون ڪيئن جيئرو ٿي آئين؟" سون چيئن: "انڪري جو اوهان گهريو ٿي ته آءٌ مران."

هندن پنهنجي طرف هلائڻ لاءِ ڪراچيءَ جو ناميارو هندو بئريسٽر شاهاڻي گهرايو هو، جنهن جي مدد لاءِ ٻارهن مڪيه مقامي هندو وڪيل مقرر ڪيا هوائون ۽ هڪ وڏو دفتر کوليو هوائون، جت رات ڏينهن ڪاغذن ڏاهڻ، ثابتين سموهڻ ۽ شاهدن کي سيکارڻ وغيره جو ڪاروبار هلي لڳو هو.

مسلمانن مان صرف ٻه-چار اڙيا ٿڙيا ماڻهو آيل هئا، جن جا منهن لٿل ۽ همٿون هاريل هيون. منهنجي پنهنجي ويچارائي ۾ ڏسڻ وڻان هئي.

سرڪاري عملدارن طرفان جسٽس اوسليوان آيل هو. اهو صاحب سنڌ خاءِ ڪورٽ جو جج هو. سرڪار ان کان عارضي طور استعفا ڏياري، هن ڪيس ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو هو.

خانبهادر الهه بخش مرحوم جي پاران سري ڪشن داس لولا ڪراچيءَ جو چوٽيءَ جو هندو وڪيل آندل هو.

ڪورٽ ۾ ڏرين ڪي سڏ ٿيو. سڀ اندر گهڙياسين. اوسليوان صاحب ۽ هندو وڪيل حشمت سان وڏيون وڪون وجهندا اڳتي وڌيا. آءٌ سڀني جي پٺ ۾ رهيس — صورت نماڻي، نه سوٽ نه ڪوٽ، سنڌي ڳوٺاڻي لباس ۾، سڀني تي

اچي پڳا، هيٺ اڌ ميرو چولو ۽ سٿڻ، پير ۾ سنڌي جتي- پيا هئس حشمت سان هلي اڳين ڪرسين تي وڃي رهيا؛ آءٌ پويان عام ماڻهن جي قطار ۾ ويٺو رهيس. پر وقت اجايو ڪونه ٿي وڃايم. آءٌ ڪورٽ ۾ داخل ٿيڻ شرط جج جي چهري تي اکيون کوڙي ڏسڻ ۽ پڙهڻ لڳس. مون سمجهي ورتو ته جج ڏاڍو تند مزاج، آڪڙو، مغرور، تجربيڪار، هوشيار، ۽ نُڪتہ رس ماڻهو آهي، تنهنڪري وڪلائن راند کيڏي ته هيڏاهين وڃڻ ۽ تماشائي جي نمائش ڪرڻ سان، ارهه زورائي سان پنهه نه!

سڀني ڌرين کان پڇڻ بعد مسلمانن کي ياد ڪيائين. پڇيائين ته: "مسلمانن پاران ڪير آيل آهي؟"

هندن سڌيءَ طرح ۽ اڻ سڌيءَ طرح اهڙو بندوبست رکيو هو ته سکر جي پن-چشن نام نهاد مسلمان قومي ورڪرن کان درخواستون ڪرايون هيائون ته مسلمان پاران نمائندگيءَ جو حق مسلم ليگ کي نه پر سنڌن انجمن کي ملي. انهن بزرگن کي سڀئي ڪپڙا پهرائي پاڻ سان گڏ آڻي ڪرسين تي ويهاريو هيائون. مقصد اهو هئون ته نمائندگيءَ جو حق مسلم ليگ کي نه پر انهن انجمن کي ملي، جن کان هو اڪيلي هلي چوارائي سگهن ته فسادن جي ساري جوابداري مسلم ليگ تي پئي ٿي؛ فساد چائي وائي مسلم ليگ پاڻ ڪرايا هئا، تنهنڪري هندن جي دعوا سچي آهي ۽ حرجانو مسلم ليگ کان ڀرائڻ گهرجن، يعني مسلمانن کان.

انهن مسلمانن کي ٻڌڻ کان پوءِ جج پڇيو: "۽ مسلم ليگ پاران ڪير آهي؟"

هندو بئريسٽر ڪنڌ ڦيرائي ورائي تمام نفرت سان مون ڏانهن اشارو ڪري چيس ته "شايد هيءُ آهي."

جج مون کان پڇيو: "مسلم ليگ طرفان تون آهين؟" (اردوءَ ۾).

آءٌ : ”جي حضور“ (اردوءَ ۾).
جج : ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تون ڪير آهين؟“
آءٌ : ”هن مسڪين جو نالو علي محمد راشدي آهي، مسلم ليگ جو جنرل سيڪريٽري آهيان، نوٽيس منهنجي نالي تي نڪتل آهي.“
جج : ”اوهان جي پاران ڪهڙو وڪيل پيش ٿيندو؟“
آءٌ : ”اسان مسلمان ڪنگال ٿي ويا آهيون، اسان وٽ پيسو ڪونه آهي جو وڪيلن جون فيون ڀري سگهون. اسان پاڻ کي ڪورٽ جي رحم تي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي.“
جج : ”ساريون شڪايتون مسلم ليگ جي خلاف داخل ٿيون آهن، تنهنڪري مکيه ڌر مسلم ليگ آهي. ان کي ئي مسلمانن پاران ساري جوابداري کڻڻي پوندي — هن ڪيس کي منهن ڏيڻ جي.“

ان کان پوءِ جج ”مسلم انجمن“ جي نمائندن ڏانهن منهن ڪري چيو ته ”اوهان جون انجمنون سڀ بوگس آهن. اوهان پنهنجن درخواستن ۾ خود اهڙيون ڳالهيون لکيون آهن، جن مان اهو شبهو پيدا ٿئي ٿو ته اوهان به مسلم ليگ کي جوابدار ٺهرائيندا، تنهنڪري بچاءَ جي ساري ذمه داري مسلم ليگ تي پوي ٿي، جنهن کي مسلمانن پاران نمائندگي جو حق ڏنو وڃي ٿو. اوهان جي دعوا خارج آهي.“ (هو حضرت روانا ٿي ويا. هندو وڪيل سندن ۽ جج جو منهن تڪيندا رهيا. مسلمانن جي انهن هٿ ٺوڪين ”نمائندن“ کي رعبدار پوشاڪن پهرائڻ ۽ هارسينگار ڪرائڻ تي جيڪو سندن خرچ ڪيل هو، سو سڀ اجايو ثابت ٿيو.)

ان کان پوءِ جج صاحب، عدالت اندر ويهڻ يعني (Seating) جو طريقو طئي ڪرڻ لڳو. هر ڌر لاءِ هڪ

ڏکهي ميز ۽ ڪرسيون مهيا ڪيل هيون. مسئلو هو ته ڪهڙي آرڊر ۾ اهي ميزون پون ۽ ڪرسيون وجهن.

بحث شروع ٿيو ته هندن دعوا ڪئي ته ڪين سڀ ڪان اڳ ۾ ويهڻ ڏنو وڃي. ان کان پوءِ سرڪاري وڪيل مسٽر اوسليوان جو وارو آيو. جج، وچ ۾ پئي، مون ڏانهن نهاري، پڇيو ته "مسلمانن جي ڪرڪٽ ويهڻ گهرندي؟"

مون عرض ڪيو ته: "حضور، مسلمانن پاران آءٌ حاضر آهيان، پر نه آءٌ وڪيل آهيان، نه ڪورٽ جا دستور يا قاعدا قانون ڄاڻان ٿو. مون کي جت ڪورٽ حڪم ڪندي، آت ويهي وقت گذاريندس."

جج: "مسلم ليگ مکيه ڌر آهي، تنهنڪري هندن جي سامهون تون ويهندين ۽ تنهنجي ميز پوندي."

آءٌ: "ٿينڪ يو، ماءِ لارڊ!"

باقي ڌريون اسان کان پوئتي ويٺيون.

ٽيبل ۽ ڪرسيون فيصل ڪيل آرڊر موجب پهچي ويا. آءٌ ان وقت تائين آپ پيرو بيٺو رهيس، هينئر سرڪي وڃي پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺس.

پوءِ شنوايئن جو پروگرام ۽ تاريخن جو پروگرام ٺهڻ لڳو. هندن گهريو ته شاهديون وٺڻ هڪدم شروع ڪيون وڃن، ڇو ته "وڏا وڪيل ڪراچيءَ کان آيل آهن، آهي وري وري ڪراچيءَ کان هلي سکر اچڻ تڪليفون پائيندا." سندن اصلي نيت اها هئي ته ڪيس فوراً شروع ٿئي، جيئن مسلمانن کي ڪنهن وڪيل آڻڻ لاءِ وقت ملي نه سگهي ۽ سندن (يعني مسلمانن جي) ڪيس جو بنياد ئي غلط پئجي وڃي. شاهاڻي ۽ اوسليوان مون کي ڪونه سڃاڻندا هئا. هنن مون کي ڏاڍو سادو، مڇو ۽ جاهل سمجهيو هو. سکر جي هندن کي منهنجي باري ۾ ڪجهه خبر هئي، پر هنن به اهو ڪونه ٿي

سمجهيو ته آءٌ ڪو ڪورٽ جو ڪم هلائڻ چاهيان ٿو، تنهنڪري هو به شاهاڻي کي آگاهه ڪري نه سگهيا.

جج مون کان پڇيو، مون آئي عرض ڪيس: ”جيڪا ڪورٽ سڳوريءَ جي مرضي.“

فيصلو ٿيو ته ورندي صبح کان شاهديون ريڪارڊ ٿيڻ شروع ٿينديون ۽ هندن جو پهريون شاهد ديوان بسنت راءِ (وڪيل) سکر ميونسپالٽي جو پريزيڊنٽ هوندو، جنهن جي ذريعي هندو پنهنجي ڪيس جو بنياد رکرائيندا.

آغا نظرعلي خان مرحوم جو تعارف هن ڪتاب جي پڙهندڙن سان پهرين جلد(١) ۾ ڪرائي چڪو آهيان. هو صاحب مون سان گڏ ڪورٽ ۾ موجود رهيو هو. اسان ڪورٽ مان گڏ ٽانگي تي چڙهي، جنهن جاءِ تي آءٌ مهمان ٿي اچي رهيو هوس، آتي پهتاسين. مون کيس چيو ته ”هاڻي ڪراچيءَ وارن کي سڌ ڏي ته ڪيس سڀاڻي کان شروع ٿي رهيو آهي، جنهن جي پيرويءَ لاءِ وڪيل جو انتظام پاڻ ڪن. آءٌ سڀاڻي ڳوٺ وڃي، پرينءَ واپس شملي هليو ويندس.“

آغا صاحب جي منهن تي پگهر اچي ويو. فرمايائين ”تون رسول صلعم جي اولاد ٿي ڪيئن رسول صلعم جي امتين کي هن رڻ ۾ رولي پاڻ وڃي شملي جون ٿڌيون هوائون جهٽيندين؟ تنهنجي غيرت ايماني توکي اهڙي قهر ڪرڻ جي ڪيئن اجازت ڏيندي؟“

مون منهن بڇڙو بڻائي چيس: ”آغا، آءٌ توکي ۽ تنهنجي ڪراچيءَ وارن آقائن کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. توهان جي پنهنجيءَ ’غيرت ايمانيءَ‘ سان به آشنا آهيان. سکر جي مسلمانن غريبن کي ٻوهي ۾ ڏئي هڪڙا ويٺا وزارتون هلائين ۽ پيا پيا پنهنجيءَ دولت کي پوڄين. ڇڙو وڪيل جي پنج هزار رپيا في به

---

(١) ڏسو صفحو ١١٤.

گڏ ڪري نہ ڏا سگهن. مون تي ڪهڙي ذميداري آهي جو ويهي ان ساري خرخسي جو بار کڻان؟“

آغا مرحوم: ”هاءِ هاءِ، اڙي راشدي ميان! هاءِ هاءِ، پنهنجن وڏن جون روايتون بہ وساري ويٺو آهين. تنهنجو اهو حال ڏسي ڪربلا جو ڪونڌ بہ روز قيامت، توکي پنهنجيءَ اولاد مان شمار ڪونہ ڪرائيندو.“

آءٌ: ”اهو اسان جو خانداني معاملو هوندو. تنهن ۾ توهان پٺاڻن جو ڪهڙو درڪ؟“

آغا: ”اسان پٺاڻ بہ اُمتي آهيون، حشر جي ميدان ۾ منهنجو هٿ تنهنجيءَ گردن ۾ هوندو؟“

آءٌ: ”۽ جواب ۾ منهنجو هٿ ڇا ۾ وڃي پوندو؟“ (آغا صاحب کي ڏاڙهي هئي.)

آغا: ”پُٽ، سڀاڻي جڏهن مسلمانن پاران ڪوبہ ڪورٽ ۾ ڪونہ هوندو ۽ مشرڪن هٿان اسلام جو قافلو اُڇجڻ لڳندو، ان وقت سائي گنبذ جو سائين مديني ۾ منهن مبارڪ ڪڍي تو تي ڦٽڪار وجهڻ شروع ڪندو.“

آءٌ: ”۽ ڪراچيءَ ۾ جيڪي پيا اوليون ماڻين، تن تي گُلن جي ورکا ڪندو؟“

آغا: ”هاڻي معلوم پيو ٿئي تہ جڏهن ڪان تون سنڌڙي جي مٽڙي ڌرتيءَ کان دور ٿي وڃي ٻين ملڪن ۾ رهڻ لڳو آهين، تڏهن کان تنهنجي ايمان ۾ لغزش اچي وئي آهي.“

آخر آغا صاحب جڏهن ڏٺو تہ آءٌ سندس دام ۾ ڪونہ ٿو اچان، تہ اتان اٿي هلڻ لڳو. مون پاڻهن مان جهلي ڪيس سامهون وهاري پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي. چيومانس: ”آغا صاحب، عقل جي بہ ڪا ڳالهہ ڪر ۽ ڳالهہ سمجهہ. آءٌ وڪيل ڪونہ آهيان. مخالفن طرفان هن ملڪ جا مشهور مشير وڪيل اچي سهڙيا آهن. اسان جي پاران ڪوبہ بندوبست

ڪونه آهي، جيستائين ڪاغذ جو پرزو به ڪونه آهي. ڪروڙين جي حرجاني ڀرڻ جو سوال آهي. مسجد جي واڳذاريءَ جو معاملو آهي. پندرهن سؤ ماڻهن جي جيل ۾ پوڻ يا آزاديءَ جي ڳالهه آهي. خدانخواسته جيڪڏهن مسلمانن جي پنهنجي بي بندوبستيءَ ڪري مسلمان ڪيس هارائين ٿا ته پيا سڀ نڪري ويندا ۽ ساري لعنت ملامت سون غريب تي وسڻ لڳندي. غريب هجڻ هن قوم ۾ گناهه آهي، حالانڪ ايمان غريبن ۾ ئي ٿيندو آهي. سياسي وڏن ماڻهن جي ايمان جو ٿرماميٽر موسم سارو وڌندو ۽ گهٽندو رهي ٿو. سياڻي ڪيس هارائڻ جي صورت ۾ مون تي الزام هڻندا ته مون ساڌ ٻيلي(١) واري ڀائي ڪان ٻه-ٽي لک روپيا وٺي هٿ سان مسلمانن جو ڪيس خراب ڪري مٿن ڪروڙين جو حرجانو وجهرائي ڇڏيو. اهو ڪونه چوندا ته سندن پنهنجي بي بندوبستيءَ ۽ بيپرواهي ڪري ڪيس جي پوئواري ئي ڪانه سگهي هئي."

مون آغا صاحب کي چيو ته فوراً وڃي ڪراچيءَ ٽيليفون ڪري ۽ اها ڳالهه ليڊرن کي سمجهائي کين هڪدم ڪنهن قابل وڪيل جي انتظام ڪرڻ لاءِ تيار ڪري. آغا صاحب ڪنهن ڪنهن کي ٽيليفون ڪيو، تنهن جو پتو ڪونه پيو. البته پڄاڻ ته حاجي عبدالله هارون سان جڏهن ڳالهايائين ته هن چيس ته "آءٌ راشديءَ کي سڃاڻان؛ توهان سائنس ڇيڙڇاڙ نه ڪيو؛ پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيوس؛ هو پنهنجي ذميداري اڪيلي سر به نباهيندو ۽ وڪيلن کان گهڻو بهتر ثابت ٿيندو."

---

(١) عام افواهه ڦهلجڻ لڳا هئا ته ساڌ ٻيلي جو ڀائو ڪيس جو سارو خرچ پيو ڀري ۽ هر طرف پئسو پيو ورهائي. خاص طرح سان هو ڪن ڏاڙن وارن مسلمانن کي لالچائي رهيو آهي ته هو ڪانئس پئسا وٺي پنهنجن ئي مسلمانن جي خلاف شاهد پون ڏين.

آغا صاحب ساڳئي وقت شهر سکر ۾ ڏنڊورو گهمائي
ڇڏيو ته ”راشدي کيس ڇڏيو ڀڳو ته وچي، شهر وارن تي
ڪروڙين روپيا حرجانو پئجي ويندو.“

ان خوف وچان شام جو سکر جي مسلمانن جا ميڙ اچي
مون وٽ ڪٺا ٿيا ته ”تون اسان کي ڇڏي نه وڃ، مري
ويندا سين، تباهه ٿي ويندا سين.“ مون ”هائو ناهه“ جو جواب
ڪين ڪونه ڏنو، ڪنڌ ڌوڻيندو ۽ مُرڪندو رهيس.

لڙيءَ رات منهنجو هندو دوست مسٽر آرت مل ايڊيٽر
’هندو گزيٽ‘ اچي مون وٽ سهڙيو. (سندس ذڪر پهرين
جلد ۾ سکر جي سرخيءَ هيٺ اچي چڪو آهي.) مون کي
صلاح ڏنائين ته ”تون کيس ڇڏي هليو نه وڃ. سڀاڻي جي
جنهن بدناميءَ کان بچڻ لاءِ تون اهين پيو ڪرين، سا
بدنامي کيس ڇڏي ڀڄي وڃڻ جي حالت ۾ اڄ کان ئي
شروع ٿي ويندي. تنهنجا مسلمان چوندا ته هندن کان
ڀ-ي لڪ وٺي ڀڄي ويو. آءٌ هندو آهيان، پر تنهنجو ذاتي
دوست ۽ خيرخواهه آهيان. توکي صلاح سٺي ڏيندس.“

مون چيس: ”پنهنجن هندن جي ڪئمپ جي ته ڪا
خبر ڪر.“

وراڻي ڏنائين: ”مون وٽ خبرون آهن، پر توکي
ڪونه ٻڌائيندس، ڇو ته اها وري پنهنجيءَ هندو قوم سان
غداري ٿيندي. هڪڙي ڳالهه چوانءِ ٿو ته پنهنجن ڏسڻ
وائسڻ مسلمانن کان خبردار رهجانءِ. اوچتو شاهد بڻجي اچي
ڪٽهڙي ۾ بيهندئي.“

آرت مل روانو ٿي ويو. دل جي ڳالهه اها هئي ته
نظر علي خان سان مون فقط ظاهري ڏڏو ٻڌو هو. جنگ جو
ميدان خالي ڇڏي ڀڄي وڃڻ، منهنجيءَ پنهنجيءَ طبيعت جي
خلاف هو.

صبح جو ڪورٽ ۾ حاضر ٿياسين. ڪيس ٻڌڻ لاءِ ماڻهن جا انبوهه لڳا پيا هئا.

شروع ۾ هر ڌر جي وڪيل مختصر تقرير جي ذريعي پنهنجي ڪيس جو تت ڪورٽ کي ٻڌايو.

منهنجو وارو آيو ته مون فقط ايترو چيو ته اسان جو ڪيس سنئون سڌو ۽ تمام مختصر آهي. فسادن جا سبب ٻه هئا: (١) هندن جي اڳرائي، هلڪڙائي، ٻيجا دخل اندازي ۽ اشتعال انگيزي ۽ الله بخش وزارت جي ڦلهڙي پاليسي ۽ پاڻ کي قائم رکڻ جو انتظار: (٢) ۽ انهن حالتن ڪري حرجانو مسلمانن تي نه، پر هندن ۽ الله بخش وزارت تي پوي ٿو.

هندن جو پهريون شاهد بسنت رام پريزيڊنٽ سکر ميونسپالٽي پيش ٿيو. هن هندن جو سارو طرف بيان ڪيو ۽ فسادن جي دوران ۾ جيڪي ڪجهه ٿيندو رهيو هو، اهو ٻڌايائين. سندس مکيه پڇا منجهند تائين هلي. ٿوري وقفي کان پوءِ آڏي پڇا جو دور آيو.

مون ڏانهن نهاري جج صاحب چيو: "اوهان کي ڪو سوال پڇڻو آهي؟"

آءٌ ڪو جواب ڏيان، تنهن کان اڳ هندو وڪيل ڪڇي ڏکي ڪري مون ڏانهن واجهائڻ ۽ حقارت جي نموني پاڻ ۾ کلڻ لڳا. سرڪاري وڪيل اوسليوان صاحب جي منهن تي ٻه مرڪ نظر آيم. مون کي باهه وٺي وئي.

اٿي کڙو ٿيس، جج کي چيم: "مون وٽ، شاهد جي بيان قلمبند ڪرڻ لاءِ اڄ ڪو ٻه منشي ڪونه هو. مون کي اڄ شام تائين شاهد جي بيان جو نقل خود ڪورٽ سڀاڻي ڏيڻ فرمائي. ان کي پڙهي سڀاڻي جيڪڏهن ڪو سوال خيال ۾ آيم ته اهو پڇندس، نه ته ٿيو پلو."

هندو وڪيل بيرسٽر شاهاڻي وڏي رعبدار آواز سان منهنجي عرض جي مخالفت ڪئي. چيائين، اهو انتظام مسٽر راشديءَ کي خود رکڻ کپندو هو، جيڪڏهن اهو فيل ٿيو آهي ته ان جي سزا باقي ڌرين کي ملڻ نه کپي، ڪيس سڀاڻي تي مهمل نه ٿئي. مسٽر راشديءَ کي جيڪڏهن ڪو سوال پڇڻو آهي ته اج ئي پڇي وٺي، نه ته اسان جي ٻئي نمبر شاهد کي هڪدم سڏايو وڃي. مسٽر اوسليوان به هندن جي پٺ پرائي ڪئي، ٻنهي ڌرين سون ڪان بروقت آڏي پڇا شروع ڪرائڻ تي زور ان ڪري ٿي ڏنو جو هنن سمجهيو پئي ته آءٌ پاڻ آلڙو پولڙو آهيان. بروقت آڏي پڇا ڪري ڪونه سگهندس. جيڪڏهن سون کي وقت ڏنو ويو ته رات جي وچ ۾ آءٌ شايد ڪن وڪيلن سان صلاح ڪري پڪي ڏينهن تيار ٿي اچان.

جج فيصلو منهنجي خلاف ڏنو ۽ چيائين ته ”هاڻي ئي آڏي پڇا ڪر.“

هيڻن ۽ هيڪلن جو حامي الله! آءٌ ٽي دفعا الحمد سڳوري پڙهي اٿي پيس، دمادم مست قلندر! ڪورٽ جو باقي وقت ئي ڪلاڪ هو. مان اهي ٽيئي ڪلاڪ ديوان بسنت رام ويچاري جي ابتي ڪل لاهيندو رهيس. بنيادي سوال پئي ڏينهن لاءِ ڇڏيندو ويس. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جج منهنجي باري ۾ چڱي راءِ قائم ڪئي. هڪ سوال به غيرمتعلق (Irrelevant) يا آئوٽ آف آرڊر ڪونه ٿيو. آهستو آهستو هندن جي ڪيس جا بخيا ادڙڻ لڳا. هندو وڪيلن جا منهن لهڻ شروع ٿيا. انگريز سرڪاري وڪيل جا ڪن آيا ٿي ويا.

آخر ۾، جڏهن ڪورٽ جو وقت ختم ٿيڻ تي آيو ته جج پڇيو: ”اڃا گهڻو وقت هن شاهد کان آڏي پڇا ڪندين؟“

جواب: ”ٻي ڏينهن.“

هندو وڪيلن هولچو مچائي ڏنو، پر جج چيو: ”اوهان سانت ۾ رهو.“

ڪورٽ کان ٻاهر نڪتاسين ته هندن جا منهن ڪاراٽيل ۽ مسلمانن غريبن جا چهرا چهرا. ڊوڙي مون کي ٻاکر پاتائون. بسنت رام جڏهن پريشان ٿيندو هو ته نڪ مان ڦوهارا ڏيندو هو. اڄ اڳيئن کان به وڌيڪ ڦوهارا ڇڏيندو پنهنجن هندو وڪيلن پٺيان لڙڪندو هليو ويو. بسنت رام منهنجو ڏاڍو دوست هو، مون کي ڏک به ڏاڍو ٿيو، پر ڪري ڪجهه نٿي سگهيس. ڊيوٽيءَ جو مسئلو هو ۽ ان قوم جو، جنهن جو اَن گهڙيءَ نه ڪو ”آهي هو نه ٿيندي.“

آءٌ سانجهي جو گهر آيس ته حاجي عبدالله هارون اَت اڳ ۾ ئي پهچي چڪو هو. ان کي ماڻهن ڊوڙي وڃي ٻڌايو هو ته مان ڪيتري قدر ڪامياب آڏي ٻچا ڪئي آهي. ڏاڍو خوش هو، ٻاکر پاتائين، نراڙ تي چميون ڏنائين ۽ چيائين: ”مون کي تنهنجي خبر هئي، نظرعلي خان کي مون ٽيليفون تي چيو هو ته توهان راشديءَ کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. هن کي تنگ نه ڪيو. هو پاڻهين معاملي کي منهن ڏيندو ۽ وڪيلن کان بهتر ڪم ڪندو.“

آغا نظرعلي خان خود به اچي پهتو، خوشيءَ وچان ٿهڪن ڏيندي ڪون ٿي ٽڪو.

حاجي صاحب مون سان پنهنجي منهن ڳالهيون ڪيون. چيائين: ”سچو بار ڪرڪي اچي اسان جي ڪنڌ تي پيو آهي، هاڻي جيئن صلاح ڪرين؟ چوين ته ڊاڪٽر عالم کي آءٌ پنهنجي هڙان پئسن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، چندو ته ڪو ڪونه ٿو ڏئي.“

مون چيس، ”جيڪي اوهان فرمايو ٿا سو آءٌ پاڻ اڳ ۾ ئي محسوس پيو ڪريان. آءٌ ڊاڪٽر عالم سان به راتيون ۽ ڏينهن گڏ رهيو آهيان. وڪيل وڏو ۽ مسلمان سچو آهي. پر مون ڏٺو آهي ته هينئر سندس صحت اهڙي نه آهي جو هو دماغي طرح ههڙي ڏکي ڪيس تي ڌيان ڏئي سگهي.

هر پندرهن منٽن کان پوءِ غسلخاني ڏانهن وڃڻ جي ضرورت محسوس ٿئيس ٿي. رات جو ننڊ ڪانہ ائس، دماغ ٺڪل رهيس ٿو.“

حاجي صاحب: ”پوءِ؟ سنڌ مان ڪو مسلمان وڪيل ڪچي پر آهي تہ بہ ٻڌو پڌيو پيئا آهن. هي ڪيس مهينن جا پلاند وٺندو. اسان جا وڪيل هر چوٿين ڏينهن ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ حاضريءَ جو بهانو ٻڌائي پڇيو پيا ويندا. چار مهينا ساندهہ گوڏو هڻي ويهڻ جي معنيٰ اها بہ ٿيندي تہ هو پنهنجي مستقل پريڪٽس مان هٿ ڌوئي ويهن. ايڏي قرباني ڪير ڪندو؟“

حاجي صاحب اهي ڳالهيون اهڙيءَ نماڻائي ۽ دلسوزيءَ سان ڪيون، جو مون کي شرم اچڻ لڳو. مون چيس تہ: ”اهڙين حالتن ۾ تہ پوءِ مون تي ڇڏي ڏيو، پريان دعائون ڪندا رهجو.“

فقط ايتري گهُر ڪير تہ منهنجي مدد لاءِ هو صاحب پنهنجي صوبائي مسلم ليگ جي دفتر جو ڪجهہ عملو، ڪاغذ ۽ ٽائپ رائٽر وغيره سان سڪر موڪلي ڏي، باقي الله خير ڪندو.“

حاجي صاحب رات جي ريل ۾ واپس هليو ويو، پر اطمينان سان.

صبح جو ڪيس جو ٻيو ڏينهن شروع ٿيو. سارو ڏينهن ساکي بسنت رام جي آڏي پڇا هلي. هندن جي دعوائن جا پول کلي ويا. جج جي اکيان ڪيس جي صحيح ۽ سچي صورت اچي وئي. تاڙي ويو تہ هندن جي ڪيس جو بنياد ئي غلط آهي. ساکي وقت منهنجي باري ۾ بہ ڏاڍي چڱي راءِ قائم ڪيائين، جنهن جو هر گهڙيءَ ثبوت ملندو رهيو.

وقت ختم ٿيڻ تي آيو تہ پڇيائين: ”سياڻي بہ آڏي پڇا هلندي؟“

سون نماڻو ٿي چيس: ”آءٌ وڪيل ڪونہ آهيان؛ مون کي تہ خبر ڪانہ ٿي پوي. اجا مواد تہ گهڻو رهيل آهي. وڌيڪ جيڪا ڪورٽ سڳوريءَ جي مرضي. جيڪڏهن ڪورٽ منهنجي رهنمائي فرمائيندي تہ آءٌ ان موجب عمل ڪندس“.

جج: ”اهو تنهنجيءَ پنهنجي مرضيءَ تي منحصر آهي. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ هن شاهد کان وڌيڪ پڇڻ جي ضرورت ڪانہ رهي آهي.“

آءٌ: ”تہ پوءِ بس. منهنجي آڏي پڇا ختم.“

جج اٿي ويو تہ ڪيترا هندو وڪيل مون کي وڪوڙي ويا. مذاق ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ گاريون ڏيندي چيائون: ”...... وڏو چالاڪ آهين. پچاڙيءَ ۾ جج کان بہ چوارائي ڇڏيئي ۽ ڪيس ڪمزور ڪري ڇڏيئي تہ هندن جو ڪيس ڪوڙ تي ٻڌل آهي.“ ساڳئي وقت بسنت رام سان ٿڌ جڻ ڪندا رهيا تہ ”فلاڻي سوال جو جواب هينءَ نہ هينءَ ڏيڻ گهربو هيئي“، وغيره وغيره.

اوسليوان ڪنڌ تي هٿ رکي شاباس ڪئي

" Well done Mr Rashdi, I didn't know that."

ٽن-چئن ڏينهن جي ڪاروائي کان پوءِ جج صاحب ارادو ظاهر ڪيو تہ هو ڏرين سان گڏجي معصوم شاهہ جي لهرايل سمورين يادگارين جو معائنو ڪرڻ گهري ٿو. مقرر ڏينهن تي اسان سڀ سائٽ گڏ پهرين معصوم شاهہ جي مناري ڏسڻ لاءِ وياسين. اُتي مسجد بہ هئي. سڀني جتيون لاٿيون. مون جج صاحب جي جُتي کڻي ديوار جي ڇانو ۾ رکي. جڏهن اتان نڪتاسين تہ مون جُتي کڻي جج صاحب جي اڳيان رکي. هو گهڻو ”نهين، نهين، مسٽر راشدي، نهين“ چوندو رهيو، پر مون سندس ڳالهہ ڪانہ ٻڌي. مون چيس، اوهان مون کان عمر ۾ بہ وڏا آهيو ۽ منصب ۾ بہ. اسان کي اسلام سيکاري ٿو تہ وڏن جي تعظيم ڪيو. جج تمام متاثر ٿيو. حاطي کان

ٻاهر نڪتاسين تہ ٻاڻ اچي مون سان گڏ منهنجيءَ موٽر ۾ ويٺو. اتان روهڙيءَ روانا ٿياسين. براج جي پل اُڪري درياهہ جي ڪپي ڪناري وارو رستو ڏيئي هلياسين. جج صاحب ٻهريون دفعو ڇهري تان گهنڊ لاهي عام ماڻهن وانگر ڳالهائڻ لڳو. سکر جي تاريخ پڇيائين. سنڌ جي ٻلي مڇيءَ جون خوبيون معلوم ڪيائين. جڏهن ساڌ ٻيلي جي سامهون لنگهياسين تہ ڪيلي پڇيائين:

”مسٽر راشدي، اِن ساڌ ٻيلي تي ڪڏهن مسلمانن ٻاران ڪليم وجهندين؟“

مون چيس، ”منهنجا لارڊ! اسان مسلمان غريب ڏتڙيل آهيون. هڪ مسجد ڇڏائڻ لاءِ ايتري قدر مصيبتن ۾ گرفتار ٿيا آهيون. اسان ۾ اها همت ڪانه رهي آهي تہ ٻنهنجا وڃايل حق هٿ ڪيون. ورنہ سچي ڳالهہ اها آهي تہ ساڌ ٻيلي تي بہ هندن جو قبضو ناجائز آهي. اِن ٻيٽاريءَ جو اڌ ”شاد ٻيلو“ نالي سرڪاري ملڪيت هو، جنهن تي هڪ ساڌو ديرو دمائي ساري زمين ڦٻائي ويو، ٻيو اڌ ٻيٽاريءَ جو ”دين ٻيلي“ جي نالي سان مشهور هو. اهو دين ٻيلو خاص منهنجي خاندان جي خانگي ملڪيت هو. اسان جي هڪ بزرگ تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيو. ڪيس ٻيسي جي ضرورت ٻيئي. ڏين ٻيلو گروي رکي ٻيسا ٻائي ڪان ورتائين. قرض تي ڳاتي ٻگهو وياج ۽ وياج تي وياج چاڙهي آخر ۾ ساري دين ٻيلي تي قبضو ڪري، ٻنهي ٻيٽارين جي وچ ۾ جيڪا ٻاٽيءَ جي ليڪ هئي، ان کي ٻٽرن ۽ واريءَ سان ٻراٽي، ٻنهي ٻيلن کي گڏي، عمارتون اڏارائي ڇڏيائين.“

ڏٺم تہ ان تاريخي ڪهاڻيءَ جج صاحب تي ڏاڍو اثر ڪيو، پر وڌيڪ ڪجهہ ڪين ڪونہ. باقي وقت صبر ۾ رهي، هلي روهڙيءَ پهتو ۽ اتي معصوم شاهہ جو نهرايل عيدگاهہ

ڏسي واپس به وري مون ساڻ منهنجيءَ سونهن ۾ ٿي اچي سڪر سهڙيو.

الله تعاليٰ جي مهرباني ٿي. چار مهينا ڪيس هليو. پر ان ساري عرصي اندر منهنجو هڪڙو عرض، هڪڙو سوال، به ڪڏهن رد ڪونه ڪيائين. آءٌ جيڪا به استدعا ڪندو هوس، هن ڪندن ۾ سرڪاري وڪيل جي شديد مخالفت جي باوجود به منظور ڪندو هو.

* * *

ايندڙ نسلن کي آگاهه ڪرڻ لاءِ، ته اهڙن پيچيدن معاملن ۾ جت قومون يا فرقا پاڻ ۾ ”دست و گريبان“ ٿي پون ٿا، ماڻهوءَ کي ڪهڙين ڪهڙين منزلن مان گذرڻو پوي ٿو، آءٌ ٻه-ٽي واقعا نموناً هت ٻڌائي ڇڏيان ٿو.

جنهن ڏينهن جو ذڪر آهي، ان ڏينهن اهو مقدمو ڪراچيءَ جي هاءِ ڪورٽ بلڊنگ ۾ هلي رهيو هو. مسلمانن جي پاران حاجي عبدالله هارون جي شاهدي ٿيڻي هئي. حاجي صاحب اچي شاهدن جي ڪٽهڙي ۾ ويهي رهيو هو. ڪانفس مکيه پڇا مون کي ڪرڻي هئي. پر جج صاحب پاڻ ڪورٽ ۾ داخل ٿئي، ان کان اڳ ڏرين جي وڪيلن پاڻ ۾ چرچا گهڻا پئي ڪيا. خانبهادر الله بخش مرحوم جو وڪيل مسٽر ڪشنداس لولا وڪيل ته تجربه ڪار ۽ نالي وارو هو، پر طبيعت هلڪڙي هئس. ڪنهن ڏينهن ڪا خاص ڳالهه سندس مرضيءَ مطابق ٿيڻي هوندي هئي، ته اڳواٽ خوشيءَ ۾ پرجي، اکيون ڦوٽاري، مارڻيءَ ميهن وانگر سڄي ڪاپي پيو واجهائيندو هو. حاجي عبدالله هارون ڏانهن ڪاوڙ مان نهاري وري پنهنجن ڪاغذن ۾ پيو ستهن وجهي ۽ فائلن کي هيٺ مٿي ڪري. مون کي شڪ پيو ته اڄ ڪا نئين ڳالهه ٿيڻي آهي، جنهن ڪري مسٽر لولا کي اچي ايتري قدر آنڌ مانڌ لڳي آهي. سندس فائلن ڏانهن غور مان ڏٺم ته ات

هڪڙو فائل صوبائي مسلم ليگ جو نظر آيم، جنهن جو رنگ سائو هو ۽ مٿس "مسلم ليگ سنڌ" جو ٽائٽل ڇاپيل هو. ليگ جو سارو دفتر منهنجيءَ نظر هيٺ هلندو هو ۽ مان هر فائل سڃاڻندو هوس. سون سمجهيو ته اهو فائل مسلم ليگ جي دفتر مان ڪنهن طرح چورارائي هٿ ڪيل آهي ۽ ان جي آڌار تي اڄ حاجي صاحب کي آڏيءَ پڇا ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ٿيندي. فوراً فيصلو ڪيم ته اڄ ڪيس ملهل ڪرائيندس، حاجي صاحب جي شاهدي نه وٺرائيندس، ۽ هتان سنڌ ليگ دفتر ۾ وڃي جاچ ڪندس ته ڪهڙو فائل گم ٿيو آهي ۽ پوءِ ان ۾ رکيل ڪاغذن کي خيال ۾ رکي، حاجي صاحب کي جوابن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري ايندس.

جج صاحب آيو. سرشتيدار حاجي صاحب کي قسم کڻايو. مون کي حڪم ٿيو ته مڪي پڇا شروع ڪر. آءٌ پنهنجيءَ نشست تان ڪونه اٿيس. ويٺي ويٺي عرض ڪيم ته اڄ منهنجي طبيعت تمام خراب آهي. چار مهينا ساندهه ڪم ڪرڻ ڪري ٿڪجي پيو آهيان. ڪورٽ اڄ مون کي مهلت ۽ موڪل ڏئي ته گهر وڃي آرام ڪيان، ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاريان ۽ دوا درمل وٺي سڀاڻي اچي حاضر ٿيان ۽ شاهد کان پڇا شروع ڪريان. اها ڳالهه به سچي هئي. مان واقعي ٿڪل به هوس ۽ وري جو مسٽر لولا وٽ فائل ڏٺم، تنهن ته مون کي دل هول ڏيئي ڇڏيو هو.

مسٽر لولا ڏاڍو زور ڏنو ته آءٌ اڄ عبدالله هارون جي شاهدي اوڏرائي سڀاڻي موڪل ڪريان. ساڳيءَ طرح هندن جي وڪيلن به هاءِ گهوڙا مچائي ته حاجي صاحب جي شاهدي اڄ ضرور پوري ڪئي وڃي، وغيره وغيره. پر جج سندن اعتراضن کي رد ڪري منهنجي راءِ رکي ۽ ڪيس هڪ ڏينهن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيائين.

ڪورٽ مان نڪري، آءٌ ۽ حاجي صاحب سڌا مسلم ليگ آفيس ۾ آياسين. اُتي فائلن جي چڪاس مان معلوم ٿيو ته اهو مخفي فائل گم آهي، جنهن ۾ حاجي صاحب ۽ قائد اعظم جي وچ ۾ (منزلگاهه تحريڪ جي باري ۾) هليل لکپڙهه هئي. ان لکپڙهه ۾ ڪي اهڙا ڪاغذ به شامل هئا، جن جي ڪري مسلمانن جي ڪيس تي خراب اثر پوڻ جو يقين ٿي سگهيو ٿي. حاجي صاحب ان ڏينهن جي منهنجي ڦڙتائي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، دعائون ڪيائين ۽ دعوت ڏنائين ته شام جو وٽس ماني کاوان، جنهن ۾ هو ڪبابن ۽ نان پاون جو خاص انتظام رکندو. ڪيس معلوم هو ته مان انهن شين جو شوقين هوس.

غرض، اسان ان وچ ۾ گم ٿيل فائل ۾ پيل ڪاغذن متعلق مناسب سمجهاڻيون ذهن ۾ رکي ڇڏيون ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن حاجي صاحب جي شاهدي هلي ته مون مکيه پڇا ۾ ئي حاجي صاحب واتان پاڻهرتو آهي ڳالهيون ايتريقدر صاف ڪرائي ڇڏيون، جو مسٽر اولا منهن تڪيندو رهجي ويو ۽ چورايل فائل جي ذريعي ڪو به فائدو حاصل ڪري ڪون سگهيو.

جيڪڏهن اولا صاحب ٻهرين ڏينهن هلڪڙائي جو مظاهرو نه ڪري ها ۽ منهنجي دل ۾ فائل جي چوريءَ بابت شڪ اڀرڻ نه ڏئي ها ته ڪيس ڪٿيو ويٺو هو. پر وڪيل ۽ هلڪڙائي!

ستت ئي وري هڪڙي ٻي ڏکي منزل اچي وئي.

اوچتوئي اوچتو هندن درخواست پيش ڪئي ته هو ست نوان شاهد پيش ڪندا، جن جي موجودگيءَ ۾ (هندو اخبار جي دفتر ۾ ويهي) جناب جي. ايم. سيد گفتگو ڪئي هئي ته هن ڇٽن سون هندن کي مارائڻ جو منصوبو ٺاهي ڇڏيو آهي، جيڪڏهن "واڻين" مسجد منزلگاهه زوريءَ خالي ڪرائي ته نتيجو ڏسي وٺندا.

شاهد ڪهڙا ڏنائون؟ مسٽر جمشيد مهتا پريزيڊنٽ ڪراچي ميونسپالٽي، ٽي ڏسٽا وائسٽا مسلمان، جن کي ليڊريءَ جي دعوا هئي، ۽ ٽي هندو ديوان، جن جي لاءِ مشهور هو ته هو صوفي مت جا آهن ۽ هندو مسلمانڪي چڪتاڻ مان ٻنهي کون ڇاٽن.

صاحب تون، ستار تون، آئي بلا ٽار تون!

جمشيد مهتا پارسي هو ۽ ساري دنيا ان کي هڪ سچو انسان بلڪ صوفي سنت پائيندي هئي. ان جي لاءِ اهو تصورئي ٽي کونه ٿي سگهيو ته هو ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اچي ڪوڙي شاهدي ڏيندو، ۽ آهو اچي چوندو ڇا؟ هيءُ چوندو ته جناب جي. ايم. سيد سندس موجودگيءَ ۾ قبول ڪيو هو ته هن ڇهن سوَن هندن کي قتل ڪرائڻ جو منصوبو رٿي ڇڏيو آهي! گهاتڪ شاهدي هئي، ۽ ان کي ٽيڪو ڏيندڙ ٽي-چار معزز نالي وارا نيڪ بخت مسلمان شاهد!

آڏي پڇا ٿيندي ته ڪهڙي؟ چور ٻوڙي ۾ موجود هو.

ڪورٽ هندن جي درخواست منظور ڪري، ٻئي ڏينهن انهن شاهدن کي گهرائڻ جو حڪم جاري ڪيو.

ٻيو ڏينهن ٿيو ته ڇا ڏسان؟ شاهد نمبر پهريون مسٽر جمشيد مهتا ته شاهدن جي ڪٺهڙي ۾ موجود، پر پويان ساري ڪورٽ ڪراچيءَ جي هندو وڪيلن سان ڀريل. آهي صاحب هيءُ تماشو ڏسڻ آيا هئا ته جمشيد مهتا جي شاهديءَ ڪري ڪيئن ٿيون اڄ مسلمانن جون پڳڙيون ٿين ۽ ڪيئن ٿو هڪ ڇٽ ۽ ڪوڙو وڪيل منجهانس جان ڇڏائي؟

جمشيد صاحب مکيه پڇا جي دوران اهي سموريون ڳالهيون، جي. ايم. سيد صاحب جي باري ۾ چئي ويو، جيڪي هندن چاٽايون هيون.

آڏي پڇا جو حڪم ٿيو:

منهنجو ٻهريون سوال: ”اوهان هن ڳالهه لاءِ مشهور آهيو ته جنهن ڪي خونن ڪرائڻ جو منصوبو ٺاهڻو هجي، سو اوهان وٽ اچي پنهنجي دل جا راز ٻڌائي؟“

جواب: ”مون سوال نه سمجهيو!“

آءٌ: ”اوهان قتل جي منصوبه بازن جا سڀ ۽ قابل اعتماد سرپرست طور مشهور آهيو؟ ماڻهو اوهان سان اهڙين صلاحن ڪندي ۽ ڳالهين ٻڌائيندي بلڪل ڪونه ڊڄن؟“

جواب: ”نه، هرگز نه.“

سوال: ”اوهان هن ڳالهه لاءِ به مشهور آهيو ته وقت پئي اوهان قسم تي ڪورٽ اڳيان ڪوڙ ڳالهائي، ماڻهن جا راز ڇپايو ۽ انهن کي سزا کان بچايو؟“

جواب: ”نه.“

سوال: ”جي. ايم. سيد کي ڪڏهن کان سڃاڻو؟“

جواب: ”ننڍڙائي کان.“

سوال: ”سياست ۾ به يا ته گڏ رهيا آهيو يا هڪٻئي کي ڏسندا وائسندا رهيا آهيو؟“

جواب: ”هائو.“

سوال: ”سياست ۾ جي. ايم. سيد جا گهڻين ئي پارٽين ۽ جماعتن سان اختلاف ۽ جهيڙا ٿيندا رهيا آهن؟“

جواب: ”هائو.“

سوال: ”ان عرصي اندر گهڻا ڀيرا جي. ايم. سيد اوهان سان خوني منصوبن جي باري ۾ پنهنجيءَ دل جا راز بيان ڪيا آهن؟“

جواب: ”ڪڏهن به ڪونه.“

سوال: ”اوهان پاڻ به قتل ۽ خونن جي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺندا رهندا آهيو؟ اوهان کي ماڻهن جو خون ٿيڻ پسند ايندو آهي؟“

جواب: "ماءِ گاڊ! بلڪل نه."

سوال: "جڏهن جي. ايم. سيد چئن سون هندن کي مارائڻ جي منصوبي جي ڳالهه ڪئي ته اوهان ڪيس شاباس چئي؟"

جواب: "اوهه گاڊ! نه."

سوال: "منع ڪئي؟"

جواب: "نه."

سوال: "جي ايم سيد جو دماغ اڪثر خراب رهي ٿو؟"

جواب: "نه."

ان ڪان پوءِ مون سندس پنهنجن عقيدن، سياسي نظرين ۽ فلسفهِ حيات بابت به ڪلاڪ ڪن سوال پڇي ڪورٽ کي ڏيکاريو ته هي صاحب وهمي ۽ خيالي دنيا ۾ رهڻ وارو ماڻهو آهي ۽ اهڙو نه آهي، جنهن سان ڪو ماڻهو Serious ڳالهه ڪري.

جمشيد صاحب ڪان پوءِ هڪ معزز مسلمان شاهد آيو، جنهن پڻ اچي ساڳي ڳالهه چئي. مون کي معلوم هو ته هو ڏاڍو چيڙاڪ آهي. غصي ۾ اچي ته هوش مان نڪري ويچي.

ڪانئس منهنجو پهريون سوال هو: "تون مشهور دماغي بيمار آهين؟"

جواب: "تون پاڳل آهين."

سوال: "اڪثر ائين ٿيندو رهي ٿو ته تنهنجي گهر واري توکي پادر هٽي ڪجهه وقت لاءِ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيندي آهي؟"

منهنجو اهو سوال پڇڻ ۽ هو صاحب هوش مان نڪري مون کي، هندن کي، ڪورٽ کي، غرض سڀني کي وڏي واڪي بدشد ڳالهائڻ لڳو ۽ مون کي ته ڪچيون گاريون به ڏنائين. آخر ۾ هو مون ڏانهن پادر اڇلائڻ لاءِ پنهنجي

شوز جون کهيون کولڻ لڳو. سون جج کسي هٿ سان اشارو ڏنو. هن هڪدم پوليس کي حڪم ڪيو ته شاهد کي چڪي ٻاهر ڪڍي وڃن. ويندي ويندي هو ٻچاڙيءَ تائين سڄي جهان کي گاريون ڏيندو ۽ ناٽڪ رچائيندو ويو.

وري ٻيو مسلمان هندن پاران شاهد طور پيش ٿيو. منهنجو وارو آيو ته هيٺين طرح سوال جواب ٿيو:

سوال: ”اوهان ڪانگريسي آهيو؟“

جواب: ”هائو.“

سوال: ”ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي اسيمبليءَ ۾ ميمبر چونڊيا آهيو؟“

جواب: ”هائو.“

سوال: ”ميٽنگن ۾ جڏهن اوهان تقرير ڪرڻ لاءِ اٿندا آهيو ته مسلمان لٺين ۽ سوچڙن سان اوهان جو تواضع ڪندا آهن؟“

جواب: ”نه.“

سوال: ”اوستي محمد ۾ ميٽنگ ٿي هئي؟“

جواب: ”هائو.“

سوال: ”اُت اوهان تي مسلمانن ڏنڊا وسايا هئا؟“

جواب: ”نه، ٿورو گوڙ ٿيو هو.“

سوال: ”اوهان جي نراڙ تي ڏنڊو وهائي ڪڍيو هئائون ۽ اوهان ڪيترا ڏينهن ڊاڪٽرن وٽان ڦٽ ڇيرائيندا وتندا هئا؟“

جواب: ”ٿورو زخم اچي ويو هو.“

سوال: ”اوهان ڪورٽ جي ويجهو وڃي پنهنجي نراڙ تي جيڪو ڦٽ جو نشان رهجي ويل آهي، سو ڏيکاريو.“

ڪورٽ به ڪيس ويجهي اچڻ لاءِ حڪم ڪيو ۽ ڏٺو ويو ته نراڙ تي گهپ جو نشان نمايان هو.

جج صاحب ان منزل تي بي صبر ٿي ويو. هندن جي وڪيل کي ڪاوڙ منجهان چيائين ته:

"With due respect for this type of your witnesses I shall go no further into your point about G. M. Sayed conspiring to kill 400 Hindus. Drop that point."

(ترجمو. اوهان جي ان قسم جي شاهدن لاءِ احترام هوندي آءٌ ان پائنٽ ۾ وڌيڪ وڃڻ کان انڪار ڪريان ٿو، جنهن پائنٽ جو تعلق هن ڳالهه سان آهي ته جي- ايم- سيد چئن سون هندن کي مارائڻ جو منصوبو رٿيو هو، ان پائنٽ کي ڇڏي ڏيو.)

سڀ کان وڌي ڏماڇوڪڙي خانبهادر الله بخش مرحوم جي پنهنجي شاهديءَ وقت لڳي. مون نه ٿي ڀانيو ته هندن جا اهڙا تجربيڪار وڪيل ڪيس شاهد ڪري گهرائڻ جو جوکم ڪندا. پر خانبهادر صاحب کي پنهنجي دماغ تي ايترو ڀروسو هو، جو شايد هن خود شاهد ٿي اچڻ تي مٿن زور رکيو هجي. بهرحال خانبهادر صاحب شاهد ٿي آيو ۽ پنهنجي وڪيل ۽ هندن جي "بالشٽرن" جي مکيه ڀڃا ۾ گهڻو ڪجهه چئي ويو. ان کان پوءِ جڏهن منهنجو وارو آيو ته اڍائي ڏينهن مسلسل ڪانئس آڏي ڀڃا ڪندو رهيس. مسلمانن جي ڪيس ثابت ڪرڻ لاءِ، جن جن ڳالهين جي مون کي ضرورت هئي، سي ڪانئس چوائي ڇڏيم. گهٽيون ته اهڙيون به ڳالهيون هيون، جو جيڪڏهن خانبهادر صاحب پاڻ شاهد ٿي نه اچي ها ته آءٌ هرگز ثابت ڪري ڪونه سگهان ها. مرحوم کي ايترقدر سوڙهو گهيريم، جو موقعو وٺي مون کي چوندو رهيو:

"ڀڃا مرنئي، هاڻي ته بس ڪر."

ماڳهين وقت شاهدي هلندي پاڻيءَ يا لمليٽ جا ڍڪ به ڀريندو رهيو. سندس شاهدي ۽ آڏي ڀڃا ٽربيونل جي

رڪارڊ ۾ موجود آهي ۽ مسلم ليگ طرفان ڪتابي صورت ۾ ب
ڇپايل آهي، تنهن ڪري تفصيل ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪان
آهي. حقيقت ۾ اها ئي شاهدي مسلمانن جي مخالفن لاءِ
سڀ کان وڌيڪ گهاتڪ ثابت ٿي.

* * *

هڪ ڏينهن هندن طرفان مسٽر پمناڻي شاهد ٿيڄي آيو.
هو صاحب روهڙيءَ جو رهاڪو هو ۽ سکر ضلعي مان سنڌ
اسيمبليءَ جو چونڊيل ميمبر هو. ڏاڍو تيز طبيعت هو ۽ مسلمانن
تي حد کان زياده ناراض رهندو هو. پنهنجي شاهديءَ جي
دوران پير صاحب پرچونڊي شريف جي باري ۾ ڪجھ ناشائسته
ڳالهيون به ڪري ويو. سندس بيان پورو ٿيو ته مون ڪورٽ
کي عرض ڪيو ته مسٽر پمناڻيءَ جو بيان اخبارن ۾ ڇپجڻ
کان روڪيو وڃي، ورنه موجوده اشتعال جي حالت ۾ ممڪن
آهي ته سندس جان خطري ۾ پئجي وڃي. ڪورٽ پريس
رپورٽرن کي درخواست ڪئي ته اهو بيان اخبارن ۾ نه ڇاپن.
پر ان زماني ۾ هندو اخبارنويسن جي منورتي ڪجھ عجيب
هئي. ڪهڙيءَ به چڱي نيت سان ڪين ڪنهن حرڪت ڪرڻ
کان روڪيو ويندو هو ته هو زور ڏئي اها حرڪت ڪندا
هئا. ان خيال سان ته روڪڻ جو سبب مسلمانن کي فائدو
پهچائڻ لاءِ هڪ بهانو هوندو، تنهنڪري ان بندش کي ضرور
ٽوڙجي. ٻئي ڏينهن مسٽر پمناڻيءَ جو بيان وڏين سرخين هيٺ
سمورن هندو اخبارن ۾ ڇپجي ويو. ٽئين ڏينهن مسٽر پمناڻي
روهڙي ريلوي اسٽيشن تان لهي جيئن پيدل شهر ڏانهن وڃي
رهيو هو، تيئن رستي ۾ ڪي شاهينگ کيس پستول هڻي خون
ڪري پاڻ غائب ٿي ويا. وڏو هنگامو ٿي ويو. هندن
جون اکيون رت ڇڏڻ لڳيون. اسان جي ٽربيونل اڳيان
هندو وڪيل وڏيءَ شد ومد سان شڪايت ڪئي ته:
”ٽيون ڏينهن مسٽر راشديءَ هن ڪليل ڪورٽ اڳيان دڙڪو

ڏنو هو تہ مسٽر پمناڻيءَ کي قتل ڪيو ويندو، سو ان ڏڙڪي تي ڪالهہ عمل ٿي چڪو آهي ۽ مسٽر پمناڻيءَ کي ڪالهہ "شهيد" ڪيو ويو آهي. ڪورٽ اها ڳالهہ رڪارڊ تي رکي. مسٽر راشديءَ پمناڻيءَ جي خون جي منصوبي جو آٿر (Author) آهي."

جج صاحب گهنڊ پائي ڏانهن ڏنو ۽ چيائين:

"مسٽر راشدي توهان جي خيرخواهي ڪئي، جڏهن هن اوهان ۽ ڪورٽ کي مشورو ڏنو هو تہ پمناڻي جو اشتعال انگيز بيان اخبارن ۾ اچڻ نہ گهرجي. مسٽر راشديءَ جي ڏُکي نظر هئي ۽ ڪيس وقت جي نزاڪتن جو صحيح اندازو هو. جيڪي ماڻهو خون ڪرائڻ جا منصوبا ٺاهيندا آهن، سي هاءِ ڪورٽ جي جج اڳيان ڏڙڪا نہ ڏيندا آهن."

هندن تنهن هوندي بہ خون جي منصوبي جو ڪيس ٺاهيو ۽ مون کي بہ جوابدار ٺهرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر وريو ڪجهہ ڪونہ. پاڻ ان ڪوشش ڪري اصل خونين کي ڳولهڻ ۽ هٿ ڪرڻ ۾ پيچيدگيون پيدا ٿي پيون ۽ پمناڻيءَ جو خون لڙهي ويو.

پر پنهنجي جاءِ تي مون ان ڏينهن فيصلو ڪيو تہ وري اهڙيون پيشنگويون نہ ڪبيون، جيڪڏهن ڪو انڌو کوهہ ۾ ڪِري رهيو آهي تہ ڪِرڻ ڏبس ۽ خيرخواهيءَ جي چڪ ۾ اچي پاڻ کي غلط فهمين جو شڪار بڻجڻ نہ ڏبو.

ٽربيونل هلندي هڪ دفعي خود مون کي قتل ڪرائڻ جي سازش رٿي وئي. جڏهن ڪيس سکر ۾ هلندو هو تہ هر ڇنڇر جي شام جو آءٌ موٽر ۾ چڙهي، رائس ڪينال جو ڪپ ڏئي، پنهنجي ڳوٺ ڀهمڻ هليو ويندو هوس ۽ آئان وري آچر جي شام جو ساڳئي رستي سان موٽي سکر ايندو هوس. منهنجي مارڻ لاءِ ڪير منتخب ٿيا هئا ۽ ڪنهن اهو بندوبست رکيو هو، تنهن ٻڌائڻ جو اڃا وقت نہ آيو آهي. هن وقت صرف ايترو ٿي ٻڌائي سگهان ٿو تہ اهي مسلمان بزرگ هئا،

مسجد منزلگاهہ جي تحريڪ، خود مسلم ليگ ۽ ذاتي طرح منهنجي خلاف هئا(۱). هنن هيءَ سِٽي هٿي تہ، جيڪڏهن مون کي مارڻ ۾ ڪامياب ٿيا تہ خون جو الزام هندن ۽ الله بخش مرحوم تي اچي ويندو ۽ وچان ڪين خون ٿِي ويندو.

اهي هٿيار بند ماڻهو رڪ ۽ مديجيءَ جي وچ ۾، واهہ جي ڪنڌ واري جهنگ ۾ لڪي ويٺا هئا تہ جيئن آچر جي شام جو آءٌ سکر ڏانهن موٽان تہ مون کي ماري ڇڏي وڃن.

خداتعاليٰ، جنهن جي ذات باريءَ مون کي شملي واري ريل جي حادثي مان بچايو هو، سو هن موقعي تي بہ منهنجو نگهبان ثابت ٿيو. اتفاق اهڙو ٿيو، جو آچر جي صبح جو منهنجو خانداني دوست مرحوم خانبهادر محمد پناهہ خان ڊکڻ مون سان ملڻ لاءِ منهنجي ڳوٺ ٻهمڻ اچي پهتو. هن صاحب مون تي زور رکي مون کي پاڻ سان پنهنجي ڳوٺ ڊکڻين وٺي ويو. آچر ۽ سومر جي وچ واري رات پاڻ وٽ رهائي فجر جو مون کي ڳڙهي ياسين - شڪارپور واري رستي سان وٺي هلي سکر پهچايائين ۽ آچر جي شام جو رُڪ واري رستي سان نہ اچڻ ڪري مان بچي ويس. ڪن سالن کان پوءِ اهي ساڳيا، خون جي ارادي سان ويٺل ماڻهو، منهنجا دوست بڻيا ۽ وٺي هلي اهي ڀُوڙا ڏيکاريائون، جن ۾ هو لڪي ويٺا هئا. الله تعاليٰ مارڻ نہ گهري تہ ڪير ماري؟

* * *

ٽربيونل جي ڊگهي داستان جي ڇٽائي هن طرح سان ٿي تہ اهو ٽربيونل اپريل کان جولاءِ تائين هلندو رهيو. ۱۰۹ شاهد ڪورٽ ۾ هليا ۽ ۲۲ شاهدن جا بيان قسم نامن جي ذريعي پيش ٿيا. آگسٽ مهيني جي ۹ تاريخ ٽربيونل

---

(۱) خانبهادر الله بخش مرحوم جي ڊر جو ان سازش ۾ ڪو هٿ ڪونہ هو.

پنهنجي فتوا سرڪار ڏانهن موڪلي، جيڪا ١١ تاريخ آگسٽ جو سرڪاري طرح ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي(١).

فيصلو ڇا ٿيو؟

(١) هندن خواه الله بخش وزارت جون دعوائون ۽ حجتون سڀ رد،

(٢) فسادن جو سبب هندن جي اڪرائي ۽ الله بخش وزارت جي ڪمزوائي؛ ۽

(٣) مسلمان بيگناه، تنهنڪري حرجاني ڀرڻ جو سوال ڪونه.

*　*　*

اهو هو ٻهرين ٽربيونل جو فيصلو. ان کان پوءِ وري ساڳئي جج هيٺ ٽئي نمبر ٽربيونل جو ڪاروبار شروع ٿيو. ان ٽئي نمبر ٽربيونل کي فيصلو ڪرڻو هو ته جنهن جاءِ تي تڪرار آهي سا واقعي مسجد آهي يا (جهڙي طرح هندن جي دعوا آهي) هڪ غيرمذهبي تفريح گاه. ساڳيا وڪيل، هندن جو ساڳيو لٺ ٽانگر، ۽ مسلمانن پاران وري هيءُ بندو! يعني ساڳي ماني ساڳي ساڳ سان!

اهو مقدمو به پورا ٽي مهينا هليو ۽ ساڳيءَ طرح هنگامه خيز هو. مثلاً فن عمارت سازي، اسلامي عمارت گري، مغل دور جي عمارتن جون خصوصيتون، اسلامي آرڪيٽيڪچر، اسلامي آرٽ، مغل آرٽ، تاريخ، مغل اميرن جي عمارت سازي جي تاريخ، مير معصوم بکري(٢) مرحوم جي سوانح حيات ۽ ٻيا ڪيترا علمي، فني ۽ تاريخي موضوع زير بحث ايندا رهيا.

---

(١) گورنمينٽ پريس ڪراچي مان شايع ٿي. مئنيجر سنڌ گورنمينٽ بڪ ڊپو ۽ ريڪارڊ آفيس ڪراچي (صدر) وٽان هڪ روپيه في ڪاپي جي حساب سان ملي ٿي.

(٢) جنهن اڪبر بادشاه جي زماني ۾ اهي عمارتون ٺهرايون هيون.

هندن پاران هندستان منجهان انهن علمن ۽ فنن جا ماهر ۽ پروفيسر شاهدي ڏيڻ لاءِ گهرايا ويا هئا. هن پيري ۾، هندن جي شاهدن ۾ وري ۾ ڪي مسلمان آفيسر صاحب آيا، جن کي پنهنجي علم تي ناز هو ۽ پر ڪوڙي بيان ڏيئي ويا ته، تڪراري جاءِ جو مسجد هجڻ مشڪوڪ آهي. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سڀني طرفين اوندهه ڏٺو ته، مون پاڻ کي به شاهد طور ڪورٽ اڳيان پيش ڪيو، جا ڳالهه جج صاحب منظور ڪئي. آءٌ وڪيلن وارين بينچن تان اٿي وڃي شاهدن واري ڪٽهڙي ۾ بيٺس.

سوال جواب شروع ٿيو.

هندو وڪيل جو پهريون سوال هيءُ هو:

”تنهنجي علمي لياقت ڪهڙي آهي؟“

جواب: ”دنيا جا سمورا علم منهنجي پيٽ ۾ آهن.“

سوال: ”توهان ڪٿي ڪٿي تعليم ورتي؟“

جواب: ”ڏڻي تعاليٰ مون کي ڪنهن جو محتاج ڪونه بڻايو. سمورن علمن جا دروازا پاڻ منهنجي اڳيان کولي ڇڏيائين.“

سوال: ”توهان وڏي ڊاڙ پيا هڻو. ان جو ثبوت؟“

جواب: ”ان جو ثبوت هيءُ آهي ته، اوهان دنيا جهان جي سمورن علمن منجهان ڪنهن جي به باري ۾ مون کان سوال ڪري ڏسو.“

جج صاحب بي صبر ٿي غصي مان هندو وڪيل کي چئي ڏنو:

”مسٽر ليلارام، اوهان سٺن مهينن کان هن ماڻهوءَ جون دماغي صلاحيتون ڏسندا رهيا آهيو، ان کان پوءِ به ڪائنس اهڙا ٻاراڻا سوال پيا پڇو؟ ڇڏي ڏيو اها ڪوشش، اصل ڳالهه تي اچو.“

ديوان جا ڏيڍر ڍرا ٿي پيا. اصل مضمون تي منهنجي شاهدي هلي. آءُ ٻه ڪهڻائي ڪتاب ساڻ کڻي ويو هوس. هڪ هڪ ڪري جج کي ڏيکاريم.

جنوري ١٩٤١ع جي ٻارهين تاريخ فتوا(١) ملي: هندن جي دعوا وري ٻه رد ۽ تڪراري جاءِ مسجد ثابت ٿي. مسلمانن پنهنجي ڪيس کٽيا. ايڊرن هڪدم پنهنجن نالن جي لسٽ پٿر تي اڪرائي، موقعي تي لڳارائي ڇڏي. مون صاف انڪار ڪيو ته ان لسٽ ۾ منهنجو نالو نه هجڻ گهرجي. خبر نه آهي، اهو پٿر اڃا تائين لڳل آهي يا لهي ويو آهي. رهي نانءُ الله جو!

* * *

ان تڪرار جو مکيه نتيجو هيءُ نڪتو، جو سنڌ جا مسلمان هميشه لاءِ پنهنجن پاڙيچن هندن مان نااميد ٿي پيا ۽ پنهي قومن جو وري ميلاپ ٿي ڪو نه سگهيو، تان جو پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ سنڌ مان هندن جي لڏ پلاڻ ٿي. ان لحاظ سان اهو وڏو تاريخي واقعو ٿي گذريو ۽ پنهي قومن جي وڏن جي سوَن سالن جي ڪمائي ڪٽ ٿي ويئي.

* * *

حاجي عبدالله هارون مرحوم جو هن دنيا مان لاڏاڻو ٢٧ اپريل ١٩٤٢ع جو ٿيو. پر ان کان ڪجهه مهينا اڳ ڪيس پنيءَ ۾ ڳيڙ نڪتو. سندس گهران ٽيليفون آيو ته هڪدم پهچ. ات پهچي معلوم ٿيم ته حاجي صاحب سخت سور ۾ مبتلا آهي، پر گهر جي ڀاتين ۽ ڊاڪٽرن جي زوربار هوندي به نه علاج ڪرائي ٿو ۽ نه ڦٽ تان پٽي بدلرائي ٿو. سندن خيال هو ته حاجي صاحب منهنجي ڳالهه ضرور مڃيندو

(١) اها فتوا ٻه ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي ۽ گورنمينٽ ڪ ڊيپو ڪراچي وٽان اٺ آنا في ڪاپي جي حساب سان ملي سگهي ٿي.

۽ پنهنجي حياتيءَ مان ايتريقدر بيزاري نہ ڏيکاريندو. آءٌ وڃي ساڻس ويٺس. پاڻ چوڻ لڳو تہ ”پهرين اها ڳالهہ سمجهاءِ تہ هاڻي آءٌ وڌيڪ عرصي لاءِ زندگيءَ جا عذاب ڇو برداشت ڪيان؟ مون سڀ ڪجهہ ڏسي ورتو آهي. الله تعاليٰ جون وڏيون مهربانيون ماڻي چڪو آهيان. دولت ملي، عزت حاصل ٿي، اولاد عطا ٿي، چڱي گهر واري نصيب ٿي. مسلمانن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. پڇاڙيءَ ۾ مسلمانن جي جدا رياست جي تخيل پيش ڪرڻ جي سعادت بہ ميسر ٿي. هاڻي ستر ورهيہ عمر ڪٽي پهچي چڪو آهيان. وڌيڪ زنده رهڻ ۽ زندگيءَ جي امتحان ۾ ڦٿڪڻ جي ڪهڙي ضرورت اٿم؟“

مون چيس تہ ”اهو سڀ برحق، پر خودڪشي حرام آهي ۽ جنهن صورت ۾ اڃا مسلمانن جي جدا رياست ٻڌجڻ جو معاملو اڌ ۾ اٽڪيل آهي، سندس زندگيءَ جي اڃا قوم کي ضرورت آهي. ممڪن آهي تہ ٻي صورت ۾ مسلمانن جي اها تمنا اڌ ۾ رهجي وڃي.“ ڏکيا قصا ٿيا. آخر ۾ علاج ڪرائڻ منظور ڪيائين.

پر اڃا ٻہ ٽي مهينا مس گذريا هئا تہ هڪ ڏينهن علي الصباح اطلاع مليم تہ حاجي صاحب اوچتو ئي اوچتو رات جو دل ٽٽڻ سبب رحلت فرمائي وڃي جنت ۾ جائگير ٿيو. منهن پٽيندو سندس گهر پهتس. سندس فرزند يوسف ڏاڪڻ وٽ مليم: روئي چيائين:

”تنهنجو دوست هليو ويو“

مون چيس: ”هائو، منهنجو دوست هليو ويو!“

* * *

حاجي صاحب جي زندگي سدائي، صاف ۽ ڪن اصولن جي پابند رهي. ان جا ڪيترا پهلو دلچسپ هوندا هئا- مثلاً

حاجي صاحب خير جي ڪمن ۾ ته ڪافي پيسو ڏيندو هو، پر بينائو فقيرن کي ڪجهه ڏيڻ کان بيزار هوندو هو. هڪ شام جو آءٌ ۽ پاڻ سندس نيپئر روڊ واري دفتر مان موٽر ۾ ويهي واپس گهر اچڻ لڳاسين. سياري جي موسم هئي. مٺان ڏُرڙ ڏُرڙ ٿي رهي هئي ۽ ٿورڪٽي هوا پئي هلي. حاجي صاحب کي در مان ٻاهر قدم رکندو ڏسي هڪ فقير هٿ ڊگهو ڪري ڪانئس خيرات گهري. حاجي صاحب چڙ ۾ اچي کيس رهڙان ڪڍيون. چي: "سُست، ناڪاره، ڪام ڪيون نهين ڪرتے هو. بهيڪ مانگتے شرم نهين آتي."

موٽر ۾ ويهي هلياسين ته مون کيس چيو ته سوالين کي اهڙيون رهڙان ڪڍڻ ۽ انهن تي ڪاوڙجڻ مناسب نه آهي.

پاڻ سون ڏانهن منهن ڪري پڇيائين: "پوءِ آءٌ ان لاءِ ڪُرو ڪريان ها."

مون چيس: "اهو جيڪي الله تعاليٰ اوهان لاءِ ڪيو آهي. حاجت وارو هميشه سوالي هوندو آهي. اوهان پاڻ الله تعاليٰ وٽ سوالي نه هوندا آهيو؟"

پنهنجي ڊرائيور اندريوز کي چيائين ته موٽر موٽائي هل. موٽي آفيس آياسين، پر فقير وڃي چڪو هو. سارو نيپئر روڊ (جنهن تي حاجي صاحب جي آفيس هئي) ڦرياسين پر هٿ ڪونه آيو.

پٽي ڏينهن کان حڪم ڪيائين ته هر روز ڪجهه پيسا مٽائي موجود رکجن. ڪنهن به فقير کي خالي نه موٽائجي.

عام طرح، حاجي صاحب جو شروع کان هي دستور هوندو هو ته محرم ۽ عيدن جي موقعن تي ڪپڙن جون وڏيون ڳنڍيون خريد ڪري، مستحقن ۾ نوان ڪپڙا

ورهائيندو هو. قومي ورڪرن جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هو. مون کي ياد آهي ته هڪ موقعي تي هندوستان جي مسلمانن جو هڪ تمام مشهور ليڊر دهليءَ مان هلي اچي وٽس پهتو هو. ڀوپال جي نواب کيس ڪجهه زمين ڏني هئي، جنهن کي هن آباد ڪرائڻ ٿي گهريو، پر ان ڪم لاءِ وٽس پئسو ڪونه هو. حاجي صاحب کيس ڪيترا هزار روپيا ڏئي ڇڏيا، ۽ وڏي ڳالهه اِها هئي ته حاجي صاحب اهڙيون ڳالهيون مخفي رکندو هو. پڇبو هوس ته ظاهر اِهو ڪندو هو ته ”آءٌ سنڌ س کا خدمت ڪري ڪونه سگهيس.“ هڪ ڳالهه، جو کيس هميشه ارمان هوندو هو ته ١٩٢٨ع واري انقلاب افغانستان جي موقعي تي نادر شاهه مرحوم ڪانئس مالي مدد جي گهر ڪئي هئي، مگر پاڻ پيسو ڏئي ڪونه سگهيو هو.

ڏاڍو صاف گو انسان هو. منافقي ڪونه ڄاڻندو هو. سنڌ آبزرور جو ايڊيٽر پنيا نالي مدراسي هندو هوندو هو. ڏاڍو ڪٽر ۽ مسلمانن کي هيچ سمجهندو هو. حاجي صاحب سنڌ س منهن ڏسڻ به پسند ڪونه ڪندو هو. هڪ ڏينهن خالقڏنه هال ۾ ميٽنگ ٿي، پاڻ تقرير ڪندي چئي ڏنائين: ”پنيا هڪ ڪاريهر نانگ آهي.“ بس، پوءِ ته پنيا جي پنهنجي اخبار خواهه ٻين هندو اخبارن ۾ مٿس گارگند جو وسڪارو شروع ٿي ويو. هڪ شام ڪراچي ڪلب ۾ هندو وڪيل مڙي آيس ته ”تو هي ڇا چيو آهي ته پنيا ڪاريهر نانگ آهي؟“

حاجي صاحب جواب ڏنن: ”هائو، مون چيو آهي. وري به چوندو رهندس ۽ جيستائين ان ڪاريهر نانگ جو مٿو چيڀي نه ويو آهي، آءٌ پنهنجيءَ قوم کي خبردار ڪندو رهندس.“ جنهن شخص سان ڪانه پوندي هئس ته ان ڪان

کوهين پري پچندو هو، پوءِ اهو ماڻهو ڪيتريقدر اثر يا طاقت وارو چو نہ هجي. سندس پارٽي ۾ سنڌ جو هڪ وڏو ليڊر رهندو هو، پر حاجي صاحب کي شڪ هو تہ هو ٿوري گهڻي رشوت وٺندي ڪيپائي ڪونہ ٿو، تنهنڪري ساڻس وير هوندو هوس. هڪ دفعي ان جي گهر ۾ شاديءَ جي مجلس هئي. دعوت ملڻ تي، وضع داري ۽ قرابت جو خيال رکندي، حاجي صاحب جي گهر جا ڀاتي تہ مجبوراً وڃي مجلس ۾ شريڪ ٿيا، پر حاجي صاحب پاڻ اهو سارو ڏينهن مون وٽ اچي گذاريو.

ٻي عالمي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. هڪ ڏينهن صبح جو سويري انڊريوز (صاحب جو موٽر ڊرائيور) موٽر ڪاهي اچي منهنجي در تي بيٺو. چيائين: "سيٺ صاحب چيو آهي تہ جنهن بہ حال ۾ هجو، هن موٽر ۾ چڙهي اچي مون وٽ پهچو."

انڊريوز کان پڇيم تہ "خير تہ آهي، جو اهڙو تڪڙو سڏ ٿيو آهي؟" چيائين: "خير آهي، سيٺ صاحب اخبار ڪڍيو ويٺو آهي."

اچي ونس پهتس تہ ڊيلي گزيٽ اخبار ۾ هڪ خبر ڏيکاريائين، جنهن جو مطلب هيءُ هو تہ ڪالهہ مصر کان ٿوري پنڌ تي اٽليءَ ۽ جرمنيءَ جي هوائي جهازن بم اڇلائي فلاڻو شهر تباهہ ڪري ڇڏيو.

مون کان پڇيائين: "مطلب ڇا ٿيو؟"

مون چيس: "اوهان ٻڌايو."

فرمايائين: "بابا، هن جنگ خواهہ ايندڙ زماني جي جنگين جو فيصلو هاڻي هوائي جهاز پيا ڪندا. هوائي لڙائي جي لحاظ کان ڪراچيءَ جو شهر سخت خطري ۾ رهندو.

خبر نه ٿي پوي ته دشمن جا هوائي جهاز ڪڏهن ٿا ڪراچي پهچي اسان کي تباهه ڪن. اِها به خبر ڪانه آهي ته جرمنيءَ وارن ڪيترا ’دورمار‘ هوائي جهاز ٺاهيا آهن، اڇا هوندا ته خبر ڪانه پوندي.“

مون چيس: ”جيڪڏهن واقعي اهڙو خطرو پيدا ٿيو ته پاڻ مونکن به چڙهي اڳواٽ هتان نڪري هلنداسين.“

حاجي صاحب: ”ڪيڏانهن؟“

آءٌ: ”مون اڳ ۾ ئي سوچي رکيو آهي. پاڻ هتان پڇي هلي منڇر ۾ ٻيڙين تي رهنداسين ۽ ٻيڙين کي ڍنڍ جي وچ ۾ بيهاري ڇڏينداسين. منڇر جي پاڻيءَ ۾ ڪير اچي بم ضايع ڪندو؟ ان کان سواءِ منڇر جي ڇوڏاري هر قسم جون خوراڪ جون شيون پيدا ٿين ٿيون، تنهنڪري کاڌي پيتي جي به ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي.“

ڪجهه وڌيڪ سوال و جواب کان پوءِ فيصلو ٿيو ته جيستائين لڙائي جاري آهي، اسان کي پنهنجون موٽرون هر وقت تيار رکڻ گهرجن. پروگرام سڄو ٺهيل هجي. جيڪي ٿورا گهڻا ٽپڙ پاڻ سان کڻي هلڻا آهن، اهي ٻڌي جدا ڪري رکجن.

پر منڇر هلڻ جي منزل ڪانه آئي. وچ ۾ پاڻ هن دنيا مان ئي موڪلائي جنت ڏانهن روانو ٿي ويو. اج سنڌ گهٽو ئي پئي روئي رڙي ۽ پڪاري:

”ويڙهيچا آئين ورو-ورو- آءٌ پئي ڏکيا گذاريان ڏينهڙا.“

پر ويڙهيچا پاڻ بيوس ٿي ويا. جو مولا کي منظور!

* * *

(٢)

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ تاريخ کي درست رکڻ خاطر، هڪ ٻيو اهو خط(١) ڏيندس، جيڪو ٢ فيبروري ١٩٤٠ع جو سر عبدالله هارون، مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ڏانهن لکيو، جنهن ۾ آنهن کي سگنل ڏنائين، ته هاڻي پل ڪٽڻيءَ طرح هندستان جي ورهاڱي ۽ "پاڪستان" لاءِ مطالبو ڪيو. انهيءَ خط جي بنياد تي ئي لاهور واري اجلاس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مشهور "قرارداد پاڪستان" جو مسودو تيار ٿيو، جيڪو ٢٣ مارچ ١٩٤٠ع لاهور اجلاس ۾ پاس ٿيو ۽ ان ڏان پوءِ پاڪستان جي حصول لاءِ باقاعده تحريڪ شروع ٿي. اهو اصل خط قائداعظم جي ڪاغذن ۾ نيشنل آرڪائوز اسلام آباد ۾ موجود آهي ۽ مٿس آرڪائوز جو نمبر F96/70 لڳل آهي.

جيڪڏهن عبدالله هارون اهو سگنل نه ڏئي ها ته هوند قرارداد لاهور جو ڪنهن کي خيال به ڪونه اچي ها.

خط جو مضمون

دفتر فارين ڪاميٽي آل انڊيا مسلم ليگ
نئين دهلي
٢- فبروري ١٩٤٠ع

از طرف:
سر حاجي عبدالله هارون، ايم. ايل. اي،
چيئرمن فارين ۽ انلنڊ ڊيپوٽيشن سب ڪميٽي،
آل انڊيا مسلم ليگ، نئين دهلي.

---

(١) ان دستاويز ڏانهن اڳ ۾ به يعني هن ڪتاب جي ٢١٩ صفحي تي اشارو ڏنل آهي. هر اصل دستاويز جو اقل، ان جي انتهائي تاريخي اهميت جي پيش نظر، هت ڏئي محفوظ ڪري ڇڏيان ٿو.

ڏانهن :

آنريري سيڪريٽري، آل انڊيا مسلم ليگ، نئين دهلي.

جناب من،

آءٌ اوهان جي اڳيان اهو ٺهراءُ پيش ڪريان ٿو، جيڪو فارين ڪميٽي ۾ هندستان جي آئين متعلق مختلف تجويزن جي تيار ڪندڙ صاحبن جي گڏيل اجلاس ۾ پاس ڪيو ويو آهي. اوهان مهرباني ڪري اهو ٺهراءُ پريزيڊنٽ آل انڊيا مسلم ليگ جي اڳيان رکندا.

”پهرين تاريخ فبروري ۱۹۴۰ع جو (يعني ڪالهه) فارين ڪاميٽي ۾ انهن صاحبن، جن هندستان جي آئين متعلق متبادل تجويزون مسلم ليگ ڏانهن موڪليون آهن، تن جو گڏيل اجلاس سر حاجي عبدالله هارون جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. اج تائين آيل سموريون تجويزون، موجوده ملڪي ۽ بين‌الاقوامي واقعن، ملڪ اندر جلد جلد بدلجندڙ حالتن، حڪومت جي نمائندن، ڪانگريس ۽ ٻين جماعتن جي ليڊرن جي متضاد بيانن جي روشنيءَ ۾ غور هيٺ آيون.

”هن اجلاس جي راءِ آهي ته وقت اچي ويو آهي، جڏهن مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ کان استدعا ڪئي وڃي ته هوءَ صاف، سڌيءَ ۽ کليل زبان ۾ هندستان جي مسلمانن جي مستقبل جي باري ۾ پنهنجو عقيدو دنيا اڳيان پيش ڪري ڇڏي ۽ ساڳئي وقت مسلمان قوم کي به تيار ڪري ته هوءَ هيٺين بنيادي حقن جي حصول لاءِ (جن حقن جي باري ۾ هن وقت تائين ان جو ذهن صاف ٿي چڪو آهي) اٿي کڙي ٿئي:

(الف) هندستان جا نو ڪروڙ مسلمان هڪ جدا قوم آهن ۽ خودارادیت جي انهن حقن حاصل ڪرڻ جا مستحق آهن، جيڪي حق ساڳين حالتن هيٺ، ٻين قومن کي ڏيڻ قبول ڪيا ويا آهن؛

(ب) هندستان جا مسلمان ڪنهن به حالت ۾ اها ڳالهه قبول ڪونه ڪندا ته ڪين ڪن غير متعلق خيالن يا فائدن وٺڻ خاطر يا سياسي مصلحتن سببان اقليت جي حيثيت قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

(ج) مسلمانن کي حق ارادیت صحيح ۽ اثرائتي انداز ۾ ماڻڻ جو موقعو ميسر ٿئي، تنهن لاءِ هو پنهنجو جدا ملڪ ۽ آزاد رياست ٺاهيندا.

(د) جيڪي مسلمان اهڙي ملڪ جي حدن کان ٻاهر رهجي ويندا، تن کي به اُن مسلماني ملڪ جو شهري سمجهيو ويندو ۽ سندن حقن ۽ مراعات کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پوري طرح اُپاءُ ورتا ويندا.

(ه) مسلمان قوم هر اُن آئيني اسڪيم جي زوردار مخالفت ڪندي، جيڪا مٿي ذڪر ڪيل اصولن جي اُبتڙ هوندي."

آءٌ اوهان کي وڌيڪ هيءُ ٻڌائڻ گهران ٿو ته هڪ سب ڪميٽي ٺاهي ويئي آهي، جيڪا اڄ کان وٺي روزانو اجلاس ڪري، انهن مطالبن جي جواز ۾ مواد فراهم ڪندي (۱). اُن ڪاميٽيءَ جو هيڊڪوارٽر نئين دهليءَ ۾ هوندو.

اوهانجو نيازڪيش

عبدالله هارون،

چيئرمن فارين سب ڪاميٽي.

* * *

---

(۱) اهو سارو تفصيلي ڪم مولانا غلام رسول مهر مرحوم ۾ منهنجي سپرد ڪيو ويو. اسان ورلڊز ڊسمبر تائين دهليءَ (ڏسو صاحب بو يون)

(۳)

اهو سگنل وارو بي انتها تاريخي خط هن بندهء ناچيز يعني علي محمد راشديءَ جي قلم جو ڪارنامو هو. 'ڇوٽا منهن وڏي بات!' ته آهي، پر ان دعوا جي ثبوت ۾ آءٌ هڪ تاريخي دستاويز جو حوالو ڏيان ٿو. اهو دستاويز منهنجو آهو مضمون آهي، جيڪو مون تقريباً ٻروقت ڪراچيءَ جي هفتيوار اخبار "مسلم وائس"، جي اشاعت مورخه ۲۲ مارچ ۱۹۴۱ع ۾ شايع ڪيو هو، جڏهن "قرارداد لاهور" کي پاس ٿئي اڃا چند مهينا مس گذريا هئا، ۽ قائد اعظم رح،(۱) سر عبدالله هارون مرحوم، ۽ ٻيا واسطيدار بزرگ سڀ زنده ۽ موجود هئا.

مضمون ۾ مون ان تاريخي خط جي لکجڻ جو پس منظر ڏيکاريو هو: يعني ته خط ڪيئن تيار ٿيو، ڪنهن تيار ڪيو، ڪنهن حاجي عبدالله مرحوم تي مڙهيو ته هو ڪٺي

۾ رهي "پاڪستان اسڪيم" تيار ڪري ڏاسي، جوڪا عبدالله هارون مرحوم انهنجي خط مورخه ۲۳ ڊسمبر ۱۹۴۰ع سان موڪلي ڏني ۽ اڄ به سرڪاري آرڪائوز اسلام آباد ۾ جنسي موجود آهي. آرڪائوز جو نمبر اٿس F 274/141 (عبدالله هارون جي لکپڙه جو فائيل.)

(۱) جناب شريف الدين پيرزاده، جنهن قائداعظم جي زندگيءَ جي احوال ۽ اقوال تي گهڻي تحقيق ڪئي آهي ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن، سو ان زماني ۾ پاڻ قائد اعظم رح جي ذاتي دفتر ۾ ڪم ڪندو هو. سندس گواهي آهي ته جيڪي به مسلماني اخبارون قائداعظم رح تمام خيال ۽ دلچسپيءَ سان اکر اکر ڪري پڙهندو هو، ان ۾ هڪ اها ڪراچيءَ جي "مسلم وائس" به هئي. پيرزادو صاحب بفضل خدا موجود آهي، ان ڳالهه جينئر به اچي سگهجي ٿو.

وڃي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ (١) اڳيان پيش ڪري، خط ولندي حاجي صاحب جي پنهنجي ڪيفيت ڇا هئي، آن وقت ۽ آن کان پهريون پاڪستان جي مطالبي متعلق عام ليگي مزاج ڇا هو، وغيره وغيره.

مضمون جا تعلق رکندڙ ٽڪرا

نيو دهليءَ جي ٢٠ ونڊسر پئليس (جيڪا سر عبدالله هارون جي دهليءَ ۾ جاءِ رهائش هئي) ۾ ليگ جي فارين ڪاميٽيءَ (٢) جو اجلاس ٿي رهيو هو، جنهن ۾ آنهن آئيني تجويزن (جن کي بعد جي زماني ۾ ''پاڪستان اسڪيمون'' سڏيو ويو) جا ڏاهيندڙ به شامل هئا. هينئر محسوس ڪيون ٿا ته اهو ڪيڏو نه هڪ اهم تاريخي موقعو هو. بروقت ته اسان ائين ڪونه ٿي ڀانيو ته اسان اڄ خود تاريخ ڏاهي رهيا آهيون. هندستان جي آئينده جي آئين متعلق ڪهڙا اصول اسان مسلمانن لاءِ قابل قبول هوندا، تن تي غور ۽ فڪر ٿيئو هو.

(ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيندڙن جا نالا)

هن ڳالهه تي وڏو تڪرار هليو ته پنجاب جي امبالا ڊويزن کي مستقبل جي مسلماني رياست ۾ وڃي، يا ان ۾ هندو آباديءَ جي اڪثريت جي پيش نظر ان کي پنهنجي علاقي کان ٻاهر رکجي.

عبدالله هارون مرحوم، ميمبرن کي پاڻ ۾ تڪرار ڪندو ڏسي وچ ۾ چئي ڏنو ته: ''امبالا تي اجايو

(١) هاءِ ڪمانڊ جو اجلاس به ساڳئي وقت دهليءَ ۾ ٿي رهيو هو، جت اسان به موجود هئاسين ۽ اهو خط تيار ڪيوسين.

(٢) ان ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري آءٌ هئس.

پيا وڙهو. اجا ته مسلم ليگ انهن اصولي ڳالهين جي باري ۾ ئي ڪو فيصلو ڪونه ڪيو آهي، جيڪي مسلمانن لاءِ قابل قبول ٿينديون. پهريان ته آهي اصولي فيصلا ڪرايو، ان ڪان پوءِ ويهي تفصيلي ڳالهين تي تڪرار ڪريو. وٺو ته پهريان ڪي اصول مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ ڪان قبول ڪرايون."

اصولي ڳالهه هيءَ طئي ٿي ته هندستان جا مسلمان پنهنجي مٽي هڪ جدا قوم آهن ۽ ان حقيقت پٽاندر ان ڳالهه جا مستحق آهن ته سندن آزاد (Sovereign) رياستون هجن، جت هو آزاد زندگي، پنهنجي نموني ۾ بسر ڪري سگهن.

هندستان جي مسلمانن جي ساريءَ تاريخ ۾ پهريون دفعو اج ان خيال کي ايتريءَ صفائي ۽ وضاحت سان تحرير ۾ آندو ويو ۽ مون کي ان ڳالهه تي هميشه فخر رهندو ته سڀ ڪان پهريان ان کي منهنجي هٿ قلمبند ڪيو.

جيستائين اهو خيال عملي جامو پهري ٿو (يعني پاڪستان ٿئي ٿو)، اوستائين آءٌ پاڻ جيئرو رهندس يا نه، پر هڪ ڳالهه جو ڪامل يقين اٿم ته اهو وقت لازما ايندو، جڏهن اهو خيال ضرور عملي جامو پهريندو (يعني پاڪستان ٿيندو.)

ميٽنگ فيصلو ڪيو ته پهريائين اهو اصول يا خيال مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ کان قبول ڪرائجي، ۽ جڏهن اصول قبول ٿي اچي ته ان ڪان پوءِ وري پاڻ ۾ ملي ان کي عملي صورت وٺائڻ لاءِ باقي تفصيل ۽ طريقا طئي ڪيا وڃن.

مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ڏانهن ان مضمون جي خط تيار ڪرڻ جو ڪم مون کي ڏنو ۽ ساڳيءَ شام حاجي عبدالله هارون مرحوم خط کڻي وڃي جناح صاحب رح جي خدمت ۾ پيش ڪيو.

اها ڳالهه مون کان وسرڻ جي نه آهي، ته جنهن وقت عبدالله هارون اهو خط سنهنجي هٿ مان ورتو پئي، ان وقت منهنجي اعصابي (Nervousness) حالت ڇا هئي. اها تجويز (جيڪا هن خط جي ذريعي اڄ کڻي وڃي رهيو هو) بلاشڪ تمام انقلابي هئي. پاڪستان جي باري ۾ ان وقت تائين ماڻهو آڙيون ٽڙيون ڳالهيون (Loose talk) ته ڪڏهن ڪڏهن ڪندا ٿي رهيا، پر هيلتائين ڪنهن به ذميدار سياسي جماعت اهو جوکو ڪونه کنيو هو ته ان خيال کي قابل عمل تجويز جي شڪل ڏئي، عملي سياست جي ميدان ۾ آڻي.

آن کان سال کن اڳ (١٩٣٨ع واريءَ) ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس جي موقعي تي اسان محسوس ڪيو هو ته خود قائداعظم ان سوال جي باري ۾ بي خيالو (Indifferent mood) هو. بيشڪ هن اسان کي اها ڇوٽ ڏني هئي ته اسان هن امڪان ڏانهن اشارو ڪيون ته مسلمان غير مسلم مرڪز قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندا، پر اهو اشارو "اشاري"، "ڌمڪي" ۽ سياسي "اسٽنٽ" تائين محدود رهندو(١).

---

(١) مضمون جي ان جملي جي اهميت جي پيش نظر، آءٌ اهو ٽڪرو بعينهٖ انگريزيءَ ۾ عرض رکان ٿو:

"In the previous year, on the eve of the League conference at Karachi, we had found Mr. Jinnah almost in an indifferent mood over this question. He no doubt allowed us to hint the

(Cont....)

ان کان اڳتي اسان سمجهيو ٿي ته، مسٽر جناح
اسان کي وڌڻ ڪونه ڏيندو. پر ڪراچي ڪانفرنس

---

possibility of the Muslims refusing to remain under a non muslim centre, but it was all to be a hint, a threat, a political stunt. Beyond that, we did not think, Mr Jinnah will ever allow us to move." Between the Karachi conference and our meeting at Delhi, much water had gone the bridge. But despite all those developments the League high command had as yet never declared itself so firmly and so irrepressibly for assignment of separate homelands for Mussalmans Of course, we had torpedoed 1935. federation and the ideas as to what kind of constitution would suit the moslems the most, were agitating the minds of Moslems, but they had yet never found expression through the proposal of Pakistan.

This entire background was before Sir Abdullah Haroon, when, haltingly, hesitatingly, he took the letter from me. What would be its reaction on Jinnah? Will they ridicule these ideas in tomorrows working committee meeting? These were perhaps the questions which exercised the old man's mind as he proceeded toward Mr. Jinnah's residence. He undertakes stupendous schemes, but in the beginning he always hesitates; few can put up with his habit of hesitancy.

....I would like to mention here the fact that in the meeting of the working committee which took place on the day following the one when we had met, our recommendations had been accepted in principle, with only slight verbal modifications which the ego of the high command alone must have necessitated. Sir Abdullah Haroon was most jubilant: his child has proved attractive: It had been hugged and adopted by the high command. What bapened subsequently, how we met several times afterwards to prepare a consolidated scheme, how the Lahore resolution was drafted in the light of the principles laid down at Delhi and piloted through the session, are stories which must for the present be held over."

("MOSLEM VOICE", Karachi, March 22, 1941)

حاجي عبدالله هارون ۽ قائداعظم

۾ اسان واريءَ دهليءَ جي ميٽنگ جي وچ واري عرصي ۾ (سال کن اندر) گهڻا واقعا ٿي چڪا هئا.

(ڪن واقعن جو تفصيل)

مگر انهن حالتن ۾ واقعن جي باوجود مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ اڃ تائين، صاف ۽ مضبوط اکرن ۾ ان عقيدي جو اظهار ڪونه ڪيو هو ته مسلمانن کي پنهنجي لاءِ علحده وطن (Homeland) درڪار آهي. تحقيق اسان ١٩٣٥ع ۾ انگريزن جي تجويز ڪيل فيڊريشن کي ٺڪرائي چڪا هئاسين، ۽ ان جي جاءِ تي اسان جو مطالبو ڪهڙو آهي، تنهن جي باري ۾ مسلمانن جي ذهنن ۾ اضطرابي ڪيفيت ضرور هئي، پر آن اڃا تائين پاڪستان جي مطالبي جي صورت اختيار ڪانه ڪئي هئي.

اهو سڄو پس منظر سر عبدالله هارون مرحوم جي اکين اڳيان هو، جڏهن هن سهمي سهمي، ترسي ترسي، منهنجي هٿان مان خط ورتو. جناح صاحب رح جو خط ڏسي، ڇا رد عمل ڏيندو؟ ائين ته نه ٿيندو ته سڀان واري ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ مشڪلون ڪندا؟ اهي وسوسا سندس ذهن ۾ اڌما ڪائي رهيا هئا، جڏهن خط ڪٺي جناح صاحب جي جاءِ ڏانهن روانو ٿيو. حاجي صاحب مرحوم جي اها عادت آهي ته هو اسڪيمون ته وڏيون وڏيون هٿ ۾ ڪندو آهي، پر شروع ۾ تڪڙ نه ڪندو آهي، ترسي ترسي اڳتي وڌندو آهي. ٿورا ماڻهو سندس ان عادت کي برداشت ڪري سگهندا آهن.

هئي ڏينهن ورڪنگ ڪاميٽيءَ، خط ۾ ڏنل ساري تجويز ڪاملاً قبول ڪئي، البته ٿورڙي لفظي ڦيرگهير ڪيائون، جنهن جي سندن ”انا“ مقاضي هئي.

حاجي صاحب ڏاڍو خوش ٿي آيو. سندس پيش ڪيل ”نورچشم“ هرهڪ کي وڻيو هو. هاءِ ڪمانڊ ان کي چمي چاٽي پنهنجو ڪيو هو.

ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ ڪيترا پيرا پوءِ اسان گڏجي پاڪستان جي تفصيلي اسڪيم تيار ڪئي؟ ڪيئن اسان وارن ڏسيل اصولن جي بنياد تي لاهور واري قرارداد جو مسودو تيار ٿيو؟ ان قرارداد کي ڪيئن اڳتي ڪيو ويو؟ اهي گهڻا قصا آهن، جن جي بيان کي في الحال ترسايو وڃي ٿو.“

(-”مسلم وائس“، ڪراچي، ٢٢ مارچ ١٩٤١ع)

* * *

(نوٽ: ياد رکڻ گهرجي ته ان مضمون ۾ جيڪڏهن ڪا غلط ڳالهه هجي ها يا ڪو مبالغو ٿيل هجي ها ته، بروقت ان جي ترديد خود قائداعظم رح طرفان ٿئي ها، جيڪو ”مسلم وائس“ خيال سان پڙهندو رهندو هو ۽ ٿوري غلط بياني به برداشت ڪري ڪونه سگهندو هو ۽ هڪدم ترديد جاري ڪندو هو. علاوه ان جي، بطور سيڪريٽري جنرل صوبائي مسلم ليگ، جنرل سيڪريٽري فارين ڪاميٽي ۽ ميمبر آل انڊيا ڪائونسل، آءٌ هڪ صورت سان سندس زبردست ٻه هوس، سو ڪي ڪيئن اها جرئت ٿئي ها ته خلاف واقعه ڪجهه لکان ها، جنهن ۾ خود قائداعظم رح جي پنهنجي ذات ۽ باليقين ڏانهن به اشارا هجن.)

مولانا دين محمد وفائي عليه‌الرحمة *

دنيا جو چرخو عمل ۽ ردعمل جي اصول تي هلندو رهيو آهي.

رات پڄاڻان ڏينهن،
گرمين پڇيان سرديون،
روزن بعد عيدون.

هلندڙ صديءَ جا پهريان ويهه سال هن لحاظ سان عجيب و غريب هئا ته انهن سالن اندر سنڌ جي غلاميءَ کُل ڪڍيا هئا.

سنڌ جي نياڳپ جي ابتدا ته مياڻيءَ جي ميدان ۾ ١٨٤٣ع کان ٿي، پر اها بدبختي بارآور ورندڙ صديءَ جي شروعات ۾ ٿي، جڏهن سنڌ جي وڏ وڏيرن کي پيرين آگهاڙي، ڪڇين ۾ ڳارو ڪري، انگريز عملدارن جي اڳيان پيش ٿيڻو ٿي پيو. پٽيوالا، ملاقاتي وڏيرن جي پيرن مان جتيون لهرائي، سندن ڪڇين ۾ بوچڻ وجهرائي، آپ پيرو پيهاريندا هئا. سندن چنڊائي جي چوٽي اها هئي ته هو اها ساري ذلت محض هن لاءِ برداشت ڪندا هئا ته برج اوڄ بندوق جو ليسن وٺن يا ڪنهن پاڙي واري جي خلاف ۾ اڪر چغليءَ جا هٿي وٺن.

ڏسڻ ۾ ڪوپا سڙس، شڪل پيٺڪ ۾ برجستا، سکيا ستابا، پيٽن ۾ ڪير مکڻ، چيلا ڪڪڙ، ۽ ڪڙمين جي رت پونءَ جي ڪمائي. پر شال نه ماڻهوءَ جي وچا ۽ مرچا مري. پاهران ڏهل پر اندر پورو.

(*) هيءُ مضمون، جو اصل هن رذيل ڪتاب لاءِ لکيو ويو هو، ڪجهه ورهيه ٿيا ته مولانا مرحوم جي ورسيءَ جي موقعي تي ڪن اخبارن ۾ ڇپجي چڪو آهي.

ڏيل ڏسي ۾ ڏر، اندر مڙيوئي اگڙيون.

سنڌ ۾ عزت روڪڙ تي منحصر هئي، ڪامورن جي مهربانيءَ تي منحصر هئي، زمين جي ايراضيءَ تي منحصر هئي، بنگلن ۽ ماڙين تي منحصر هئي، ڪرسين ۽ پروانن تي منحصر هئي، خطابن ۽ ميمبرين تي منحصر هئي. جنهن ملڪ ۾ عوام جو مان ۽ شان ڪونه هوندو، آت اهي ئي شيون عزت جو معيار ليکبيون آهن. خود ماڻهوءَ جي سچاڻ ۽ ماڻهپي جي ڇاڻ ڪانه رهندي آهي. سنڌ انهن ڏينهين ڪافي ذليل هئي.

آن زماني ۾ الوحيد اخبار جي ايڊيٽريءَ جي معنيٰ هوندي هئي ته هڪ پير الوحيد پريس ۾ ته ٻيو پير جيل ۾. ايڊيٽرن پٺيان ايڊيٽر گرفتار ٿيندا ٿي رهيا، پر الوحيد جي ڪرسي ڪڏهن خالي نه رهي. اهي قربانيون ڪنهن ٿي پيش ڪيون؟ نه وڏيرن ۽ نه سردارن ۽ نه ميڻين ۽ پر چند تعليم يافته غريبن ۽ زياده ۾ زياده ته وچولي درجي جي ڪن ماڻهن.

مولانا دين محمد وفائي انهن جانباز غريبن مان هو، جن دماغ ۽ قلم جي زور سان، ۽ پنهنجون عمريون آزارن ۾ گذاري، سنڌ اندر آزاديءَ ۽ عزت نفس جو جذبو جاڳايو ۽ پنهنجن پوين پساهن تائين ان جي پوئواري ڪندا رهيا. مٺن مُهين مَس ڪپايائين، بي حساب نيٹن جو نور هارايائين، ان لاءِ ته مَن نه مَن سنڌين ۾ ڪا لوئيءَ جي لڄ پيدا ٿئي.

مون ڪي سندن ديدار، پهريون ڀيرو، ١٩٢٤ع جي لڳ ڀڳ نصيب ٿيو. مون "الراشد" نالي هڪ ماهوار رسالو ڪڍيو. فقير فقير ڪي نه سهي، ڪٿو ڪٿي سان نه لهي. وڏيرڪن تڪرن ۽ سرڪاري اشتهارن تي پلنڊڙ پرچن ڪي ڏاڍي مٺيان لڳي. چوطرف "الراشد" خلاف ڏوڙيو مچي ويو. آءٌ سيڪڙات هوس، اخباري مقابلا ڪونه ڏٺا هئم.

مُنجهي پيس. مولانا ڏانهن رجوع ڪيم. پاڻ لاڙڪاڻي اچي پهتو. گهاڙ پر تي، پراڻي گيان باغ جي سامهون، منهنجيءَ اوطاق ۾ ويهي جوابي مضمون لکيائين. هڪ ٻي مضمون سان مڙني معترضن جا لابارا لاهي ڇڏيائين.

ساڳي هڪ ٻي نسبت به انهن ڏينهن کان ئي پيدا ٿي چڪي هئي. سنڌ جي تاريخ بنسبت مولانا صاحب ئي منهنجي مَن ۾ دلچسپي پيدا ڪرائي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي تاريخ جي تحقيق سان ڪنهن جي به دلچسپي ڪا نه هوندي هئي. تعليم کاتي جا عملدار تاريخ تي چوپڙيون لکندا هئا. شروعات راڻي وڪٽوريا جي راڄ سان ڪندا هئا ۽ خاتمو جارج پنجين جي عمر، اقبال ۽ اولاد لاءِ دعائن تي! اُن ۾ وچ جون ساريون حقيقتون هضم ٿي وينديون هيون، گويا سنڌ ۾ نه ڪڏهن ڪو ماڻهو پيدا ٿيو هو ۽ نه سنڌين ڪنهن ميدان ۾ ڪڏهن پاڻ ملهايو هو.

مولانا دين محمد وفائي مرحوم پهريون ئي سنڌي عالم هو، جنهن انهيءَ گهٽتائي کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو. سندس خيال هو ته جنهن قوم کي پنهنجي تاريخ ڪا نه آهي، جنهن قوم کي پنهنجي ماضيءَ جي حقيقت معلوم نه آهي، اُن قوم مان ڪو پوتو پرٽو ڪو نه آهي. مولانا ان احساس جي هڪ چڻنگ منهنجي دل ۾ رکي ڇڏي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين ٻرندي پئي رهي آهي.

مولانا صاحب جن ڏينهن ۾ تحقيق شروع ڪئي، انهن ڏينهن ۾ محققن جي رستي ۾ ڏاڍيون ڏکيائون هونديون هيون. سنڌ جي مقامي ڪتبخانن سان وقت بوقت هاڃيون ٿيل هيون. ڪجهه ڪتاب انگريز کڻي ويا، ڪجهه ڪتاب انهن کان اڳ (ايراني) نادر شاهه وارا ميان نور محمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ لُٽي ڦري پاڻ سان ايران کڻي ويا. ڪيترا ڪتاب وڏن خاندانن پنهنجن تهخانن ۾ بند ڪرائي ڇڏيا هئا،

جيئن ماڻهن کي سنجهائڻ فائدي وٺڻ جو موقعو نه ملي. قلمي ڪتابن جا گهڻا نسخا محض هن ڪري دريا داخل ٿي ويل هئا، جو انهن جي مالڪن کي خيال هو ته شايد انهن ڪتابن ۾ ڪيميا جو نسخو لکيل هجي، جيڪو ماڻهن جي هٿ نه چڙهڻ گهرجي. پاڻ پنهنجي سر انهن نسخن مان فائدو وٺي ڪونه ٿي سگهيا، ڇو ته بي علم هئا، تنهنڪري رکو ڪتابن جو مٽو وڃائڻ ٿي گهريائون.

مولانا دين محمد صاحب انهن دشوارين هوندي به تحقيقات جو ڪم جاري رکيو ۽ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيو. وڏي ڳالهه ته ان موضوع جي باري ۾ ٻين ماڻهن ۾ به چاهه جاڳايائين. ١٩٤٠ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو، جيڪو سنڌس بوکيل ٻوٽي جو ابتدائي ثمر هو.

لکڻيءَ ۾ مولانا مرحوم جو پنهنجو اسٽائيل هوندو هو، جنهن جي پٺ انگريزي لٽريچر ۾ سليس ۽ آسان زبان ۾ لکندڙ اهل قلم جي اسٽائيل مان ٿي سگهي ٿي. ٻولي آسان، جملا ننڍا، عبارت سڌي، پنهنجي علميت جي مظاهري ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه، اکرن جي نمائش بغير مطلب واضح ڪرڻ ۽ ليٽ حقائق جي مدد سان ”ٺوس“ نتيجي ڪڍڻ جو خيال. مون ڪيس ڏٺو مضمون لکندي ڏٺو، ملين پنيان سلپون لکيون ٿي ويون. نه ڏاهه نه ڏوهه، نه ڇيڙ نه گهڙ. معلوم ائين پيو ٿيندو هو ڄڻ مضمون اڳ ۾ ئي ذهن اندر ٺهي راس ٿيل هو، فقط ان کي پني تي آڻڻ جي دير هئي. ڪمال اهو هوندو هو ته مضمون جي ساخت اهڙي ڍنگ جي هوندي هئي جو جنهن وقت ڪمپازيٽرن ڏانهن ڪٿي ته اسپيس پوري ٿي وئي ته هڪدم تحرير بند ٿي ويندي. مضمون جو جائزو وٺبو ته ڪابه شئي ڪٽيل نظر ڪانه هوندي ۽ مضمون بلڪل مڪمل هوندو.

مولانا گهڻوئي لکيو: رسالي ”الڪاشف“ سان لکڻ شروع ڪيائين، ”توحيد“ ۽ ”آزاد“ تي آٿي بند ڪيائين. وچ ۾ ”الوحيد“، ”الحزب“ ۽ ٻيا ڪيترا پرچا سندس قلم مان مستفيض ٿيندا رهيا. ساڳئي ئي وقت ڪتابن جي تصنيف ۽ تاليف به هلندي رهي. مختلف وقتن تي ڪئي علمي، ادبي، مذهبي، تاريخي ۽ سياسي ڪتاب لکيائين.

جيتريقدر مون سندس تحرير جو مطالع ڪيو، سندس غير مولويانہ مضامين مان مون کي هڪ مضمون خاص طرح وڻيو. ”الحزب“ مگر ۾ لکيو هئائين. سرخي هئس: ”عشاق ڪانفرنس.“ دنيا جي وڏن وڏن عاشقن کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪري، سندن واتان عشق جون وارداتون بيان ڪرايون هئائين. هاءِ گهوڙا لڳي پئي هئي. مجنون کي محمل ليلا جي مقرر ”ٽائيم ٽيبل“ نہ هجڻ جي شڪايت هئي. فرهاد کي تيشو موزون ڪونہ مليو هو. سسئي جا جهيڙا جتن سان هئا. مارئيءَ جي مهڻن جو منهن ملهير ڏانهن هو. سومل پنهنجي موڪائيءَ تي مٿا سنهن پئي پٽيا. تماچيءَ جي ڪچيءَ ۾ ڊبل ڪِٽ، بادشاهي ۽ عاشقيءَ جو، پئجي ويل هو. سهڻي ساري جڳ سان جهڳڙو ٽيٽ لايون ويٺي هئي — ڪنڀار سان، جنهن ڪچو گهڙو ٺاهيو هو، درياهہ سان، جنهن عاشقن جي احترام ۾ پنهنجو وهڪرو بند نہ ڪيو هو، سچن مانگرن سان، جن دال پاڇي چڏي ماس واپرائڻ سکيو هو، چنڊ سان، جنهن کي انهيءَ رات سنڌ لڳي ويل هو، خود پنهنجين ننگن ۽ ٻانهن سان، جي ڇئي موجب ڪونہ ٿي ڇڙيس، ۽ جڏهن ٻين سڀني مان مايوس ٿي، تڏهن هڪ اڌ ميار ميهر کي بہ ڏئي ٿي ورتائين! هيءَ تہ عورت هئي ۽ وڏي ڳالهہ تہ وره جي واسينگ، ٻره جي بلا تي پير پئجي ويل هوس! ماڻهو نااميد ٿيندو آهي تہ زبان تکڙي هلندي اٿس، پنهنجو پرائو ڪونہ ڏسندو آهي.

مولانا صاحب مرحوم ۽ آءٌ هڪ شام پنهنجي ڳوٺ لڳي، ڪڏڪن جي ڪيٽن ۾ پئي گهمياسين. ڳالهين هلندي عشق عاشقيءَ جو موضوع ڇڙي پيو. مولوي صاحب تقرير ڪندو ۽ مان پڌندو ٿي ويس. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ سندس اها تقرير بصورت مضمون شايع ٿي. پر پڌايائين ته جنهن ڏينهن ڪڏڪن جي ڪيٽن ۾ پاڻ عشق جي فلسفي تي تقرير پئي ڪيائين، آن وقت ان مضمون جو خاڪو سندس دماغ ۾ جڙندو ٿي ويو. بعد ۾ فقط ان کي ڪاغذ تي اتارڻ جي ضرورت رهجي ويل هئي.

سنڌ، چيٽ، ساوڪ، هير، شفق، ڪارڙي تر جي لات — پوءِ چون، مولانا جي مٿي ۾ عشق جا خاڪا ڪٿي ايندا؟ هيءَ ته وري به ”وفائي“ هو ۽ وفا جي مسئلي جو واسطو عشق جي مشق سان رهي ٿو.

مولانا صاحب جي تقرير ۾ به سندس تحرير جهڙي رواني هوندي هئي. پاڻ کي تقرير جو شوق بنهه ڪونه هئس. تقرير ڪان ڪيپائيندو هو. پر مون کي سندس تقرير سان دلچسپي هوندي هئي. حقيقت ۾ تقرير کان به زياده سندس تقرير ڪرڻ جي انداز سان. تقرير لاءِ بيهندو هو ته سروقد سڌو ۽ نه جسم کي موڙو ڏيندو هو، نه اثر پيدا ڪرڻ لاءِ هٿن يا اکين جا چالا ڪندو هو. سندس انداز عام مقررن مثل ڊرامائي نه، پر خطيبانه ۽ تحڪمانه هوندو هو. جو جملو ٿي ادا ٿيو، سو چڻ ڪنهن حاڪم واتان حرفِ آخر ٿي ٿي نڪتو! مولانا صاحب جي تقرير ٻڌڻ ۽ ڪيس تقرير ڪندي ڏسڻ لاءِ آءٌ واجهه وجهندو ٿي رهيس. ٻ-ٽي سال سکر ۾ شب معراج جي محفل جو انتظام ڪندو هئس ۽ تقرير لاءِ مولانا کي ريهي ريجهائي وٺي آڻي بيهاريندو هئس. سرڪار جا وفادار وڏا ماڻهو مولانا صاحب جو نالو ٻڌي محفل ڇڏي پڇي ويندا هئا، پر ٿنهن جي پرواهه ڪانه رهندي هئي. حضور صلي الله عليه وسلم

جن جي حيات پاڪ کي ڏند ڪٿائن جي جعلي روايتن جي ڌوجهري مان ڪڍي صاف ۽ صحيح نموني ۾ سامهون آڻڻ مولانا صاحب جو ڪم هو ۽ ان مان سندس مطالعي جي وسعت، فڪر جي قوت، تحقيق جي کوڙهائي ۽ اخلاقي جرئت جو ثبوت ملندو رهندو هو.

پوين سالن ۾ پاڻ مولانا عبيدالله سنڌي عليه الرحمة جي سنگت ۾ رهڻ لڳو. مولانا صاحب ۱۹۳۹ع ۾ جلاوطني جا پاويهه سال پورا ڪري موٽي آيو هو. ان کان پوءِ جيڪي چار پنج سال جيئرو رهيو، وفائي صاحب جيئن پوءِ تيئن سائس وڌيڪ ويجهو ٿيندو ويو.

آءٌ حيدرآباد ۾ نڪيل هئس. يونيورسٽيءَ جو ڪنهن ڪم سان ريلوي اسٽيشن تي آيس. ڪراچيءَ جي طرف کان ريل گاڏي آئي. ڏٺم ته مولانا وفائي مولانا عبيدالله رح کي سخت بيماريءَ جي حالت ۾ ڪراچيءَ مان ڪٺائي اچي لٿو. مولانا عبيدالله رح تي اهو مرض‌الموت جو حملو هو ۽ آخري پساهن پوري ڪرڻ لاءِ پير جهنڊي جي ڳوٺ وڃي رهيو هو، جتان ئي سندس سياسي زندگيءَ جي ابتدا ٿي هئي. مولانا رح هوش ۾ هو، پر سخت ڪمزور. مولانا وفائي ۽ هڪ ٻيا رفيق کيس هٿن ۾ کڻي اڻاري ويهاري رهيا هئا. مولانا وفائي صاحب جي چوڻ تي مون بروقت موٽر آڻي موجود ڪئي ۽ ان ۾ پنهنجو هنڌ وڇائي، مولانا رح جي آرام سان ليٽڻ جو انتظام ڪيم. مولانا دعائون ڪندو روانو ٿي ويو. وفائي صاحب سائس گڏ ويو. مولانا رح جو اهو آخري سفر هو.

مولانا وفائي پاڻ ان کان پوءِ ٻه ڇهه ست سال جيئرو رهيو، پر وقت ڦري چڪا هئا. جنهن دنيا ڏاهڻ ۾ پاڻ ايترو حصو ورتو هئائين، تنهن دنيا اندر هيئنر پاڻ کي اوپرو سمجهڻ لڳو. خود الوحيد سان سندس دل بستگي ختم ٿي ويئي،

پني ڪه ڪٽن تي، ٿيا پلنگ پراڻا.

مون ٻئي دفعا پوءِ به ڪيس ڏٺو. سندس ڏٺي مان اميدن ۽ امنگن جي وٽ وساسي ويل هئي. ماڻهن جي ڳولها ڪندي ميرڻ جي منهن پوندو رهيو:

روجهه ڏٺائين رات، هوت ڳولهيندي حب ۾.

هڪ ڏينهن خبر آئي ته جنت جا راڪا خود ڏيئو به ڪٺي هليا ويا.

هٿين خالي آيو هو، هٿين خالي رهيو، ۽ هٿين خالي هليو ويو. پر خبردار:

مگو حقير گدايان عشق را ڪه اين قوم،
شهان بي ڪله و خسروان بي تاج اند.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي رح

چا سنجيدگي، چا شائستگي، چا پروقار صورت، چا گفتگو جي شيريني، چا زندگي جي اصولن جي پاسداري، چا ضمير جي آزادي، چا خودداري، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي عليه الرحمة، جيڪو انهن ۽ بيشمار ٻين خوبين جو مجموعو هو، سيوهڻ مان آيري ڪراچيءَ جي افق تي چمڪي، سالها سال سنڌ جي ثقافتي، علمي ۽ ادبي محفلن کي منور ڪندو رهيو. فرد نه هو، پنهنجي مٿي هڪ ادارو هو. ڪيس ڏسي ۽ ٻڌي اندازو ٿيندو هو ته ماضيءَ جي سنڌي شريفن ۽ خاندانن جي سلسلي جي، ذري گهٽ، هو بلڪل آخري ڪڙي هو، جي اٿي ويهٺي، علم ۽ فضل ۾ ڪيتري قدر نه پرشوڪت ۽ موجب برڪت هوندا هئا.

مون کي جڏهن ساڻس واقفيت جي سعادت نصيب ٿي، تڏهن پاڻ گاڏي کاتي ۾ رهندا هئا. ڪچهري روڊ تي، ۽ ماڙ جاءِ ۾. هيٺ مطب ۽ محفل گاهه، مٿين منزل تي مهمان خانو. هر وقت ملاقاتين ۽ گهيرو هوندو هو. سنڌ مان آيل مير، پير، وڏا زميندار ۽ جاگيردار ته ڪيس ڦٽ ڦرڙيون ڏيکاري ۽ پوشيده امراض، خصوصاً ڪم طاقتيءَ جون هاجيون بيان ڪري، گوريون، معجونون، ليپ ۽ ڪشتا وٺي هليا ويندا هئا، پر غريب قومي ورڪر يا "بي ثمر" اديب سارو ڏينهن ڇهتيا پيا هوندا هئا. مفت جو علاج ٿيندو هون. وقت آئي ماني ڪارائي ويندي هون. رات پئي بسترو ڏئي سمهاريو ويندو هون. اڪثر موت جو ڀاڙو ڪٽيل هوندو هون، تنهنڪري آهو ب ادا ڪري کين بنا منهن گهنجائي کلندي مشڪندي پنهنجي پنهنجي ماڳ موڪليو ويندو هو. ڪپي هٿ کي پروڙ ڪانه پوندي هئي ته سڄي هٿ وسيلي ڇا وهيو واپريو. دهليءَ واري حڪيم اجمل خان جهون سڪون لاهيندو هو. سچ ته سنڌ جو اجمل خان هو. جيڏو طبيب تيڏو اديب، جهڙو سياست جو ماهر اهڙو شاعر. لاڙو ڪانگريس طرف هوس. سيوهڻ جي فضا ۾ ابتدائي تربيت ٿيل هئس، جت هندو خواهه مسلم سڀ لعل جا لاڪا هوندا هئا. فرقيوارانه پيد ڀاءُ سمجهه ۾ ڪونه ايندو هوس. ڪرسين لاءِ ڪنڪ چاڙهڻ ۽ انسان کي انسان سان وڙهائڻ سکيوئي ڪونه هو. ماڻهوءَ جي سوچ جو هڪ انداز ٿيندو آهي، سندس سوچ جو انداز اهو هو. ميرن جي صاحبيءَ تي خاص طرح سان تحقيق ڪئي هئائين ۽ پنهنجي راڄ جي خوبين جي خبر پئجي چڪي هئس، تنهنڪري انگريز سان بنهه پوتي ڪانه رجهندي هئس. "صاحب لوڪن" جي شڪل ڏسڻ حرام سمجهندو هو ۽ وٽان اعزاز حاصل ڪرڻ

خود داريءَ جو خون. ڪچهري روڊ تي رهندي به ڪڏهن ڪچهريءَ(١) جو منهن ڪونه ڏٺائين.

عربي ۽ فارسي علوم سڀ سنڌس پيٽ ۾ هئا، پر ان پيٽ ۾ علم يا مذهب جي فروخت مان ڪنهن آمدنيءَ جي آميزش ڪانه هوندي هئي. نه مذهب کي انساني خون وهارائڻ لاءِ ڪتب آڻيندو هو، نه علم کي فتنه جوئي ۽ شرانگيزيءَ لاءِ. نه پنهنجي مولويت کي سياسي ڪرسيءَ تائين پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ بڻائيندو هو، نه ذاتي اثر ۽ تعلقات کي پنهنجي سياسي دڪان کي چمڪائڻ لاءِ استعمال ڪندو هو. حقيقت ۾ وٽس سياست جو دڪان هوندو ئي ڪونه هو.

الله تعاليٰ جنت ۾ جاءِ ڏئيس. مون تي خاص طرح سان شفقت جي نظر هوندي هئس. انهن ڏينهن ۾ هونءَ به سؤ مان نوي ماڻهو دوا درمل لاءِ حڪيمن ۽ طبيبن وٽ ويندا هئا. ايلوپيٿي جي ڊاڪٽرن کان هن ڪري ڪيٻائيندا هئا جو ماڻهن ۾ عام خيال هوندو هو ته ڊاڪٽرن جون دوائون "گرماش" پيدا ڪن ٿيون. ڪراچيءَ جي آب و هوا ۾ مون کي اڪثر انفلوئنزا ٿيندي هئي. حڪيم صاحب وٽ ان مرض لاءِ ڦڪي رنگ جون زود اثر گوريون هونديون هيون، گورين جي ڏبلي پري منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيندو هو ۽ تاڪيد ڪندو هو ته "هڪ ڏبلي خالي ٿئي ته هڪدم ٻي ڏبلي وٺندو ڪر." مان نه ويندو هوس ۽ وقت گذرڻ لڳندو هو ته نئين ڏبلي پاڻ کڻي اچي گهر ۾ ڦيٽي ڪري ويندو هو. ١٩٣٩ع جي شروع ۾ مون کي سنڌڻ جو سور ٿيو. حڪم ڪيائين ته ملهير ۾ وڃي رهان، جتان جي آب و هوا نسبتاً خشڪ ٿئي ٿي. مون چيس: "آءٌ رهي اوهان کان ڪهڙيءَ طرح علاج ڪرائي سگهندس؟" فرمايائين: "آءٌ پاڻ هر روز ملهير پيو ايندس." ۽ ائين ڪندو رهيو.

---

(١) ڪچهري، ڪليڪٽر جي آفيس کي چيو ويندو هو.

مارچ مهينو آيو. بهار جي موسم هلي. ڪٿ تي ٿي پئي ڏاڍو تنگ ٿيس. هڪ پرزيءَ تي هيءَ اردو مصرع لکي موڪليمانس:

اب کے بھي دن بہار کے يون ھي گذر گئے

پرزي پهچندي، ان جو جواب منظوم موڪليائين. افسوس آهي ته اهو ڪاغذ مون وٽان هيٺ مٿي ٿي ويو. پر ان ۾ ڏاڍي دلداري ڏني هئائين ۽ هيءُ دلاسو به ته بهار ختم ٿين کان اڳ منهنجي بيماري ختم ٿي ويندي ۽ ٿيو به ائين. اسان جو اهو تعلق اهڙيءَ حالت ۾ هلندو رهيو جو پاڻ ڪانگريسي اصولن موجب ملڪ جي آزاديءَ جو خواهان هو ۽ آءٌ ڪٽر مسلم ليگي، ملڪ جي تقسيم لاءِ ڪوشان. پاڻ الله بخش مرحوم جي سياست جو قائل ۽ آءٌ ان جو سخت گهايل. پاڻ الله بخش وزارت جي اخبار جو سديـر ۽ مرتب ۽ آءٌ ان وزارت جي مٿي وڃائڻ جي درپئي.

حڪيم صاحب انهن وضعدار سنڌي بزرگن مان هو، جيڪي سياست ۽ ذاتي تعلقات کي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيڻ نه ڏيندا هئا.

پنهنجيءَ ماتر ڀومي سنڌ سان اٿاهه محبت هئس. سندس نظر ۾ ساري دنيا پنهنجين خوبين ۽ خوبصورتين سميت سموهجي اچي سنڌ ۾ سمائي آهي.

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي جو اعلان ٿيو ته هڪ نظم لکي اخبارن ۾ ڇپارايائين، جا تبرڪ طور هت پيش ڪريان ٿو(١). ان نظم مان سندس شاعري جو معيار معلوم ٿيندو.

---

(١) اهو نظم وڏي اهتمام سان الوحيد جي سنڌ آزاد نمبر ۾ شايع ٿيو.

"حب وطن"

خوشيءَ ۾ نہ ماپي ٿو منهنجو قلم اڄ،
هٿي شاخ طوبيٰ هجڻ جو ٿو دم اڄ،
ڪٿي ناز انداز سان ٿو قدم اڄ،
ٿي چئه عيد ان لئہ، خدا جو قسم اڄ،

مليو آهي مضمون حب وطن جو،
مليو موقعو آهہ سير چمن جو.

ٿيو صحن ڪاغذ جو اڄ خوب رنگين،
بهشت برينءَ جو ٿيو فرش زرين،
ٿي مس منهنجي مُشڪِ ختن نافهٔ چين،
لکان لفظ جنهن سان معطر ۽ مشڪين،

وطن جي محبت جو هيءُ داستان ٿيو،
وطن منهنجو دنيا ۾ جنت نشان ٿيو.

وطن جا وڻن ٽڻ، وڻي ٿاري ٿاري،
خزانِ وطن ۾ پڻ آهي بهاري،
ٿي چئہ روز روشن سنديس رات ڪاري،
منجهس مثل جنت جي ٿيون نهرون جاري،

وطن منهنجو هڪ جنت آباد آهي،
وطن سان ٿي بس منهنجي دل شاد آهي.

ڇا آب و هوا ٿي اسان جي وطن جي،
ٿي خوشبو اچي ياسمين ۽ سمن جي،
منجهس سونهن ٿي نرگس و نسترن جي،
ڪريان ڳالهہ ڪهڙي وطن جي چمن جي،

وطن ۾ جو چوطرف چانڊاڻ آهي،
وطن منهنجو بس پنهنجو مت پاڻ آهي.

هوا جنهن جي سرهي، مٺو جنهن جو پاڻي،
ندي جنهن جي سيني ندين جي ٿي راڻي،
ڪڏهن شمع روشن نہ جنهن جي وساڻي،
ٿئي سک ۾ ساٿي ٿئي ڏک ۾ ساٿي،
جي دنيا ۾ ڪو ديس مثل چمن ٿيو،
تہ منهنجو سڀ کان پيارو وطن ٿيو.

وطن منهنجو سچ پچ تہ گلزار آهي،
گلن جهڙو ان جو خس و خار آهي،
هنئين لاءِ منهنجي سو هڪ هار آهي،
اکين لاءِ ٺنڍڪ ۽ سن ٺار آهي،
نہ منهن جي وطن جو ڪو دنيا ۾ ثاني،
نہ جهڙس ڪو جنسار ۾ جوڙ جاني.

وطن منهنجو جڳ جو مددگار آهي،
غريبن جو غمخوار غم ٺار آهي،
اجهو عاجزن جو ۽ آڌار آهي،
نڌڻڪن يتيمن سندو يار آهي،
وطن منهنجو داتا ۽ جڳ پال آهي،
وڏو اوج ان جو ۽ اقبال آهي.

وطن منهنجو آهي وڏي شان وارو،
وطن منهنجو داتا سدا دان وارو،
جو ڏئي مان ان کي سو ٿئي مان وارو،
وساري وطن کي نہ ايمان وارو،
ٿيو حب وطن آهي ايمان منهنجو،
آتي ماني منهنجي، آتي مانُ منهنجو.

وطن جي ڇا سهي نہ ٿي سبزه زاري،
اچي بوءِ جنهن مان سدا ٿي بهاري،
وٺي خاڪ ان جي وٺي ان جي واري،
وطن لئي رهي ٿي سدا بيقراري،
نہ سنهنجي وطن جو ڪو سٽ سور آهي،
پلاين سان پرپور پرنور آهي.

وطن جي محبت ٿي آهي اهائي،
رکؤن هڪ ٻئي سان سچائي صفائي،
نہ هرگز رکؤن ڪا جدائي پيائي،
ٿيون هڪ ٻئي تي سدائي فدائي،
اهائي وطن جي محبت ٿي سڏجي،
انهيءَ طرح ٿو پاڻ ۾ ملڪ ڳڏجي.

وطن جي رهاڪن کي ٿو پاڻ ڀايان،
وطن کي ٿو پنهنجي سٺي ساڻ ڀايان،
نہ ڪنهن ۾ بہ ڪو ڀيد ۽ پاڻ ڀايان،
انهيءَ ۾ ٿي ٿو ساز ۽ ساڻ ڀايان،
وطن جي محبت جي آهي تقاضا،
رهون پاڻ ۾ گڏجي سڀ ڇڻ سڳا يا.

وطن جي محبت جي آهي نشاني،
تہ ڪنهن کي نہ سمجهون سندس مٽ ۽ ثاني،
پنهنجي لاءِ سمجهونس جانب ۽ جاني،
مٿس جان صدقي ڪريون ۽ جواني،
پنهنجي ديس جو ويس پوشاڪ پهريون،
نہ ديسي شين جهڙيون پايون ڪي بهريون.

منهنجي ديس جي ملڪ ۾ ڌاڪ آهي،
سنڌس حسن جي جابجا ڌاڪ آهي،
وطن جهڙي خوش ذائقي نہ خوراڪ آهي،
وطن جي چا پياري نہ پوشاڪ آهي،
وطن جي ڪٺيءَ سان نہ ستَ پٽ ڪي ڇاڻان،
وطن ڪان سواءِ آءٌ نہ ڪنهن ڪي سڃاڻان.

وطن جون اچو تا شيون واپرايون،
نہ ڪم ايندڙيون هرگز شيون ڪي پرايون،
ٻين ڪان ٿي اهڙو سبق پڙهي پرايون،
ڪي سوچو تہ ڇو پاڻ ڪي ٿا ڦرايون،
وطن جي محبت جي آهي علامت،
تہ آن ۾ سڌارو ڪريون ساڻ صنعت.

محبت ۾ هرگز نہ گمراهہ آهيون،
جو پنهنجي ملڪ جا پڻ نہ بدخواهہ آهيون،
مگر چا ڪريون بڪ ۾ ٿيا پاهہ آهيون،
جيتوڻي پنهنجي ملڪ جا شاهہ آهيون،
اسان کي بہ حق آهي جڳ ۾ جيڻ جو،
اسان کي بہ حق آهي کائڻ پيڻ جو.

ڏيو هيٺو آ حال اهل وطن جو،
ويو ملڪ مان مان اهل وطن جو،
ڏيو اچ اونڌو اقبال اهل وطن جو،
ويو بيٺي ڪهڙيال اهل وطن جو،
وري تن کي خوشحال ڪر تون خدايا،
دعا لاءِ در تنهنجي تي آهيون آيا.

جڏهن ڪراچيءَ کان ٻاهر ڪنهن مريض کي ڏسڻ لاءِ ويل نہ هوندو هو تہ شام ويلي مطب جي سامهون فوٽ پاٿ تي ڪرسيون وجهائي آئي ويٺي سان ويهي مجلس ڪندو هو. نہ فوٽ پاٿ تي لاريءَ جي چڙهي وڃڻ جو امڪان، نہ پان جي پيچڪن لڳڻ جو خطرو. آيو ويو، لڙيو ڙڙيو، وڏس ڍري سنڌس منهن مان نڪرندڙ معنيٰ جا موتي پيو جهٽيندو هو. پاڻ شائستگيءَ جو شاهہ هو. غير شائستو ۽ هلڪو لفظ سندس زبان تي ڪونہ ايندو هو. دوران گفتگو، دلچسپ کان دلچسپ ٽوٽڪي تي بہ ڪڏهن ٽهڪ ڪونہ ڏنائين. وڌ ۾ وڌ هلڪيءَ مُرڪ جو شائبو پيدا ٿيندو هو، پر آها مُرڪ بہ ماريو چڏيندي هئي. لباس سنڌي سترو ۽ صاف پائيندو هو- مولويت کي مخفي رکڻ لاءِ سنهاريءَ کي چيڪ ڪونہ ڇڏيندو هو. قد موزون، بدن چڙڪ، رنگ نہ پورو نہ سانورو، ڪٽڪ ونو ۾ سفيديءَ ڏانهن مائل. مٿي تي مختصر پڳ يا ٻَجَوري ٽوپي، پير ۾ سليپر، اڪثر ننڍو ڪوٽ، جنهن جي کيسي ۾ رومال. حقيقت ۾ بقول سائين خيرمحمد فقير هيسباڻي:

سوين پوشاڪون پهرين ٿو،
پر ڪوٽ ڳيليءَ ۾ ناهين ڳُجهو.

١٣- ڊسمبر ١٩٤٣ع جو وفات ڪيائين.
(انا لله و انا اليه راجعون)

حڪيم علي محمد قادري مرحوم

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم مغفور کي ڏسندي ائين پئي لڳو تہ مولويت جو مٿس اجايو الزام آهي. پر حڪيم علي محمد صاحب قادري مرحوم جي حالت ۾ اهڙو شبهو، سندس زيارت ڪئي، حقيقت ۾ تبديل ٿي ويندو هو. سُنهن، رنگ ۽ روشنيءَ کان قطع نظر، چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر گول،

سنهاري سهڻي چاهوين، جسم مان ثابت ته سنڌ ۾ خوراڪ جي ڪمي ڪڏهن ڪانه رهي هوندي. مٿي تي عمامو يا ترڪي ٽوپي، بدن تي سنڌي لباس، ڪلهن تي ڳاڙهو رومال، پري کان ائين پيو لڳندو ته، چڻ اسان جي پنهنجي خاندان جو ڪو پير بزرگ حجري جي صحن ۾ نور پيو ٿلي. هٽ ۾ بانس جي ٿلهي، ڏنڊي جهڙي، لڪڻ جو هجڻ لازمي، ڪراچيءَ ۾ نانگ سپ جو ڀؤ ته ڪونه هوندو هو، پر نيم حڪيم خطره جان گهڻا هوندا هئا، جيڪي حڪيم صاحب مرحوم جي نظر ۾، بلائن کان به بچڙا هوندا هئا ۽ انهن جي تواضع لاءِ ڏنڊي جو هر وقت وٽس موجود رهڻ ضروري هوندو هو. پاڻ سڏيندو ڪنهن به هم پيشه حڪيم مان ڪونه هو. اهي نيم حڪيم ته ڇڏيو، پر وقت جي وڏن طبيبن حڪيم شمس الدين مرحوم ۽ حڪيم قائم الدين مرحوم کي به طب جي فن ۾ جاهل مطلق سمجهندو هو — ساڻن مباحثي ۽ مقابلي ڪرڻ لاءِ ساري حياتي واجهائيندو رهيو، پر شايد اهڙو موقعو هٿن ڪونه ڏنس. سندس عزم بالجزم هوندو هو ته، جيڪڏهن هو زباني بحث ذريعي باز نه اچن، ۽ ڪيس جملي حڪيمن جو سرتاج نه مڃين، ته ڏنڊي جي نوڪ سان سندن عقل ۽ ادراڪ کي تيز ڪرڻ، سندس لاءِ، فرض ٿي پوندو.

انهيءَ زماني ۾ شايد ئي ڪنهن ڪم ڪار نه هجڻ ڪري، ماڻهن کي اڪثر ڪم طاقتيءَ جي شڪايت رهندي هئي. جيترو وڏو ماڻهو، اوترو وڌيڪ "ڪم طاقتيءَ" جو بيمار هوندو هو. ان "ڪم طاقتي" جي علامتن، نتيجن ۽ بنيادي سببن تي بحث ڪرڻ جي ضرورت ڪانه آهي. اسان جن علائقن جي اها پراڻي خيالي بيماري هئي. ڪو به شخص، جنهن کي قوت گذران جي ڪشمڪش کان فراغت نصيب هئي، تنهن جو توجه هميشه پنهنجي "ڪم طاقتي" واري پرابليم ڏانهن ٿي ويو. درجن ٻارن ڄاهر ڪيڻ کان پوءِ به پيو حڪيم ۽ طبيب

پهچائيندو ۽ کنهن جي سٽيءَ پڙيءَ مان مطمئن ڪونہ ٿيندو۔ مغرب جي هڪ سياح، ڪجهہ سال ٿيا تہ اخبارن ۾ مضمون لکيو هو تہ ”آءٌ هندوستان (پاڪستان اُن وقت تائين اڃا وجود ۾ ڪونہ آيل هو) ويس تہ منهنجي حيرت جي ڪا حد نہ رهي جڏهن ڏٺم تہ اتي هر ديوار جنسي امراض متعلق اشتهارن سان ڇپيل پئي هئي۔ معلوم ائين پئي ٿيو تہ گويا دنيا جي ان علائقي ۾ اهي مرض وبا يا پليگ وانگر ماڻهن کي وڪوڙي ويل هئا.“ اسان جي ممدوح جناب حڪيم علي محمد صاحب قادري مرحوم وٽ اهڙين بيمارين لاءِ مجرب علاج هوندا هئا.

اڇيءَ قبر جي پرڀرو، پراڻيءَ ڪراچيءَ ۾ ”دواخانہ قادري“ کولي رکيو هئائين، جتان جي ”ياقوتي ڪلان“ خاص طرح سان مشهور هوندي هئي، هڪ چوپڙي ڇپائي مشهور ڪيو هئائين تہ ان ياقوتيءَ جو نسخو ڪيس اسان جي پڙ ڏاڏي مرحوم، حڪيم پير علي محمد شاهہ رحمة الله عليہ، جي ذاتي بياض مان هٿ آيل هو۔ اهو سچ هو تہ حڪيم صاحب مرحوم جو اسان جي گهراڻي سان گهڻو تعلق رهيو هو ۽ ان ڳالهہ کي بازاري ماڻهن وانگر لڪائي پاڻ کي ڇمندي چام ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ٿي ڪيائين۔ سرديءَ جي موسم شروع ٿيندي هئي تہ پاڻ مهرباني ڪري، پير ميان محمد مهدي شاهہ مرحوم جهنڊيواري جي هٿان، ٻہ-ٽي شيشيون ياقوتيءَ جون مون ڏانهن بہ موڪلي ڏيندو هو۔ ٻہ دفعا مون اُن جو تجربو ڪري ڏٺو۔

(١) منيلا (فلپائن) ۾ هڪ مريض جي آپريشن بعد ۽ ٻاهرينءَ رت وٺڻ بعد بہ نبض ڪرڻ لڳي هئي۔ ڊاڪٽر نبض تي هٿ رکيو ويٺو رهيو، پر ان جي رفتار درجي بدرجي گهٽبي پئي ويئي۔ نااميدي ڊاڪٽر جي منهن مان بکي رهي هئي۔ مون اشاري ۾ پڇيس: ”ڪا اميد؟“ چيائين: ”بلڪل نہ.“ حڪيم صاحب جي ڏنل ياقوتيءَ جي شيشي منهنجي هٿ ۾ هئي.

چانهہ جو ڇڇو پري ہائيءَ ڏڪ سان ملائي مريض جي وات ۾ وڌم. مشڪل سان هڪ منٽ گذريو هوندو تہ ڊاڪٽر جي منهن ۾ ڦيرو اچڻ لڳو. ڏهن منٽن کان پوءِ نبض بحال ٿي ويئي ۽ ڊاڪٽر مريض جو هٿ ڇڏي سون کي ٻاهر ڪڍي پڇڻ لڳو تہ "تو اها ڪهڙي دوا ڏني، جنهن اهڙيءَ نااميديءَ جي باوجود مريض کي بچائي ورتو!"

(٢) پيڪنگ (چين) ۾ آءٌ شديد سرديءَ جي موسم ۾ صبح جي چئين وڳي شڪار لاءِ هڪ ڍنڍ تي آڪري، جيڪا ڄمي پٿر ٿي ويل هئي، هڪ ڪنڌ ۾ وڃي ويٺس. (چين جي سرديءَ جو هيءُ عالم هو جو اتان جا درياهہ سڀ ڄمي ويل هئا، جن جي مٿان موٽرون پئي هليون.) منهنجي حالت هيءَ ٿي جو ڄڻ برف جو ٽڪرو هوس يا پنڊ پاهڻ. عضون چرڻ پرڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو هو، فقط ٿورڙو هوش اچا سلامت هو. مون سان هڪ چيني ترجمان گڏ ويٺل هو، تنهن کي چيم تہ منهنجي ڪارتوسن جي ٿيلهي ۾ هڪ شيشي پيل آهي سا ڪڍي ڏي. شيشي ۾ اندر دوا خود ڄمي لوهہ ٿي ويل هئي. مون چيس شيشي ڀڃ ۽ منجهس جيڪا شيءِ پيل آهي، تنهن جو هڪ ٽڪرو ڪڍي منهنجي وات ۾ وجهہ. مقرر وزن تہ ٿورو هو، پر نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ هن جيتري دوا منهنجي وات ۾ وڌي سا ٻاٽون ڏئي آڪري ويس. پندرهن منٽن کان پوءِ سامت ۾ اچي ويس. پاڻ کي لنگوٽالي ڪرائي موٽر تائين پهچايم ۽ اتان ست ميل سفر ڪري گهر پهتس. گهروارن ٻہ هفتن تي کٽي ڪمري ۾ سنڀاريو. مون سمجهيو ٿي تہ لقوو ۽ نمونيا تہ پڪ ٿي ويا هوندا، باقي دل جو ٽٽڻ رهجي ويل آهي جيستائين ڊاڪٽر پهتو، اوسيتائين پنهنجي دوا جو پيو ٻہ ٽنڊو ڇهچو وٺي ڇڏيو هوم. بعد ۾ ڊاڪٽر تپاسي تسلي ڏني تہ نہ

اڏرنگو ٿيو اٿم نہ نمونيا، آءٌ بلڪل تندرست آهيان. شام جو ٻاهرادو اٿي ڪڙو ٿيس.

اها ”دوا“ حڪيم علي محمد صاحب قادريءَ واري ”ياقوتي ڪلان“ هئي!

حڪيم صمصام

سچو ۽ صحيح نالو تہ الائجي ڇا هوس، پر هيت انهيءَ نالي سان مشهور هو. ڪراچيءَ جي ميمڻ سيٺين دهلي يا لکنو مان گهرائي هتان وٽ رهائي ڇڏيو هوس. ان زماني جي ميمڻ سيٺين کي ڪم طاقتيءَ جي خاص شڪايت هوندي هئي. گهڻيءَ ويهڪ ڪري ويهڪ جون بيماريون وڪوڙي ويل هون، جن جون علامتون لڪائي لِڪي ڪونہ سگهنديون هون. بازار جي لاهہ چاڙهہ سببان ڪي قدر ماليخوليا بہ شامل حال رهندي هون. سنڌ جا طبيب سستا هوندا هئا، تنهنڪري بيڪار سمجهيا ويندا هئا. گهر جو پير ڇُلهہ جو مارنگ ـــ ان سببان علاج لاءِ ٻاهر جا نانوَ ڪڍيا حڪيم گهرايا ويندا هئا. گهٽ ۾ گهٽ، انهن ڏينهن جا پنج سؤ روپيہ روزانہ في ـــ وڌ ۾ وڌ هزار ڪان بہ هزار روز، سفر خرچ، کاڌا پيتا ان ڪان علاوه. اسان جي هڪ دوست سيٺ دهليءَ مان هڪ ٿلهو متارو حڪيم گهرايو. پاڻ ۽ سندس ٻہ ـ چار آڳڙيندڙ روزانو گاڏي هنداڻن جي واپرائي، ڪلن جا ٽانگر جاءِ جي ڪنبڪڙڻ ۾ ٻڪيڙي ڇڏيندا هئا. ليلي جو گوشت هضم ڪونہ ٿيندو هون، تنهنڪري هر روز ڪارن مُنهين تتر ۽ ڪڪڙ ۽ ٻہ درجن نر جهرڪ ڪُسندا هئا، جيڪي سيخ ڪباب ٿي يا تَرجي گيهہ ۾ ترندا اچي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. سندن غسلخانن ۽ ڪمرن مان بہ اهڙي بوءِ پئي ايندي هئي جو هوا نہ هوندي هئي تہ ساهہ پيو گهٽبو هو. جاءِ جو ڪو حصو

اهڙو نہ بچيو هو جنهن تي پان جي پيچڪن سان نقش و نگار
چٽيل نہ هجي. حڪيم صاحب جي روانگي کان پوءِ ساريءَ
جاءِ کي ڪيترن ڏينهن تائين ڌوارينداا رهيا ۽ جڏهن ڌوئڻ
سان بہ نشانيون نہ مٽيون تہ نئون رنگ ڏياريائون. رهيو
مريض جو مسئلو، سو آن جي ماليخوليا ۾ پاڻ واڌارو ٿيو ۽
آخر ان وگهي گذاري ويو.

پر خدا سان ڪم پوندو، حڪيم صمصام انهن ڪڙي گهاٽ
حڪيمن مان ڪونہ هو. ڏاڍو سادو— ڊگهڙو ڪوٽ، سادي
قميص، هيٺ تي عليگڙهي پاجامو، مٿي تي کل جي ٽوپي ۽
هميشه پيدل گهمندو هو. ڪنهن سان ڪونہ ڳالهائيندو هو.
ڪو سوال پڇندو هوس تہ ٻن اکرن ۾ جواب ڏئي چُپ ڪري
ويهي رهندو هو. ڪنهن کان پئسو پائي ڪونہ وٺندو هو.
مريض علاج لاءِ ٻنهہ، وچڙي پوندس تہ ڪاغذ جي پرزي تي
نسخو لکي ڏيندس. مانيءَ لاءِ مقرر هنڌ ڪونہ هوندو هوس،
جتان ملي تہ خير نہ تہ ٿيو پلو. عجيب لاآبالي ۽ بيپرواهہ
طبيعت جو انسان هو. مجلس ۾ موجود هوندو، پر ڪنهن
گفتگو ۾ حصو ڪونہ وٺندو. بحث مباحثو زور وٺندو تہ اٿي
هليو ويندو. ياريءَ دوستيءَ کان دور رهندو. نہ پاڻ ويجهو
پوندو نہ ڪنهن کي ويجهو اچڻ ڏيندو. مون پنهنجيءَ زندگي ۾
ان انسان ۾ ڪمال سير نفسي ڏٺي. عمر جي پڇاڙيءَ ۾ ڪراچي
آيل هو ۽ سندس انتقال بہ شايد آتڙي ئي ٿيو. سڀئيون سمجهندا
هئا تہ ايتريقدر لاپرواهہ صرف ڪيمياگر ئي ٿي سگهي ٿو،
تنهنڪري هو ڪيس ڪيمياگر سمجهندا هئا. اها ڳالهہ سندن
خيال ۾ ويهٽي ئي ڪانہ هئي تہ جنهن شخص زندگي جي
بي ثباتي محسوس ڪري پنهنجن حاجتن تي ضابطو رکيو تنهن
جهڙو ڪو ڪيمياگر ئي ڪونہ آهي.

ياجوج ۽ ماجوج

سنڌيءَ جا ٻه ماستر هئا. جُبلي ڪوارٽر ۾ هڪ سنڌي اسڪول ۾ سنڌي ۽ حساب پڙهائيندا هئا. هڪ جو نالو قاسم هو، ٻئي جو نالو ياد ڪونه اٿم. پڙهائيءَ ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو هئائون، پر اسڪول کان ٻاهر پاڳلپڻي جا ڪم ڪندا رهندا هئا. ٻنهي سان دوستي هون. ساري پگهار انهن کي ڇيڇڙن ڪارڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. ٻنهي پنهنجن محسنن کي سچائي ڇڏيو هو، گهڻين ۾ گهمندا هئا ته اڳ ۾ پاڻ، پٺيان ٻليون، مياؤں ـ مياؤں ڪنديون هلنديون هيون. مون ڪانئن پڇيو ته پنهنجي ڪمائي ٻلين تي ڇو ٿا ضايع ڪريو؟ چيائون: ”ٻليون پنهنجن دوستن ۽ محسنن کي سڃاڻن ٿيون، ان لحاظ سان هو انسان ذات کان افضل ٿين ٿيون. انسان ڇيڇڙا ته ڇڏيو، پر ماس ۽ سچالي هضم ڪرڻ کان پوءِ به سندس محسن تي ڪو وقت پيو ته اکيون ڦيرائي ٻئي پاسي منهن ڪري ڇڏيندو.“ (۱)

دنيا جهان جي هر مسئلي جي باري ۾ ماڻهن جي رهبري ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا، انڪري هر طرف تارن ۽ خطن جي ڌم لايون ويٺا هوندا هئا. ۱۹۳۷ع ڌاري هٽلر جنگ جا سانباها ڪيا ته تار موڪليائونس ته: ”يورپ ۾ رت وهائڻ بدران هندوستان ۾ اچي انگريز سان جنگ ڪر، نه ته شڪست کائيندين.“ اها تار سينسر ٿي. مي. آءِ. ڊي ماسترن کي ڪيترا ڏينهن گهليندي وتي. آخر ۾ انگريزن فيصلو ڪيو ته ”هي ماستر پاڳل آهن، مٿو خراب اٿن، نيت

---

(۱) مصر جي مشهور ليڊر ۽ وزير اعظم سعد ذغلول پاشا جو قول هو ته انسان ۽ حيوان ۾ هيءُ فرق ٿئي ٿو ته حيوان سڀڪجهه محسوس ڪري ٿو، پر ڳالهائي ڪونه ٿو سگهي، انسان ڳالهائي سگهي ٿو، پر محسوس ڪري ڪونه ٿو سگهي.

ٻھڙي ڪانہ اٿن، غدار يا امن ٽوڙ ڪونہ آھن، پنھنجي پڙھائيءَ جي ڪم ۾ بي مثال آھن، تنھنڪري انھن جي چريائي ڪري خلق کي انھن جي پڙھائيءَ مان فائدي وٺڻ کان محروم رکڻ مناسب نہ ٿيندو." ماستر چڪ ڇپڙ کان ڇٽا. الله وري ڀلين جي ڀڏي.

هڪ پراڻي دوست، سندن باري ۾ هيٺيون قصو ٻڌايو:

چئي: "هڪ ڀيري هنن برطانيہ جي شاهي گهراڻي سان ٻہ هٿ ڪُنڊيا هئا. هڪ شهزادي (احتراماً نالو نہ ٿو ڏيان) جي منگڻي جا هاوانا هليا ۽ اخبارن ۾ سندن فوٽا ڇپيا تہ وڏي ماستر صاحب جي دل هرڪڻ لڳي. هڪدم شهزاديءَ جي والد ڏانهن ارجنٽ تار موڪليائون تہ 'ڌيءُ جو سنگ مون کي ڏي، منهنجون علمي لياقتون هيءُ آهن، سياست ۾ اهڙي پوزيشن آهي جو گانڌي جي ٻہ، منهنجي مشورن تي پيو هلي، اسان جي سنڌي مائٽي ٿي وڃڻ کان پوءِ هندوستان جو مسئلو بہ حل ٿي ويندو ۽ برطانيہ ان ڳٺي جي سور کان ڇُٽي پوندي.' لنڊن مان تار جي رسيد اچي پهتس. محلات جي سيڪريٽري، عام دستور موجب، ڇپيل ڪاغذ تي رسيد موڪلي ڏنس. رسيد جو مضمون آهو هو، جيڪو هر مراسلي جي باري ۾ استعمال ٿيندو هو، يعني تہ اوهان جو مراسلہ مليو، ان تي غور ٿيندو. آءٌ سمجهان ٿو تہ آتاهون جي ڪنهن ڪلارڪ بغير تار جي مضمون پڙهيي اهو فارم ڀري موڪليو هو.

"بهرحال، ماستر صاحب کي رسيد ملڻ کان پوءِ گهوٽ جي ذميدارين جو احساس ٿيڻ لڳو. گهڻائي مسئلا اٿي کڙا ٿيا: مثلاً مذهبي مسئلو ڪيئن طئي ٿئي؟ — پاڻ مسلمان ۽ شهزادي عيسائي — شهزاديءَ جي مشرف بہ اسلام ٿيڻ جي منزل نڪاح کان اڳ ايندي يا پوءِ؟ — نڪاح لنڊن ۾ ٿيندو يا ڪراچيءَ ۾؟ — "ڏيج ڏيوڻ" ۽ "ڏاج ۽ ڀيڙي" جا ڪهڙا دستور هوندا؟

”مون تي ڏاڍا مهربان هوندا هئا. رازداريءَ جون ڳالهيون اڪثر مون ساڻ اچيو ڪندا هئا. هڪ ڏينهن گهر آيا، وڏو ماستر اڳيان ۾ ڦيائس سندس پاڻ ۽ وڏي ماستر جي ڪچهريءَ ۾ گلن جو هار. ڪلندا مشڪندا اچي پر گهٽ ٿيا. ننڍي پاڻ مرڪي چيو ته: ’ادا سائينءَ کي مبارڪ ڏي. برطانيه جي فلانيءَ شهزادي سان سندس شادي ٿي رهي آهي.‘ ائين چوندي، لنڊن مان آيل تار جي رسيد ڪڍي ڏيکاريائين.

”مون مشورو ڏنن ته مذهبي ڳالهين بابت شهر جي قاضي صاحب سان صلاح ڪن، پر ان کان اڳ ضروري آهي ته ڪمشنر صاحب سان وڃي ملن، ڇو ته اها لکپڙهه ضرور ڪمشنر صاحب وٽ آيل هوندي. جيڪڏهن ڪمشنر سفارش نه ڪئي ته شايد شاديءَ ۾ خلل پئجي وڃي، تنهنڪري اڳواٽ ڪمشنر سان ملي، کيس ان رشتي جي فائدن کان آگاهه ڪري، پنهنجي طرف ڀيرمائن، جيئن مٿي چڱي رپورٽ موڪلي. ساڳئي وقت اها به صلاح ڏني ته، جنهن صورت ۾ برطانيه جا خاندان ڪتن ۽ ٻلين جا شائق ۽ شوقين ٿين ٿا، تنهن صورت ۾ ماستر صاحب پنهنجن ٻلين جا فوٽا ڪڍرائي ڪمشنر صاحب کي وڃي ڏين، تاڪ اهي تصويرون به لکپڙهه سان شامل ٿي وڃن.

”سنڌ جو ڪمشنر، انهيءَ زماني ۾ گبسن صاحب هو، جيڪو پاڻ ڏاڍو چرچائي ۽ چٽرباز هو. ماستر صاحبان ٻلين جا فوٽا ڪڍرائي وڃي وٽس پهتا. ڪمشنر صاحب کي لنڊن مان آيل تار جي رسيد ڏيکاري، کيس عرض ڪيائون ته هو ان رشتي جي سفارش فرمائي. گبسن صاحب کين سڃاڻندو هو. هڪدم ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويو. کين چيائين ته ’چڱو ٿيو جو اڳواٽ مون وٽ آئيو. اها لکپڙهه واقعي مون وٽ اچي ويل آهي ۽ آءٌ رپورٽ موڪلڻ کان اڳ انڪوائري پيو ڪريان. پر هڪ رڪاوٽ شايد پيدا ٿئي.

گهوٽ جي عمر پنجاهہ کان مٿي آهي ۽ ڪنوار جي چمار مشڪل سان ويهہ سال. اهو جوڙ شايد مشڪل سان ٺهي.' تنهنڪري گبسن صاحب ماسترن اڳيان هڪ متبادل تجويز پيش ڪئي. چي: 'جيڪڏهن شهزاديءَ وارو ڪم، عمر جي فرق سبب، ٻڌجي نہ سگهي تہ انهيءَ ئي گهراڻي جي هڪ ٻي شهزادي اڄڪلهہ مون وٽ مهمان آهي. اها تنهنجي هم عمر آهي، ٻلين جي شوقين آهي، ۽ دولت بہ ڪافي اٿس. جيڪڏهن اها قبول ڪريو تہ ڪم ٺهہ پهہ ٺهي سگهي ٿو.' انهن چوندي گبسن هڪ گوري ڏوسي ڪتان سڏي ڏيکارين. خبر نہ آهي سندس پنهنجي زال هئي يا ڪيفي گرانڊ ريسٽورانٽ جي مالڪياڻي(١) يا ڪا ٻي مهمان.

"ماستر صاحب ان پروپوزل تي غور ڪرڻ لاءِ مهلت وٺي اچي مون وٽ پهتا. مون چين: 'تڪڙ ڪرڻ مناسب نہ ٿيندي. جيڪڏهن نوجوان شهزادي ملي سگهي تہ ان روڙهہ کي ريڙهڻ سان ڪهڙو فائدو؟ تڪڙ ڪم شيطان جو.' ٿورن ڏينهن کان پوءِ لنڊن ۾ شهزاديءَ جي شادي ٿي وئي، ۽ ماستر صاحب جي اميدن جو سلو سڪي ويو."

* * *

ڪراچيءَ جو ننڍو وڏو ڪين سڃاڻندو هو. سڀڪنهن کي معلوم هو تہ جڏهن بہ ڪو آئيني مسئلو هندوستان ۾، يا وزارتن جي ڀڃڻ ۽ ٺهڻ جو معاملو سنڌ ۾ ڪڙو ٿيندو هو تہ ماستر صاحبان حسب دستور پنهنجي مشورن کان، تارن ۽ خطن جي وسيلي، هر واسطيدار در کي مستفيد ڪندا رهندا هئا، ۽ انهن خطن، تارن ۽ اکپڙهن جي نقلن سان هميشه پنهنجن ڪيسن کي ڏٿيون وتندا هئا.

---

(١) ڪيفي گرانڊ جي مالڪياڻي انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻوڙهي فرينچ هولڊي هئي، جنهن کي ماڻهو منڊم صاحب ڪوٺيندا هئا.

سنڌ جي وزيرن سان ملڻ ۽ سنڌن رهبري ڪرڻ لاءِ هميشه ڪوشان رهندا هئا. آءٌ وزير ٿيس ته مون کي به پنهنجين ملاقاتين سان نوازڻ لڳا. هڪ دفعو دفتر ۾ سندن ”ملاقاتي ڪارڊ“ پٺيوالو ڪٺي آيو. ڇپيل ڪارڊ تي سندن تعريف هن طرح لکيل هئي:

Names:	(پهرينءَ سٽ ۾ نالا)
	تعريف:
Makers of Pakistan	ڏهيندڙ (ميڪرس آف) پاڪستان جا
Makers of Bundeh Ali Ministry	جوڙيندڙ (ميڪرس آف) بنده علي منسٽري جا
Patrons of Allahbux Ministry	سرپرست (پيٽرنس آف) الله بخش منسٽري جا
Enemies of Hitler	دشمن هٽلر جا
Architects of India-Pakistan Freedom	هندوستان پاڪستان جي آزادي جا معمار
Well wishers of Jamshed Mehta President Karachi Municipality	دعاگو جمشيد مهتا پريزيڊنٽ ڪراچي ميونسپالٽي جا
Candidates for Presidenship of Pakistan	پاڪستان جي صدارت جا اميدوار
Controllers of Sind Ministries	سنڌ جي وزارتن جا ڪنٽرولر
Close to Royal House of Britain	برطانيه جي شاهي گهراڻي جي ويجهو
Kings of Ghouls & Goblins	جنن ۽ ڀوتن جا بادشاهه
	وغيره وغيره

مون سندن تعريف اڳ ۾ ئي پڙهي هئي. ڪرسيءَ تان اٿي درجي ڀاءرن وچي سندن استقبال ڪيم. اندر آئي ڀاڻ سان گڏ ويهاريوسانِ. حال احوال ڪيائون. اسان جي وڏي وزير، مرحوم مغفور پيرزادي صاحب تي ڏاڍو ڪاوڙيل هئا، جو هن سندن قدر ڪونه سڃاتو هو ۽ ملاقات وقت گرمجوشي سان سندن استقبال ڪونه ڪيو هئائين. فرمايائون: "اسان پيرزادي کي ڪيڏي توکي وڏو وزير ڪرڻ آيا آهيون." مون چيو: "اهو ڪيئن ٿي سگهندو." چيائون: "ڳالهه سڌي لڳي پئي آهي. جڏهن 'پير' موجود آهي ته 'زادن' جي ڪهڙي ضرورت رهي آهي. منطق پڙهيو اٿئي؟ اهو منطق جو مسئلو آهي."

مون کي به چرچو لڳو، مون چيو: "اسيمبليءَ مان پيرزادي صاحب کي بيدخل ڪيو ته ڳالهه ٺهي." چيائون: "تيار آهيون." اسيمبليءَ جو اجلاس ٿيڻ وارو هو، مون کي چيائون ته "اسان ڀاڻ وچي ٿا اسيمبليءَ اندر پيرزادي صاحب جي ڪرسيءَ تي قبضو ڪريون." ائين چئي منهنجي آفيس مان آئي اسيمبلي هال ۾، ميمبرن جي اچ وڃ جي دوران، ڪنهن طرح گهيري وچي وزيراعليٰ واريءَ بينچ کي والاري ويهي رهيا. اسان اسيمبليءَ ۾ داخل ٿياسين، وزيراعليٰ پيرزادي صاحب اڳ ۾ ئي آءٌ سندس ڪيڏ (اسان پٺي هڪ بينچ تي ويهندا هئاسين). پيرزادي صاحب شگفته طبيعت جو انسان هو. هنن ماسترن کي پنهنجي بينچ تي ويٺل ڏسي ڪِلي ويٺو. مون کي چيائين: "هي ڇا آهي؟" مون وراڻي ڏنس ته "هنن جو ڪليم آهي ته هي 'ميڪرس آف پاڪستان يعني پاڪستان جا ٺاهيندڙ' آهن. هي جو چاهين سو ڪري سگهن ٿا. اڳي به هوءَ اهي ئي اچا آهن، هنن کي سياسي مستقبل آهي، اوهان ۽ اسان کي ڪونه آهي. چڱو ٿيو جو اڳ ۾ ئي اچي پنهنجون جايون ورتيون اٿن، ۽ ان ڪري اوهان ۽ اسان جي مٿي جو سور لٿو."

اُٺتي وڏي پيرزادي صاحب هنن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي،

بر هنن قبضي ڇڏڻ کان انڪار ڪيو، چيو: ”اسان پاڪستان جا ٿاهيندڙ آهيون، توڪي اسان اڄ ڊسمس ڪري سنڌ جي وزارت اعليٰ جو پاڻ قبضو ورتو آهي.“ اسيمبليءَ جي گهنٽي وڄڻ شروع ٿي. جڏهن پيرزادي صاحب جي اها آڇ به قبول نه ڪيائون ته شام جو سنڌس آفيس ۾ گڏجي ان مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ پاڻ ۾ گفتگو ڪجي ته پيرزادي صاحب اسيمبليءَ جي عملي کي حڪم ڪيو ته کين گهلي باهر ڪڍن. پٽيوالا ۽ پوليس وارا آيا ته انهن سان وڙهي پيا. آخر زوريءَ ڇڪي ڪڍيائون. ويندي ويندي پيرزادي صاحب جي حق ۾ ڪجهه ڏکيا جملا استعمال ڪندا ويا ۽ هيءَ دڙڪو به ڏنائونس ته ”اسان هاڻي ٿا وڃي برطانيه جي راڻيءَ (۱) کي تار ۾ سنڌ جي وزير اعليٰ جي ان بيڊنگائي ۽ غير آئيني روش جي رپورٽ موڪليون.“

وزارت جو ڪم ٽڪائيندڙ هوندو هو. آن هلندي ڪڏهن اهڙا مذاقيه واقعا ٽڪاوت کي گهٽائيندا رهندا هئا. سارو وقت ڪامورن جي ڪٿائن ٻڌندي ماڻهوءَ جو حال برو ٿي ويندو هو.

ماسترن تي ”ياجوج ماجوج“ جو نالو ڪڏهن پيو، تنهن جي باري ۾ صرف ايتري خبر پئجي سگهي ته ماسترن صاحبن جو اٺن ويهن گهڻو ڪري گاڏي ڪاتي واري پاڙي ۾ ٿيندو هو. جيڪڏهن ڪا ٻلي بيمار ٿي پوندي هئي يا ٽريفڪ جي ڪنهن حادثي ۾ زخمي، ته ماستر بيمار ٻليءَ کي گاڏي ڪاتي جي مسجد ۾ پوري ٻاهران دروازي کي ڪنڊيو ڏئي هليا ويندا هئا. مسجد جو امام صاحب گهڻو وقت گهر ۾ رهندو هو ۽ فقط نماز جي وقت ئي مسجد ۾ تشريف فرما

---

(۱) پاڪستان انهن ڏينهن ۾ اڃا برٽش ڊومينين هو، ريپبلڪ ڪونه ٿيو هو.

ڏيندو هو، تنهنڪري هنن مسجد کي محفوظ ۽ سانتيڪي جاءِ سمجهي ات ٻلين کي ٽڪائڻ جو بندوبست ڪيو هو. امام صاحب کان پڇيو ويو ته مسجد ۾ بيمار ٻليون ڇو ٿا رکو؟ پاڻ فرمايائون: اهي ٻليون ياجوج ماجوج مسجد ۾ ڇڏيو وڃن ٿا. ان ڏينهن کان پوءِ ماسترن تي "ياجوج ماجوج" جو نالو پئجي ويو. والله اعلم بالصواب.

خانبهادر الله بخش گبول مرحوم

خانبهادر مرحوم ڪراچيءَ جي ڪلبن، سياسي ۽ سوشل محفلن جي رونق هوندو هو. قدم رکندو هو ته محفل جو موڊ باغ و بهار ٿي ويندو هو. هرڪنهن جي خواهش هوندي هئي ته سندس واتان اڄ ڪو نئون ٻول ٻڌون. مذاق جو خزانو اڻ کٽ هئس، ان لاءِ سندس ڏيک ويک ۾ موزون هوندو هو. قداور، متارو مڙس، رنگ ضرورت کان گهٽ پورو ۽ پيٽ ضرورت کان زياده پرڪت پريو. انگريزي ڪٽ جو سوٽ، مٿي تي ڦندڻ سان ترڪي ٽوپي، خوش پوش، خوش نوش، خوش مزاج، خوش مذاق -- زندگيءَ جو سفر کيل خوشيءَ ۾ ختم ڪري ڇڏيائين، غم گوندر کي پاڻ وٽان گذرڻ نه ڏنائين. انگريزن وٽ پيارو، ديسي دوستن جو سهارو هو. سر غلام حسين مرحوم سان خاص محبت ۽ سر عبدالله هارون مرحوم سان خاص رقابت هئس. ١٩٣٧ع جي اسيمبلي چونڊن ۾ لياري واري تڪ مان سر عبدالله هارون کي شڪست ڏني، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. اسيمبليءَ اندر ٿورو ڳالهائيندو هو، پر جيڪي ڳالهائيندو هو، سو ٻڌندڙن جا غم غلط ڪري ڇڏيندو هو. انهن ڏينهن ۾ ميمبر هر وقت پارٽيون بدلائي عهدا حاصل ڪندا رهندا هئا. گبول مرحوم ان ڦيريءَ گهيريءَ جو جواز هيءَ پيش ڪيو ته "سنڌي، سنڌو درياهه جو پاڻي پيئن ٿا، تنهنڪري جيترا ور وڪڙ

سنڌو درياهه ۾ آهن، اوترا ور وکڙ سنڌ جي سياست ۾، فڪر ڪرڻ جي ڳالهه ڪانه آهي.“ سندس اهو جملو ڪلاسيڪي بڻجي ويو ۽ سالن تائين سنڌ جي سياست جي تعبير لاءِ ”ڪوٽ“ ٿيندو رهيو.

هڪ وقت آيو، جڏهن سر غلام حسين مرحوم گذاري ويو ۽ ڪن پنهنجي حالتن ڪري سنڌ جي سياست اُجاڙ ٿي ويئي، کهڙو مرحوم ان کان پوءِ پنهنجي وانگر ملڪ اندر مٿا مونا ڪونه هنيا. ڳالهه جو رخ سمجهي ويو. سياست ڇڏي سياحت ڪي لڳو، گهڻو وقت يورپ ۾ رهيو.

هڪ دفعي مون ڪيس جنيوا (سوئٽزرلنڊ) ۾ تالاب جي ڪناري ويٺل ڏٺو. سندس چوطرف يورپين خواتين جو حلقو لڳل هو. پاڻ به ٿي ڪيليو ۽ انهن کي به ٿي کيلايائين. ائين پئي لڳو، ڄڻ پاڻ اڳين زماني وانگر ڪراچي ڪلب ۾ ويٺو آهي ۽ سندس ٻولن ٻڌڻ لاءِ ماڻهو اچي مڙيا آهن.

سنڌ جو اهو هڪ سياستدان هو، جيڪو پنهنجي مرضيءَ سان سياسي راند مٿل ڇڏي هليو ويو. ٿيڪا ڳنا ڪونه چوسيائين.

فارسيءَ واري چيو آهي:

ڪار دنيا ڪسي تمام نہ ڪرد،
هرچہ گيريد مختصر گيريد.

آفتاب ۽ ماهتاب

(رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچندراءِ وشنداس)

رئيس غلام محمد مرحوم مغفور ۽ سرڳواسي سيٺ هرچندراءِ وشنداس کي مون ظاهري اکين سان ڪونه ڏٺو، دل جي اکين سان گهڻو ديدار ڪيم. پنهنجي دؤر اندر سنڌ جي سياست جا ”آفتاب“ ۽ ”ماهتاب“ هئا.

رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس
يورپ جي دوري ۾

هئا ۽ٻي پيدايشي وڏيرا، وڏيرا ٻ نہ، بلڪ وڏ وڏيرا (١)، پر سنڌ جي وڏيرن کي رستو ڏيکاري ويا تہ وڏيرپ هوندي ب، ماڻهو ڪيئن عزت ۽ آزادي، شرافت ۽ انسانيت جي زندگي گذاري، ۽ خلق جي خدمت ڪندي، سنڌ جا حق نڀاهي سگهي ٿو. سندن زمانو اهو زمانو هو، جڏهن وڏيرا "صاحب اوڪن" جي سلام لاءِ حاضر ٿيندا هئا تہ صاحب جا پٽيوالا در جي ٻاهران ڪانئن جتيون لهرائي، پيرين اگهاڙي اندر وٺي ويندا هئا. ليوڪس صاحب ڪمشنر، ڪين ڪچائن لاءِ، پڇندو هون تہ "اوهان بدمعاش (٢) آهيو يا نہ؟" تہ وڏيرا ورندي ڏيندا هئس: "جيندا قبلا ابي ڏاڏي کان سرڪار جا بدمعاش آهيون." انديشو هوندو هون تہ انڪار ڪريون ۽ مبادا صاحب ڪاوڙجي سچ پچ بدمعاشي جي ڪارروائي ڪري وجهي!

غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ ٻهريان سربرآورده سنڌي شهري هئا، جن وقت جي گوريءَ خواه ڀولاهيءَ نوڪرشاهيءَ اڳيان نعرو هنيو تہ سنڌ جي شهريت شاندار شيءِ آهي، نہ آبروباختگي جي نشاني.

هر دم ۽ هر قدم تي حڪومت سان مقابلا ڪيائون، مقابلن ۾ ڪڏهن هيٺي ڪانہ ڀوليائون. آزاديءَ جي هر تحريڪ ۾ پيش پيش رهيا. جنهن ب ڪائونسل يا اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويا، اُت سرڪار جا چوڙا لاهيندا رهيا. سيٺ هرچند راءِ مرڻ جي ڪنڌيءَ تي، هلڻ چلڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ کان عاجز ٿي پيو، تہ ب پاڻ کٽولي تي کڻائي وڃي دهلي اسيمبليءَ ۾

(١) رئيس غلام محمد خان ميرپورخاص ضلعي جو وڏو زميندار ۽ امير ڪبير هو، سيٺ هرچند راءِ، سيٺ وشنداس ،الجهو (ضلعو دادو) واري جو فرزند هو، جنهن جو قصبو دادو ضلعي جي ڀان ۾ اڄ چڪر آهي.
(٢) ڪجهہ ولايڪ ڪڇن اڪرن جي ب آسيرڻ هولدي هئي، ۽ اهي هت لسڪن چهڙا نہ آهن.

حاضر ٿيو، ۽ سرڪار جي خلاف ووٽ داخل ڪرايائين. رئيس غلام محمد خان تي نوڪرشاهيءَ جو ڀهريون حملو ٿيو ته پاڻ لنڊن وڃي بارسٽري پاس ڪري موٽي آيو ۽ اڪ ڪان اڪرو هو. ٻيو حملو ٿيو ته پاڻ ۽ هرچندراءِ لنڊن پهچي، سيڪريٽري هند جي ڪنن مان ڪپهه ڪڍي آيا. ٻئي حملا نوڪرشاهيءَ جي پنهنجي ڪچيءَ ۾ پنجي ويا، ۽ سنڌين کي سبق مليو ته عزت دار سنڌي مقابلو به ڪري سگهن ٿا؛ هروڀرو ڇاني چم جون رڍون نه آهن، جن تي در گذر حملو ڪري سگهي.

سنڌ کي آزاري پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۽ بمبئي کان ڇني ڌار ڪرائڻ جي تحريڪ جي شروعات انهن بزرگن ڪئي. سڀني فرقن جي نمايندن کي گڏ ڪري "سنڌ پيڪٽ" (Sind Pact) تي صحيحون ورتائون، جنهن هيٺ گڏيل گهُر ٿي ته سنڌ جي جدا شخصيت تسليم ڪئي وڃي، ۽ کيس بمبئيءَ کان ڌار ڪيو وڃي. سنڌن هوندي ساري سنڌ ڪئي هوندي هئي ۽ هندو مسلم نفاق جو ٻج ڪونه پيو هو. سڀني فرقن ۽ قومن جا سياسي ورڪر پاڻ ۾ گڏ، هڪ ئي مقصد لاءِ ڪوشان هوندا هئا ۽ اهو مقصد هوندو هو سنڌ جي سربلندي. زهريلو واءُ، جنهن سنڌ جا 'تيلي ميچ' ڌار ڪري ڇڏيا، سو اڃان ڪونه گهُليو هو. ان جا ڀهريان جهونڪا ١٩٢٥ع ۾ آيا، پر هي بزرگ اڳ ۾ ئي چالاڻو ڪري ويا هئا ۽ سنڌ ڇوري ڇني ئي چڪي هئي. سنڌن نشانيون، سنڌن ڪيڙيل ٻه-ٽي ورڪر رهجي ويل هئا، مثلا شيخ عبدالمجيد سنڌي، مسٽر جيرامداس دولترام ۽ ٻه-ٽي ٻيا، جن کي اسان ڀ ڏٺو.

پر سنڌ کي سياست سيڪاري وياءِ نجات جو رستو ڏيکاري ويا. سنڌن ڪيڙيل ورڪرن ۾ هڪ خوبي هئي، سياست جي مارڪيٽ ۾ هو ٻين وانگر 'ڦلان مُٽ' تي ڪڏهن ڪونه وڪاڻا. شيخ عبدالمجيد ٨٢ ورهين جي عمر ۾

انڊين ليجسليٽو اسيمبلي ١٩٢٧



سر عبدالقيوم، مسٽر جنڪر، سر لنڊهي، سر بي. اين. مترا، سرينواس آئنگر، سرچارلس انس، سيٺ هرچند راءِ، پنڊت موتي لال نهرو، ويٺل ڀائي پٽيل، سر اليگزينڊر موڊي مئن، مولوي محمد يعقوب، ... باسيل بليڪيٽ، پنڊت مدن موهن مالويه، ڊاڪٽر اي. ايس. مئڪفيل، ... لجپتراءِ، جي. سي. نيوگي، جمنا داس ميهتا، اي. رنگا سوامي آئنگر.
... ... اهي ياسي ڪان چوٿون ... پنجون ۽ ڇهون [سر] محمد نوازخان، مسٽر ڊڪن ... ويٺي آهن.

جيل ڀوڳيو، جيرامداس ملڪ بدر ٿي ويو، پر پنهنجن استادن جي ياد تي ٽيڪو ڪونه لاتائين.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پرنسپال ٻناڻي

ٻناڻي، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو پرنسپال، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ساڳئي ڪاليج ۾ مشرقي علوم جو پروفيسر. هڪ سيوهاڻي عامل، ٻيو حيدرآبادي عامل. عملي زندگيءَ ۾ هڪ ٻئي کي اکئين لايون وتندا هئا. ٻناڻي صوفين جو طالب هوندو هو، سائين نصير جلالاڻي واري جو فقير ۽ ڏاڏر واري سائين رڪيل شاهه جو معتقد هو. ڪيس به فقيريءَ جو ڪو انگ مليل هو؛ چهرو شانتي ۽ قلبي اطمينان جو آئينو هوس؛ اکين ۾ اهڙي چمڪ جهڙي مون ورلي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڏٺي. تمام ٿورو ڳالهائيندو هو؛ ڌيمي آواز ۽ رازدارانه لهجي ۾. مون سندس واتان ڪڏهن ڪنهن انسان جي گلا ڪانه ٻڌي. تعليم جي معاملي ۾ سنڌين جي تقريباً هڪ پيڙهيءَ کي فيض بخشيائين. سندس ڪا تصنيف منهنجين اکين اڳيان ڪانه آئي، شايد سارو توجهه روحاني معاملات ۽ تعليم طرف رهيس. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پاڻ بمبئي لڏي ويو، پر ان کان پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن مرشدن جي زيارت لاءِ هيڏانهن اچي نڪرندو هو. هڪ ڳالهه مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي، سندس موجودگيءَ ۾ هر اهل دل سڪون محسوس ڪندو هو.

حليو هيءُ: ته بت ۾ چڙڪ؛ قد ڊگهيرڙو؛ ڪلين شيو؛ بند گلي سان ننڍو ڪوٽ ۽ پتلون، ٻئي سادڙا کدر جا؛ مٿو اگهاڙو؛ وارن کي ڦڻي ڪانه، ۽ اڪثر تيل لڳل.

مقابلتاً ڊاڪٽر گربخشاڻي ظاهري علم ۾ گهڻو اڳي، دنيوي معاملات ۾ وڌيڪ تکو؛ گفتار ۾ جاندار؛ لباس ۾ شاندار؛ منهن تي اڪثر مرڪ؛ گفتگو ٻڌڻ جهڙي؛ ڪلين شيو؛

جيڪڏهن رنگ جو مسئلو نہ هجي ها تہ انگريز، پي. ايچ. ڊي هو، فارسي ۽ انگريزي شاعرن جا هزارين ٻول ياد، هر ماڻهوءَ سان سندس مذاق مطابق گفتگو ڪندو، ڪنهن پڙهيل لکيل ماڻهوءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ٿيس تہ حافظ، سعدي، قاآني، خاقاني، خيام، ملٽن، ورڊسورٿ، ٽينيسن ڪي آڻي موجود ڪندو، مزو وٺي پيو انهن جو ڪلام ٻڌائيندو ۽ معنيٰ بيان ڪندو. سندس بزرگ جهوڪ شريف جا طالب رهي چڪا هئا. پاڻ عملي طرح صوفي هو يا نہ، تنهن جي خبر ڪانہ پئجي ٿي سگهي، پر تصوف جي تاريخ ۽ اصولن جو اهڙو ڄاڻو هو، جهڙس ٻيو ڪو ان زماني ۾ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ نظر ڪونہ ٿي آيو.

پرنسپال ٻناڻيءَ سان ڪانہ پوندي هئس. هن گهڙيو ئي تہ ڊي. جي. ڪاليج جي پرنسپالي سندس حق هئي ۽ کيس ئي ملڻ کپندي هئي. ان کان سواءِ حيدرآبادي عامل، سيوهڻ جي عاملن کي پنهنجو مٽ ڪونہ سمجهندا هئا ۽ منجهن رقابت رهندي هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻي کهڙي صاحب وٽ گهڻو ايندو هو، منهنجي ساڻس واقفيت آتي ٿي، پر-ٿن ملاقاتن کان پوءِ مون سهي ڪري ورتو تہ ڊاڪٽر صاحب کي ويجهو پوڻ ۽ گفتگو جي موج ۾ آڻڻ جو آسان طريقو اهو آهي تہ ٻناڻي صاحب تي ٿوري گهڻي نڪتہ چيني ڪجي، جيئن کيس خاطري ٿئي تہ آءٌ ٻناڻيءَ جي اثر هيٺ ڪونہ آهيان. اهڙي خاطري ڪرڻ بعد ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو کُلي پوندو هو. عالم ماڻهو هو، عالم ماڻهن تي بشريت غالب رهي ٿي، پنهنجو ثاني ڪنهن کي نہ سمجهڻ، پنهنجي علم تي ناز، غرور ۽ پندار، سنڌ ۾ انگريزي چوٽي هوندي هئي تہ ”فلاڻو ٻيترو پڙهيل آهي، جو دماغ جون رڳون سڙي ويون اٿس، پار جو پار آهي، جي راضي ٿئي تہ ڪو خاص فائدو ڪونہ، پر جي ڪاوڙجي پوي تہ نعوذ بالله“ هڪ ٻئي خلاف ڪفر

جون فتوائون اھڙيءَ ئي ذهني ڪيفيت ۾ جاري ٿينديون هيون. سنڌ جا ڪي واعظ ته لڦيون ۽ ڪهاڙيون کڻي هڪ ٻئي کي کهائي ٻه وجهندا هئا. ڪن ڀاڻ تي مورکو ”ڪهاڙو“ ۽ ”واهولو“ جو لقب چسپان ڪرايو هو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي عالم هو پر مُهذب، اهڙيءَ حد تائين وڃڻ وارو ڪونه هو؛ پر پنهنجي رقيب ٻنهيءَ جي باري ۾ ڪڏهن ڪڏهن وقلي پوندو هو.

سنڌي ٻولي ۽ لٽريچر تي سنڌس هڪ اهڙو ۽ ايڏو احسان آهي، جنهن جو بار سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن لاهي ڪونه سگهندا. هُن صاحب، شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه جي رسالي کي ڇهن جلدن ۾ مرتب ڪيو، جن مان ٽي جلد سندس حياتيءَ ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا، چوٿون جلد ڇپجي ڪونه سگهيو ۽ غائب ٿي ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪتابن ڇپجي نڪرڻ کان اڳ جو زمانو مون کي ياد آهي. هونءَ ته ڀٽائي گهوٽ جي شهرت عام هئي، پر لکيل پڙهيل طبقي ۾ سندس ڪلام جي مقبوليت اهڙي نه هئي جهڙي ڊاڪٽر صاحب جي ڪتابن جي منظر عام تي اچڻ کان پوءِ ٿي. ڪلام ڳايو ضرور ويندو هو، پر ڪلام جي اُوڙهائي ۽ شرح جي پرورش ڪن ٿورن ماڻهن کي هئي؛ اڪثر مجلسن ۾ حافظ، جامي ۽ سعدي جي ڪلام جو تذڪرو هوندو هو. فارسي اڃا تائين علمي زبان سمجهي ويندي هئي؛ چٺي چپاٽي به فارسيءَ ۾ لکي ويندي هئي. شاهه صاحب جي ڪلام جي مقبوليت ۽ سندس اعليٰ شخصيت جي ناقدريءَ جو هيءُ حال هو، جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رسالو شايع ٿيو ته ان کي خريد ڪرڻ وارو ڪونه ٿي مليو. ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي تياري ۽ ڇپائيءَ تي پنهنجي هزارن گهڻو خرچ ڪري چڪو هو؛ نفعو ته لهيو، پر آهو خرچ به ڪيچيءَ ۾ پئجي ويو هوس. مجبور ٿي هن صاحب پنهنجن

ڪتابن جا نسخا، ذاتي دوستن ۽ اڳوڻن شاگردن ڏانهن، جيڪي هينئر سرڪاري عهدن تي چڙهيل هئا، موڪليا ته هو زورمس ڪري سنڌ جي زميندارن مٿان مڙهين ۽ ڪانئن قيمت وصول ڪن. قيمت ٻه ايڏي وڏي ڪانه هئي، پر خوشيءَ سان وٺڻ وارو ڪونه ٿي مليو. مختيارڪارن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن جي زورڀار پوڻ ڪري، ڪيترن وڏيرن ڪتاب خريد ڪيا، پر گهر پهچڻ ڪان پوءِ ڪنڊ پاسي اڇلائي پئي ڇڏيا. گهڻن زميندارن جي اوطاقن ۾ مون ان ڪتاب لاجواب تي ڦڪين ڪي وِٽيون لاهيندي ڏٺو. اهڙن ڪن بي قدرن وٽان ڪجهه نسخا ولي مون پاڻ وٽ آڻي رکيا (١).

پر وقت گذرندي، هوريان هوريان، ان ڪتاب جي برڪت سان، شاهه صاحب جي ڪلام ۽ شخصيت ۾ سنڌين جي دلچسپي وڌندي وئي. ١٩٣٠ع کان پوءِ ته ائين محسوس ٿيڻ لڳو گويا سنڌين کي ڪو لڪل خزانو ٿئين سر هٿ آيو آهي. گهڻي تحقيق ان کان پوءِ ٿيندي رهي. ڪيترن ئي ماهرن ۽ مهارت جي دعويدارن ڪلام جا مجموعا شايع ڪرايا ۽ شاهه جي ڪلام کي ٻوڏاڙيندا رهيا، پر ڊاڪٽر صاحب جي موتين سٽ نظر ڪونه چڙهيو.

ڊاڪٽر صاحب، ساڳئي وقت، سنڌي ٻوليءَ تي (بطور ٻوليءَ جي ٻه) وڏو ٿورو ڪيو. هُن سنڌي تحرير کي نئين طرز عطا ڪئي. جيڪا سنڌي اڳ لکي ويندي هئي سا گهڻو ڪري بي نمڪ ۽ مُٺاڻي هوندي هئي؛ جنهن ۾ نه ساهه هوندو هو نه سَتَ، نه تُندي نه تيزي، نه تازگي نه شفتگي، نه شوڪت الفاظ نه رنگين عبارت؛ ائين پيو لڳندو هو ڄڻ ڪا مري ويل، زمانهءِ قديم جي زبان آهي، جنهن کي ماڻهو مجبوراً پيا ڇيڙاڙين ۽ جيئري رکڻ جي ڪوشش ڪن.

---

(١) شايد آنهن مالي مشڪلاتن سببان ڊاڪٽر صاحب رسالي جو ڇوٽون جلد شايع ڪرائي نه سگهيو.

اهو ئي سبب هو جنهن ڪري سنڌ جا پڙهيل لکيل ماڻهو سنڌيءَ کي رَنڊڻن ۽ تَنجڻن جي ٻولي سمجهي، گهرن اندر بند رکي، ٻاهريون ڪاروبار ۽ نوشت خواند فارسيءَ ۾ پيا هلائيندا هئا. پر ڊاڪٽر صاحب رسالي جو مقدمو ۽ اندر کي عشقيہ قصا ڪهاڻيون، پنهنجي نئين طرز ۾ لکي، هڪ انقلاب آندو ۽ هيءُ ثابت ڪيو تہ سنڌي هڪ مڪمل، رسيل، بي انتها وسيع ۽ زوردار زبان آهي، جيڪا هر ضرورت کي پورو ڪري سگهي ٿي. ڊاڪٽر سورلي، جنهن شاهہ صاحب عليہ الرحمة تي بعد ۾ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو، ان ڳالهہ جي تصديق، ڪراچيءَ ۾ هڪ ليڪچر جي وسيلي ڪئي، جنهن جي دوران ۾ هن ثابت ڪيو تہ سنڌس سالها سال جي تقابلي تحقيق مطابق، سنڌي ٻولي دنيا جي مڪمل ۽ وسيع ترين ٻولين مان هڪ آهي ۽ هن خصوصيت ۾ تہ، بلڪل نياري ۽ نرالي تہ: ”دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ڪوبہ اهڙو اُچار ڪونہ آهي، جيڪو پنهنجي اصلي صورت ۾ منجهس سمائجي يا ادا ٿي نہ سگهي.“ سندس چوڻ هو تہ اها خصوصيت ۽ ايتري وسعت دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪانہ آهي.

مگر سورلي بہ ان ميدان ۾ تڏهن آيو، جڏهن ڪر بخشائي اڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ تان پراڻي ڪفني لاهي، ڏوئي ڌوئي، سرخي ڪجل لائي، سندس لڪل خدوخال، حسن ۽ رعنائي چمڪائي چڪو هو.

* * *

پوئين زماني جي سياسي صورتحال ۽ علمي ماحول کيس بددل ۽ نااميد ڪري ڇڏيو هو. دوستن وٽ اچڻ وڃڻ جهڪو ڪري ڇڏيو هئائين، ليڪن پڙهڻ کي بہ پڙي ڏئي ويهي رهيو هو.

انهيءَ ني ذهني ڪوفت اندر سندس دل ٽٽي پئي، ۽ ١١ فبروري ١٩٤٧ع جو انتقال ڪري ويو.

پر سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ جوت جڳائي ويو- ڏونهي دُکائي ويو.

* * *

سندس تحرير جا ٻه-ٽي نمونا هن ڪتاب لاءِ برڪت جو باعث بڻبا- عشق لاءِ هيءَ اصول مقرر فرمائي ٿو:

”حقيقي عشق ڪا سَنهڙي ڳالهه نه آهي. سندس ڀيريون ٽي ڀيريون شرط آهي جان جُسي ۽ جيءَ جي هيڪاند پچڻ. سوري عاشق جو سينگار آهي، مَرڻ ۽ مُولڻ سندس لاءِ مِٺو آهي. الله ڪارڻ پنهنجو لِڱ ۽ لحم وڍڻ سندس مَرڪ آهي. عاشق جو ڪم آهي پنهنجو سُور سَکائون ڪري ٻه ساندڻ.

’سوريان جي سور جو ماڙهن ڏجي نه منجهه.‘

عاشق کي گهرجي ته سختين ۽ مصيبتن ۾ سنرو رهي، واڙيءَ ڦُل جيان پيو وِهسي. هيءَ ته هڪڙي سِيسي اٿس، پر جي ڪٽي سؤ سِيسيون هجنس، ته ٻه دوست جي هڪ دم ۾ برابر نه آهن.

مَٿُل مَهَنگو قطرو، سڪَڻ شهادت
اسان عبادَتَ، نظر ناز پرين جو-“

(صفحه ١٠٩-١١٠، جلد ڀيريون.)

عشق جي ڪَلورن ۽ عاشقن جي قربانين کي واضح ڪرڻ لاءِ نموني طور، منصور حلاج جو واقعو آندو اٿائين:

”منصور حلاج ته بايزيد بسطاميءَ کان ٻه لنگهائي ويو. هو ٽائين عيسوي صديءَ جي آخر ڌاري ڄائو هو ۽ ڇون ٿا ته ڪيتريون ئي ڪرامتون ۽ اچرج

ڏيکاريائين، مثلاً مُردن کي جيارڻ، هوا مان سون، گُلَ ڄهڻ وغيره. پاڻ کي کليو کلايو خدا سڏائي، اناالحق جو نعرو هڻڻ ۽ پنهنجن مريدن کي وري اکين نبين جا نالا ڪٽي ڏنائين. انهيءَ ڪفر جي گفتن ڪري، آخر سوريءَ تي سر ڏنائين.

چون ٿا ته جڏهن کيس پيرن ۾ نير وجهي، سوريءَ ڏانهن گهليندا پئي ويا، تڏهن هڪڙي درويش کانئس پڇيو ته 'عشق ڇا آهي؟' منصور ورائي ڏني ته 'اڄهين آڄ'، سڀاڻي ۽ پريهڻ ڪل پوندي ته، عشق ڇا آهي.' انهيءَ ئيو جو انهيءَ ڏينهن کيس قتل ڪيائون، آن جي سڀان تي سندس لاش باهه ۾ ساڙيائون ۽ ٻئين ڏينهن سندس رَک هوا ۾ اڏائي ڇڏي ڪيائون.

سندس مطلب هو ته الاهي عشق مان اهڙوئي نتيجو نڪرندو. سوريءَ ڏانهن سُورهين وانگر وهندو پئي ويو، ته ڪنهن پڇيس ته 'هي منصورا هيءَ ڪهڙي عجيب قسم جي روش آهي؟' جواب ۾ چيائين ته 'سچي بادشاهه جي حضور ۾ وڃڻ جي اهائي روش آهي.' جڏهن سوريءَ وٽ اچي پهتو، تڏهن سندس مريدن مان ڪن عرض ڪيس ته 'اسانجي ۽ پنهنجن دشمنن جي حق ۾ ڇا چوڻو اٿيئي؟' فرمايائين ته 'منهنجن دشمنن کي ڏهرا دان ملندا ۽ اوهان کي هيڪوڻا، ڇو ته توهان کي فقط مون لاءِ نيي حُسن ظني آهي، پر هنن کي نه فقط خدا جي وحدانيت جو خيال آهي، مگر شريعت لاءِ پڻ عزت آهي. شريعت ۾ خدا جي وحدانيت پهريون اصول آهي ۽ حُسن ظني، فقط فرع آهي.' سندس دوستن منجهان شبليءَ واڪو ڪري چيس ته 'اي

منصورا تصوف ڇا آهي؟“ منصور وراڻي ڏني ته ’جيڪي اکين سان پيو ڏسين، سو ته تصوف جو رڳو هڪ خسيس جزو آهي.‘ تنهن تي شبليءَ پڇيو ته ’تڏهن ان جو اعليٰ جزو ڪهڙو آهي؟‘ منصور جواب ڏنو ته ’اهو تنهنجي پهچ کان ٻاهر آهي.‘

پوءِ سڀئي مٿس پٿرن جا وسڪارا ڪرڻ لڳا. شبليءَ به ٻين سان شامل ٿي، منصور کي هڪ ننڍو پٿر هنيو، انهيءَ تي منصور کان رڙ نڪري ويئي. هڪڙي ڄڻي پڪاري چيو ته ’ڇا! پٿرن جي وسڪاري تي ٻڙڪ به ڪين ڪڇيءَ ۽ هاڻ هڪ ننڍي پٿري لڳڻ ڪري هيڏي دانهن ڪئي آٿي؟“ منصور وراڻي ڏني ته ”ماڻهن کي خبر نٿي پوي ته ڇا ٿا ڪن، جنهن جي ڪري مٿن ميار نه آهي؛ مگر شبلي، جو خود صوفي ۽ معرفت شناس آهي، سو جيڪڏهن اهڙي هلت ڪري ته وڏي ڏک جي ڳالهه آهي.“

جڏهن سندس هٿ وڍي ڌمٽا ڪيائون، تڏهن مشڪي چيائين ته ’هينءَ ٻانديءَ جا هٿ ڪپڻ آسان آهي؛ مگر آهي بند، جن مون کي حق سان ٻڌي ڇڏيو آهي، تن کي ڪپڻ ڪٺن آهي.‘ پوءِ سندس ٻئي پير به وڍي ڌٽا ڪيائون. وري به مشڪي چيائين ته ’هنن پيرن سان آءٌ هن دنيا جون مسافريون ڪندو هوس، پر انهن پيرن کان سواءِ مون وٽ ٻيا به پير آهن، جن سان آءٌ ٻنهي جهانن جو سير ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن اوهان ۾ سمرٿي آهي ته انهن پيرن کي به وڍيو.‘ ان بعد پنهنجي رت ۾ رتل ڪراين سان، پنهنجا ڳل ۽ ٻانهون ڳاڙهيون ڪيائين. ڪنهن پڇيس ته ”ائين ڇو ٿو ڪرين؟“ جواب ڏنائين ته ’تمام گهڻو رت ڇڏيو اٿم،

جنهن ڪري مُنهن زرد ٿي ويو اٿم ۽ مٿان ماڻهو پاڻين ته مُنهن جي زردائي خوف وچان آهي، تنهن جي ڪري ڳلن کي ڳاڙهو ڪيم.“ وري پڇيائونس ته ”پلا پانهون ڇو ڳاڙهيون ڪيئي؟“ جواب ڏنائين ته ”عشق جو وضو رت سان ٿي ڪرڻ جڳائي.“ پوءِ سندس اکيون ڪڍيائون. انهيءَ تي ماڻهن جي مجموعي ۾ غلغلو پيدا ٿيو. ڪي زار زار روئڻ لڳا، ته ڪي وري مٿس نئين سر پٿر اڇلائڻ لڳا. جڏهن سندس زبان ڪپڻ تي هئا، تڏهن پڪاري چيائين ته ”ذرا صبر ڪريو، مون کي ڪي چوڻو آهي.“ پوءِ آسمان ڏي مُنهن ڪري چيائين ته ”يا خدا، هنن ايذائن ۽ عقوبتن جي صدقي هنن ماڻهن تي رحم ڪر، ڏس ته ڪيئن نه آءٌ هن سوريءَ تي تنهنجو مشاهدو پيو ماڻيان.“ ان کان پوءِ سندس زبان وڍي ڦٽي ڪيائون، ۽ منصور مشڪيو. نماشام جو وقت هو، جڏهن سندس سِر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.

منصور حلاج، اناالحق جو نعرو هنيو، پر سندس پوين اناالحق جو نغارو وڄايو، ۽ تصوف ڦري نيج عشق ۽ عرفان جو مَت بڻجي پيو.“

(ص ٦٤ کان ٦٨، جلد پهريون)

* * *

ڊاڪٽر صاحب ”حُبّ الوطني“ جي اهميت کي خاص طور سان نمايان ڪرڻ لاءِ، مارئيءَ جي ڪهاڻي اهڙي انداز ۾ پيش ڪئي آهي، جو پڙهيو، هڪ وار ته وطن فروش کان وطن فروش ماڻهوءَ جي دل به آڌمن ڪائڻ تي پٺي آماده ٿئي. مثال طور هيءُ ٽڪرو ملاحظه ڪيو:

”(مارئي) اتر لڳي کوهه تان ڪِجي آئي هئي، مٿان اچي واهوندا وريا. مارن جون مُنڊ مُنڊ جون هاجون ياد ڪري، هنجون پيئي هاريندي هئي. سندس ورلاپ ٻڌي، واڳهڙو به اکين مان آب ٻيا آڻيندا هئا. جي سانپيڙا اچي مار لهنس ها، ته ٻندي ٻند نه ماري ها.

هاڻي اچي سيئهن جي موسم ٿي آهي. مارو مال ڪاهي، ڏُين ٻڻين پکڙجي ويا آهن. هرڪو پنهنجي هاج ڪم ۾ ٿيي پورو آهي. مارئيءَ جو محلن ۾ هينئون پيو مُنجهي. نااميدي ۽ نراسائي وڪوڙي ويئي اٿس. ڪٿي ڪَسي ليڙون ليڙ ٿي وئي اٿس. چڳن ۾ چيڙهه پئجي ويا اٿس. دل ۾ جا درد جي ڏُونهين پيئي دُکيس، تنهن هٿي منهن ميرو ڪري وڌو اٿس. ڪاڏو پيتو ڇڏي ڏنو اٿس ۽ مرڻ وهيٺي اچي ٿي آهي. سو عمر کي سڏائي، کيس ٻاڌائي چوي ٿي ته جيڪڏهن آءٌ ته آجائيءَ جو ڏينهن نه ڏٺم، هاڻي وطن لاءِ واجهائيندي، جي هت مري وڃان، ته مهر ڪري، منهنجو مڙهه ملير روانو ڪج، ۽ دفن ڪفن وير، مر ۽ لوبان جي ٻدران، ان کي منهنجي ڏاڏاڻي ڏيهه جي ولين جو واس ڏج.[1] ائين چئي ساڻي ٿي ڪري پيئي.

مارئيءَ کي هل هلان ۾ ڏسي، عمر جي دل آئلي آئي، سو هڪدم سندس ٻند خلاص ڪيائين. هڪ واري وري ٻه کيس وينتي ڪري چيائين ته:

در، دروازا، دريون، هاڻي هيتي هو،
ڪوڙئين اڏيان ڪيترا، تنبو مٿان تو،
جي مُل نه آيا، مارئي! تنين رڙ م رو،
ڪوڪٽ آهي ڪو، ٻُسي ٻنهوارن ۾.

مارئي وراڻي ڏني تہ:

سڱهين َ سڱي سيبيو، مون ماروءَ سين ساهہ،
وڃي ساريان سومرا! گولاڙا ۽ گاهہ،
هنيون منهنجو هُتِ ٿيو، هيتِ مينڍي ۽ ماهہ،
پکن منجھہ پساهُہ، قاليب رهي ڪوٽ ۾.

پيرزادو عبدالستار مرحوم

مولا مغفرت ڪريس، سنڌ جي مهذب ڪان مهذب سپوتن مان هڪ هو. سکر جي پيرزاده خاندان جو فرد هو. ولايت مان بئريسٽري پاس ڪري اچي سنڌ جي سياست ۾ گهڙيو. سکر ميونسپالٽيءَ جي وائس پريزيڊنٽيءَ کان هلي مرڪز جي وزارت تائين پهتو. وچ ۾ ذري گهٽ ٻہ سال سنڌ جو وزير اعليٰ ۽ بعد ۾ اڍائي-ٽي سال ڪن ون يونٽ جو ۾ وزير ٿي رهيو. وزارتي دؤر ختم ڪرڻ کان پوءِ پڇاڙيءَ وڪالت ڪندو رهيو. ١٩٧٠ع وارين چونڊن ۾ هنجي سکر جي تڪ مان اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بيٺو، ۽ تڪ جي ماڻهن ووٽ ڪونہ ڏنس. سنڌين جي بي قدرين جو(١)، آخر عمر ۾ ڏک سهڻو پيس. حالانڪ نہ فقط سنڌ سان سندس محبت مثالي هئي، ۽ ذاتي ڪمال جي خيال کان ۾ سندس وجود دنيا جي ڪنهن بہ وڏي ۾ وڏي بين الاقوامي اسيمبليءَ لاءِ سينگار جي سبب بڻجڻ جو اهل هو. آئيني خواه قانوني مسئلن جون موشگافيون ڪرڻ ڪو ڪانئس

(١) پيرزادي مرحوم کي سنڌي ساراهيندا رهيا هئا تہ هُن ون يونٽ جي مخالفت ڪري پنهنجي وزارت اعليٰ قربان ڪري ڇڏي هئي. ۽ ١٩٧٠ع ۾ جڏهن سندن شڪرگذاري جي امتحان يعني ووٽن ڏيڻ جو وقت آيو تہ ساڳي پيرزادي صاحب کي ڪيرائي ڇڏيائون. اهڙوئي حال جناب جي.ايم. سيد صاحب جو بہ ڪيائون.

سڪي ها. تقرير سان تدبير جو امتزاج ۽ ڏاهي جذبات کي ٺيٺ منطق جو مزاج بخشڻ سندس حاضر دماغي ۽ ذهانت جا ادنيٰ عمل هوندا هئا. سچ ته سنڌ کي پيرزادي جهڙو وزير اعليٰ وري نصيب ڪونه ٿيو. سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب جي سچائپ هئس، تنهنڪري انهن سان الفت. پڻائي گهوٽ جو عاشق هو. سندس تعليمات کي عام ڪرڻ جي خيال سان شاهه لطيف سيمنر قائم ڪرايائين، جنهن لاءِ ڪشاده دليءَ سان پئسا فراهم ڪيائين. شاهه جو ڪلام ٻڌندو هو ته بيقرار ٿي ويندو هو. نارو ٻڪٽ تار ڇيڙيندو هو ته پاڻ به ڪرسيءَ تان لهي، پٽ تي پلٿي ماري، ڪن تي هٿ رکي پڪارڻ لڳندو هو:

ڪتم ڪينڪي ڇا ٻڌايان؟
......ڪات قريبن جي هٿ ۾......

راڳ جي فن جو ڄاڻو هو. خود به خوش گلو هو. اهل دل هو. ٻانيان ٿو ته مجاز جي به ڪڏهن ڪا ڇُنڪي چڪيل هو. استاد منظور علي خان جو راڳ پسند هئس. استاد، شاهه صاحب جي ڪافي:

آءٌ ڪيئن آڻن وڃان...ڙي پير
ڇرخو ڇيو منهنجو نا ڪري.

آلاپيندو هو ته سندس حال ڏسڻ وٽان هوندو هو. بي درد ۽ ٺڪر سياستدانن جا اهي آهڃاڻ نه ٿيندا آهن.

بنيادي طرح رحم دل ۽ مٺي مزاج جو انسان هو. جنهن زماني ۾ آءٌ سندس ڪابينه جو وزير هئس، ڦاسيءَ جي سزايافته قيدين جي رحم جون درخواستون وٽس ايندڀون رهنديون هيون. کيس معلوم هو ته آءٌ موت جي سزا کي حيواني فعل سمجهندڙ هئس. منهنجو نظريو هو ته قتل جون وارداتون ماڻهو تڏهن ڪن ٿا، جڏهن هو ڪنهن وقتي اشتعال هيٺ اچي دماغي توازن وڃائي ويٺل آهن. ڪن ملڪن ۾

اهڙيءَ دماغي ڪيفيت کي Temporary Fit of Insanity سان تعبير ڪيو ويو آهي. برعڪس ان جي، سالم دماغ رکندي، ڪنهن انسان کي ڦاسيءَ جي ڦندي سان ڪُهٽا ڏيئي مارڻ ۽ سندس سڄي اهل عيال کي هميشه لاءِ روح رازي ۾ مبتلا ڪري ڇڏڻ زيادتي ٿئي ٿي، جنهن جو نتيجو هيءُ ٿو نڪري سگهي ته ڏرين جي وچ ۾ انتقامي خونريزيءَ جو هڪ لامنتهائي سلسلو شروع ٿي وڃي، جنهن سان مجموعي طرح سوسائٽي کي نقصان ئي نقصان رسندو رهي. اهوئي سبب هو جنهنڪري قانون ۾ هرهنڌ هيءَ گنجائش هوندي هئي ته عدالتن جي فتوائن ملڻ کان پوءِ به، آخري منزل تي حاڪم اعليٰ کي اختيار هو ته هو مختلف حالتن ۽ سوسائٽي جي عام ڀلي جي تقاضائن کي تڪ تورڻ کان پوءِ جيڪڏهن مناسب سمجهي ته موت جي سزا ۾ ڦيرڦار ڪري يا مورڳو رد ڪري ڇڏي. ۽ اهوئي ڪارڻ هو، جو رحم جون درخواستون ڏينديون رهيون ٿي ۽ گهڻا اوقات عدالتن جي فيصلن ۾ وقت جا حاڪم اعليٰ مناسب ڦيرڦار ڪندا رهيا ٿي. برصغير جي ڪيترين ديسي رياستن ۾ موت جي سزا بند هوندي ٿي ڪانه هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ خود اسانجين ڪيترين نوابي رياستن ۾ ڦاسي ڪانه هوندي هئي. بلوچستان ۾ قبائلي خونن جا معاملا قبائلي جرگن ۾ ويندا هئا، جت 'خون بها' جي اصول تي فيصلا ڏيندا هئا، موت جي سزا جو سوال ئي ڪونه هوندو هو. جوبليءَ، جشنن ۽ خاص تقريبن (١) جهڙي موقعن تي به حڪومتون عام جام موت جون سزائون معاف ڪنديون رهنديون هيون. ان اهڙانڌ عفو ۽ رحم جو اصول

(١) پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ١٩٥٦ع واري آئين جي تقريب جي موقعي تي ساري پاڪستان اندر پنجن سون موت جي سزايافته مجرمن کي ڦاسيءَ جي سزا معاف ڪئي ويئي هئي، اهو فيصلو مرڪزي ڪابينه جي هڪ خاص ڪميٽيءَ ڪيو هو، جنهن جو چيئرمن آءٌ پاڻ هوس،

۾ رحيم ۽ رحمان جي مخلوق جي پيش نظر رهندو هو. جنهن علائقي ۾ ڀهراڙيءَ تي وڏيرڪو راڄ هجي، هرهنڌ شديد پارٽي بازي هجي، پوليس جو حال معلوم هجي ۽ ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ ۽ ڪوڙيون شاهديون ۽ ثابتيون جوڙڻ هڪ معزز انڊسٽري سمجهيو ويندو هجي، اتي حڪومت لاءِ نظرثانيءَ جي اختيار کي استعمال ڪرڻ لازمي هجڻ گهرجي.

تنهنڪري انهن ۽ پنهنجي اصولي ڳالهين کي مد نظر رکندي، مون طئي ڪري ڇڏيو هو ته آءٌ حتي‌الوسع ڪوشش ڪندو رهندس ته جيستائين آءٌ ڪنهن به وزارت سان وابسته هوندس ته موت جي سزا جي مخالفت ڪندو رهندس.

١٩٥٣ع ۾ پيرزادي صاحب سنڌ جي وزارت ٺاهي ۽ مون کي ان ۾ شامل ٿيڻو پيو ته مون ڪيس ڪليل اکرن ۾ ڀهرئين ڏينهن ئي پنهنجي اها پاليسي ٻڌائي ڇڏي. مون چيس ته ”قانون ۽ لا اينڊ آرڊر جو وزير ڀل پاڻ رهي، مگر موت جي سزا جا فيصلا سڄي ڪابينه اڳيان آڻڻا پوندس، جت آءٌ پنهنجي اصولن پٽاندڙ موت جي سزا جي مخالفت پيو ڪندس.“

پاڻ ڪيلي، پاڪر پائي چيائين ”خدا تنهنجو ڀلو ڪري، آءٌ به اهو ئي گهران ٿو، تنهن ڪري اهڙا فائيل ڪابينه اڳيان رکڻ بدران توڏانهن پيو ٽرانسفر ڪندس ۽ توکي جيئن وڻي، انهن جو نيڪال ڪندو رهج. انهن معاملن ۾ منهنجي پاران توکي اختيار سونپيل هوندو.“

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ، هڪ شام، پاڻ منهنجي گهر لنگهي آيو. چار فائيل ساڻ هئس. جيڪب‌آباد جي چئن ڪيسن ۾ جوابدارن کي ڦاسيءَ جي سزا آيل هئي، جن جي رحم جون درخواستون انهن فائيلن ۾ هيون. ٻن ڏينهن ڪان پوءِ ڪين ڦاسيءَ تي چڙهڻو هو. اپيلون اپيلون فيڊرل ڪورٽ تائين رد ٿي چڪيون هيون.

فائيلن ڪي منهنجي حوالي ڪندي چيائين ته ”اڄ رات جو پڙهي، صبح تائين آرڊر لکي هوم سيڪريٽريءَ ڏانهن موڪلجانءِ، ورنه هي ماڻهو ڦاهيءَ تي چڙهي ويندا. پر فيصلا اهڙا لکجانءِ جو جيڪڏهن سڀاڻي انهن جي بنياد تي اسان جي خلاف ڪا پروڊا جي ڪارروائي ٿئي ته ان جو جواب اڳ ۾ ئي موجود هجي. پروڊا جي تلوار اسان تي هر گهڙيءَ لڙڪندي رهي ٿي، دوست دشمن ۽ نيتن تي حملي ڪرڻ وارا گهڻا پيا آهن. هاءِ ڪورٽ ۽ فيڊرل ڪورٽ جي فتوائن ڪي ڦيرائڻو آهي، پوري خيال سان دماغ هلائجانءِ.“

وچ وقت تاڪيد ڪيائين ته ”رات جو سمهڻ کان اڳ فيصلا لکي پورا ڪجانءِ، رات جاڳڻو پوَنئي ته به جاڳجانءِ. حياتيءَ تي اعتبار ڪونه آهي، خدا ڄاڻي سڀاڻي تائين جيئرا به هجون يا نه، دم جو سوڻو نه آهي. ڪا ڪوتاهي رهجي وئي يا حادثو ٿي پيو ته چار ماڻهو لنگهي ويندا.“

اها هدايت وڏي جذبي منجهان ڪيائين، جنهن جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيو. مون انهيءَ گهڙي ئي فائيلن ۽ ڪورٽن جي فتوائن جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو. سڄي رات جاڳي، صبح جي ڇهين بجي تائين فيصلا لکي پورا ڪيم. سٺين بجي فائيل پاڻ کڻي وڃي نياز احمد مرحوم سيڪريٽريءَ جي هٿ ۾ ڏنم ۽ ڪيس تاڪيد ڪيم ته هن گهڙيءَ ئي واسطيدار جيلن کي اطلاع پهچائي ته رحم جون درخواستون منظور ٿي ويون آهن، تنهن ڪري ڦاسيءَ جي سزا ڏيڻ ۾ نه اچي. نوين بجي آفيسون کليون، پهريون ٽيليفون پيرزادي صاحب وٽان آيو، پڇيائين ته ”فائيلن جو ڇا ٿيو؟“ مون سڄي ڪارگذاري ٻڌايس. خوش ٿي چيائين ته: ”پوءِ اڄ منجهند جي ماني گڏجي کائينداسين. رحم جي درخواستن تي ڪهل فيصلن

جون ڪاربان ڪاپيون ساڻ ڪنيو اچجانءِ ته اسان به پڙهي مزو وٺي ڏسنداسين.“

اها هئي پيرزادي عبدالستار مرحوم جي رحمدليءَ جي ڪيفيت.

* * *

ڪيس آباد ڪار ڪرڻ جي بهبود جو خاص فڪر رهندو هو. پنهنجي زماني ۾ ڪوٽڙي براج جي تڪميل تي خاص توجه ڏنائين. اپر سنڌ ۾ گڊو براج جو بنياد وڌائين. ڪوٽڙيءَ جي علائقي ۾ شاهه اوبس پمپنگ پلانٽ وجهرايائين. غرض، انهن ٽن اسڪيمن ڪري ست لک ايڪڙ اراضيءَ لاءِ دائمي پاڻيءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيائين.

حقيقت هيءَ آهي ته اڄ انهن ٽين براجن ٺهرائڻ جي فائدي ۾ ڪونه هوس. منهنجو خيال هو ته ملڪي پيداوار جا ذريعا اوترو قدر وڌائبا ۽ ڪولبا وڃن، جيترو قدر مقامي آدمشماريءَ ۾ واڌارو ٿيندو وڃي، پر پيرزاده صاحب جو موقف هو ته اسان جو علائقو سنڌو درياهه جي چوڙ تي آهي، ڪنهن وقت پاڻيءَ جي تقسيم تي وڏي لٽ لڳڻي آهي، تنهن ڪري اڳواٽ براجون ٺهرائي، جيڪو ٿورو گهڻو پاڻي اسان جي حصي ۾ اچي، تنهن کي پوريءَ طرح استعمال ڪرڻ جو پيشگي انتظام رکڻ گهرجي، جيئن آهو اجايو سمنڊ ۾ وهي نه وڃي.

* * *

١٩٥٣ع ۾ گورنر جنرل غلام محمد مرحوم خواجه ناظم الدين مرحوم کي وزارت عظمىٰ مان ڪڍي، محمد علي بوگري مرحوم کي آندو هو. ١٩٥٤ع جي وچ ڌاري محمد علي بوگري کي به خطرو محسوس ٿيو ته غلام محمد مرحوم شايد ڪنهن وقت کيس به ڊسمس ڪري ڇڏيندو، تنهن ڪري هن مرڪزي

اسيمبليءَ ۾ پنهنجو گروپ ٺاهي، اتان اوچتو ئي اوچتو هڪ بل پاس ڪرايو، جنهن هيٺ گورنر جنرل جا ضررناڪ اختيارات کسيا ويا. غلام محمد مرحوم کي ان گستاخي (يا شب خوني) تي سخت ڀاهه وٺي وئي ۽ هو بوگري ۽ سندس ساري گروپ کان انتقام وٺڻ جا پهه پچائڻ لڳو. ورندڙ آڪٽوبر تائين هن جنرل ايوب خان کي پاڻ سان ملائي، بوگري کي اهڙيءَ طرح سوڙهو ڄهليو جو بوگري کي پنهنجن هٿن سان ساريءَ مرڪزي اسيمبليءَ کي ٽوڙڻو ۽ سندس گروپ جا جيڪي ماڻهو مرڪزي وزارت يا مختلف صوبائي وزارتن ۾ برسر اقتدار هئا، تن کي پنهنجي ئي قلم سان قتلام ڪرڻو پيو.

بدقسمتيءَ سان پيرزادو صاحب به بوگري صاحب جي گروپ سان وابسته هو(١)، تنهن ڪري هو به انهيءَ چڪر ۾ غلام محمد جي غصي جو شڪار بڻجي ڊسمس ٿي ويهي رهيو. اهو حادثو شروع نومبر ١٩٥٤ع ۾ وقوع پذير ٿيو. ڪاش، پيرزادي صاحب جهڙو دورانديش مدبر انهن ٻن بلائن جي جهيڙي ۾ ڪُڏي نه پيو هجي ها. ڪيس احساس هجڻ گهرجي هو ته ''وڙهندا سانهن، لتاڙبا ٻوڙا.''

* * *

پر ان کان اڳ، شروع ١٩٥٤ع ۾، آءٌ پيرزادي مرحوم جي وزارت مان نڪري چڪو هوس. هڪ معمولي انتظامي ڳالهه تي اسان ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا هئا – هڪ پوليس ڪمانيءَ، پنهنجي کاتي جي وزير قاضي محمد اڪبر مرحوم سان توهين آميز سلوڪ ڪيو هو. مون بطور سينئر وزير جي، قاضي محمد اڪبر جي طرفداري ڪندي، چيف منسٽر پيرزادي

(١) بطور مرڪزي اسيمبليءَ جي ميمبر جي، پيرزادو صاحب، گورنر جنرل جي اختيارات کسائڻ واري بل جي باري ۾ کليو کلايو گورنر جنرل جي مخالفت ۾ لمايان حصو وٺي چڪو هو.

صاحب کان تقاضا ڪئي تہ ان ڪمائيءَ جي خلاف جوڳي ڪاروائي ڪئي وڃي. پيرزادي صاحب منهنجي اها ڳالهہ ڪان ڌري، جنهن تي سمورن وزيرن (سواءِ هڪ جي) سڌي خود پيرزادي صاحب کان استعفا جي گهُر ڪئي. پيرزادي صاحب پاڻ استعفا ڏيڻ بدران محمد علي بوگري مرحوم پرائيم منسٽر کان حڪم ڪرائي مون کي ۽ ٻن ٻين وزيرن کي ڊسمس ڪرائي ڇڏيو. شروع ۾ اسان پنج ئي وزير پيرزادي جي خلاف هئاسون، پر ڊسمس جي ڊپ کان ٻچاڙيءَ ۾ اسان مان ٻہ وزير ڦرتي کائي، اسان کي ڇڏي، وڃي پيرزادي صاحب سان شامل ٿيا هئا.

پيرزادي مرحوم اسان جي خالي ڪيل جاين تي نوان نو (٩) وزير کڻي ڪُل ٻارهن وزيرن تي مشتمل وزارت ٺاهي، پر ان هوندي بہ، آخر سال تائين سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي پنهنجي حق ۾ اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري نہ سگهيو، ڇو تہ اسان جو گروپ اسان جي وزارتن مان نڪرڻ کان پوءِ بہ اسان سان وفاداريءَ ۾ ثابت قدم رهيو هو ۽ اسيمبليءَ ۾ ان جي ميجارٽي هئي.

نومبر ١٩٥٤ع ۾ پيرزادو صاحب، غلام محمد مرحوم ۽ بوگري مرحوم جي جهيڙي ڪري، خود پنهنجي دوست ۽ سرپرست بوگري هٿان ڊسمس ٿيو تہ مان موٽي وزارت ۾ آيس.

*　　*　　*

هاڻ تہ اهو قصو ئي ختم ٿي ويو، پر منهنجي دل ۾ هيءُ احساس رهجي ويو تہ توڙي جو پيرزادي صاحب نوڪرشاهيءَ جي هڪ ماڻهوءَ جي طرفداري ڪندي، اسان وزيرن کي ڪلهہ هاب بڻايو هو، تنهن هوندي بہ اسان کي، خاص طرح مون کي، پيرزادي صاحب جهڙي ملي ماڻهوءَ جي خلاف انتهائي انتقامي قدم نہ کڻڻ کپندو هو. پوليس

ڪمائيءَ کي لکڪوسار ڪرڻ لاءِ پيا آهن ۽ ٿي سگهيا ٿي، پر امان شروع ۾ ئي تڪرائي ڪري پيرزادي صاحب جي پگ ۾ هٿ وجهي ويهي رهيا هئاسين، جا ڳالهه نامناسب هئي.

ان شرمندگيءَ جو احساس مون کي سالن جا سال ستائيندو رهيو. ۱۹۵۷ع ۾ آءٌ ملڪ کان ٻاهر فلپائن هليو ويس، جنهنڪري مون کي پيرزادي صاحب سان ملي ڪانئس روبرو معافي وٺڻ جو موقعو ملي ڪونه سگهيو. ٻن سالن کان پوءِ جناب ذوالفقارعلي ڀٽو فلپائن آيو ته مون مٿس اهو ٻار رکيو ته هو صاحب پيرزادي صاحب وٽ وڃي ڪانئس منهنجي پاران، انتهائي اجاجت سان معافي وٺي، ۽ شرمندگيءَ جو اظهار ڪري. ڀٽي صاحب مهرباني ڪري اهو نياپو پيرزادي صاحب تائين پهچايو. آءٌ جڏهن موٽي ملڪ آيس ۽ سندس حاضري ڏنم ته محسوس ٿيم ته هو مون کي معافي ڏئي چڪو هو. شال الله تعاليٰ جون مٿس رحمتون هجن. جنهن شخص ٻاڻ ڪڏهن ڪنهن جي دل نه ڏکوئي هئي، تنهن جي دل ڏکوئڻ وڏو گناهه جو ڪم هو، جيڪو مون کان سرزد ٿي چڪو هو- پر ڏڏي ٿئين ڪانه ٻوٽي هئي.

البته اهو سبق سکي ويس ته دوستي ۾ انسان ڀل ڪيتريءَ حد تائين به وڃي ته جائز آهي، پر دشمنيءَ ۽ مخالفت ۾ مياڻ روي ۽ اعتدال جو هجڻ شرافت جو نشان آهي.

* * *

صورت جي سوهڻو، بدن جي ڀيهڪ ۽ چهري جي چمڪ ۾ پيرزادو مرحوم پنهنجو مثال پاڻ هو، سندس ثاني، گهٽ ۾ گهٽ، سنڌ جي سياسي ماڻهن ۾ ته ڪونه هو. لباس جهڙو به پهريندو هو سو پيو سونهندو هوس. اڪثر انگريزي

سونت زيب تن ڪندو هو. آواز ۾ هڪ خاص قسم جي جهٽاڻ يا موسيقي هوندي هئس. گفتگو ونڊڻ، تقرير مدبرانه، تحرير فاضلانه. ڪيس ڏسي ۽ ٻڌي آسٽرين ايمپائر جي ناميَاري چانسلر ميٽرنڪ(۱) (Metternich) جو تصور تازو ٿي ويندو هو. مشابهت ٻنهي ۾ گهڻي هئي: ڪو فرق هو ته هي ته هڪ ترقي يافته ۽ قدرشناس ملڪ جي پيداوار هو ۽ پيو سنڌ جي سٽيج جي، هڪ کي يورپ جي آزاد اسٽيج تي چمڪڻ جو موقعو ميسر ٿيو، ٻئي کي ساري ڄمار هن گوندر ۾ گذارڻي پئي ته ڪيئن پنهنجي آبروءَ کي پنهنجن ۽ پراون رقيبن ۽ رهزنن جي راتاهن کان بچائي.

ما و مجنون هم سبق بوديم در ديوان عشق،
او به صحرا رفت ما در کوچها رسوا شديم.

دين محمد عليگ مرحوم

شڪارپور لڳ لکيءَ جي مردم خيز ڪوٽ ۾ ڄائو، پر گهڻي ڄمار ڪراچيءَ ۾ رهي، سنڌ جي خدمت ڪندي، صرف ڪري ڇڏيائين. الوحيد اخبار ۽ پريس جو مئنيجر هو. ٽڪ ۾، ڏڪ ۾، پورا ۳۳ سال اهو چرخو چورپائين. هميشه پس پرده رهيو، نه ڏيک ۽ ويک جو قائل، نه مال ۽ زر ڏانهن مائل، زندگيءَ جو اڪيلو مقصد الوحيد کي زنده رکڻ جو هوس ۽ ان جي پوئواري ڪندي عمر جو خزانو لٽائي ويهي رهيو.

الوحيد جي مئنيجري ”سٽيج تي سڪندرو“ هوندي هئي. نه ڪنهن سرمايه دار جي سرپرستي، نه سرڪاري يا واپاري

---

(۱) شروع اڻويهين صديءَ جي يورپي تاريخ ان مدبر جي ڪمالات جي ذڪر سان پراوور آهي.

اشتهارن جي آمدني، نه پريس کي ڇپائي جي ڪمائي. آني پرچو وڪامندو هو، ان آنڪيءَ جي آڌار تي ڪراچي جهڙي خرچائو شهر مان مسلمانن جي روزانه اخبار هلائڻي پيس ٿي! ۽ ٣٣ سال هلايائين! ۽ اهڙيءَ حالت ۾ هلايائين، جو پل سرڪار هزارن جون ڏهازئون ڀرائيندي وتي يا ايڊيٽرن کي هڪ ٻئي پٺيان جيل اماڻيندي رهي، نه اخبار بند ٿيندي، نه اخبار جي پاليسي بدلبي - اهو ميان دين محمد عليگ جو اعجاز هوندو هو.

ظاهري طرح ميان جي منهن ڏٺي ائين معلوم ٿيندو هو ته ڄڻ ساريءَ دنيا تي ڪاوڙيو ويٺو آهي يا ٻن ٽن ڏينهن کان ماني‌ءَ کان محروم رهيو آهي، پر ان صورت پٺيان هڪ دل آويز سيرت هوندي هئي، جيڪا هر ملاقاتيءَ کي منٽن اندر مسحور ڪري ڇڏيندي هئي. مون کيس مُرڪندي صرف هڪ دفعي ڏٺو: ڪمپازيٽرن کي پگهارون ڏئي ڪونه سگهيو هو، ڪمپازيٽر ۽ پريس مين صبح کان ڪم ڇڏيون پريس جي دروازي تي هجوم ڪيون ويٺا هئا. ان گهڙيءَ ميان دين محمد اچي پريس ۾ پرگهٽ ٿيو، هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي، مشڪندي منهن مان ورڪرن کان پڇيائين: "اڙي! ڇو ويٺا آهيو؟" منجهان هڪ ورنيو، ڇي: "صبح جي چانهه پاڻيءَ لاءِ به پيسو ڪونه آهي." دين محمد کلندي چيو: "ڇڏيو لڄائي، وڃي ڪم تي چڙهو." ورڪرن هڪ ٻئي جو منهن تڪيندي موٽي وڃي پنهنجي پنهنجي ڪم کي ورتو.

ورڪرن جو منجهس ڀروسو هو. کين يقين هو ته وس پڄندي دين محمد کين تڪليف ڏيڻ ڪونه گهرندو، هن وقت لاچار ٿي پيو هوندو ۽ لاچار جو ولس آچار ڪونه هوندو. ڏهين ٻجي ڌاري ٽپاليءَ آڻي مني آرڊرن جي رقم ڏنس، جيڪا هن ورڪرن کي گهرائي هڪدم منجهن ورهائي ڇڏي. پاڻ وٽ فقط ٻه آنا رکيائين، جنهن مان ٻه پياليون چانهه جون

گهرائي، هڪ منهنجي اڪيان رکيائين ۽ ٻي پاڻ پيتائين. انهن ڏينهن ۾ چانهه فروش ڪيٽليون کنيون رستن تي پيا گهمندا هئا ۽ آني پيالي پياريندا هئا.

غرض، سڄي جواني ان قلندري جي ڪيفيت ۾ گذاري ڇڏيائين. هڪ ڪُل قومي اداري کي قائم رکڻ وڏي ڳالهه هئي، جيڪا فقط ميان دين محمد کان ئي پڄي سگهي.

قاضي خدا بخش موراڻي مرحوم

الوحيد دور جو هڪ ٻيو يادگار مرحوم قاضي خدا بخش هو. ڏاڍو سنجيدو، ڏاڍو پروقار، ڏاڍو روشن دماغ، ڏاڍو مخلص مسلمان هو. موري ضلعي نواب شاهه جي هڪ قديمي علمي خاندان جو گوهر گرانمايه هو. ڪراچي، عليگڙهه، ميرٽ مان علم پرائي، بي-اي، ايل-ايل-بي جي ڊگري وٺي اچي ڪراچي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ان وچ ۾ مولانا محمد علي جوهر مرحوم جي ساٿ ۾ رهي سياست جي پيڪ پي ورتي هئائين.

ڪراچي پهچڻ بعد ڪائيندو پنهنجي وڪالت جي ڪمائي هو، پر ڪافي عرصي تائين، خدمت ڪندو رهيو، الوحيد جي ذريعي، سنڌ جي مسلمانن جي. الوحيد جو ايڊيٽر ٿيو، الوحيد سان گڏ ساڳئي اداري جو هفتہ وار انگريزي پرچو ”مسلم ايڊوڪيٽ“ به ايڊٽ ڪندو رهيو. سنڌي خواهه انگريزي زبان ۾ سندس تحريرون پڙهڻ وٽان هونديون هيون- مدلل، انگن اکرن سان مزين، عبارت شستہ، انداز مدبرانہ.

ٻارهن مهينا جيل ۾ ڪاٽيائين، الزام ”بغاوت“ جو، شاهد، مشهود، منصف سڀ ملڪي پينوڙي ۽ سرڪاري ٽُڪر جا ڪينا ڪيئان. ستم بالائي ستم، قاضي صاحب لاءِ ڪراچي جو سينٽرل جيل ناڪافي سمجهي، ڪيس ”ٽاني پون“ بو-ٺي ۽

قاضي خدا بخش موراني

جي قيد خاني ۾ وجي بند ڪيائون ۽ آت سزا جو ميعاد پورو ڪرائي ڇڏيائونس. ڏيهان ڏور، ملڪون پري ! پر جڏهن وطن واپس وريو ته اڳ کان به اڪرو هو.

قوم به قدر ڪيس- پهريان حاجي عبدالله هارون جهڙي مڙس جي مقابلي ۾ ڪراچي ميونسپالٽي جو ميمبر چونڊيائونس. ميونسپالٽي ڪارپوريشن بڻي ته سيٺ حاتم علوي مرحوم کي ڪيرائي ميئر جي ڪرسيءَ تي وهاريائونس. وڏي رعب تاب سان اهو عهدو هلايائين. هونءَ به ماڻهن جي چونڊيل عيوضين جا شان ۽ مان هوندا هئا. ڪراچي ڪارپوريشن جي ميئري ته وڏي ڳالهه هئي، پر پاهراريءَ جي ميونسپل ڪاميٽين تي چونڊيل نمائندن جي به ڪامورو ڪڙو وڪ اورانگهي ڪونه سگهندو هو.

قاضي صاحب مرحوم جو، ٻه حيثيت ميئر، ايڏو ڏاڪو ڏي آءٌ به سندس ديدار لاءِ هڪ دفعي سندس آفيس ۾ لنگهي ويس. ميئر جو روايتي لباس ۽ ڳلي ۾ عهدي جي ڇپين پايون اوچيءَ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. سندس صورت ۽ سينگاريل دفتر جو ماحول ڏسي ائين محسوس ڪرڻ لڳس گويا لنڊن جي لارڊ ميئر جي حاضري ڀري رهيو آهيان. صورت به واقعي رعبدار هئس: بت ڀريل، قد موزون، چهرو گول، رنگ ڪليل، مڇان معقول، ڳوڙهي ڪاري رنگ جو سوٽ پهريل.

پنهنجي دل ۾ مون فخر محسوس ڪيو ته پهراڙيءَ جي هڪ قومي ورڪر کي، ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾، اهو اعزاز حاصل ٿيو آهي، ۽ هواهڙيءَ سچ ڏج سان ان کي پيو نباهي.

انگريز جي هتان لڏي وڃڻ کان پوءِ مٿس ڪيتري به ڦٽڪار وجهو ته آها نئين فيشن ۽ نون انصافي اصولن جي عين مطابق ٿيندي. پر جن ماڻهن سندس زمانو ڏٺو، سي گهٽ ۾ گهٽ، شايد هن ڳالهه کان انڪار ڪري ڪونه سگهندا ته انگريز هميشه ماڻهن جو ڳولائو ۽ وڏو پارکو

رهيو. محض مزاج جي سوختگيءَ يا ذاتي ضد، حسد يا هٺ وچان (حتي‌الوسع) لائق ملڪي ماڻهن جي قدر ڪرڻ ڪان ڪونه ڪيٻايائين.

قاضي مرحوم جي قابليت ۽ ڪيريڪٽر جي بلنديءَ کي محسوس ڪرڻ ۾ انگريزن وقت ضرور ورتو پر ڪوتاهي ڪان ڪئي. ٻهريان ڪيس "تمغهٔ قيصر هند" ڏنائون. صوبي سنڌ جي انگريز پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿي. جي. الفنسٽن موڪلايو ته اهو نازڪ عهدو قاضي‌صاحب جي حوالي ڪيائون. ٿاني ٻون جي سابق قيديءَ تي اعتبار ڪري پنهنجي جڊيشل ڪاتي جي ڏاڙهي سندس هٿن ۾ ڏئي ڇڏڻ وڏي ڳالهه هئي. قاضي صاحب ان عهدي تي رهي ۽ عجيب روايت قائم ڪئي: وقت جي دستور موجب ۽ عام سرڪاري وڪيلن وانگر هٿ اکيون ٻوٽي پوليس جي ڏاهيل ڪوڙن ڪيسن جي پيروائي ڪرڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن به ڪيس جي باري ۾ ڪيس شڪ جو شائبو نظر آيو اهو ڪيس ڪورٽن مان ڪيڍرائي ڦٽو ڪندو رهيو. سندس اصول هو ته سنڌ ۾ وڏيراشاهي ۽ نوڪرشاهي، پاڻ ۾ ملي عدل جي محڪمي کي غلط مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون ٿيون رهن ۽ ان ڪري غريب ڀولاڻا ڪوڙن مقدمن جي گهاڻي ۾ پيا پيڙجن. ڪنهن به مقدمي کي "ثابت" ڪرڻ لاءِ ڪوڙن شاهدن ۽ مشيرن جو ملڻ هن ملڪ ۾ مشڪل ڳالهه ڪانه آهي. سرڪاري وڪيلن جو ڪم اهو نه آهي ته هو ان نظام جا هٿ ٺوڪيا ٿي، انصاف جي هاڃي ڪرائيندا وتن؛ هنن کي بي‌ريائيءَ سان هر مقدمي جي، پنهنجي ليول تي، ڇنڊڇاڻ ڪري، ان کان پوءِ ئي مناسب قدم کڻڻو آهي.

انتظاميه جي هڪ وڏي آفيسر مٿس اعتراض ڪيو؛ جواب ۾ لکي موڪليائين ته "آءٌ پبلڪ طرفان 'پراسيڪيوٽر'

آهڙا ڳنڍا ڪم ڪرائڻا اٿو تہ ڀيو ڪو وڪيل وڃي ڳوليو".

سنڌ جي گوري گورنر سندس نقطہ نظر کي بحال رکيو. موت مهلت ڏنيس ها تہ اڃا بہ وڌيڪ چمڪي ها،(۱) پر سندس عمر وفا ڪا نہ ڪئي. ۴۸ ورهين جي ڄمار ۾ ۱۹۴۴ع جي شروع ۾ گذاري ويو.

خوش درخشيد ولے شعلۂ مستعجل بود!

نسيم تلوي مرحوم

لياري محلي جو بلوچ، پيدائشي پهلوان هو.

سدا ملڪ، سدا ڦيرو، ٻچاڙيءَ تائين منهن سان عمر ڪاٽ لڪايائين. سياست جي سَپ جو سنگهيل هو. صحافت جو پيشو اختيار ڪيائين، پر پيشي طور استعمال نہ ڪيائينس. اخبار جو نالو هوس "بلوچستان جديد". آزادي جو عاشق هو، عزت نفس بنا جيئڻ جنجال ڀائيندو هو. غريب هو پر غيرت وارو. سنڌ ۽ بلوچستان جي آزادي ۽ سربلنديءَ جي رستي ۾ جو روڙو ڏٺائين، ان کي ڀڃي ڀورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.

پنهنجي سياست خواه صحافت کي بلوچيت جي سانچي ۾ ڍاليو هئائين —سنئين رانڊ موڻي جي، ٻوڙي ٻڏي ڪوڏي جي! بلوچستان خواه سنڌ جو هر دشمن سندس ذاتي دشمن، دشمن

---

(۱) مرحوم قاضي صاحب پنهنجن عهدن کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ کان علاوه، ٻيا ڪيترا ماڻهن جي ڀلي جا ڪم [illegible] ڪوئٽا جي زلزلي جي مصيبت زدن لاءِ وڏي پيماني تي [illegible] بندوبست ڪيائين؛ ڪيترا لاوارث ادارا کوليائين جيڪي اڄ تائين قائم آهن. تفصيل ڏيڻ هت غيرضروري آهي.

جو در ڏسن، ان کي کلي کيڪارڻ، ان سان ڳالهائڻ، ان جو نمڪ واپرائڻ، حرام، آن جي زير بار احسان ٿيڻ -- مثلا ان کان رهائشي پلاٽ وٺڻ، رعايتي سفر جون سهولتون وٺڻ، پنهنجي جون پرمٽون حاصل ڪرڻ، آن جي خرچ تي ٻاهرين ملڪن جا سير سپاٽا - جنسي لحم خنزير. حتاڪ اخبار لاءِ حڪومت جا اشتهار به قبول نه ڪيائين. هڙ ۾ ڏوڪڙ هوندس ته پرچو پڌرو ڪندو، نه ته ناغو، پر ناغي بعد جڏهن پرچو نڪتو ته چڱن موالين اڳيان دوآتشو اچي ويو. اڳيون پويون ڪهنتايون پوريون ٿي وينديون. وري پٺي پرچي ٽائين موذين جي گهرڻ ۾ ماندائڻ متو رهندو.

نسيم مرحوم قلمرانيءَ سان گڏوگڏ پيا فن به ڄاڻندو هو، مثلاً خڙدم هلائڻ ۽ لڪر هڻڻ. هٿ ۾ قلم، چيلهه سان خڙدم. مڙس تي مهل ڪُهل پڇي ڪانه ٿي اچي، تنهنڪري پيشگي دفاعي بندوبست ڪيل هوندو هوس.

لڪر هڻڻ جي معنيٰ هئي مٿي سان مٿو لڪرائي مخالف جي پيشانيءَ جو هڏو پڇي وجهڻ، گهٽ ۾ گهٽ سندس نراڙ جي ڪل کي ڏڪ سان چيپاٽي رتوڇاڻ ڪرڻ. جاپان جي جوڊي ۽ ڪراٽي جو اهو سنڌي - بلوچي نعم‌البدل هو. ١٤٤ قلم لڳي وڃي ۽ لٺ ٻالي کڻڻ جي ممانعت ٿي وڃي ته به مڙس پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. ڪيترن ايڊيٽرن، ڪامورن ۽ حريف ورڪرن تي اشتعال جي موقعن تي تجربو به ڪري چڪو هو.

ورهاڱي کان اڳ تمنا هئس ته موقعو ولي، ”سنڌ آبزرور“ جي متعصب مهاسڀائي ايڊيٽر، آنجهاني ڪولمراج پنيا، جو نراڙ چٻي ڇڏي. پنيا کي سر عبدالله هارون مرحوم، ”منهن جو ڪارو، دل جو ڪارو، ڪوبرا (ڪاريهر نانگ)“ سڏي چڪو هو. رنگ روپ آنجهانيءَ جو واقعي اهڙو هو،

قلم مان ۽ ڪاريهر جي ڇپ وانگر زهر هاريندو رهيو ٿي، هندن ۽ مسلمانن کي هڪٻئي ڏانهن ڀڙڪائڻ لاءِ ڪافي ڪم ڪندو رهيو هو.

پُنيا کي نسيم جي نيت جي خبر ٻنهي ويل هئي. ڪانئس ائين ٿڙندو رهيو ٿي، جيئن ڪانوُ ڪمان ڪان.

ڪراچي ميونسپالٽي جي ميئر جي پارٽي هئي. آءُ گيٽ ڪان. اندر داخل ٿي رهيو هوس ته پُنيا اتان تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري رهيو هو. پارٽيءَ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي پارٽيءَ مان موڪلائڻ جو سبب منهنجي ڪن ۾ ڀڻڪندو ويو: چي:

”نسيم ناسراد پارٽيءَ ۾ آيل آهي، اکيون ڳاڙهيون اٿس، مون ڏانهن ڏسي ڏند پيو ڪُرٽيائين. ممڪن آهي ته مون سان لُنڊو ڪري وجهي ها، تنهنڪري آءُ هليو وڃان ٿو. تنهنجو سنڌي ڀاءُ آهي، تون کيس سمجهاءِ ته صحافيءَ کي تشدد پسند (violent) ٿيڻ نه جڳائي. ٿي سگهي ته اسان جو پاڻ ۾ ملاهه ڪرائي ڇڏ.“

پر آءُ ان ڏس ۾ ڪا سرجوشي ڏيکاريان ها، ان کان اڳ ئي پُنيا پاڻ لڪي ڇپي ٻهڳي پيچي ويو. ورهاڱي ڪري سنڌس قلم جو کيل ختم ٿي چڪو هو.

ورهاڱي کان پوءِ نسيم جي ذهن ۾ پُنيا بجاءِ وري هڪ نووارد ٻئي ايڊيٽر جي صورت اڀرڻ لڳي. اهو صاحب مسلمان هو، سواءِ رنگ روپ جي، ان جي ٻي ڪا مشابهت يا مناسبت، پُنيا سان ڪانه هئي. پر نسيم جو خيال هو ته هو سنڌ ۽ سنڌين کي حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو، ۽ بلوچستان کي آئيني اصلاحات ملڻ، تنهن جو مخالف آهي، توڙي جو نئين حڪومت ۾ سندس ڳهٽي هلندي آهي.

هڪ ڏينهن، ڳالهين ڪندي، واتان نڪري ويس ته جنهن صورت ۾ ان ايڊيٽر سان اٿر، قلم يا زبان ۾ پڄڻ محال آهي، تنهن صورت ۾ ارادو اٿس ته، ڪنهن محفل ۾ ان سان 'تون چاءِ، تون چاءِ' ڪري، مٿس پنهنجو مخصوص ٽڪر وارو نسخو استعمال ڪري ڏئي.

مون گهڻو ڏيڇاريس. سمجهايومانس ته ان ايڊيٽر تي حڪومت جو هٿ آهي، جيڪڏهن ان سان هٿ چراند ڪيائين ته ڪيس جيل جون هوائون جهٽيون پونديون.

پر هو بي خوف هو. چيائين ته هٿيار ڪوبه استعمال ڪونه ٿيندو، ڪوڙيون انسان جي مٺي ڪي هٿيار يا اوزار هرگز ڪونه ٺهرائينديون، تنهنڪري جيل وڃڻ جو سوال ڪونه پيدا ٿيندو.

خوش قسمتي اها هئي جو ٻيءَ ڌر، يعني ان ايڊيٽر، سان به منهنجا ذاتي تعلقات چڱا هئا. مون ڪيس اڳواٽ خبردار ڪري ڇڏيو ته نسيم ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي ۽ منجهانس ضرور پهچڻ جا ڪهڙا ڪهڙا امڪان ٿي سگهن ٿا. ان کان پوءِ هو نسيم جي ڏاڍي خوشامد ڪرڻ لڳو. جت به نسيم تي نظر پيس ٿي ته ڀاڻ ڊوڙي وڃي، ڀاڪر پائي، مندس آجيان ٿي ڪيائين ۽ 'هيلو ماءِ ڊيئرا مسٽر محمد نسيم خان صاحب' جا مرحبائي الفاظ ۽ القاب استعمال ڪندي، خواه مخواه پنهنجا ڏند ٻه ڪيڙيندو ٿي رهيو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو مون کي ٽيليفون ڪري پڇڻ لڳو ته "مسٽر نسيم احمد خان سان ويجهڙائيءَ ۾ اوهان جي ڪا ملاقات ٿي آهي؟ جي هائو ته هينئر منهنجي باري ۾ مندس ڪهڙي 'ايٽيوڊ' (Attitude) آهي؟"

مون جواب ڏنس ته: "ماڻهو ته پيدائشي پاڳل آهي، مٿس اعتبار ته ڪري ڪونه ٿو سگهجي، ڪنهن به وقت مندس ڪلي ڦري سگهي ٿي، پر في الحال ته ليڪ پيو نظر اچي."

ان دٻ هيٺ فوري طرح اهو فائدو بہ رسيو تہ هن صاحب بلوچستان جي اصلاحات جي حق ۾ (پنهنجي اخبار ۾) لکڻ شروع ڪري ڏنو ۽ سنڌ سان واسطو رکندڙ معاملات ۾ اسان جي پاليسين جي پٺڀرائي ڪرڻ لڳو. انڪري ان ساري عرصي ۾ اهڙي ڪابہ وزارت سنڌ مٿان مڙهجي ڪا نہ سگهي، جيڪا سون کي اڻ وڻندڙ لڳي هجي؛ گهٽين ٻلائن کان ان طريقي سان بچندا رهياسين.

بدقسمتيءَ سان، ڪن سالن کان پوءِ، هڪ اهڙو مسئلو بہ کڙو ٿيو، جنهن تي ان ايڊيٽر ۽ منهنجي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيو. منهنجي نقطءِ نظر جي خلاف تقرير ڪرڻ لاءِ ٻيءَ ڌر، ان ايڊيٽر صاحب کي تيار ڪري، لاڏن ڪوڏن سان، ميٽنگ اندر موڪليو هو. اميد اها هئي تہ هو اهڙي زوردار تقرير ڪندو جو منهنجون وايون منجهي وينديون.

ميٽنگ جي صدارت مون کي ڪرڻي هئي. مون انتظام اهڙو ڪيو تہ ٻهرئين قطار ۾ جنهن صوفي تي ان ايڊيٽر کي ويهڻو هو، اُن ساڳئي صوفي تي نسيم لاءِ بہ نشست رکي وئي. ايڊيٽر صاحب ميٽنگ ۾ نسيم کي پنهنجي پر ۾ ويٺل ڏسي، حوصلو هاري ويهي رهيو. پنهي جون شڪليون ڏسڻ وٽان هيون. نسيم ڏانهس ڪرڙيون اکيون ڪري ڏسي تہ هو ويٺي ويٺي مُسندو وڃي. هُن کي يقين ٿي ويو تہ مُنهن مان اکر ڪُڇندو تہ نسيم کيس ٺڪر رسيد ڪندو. تقرير ڪرڻ لاءِ کيس سڏيو ويو تہ ٻہ ٽي ڀيرا اٿي ”صدر صاحب“، ”حضور والا“، چئي وري ڪرسيءَ تي ڌڙي پئي پيو. اهي ٻہ ٽي اکر چوندي بہ اکيون نسيم تي ڪُتل ٿي رهيس. آخر هيبت وچان بي حال ٿي ويهي رهيو. ڪابہ تقرير ڪري ڪو نہ سگهيو. جن بزرگن کيس ايڏي اهتمام سان ميدان ۾ آندو هو، تن جا مقصد خاڪ ۾ ملي ويا. کيل وڏو هو،

وقت جي مکيه حڪمرانن جو منجهس هٿ هو. پر اهڙي اڻچڙي شڪست کاڌائون، جنهن جي تلافي ٿي ڪانه سگهين. تفصيل ٻڌائڻ لاءِ اجهان وقت موزون نه آهي.

* * *

هن وقت نسيم ۽ اهو ايڊيٽر صاحب هن جهان مان موڪلائي ويل آهن. سندن حق ۾ فقط دعاءِ مغفرت ئي گهري سگهجي ٿي. ٻئي تاريخ ساز هئا، ٻئي لاجواب هئا.

وري نسيم جو ثاني نظر ڪونه آيو. سندس باري ۾ مختصراً اهوئي چئي سگهجي ٿو ته:

صحافت را نقاب روئے کردي،
وگرنہ عاشقے مستانہ بودي.

حاتم علوي مرحوم

ڏسڻ وائسڻ ۾ سلوڪ، ڪپڙين لٽين ڏاهوڪو، لکيل پڙهيل، ڪلچرڊ، مهذب. ڪراچيءَ جي هڪ پراڻي بوهري خاندان جو فرد هو، پر ڪن اعتقادي اختلافن ڪري، بوهرن جي پير صاحب کان ڌار هو.

سياست جو شوقڙو هوس، پر ڊرائنگ روم يا محفل کان ٻاهر وڪ، وجهڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيو. جمشيد مهتا وانگر "اداڻي گهرڻ" جي خير گهرڻ وارو هو، پر جمشيد جي پهچ، پري هئي. ڪنهن به قانون ساز اسيمبلي يا ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي نه سگهيو، حالانڪ هڪ دفعي ڪراچي ميونسپالٽيءَ جا ٻه پنگي ۽ ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جا ميمبر منتخب ٿي ويا هئا.

وڏا مٿا مونا ڏيئي مرحوم هڪ سال لاءِ ميونسپل ميئري حاصل ڪئي هئي، باقي ٿيو پلو.

قائد اعظم ميونسپل جو ائڊريس ولي وهيو آهي، حاتم علوي سنڌس ڪڇي ۽ لهجلداس وزيرالي سنڌس سڄي پاسي.

پيدائشي نازڪ مزاج، نزاڪت پسند، آرام طلب انسان هو. ”زنده باد“ ۽ ”مرده باد“ واريءَ سياست سان ڪانہ پوندي هئس. پوليس جي لٺين جهاڻ ۽ جيل پوکڻ لاءِ سندس جسم نئي ڪونہ جڙيو هو. اهڙي ڪال جي شايد خبر بہ ڪانہ هئس تہ سياسي تاريخ جو ڦيٿو ڦرندو رهي ٿو. اڄ جا پوليسي لٺين جا ڦٽيل والنٽيئر سڀان ملڪ جا حاڪم ٿيندا. ڪراچي ۾ سٽي ڪورٽ جي سامهون، جيرامداس دولترام ڪي لٺيون هڻي رستي تي خونا خون ڪري ڇڏيائون، وقت آيو، ساڳيو جيرامداس گورنر بڻيو. جواهرلعل نهروءَ کي، جيڪو مئجسٽريٽ گهر ڪان رُسندو هو سو بہ چار سال جيل جي سزا ڏئي ڇڏيندو هو، پورا چوڏهن سال سائس اها ويڌن رهي، جيڪا هو صبر سان سهندو رهيو. پر هڪ ڏينهن سياست جي رُت ڦيري ۽ آهوئي جواهر ڀارت جو بي تاج بادشاهہ بڻيو. مطلب تہ سياست ۾ جيڏي مُشقت اوترو معاوضو.

حاتم سيٺ نہ مشقت ڪئي نہ معاوضو پاتائين، ورنہ سنجهس صلاحيتون ججهيون هيون.

سندس وڏو ڀاءُ سيٺ طيب علي مرحوم ڪانئس طبعيت ۾ قدري مختلف هو. تعليمي ڪمن سان چاهہ هئس. نالي ڪڍائڻ جو شوق ڪونہ هئس. مات سيٺ ۾ پنهنجي قبيلي جي خدمت پئي ڪيائين. هڪ اسڪول کولرايائين ۽ جنهن کي سچي حياتي سنڀاليندو رهيو.

خانبهادر حسن علي جي خاندان

سنڌ جا بزرگ ڏاڍا غيرت وارا هوندا هئا. غيرت وچان وڏا وڏا قدم کڻي چُڪندا هئا.

سنڌ مدرسو ڪيئن وجود ۾ آيو؟ کهڙين حالتن هيٺ مسلمانن جو هڪ اهڙو تعليمي ادارو قائم ٿيو، جنهن جي

فيض رسانيءَ طفيل ملڪن جي تاريخ بدلجي وئي، سنڌ جا مسلمان ويهينءَ صديءَ ۾ پير رکڻ جي قابل ٿيا، ۽ علمي ۽ سياسي ميدان ۾ اهڙي بزرگ اڀري نڪتا، جن جي نالن جي برڪت سان سنڌ اڄ به زنده رهڻ جي مستحق آهي.

مثال طور جيڪڏهن سنڌ مدرسو نه هجي ها ته قائداعظم رح جهڙي شخصيت جي تعليمي ۽ ذهني تربيت جي ابتدا ڪٿان ٿي سگهي ها ۽ ڪهڙي ماحول ۾؟ عمارت جي پختگي ۽ پائداريءَ جو مدار پيڙهه جي ڀرڻ مٿي ٿئي ٿو. اها سر، قائداعظم رح جي حالت ۾، ڪنهن رکي ۽ ڪيئن؟

ويهين صديءَ جي سنڌ جي ساري تاريخ جو تجزيو ڪري ڏسو. اوهان کي ڪو به اهڙو نالو ڪونه ملندو جيڪو سنڌ مدرسي جي شاگردن جي ”حاضري بوڪ“ تي رهي نه چڪو هجي!

پر ان مدرسي جو پايو ڪيئن پيو؟

فقط هڪ شخص جي غيرتمنديءَ سبب، ۽ اهو شخص هو مرحوم مغفور خانبهادر حسن علي آفندي.

جنهن واقعي مرحوم کي اها غيرت ڏياري، تنهن جو تفصيل پروفيسر ڀيروانيءَ(١) جي لفظن ۾ ملاحظه ڪيو:

”آڪٽوبر ١٨٨٤ع ۾ هڪڙي پبلڪ ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي، جتي ٺهراءُ ڪيو ويو ته لارڊ رپن(٢) کي مانپتر ڏجي. سنڌ سڀا(٣) اهو به فيصلو ڪيو ته

---

(١) ڏسو ڪتاب ”راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جون جيون چرتر“ ليکڪ پروفيسر شيوارام ڀيرواني، ڇاپيل ١٩٣٨ع، صفحو ١٨ ۽ ١٩.

(٢) هندستان جو وائسراءِ هو.

(٣) اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ وارن ويهن سالن اندر سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن گڏجي هڪ انجمن ناهي هئي، جنهن جو نالو هو ”سنڌ سڀا“.

ماڻهن ۾ عام جام پرچار ڪري، لارڊ رپن جي مهربانين لاءِ شناخت پيدا ڪجي.

"لارڊ رپن جي واه واه ساري هندستان ۾ پئجي وئي هئي. سنڌ س آجيان خاطر هزار ڪن ماڻهو جدا جدا پاڳن مان تيار ٿيا ۽ سنڌ سڀا ۾ به اها رٿ آئي ته سنڌيءَ ۾ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيس ماڻهو ڏجي. خانبهادر حسن علي خان آفنديءَ رٿ ڏني ته ماڻهو ڏيڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي، فقط خط لکي موڪلجيس ته بس آهي.

"ڏيارام (گدومل) انهيءَ جي مخالفت سخت لفظن ۾ ڪئي. چيائين ته 'جڏهن هندستان جي هرهڪ پاڳي مان ڪيس ماڻهو ملي رهيا آهن، تڏهن جي سنڌ ماڻهو نه ڏنو ته سنڌ تي لعنت آهي.'

"انهيءَ تي خانبهادر حسن علي صاحب کي تمام چڙ لڳي، ۽ 'لعنت'، چوندو سڀا مان نڪري ويو، ۽ وڃي مسلمانن جي جدا انجمن (۱) ٺاهيائين، جنهن جي تحرڪ مان مدرسو برپا ٿيو.

"ڏيارام صاحب کي سخت افسوس ٿيو، ۽ ساري عمر چوندو هو ته زبان مان لفظ تمام سنڀالي ڪيڻ گهرجن، جو ڏسو ته هڪڙي لفظ 'لعنت' مان ڪيترو ڦيٽارو پئجي ويو."

* * *

خانبهادر حسن علي مرحوم جي زيارت مون کي نصيب ڪانه ٿي، سندهجي سانير ڪان گهڻو اڳ گذاري ويو هو.

---

(۱) ان انجمن تي نالو هو "سنڌ محمدن اسوسيئيشن"، جنهن جو ڪجهه ذڪر هن کان پوءِ ايندو.

البت سنڌس فرزند خان بهادر ولي محمد سان ڪجهه چهارچشمي رهي. مون جڏهن ڏٺو ته ڪافي عمر رسيدو ٿي چڪو هو، سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ڪري اچي ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو هو. هندستان جي مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو هو، ساڳئي وقت پنهنجي والد جي قائم ڪيل سنڌ محمڊن ائسوسيئيشن جو به سيڪريٽري هوندو هو.

سفيد ريش، قد ۾ پورو پنو، سوٽ ڪوٽ تي ترڪي ٽوپي پهريندو هو. ڪنهن زماني ۾ سنڌ مدرسي جي پرنسپالي ڪئي هئائين، تنهنڪري بچاڙيءَ تائين سنڌس منهن مان اهو استاديءَ جو شان بکندو هو. مون ڪيس ڪڏهن مشڪندو ڪونه ڏٺو، مجلس ۾ يا ملاقات ۾. هونءَ به ماستر، آخوند يا استاد ڏسي منهنجي طبيعت تي هميشه وحشت طاري ٿيندي هئي. منهنجو تجربو هيءُ رهيو هو ته جيڪو بزرگ هڪ دفعو استاديءَ يا ماستريءَ جي منصب تي ويهي ڏسي ٿو، سو مرندي گهڙيءَ تائين مزاج اهوئي ماستريءَ وارو رکي ٿو. اُن جي نظر ۾ ساري مخلوق خدا خطابيءَ جي حيثيت رکي ٿي، تنهنڪري سنڌس گفتي ڪي حرف آخر سمجهڻ جي پابند. هڪ مرتبو استاد ٿي رهڻ کان پوءِ ماڻهو ڪيڏي به ترقي ڪري، ايڊيٽر بڻجي يا وزير ٿئي، هر مزاجي ڪيفيت اُها اصلوڪي ئي رهندس. يعني پاڻ استاد، باقي عالم طفلِ مڪتب، تنهنڪري منهن ۾ مستقل طور گهنڊ! مبادا ڇوڪرا نرمي يا خوش مزاجي جو ناجائز فائدو وٺن!

اڄ مجان ٿو ته منهنجي پنهنجي احساس ڪمتريءَ مون کي ان محترم بزرگ جي ويجهو وڃي وٺانس ڪجهه پرائڻ کان روڪي ڇڏيو. حالانڪ اها منهنجي پنهنجي ئي بدنصيبي هئي. گهٽ ۾ گهٽ اڄ اڳئين دور جي حالات بابت وٽانس ڪيتري معلومات حاصل ڪري سگهيا ها.

پر ان کان به وڌيڪ بدنصيبي هيءَ هئي ته منهنجو سنڌيءَ طرح ساڻس اختلاف ٿي پيو.

پاڻ سنڌ محمڊن انسوسيئيشن جو سيڪريٽري هو، جيڪا جماعت، پوئين زماني ۾، منهنجي نظرن ۾ رجعت ۽ انحطاط جو شڪار ٿي چڪي هئي.(١) ساريءَ سنڌ جا خطاب يافته وڏيرا ۽ مسلمان عملدار ان جا ميمبر هوندا هئا، جيڪي سنڌ جي ڪمشنر اڳيان سرخرو ٿيڻ ۽ ذاتي فائدن وٺڻ خاطر، اهڙا ڪم ڪرڻ لڳا هئا، جيڪي نئين زماني جي تقاضائن جي خلاف هوندا هئا، ۽ سنڌ جي عام مسلمانن لاءِ باعث ننگ ۽ عار.

مثلاً جڏهن ڪڏهن به آئيني اصلاحات جو سوال اٿندو هو ته سنڌ محمڊن انسوسيئيشن جا وفد سيڪريٽري هند ۽ وائسراءِ اڳيان سپاسناما پيش ڪري هيءَ ارداسون ڪندا رهندا هئا ته ملڪ کي آئيني اصلاحات جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي، سنڌ جا مسلمان بمبئيءَ جي گورنر ۽ سنڌ جي ڪمشنر جي راڄ مان بلڪل خوش آهن.

اهي حرڪتون اهڙي زماني ۾ ٿيڻ لڳيون هيون جڏهن ملڪ جي آزاديءَ لاءِ سارو هندستان ڦٿڪي رهيو هو. خود سنڌ اندر غلام محمد خان ڀرڳڙي مرحوم ڀارا سنڌ جا اڳواڻ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ، ڪمشنري راڄ کي نيڪالي ڏيارائڻ، ۽ عوام لاءِ آئيني سڌارن حاصل ڪرڻ واسطي اڻڳڻيار تڪليفون برداشت ڪندا ٿي رهيا.

منهنجي به نوجواني هئي. چوندا آهن ڇورو ڀاڻ زورو. اڪيلي سر ڪوشش شروع ڪيم ته سنڌ محمڊن انسوسيئيشن

---

(١) ويهين صديءَ جي اوائل ۾ جيڪي به مسلمانن جون تحريڪون وقتاً فوقتاً، هليون هيون، مثلاً جنگ بلقان، خلافت، هجرت، وغيره، تن سڀني جي سلسلي ۾ سنڌ محمڊن انسوسيئيشن جو رول هميشه اڻ وڻندڙ رهيو هو، يعني انگريزن جي تائيد ۾ ۽ مسلمانن جي راءِ عامه جي ابتڙ.

جي ڪارگذارين ڪري، جيڪا شرمندگي، سنڌ جي مسلمانن کي برداشت ڪرڻي پئي پيئي، يا جيڪي ٽوڪون هندن واتان سهڻيون ٿي پيون، تن ڪان ڪين آجي ڪرائڻ لاءِ سنڌ محمڊن انسوسئيشن کي راهِ راست تي آڻيان ۽ ان کي اهڙيءَ ترقي پسند پاليسي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيان، جيڪا نئين دور جي حالتن سان مطابقت رکندڙ هجي.

پر اهو مقصد حاصل ڪيئن ٿئي ۽ سو به هڪڙي ڇوٽي کي، جنهن جي ڪڍ ساريءَ سنڌ مان هڪڙو ماڻهو به ڪونه هجي! ۽ ٻئي طرف هُجن ڪير؟ سنڌ جا سمورا وڏيرا، سيٺيون، سرڪاري ڪامورا، نواب، سردار بهادر، خان بهادر، خانصاحب، قيصر هند جا پيلائي، لوڪلبورڊن ۽ ميونسپالٽين جا پريزيڊنٽ ۽ ميمبر، ايم. ايل. اي، ايم. ايل. سي، وغيره وغيره. اهي سڀ بزرگ، سڏي ۽ اڻ سڏيءَ طرح، سنڌ محمڊن انسوسئيشن سان وابسته هئا، ڇو ته ان انسوسئيشن کي سرڪار مسلمانن جو نمائندو تسليم ٿي ڪيو ۽ ان پاڻ به، ٻولي، گهڻو ڪري، آهائي ٿي ٻولي، جيڪا وقت جي سرڪار جي ڪَنَ ۽ مَنَ کي وڻندڙ هئي(١).

باقي رهيو هو سنڌ جو عوام، سو اُن زماني ۾ ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ ئي ڪونه هوندو هو. محمڊن انسوسيئيشن جون سموريون ڪارگذاريون ٿينديون ٿي رهيون عوام جي نالي ۾، پر عوام خود ڪان ڪڏهن ڪنهن پڇيو به ڪونه ٿي.

---

(١) البت سنڌ جي مسلمان ڪامورن کي خوش ڪرڻ لاءِ انسوسئيشن پنهنجن سپاسنامن الدر، ڍِ پيل ۽ ليازمنداڻ زبان ۾، ڪڏهن ڪڏهن، سرڪاري نوڪرين ۾ مسلمانن جي گهٽتائي طرف به اشارا ڪندو رهندو هو، پر الهن مان ڪڙ ڦيل ڪولڻ لڪرلهو هو.

سنڌ جي سياسي ۽ آئيني مسئلن جي باري ۾ هميشه سرڪار جي پاليسي جي حمايت ڪندو رهندو هو.

مون پنهنجي مدمقابل الهن سڀني ناڻن ڪي نوائڻ لاءِ هڪ طريقو ڳولي ڪڍيو. مون سول ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ انسوسيئشن جي عهديدارن خلاف ”حق ٺهراءَ ۽ منع نامي“ جي دعوا داخل ڪئي، جنهن جو بنياد هنن ڳالهين تي رکيم:

(۱) سنڌ محمڊن انسوسيئشن سنڌ جي ”سمورن“ مسلمانن جي نمائنده جماعت نہ آهي. اهڙو ڪو بہ ريفرينڊم ڪونہ ٿيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سمورن مسلمانن ڪيس پنهنجو نمائندو منتخب ڪيو هجي. (۲) فقط چند وڏا ماڻهو، ”ناني رڌڻ واري ۽ ڏوهڻا کائڻ وارا“ جي اصول مطابق پاڻ ۾ مليا، سنڌ جي ساري مسلمان عوام جي نالي کي غلط طور استعمال ڪندا ٿا رهن. (۳) اهي انگريز سرڪار جي اڳيان سپاسنامہ پيش ڪري اهڙن راين جو اظهار ڪندا ٿا رهن، جيڪي سنڌ جي مسلمانن جي ۹۹ سيڪڙي جي راءِ جي ابتڙ هجن ٿا ۽ مسلمان عوام کي ان ڪري شرمساري محسوس ڪرڻي ٿي پوي. (۴) تنهنڪري ڪورٽ ڊگري جاري ڪري تہ اهو انسوسيئشن سنڌ جي سمورن مسلمانن جو نمائندو ڪونہ آهي ۽ ڪيس ڪو حق ڪونہ آهي تہ انهن جي پاران ڪنهن بہ راءِ جو اظهار ڪري. (۵) حڪومت تي منع نامو تعميل ڪيو وڃي تہ هو ان انسوسيئشن کان ڪو بہ سپاسنامو نہ وٺي. (۶) خود انسوسيئشن کي بہ منع ڪئي وڃي تہ هو پاڻ کي سنڌ جي سمورن مسلمانن جو نمائندو نہ سڏائي!

دعوا ۾ مدعاعليہ ٿيا انسوسيئشن جو صدر سر شاهنواز خان ڀٽو مرحوم، سيڪريٽري خانبهادر ولي محمد مرحوم ۽ گورنمينٽ هند.

سول جو معاملو هو، ڪيترا مهينا تہ حاضرين ۾ ڦرندي گذري ويا. آخر سياري جي موسم ۾، وائسراءِ هند، لارڊ ريڊنگ، جي لاڙڪاڻي اچڻ جو پروگرام ٺهيو. محمڊن انسوسيئشن وارن ٺهراءُ ڪيو تہ ان موقعي تي وائسراءِ جي

حضور ۾، دستور موجب، هڪ سپاسنامو پيش ڪيو ويو. وائسراءِ سپاسنامو وٺڻ قبول ڪيو ۽ ان جو اعلان سرڪاري طرح ٿي ويو. ساري سنڌ جي وڏيرن ۾ هلچل مچي ويئي؛ منجهانئن هرڪو محمڊن انسوسيئيشن جي سپاسنامي واري وفد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪوشش ۾ جنبي ويو.

مون موقعي جو فائدو ورتو، ڪورٽ کي درخواست ڪئي ته جيستائين منهنجي دعوا جو فيصلو ڪونه ٿيو آهي، انسوسيئيشن کي سپاسنامي ڏيڻ ۽ وائسراءِ کي سپاسنامي قبول ڪرڻ کان قانوني حڪم ذريعي منع ڪئي وڃي.

سول جج مرحوم مغفور آغا غلام دستگير خان هو. صورت ۾ ايران جي قاچاري بادشاهن کي مات ڪيو ويٺو هو، پورو، قداور، وڏا شهپر، محض ڪيس ڏسي ماڻهوءَ تي رعب ڇانئجي ويندو هو. انصاف ۽ قانون جي معاملي ۾ سرڪار جي راضي يا ناراض ٿيڻ جي ننڍڙي کان ننڍڙو ڄڄ ۾ بلڪل پرواهه ڪونه ڪندو هو؛ بي ڌڙائي ۽ اي ريائي ۾ آغا صاحب جو نمبر ته خاص طرح مٿاهون هوندو هو.

آغا صاحب منهنجي درخواست ورتي، سرڪاري وڪيل ۽ مدعاعليهن ڏانهن حڪم جاري ڪيو ته هو هڪدم ڪورٽ ۾ پيش ٿي پڌائين ته ڇونه اهڙو منع نامو مٿن جاري ڪيو وڃي.

وائسراءِ جي لاڙڪاڻي ۾ اچڻ ۽ محمڊن انسوسيئيشن جي سپاسنامي پيش ٿيڻ ۾ باقي ٿي ڏينهن وڃي رهيا هئا. سڄيءَ سنڌ جا لقب يافته بزرگ اچي لاڙڪاڻي ۾ گڏ ٿيا هئا؛ هنن سمجهيو پئي ته هو سپاسنامي پيش ڪرڻ واري اعزاز کان محروم ڪونه رهندا، ڇوته سول جج جي معمولي ڪورٽ جي ڇا مجال آهي، جو وائسراءِ هند تي منع نامو ڪڍي، سندس بيعزتي ڪري سگهي.

ان ڏينهن ڪهڙ ۾ ڪهڙ سؤ ڪن 'وڏا ماڻهو' اچي ڪورٽ ۾ موجود ٿيا. منجهانئن هرهڪ نالي وارو ۽ وڏي جاهه ۽ منصب جو مالڪ هو. شايد سمجهيائون ته ڪورٽ ۾ سندن ميڙڻ ڪري جج (١) تي رعب پوندو. هوڏانهن وائسراء جي عزت جو سوال به درميان هو.

سرڪار طرفان پبلڪ پراسيڪيوٽر راء صاحب ٽوپڻداس، جيڪو مڙس ڪاڪاڙ پوڙاڙ سان هوندو هو، چاليهه پنجاه قاعدي جا ڪتاب ساڻ کڻي اچي ويٺو هو. ٻن ڪلاڪن جي تقرير جي دوران هو ڪهڙ ۾ ڪهڙ پنج سؤ پيرا وائسراء جو نالو وٺندو رهيو. ٻين مدعاعليهن پاران به سنڌ جا ڪيترا نالي وارا وڪيل پيش ٿيا.

ڪيس جو وارو آيو ته پٽيوالي وڏي آواز سان ايوان ۾ بيهي ٽرين ڪي ٻڪارڻ شروع ڪيو:

"علي محمد شاهه راشدي مدعي حاضر ٿئي"، (٢) آءُ اندر ڪهڙيس. وري رڙ ڪيائين:

"روفس آئزڪس، لارڊ ريڊنگ حاضر ٿئي"، (٣) راء صاحب ٽوپڻداس ڪتاب کڻي اندر هليو. هڪل ڪيائين:

"خان بهادر شاهنواز ڀٽو حاضر ٿئي": سنڌ ۾ وڪيل اڳي وڏيو، ڀٽيانس مرحوم پاڻ. ساهه کڻي وري رنبي ڪيائين.

---

(١) سول جج جي ڪچهري الهون ڏينهن ۾ ٿي سؤ رويا مهينو هولدي هئي.

(٢) ان مقابلي ۾ آءُ بلڪل اڪيلو هوس. حاضري جي ڏينهن اسان سان ڪو ماڻهو گڏجي ڪونه ٿي هليو. پنهنجي وڪالت به مون ڪي خود ڪرڻي هئي پيئي. وڪيل جي في جا پيسا مون وٽ ڪونه هئا، مفت ۾ وڪالت ڪرڻ لاء ڪو وڪيل تيار ڪونه هو.

(٣) لارڊ ريڊنگ جو اصلي نالو "روفس آئزڪس" هو.

”خان بهادر ولي محمد خان ۽ پيا ”مدعاعلا“ حاضر ٿين.“

خان بهادر مرحوم پاڻ اچا ڪونہ پهتو هو، پر سندس وڪيل موجود هو، جنهن ڪورٽ واري ڪمري ڏانهن قدم وڌايا.

سارو ڏينهن تقريرون هليون. جج فتوا لاءِ ورنڌڙ صبح مقرر ڪيو. آن ڏينهن جي هنگامي ۽ ٿيوالي جي رڙين ڪري عوام ۾ دلچسپي پيدا ٿي چڪي هئي.

فتوا واري ڏينهن سون جي تعداد ۾ ماڻهو اچي مڙيا. منجهانئن ڪي پاڻ سان دهلاري ۽ شرنايون وارا بہ وٺي آيا هئا.

جج صاحب ڊرامائي انداز ۾ ڪورٽ ۾ تشريف آور ٿيو. سرشتيدار ترين جا تالا ورتا، اسان سڀ آئي ويٺاسين. فتوا صادر ٿي: ”مدعي (علي محمد) جي درخواست منظور ڪري منع نامو جاري ٿو ڪجي تہ انسوسئيشن سپاسنامو پيش نہ ڪري ۽ وائسراءِ اهڙو سپاسنامو نہ وٺي.“

واهہ واهہ ٿي وئي. ڪنندڙ جو پاسو سڪو ڪٿي ٿيو. پاهران دهلن شرنايون جي ڌم لڳي وئي. ڪورٽ مان پاهر نڪتاسين تہ منهنجي پويان هارن لاءِ هڪ جلوس تيار ٿي ويو.

لاڙڪاڻي جي تاريخ ۾ وڏن ماڻهن جي خلاف اڻ پڙهيل عوام جي ناراضگي جو اهو پهريون مظاهرو هو. انهن سمجهيو تہ وائسراءِ ۽ خان بهادرن کي منع نامو ڏياري مون ڪا وڏي ڳالهہ ڪري وڌي آهي، سندن دلين ۾ نوڪرشاهي ۽ ان جي حامي ليڊرن جي خلاف شايد ڪا باهہ دٻي پئي هئي، جنهن کي ظاهر ڪرڻ جو ڪين اهو خفيف موقعو ملي ويو هو.

* * *

انهيءَ واقعي ڪان پوءِ انسوسيئيشن وارن جي همٿ جواب ڏيئي بيهي رهي. خان بهادر کهڙي معرفت مون سان ٺاهه جون ڳالهيون هلايائون. مون ٽن شرطن تي ٺاهه ڪيو: (١) انسوسيئيشن جو جائنٽ سيڪريٽري مون کي بڻايو وڃي (٢) انسوسيئيشن سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ هلائي، ۽ (٣) آئينده جيڪي به ٺهراءُ پاس ٿين يا سپاسناما پيش ڪيا وڃن تن ۾ نوڪرشاهيءَ کي ڪلهيءَ طرح نِنديو وڃي ۽ ڪامورن هٿان پهراڙيءَ جي عوام سان جيڪي زيادتيون ٿين ٿيون تن جي اپٽار ڪئي وڃي.(١)

شرط منظور ٿيا. لاڙڪاڻي ۾ ميٽنگ ڪري انهن کي عملي جامو پهرايائون. سنڌ جي جدائيءَ لاءِ زوردار ٺهراءُ پاس ٿيو. مون جائنٽ سيڪريٽري جي چارج ورتي ۽ چارج وٺندي انسوسيئيشن جو سمورو ڪاروبار سميٽي پنهنجن هٿن ۾ رکيم. خانبهادر ولي محمد مرحوم خود به خود پس منظر ۾ هليو ويو. مون وري ڪيس ڪنهن ميٽنگ ۾ شامل

---

(١) ان ٺاهه کان پوءِ منهنجي زماني ۾ فقط هڪ سپاسنامو گورنر بمبئيءَ کي فريئر هال ڪراچيءَ ۾ ڏنو ويو. ان جو هڪ فقرو هيءُ هو:

”جناب والا، سنڌ اندر ڪامورن، خصوصاً پوليس ڪاتي جا عوام مٿان ظلم سموريون حدون ٽپي ويا آهن. سائهن ۾ هاڻي برداشت جو مادو ڪونہ رهيو آهي.“

سپاسنامو سر شاهنواز خان مرحوم پڙهيو. جنهن وقت سپاسنامي پيش ڪرڻ لاءِ اٿڻي وڌياسون تہ سرصاحب مرحوم، ان جملي ڏانهن اشارو ڪندي، مون کي چيو: ”راشدي صاحب! خبر نہ آهي اسان کي ڪهڙالهن وٺيو پيو هلين، ڪاٺين جيل ۾ تہ نہ وجهرائيندين.“ اهو جملو مذاق جي طور فرمايائين.

ٿيندو ڪونه ڏنو. برسبيل تذڪره، اڳتي جو ڪجهه حال عرض ڪرڻ بي موقعي نه ٿيندو. سنڌ جي عوام آزار نوڪرشاهي، محمدن ائسوسئيشن جو اهو نئون رجحان ڏسي ڏاڍو منجهي پئي. ان اداري کي هُن هيلتائين پنهنجي لاءِ جاءِ پناهه يا هڪ قسم جي سياسي پُشتي پناهي سمجهيو. پر هينئر هن محسوس ڪيو ته سنڌن اها جاءِ پناهه ڊهي رهي آهي، تنهنڪري سندس پريشاني قابل فهم هئي.

نوڪرشاهي هڪ دفعو سوچي سمجهي، رٿا رٿي ته ڪنهن طرح ائسوسئيشن جي نئين رجحان کي روڪڻ لاءِ مون کي ائسوسئيشن مان خارج ڪرائي ڇڏي، ڇو ته هن جي نظر ۾، آءٌ ئي نوڪرشاهيءَ خلاف ”فساد“ جي پاڙ هئس.

ائسوسئيشن جي صدر طرفان اوچتو ميٽنگ سڏائڻ جو اعلان ٿيو. ايجنڊا جاري ٿي، جنهن جي پهرين شق هئي ”نون عهديدارن جي چونڊ“. ميٽنگ سکر جي ميونسپل ٽائون هال ۾ ٿيڻي هئي.

منهنجي دل ۾ اوستائين ڪوبه شڪ ڪونه گذريو. مون ائين سمجهيو ته مون سان ڪيل عهدنامي خلاف نئين چونڊن ذريعي مون کي ڪيرائڻ لاءِ ڪو منصوبو رٿيل آهي. پر جڏهن ميٽنگ جي تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ ۾، ٻاهريان ماڻهو، خانبهادر، خان صاحب، سکر ۾ وارد ٿيڻ شروع ٿيا ته هوريان هوريان ڇوپڇو شروع ٿي ته آئينده لاءِ ائسوسئيشن جو سيڪريٽري حيدرآباد جي وڪيل ۽ بمبئي ڪائونسل جي ميمبر، ميان نورمحمد مرحوم، کي بڻائڻ جو ارادو اٿن. ميان نورمحمد مرحوم لاءِ سمجهيو ويندو هو ته هو مسلمان آفيسرن جو خيرخواهه ۽ ايترو قدر زوردار شخصيت جو مالڪ آهي جو هو ائسوسئيشن مان مون کي نيڪالي ڏيارائڻ کان پوءِ، پيدا ٿيندڙ ردعمل کي، چڱي طرح منهن

منهن ڏئي سگهندو. جاچ ڪندي معلوم ٿيو ته ان خبر ۾ سورهن آنا سچائي آهي.

ٻاهران آيل ليڊرن پنهنجي ڪيمپ ڊاڪ بنگلي ۾ هنئي هئي، جتان جا سمورا ڪمرا اڳواٽ ولي ڇڏيا هئائون. آءٌ ماڻن گڏجڻ لاءِ ويس ته سون سان ڪا ڳالهه ڪانه ٿي ڪيائون؛ پاڻ ۾ ڳوڙها ڳوڙها ٿي، ڪن ڳالهيون ڪندا ٿي رهيا.

آءٌ انهن ڏينهن ۾ سکر جي سنڌ زميندار جو ايڊيٽر هئس. آغا نظرعلي خان مرحوم، جنهن جو ذڪر پهرين جلد ۾ اچي چڪو آهي، پريس جو مئنيجر هو. آن کي خبر ملي ته ڊاڪ بنگلي ۾ محمڊن اسوسيئيشن جي ميٽنگ جي سلسلي ۾ آيل ليڊرن کي ڪارائڻ لاءِ پنجاهه ڪڪڙن جون سيخون تيار پيون ٿين، پوڙن پلاون ۽ پڊنگن جو انتظام ان اپرانڌ.

آغا صاحب مرحوم دعوتن جو شوقين هوندو هو. مون کان پڇيائين ته "اسان کي به ڪا دعوت ڏني اٿن يا نه"، مون چيس "ڪانه ڏني اٿن ۽ ڏين به ڇو، جڏهن ته سنڌن نيت اسان کي ڪيڏڻ جي آهي."

آغا صاحب تپي باهه ٿي ويو. ڪجهه دعوت کان محرومي جو ڏک هئس؛ ڪجهه منهنجي خلاف رٿيل منصوبي تي ڪاوڙ.

هڪل ڪري چيائين: "بي غيرت، اچا ويٺو آهين؟ اج به بيعزتي، سڀان به بيعزتي. اڄ اسان کي دعوت کان ٻاهر رکيو اٿن، حالانڪه اسان سکر جا مکيه ۾ مکيه صحافي آهيون. سڀان توکي اسوسيئيشن مان نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا. آءٌ ته ان آپدا کي منهن ڏيڻ لاءِ راتورات ڪو بندوبست ڪري وٺڻ."

بندوبست هيءُ ٿيو ته سکر جي عوام مان اسوسيئيشن جا ميمبر ٺاهيا، پئي ڏينهن ميٽنگ ۾ پنهنجي ميجارٽي ٺاهي

ونجي. ميمبريءَ جي في فقط چار آنا مال هئي، جيڪا اسان کي هڙان پرٽي پيئي ۽ داخلا جو اختيار مون کي هو.

ميمبرن جي داخلا لاءِ آغا صاحب بچل شاهه جي مياڻي ڏانهن هليو ويو، جت پنهرن رات تائين ۳۰ سو کن ميمبر داخل ڪري، انهن کي رسيدون ڏيئي تيار ڪندو رهيو ته هو ۹ بجه صبح جو اچي هال کي اڳواٽ والاري ويهي رهن.

آءٌ پاڻ بندر طرف لهي ويس. ات لاڪاڻين ميربحرن جون ۳ سؤ يون بيٺل هيون، لاڪاڻي اسان جي خاندان جا مريد هئا. ساڻا تي ٥٠٠ کن ميمبر ڀرتي ڪري، کين ساڳيءَ طرح سمجهائي ڏنم ته هو به ۹ بجه صبح جو اچي هال ۾ ويهي رهن؛ جيڏانهن اسان هٿ کڻون، ان طرف هو به پنهنجا هٿ مٿي ڪندا رهن.

صبح تائين اهو سڄو انتظام مڪمل ٿي ويو. ۹ بجه پاڻ وڃي ڏٺوسين ته هال اسان جن ماڻهن سان ڀرجي ويل هو. فقط ڊيس خالي ڇڏي ويٺي هئي، جت ليڊرن کي اچي ويهڻو هو.

ليڊر صاحبان پاڻ شيو، غسل ۽ نيرنيون ڪري سوا ڏهين بجه ڊاڪ بنگلي مان نڪري اچي موقعي تي پهتا. هال جي دروازي تي مون سندن استقبال ڪيو. هال اندر قدم رکندي هال جو حال ڏسي ويچارن جا منهن لهي ويا (۱).

خانبهادر (۲) شاهنواز خان مون ڏانهن نهاري، وري هال ۾ حاضر هجوم ڏانهن اشارو ڪندي، ٺوڪ طور انگريزيءَ

---

(۱) ان کان اڳ انسوسيئيشن جي ميٽنگن ۾ فقط ۲۵ يا ۵۰ ۾ وڌ ۾ وڌ ۱۰۰ کن وڏا ماڻهو ايندا هئا؛ عوام کي نه ميمبر بڻائيندا هئا، نه ميٽنگن ۾ اچڻ ڏيندا هئا. هيءُ پهريون دفعو هو، جو انسوسيئيشن جي ميٽنگ ۾ غريب عوام سون جي تعداد ۾ اچي شريڪ ٿيو هو.

(۲) اڃا تائين ”سر“ جو خطاب ڪونه مليو هوس.

۾ چيو: "Very respectable gathering" (يعني "تمام معزز جو مجموعو آهي.") مون جواب ڏنس:

"They are the common men in whose name you speak" (يعني "اهي آهي ئي عوام آهن، جن جي نالي ۾ اوهان ڳالهائيندا رهو ٿا.")

ميان نورمحمد مرحوم، جنهن کي سيڪريٽري چونڊجڻو هو، سو هجوم ڏسندي ئي پويان پير ڪري ٻاهر نڪري ويو، وري ڪنهن کيس سڪر ۾ ڪونہ ڏٺو.

خانبهادر شاهنواز خان مرحوم حاضرين کي رسمي طور خوش آمديد چوڻ کان پوءِ ميٽنگ کي مهمل ڪرڻ جو اعلان ڪري، هال ڇڏي، وڃي موٽر ۾ ويٺو ۽ سڌو لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو. ٻيا ليڊر بہ غائب ٿي ويا، گھڻو ڪري وڃي ريلوي جي ويٽنگ روم ۾ ساهہ پٽيائون ۽ ريل گاڏين رستي ڇڙوڇڙ ٿيندا ويا.

ٽيان ڊاڪ بنگلي ۾ ڪڪڙ پچندا ۽ ديگڙا دمبا رهيا، پر ڪائي لاءِ هيڪڙ ٻيڪڙ ڪو شخص آيو. موقعي کي تاڙي اسان جو آغا صاحب مرحوم سڌو وڃي ڊاڪ بنگلي تي پهتو. پريس مان نوڪر ڪان ديگڙا ڪٽايو ويو هو. بنگلي جي پورچين تي ڏونس چمايائين تہ مهمانن جو هڪ مجموعو خانبهادر درمحمد خان(١) جي بنگلي ۾ آيل آهي، جنهن لاءِ ماني اوڏانهن ڪٽي وڃڻي آهي.

پورچين ديگڙا پري سندس حوالي ڪيا، آغا صاحب گھٽي ۾ گھڻن سيخ ڪباب ڪڪڙن هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

درمحمد خان جي بنگلي جو تہ فقط بهانو هو. ديگڙا سڌا پريس ۾ اچي پهتا. پرنٽي ويلا ٻاڻ ۾ [illegible]

(١) اهو بنگلو اسان جي سنڌ زميندار پريس جي سامهون هو.

۽ آئي وئي کي به ڪارائيندا رهياسين. البته پڪلن ڪڪڙن جي ويجهو آغا ڪنهن کي اچڻ ڪونه ٿي ڏنو. ڪيس ”جگر جي خرابيءَ“ جي شڪايت رهندي هئي، جنهن جو علاج ڪڪڙ جو ڪباب سمجهندو هو. هڪ شام جو آءٌ گهمي ڦري اڌ رات جو مولي پريس ۾ آيس. ڇا ڏسان؟ آغا صاحب ڪڪڙ جو ڪباب کائي ويٺو هڏا چپي. مون چيس: ”آغا صاحب، اڌ رات جو ويٺو بدپرهيزي ڪرين، انهن پرڪارين تہ، ڪنهن ڏينهن، تنهنجو جگر بنہ جواب ڏئي بيهي رهندو“. فرمايائين ۽ ”هرگز نہ، هي مال غنيمت آهي، ان مان مستفيد ٿيڻ شرعاً جائز آهي. ۽ جائز شيءِ واپرائيندي جگر کي ڪنهن نقصان پهچڻ جو انديشو ڪونہ آهي، پاڻ ان ۾ برڪت ۽ صحت جو راز سمايل رهي ٿو.“

مون عرض ڪيو: ”هي مال غنيمت ڪيئن آهي؟“

فرمايائين: ”تون بي‌سمجهہ آهين، حقيقي علم کان بي بهره آهين. جنهن سازش کي اسان ناڪامياب بڻايو آهي، سا سازش سنڌ جي مومن مسلمان عوام جي حقن تي ڌاڙي هڻڻ لاءِ هئي، ان جي مخالفت هڪ قسم جو جهاد هو. جهاد جي دوران ۾ مخالف ڌر جو جيڪو مال قبضي ۾ اچي ٿو سو مال غنيمت ليکيو وڃي ٿو. ان اصول هيٺ دشمن جي ڪيمپ مان هٿ آيل خوراڪي سامان مال غنيمت نہ، تہ ٻيو ڇا آهي؟“

هڏا کائي ختم ڪيا هئائين، هڪ وڏي اوڳرائي ڏني، اکيون پوري، آيت مبارڪ انا فتحنالک فتحاً مبينا، بلند آواز سان پڙهندي وڃي کٽ تي آڏو ٿيو.

ڪنهن ڊاڪٽر آغا صاحب کي ٻڌايو هو تہ هڏن ۾ فاسفورس ٿئي ٿي، تنهڪري آغا صاحب کي به هڏو پونتي ڪونہ ڇڏبو هو، ڪتا ويچارا سنگهي سنگهي نااميد ٿي هليا ويا.

غرض، انسوسئيشن جي سياست جيءَ جو جوکم يا آبرو لاءِ انديشناڪ ڪانہ ھوندي ھئي. آن جا دلچسپ ۽ وندرائيندڙ پھلو بہ ٿيندا ھئا، ماڻھو کِلي بہ سگھندا ھئا، کِلائي بہ سگھندا ھئا.

*　　　*　　　*

انسوسئيشن ۾ ايان ڪو اھڙو پروگرام ڪڏھن ڪونہ رھيو ھو، جنھن ۾ ھيڙن واقعن يا رڪاوٽن يا مھملين سببان ڪنھن رخني پوڻ جو امڪان پيدا ٿئي.

انسوسئيشن کي وڏ ۾ وڏ ماڻھتر ڏيڻا پوندا ھئا، جن جو رواج، وچ ۾ سياسي ۽ انقلابي تحريڪن جي زور وٺڻ ڪري خودبخود ختم ٿي ويو. پاڻ کي عملدارن اڳيان اڳي ڪرڻ ۽ امن پسند ليبري ڇماڻي جي پراڻن طريقن جي ضرورت وينديي رھي.

*　　　*　　　*

اھا سکر واري ميٽنگ سنڌ محمڊن انسوسئيشن جي آخري ميٽنگ ثابت ٿي: نہ وري ميٽنگ ٿي، نہ عھديدارن چونڊائڻ جي ڪنھن کي جرئت ٿي. سھڻدي، سمھندي انسوسئيشن ھميشه لاءِ سمھي پيو، ميدان خالي ٿي ويو. ان جي جاءِ تي ترقي پسند نيون تحريڪون ۽ جماعتون اڀرنديون ويون، پھريان سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ جماعت ٺھي ۽ تحريڪ شروع ٿي، سنڌ جدا ٿي تہ اسيمبلي پارٽيون وجود ۾ آيون، اڃا انھن جا جھيڙا جاري ھئا تہ مسلم ليگ کڙي ٿي ۽ پاڪستان جي ھلچل ھلي. دنيا بدلجي ويئي.

مرحوم محمڊن انسوسئيشن جو نالو بہ ڪنھن کي ياد نہ رھيو.

*　　　*　　　*

ماڳيو حال، ڪهڙ ۾ گهٽ، سياسي لحاظ سان، حسن علي خاندان جو ٿيو. الله تعاليٰ سندس پوين کي هر طرح نوازيندو رهيو آهي، ۽ نوازيندو رهندو، ڇوته هو ان جا مستحق آهن. پر سياست جي ميدان ۾ اهو سلسلو مرحوم مغفور خانبهادر ولي محمد تي ختم ٿي ويو.

آءٌ يقين سان چئي سگهان ٿو ته اها خاندان سنڌ جي محسن خاندان آهي. سنڌ ان جا ٿورا، صدين تائين، لاهي ڪانه سگهندي.

سر مانٽيگو ويب ۽ ٻيا انگريز شهري

ڪراچيءَ ۾ انگريز عملدارن کان سواءِ واپاري انگريز به رهندا هئا، جن جون وڏيون وڏيون ڪوٺيون هونديون هيون. پر انگريز پاڻ ۾ ايتري قدر هڪٻئي جي ويجهو هوندا هئا جو اهو فرق ڪونه ٿيندو هو ته ڪير سرڪاري عملدار آهي ۽ ڪير خانگي ماڻهو.

جيڪي ناميارا غير عملدار انگريز مون ڪراچيءَ ۾ ڏٺا، انهن مان هڪ سر مانٽيگو ڊي. پي. ويب هو. ڏسڻ وائسڻ ۾ حشمت وارو ۽ مڙس هوندو هو. فاربس ڪيمبيل يا ميڪنيان ميڪنزي ڪمپني جو مقامي مئنيجر ٿي رهيو. سياست ۾ حصو وٺندو هو. انگريزي روزانه اخبار "ڊيلي گزيٽ" جو پوريان چيئرمين ۽ پوءِ پاڻ ايڊيٽر بڻيو. انگريز قوم ۽ حڪومت جو طرف بيان ڪندو رهندو هو. بمبئي ڪائونسل جو به سرڪاري ناٿيل ميمبر هو.

ٻيو هڪ انگريز اي. ايل. پرائس هو، جنهن کي ان وقت جي حڪومت پٺڀرائي ڏيندي رهندي هئي. سنڌ جي علحدگيءَ جي باري ۾ جيڪي سرڪاري جانچ ڪاميٽيون مقرر ٿيون، تن جو ميمبر بڻائيندا هئس. اقتصاديات جو ماهر

سمجهيو ويندو هو. البته اڏمغزي هوندو هو. هڪ ٻنهه پراڻي فورڊ موٽر هئس، جنهن جا دروازا ڪيڏرائي ڇڏيا هئائين، ڇو ته دروازي کي کولڻ تي ٻه وقت وڃائڻو ٿي پيس.

ڊبليو رچرڊسن، سالن جا سال ڪراچيءَ جو سٽي ماجسٽريٽ ٿي رهيو. علي برادران واري تاريخي مقدمي هلائڻ کان هن ڪري نابري واري هئائين ۽ سرڪار جو حڪم نه مڃيو هئائين، جو هن جي خيال ۾ اهو سياسي مقدمو هو، جنهن جي ڳالهين ۾ ڪامورن ضرور "ڪنڊ ٽوپو" ڪيو هوندو، جنهن تي چشم پوشي ڪرڻ لاءِ هو تيار ڪونه هو. پوءِ اهو مقدمو هڪ ديسي ايڊيشنل سٽي ماجسٽريٽ، ايس-ايم- ٽلاٽيءَ، کي هلائڻ لاءِ ڏنو پيو هئن.

قاضي عبدالرحمان مرحوم

هڪ ڏينهن حاجي عبدالله هارون مرحوم، گفتگو ڪندي، پنهنجي متعلق چيو:

"منهنجي ترقيءَ ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هن ڳالهه جو به حصو رهيو آهي، ته مون کي پنهنجين گهٽتاين جو پورو پورو احساس رهي ٿو ۽ انڪري انهن گهٽتاين کي پوري ڪرڻ لاءِ ٻين لائق ماڻهن جي مدد حاصل ڪندي ڪو عار محسوس ڪونه ڪندو ڪريان. الله تعاليٰ ماڻهن کي سڃاڻڻ جو ملڪو مون کي عطا ڪيو آهي، مون کي هر موقعي ۽ هر ڪم لاءِ صحيح ساٿي مليو وڃن. انهن جي مدد سان آءٌ پنهنجون گهٽتايون پوريون ڪري ڇڏيان."

جن نوجوانن کي حاجي صاحب سڃاڻي، لائق سمجهي، پاڻ سان شامل ڪيو، تن ۾ هڪ قاضي عبدالرحمان مرحوم به هو. ڪيترا سال حاجي صاحب جو سيڪريٽري رهي سندس سياسي ڪاروبار هلائيندو رهيو.

مرحوم نواب شاهه جي ساهتي علائقي جي پيدائش هو. بي. اي. پاس ڪري ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو، جت عبدالله هارون جي نظر انتخاب مٿس پئجي وئي. پهريائين پنهنجو سياسي سيڪريٽري ڪري رکيائينس، ان کان پوءِ الوحيد اخبار ڪڍارايائين ته ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيائينس. ايڊيٽريءَ ۾ ڏاڍو نالو پيدا ڪيائين. الوحيدي ٽولي سان گڏ، جيل جي ياترا به ڪيائين. الوحيد سان هفتيوار انگريزي اخبار ”مسلم ايڊووڪيٽ“ نڪتي ته ان جو ايڊيٽر به پاڻ ٿي بيٺو. سنڌي خواه انگريزيءَ ۾ سندس قلم ۾ رواني هئي. ۱۹۲۰ع وارن آئيني سڌارن کان پوءِ جيڪا سياسي بيداري سنڌ جي مسلمانن ۾ پيدا ٿي، تنهن کي موثر بڻائڻ ۽ چمڪائڻ لاءِ بي انتها پاڻ پتوڙيندو رهيو. مجموعي طرح سنڌ جي نئين سياست جي بنياد رکندڙن ڏهن ٻارهن ماڻهن جي پهرينءَ قطار جي زينت هو، پر غريب هو، زر يا زمين ڪانه هئس، جوانيءَ جو وڏو حصو قوم اڳيان نذر ڪرڻ بعد، قوم جي بي قدريءَ ٽڪائي وڌس. سياست ۽ صحافت ڇڏي پيٽ پالي زنده رهڻ خاطر ڪراچي لوڪلبورڊ ۾ نوڪري ورتائين ۽ چيف آفيسر ٿيو. اتان نڪرڻ بعد سندس ڪهڙيون مصروفيتون رهيون، تنهن جي خبر ڪانه رکيم. جيڪڏهن هندو هجي ها ته قدر افزائي ٿيندي رهيس ها ۽ پاڻ به ڇاڙيءَ تائين سياست ۾ رهي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهي ها — گهٽ ۾ گهٽ، آزاديءَ کان پوءِ ته پنهنجي هم عصر هندو قومي ڪارڪن سرڪواسي جيرامداس دولت رام وانگر ڪنهن صوبي جي گورنري تان رٽائر ڪري ها.

پر هت صفا سڃ جو سفر سامهون آيس. گهرائي وڃي گوشه گمنامي اختيار ڪيائين. هڪ هت سان هميشه لاءِ تاڙي وڃي ڪانه سگهي.

سيٺ نائُون مل هوتچند ڀوڄواڻي

ڀوڄواڻي ڪٽنب دادوءَ مان آيل هو. خدا آباد جي ڀر ۾ سامتاڻي علائقي جي سوڪڙي هئا. دنيا جي مختلف حصن ڪي واپار جي چار ۾ وڪوڙي ويٺا هئا. ملڪان ملڪ ڪوٺيون ۽ گماشتا هئن. چار سو ٻيڙا وٽن هئا، جيڪي واپاري مال مختلف ملڪن جي مابين آڻيندا نيندا هئا. مرڪز ٻهريان سونمياڻي پاسي بلوچستان جي حدن اندر هڪ خانگي بندر جي ڀر ۾ ڪوليو هئائون. جڏهن اهو بندر سمنڊ جي ويرين جي لاهه چاڙهه سبب لنجي جهازن جي استعمال لاءِ ناڪارو ٿي ويو ته خاندان پنهنجو مرڪز اتان ڪڍي آڻي ڪراچيءَ ۾ رکيو. ڪراچي اُن زماني ۾ ڪانه هئي. مهاڻن جي هڪ ڪڪائين مياڻي هوندي هئي، جنهن جي ڀر ۾ سمنڊ جو ڪنارو جهازن جي بيهارڻ لاءِ موزون هجڻ ڪري بندرگاهه طور استعمال ٿيڻ جي قابل هو.

ڀوڄواڻين ات هڪ ڪوٽ ڪڍائي پنهنجو ڪٽنب ۽ واپاري عملو آڻي منجهس ويهاريو. ڪوٽ کي ٻه دروازا رکيائون، کارو در ۽ مٺو در. اهو علائقو خان قلات کي ڪلهوڙن جي زماني ۾ مليو هو ٻه طور 'خون بها جي'. ڪلهوڙا حاڪم، خان قلات جي ڀاءُ کي خون ڪرائڻ جا ڏوهي ثابت ٿيا هئا، عيوض ۾ اهو علائقو خان کي ڏيئي ڏرين پاڻ ۾ ٺاهه ٺوهه ڪيو هو. خان طرفان انتظام ڀوڄواڻي هلائيندا رهيا، جن ٻچاڙيءَ ۾، خان جي هيٺائي ڪري ۽ سنڌ جي نون ٽالپرن حاڪمن جي فوجي حملن کان مجبور ٿي علائقو ٽالپرن جي حوالي ڪري ڇڏيو، پر انتظامي ڪاروبار، وري به، ڀوڄواڻين جي صلاح مشوري مطابق هلندو رهيو.

جنهن زماني ۾ پوچوانئين اچي ڪراچي شهر جو بنياد وڌو، خاندان جا سربراهه سيٺ هوتچند ۽ سندس پٽ نائون مل هئا.

بين الاقوامي دنيا سان تجارتي تعلقات رکڻ سببان هو دنيا جي سياسي حالتن کان باخبر رهيا ٿي، ظاهر آهي ته جن ماڻهن دنيا سان ڏنو ڏٺو هلايو ٿي سي، پنهنجي مٽي، هوشيار ۽ زمانه شناس به هوندا.

ڪين معلوم هو ته انگريز هندستان جي ڪين ڀاڱن تي اڳ ۾ قابض ٿي چڪو آهي ۽ سندس اکيون باقي ٽڪرن تي به کتل آهن، جتان جي اندروني واٽ سواءِ لهڻ لاءِ انگريزي جاسوس ۽ چاڙتا ملڪان ملڪ ڦرندا پئي وتيا. سنڌ جي پاڙيچي علائقي ڪڇ ۾ هو اڳ ۾ ئي اڏو قائم ڪري ويهي رهيو هو، ڪڇ جي راجا پنهنجو ملڪ سندس حفاظت ۾ ڏيئي ڇڏيو هو.

پر واري ملڪ سنڌ ۾ انگريز لاءِ وڏي اهميت ٿي رکي. ان زماني ۾ کيس ٻن پاسن کان خطرو نظر ٿي آيو. افغانستان ۽ بلوچستان جي رستي سان روس جي حملي جو ۽ ايران جي پاسي کان فرينچن جي يلغار جو. انهن حمله آورن کي روڪڻ ۽ ان خطري کان هميشه لاءِ محفوظ رهڻ جو هڪڙوئي طريقو هوس—وچ ۾ پوندڙ ملڪ، يعني سنڌ، تي سندس قبضو نه ته تسلط ضرور رهي!

—سنڌ جا ٽالپر حاڪم انهن امڪانن کان بيخبر هئا.

—پوچوانئي باخبر رهيا!

* * *

مير صاحب (الله تعاليٰ جون مٿن رحمتون هجن) تمام نيڪ نيت ۽ ويساهي انسان هئا. هو پنهنجي دل تي هلندا

ٿي رهيا. نيڪ نيتي ۽ صلح پسندي کي ”فيصلہ ڪُن“ دفاعي حڪمت عملي تصور ڪندي، پاڻ قبائلي جنگين ۾ ماڻهن ۽ جهنگن ۾ ميرُن کي منهن ڏيڻ ۾ مصروف هوندا هئا. شعر و شاعريءَ جي ٿورنڪر هوندي هـُونَ؛ چوڏاري قصيده گو شاعر لامارا ڏيندا ٿي وتين؛ وڏو ڌاڙهو يا ميرون ماريو تہ اهڙي رزميہ انداز ۾ نظمون جوڙي راس ٿينديون جو ميرن صاحبن ڪا وڏي فوجي مهم سر ڪري وڌي!

سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ ميرن ملڪ کي ٽي ٽڪر ڪري هر هڪ شاخ جي حوالي، ۾ هڪ ٽڪر ڏئي پنهنجي خاندان کي سرچاڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سمجهيائون پئي تہ ان طريقي سان منجهانئن اندروني رقابتن ۽ بشريت جي تقاضائن کي پنجو اچي ويندو. علي مراد خان (۱) ۽ ان مزاج جي پين مائٽن ۾ بنهہ اک ڪانہ ٿي پڌين.

عدالتي ۽ انصافي ذميدارين کان پاڻ کي آجو رکيو هئائون، الا بلا برگردن ملا. شريعت مطهره جو قانون هوندو هو، فيصلا ڌڙا قاضي مفتي ڪندا هئا، ڏاڍا بي رياءَ هوندا هئا، پنهنجن سان بہ ڪونہ ڪُسندا هئا، هڪ ٻئي خلاف ڪفر جي فتوائن جاري ڪندي بہ دير ڪانہ لڳندي هـُون. مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي مدظلہ (۲) جي تحقيق مطابق شاهہ عنايت شهيد رحمة الله عليہ کي شهيد ڪيائون تہ

---

(۱) سنڌ کسائڻ کان پوءِ علي مراد خان مرحوم کي الڪريزن جي. سي. ايس. آءِ ۽ ”شير سنڌ“ مير شير محمد خان مرحوم کي ڪي. سي. ايس. آءِ جي خطابن سان سرفراز فرمايو.

(۲) ڏسو مولانا جو مضمون، ڪتاب ”تحفہ لطيف“ جي صفحي ۳۳ تي. اهو ڪتاب مغربي پاڪستان حڪومت جي محڪمہ اطلاعات (ڪراچي) ڇپايو.

شڪارپور جي بزرگ حاجي فقيرالله علوي صاحب رحمة الله عليه، اها خبر ٻڌي، شڪراني جا نفل پڙهيا.

ميرن جا مالياتي معاملا هندو ڪاردارن، متصدين، ۽ منشين جي حوالي رهيا. سفارتي ڪم به گهڻو ڪري آهي ئي پيا هلائيندا هئا (١).

* * *

پوچوائين جي ڪوٺيءَ ڪلان ڪان پوءِ ڪراچيءَ جي آبادي وڌي. هندن مندر قائم ڪيو هو، ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مسلمانن به مسجد ٺاهي. ڪنهن معمولي ڳالهه تان هندن ۽ مسلمانن ۾ "تون چا" "تون چا" ٿي پئي. هندن جي سرڪرده، پوچوائين جي مهندار، هوتچند خلاف ميرن کي دانهن ملي. حيدرآباد مان ميرن ماڻهو موڪلي هوتچند کي گرفتار ڪرائي پاڻ وٽ گهرايو. فيصلي لاءِ معاملو قاضين مفتين جي حوالي ٿيو. ڪجهه ڏينهن نظربند رکڻ ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهلڻ ڪان پوءِ هوتچند کي نصرپور نيئي مشرف به اسلام ڪيائون.

---

(١) تعجب آهي تہ ميرن هندن تي ڪيئن ايترو اعتبار ڪيو، جڏهن تہ هندو من حيث القوم، مان ۽ قاضين ڪان ٿالان رهندا هئا ۽ ان لحاظ مان هو سندن خيرخواه به ٿي نٿي سگهيا.

ڏسو ان دور جي باري ۾ ڪي ڪتاب، مثلاً:

(١) "ميرن جي دربار" ترجمو محمد حنيف صديقي مرحوم جو ڪيل. (٢) "لنائون مل جون يادگيريون"، ترجمو محمد حنيف صديقي مرحوم جو. (٣) "تذڪره مخاديم کهڙا" مؤلف مخدوم الله بخش مرحوم.

غالباً هندو پاڻ ان ڪري ميرن مان ڇڙيا ٿي رهيا، جو هڪ طرف تہ ڪمائي جو سوال درپيش هئن؛ ٻئي طرف هيءُ خطرو تہ جيڪڏهن ميرن کي ناراض ڪيائون تہ مٿن وڏيون سختيون ٿينديون.

ختني ٿي وڃڻ کان پوءِ، هوتچند کي ميرن وٽان آزاديءَ جو مژدو مليو. جيڪڏهن بخت پڙائيس ها ته هو مسلمانيءَ جي ملئيل نعمت جو قدر ڪري ها ۽ ان تي قائم رهي، پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي باغ بهار بڻائي وڃي ها. پر سندس بخت بگڙيل هو. هن اُن سرجريءَ کي شديد بي عزتيءَ سان تعبير ڪندي، گهر ڀاتيائيءَ کي پنهنجي حال زار ڏيکارڻ بدران، حيدرآباد سان ڇوري ڀڄڻ جي همت ڪري، ڦليليءَ جي رستي، سڌو رياست ڪڇ جي سرحد تي وڃي پهتو(١). اتان ڪشالا ڪندو ڀُڄ رسيو، جت اڳ ۾ ئي سندس ڪوٺيءَ جي شاخ هئي.

انتقام جي باهه سندس جيرو جلائي ڇڏيو هو. هو پاڻ سان وچن ڪري چڪو هو ته جيستائين سنڌ مان ميرن جو خاتمو نه ڪرايو اٿائين، اوستائين هو گهر ڪونه موٽندو. ان مقصد سان ڀڄ ۾ رهي پيو ۽ انگريزن سان سازباز ڪندو رهيو.

حيدرآباد ڇڏيندي، پوين ڏانهن پيغام موڪليندو ويو ته جيستائين ميرن کان انتقام وٺڻ جو بندوبست نه ٿيو آهي، اوستائين هو موٽي سنڌ ۾ قدم ڪونه رکندو.

ان ڏينهن کان پوءِ ميرن جي پاڙن پٽائڻ لاءِ پوچواٽي ڪٽنب جا ماڻهو ڪاتڪهاڙا کڻي بيهي رهيا.

* * *

ڀُڄ ۾ انگريزن جو اڏو اڳ ۾ ئي موجود هو. هوتچند اتان جي انگريزي ايجنٽن جي ذريعي اورين ورين انگريزن کي ڪوٺ ڏني ته هو اچي سنڌ تي قبضو ڪن.

---

(١) غالباً رت ڳاڙيندو ۽ ڦٽ جي ڇيٽ ڪندو ويو.

کين يقين ڏياريائين ته سندس ڪراچيءَ واري ڪوٺي، ۽ سندس خاندان جا سمورا ذرائع، کين مقامي طرح، مدد ڏين لاءِ تيار رهندا.

انگريزن ڪي ڇا ڇا گهربو هو؟ منصوبو ٺهيو ته افغانستان ڏانهن ويندڙ سندن فوجون سنڌ جي رستي وڃن، ۽ افغانستان مان واپسيءَ بعد ميرن کي ڪڍي خود سنڌ تي قبضو ڪري ويهي رهن.

ڪراچيءَ ۾ هوتچند جو پٽ نائون مل موجود هو. هو انگريزي فوجن سان پاڻهن پيلي ٽي بيهي رهيو.

آن کان پوءِ ڇا ٿيو؟ نائون مل وارن انگريزن لاءِ ڇا ڇا ڪيو، تنهن جو تفصيل ڪتاب ”نائون مل جون يادگيريون“ ۾ ڏسي سگهجي ٿو، پڙهڻ جهڙي شي آهي.(١)

*   *   *

صاف ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن هوتچند انگريز کي اثاري ڪڙو نه ڪري ها، سندس پٽ نائون مل، سنڌ اندر، انگريز جي امداد نه ڪري ها، نه انگريز کي ضرورت وقت خرچ لاءِ قرض ڏئي ها، نه سندس فوج جي سواريءَ لاءِ سوين اٺ فراهم ڪري ها، نه سندن طرفان جاسوسي جو چار وڇائي ملڪي خبررسانيءَ جي ضرورت پوري ڪري ها، نه پاڻ، ڪن موقعن تي، ڏوتي لاهي، پتلون پهري ۽ ٽنگن تي پٽيون چاڙهي، انگريزي فوج جي رهبري ڪري ها، نه پاڻ اڳ ۾ ٿي، انگريز پاران، زوريءَ ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ها — ته هوند سنڌ جي تاريخ ٻيءَ طرح هجي ها — يعني:

---

(١) اهو ڪتاب سر ايون جيمس، سنڌ جي ڪمشنر، لنڊن ۾ ڇپارايو. آن جو سنڌي ترجمو مرحوم محمد حنيف صديقيءَ ڪيو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

* ميرن جي صاحبي اڄ تائين هلندي رهي ها.
* ويهين صديءَ جا اثر ۽ ايجادات، گهٽي پير، سنڌ اندر اسري ڪونه سگهيا ها.
* زندگي سانتيڪي هجي ها، راتيون خواب آور گورين جي مدد کان سواءِ گذرن ها.
* سواريءَ لاءِ اٺ ۽ گهوڙا هجن ها (هندن لاءِ گڏهه ۽ خچر).
* جهازن جا ڪم جهمٽين کان پيا وٺجن ها.
* وقت آرام سان پيو گذري ها، شيلن ۽ شڪارن ۾.
* نه وڏا شهر هجن ها، نه گند ۽ غلاظت جا ڍير ميڙن ها.

پر نياڻي ناؤن مل، گهر جو ڀيدي ٿي، انگريزن کي هٿ آئي، لنڪا لٽرائي ڇڏي.

سارو خلل، حقيقتاً هوتچند جي خفتي تي متو.

ميرن جي حڪومت کي جيڪي ڪجهه خفتي مان هٿ آيو سو ڦيٽو، بدلي ۾ سنڌ انگريز ڦٻائي ويو. ڇا وڃائون، ڇا وڃايائون؟ سؤ سالن لاءِ سنڌ مان مسلمانن جي راڄ ۽ شرعي نظام جي لاڪ لهي وئي. مير مراد علي خان مرحوم خود ناؤن مل کي گهرائي چيو: "پنهنجي پيءُ جو پلئو پيشڪ ڪيئي!"

جڏهن انگريز سنڌ تي قبضو پئي ڪيو ۽ ناؤن مل ڪيپٽن پريڊي سان گڏ، ڪراچيءَ مان ميرن جي ڪامورن کي پئي ڪڍيو، ته هوتچند ڪڇ مان ڪهي، پنهنجي خانگي جهاز ۾ سوار ٿي، اچي ڪراچيءَ جي ساحل تي پهتو هو ۽ اُت جهاز کي لنگر انداز ڪري ان ۾ ويهي رهيو هو. اتان ويٺي ويٺي پئي تماشي جون خبرون وٺتائين. معاملو صاف ٿي ويو، ۽ ميرن جو خاتمو ٿي ويو ته پاڻ به جهاز مان لهي خشڪيءَ تي پير پاتائين ۽ موٽي اچي پنهنجي گهر ۾ ويٺو،

ڏهن يارهن ورهين جي جلاوطنيءَ کان پوءِ! ان گهراڻي جو بعد جي انگريزي دور ۾ به ڪافي اثر رهيو. ڪراچي شهر جا ته چڻ مالڪ مختار هئا.

* * *

مون پنهنجين اکين سان ناؤنمل جو پڙپوٽو ڏٺو، راءِ بهادر بولچند آلومل ڀوڄواڻي. سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو. ڪنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي جو حضور ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي آيو هو.

مون ڪي پنهنجي ڏاڏي مرحوم سان گڏ، ڪنهن سرڪاري ڪم جي سلسلي ۾، ڪيس ڏسڻ جو موقعو مليو. ڏکو قد، جسم وچولو، رنگ ڪڻڪائون، ڏاڙهي ڪوڙيل، مڇون موزون، مٿي تي ننڍي پڳڙي، هيٺ تي اڇي پتلون ۽ ساڳئي رنگ جو بند ڪلي سان ڏکو ڪوٽ. ڏاڍو 'فهميدو ۽ سنجيدو ٿي لڳو. ڦور ڳالهائو، نيوڙت وارو، فارسيءَ جو چاڻو، گفتگو جي وچ ۾ فارسي جا مثالي بيت ۽ قول پيش ڪندو ٿي رهيو. تصوف ڏانهن مائل ۽ قلندرلعل شهباز رح جو معتقد ٿي ڏٺو. سنڌ اندر مختلف جاين تي نوڪري ڪري چڪو هو. جتان ٿي آيو هو اُتان جا ماڻهو سندس اشرافت، خدا ترسيءَ، عدل ۽ بي ريائيءَ جي تعريف ڪندا ٿي رهيا.

دادا ليکراج

سنڌ جي هندو عاملن ۾ هڪ خراب رسم پئجي وئي هئي، جنهن کي "ڏيتي ليتي" چيو ويندو هو. ان رسم هيٺ نياڻيءَ کي شاديءَ وقت وڏي رقم ۽ قيمتي ڏاج ڏيڻو پوندو هو، جنهن جا ريٽ مقرر هوندا هئا، يعني جيتري قدر مگيندو زياده تعليم يافته ۽ برسر روزگار، اوتري قدر زياده پيڙو

ڏٺو ويندو هو. نتيجو اهو نڪتو هو جو ڪيترا پيئر پنهنجون شاديءَ جي قابل نياڻيون آئاري ڪونه سگهندا هئا، ڇو ته وٽن ايتري دولت ڪانه هوندي هئي، جنهن مان هو نياڻيءَ جي پيڙيءَ ۽ ڏاج ڏيوڻ جي پورت ڪري سگهن. هڪڙو وقت اهڙو به آيو جڏهن، وڏي تعداد ۾، شاديءَ جي لائق ڇوڪريون ڪنوارپ جي حالت ۾ حياتي گذارڻ لڳيون. هندن ڪوشش ڪري "ڏيتيءَ ليتيءَ" کي بند ڪرائڻ لاءِ قانون به پاس ڪرايو، مگر فرق ڪونه پيو.

دادا ليکراج پاڻ حيدرآباد جو هندو عامل هو. هن کي ڪنيائن جي اهڙي هيٺي حال تي ڪهل آئي. اوم منڊليءَ جي نالي سان هڪ ادارو کوليائين، جنهن ۾ ڏيتيءَ ليتيءَ جي ستايل شاديءَ کان نا اميد ڇوڪرين کي پاڻ وٽ پناهه ڏني کين باقي عمر ڏيان گيان ۽ گهريلو هنرن ۾ مشغول رکڻ جو بندوبست ڪيائين. گهٽ ۾ گهٽ، ظاهري طرح ته منڊليءَ جا اصول اهي بيان ڪيا ٿي ويا.

منڊلي ٿورن ئي ڏينهن اندر عورتن ۾ ڏاڍي پاپولر ٿي وئي. وڏي تعداد ۾ عاملن جون غيرشادي شده عورتون پنهنجن گهرن مان ڀڄي وڃي منجهس رهڻ لڳيون ۽ عاملن جي معاشري ۾ وڏو ڏاڪوڙو پئجي ويو. وايومنڊل اهڙو بڻيو جو، گهڻو ڪري، ڪنهن به ڇوڪريءَ تي مائٽن جو اعتبار ڪونه رهيو. جيڪي اڃا نه ڀڳيون هيون، تن لاءِ به اهو ٿي سمجهيو ويو ته هو اڄ نه سڀاڻ ضرور اوم منڊليءَ ۾ وڃي پناهه وٺنديون ۽ مائٽن لاءِ بدناميءَ جو سبب بڻبيون.

حيدرآباد جا عامل وڏي شيءِ هوندا هئا. علم جي لحاظ سان، اقبال جي لحاظ سان، سياسي اثر ۽ جاگيرتا جي لحاظ سان. تن ان خجالت کان ڇٽڻ خاطر ليکراج ۽ سندس منڊلي خلاف وڏو طوفان برپا ڪيو.

دستور موجب، پهريان، هندو اخبارون- جيڪي گهڻو ڪري عاملن جي قبضي ۾ هونديون هيون- ميدان ۾ آيون، طرح طرح جا الزام ليکراج تي آڻڻ لڳيون. ”ته راجا اندر بڻيو آهي، اندرسڀا قائم ڪئي اٿائين، مُرليءَ جي مدد سان گوپيون پيو گڏ ڪري، بنگلي اندر تلاءُ ٺهرايو اٿائين، جنهن ۾ گوپين کي لباس جي بار کان آجو ڪري پاڻ سان گڏ پيو ترڻ ڪرائي، سنياسين وٽان طاقت جا ڪُشتا پيو گڏ ڪري؛ وعليٰ هذالقياس“.

ٻئي نمبر ۾ انگريز سرڪار تي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ٿي ته هو ان اداري کي خلاف قانون ٺهرائي بند ڪري. پر ان ۾ ڪاميابي ڪانه ٿي. انگريز جو پنهنجو اصول هوندو هو. ٻُڌين ڳالهين يا اخباري پروپيگنڊا جي آڌار تي هو هڪ شهريءَ جي چوديواريءَ جي احترام کي مجروح ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو هو. جيستائين ڪمشنري راڄ هو ۽ سنڌ بمبئيءَ کان جدا ڪانه ٿي هئي، سرڪاري طرح ڪو قدم ڪونه کڻيو. ليکراج ٺڪ ڪيڏيون ويٺو رهيو.

تنگ ٿي عاملن ”ڊائريڪٽ ايڪشن“ کڻڻ جو فيصلو ڪيو.

ڪسرت شالائن جو رواج پئجي چڪو هو. نوجوان هندو صبح ويلي اَٽ وجهي تيل مالش ڪرائي بدن کي پلوان بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ لٺين، ڪُهوڙن ۽ کهوپاڙن استعمال ڪرڻ جي سکيا به وٺندا هئا. ڪوٽ وين ته هو جاتيءَ خاطر اوم منڊليءَ تي حملو ڪري ان چنڊال چوڪڙيءَ کي زور سان بند ڪرائين.

اها خبر منڊليءَ وارن تائين به وڃي پهتي ته حملي جي تياري ٿي رهي آهي. انهن پنهنجي دفاعي حڪمت عملي اڳواٽ سوچي ورتي، جيڪا هن طرح هئي: دادا صاحب، ٻوجي جنرل وانگر، پنهنجي ڪئمپ، ميدان جنگ کان پري،

ڪنهن بند ڪمري ۾ رکي آتان ويهي رهنمائي ڪندو.
ميدان جنگ ۾ منڊلي ۾ رهندڙ عورتون خود وجهي
حملو آورن جو مقابلو ڪنديون. هٿيار منڊليءَ ۾ اڳ ۾ ئي
موجود هئا، يعني: ٻوهارا، گند سان ڀريل چڄ، ٻوتلن ۾ بند
بدبودار پاڻي، ڪاغذي پڙن ۾ ويڙهيل ڪين ڪچرو،
مختلف رنگن سان ڀُر پچڪاريون، رنڌڻن جا چمچا ۽ ٻيا
ٿانو، پراڻين جتين جا پادر، وغيره وغيره.

شڪر ٿيو جو انسان جو رَتُ اڃا مهانگو هو، ڇرا
۽ چاقو مقبول عام ڪونه ٿيا هئا. قانون جبرو هو، عدالتن
جي عصمت بحال هئي. مجبوراً عدم تشدد جي اصول کي
ملحوظ رکڻو پئي پيو.

حملي جو ڏينهن آيو. حملو ٿيو، سؤ پنجاهه والنٽيئر،
جن سان پنج چار اخبارن جا خاطو ٻه ساڻ هئا، آوم منڊليءَ
جي گيٽ تائين پهچي در کي ڌڪا ڏيڻ ۽ اُڙ مانداڻ
ڪرڻ لڳا. اندران عورتون ٻه پنهنجن هٿيارن سان ليس ٿي
گيٽ کي منهن ڏئي بيهي رهيون. معاملو شروع ٿيو. والنٽيئرن
مُڪا ڏيکاريا، عورتن ٻوهارا لهرايا؛ هُنن ليکراج جي
حق ۾ زباني گند مَيو، هِنن حقيقي گند مٿن اڇلايو؛ هُنن
دڙڪا ڏنا، هِنن ٻُجا ڏيکاريا؛ هُنن مهاسڀائي ليڊر "وير
ساورڪر جي جئي" جا نعرا هنيا، هِنن "دادا ليکراج جي جئي"
جا آواز ڪسيا. گهڙي سوا اهو ڇڇڙو هليو. اصلي ڪم گند
جي پڙن خراب ڪيو. ڀُڙو لڳو، سُنهن ڀا ڇاتيءَ تان
شُدُ ڪاڏيءَ جي ڪپڙن تي ڪِنُ ڳڙيو ۽ جوان ڀڳو.
اڃا ٻوتلن ۾ ڀريل مال جي ورڪا جو وارو ئي ڪونه آيو
هو ته والنٽيئر ڀڄڻ لڳا. گيٽ پچاڙيءَ تائين ڪونه کُليو،
ٻاهران ئي ٻاهر فيصلو ٿي ويو. حملو ڪامياب ڪونه ٿيو.
اصل ڳالهه هيءَ هئي ته ان دؤر جا غنڊا اڃا ڪافي

ترقي يافته ڪونه هئا، عدم تشدد ۾ وشواش هوندو هئن، زباني جمع خرچ تي ڀاڙيندا هئا.

پيو پيرو هين ڪري "سڌو قدم" ڪجهي نه سگهيو، جو هيءَ افواهه ڦهلجي ويو ته هُني حملي کي پسپا ڪرڻ لاءِ منڊليءَ جي عورتن اڳ کان ئي وڏيڪ جبرا بندوبست ڪري رکيا آهن. مثلاً ڪپڙي جي ننڍڙين ڪنيڙين ۾ ڪڪڙا ۽ ڪپاهه وجهي رکيا اٿن، جيڪي مقابلي وقت گاسليٽ ۾ ٻوڙي، تيلي ڏيئي، حملي آورن تي اڇلائيندايون، جنهن ۾ والنٽيئر تي آهها ٻرندڙ ڪنيڙي ڪيرندي تنهن کي باهه وٺي ويندي. وڏي جوکم جو ڪم ٿي پيو.

بالاخر پنهنجن فيصلو ڪيو ته رات وڪڙي منڊليءَ تي ڪاهي ۽ سرڻ جا وسڪارا ڪجن، جيئن منجهس رهڻ وارن ۽ وارين جو ويهڻ وهڻ ٿي پوي. منڊليءَ وارن هندو پوربيا چوڪيدار رکيا، پر اتفاقاً ڪنهن نوجوان پوربئي چوڪيدار کان اڇائي ٿي وئي، جنهنڪري آئينده لاءِ دادا ليکراج کي نئين ڪيءَ تي به اعتبار ڪونه رهيو.

تنگ ٿي حيدرآباد مان منڊلي منتقل ڪري ڪراچي آندائين. ڪلفٽن پاسي هڪ وڏو بنگلو ورتي ان جي چوڌاري وڏو ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيائين. حيدرآباد جي بلا ڪراچيءَ مٿان اچي ڪڙڪي. ڪراچيءَ جي هندن ۾ به ماڻهن پهچي ويو. خطري جا گهنڊ گهڙيال وڳا. اخبارن خاندانن کي خبردار ڪيو ته گهر ڀاتين تي ڪڙي نظر رکن، گهرن تي ڪڙا ڪلف چاڙهين، ڀاڳي ليکراج پهچي ويو آهي.

جيستائين انگريز پنهنجي اصلي حالت ۾ هو، ليکراج کي ڪوسو واءُ ڪونه لڳو. پر ١٩٣٧ع ۾ نوان سڌرا آيا، ١٩٣٨ع ۾ الله بخش مرحوم جي وزارت ٿيي، جنهن جو مدار وجي هندو ووٽن تي ٿيو. هندن مٿس زور آندو ته

اوم منڊليءَ ڪي خلاف قانون قرار ڏئي حڪماً بند ڪيو ويو. گورنر اڃا به انگريز هوندو هو، تنهن اهڙيءَ قانوني ناداگيريءَ جي اجازت ڪانه ڏني. وزارت ڪي ڇپائين تہ پهريان هاءِڪورٽ جي جج کان تحقيقات ڪرائي، ان جي راءِ وٺي، پوءِ مناسب قدم کڻي.

هاءِڪورٽ جو جج بطور ٽربيونل مقرر ٿيو. آن ڪهڙي رپورٽ ڏني، تنهن جي خبر ڪانه پئي. پر منڊليءَ ڪي بند ڪرڻ جا حڪم جاري ٿي ويا.

هندن تان ڪوپ لٿو. ليکراج جو ان کان پوءِ ڪهڙو ليکو رهيو، تنهن جي خبر خالق کي.

مس جيٺي سپاهيملاڻي

مائي جيٺي حيدرآباد جي هڪ معزز عامل گهراڻي ۾ ڄائي، پر سياسي زندگي ڪراچيءَ ۾ ڪاٽيائين. سنڌ جدا ٿيندي ئي اسيمبلي ميمبر چونڊي ۽ ڪجهہ عرصي بعد ڊپٽي اسپيڪر ٿي.

پڙهيل ڪڙهيل، سياڻي سيبتي، چتر ۽ چالاڪ، گويا کدر جي سفيد ساڙهيءَ ۾ سمايل سرتاپا ڪانگريسي سياست جو مرمرين مجسمو هوندي هئي.

ذاتي خواه صفاتي ڪيريڪٽر جي لحاظ سان بلڪل بي داغ رهي، نسواني فطرت جي ڇڪ کي سُرڪڻ ۽ مٿين ڳالهين تائين محدود رکيائين. سياست ۾ ڪانگريس جي قائل. مسلم ليگين لاءِ عذاب هوندي هئي. اسيمبليءَ اندر ڪانگريس پارٽيءَ جي ڪنواڻ کيءَ، نکن ۾ نوڙي وجهيو پئي هلائيندي هئي. ڏاڍي ”نيشنلسٽ“ هئي. سنڌ جي ڪلچر ۽ پراڻن قصن تي فخر هوندو هئس، انهن جي روشنيءَ ۾ موقعي سارو، زباني حجت ۽ تڪرار ڪندي ڪونه ڊڄندي هئي.

هڪ دفعي مون تي شامت اچي ويئي.

آڪٽوبر ١٩٣٨ع جا ڏينهن هئا. اسان سنڌ جا ڪي سياسي خيال رکندڙ نوجوان، ڪانگريسين مان نااميد ۽ ان وقت جي وزيراعليٰ مرحوم خانبهادر الله بخش کان ناراض ٿي، مسلم ليگ ۾ ڪاهي پيا هئاسين. ڪراچيءَ جي عيدگاهه ميدان ۾ مسلم ليگ جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي هئي، جنهن جي صدارت لاءِ قائداعظم رحمةالله عليه تشريف آور ٿيو هو. آءٌ ان ڪانفرنس جي استقباليه ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هئس. قائداعظم رحه کي هڪ اهڙي جلوس ۾ آڻڻ جو بندوبست ڪيو هوم، جنهن جهڙو جلوس نه اُن کان اڳ ۽ نه ان کان پوءِ ڪڏهن ڪراچيءَ ڏٺو هو.

جلوس پوري ٿيڻ کان پوءِ آءٌ موٽي اچي پنهنجي دفتر ۾ اچا مس ويٺو هئس ته مٿان چيلهه مائي گجندي گوڙندي اچي ڪڙڪي. ڏاڍيءَ ڪاوڙ ۾ هئي، اکيون ڳاڙهيون، منهن ڪاراٽيل هئس. اٿين پٺي لڳو چڻ ڪجهه ڳوڙها به ڳاڙي چڪي هئي.

ڪيس ڏسي مون سمجهيو ته شايد اسان جي ڪنهن والنٽيئر ساڻس بدسلوڪي ڪئي آهي، جنهن جي شڪايت ڪٺي مون وٽ آئي آهي. انهن ڏينهن ۾ اسان جي والنٽيئرن جا انبوهه بندر روڊ تي ڦرندا رهندا هئا، جو هيءَ افواهه هُليو هو ته مهاسڀائي هندو مسلم ليگ پنڊال کي باهه ڏيڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن.

مان مائي جو آدرڀاءُ ڪيو، شربت پاڻيءَ جي آڇ ڪيم، ڪرسي سوري پر ۾ ويهاريومانس. مائي ڪرسيءَ تي ته ويٺي، پر ڪجهي ڪان، غالباً ڳالهائڻ کان اڳ پنهنجو غصو ڊرو ڪرڻ پئي گهريائين.

آخر ڪُلي:

”مسٽر راشدي! تون لاڙون هندو آهين ته تون سنڌي به آهين ۽ سنڌ جي تاريخ جو ڄاڻو به.“

آءٌ: ”حڪم، حڪم ڪيو“.

مائي جيٺي: ”حڪم ڏوڙ، توکي ڇتائڻ آئي آهيان.“

ان وچ ۾ منهنجي(۱) تنبوءَ جي ٻاهران نعرا لڳڻ لڳا. ”جيٺي زنده باد“، ”مسلم ليگ زنده باد“، ”قائداعظم زنده باد“، ”جيٺي زنده باد“. اهي نعرا سرحد مان آيل پٺاڻ والنٽيئرن هڻڻ شروع ڪيا هئا، جن جو هڪ دستو مسلم ليگ جو سرحدي ليڊر خان فقيرا خان ڏمتوڙ مرحوم اسان جي مدد لاءِ وٺي آيو هو. اهي ويچارا سنڌ جي حالتن ۽ ماڻهن کان نا واقف هئا. جيڪي ماڻهو منهنجي تنبوءَ ۾ پئي آيا تن کي ٻاهران پيئي پيئي ”زنده باد“ جي دٻ ڏيندا ٿي رهيا. ڪنهن مقامي شرير کين ٻڌايو هو ته جيٺي اسيمبلي ميمبر آهي، مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اچي وٺي آهي! کين نالي مان پروڙ پئجي ڪانه سگهي ته مائي مسلمان آهي يا هندو. هنن جو ڪم هو نعرا هڻڻ، سو ’جيٺي مائي زنده باد‘ جي ڏم ٻاري ڏنائون.

جيٺيءَ خفي ٿي چيو ته ”هنن ’بلهوشن‘ کي بس ڪراءِ، ته توکي به اکر ڇٽي هلي وڃان.“

آءٌ ٻاهر وڃي والنٽيئرن کي نعرن هڻڻ کان روڪي، موٽي آيس.

جيٺي جي تقرير شروع ٿي. ڪلاڪ کن ڳالهائيندي رهي. وچ ۾ اکر ڇوڻ جو موقعو ڪونه ٿي ڏنائين. ڇٽي امرائيءَ، دودي-چنيسر، فيروز سمي، عيسيٰ ترخان، عبدالنبي ڪلهوڙي، اليگزينڊر برنس ۽ پين جا قصا ڪري وڃي ٻاهر چڙهي. ڪجهه

---

(۱) عيدگاه ميدان ۾ پنڊال جي پاسي ۾ اسان جي دفتر جا تنبو لڳل هولدا هئا.

بروقت سمجهه ۾ آيا، ڪجهه بعد ۾ تفصيلي تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيا.

ٻاڻ، مون کان بنا جواب ورتي، اٿي ڪري ٿي. هيٺ ٻيڪ هٽ ۾ ڪٿي تڪڙيون وکون پريندي ٻاهر نڪري وئي. ايتري قدر غمي ۾ هئي جو ويندي موڪلايائين به ڪونه.

ان کان پوءِ سنڌ ۾ مسلم ليگ تحريڪ زور وٺندي وئي. ڪانگريسين، خصوصاً مائي جيٺيءَ ۽ ٻين پنهنجي پاران ڪونه گهٽايو، ۽ اسان به پوئتي پير ڪونه هٽايو. ضديتون وڌنديون ويون. ١٩٣٨ع کان ١٩٤٧ع تائين چڪتاڻ زور وٺندي وئي، اسيمبليءَ ۾ گوڙ گهمسان رهيا، هندو مسلم فساد ٿيا، مقدما هليا، ٽربيونل ويٺا، نيٺ هندوستان ٽٽو، پاڪستان ٺهيو، ٻين ڪانگريسين وانگر مائي جيٺي به ٽپڙ کڻي بمبئي هلي وئي.

جن ٻن ٽن مسلمان قومي ورڪرن سان سندس بنه ڪانه پوندي هئي، تن مان هڪ آءٌ به هئس. سارو وقت متصادم سياسي ڪئمپن ۾ رهياسين، پر ويهن ورهين جي واقفيت هئي، وضعداري جي تقاضا ڪري آءٌ کانئس موڪلائڻ ويس. فقط ٽي اکر ڪڇيائين، جيڪي حافظي سان چنبڙيل رهيا آهن.

مير ايوب خان مرحوم

ان زماني جي هندستان جي راجائن ۾ مهاراجا بيڪانير- سنڌ جي سربرآورده مسلمانن ۾ مير ايوب خان مرحوم. بلند قامت، ڀريل بت، گوري رنگت، رعبدار شهپر، ڏاڙهي شيو، مٿي تي ڳل سان ڳاڙهي ترڪي ٽوپي، سوٽ پاتل هجي يا سلوار، ٻو ٽائي ضرور لڳل.

اس پيلي جي چامن مان هو، صورت خواه سيرت ۾ جائي چام. ڪيس ڏلي تسلي ڏيندي هئي ته ڪراچيءَ ۾ به ڪي معزز ماڻهو رهن ٿا.

ولايت مان بيرسٽري پاس ڪري اچي ڪراچيءَ ۾ رهيو. پريڪٽس ڪانه ڪيائين. انگريزن ۾ ماڻهن جي سڃاڻپ هئي ۽ ڪيريڪٽر جو قدر، تن ڪيس اول درجي جو آنريري اسپيشل ماجسٽريٽ مقرر ڪيو، جيڪا وندر پڇاڙيءَ تائين رهيس.

وقت سر مرحوم سياسي چَهَرَ پَهَرَ ۾ ڪندو ٿي رهيو، پر سنڌ محمڊن انسوسيئيشن، محمڊن ايڊوڪيشنل ڪانفرنس، اوائلي مسلم ليگ، سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي ميونسپالٽي، ڪو آڙيو ٽيڙيو ڊيپوٽيشن - انهن ڪان مٿي نه پاڻ پرواز ڪيائين، نه پرواز جي خواهش رکيائين ۽ نه طائر لاهوتي هجڻ جي دعوا ڪيائين نه 'شاهين بچه' هجڻ جي سنڌ. نيم نان صحت جان.

سنڌ جي خانداني ڪلچر جو دلڪش نمونو هو، جنهن ۾ مغربي تهذيب ۽ علم جديد جي آميزش جي ڪافي گلڪاري ڪيل هئي. وقت جا انگريز حاڪم ڏاڍو احترام ڪندا هئس. ليڊي لارينس پنهنجي ڪتاب "Indian Embers" ۾ سندس گهڻي تعريف ڪئي آهي.

اردو ۽ فارسي ادب سان دلچسپي هئس. انجمن ترقيءَ اردو جي پهرين شاخ پاڻ ڪراچيءَ ۾ کولرايائين. ڪنهن زماني ۾ شعرشاعريءَ جو به شغل ڪندو هو. مخلوق خدا کيس چڱو انسان سمجهندي هئي. وس پڄندي سڀ کي فائدو پهچايائين، دشمني ڪنهن فرد بشر مان ڪانه ڪيائين. سڀ جي عزت ڪيائين، سڀ وٽان عزت لڌائين. هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين ته چڻ ڪراچيءَ جي ٽوپيءَ جو ڪُل ڪري

پيو، ۽ ٽوپي ڦٽسي ٿي پيئي. اها ڪمي وري ڪو شخص پوري ڪري ڪونه سگهيو. شهرن جي آبرو ڪي شخص ئي ٿيندا آهن، هون ته مکيون ۽ مڇر، ڪوليون ۽ ماڪوڙيون به پيون شهرن ۾ رهن.

مياں محمد هاشم عباسي مرحوم*

پيدائش ٺٽي شهر جي هئس. حضرت سائين مسڪين شاهه رحمة الله عليه جي درگاهه جي خادمن جي خاندان منجهان هو. روينيو کاتي ۾ منشي ڀرتي ٿي انگريزن جي زماني ۾ ترقي ڪندي ڪليڪٽر ۽ سنڌ سرڪار جو ڊپٽي سيڪريٽري بڻيو هو.

سندس ڪليڪٽريءَ جا جلوا زياده تر دادو ضلعي ڏٺا.

جهڙس قوت، حاضر دماغ، هوشيار، قانون جي ورن وڪڙن ۽ رولن جي روان جو چاڙهو مون ٻيو ڪو ڪامورو، ڪنهن به کاتي ۾، سنڌ يا پاڪستان(٢) اندر، ڪڏهن ڪونه ڏٺو. ڏٺي جي ڏنل ڪا ڏات هئس.

فيصلو صحيح ڪيائين يا غلط، تائيد ۾ دليلن، قاعدن ۽ اڳئين ٿي جي مثالن (Precedents) جا ڍير لائي ڇڏيندو هو.

---

* مياں محمد هاشم جي لائف، ٿورو تفصيل سان الڪري ڏني رهيو آهيان، جيئن لئين اسل جي ماڻهن کي معلوم ٿئي ته اسان جي زماني جي سرڪاري ڪامورن جي نفسيات ڇا هوندي هئي ۽ وزيرن کي ڪيئن ڪم هلائڻو پوندو هو. ڪهڙين حالتن هيٺ ۽ ڪهڙن ڪامورن ۽ مسئلن سان واسطو پوندو هئن.

(٢) حالانڪ به حيثيت صوبائي خواهه مرڪزي وزير، سفير، صحافي، زميندار ۽ مشير جي منهنجو بي شمار آفيسرن سان واسطو پوندو رهيو آهي.

سڀ شيءِ جو چاڻ هئس، تنهنڪري ڪنهن ۾ ڪم ڪندي ڪونہ ڏچندو هو. نفسيات جو ماهر هو، پنهنجن بالادستن جي طبيعتن جو اڀياس مطالع ڪري(۱) سائن اهڙو سلوڪ ڪندو هو جو هو مٿس ڇڪن ٿي پوندا هئا ۽ سندس سڀني ڏاڍي مان نڪري ڪونہ سگهندا هئا. انهن سان ته، انهن جي مرضي رکڻ لاءِ، ميان محمد هاشم ڪڏهن ڪڏهن مناسب حدون ۾ ٽپندو رهيو جنهنڪري عام ماڻهن ۾ سندس باري ۾ چڱي راءِ ڪانہ رهي. پر هن جو اصول هو تہ پنهنجي بالا آفيسر کي خوش رکجي؛ جيڪڏهن بالا آفيسر، سندس زبردستي ۽ مجبوريءَ جو فائدو وٺي، ڪانئس ڪو غلط ڪم ڪرائي ٿو تہ ان جي جوابداري، خدا ۽ خلق خدا جي اڳيان، اُن بالادست آفيسر تي آهي، هو پاڻ سرڪاري نوڪر ۽ امر جو بندو آهي. سرڪاري ڪاروبار جي معاملن ۾ سندس لُغت ۾ "ناممڪن" جو اکر ڪونہ هو. جيڪي گهرندو هو سو ڪري ۽ نباهي سگهندو هو.

دادو ضلعي جي ڪليڪٽريءَ واري زماني ۾ هن ڪن خودغرض ۽ خودپرست وزيرن جي چوڻ تي ڪجهہ ڏاڍائيءَ جا ڪم ڪيا. مثلاً ٻن-ٽن آبرو وارن ماڻهن کي سيفٽي ايڪٽ هيٺ جيل موڪلي ڇڏيائين، جنهنڪري ضلعي ۾ ڏاڍو هراس ڦهلجي ويو. ان هراس جو فائدو تہ وزيرن ورتو، پر نالو محمد هاشم جو خراب ٿيو. پي شڪايت سندس خلاف هيءَ ڪڙي ٿي تہ پنهنجي ذوق جي معاملي ۾ هئُو، غيرمعمولي حد تائين، ڪمزور دل واقع ٿيو آهي.

---

(۱) سندس چوڻي هئي تہ ڪاسورو به گهوڙي والکر فوراً سڃاڻي ڪري وٺي ٿو تہ "سوار (يعني سندس بالادست آفيسر يا وزير) اناڙي آهي يا تجربيڪار سوار"، پوءِ ان مطابق هلي ٿو.

دادو ضلعي سان منهنجو تعلق هو. سنڌ س خلاف شڪايتون ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي پيس. ٿوري عرصي اندر سنڌ جا وزير، پروڙا هيٺ، راه رهاني وٺي رمندا رهيا. صوبي جو انتظام گورنر دين محمد مرحوم پاڻ سنڀالي ورتو. مون محمد هاشم خلاف شڪايت ڪري ڪيس دادوءَ مان بدلي ڪرائي ڇڏيو. گورنر ڪيس روينيو کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ڪري رکيو. محمد هاشم کي منهنجي مخالفت ۽ پنهنجي بدليءَ جي اصلي ڪارڻ جي خبر پئجي ويل هئي.

اتفاق اهڙو ٿيو جو سال ڏيڍ کان پوءِ آءٌ پاڻ روينيو کاتي جو وزير ٿيجي ويس. مون ٻڌو ته وزارت ٺهڻ جي موقعي تي (جڏهن اسيمبلي ميمبرن ۾ ڊڪ ڊوڙ هلي رهي هئي) محمد هاشم ۽ هڪ ٻئي اڳوڻي ڪليڪٽر (جيڪو ان وقت هڪ اهڙي کاتي جو سيڪريٽري هو، جنهن جو پڻ آءٌ ئي وزير ٿيس) منهنجي وزير چونڊجڻ جي خلاف نهن چوٽيءَ جو زور لاتو. جن جن اسيمبلي ميمبرن تي سندن اثر هو، انهن کي پيرن جا پڙاند وجهندا رهيا ته ڪاري چور کي وزير ڪن، پر مون کي وزارت ۾ گهڙڻ نه ڏين.

پر قدرت جو فيصلو اٽل هو. انهن جي مخالفت جي باوجود آءٌ وزير چونڊجي ويس ۽ سو به اهڙن کاتن تي، جنهن ۾ هنن ٻنهي صاحبن ملازمت پئي ڪئي.

وزير ٿيڻ کان پوءِ، آفيس ۾ ويٺي اڃا مون کي ڏهه منٽ به ڪونه ٿيا هئا ته منهنجو هڪ ساٿي وزير دروازي منجهان داخل ٿيو، سندس پٺيان ميان محمد هاشم به لڳو آيو، هٿ ۾ درخواست هئس.

ساٿي وزير فرمايو: ”آءٌ تو وٽ محمد هاشم بطور عرضدار وٺي آيو آهيان. هو رٽائر ڪرڻ گهري ٿو. سندس

درخواست منظور ڪري ڪيس ڇڻن مهينن جي موڪل ڏيو ۽ ڪانفس چارج ڇڏائڻ جو حڪم فرمايو.“

آءٌ: ”اهڙي تڪڙ ڇو؟“

وزير: ”اوهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا، ويچارو دل جهلي ڪونه ٿو سگهي.“

آءٌ: (محمد هاشم سان مخاطب ٿيندي) ”عباسي صاحب! اوهان منهنجي بيعزتي ڇو ٿا ڪريو؟ اوهان ڇو ٿا ائين سمجهو ته آءٌ وزارت جهڙيءَ خدائي امانت کي خانگي زندگيءَ جي ويرن وٺڻ لاءِ استعمال ڪري خدا اڳيان پاڻ کي خائن ثابت ڪندس؟ ڇو نٿا ٿورو ترسي منهنجا عمل ڏسو ۽ ان کان پوءِ جيڪڏهن اوهان جهڙي هوشيار ماڻهوءَ کي نظر اچي ته آءٌ اوهان کي ويساه ڏياري پاڻ وٽ رکي اوهان کي نقصان رسائڻ گهران ٿو ته پوءِ اوهان پل پچڻ جي ڪجو. في الحال ”آب نديده موزه ڪشيده“ جو معاملو ڇو پيا ڪريو. اڳ جون هيٺ مٿاهيون ۽ شڪوه شڪايتون اڳ جي ڳالهه سمجهو. هيءَ زندگيءَ جو نئون باب کليو آهي. نيون ذميداريون ۽ انهن کي نباهڻ جا نوان اصول هوندا.“

منهنجي ان يقين دهانيءَ کان پوءِ وزير صاحب ۽ ميان محمد هاشم هڪٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ درخواست ڦاڙي روانا ٿي ويا.

*　　　*　　　*

ورندي ڏينهن محمد هاشم وري آيو. چيائين، ملاقات جا ٻه مقصد آهن:

(١) هيءُ معلوم ڪرڻ ته اوهان اسان زيردستن کان ڇا ٿا گهرو، اوهان جي پاليسي ڪهڙي هوندي، انتظام هلائڻ لاءِ اوهان جا اصول ۽ مقصد ڇا هوندا؟

(۲) دادو واري زماني ۾ اوهان کي مون ڏانهن ناراض ٿيڻ لاءِ ڪهڙا سبب مليا؟

وڏيڪ چيائين ته ”جيستائين بالا عملدار ۽ زيردست جا ذهن هڪ ٻئي ڏانهن صاف نه هوندا، ۽ مستقبل جي باري ۾ ٻنهي کي تصوير صاف نظر نه ايندي، شڪ شبها قائم رهندا ۽ خدمت ۽ تعاون جي اها صورت پيدا ٿي ڪانه سگهندي جيڪا هڪ با مقصد وزير جي مدنظر رهڻ گهرجي. آءٌ اوهان کي لڙڪائو ۽ وقت ٽپائو وزير ڪونه سمجهان، جنهن کي لئلهي ۽ چاپلوسيءَ سان خوش رکي سگهجي، اوهان سان هر ڳالهه صاف ٿيڻ گهرجي. 'سنڌين راند سولي جي، ٻيڙي ٻڏي ڪولي جي.'“

مون پنهنجي مقصدن ۽ طريقه ڪار ٻڌائڻ کان اڳ سندس پهرين نمبر سوال جو جواب ڏنو. ڪيس ٻڌايم ته منهنجون شڪايتون، سندس باري ۾، هيءَ هيون ته هن سيفٽي ايڪٽ کي غلط استعمال پئي ڪيو ۽ پيسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ نرم دل هو.

سوال ڪيائين ته: ”اوهان کي ڪا اهڙي شڪايت ۾ ملي ته مون ڪنهن شخص کي پنهنجي دشمنيءَ يا ذاتي ضد، يا ڪنهن سياسي مقصد ڪري جيل اماڻيو؟“

آءٌ: ”اهڙي شڪايت ڪانه ملي، پر پوءِ ماڻهو جيل ۾ ڇو پوندا رهيا؟“

محمد هاشم: ”اهي ماڻهو ڇو جيل ۾ پيا، سو سوال اوهان انهن وزيرن کان پڇو جن پنهنجي بالادستيءَ جو فائدو وٺي اسان کي انهن ڪمن ڪرڻ تي مجبور پئي ڪيو. جيڪڏهن مون سندن حڪمن يا پاليسين جي ابتڙ، خواهه مخواهه، بيگناهن کي جيل پئي اماڻيو، ته پاڻ پبلڪ جا پنهنجا موڪليل نمائندا هئا، ڇو نه ٿي پاڻ انهن ماڻهن کي آزاد ڪيائون، ۽ منهنجي

خلاف قدم کنيائون؟ ان مان ظاهر آهي ته مون سندن حڪمن جي تعميل پئي ڪئي ۽ انهن جي حڪم عدولي ڪري، انهن جي هٿان پنهنجو مٿو ڪونه ٿي وڃايم. آخر خود سيفٽي ايڪٽ ڪنهن لاهيو ۽ پاس ڪرايو هو؟ انگريز جي زماني ۾ ڇو نتي اهڙو قاعدو پاس ٿيو؟"

ڪنهکي ڪنهکي، پوءِ اڳتي هليو، چي: "باقي رهيو پيسي ڏوڪڙ جو سوال:

آءٌ ضلعي جو ڪليڪٽر هئس، پر ليڪسن ۽ مسواڙن ڪٽڻ، مون کي درماهه مشڪل سان اٺ نو سؤ روپيا پئي مليا. اُن مان گهر جو خرچ، آکهه جو لٽو ڪپڙو، ٻارن جي تعليم جو خرچ، غريب ۽ نادار مٽن مائٽن جي امداد، خاندان ۾ شادين مرادين، نياڻين کي ڏيڻ ڏيوڻ جون ضرورتون پوريون ڪرڻيون پونديون هيون. گهر اڏائڻ يا رٽائرمنٽ کان پوءِ جيئري رهڻ لاءِ خرچن خفن جا خيال فوري ضرورتن کان علاوه، دامنگير رهيا ٿي. فرض ڪريو ته ان ساريءَ ماليءَ چڪتاڻ جي پورت ته ڪنهار مان ڪيان، پر 'بالائي مصيبتون' ڪٿان پوريان؟ مثلاً سياري ساوڻ وزيرن جا وروڊ ۽ انهن جون مهمانيون، جهنڊيون، دلي دروازا، پارٽيون وغيره. گورنر صاحب جا دورا، ڪمشنر صاحب جون تشريف آوريون ۽ سندس قسما قسم عملي جون رنگا رنگي تقاضائون (۱). آڊٽ پارٽين جي آمد، روينيو کاتي جي انسپيڪشن ٽيم جي 'ٽيا ٽپڻي'، متفرق مرڪزي ۽ صوبائي کاتن جي سربراهن جا وقتي لامار – هاڻي ٻڌايو ته اهي خرچ ضلعي جو انتظامي

---

(۱) تقاضائن جو تفصيل هي ڏنائين: سڄي کيهه جا ديا، هلوان جو گوشت، پشوري چانور، ڪڪڙ، آنا، کير، مکڻ، آلو ۽ سنڌو ميوو، منجر جا پکي، ايهڙ وغيره.

پريو مڙس، ڪٿان پورا ڪري؟ ۽ جيڪڏهن نه ڪري ته گهٽا ڏينهن ان عهدي تي رهي سگهي؟"

هڪ ٻي مثال به ٻڌايائين:

چي: "شام جو تار پهتي ته ملڪ جو فلاڻو حاڪم اڌ رات جو اسپيشل ٽرين ۾ دادو لائن سان دادوءَ مان لنگهندو. اسپيشل ٽرين جي باورچيخاني لاءِ(۱) سٺ ڪڪڙ، چوڏهن درجن آنا، منڇر جا پڪي، تازي مڇي ڪرڙي مڇي، ٻه درجن تتر ۽ هرڻ يا ڦاڙهي جي هڪ ٻه رانون پليٽفارم تي موجود رکجو. هاڻي خدا لڳ انصاف ڪريو ته ڪليڪٽر وٽ ڪڪڙي خانو هوندو آهي جو اتان هڪدم سٺ ڪڪڙ ۽ چوڏهن درجن آنا ڪڍي آڻي آڌيءَ رات جو حاضر ڪري؟ ڇا ڪليڪٽر ڍنڍ جا پکي ڦاسائيندو وتندو آهي، يا جهنگلي جانور پڃري ۾ بند ڪيو ويٺو هوندو آهي، جن کي هڪدم ڪُهي انهن جون رانون آڻي موجود ڪري؟"

آءٌ: "اوهان انڪار ڇو نه ڪيو؟"

محمد هاشم: "انڪار ڪجي ها ته هاشم جا ٻچا پير تي هجن ها. رپورٽ ٿئي ها ته دادوءَ جو ڪليڪٽر سخت نااهل آهي، برجستو نه آهي، انتظام رکڻ جي ناقابل آهي. ريڪارڊ خراب، سڄيءَ عمر جي محنت ڇٽ! اهڙا جوکم کڻڙو سرڪاري نوڪر ڪندو؟"

آءٌ: "پوءِ ڪيئن بندوبست ٿيو؟"

محمد هاشم: "هيڊ ڪوارٽر جي مختيارڪار ۽ تپيدارن کي گهرائي حڪم ڏنم ته وچ ۾ اڄا اٺن ڪلاڪن جو ٽائيم اٿو، ان اندر اهي سڀ شيون پيدا ڪريو. ڍڪيا ڊوڙيا، وٺ پڪڙ ۽ پڇ پڇان ڪيائون. جيئن هٿ ڪري

(۱) يقين آهي ته ملڪ جي حاڪم کي اها خبر به ڪانه هوندي.

هيڏانهن هوڏانهن ڀڳا. فلاڻن ڳوٺن مان ماڻهن جا پاليل تتر وٺي ڪيائون. رات وڳڙي وٺن تي ويٺل ڪڪڙيون لهرائي ذبح ڪيائون. فلاڻي شاهه وٽ پاليل ڍڳو هو، جنهن سان سندس ڏاڍو پيار هو. شاهه صاحب دڙڪا ڏئي ڪاٺس ڍڳو وٺي حلال ڪيائون. شاهه صاحب ۽ سندس ٻارڙن کي روئندو ڇڏي اچي دادوءَ پهتا. هڪ ٻئي ٽپيدار، ڏاڏي جا هڪ ٻه سپاهي سان ڪري، جيپ تي چڙهي وڃي منڇر جي ميربحرن جي هڪ مياڻيءَ جو محاصرو ڪيو. ويچاريون مهاڻيون ۽ سندن ٻار ڪين ڏاڍيل سمجهي اونداهيءَ رات ۾ گهل ڦر ڪري آيا. مياڻيءَ جي چڱن مڙسن ٻاهر نڪري اچي سرڪاري عملي سان ڳالهايو. ڏينهن جا ڦاسايل پکي ۽ مڇيءَ جا ڪرڙا پيش ڪري پنهنجي جان ڇڏايائون."

آءٌ: "آخر قصو ڪيئن ختم ٿيو؟"

محمد هاشم: "اهو سامان ڪٺائي آءٌ وڃي وقت کان ڪلاڪ اڳ پليٽفارم تي پهتس. اسپيشل آئي، بورچين ۽ پٽيوالن ۽ پوليس گارڊن جا ٽولا لهي آيا. سڀ شيءِ لسٽ سان پيٽي هٿ ڪيائون. انڊير ته اهو ڏسو ته پوءِ به هيڊ بورچي راضي ڪون ٿيو. مڇي ڪٺي، ان کي سنگهي وڌڻ لڳو ته واه جو مڇي آندي اٿو! ڇا اوهان هڙي پاروٿي مڇي ڪارائي ملڪ جي حاڪم کي مارڻ گهرو ٿا؟ اسان جو دفتردار ۽ سپروائزنگ ٽپيدار چاٺو مڙس هئا، اهڙا گهٽا ٽڙ ٽانگهيل هئن. مون کي چيائون ته 'توهان ٻئي ڏئي ٻيهو'. هو هيڊ باورچيءَ کي اشارو ڏئي پاسي تي وٺي ويا. اتان جو هيڊ باورچي موٽيو سو سڌو وڃي گاڏيءَ ۾ گهڙيو ۽ پنهنجن ماڻهن کي اشارو ڏيندو ويو ته مال اندر ڪيو. دروازي کان ٻيهي مون کي چيائين 'خانصاحب، هاڻي اوهان ڀل وڃو، مهرباني.' موٽندي دفتردار کان پڇيم، چيائين ٻه سو روپيا وٺي، نوٽ کسڪائي کيسي ۾ وجهي، مشڪندو موٽي ويو."

ان قصي پڄاڻ کان پوءِ سوال ڪيائين.

"وزير صاحب! هاڻي انصاف ڪريو، محمد هاشم اهڙا پن ڪٿان ڀري ها؟"

سوال: "پوءِ ڪٿان پوراڻي ڪندا هئا؟"

جواب: "رسائي فنڊ جي 'وچ خرچ' مان؟ رسائي فنڊ 'آنڪي' مان ڪٺو ٿيندو رهندو هو، يعني تپيدار سرڪاري ڍل سان گڏ آني رپئي جي حساب سان ڪاتيدارن کان خرچي وٺندا هئا. ان جي عيوض ۾ هو ڪين معمولي سهولتون(١)

---

(١) مثلاً پڙتال وقت ڪا زيادتي ڪان ڪندا هئا. پوک جي جنس ۾ ڦيرڦار نه ڪندا هئا. ڪنهن سروي نمبر جي ڪا ڪنڊ ڪڙڇ پڙ مان ڪمڙجي ويندي هئي ته ان سڄي نمبر جي ڍل جي ڇٽي مٿن ڪونه مڙهيندا هئا. ماڊول ٻيج جا ڏانڊ ڪونه وٺندا هئا. ڍل جا پل خيال سان ڀريندا هئا، جيئن حساب جي غلطين سببان ڪاتيدار کي اجائي ڍل نه ڀري. سروي نمبرن جي ڏڙين، پڙن ۽ نشانين ڊهڻ تي سختگيري نه ڪندا هئا. ڪس تي وڌل پوک کي شمار ڪونه ڪندا هئا. ڪاتي بدل جي ڪم ۾ رڪاوٽ نه وجهندا هئا. فصل سوڪ تي ويندو هو ته اجائي ڍل نه ٻڌلدا هئا ۽ مختيارڪار کي سفارش ڪري معافي ڏياري ڇڏيندا هئا. مهانڊو ڪاتيدار وٽن لنگهي آيو ته وقت سر مالي ۽ ڪارائي ڇڏيندا هئس.

محمد هاشم جي ڏنل ان احوال جي بنياد تي مون، ان خيال کان ته تپيدار آنڪي ۽ لاڀي جي لالچ تي سرڪاري ماليات کي نقصان نه پهچائين، ساري سنڌ لاءِ اسپيشل پڙتال پارٽيون، هڪ خاص ڪليڪٽر جي نگراني هيٺ، مقرر ڪيون، جن جو ڪم هو ته هو اوچتو مختلف تعلقن جي مختلف ديهن ۾ نازل ٿي وڃي ڏسن ته مقامي تپيدارن يا مختيارڪارن پڙتال جي ڪم ۾ ڪي کوٽيون ته نه هنيون آهن.

(بقايا ڏسو صفحو ٤١٩ جي حاشيي تي)

ڏيندا هئا ۽ سندن معمولي قانوني ڪوتاهين ڪي درگذر ڪري ڇڏيندا هئا. اها ’آنڪيءَ‘ جي رقم هر تعلقي جي هيڊڪوارٽر جي تپيدار وٽ جمع ٿيندي هئي، جتان ’وچ خرچ‘ هلندو هو ۽ ڪاتي جي هر ڪاموري جي حاجت روائي ٿيندي رهندي هئي. اهو دستور صدين کان هلندو رهيو هو. انگريز به ان کي بند ڪري ڪونه سگهيا هئا، ٿوري جون ڪيتريون ڪاميٽيون ويهاريندا رهيا هئا.“

سوال: ”هاڻي انٽي ڪرپشن کاتو کليو آهي.“

جواب: ”فقط رشوت جا ريٽ وڌندا. جيڏا خطرا اوڏي رشوت، اها اصولي ڳالهه آهي. اسان پراڻن آفيسرن تي سڀ کي ٻئي ڪاوڙ اچي. ٿورو ترسو، ويهي ڏسجو ته نوان ڪامورا ڪيئن ٿا ڏهن، ڪيئن ٿا ٻن سالن جي نوڪريءَ وارا به بنگلا ٺهرائن، موٽرون ڊارين، ٻارن کي ولايت مان تعليم ڏيارين ۽ نرسن-مادئين لڪن تي مٿا ڌوئن. اسان پراڻي زماني جا ’ٿوريءَ تي خوش ٿيندڙ‘ ڪامورا ساري عمر جي چاڪريءَ ۾ جيڪي ڪجهه ڪونه ڪري سگهيا آهيون، سي هو مهينن ۾ ڪري گذرندا.“

سنڌ ڦُرڪي، ڦيڪي ٿيندي، پُڄندي پٿون پٽ،
ايندي تن جي هٿ، رَتي رحم نه جن جي روح ۾!

ان تقرير ٻڌڻ کان پوءِ مون کيس ٻڌايو ته آءٌ ڇا ٿو گهران؟ اهو سنڌ سس پهرئين سوال جو جواب هو. مون چيس:

ان نظام کري هر هنڌ روينيو جو عملو چوڪس ٿي ويو ۽ ڊيل جي بستگيءَ ۾ ڪافي آمدنيءَ جو واڌارو ٿيو.

منهنجي وزارت مان نڪري وڃڻ کان پوءِ ٻارن ترت آهه ٻڌ کري ڊبل چيڪنگ جو اهو نظام درهم برهم ڪري ڇڏيو. ان مان هر ڪو تڪليف محسوس ٿي ڪئي!

(۱) امير ۽ غريب، هاريءَ ۽ وڏيري ۾ جهيڙو هجي ته غريب ڏانهن مائل ثروت آميز انصاف ڏئي.

(۲) آفيسرن کي جيڪي وٺي سو ڀلا خوف وخطر ۽ منهنجي راضپي يا ناراضگيءَ جي ڪا پرواهه نه ڪري، صحيح راهه ڏين ۽ فائيل تي پنهنجي ضمير ۽ سمجهه مطابق نوٽ لکن. جيڪڏهن مون کي ساڻن اختلاف ڪرڻو پيو ته آءٌ پنهنجي ضمير ۽ سمجهه مطابق دليلن تي مبني تحريري حڪم ڪندس ۽ ان فيصلي جي ساري جوابداري پاڻ تي کڻندس. البت آءٌ جيڪو آخري فيصلو ڪري موڪليان ته آن تي اڪيون پوٽي هڪدم عمل ٿيڻ گهرجي ۽ ان جي تعميل ۾ پوءِ ڪا ٽنڙڪ نه وجهڻ گهرجي، جڏهن ته جوابداري سڄي منهنجي هوندي. ان کان سواءِ فيصلي ٿيڻ کان پوءِ تعميل ۾ اينگهه به نه ٿيڻ گهرجي، ڏينهن جو ڪم ڪلاڪن ۾ ۽ مهينن جو ڪم ڏينهن ۾ ختم ٿيڻ گهرجي.

(۳) آءٌ دوري تي هجان ته ڪوبه آفيسر منهنجي "سلام" لاءِ نه اچي. منهنجي لاءِ ڪنهن به استقبال، گارڊ آف آنر، آڊريس، پارٽيءَ، پبلڪ ميٽنگ، ڪاڏي جي دعوت، ايڊريس يا پوليس جي پهري جو بندوبست ٿيڻ نه گهرجي. آءٌ بنا اڳواٽ پروگرام ڏيڻ جي، جيڏانهن وڻندو اوچتو هليو ويندس. سرڪاري بنگلن ۾ مهمان ڪونه ٿيندس. جن دوستن وٽ خانگي زندگيءَ جي زماني ۾ هميشه وڃي رهندو هوس، هاڻي به انهن وٽ وڃي پيو اجهو وٺندس ۽ انهن جي ماني کائيندس. سرڪاري ڪم لاءِ ڪنهن کي سڏائڻو هوندم ته آها گهڙي سرڪاري بنگلي ۾ وڃي ويهندس. ڪنهن به آفيسر کي خانگي جاءِ رهائش يا دوست جي در تي نه

گهرائيندس، نه آت ڪنهن کي ملاقات جو موقعو ڏيندس(۱).

(۴) ڪورٽ آف وارڊس ۽ انڪمبرڊ اسٽيٽس جو ڪاتو به منهنجي پورٽ فوليءِ جو حصو آهي. آءٌ ان ڪاتي تي ڪڙي نظر رکندس، ڪنهن به يتيم ٻار، يا بيوه (جيڪي ان ڪاتي جي سنڀال ۾ هجن) جو حق غصب ٿيڻ ڪو نه ڏيندس؛ انهن جي ٻارن آءٌ بلڪل ڪات ڪهاڙا ڪنيون بيٺو هوندس.

محمد هاشم: "انهن اصولن سان ته اوهان وزارت هلائي ڪو نه سگهندا. وڏا ماڻهو سڀ اوهان جا دشمن ٿي پوندا."

جواب: "مون کي پنهنجن ماڻهن جو پتو آهي ته منجهن شڪرگذاري، احسان مڃڻ، خدمت جي قدر ڪرڻ ۽ ماڻهو کي ماڻهو سڃاڻڻ جو مادو ڪيترو آهي. آءٌ ڄاڻان ٿو ته سنڌ جي روايتن موجب هو جلد مون کي ڊوڙائي ڪڍندا. آءٌ ڪيتري به خدمت ڪيان، هو دعاءِ خير سان به ياد ڪرڻ وارا ماڻهو ڪو نه آهن. پر جيترا ڏينهن آءٌ وزير رهندس، پنهنجن اصولن تي ڪاربند رهندس؛ جيڪي به صحيح، حق ۽ انصاف تي مبني ڏسندس سو ڪري گذرندس. ڪو راضي رهي يا ناراض. فقير علندو رهي، ڪتا ڀل ڀونڪندا رهن.

ٽيپو سلطان (رحمة الله عليه) جو قول ياد اٿم: 'شينهن جي هڪ ڏينهن جي هستي گدڙ جي سؤ سال زندگيءَ کان افضل ٿئي ٿي.' هونءَ به انسان جي زندگي خود هڪ مختصر سير سفر مثل آهي، جنهن جي دوران ۾، ٿوري ٿوري ڪري سڀ شيءِ ڏسي وٺڻ گهرجي. عمر ٿوري ۽ هيءُ سنسار اڻ کٽ آهي. منجهس گهڻيون شيون دلچسپ ۽ ڏسڻ جهڙيون آهن جيڪي جلدي جلدي ڏسي وٺڻ گهرجن، جيئن وقت ڪا

---

(۱) محمد هاشم، به حيثيت ڊپٽي سيڪريٽري، ان مضمون جو سرڪيولر ڪڍي، منهنجي کاتن جي سمورن آفيسرن ڏانهن موڪلي کين اڳواٽ آگاهه ڪري ڇڏيو.

دنيوي تمنا دل ۾ باقي نه رهجي وڃي. سيلانيءَ کي ڪنهن هڪ منزل تي ڪَت ڏئي يا گوڏو کوڙي ويهي رهڻ نه گهرجي. آءٌ وزارت ۾ ان نيت ۽ خيال سان آيل آهيان. اسيمبلي ميمبر يا مٺيان حضرت مون کي ڊوڙائي ڪڍن، تنهن کان اڳ آءٌ پاڻ ڪرسي کي لت هڻيون هليو ويندس ۽ ڪرسي پاڻ منهنجي پٺيان ڊوڙندي رهندي. ”وداع“ کان سواءِ ”وصل“ ۾ مزو ڪونه ٿو ٿئي. اڄتي وڃڻ، پوئتي هٽڻ ۽ پوئتي هٽي وري اڳتي وڃڻ، دنيوي زندگيءَ جي معمولات منجهان هجڻ گهرجي. بيٺل پاڻي ڪينو ٿي ويندو آهي. ٿئين سياست ۾ سر سان هميشه ڪفن ٻڌل رهڻ گهرجي. ’ڪڏهن ڪاڙهو ڪهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾.‘ سر ناظم‌الدين جي مثال کي ٿئي اڃا ٿي مهينا (۱) به نه گذريا آهن. ساري عمر خدمت ۽ عبادت ڪندو رهيو، پاڻ کي ڪنگال بڻائي ڇڏيائين. بڇاڙيءَ ۾ مٿي لڪائڻ لاءِ جاءِ به ڪانه رهيس، هڪ خداترس انسان مسواڙ تي جاءِ وٺي ڏني اٿس، جنهن ۾ ٻچڙا وٺيو ويٺو آهي. ڪالهه مون وٽ عرض ڪئي آيو هو ته آءٌ ڪيس ميرپور ساڪري تعلقي ۾ ليڪي تي ٻه-ٽي جريب زمين گرانٽ ڪريان، جت هو ڪڪڙي خانو کولي، آنا ۽ چوزا وڪڻي قوت گذر ڪري. هڪ انگريز فيلسوف چيو آهي ته ’جنهن سياست جو مقصد حصول اقتدار ٿئي ٿو، تنهن ۾ شڪرگذاري ۽ احسانمنديءَ لاءِ ڪا گنجائش ڪانه ٿي ٿئي.‘

۱۹۲۴ع ۾ حيدرآباد ۾ تعليمي ڪانفرنس ٿي هئي، ان موقعي تي مرحوم سر ابراهيم رحمت‌الله ٻڌايو هو ته جنهن قوم ۾ احسان مڃڻ ۽ پنهنجن کي سڃاڻڻ جي صلاحيت ڪانه ٿي ٿئي، سا هميشه ڏاڍا ڪائيندي وتندي. سنڌ ۱۹۳۶ع ۾

---

(۱) اها گفتگو ۱۹۵۳ع جي مئي مهيني ۾ ٿي رهي هئي.

بمبئيءَ کان جدا ٿي. اڄ ڏينهن تائين گهڻيون وزارتون لهنديون ۽ ڏهنديون رهيون آهن. ان کي "ٽاپا ڪاڻي" نہ چئبو تہ ڇا چئبو؟ آءٌ انهيءَ پسمنظر کي سامهون رکي، ٻوءِ ورير ٿيو آهيان."

محمد هاشم: "ماشاءالله، اسان تعاون لاءِ تيار آهيون."

آءٌ: "تہ پوءِ عزت بہ پائيندا. آءٌ پنهنجي معتبرائي يا اختيار ڏيکارڻ لاءِ ڪنهن بہ زيردست جي نہ هتڪ ڪندس، نہ ان جي انتظامي رعب کي خراب ڪندس، نہ ان کي ڪنهن جي هٿان مارجڻ ڏيندس. مون کي جيڪي بہ ڪرڻو هوندو تہ ان لاءِ آفيسرن جي ڪلهي تي بندوق رکي ڪونہ ڇوڙيندس، سڀ ڪم پاڻ ڪندس، پنهنجي ذاتي جوکم ۽ جوابداريءَ تي ڪندس."

* * *

ان گفتگو بعد محمد هاشم ۽ آءٌ هڪٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ويا سين، نہ هن کان ڪا سهو ٿيتي نہ هن جي عزت يا نوڪري جي حق ۾ مون رُخنو پوڻ ڏنو.

* * *

ٻي ڏينهن محمد هاشم وٽان هڪ فائيل آيو، جنهن تي شايد منهنجي پاليسيءَ جي پرک ڪرائڻي هئس. فائيل جو تعلق روينيو کاتي جي هڪ اعليٰ آفيسر سان هو، جنهن تي انٽي ڪرپشن وارن فوجداري مقدمي جي منظوري گهري هئي، جيڪا سنڌ جو انگريز گورنر (جنهن وزارت لهڻ کان اڳ آئين جي بدنام زمانہ ڪلاز ۹۳ هيٺ صوبي جو سڄو انتظام پاڻ ٿي هلايو) منهنجي روينيو وزير ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ڏئي چڪو هو ۽ هينئر فقط آرڊر ٽائيپ ٿي هيٺ وڃڻو هو. آفيسر خلاف الزام هي هو تہ سندس

هڪ زبردست تپيدار پنهنجي خانگي بنديءَ ۾ لکي ڇڏيو هو ته "صاحب جي منزل وقت روشنيءَ لاءِ گولو ٻاريو ويو هو، جنهن جي سواءِ ٻٽيهه رپيا صاحب بروقت ڪانه ڏني هئي (۱)."

محمد هاشم فائيل تي نوٽ لکيو هو ته "ان آفيسر جي پنجويهه سال نوڪري آهي، سندس رڪارڊ سارو عرصو بي داغ پئي رهيو آهي. ٻٽيهه روپيا سواءِ جي فقط ۽ ڏينهن دير سان ملڻ جو سوال آهي. اينٽي ڪرپشن آفيسر انگريز، روينيو کاتي جو سيڪريٽري انگريز، گورنر انگريز، ڇا وزير صاحب، گورنر صاحب جي ڪيل حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ هيءَ فائيل ڏانهس ان ڪري موڪلي رهيو آهيان جو سندس تنهن ڏينهن جي هدايل انتظامي پاليسي، مون کي ڪجهه بيءَ طرح جي نظر ۾ پئي آئي. آئيني ۽ قانوني پوزيشن هيءَ آهي ته وزارت قائم ٿيڻ شرط گورنر صاحب انتظامي امور کان بي دخل ٿي چڪو آهي. جيڪي اختيار ۹۳ ڪلاز هيٺ گورنر وٽ هئا، سي هينئر روينيو وزير کي حاصل آهن."

فائيل تي مون حڪم لکيو ته "اڳ ٿيل ڪارروائي ۽ حڪم مهمل. ساري معاملي جا ڪاغذ، بنديءَ سميت، منهنجي ڏسڻ لاءِ پيش ڪيا وڃن."

اينٽي ڪرپشن وارن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. اهڙن ڪيسن جا اصلي ڪاغذ انهن ڏينهن تائين ڪنهن به گورنر يا وزير ڪڏهن به پاڻ وٽ گهرائي ڪونه ڇڪاسيا هئا.

---

(۱) حقيقت هيءَ هئي ته "صاحب" بل ماڻ تي اهڙا سواءِ ۽ ادا ڪري ڇڏي هئي، فقط ٻن - ٽن ڏينهن جي دير پئي هئي، جو "صاحب" گشت ۾ هلندو رهيو هو.

هيٺر هنن چالاڪي ڪري ٻي چار وڏيون لوهيون ٽرنڪون، قسما قسم ڪاغذن ۽ ڪتابن سان ڀريل، ڪٺائي آڻي منهنجي دفتر ۾ رکيون. سندن خيال هو ته ڪاغذن جون ايڏيون ٽرنڪون ڏسي آءٌ ڊڄي ويندس ۽ اها همت ڪانه ٿيندي جو پراڻن ڪاغذن جي ايڏي انبار جو پنو پنو اٿلائي چڪاسيان.

هفتي ٻن کان پوءِ آءٌ اهي ٽرنڪون پاڻ سان ڪٺائي ٽنڊي محمد خان پهتس. اُتي مون بندوبست ڪيو ته منهنجو ساٿي وزير ۽ ميزبان مير علي نواز خان مرحوم مون کي ڪنهن ويران ۽ ڏورانهين اوطاق ۾ ويهاري، اهڙو انتظام رکي، جو اوطاق تي ٻاهران قلف چڙهيل رهي؛ ڪنهن کي به مون تائين پهچي منهنجي وقت خراب ڪرڻ جي اجازت نه هجي؛ صرف نوڪر وقت سر ماني ڪٺي آڻي دريءَ مان اندر لنگهائي ڏئي (١). مير علي نواز مرحوم اهڙو انتظام رکيو ۽ آءٌ ٻي چار ڏينهن اوطاق ۾ پورجي ٽرنڪن ۾ سٿيل ڪاغذن جو مطالعو ڪندو رهيس.

مون سڄي دفتر کي اٿلائڻ کان پوءِ ڏٺو ته هن ڪيس سان واسطو رکندڙ هڪ به ڪاغذ، سواءِ تپيدار واريءَ اُن

---

(١) ان موقعي تي هڪ دلچسپ ڳالهه ٿي. مرحوم علي نواز خان جي ڀاءُ مير غلام علي خان مرحوم، ان وقت، سنڌ جي گورنر ۽ وڏي وزير کي منهنجيءَ جاءِ تي ٽنڊي محمد خان ۾ ڊنر جي دعوت ڏني هئي، جنهن ۾ مون کي به سڏيو هئائين؛ پر آءٌ مصروفيت جي بنا تي اوطاق ۾ ڪاغذ ڇڏي وڃي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪري چڪو هئس. دعوت وقت اها ڳالهه گورنر ۽ وزير اعليٰ کي ٻڌايائين، جيڪي پاڻ منهنجي اوطاق تي هليا آيا ۽ اچي زور ڀريائون ته آءٌ به ساڻن گڏجي هلي ڊنر کاوان. پر مون کين جواب ڏئي موٽائي ڇڏيو. مون کين ٻڌايو ته "پهريان ڊيوٽي، پوءِ ڊنر". ٽيڪا ٽپي ڪندا ويا ته "هي عجيب جانور آهي."

بنديءَ جي، ڪونه هئن. انٽيڪرپشن وارن محض مون کي منجهائي مارڻ لاءِ اجاين ڪاغذن ۽ ڪتابن جون ٽرنڪون پري منهنجي مٿي تي هنيون هيون.

بندي اٿلائي ڏٺم ته بنديءَ جي جنهن پني تي ملازم آفيسر جي ڪاتي پنجهه روپيه لکيل هئا، ان ساڳئي پني تي ٻين ٻه ڪيترن وڏن آفيسرن ۽ اڳين پوين وزيرن جي ڪاتي خرچ ڪيل نسبتاً گهٽيون وڏيون رقمون درج ٿيل هيون: مثلاً ضلعي جي ڪليڪٽر جي گهوڙن ۽ مال جي گاهه ۽ اوطاق جي بلي چار هزار روپيه، دفتردار صاحب جي بلي ٻه هزار روپيه، سنڌ جي ان وقت جي وزير اعليٰ جي بلي (جنهن زماني ۾ هو مرڪز جي اوڊ ڪاتي جو وزير هو) چڱي خاصي رقم، تعليم ڪاتي جي اڳوڻي وزير جي نالي ٻه ڪجهه رقم، ان وقت جي اسيمبلي اسپيڪر صاحب (جيڪو اڳ ۾ به حيثيت وزير، ان ضلعي ۾ منزل ڪري چڪو هو) جي مهماني بلي ڪافي خرچ، وغيره، وغيره. مقابلتاً جنهن بدقسمت آفيسر خلاف گورنر صاحب، پنهنجي بيدارمغزيءَ کان ڪم ولي، مقدمي جي منظوري ڏني هئي، تنهن جي بلي گولي جي مسواڙ جا فقط پنجهه روپيا لکيل هئا؛ جيڪي پڻ هن ٻـل ٻهچڻ شرط پاڻ هرتو ادا ڪري ڇڏيا هئا.

ٻين بزرگن (جن جا نالا ٽپيدار صاحب پنهنجي بنديءَ ۾ درج فرمايا هئا) ڪي نه بل ڏنا ويا هئا، نه هنن آهي رقمون ادا ڪيون هيون! اهـا هئي ”ثابتي“، جنهن جي بنياد تي گورنر منظوري ڏني هئي!

* * *

مون پنهنجو فيصلو لکيو. وڏن دليلن، دلائلن ۽ حجتن جي بنياد تي. سنڌيءَ چوڻيءَ موجب ٻير کوڙي قلم هلايم. معلوم هئم ته ڪتڪتر ۾ ڪڙو هٿي رهيو آهيان. وڏو

طوفان مچندو. شايد ”پروڙا“ ۾ مون تي داخل ٿئي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي بدنام ڪرڻ لاءِ هي هل ته هلندا ته مون هڪ قاتل ”رشوتي“ ڪاموري کي، گورنر صاحب بهادر جي حڪم کي ريٽي، بچائي ڇڏيو. اهو ڪو ڪونه ڏسندو ته ان معاملي ۾ انصاف ۽ بي ريائيءَ جون تقاضائون ڇا هيون؟

منهنجي فيصلي جو ماحصل هيءُ هو:

(۱) گورنر جو فيصلو نظرثانيءَ بعد رد. اهو فيصلو سطحي آهي ۽ بنا ثابتين جي تڪتور ڪرڻ جي ٿيل آهي، ان مان بي ريائيءَ جي بوءِ ڪانه ٿي اچي، پاڻ ان مان چشم پوشيءَ جي ڪوشش جو شبهو پيدا ٿي رهيو آهي، ڇو ته جيڪڏهن اڪيلي بنديءَ کي، هڪ پنجويهن ورهين جي بي‌داغ ريڪارڊ رکندڙ سرڪاري ملازم کي جيل اماڻڻ لاءِ به طور جڊيشل ثبوت جي ڪافي سمجهيو ويو ٿي ته پوءِ جن جن بزرگن جا نالا ان بنديءَ ۾ آيل هئا، تن سڀني تي ڪيسن جي منظوري ڏيڻ کپندي هئي. اهو ڪهڙو انصاف هو ته ماڳي بنديءَ ۾ ڏيڪاريل مانگرمچن کان پاسو ڪري، فقط هڪ ننڍي ۾ ننڍيءَ ڪرڙيءَ کي ڦاسايو وڃي؟

(۲) تپيدار جي بنديءَ ۾ ڄاڻايل نالن وارن سڀني ماڻهن تي(۱) مقدمي هلائڻ جي منظوري ڏني وڃي ٿي، مڙني کي هڪ ئي وقت سلهڙ ڪري ڪورٽ جي حوالي ڪيو وڃي.

فائيل، ان حڪم سان، موٽي محمد هاشم وٽ ويو، جنهن کي حڪم مطابق وڌيڪ ڪارروائي ڪرڻي هئي. منهنجو

---

(۱) جن ۾ اسان جو وزير اعليٰ به اچي وڃو ٿي.

نوٽ پڙهي هو ڏڏجي ويو ۽ پيا ڏ پٽي سيڪريٽري ساڻ ڪري، وفد جي صورت ۾ مون وٽ آيو ۽ اچي منٿون ڪيائين ته آءٌ، خاص پاڻ کي ۽ پنهنجيءَ وزارت کي بچائڻ خاطر، اهڙو حڪم جاري ڪري اجايو طوفان نه کڙو ڪريان، سندس صلاح هئي ته آءٌ ’جنُوي ءَ کي جنَس‘ جي سنڌي اصول تي عمل ڪري، پاڻ کان ڏاڍن سان نه اٽڪان، وغيره، وغيره.

پر آءٌ پنهنجي ڪيئي تي قائم رهيس. محمد هاشم مايوس ٿي هليو ويو. ان فيصلي جي ڳالهه عام مشهور ٿي ويئي.

وزير اعليٰ صاحب تائين به اها خبر پهتي، جنهن فائيل ڪابينه اڳيان پيش ڪري هي فيصلو ڪرايو ته ”تپيدارن جي خانگي بندين کي جڊيشل ثابتي سمجهي ان جي بنياد تي انٽي ڪرپشن مقدمن جي منظوري ڏيڻ نه گهرجي. بنديءَ کي ثابتي شمار نه ڪيو وڃي. تپيدارن کي ان طريقي سان پنهنجي بالا آفيسرن کي بليڪميل ڪرڻ جو وجهه ملي ٿو. هو ڪنهن به بالا آفيسر جو نالو پنهنجيءَ بنديءَ ۾ الڪائي، ان کي قاسائي سگهن ٿا. هو بنه ڪوڙيون بنديون به رکي سگهن ٿا. اهو سلسلو انتظام ۽ ڊسپلن لاءِ تباهيءَ جو باعث ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري ان کي ختم ڪيو وڃي ٿو.“

ڪابينه جي ان اصولي فيصلي کان پوءِ جنهن آفيسر تي اهو سڄو متو هئو سو ته ڇُٽي ويو، پر تقريباً ٽي-چار سؤ ٻيا ماڻهو به، جن کي تپيدارن بنديون رکي ڦاسرايو هو، انٽي ڪرپشن جي بيهودن مقدمن مان آزاد ٿي ويا (١).

---

(١) ضمناً اڳئين جو لصو پڊائڻ بي دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو ۽ شايد ڪن لاءِ سبق آموز ثابت ٿئي.

(بقايا ڏسو صفحي ٤٢٩ جي حاشيي تي)

مون پنهنجي طرفان پهرو حڪم جاري ڪيو ته زبردستن
تي ڪنٽرول رکڻ ڪاتي جي وزير جو فرض آهي، پنهنجن

منهنجو اهو فيصلو ١٩٥٣ع جو واقعو هو. ١٩٥٨ع ۾ ايوب خان مرحوم جو مارشل لا لڳو ۽ ايبڊو جي نالي سان قانون ۽ ايارو قاعدو لڳو، جنهن هيٺ اڳين ڪيترن وزيرن ۽ سياستدانن جي ڪارگذارين جي پوليس ذريعي تحقيقات ڪرائي ويئي ۽ انهن کي ڇهن سالن لاءِ سياست مان خارج ڪرڻ جا فيصلا ڪيا ويا. انهن ڪيترن ۾ تقريباً سمورا اڳوڻا وزير ۽ سياستدان (سهروردي مرحوم جي پاسي جا ماڻهو به) سڀئي ويا هئا.

ايبڊو ۾ هڪ ڪلاز اهو رکيل هو ته جيڪڏهن هن وقت ڪو ماڻهو سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي ته ان تي ايبڊو لڳي نه سگهندو.

آءٌ ١٩٥٦ع ۾ مرڪزي وزارت مان استعيفا ڏئي، سفير بڻجي ملڪ کان ٻاهر هليو ويو هوس. مون کان پڇيو ويو ته جيڪڏهن آءٌ ان ڪلاز جو فائدو وٺڻ گهران ته مون تان ايبڊو جي ڪارروائي بند ٿي سگهي ٿي. پر مون جواب ڏنو ته "آءٌ سياستدان آهيان. آءٌ عارضي طرح ڪنهن خاص ملڪي مقصد خاطر ٿوري وقت لاءِ سفير ٿيو آهيان. مون کي بطور سياستدان جي پنهنجو سياسي رڪارڊ صاف رکڻو آهي. آءٌ ان ڪلاز جي پناهه وٺڻ ڪونه ٿو گهران، ٻين سياستدانن وانگر پهرين مون تي به ايبڊو جي ڪارروائي ٿئي، آءٌ پنهنجي صفائي پيش ڪندس."

ان موقعي تي پاڪستان جي هڪ مرڪزي وزير مون ڏانهن منيلا (فلپائن) لکي موڪليو ته آءٌ بيوقوف نه بڻجان. ايبڊو ۾ جيڪو اڙيو سو ڪونه ڇٽو. پوءِ ان سنڌ ۾ منهنجا بي شمار دشمن آهن، جيڪي ايبڊو جي مقدمي ۾ منهنجي خلاف پوليس جا پاڻهين پيلي ٿي پوندا. ڀڄاڙيءَ ۾ جيڪڏهن ايبڊو ۾ سزا کاڌم ته منهنجي سفيري به ڪاهه ڇڏيندي، وغيره وغيره.

(بقايا ڏسو صفحي ٤٣٠ جي حاشيي تي)

ڪاٽن جي باري ۾ آءٌ پاڻ کي ذميدار ٺهرايان ٿو. آئينده
آءٌ پاڻ کين سزا ڏيندس ۽ اسيمبلي اڳيان انهن جي عمل لاءِ

مون سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ کيس لکيم ته ”آءٌ پنهنجيءَ
ڳالهه تي قائم رهندس، ڀل الڪوائري ٿئي، ڀل اڇا ڪارا ظاهر ٿين.“

سر ۾ پڪي هيڪڙو، پارهيڙي پنجاهه،
سندي آس الله اُڏي لهرين وچ ۾.

آخر اسلام آباد مان لوتيس آيو ته آءٌ جسٽس منظور قادر اڳيان
اچي ايبڊو الڪوائري جي دوران مڙهيل الزامن جا جواب پيش
ڪريان. آءٌ منيلا مان اسلام آباد پهتس ۽ اچي الزامن جي فهرست ورتم.

زندگيءَ ۾ منهنجو هي اصول رهيو هو ته آءٌ جيڪي به لکان
يا بحيثيت وزير جي فيصلو ڪريان، ان جا اصل متعلقه ضروري
ڪاغذن سميت پاڻ وٽ به محفوظ رکان، متان ڪڏهن ڪو
سوال و جواب ٿئي. چنانچه، وزارت ڇڏڻ بعد آءٌ سمورن اهڙن
ڪاغذن کي ڪتابي صورت ۾ گڏ ڪري، جلد ٻڌرائي، پاڻ وٽ
رکندو ويو هئس.

هينئر حاضري ٿي ته آءٌ انهن جلدن جون ٽراڪون پراڻي وٽي
موجود ٿيس. مشڪيو الزام اهو هو ته مون گورنر جو فيصلو رد
ڪري هڪ رشوتي ڪاموري کي سزا کائڻ کان بچايو هو. مون
متعلق جلد ڪڍي منظور قادر اڳيان رکيو. هو صاحب منهنجو حڪم،
جيڪو پنجاهه سٺ صفحن تي ٽائيپ ٿيل هو، پڙهي ورو اڌ ڪلاڪ
مون ڏانهن ڏسندو رهيو. چيائين: ”جا وزير به هن پايي جا فيصلا
ڪري سگهندا هئا!“ مون ورائي ڏنس: ”اين وزيرن کان پاڻ پڇو،
منهنجو فيصلو اهو هو.“ ان کان پوءِ باقي به ٽي الزام معمولي قسم
جا هئا، جن جي باري ۾ به مون، پاڻ وٽ محفوظ رکيل رڪارڊ
پيش ڪري سندس حيرانيءَ ۾ اضافو ڪيو.

فيصلو لکي ڏنائين ته ”مسٽر راشديءَ جو ڪم بطور صوبائي
خواه مرڪزي وزير جي هر آلائش کان پاڪ، صاف ۽ اڇو اُجرو نظر
آيو، جنهنڪري سندس خلاف ايبڊو جي ڪارروائي منسوخ ڪئي وڃي ٿي.“

(بقايا ڏسو صفحي ٤٣١ جي حاشيي تي.)

آءُ خود جوابدار هوندس. فيالحقيقت مان پنهنجن ڪاتن
تي ڏاڍي تکي نظر رکڻ لڳس. نقصان ڪنهن کي ڪونه

ساڳئي وقت پاڻ صدر ايوب خان کي به ٽيليفون تي فيصلي کان آگاهه ڪيائين، جنهن چيس ته ”مسٽر راشديءَ کي پاڻ سان ولي هيئر جو هيئر مون وٽ اچو.“ اسان گڏجي ايوب خان وٽ وياسون. منظور قادر ايوب خان کي چيو ته ”اوهان مهرباني ڪري مون کي مسٽر راشديءَ کان بچي پڌايو ته هن کي ايترا سال اڳوات ڪهڙيءَ طرح اهو امڪان نظر آيو هو ته ڪنهن ڏينهن هن قسم جون الڪارايون ۽ ڪارروايون هلنديون، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ هو ساري تياري ڪري ۽ ريڪارڊ ٺاهي رکي.“

ايوب خان چيس: ”و بچارو خود دار ماڻهو هو، دشمن چوڌاري هئس، تنهنڪري اها پيش بندي ڪري رکي هوندائين.“

مون عرض ڪيو: ”اِ جناب، اهو صحيح ئي آهي، مون کي تاريخ پڙهائي ڇڏيو هو ته هن قوم جي خدمت ڪرڻ جا نتيجا ڇا ڪرلدا آهن. اسان جي مورث اعليٰ حضرت حسين عليہ السلام کي ارادو ٿيو هو ته هو مسلمان قوم جي خدمت ڪري، ۽ ان جو جيڪو صلو کيس مليو هو، سو هر وقت منهنجي اکين ۾ رهيو ٿي، تنهنڪري اها پيش بندي ڪرلي ائي هئم.“

پنهي صاحبن، کلي، مون کي مبارڪون ڏنديي، ملاقات ختم ڪئي.

ساري پاڪستان اندر آءٌ اڪيلو ماڻهو هئس، جنهن صوبي ۾ به ۽ مرڪز ۾ به، وزارت هلائي هئي، ۽ ايڏو الڪواريءَ مان بچي ۽ شاهسون جهلي، عزت سان آزادي حاصل ڪئي. ٻيو ڪو به سابق وزير بچي ڪونه سگهيو هو.

اهو الله تعاليٰ جو احسان هو. ’ايت صاف، مرادون حاصل‘ جو اصول ڪارفرما رهيو.

پهچايم، پر ڏيچاري سيٺيءَ کي رکيم. پنهنجي باري ۾ ايتري قدر غير يقيني حالت پيدا ڪيم جو منهنجو ويجهڙي کان ويجهڙو دوست به اهو ڪونه چئي سگهندو هو ته ڪاغذن پيش ٿيڻ کان پوءِ مون کي ڪهڙو پور پوندو ۽ ڪهڙو فيصلو ڪري وجهندس، تنهنڪري سڀ واسطيدار ماڻهو هميشه ڀؤ ۾ رهيا. ساڳئي وقت آءٌ گاهه بيگاهه اوچتا چڪر به ڏيندو وتندو هئس. رات جي وقت موٽر ۾ سفر ڪندو هئس. صبح جو اوچتو ئي اوچتو وڃي دفترن ۾ پهچندو هئس ۽ عام عرضدارن جي مجمعن ۾ ليڪي ويهي ڪامورن جون ڪارگذاريون ڏسندو هئس ۽ ڪين موقعي تي ئي سزاجزا ڏئي، ۽ تنبيهون ڪندو اڳتي هليو ويندو هئس. ڪنهن کي يقين ڪونه هوندو هو ته آءٌ ڪهڙي لباس ۾ ڪهڙي وقت اوچتو اچي سندس دفتر تي نازل ٿيندس. انهن ڳالهين جي نه شهرت ڪندو هئس، نه اخبارن ۾ ڇپجڻ ڏيندو هئس. ڪامورا يا ويري ڀل ڀونڪندا وتن. اصل سوال پنهنجي دل جي تسڪين جو هوندو هو. فرض بجا آندم، پگهار حلال ڪيم. ”نيڪي ڪن به دريا افگن.“

محمد هاشم مرحوم کي منهنجن انهن ڦيرين ۽ چڪرن جو اڪثر پتو هوندو هو، پر هو ڀڙڪ ٻاهر ڪونه ڪڍندو هو. ڪنهن کي ڪونه ٻڌائيندو يا خبردار ڪندو هو ته آءٌ ڪنهن طرف وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو آهيان، حالانڪ سنڌ جي ڪامورن ۾ گهڻا ئي سندس گهڻ گهرا دوست به هوندا هئا. هو اعتبار ٽوڙڻ وارو مڙس ڪونه هو.

* * *

هڪ دفعي آخر ڊسمبر جي ڏارن ۾ آءٌ رات جو چئين بجي موٽر ۾ جيڪب آباد کان موٽي ڪراچي پهتس. موٽر مان لهي دروازي ڏانهن وڌڻ کان اڳ پاسي پلوءَ ڏانهن

نهاريم ته صحن ۾ وڻ جي پاڇي ۾ هڪ ماڻهو ويٺل ڏٺم. گهر تي پوليس جو پهرو ڪونه رکيو هئم. ڊرائيور موڪلي ان ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن گهرايم. ڏسان ته محمد هاشم مرحوم آهي.

حيرت وچان مون کانئس پڇيو ته ”ميان محمد هاشم! خير ته آهي جو هن وقت هيڏيءَ ٿڌ ۾ اچي هت ويٺا آهيو؟“ چيائين: ”مون کي سڌ پيئي ته اوهان اڄ رات ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور موٽڻا آهيو. مون ڏٺو آهي ته موٽر ۾ ويٺي اوهان جي سوچ جاري رهندي آهي ۽ ڪيترين ڳالهيون اوهان جي دماغ ۾ اينديون رهنديون آهن. مون هت حاضر ٿي ان لاءِ انتظار پئي ڪيو ته شايد اوهان کي ڪن سوچيل ڳالهين جي باري ۾ منهنجي فوري ضرورت محسوس ٿئي.“

آءٌ: ”ميان! خدا کان ڊڄ. هي به ڪو وقت هو؟“

محمد هاشم: ”سرڪاري نوڪرن جا ڪي فرض به ٿيندا آهن. متان نه متان، ضرورت پئجي وڃي، تنهنڪري نوڪر کي هر وقت چوڪس رهڻ گهرجي.“

ٿرماس مان چانهه ڪڍي کيس پيالي پيارئم. پوءِ ويهي سفر جا حال ساڻس ونڊيم. کيس ڪيترين هدايتون ڏنم. اٿڻ کان اڳ مرڪي چوڻ لڳو: ”ڏسو، هت موجود رهڻ ڪري ڪيترا نه معاملا صاف ٿي ويا. رات ڪارائتي گذري، سمهڻ لاءِ ته ماڻهوءَ کي قبر ۾ ڪافي ٽائيم ملي ٿو. ڊيوٽي ڪندي جا خوشي حاصل ٿئي ٿي، سا ننڊ مان ڪٿي ملي ٿي؟“

* * *

ڪجهه مهينن کان پوءِ سندس پينشن تي وڃڻ جو ٽائيم آيو. پڇاڙيءَ جي ڇهن مهينن جي حقي موڪل وارا ڏينهن وڃائي، ڊيوٽي ڪندو رهيو هو.

مون ڪيس پڌائڻ ڪان سواءِ حڪم لکي موڪليو ته ڪيس ايڪسٽينشن ڏيئي نوڪري جاري رکڻ جو موقعو ڏجي ٿو.

واسطيدار وڏي اهلڪار، جنهن کي اهو حڪم جاري ڪرڻو هو، تنهن سخت اعتراض اٿاري هڪ زهريلو نوٽ لکي مون ڏانهن ڪاغذ ورائي موڪليا. فائيل موٽندي هاشم خود وٽان گذريو. روئندو، رڙيون ڪندو، مون وٽ آيو. چيائين: "مون سان اهڙو ظلم تو ڇو ڪيو؟ مون ڪان پڇين ها ته آءٌ اوهان کي روڪيان ها، ڇو ته، مون کي معلوم هو ته ان صاحب کي اسان سان ڪيڏي عداوت رهي ٿي. هو اسان سڀني جي پاڙ ڪڍڻ لاءِ ڪاهيون ۽ ڪُڙيون ڪنيو وتي ٿو. مفت ۾ منهنجي ڏاڙهي اِن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڏني، پڇاڙيءَ عمر ۾ ههڙا نوٽ منهنجي خلاف ريڪارڊ تي آڻائي، مون کي بي‌آبرو ڪرايئي."

مون کيس دڙڪو ڏني، دانهن ڪان روڪي ٻاهر ڪڍيو. پٺيان فائيل واسطيدار اهلڪار ڏانهن هن نوٽ سان موڪليم: "هيٺيان ڪاغذ اڄ جو اڄ منهنجي اڳيان پيش ڪيا وڃن:

(۱) محمد هاشم جو گذريل پنجويهن سالن جو ڪانفيڊنشل پرسنل ريڪارڊ.

(۲) اهلڪار صاحب جو پنهنجو ڪانفيڊنشل پرسنل ريڪارڊ."

ٻئي ريڪارڊ پيش ٿيا. پڙهي ۽ مقابلو ڪري ڏٺم ـــ محمد هاشم جو ريڪارڊ ڪلارڪيءَ کان ڪليڪٽريءَ تائين آئيني جهڙو صاف. انگريزي لغت ۾ اهڙو ڪوبه تعريفي جملو ڪونه هو، جيڪو سندس حق ۾ ڪم آندل نه هو. اهي جملا ڪنهن ڪم آندا هئا؟ وڏن وڏن نالي وارن انگريز ڪمشنرن ۽ ڪليڪٽرن، جيڪي سنڌ جي انتظامي تاريخ ۾ غيرفاني حيثيت حاصل ڪري چڪا هئا.

ـــ مقابلتاً اهلڪار صاحب جو پنهنجو ريڪارڊ ڇا هو؟

”ڏوڙ جو ڏاٽيون، پڻس نياٽيون!“ ڪو ٻہ اهڙو سال ڪونہ هو، جنهن ۾ سندس بالا عملدارن سندس خلاف ڪجهہ نہ ڪجهہ تند ۽ تيز ريمارڪ نہ ڪيا هجن. اهڙي ٻچڙيءَ ريڪارڊ کري موڙڪو ڪيس بمبئي پريزيڊينسيءَ مان نيڪالي ڏئي سنڌ مٿان مڙهيو ويو هو. حقيقت ۾ ديوان نهچلداس پنهنجي وزارت جي زماني ۾ ڪيس بمبئيءَ مان گهرائي سنڌي مسلمان آفيسرن جي چنچري لاهڻ لاءِ هٿ رکيو هو. فائيل تي مون ٽئين سير ٽاهي جوڙي ”مٿي ڦاڙ“ نوٽ لکيو. سال سال جو تقابلي مقابلو ڪري ڏيکاريم تہ فلاڻي سال ۾ اهلڪار صاحب کي ڪهڙو نوٽ مليو ۽ محمد هاشم کي ڪهڙو.

پڇاڙيءَ ۾ لکيم تہ ”جيڪڏهن اهڙي ريڪارڊ هوندي بہ ان اهلڪار صاحب کي اچا پاڻ نوڪري ڪندي شرم ڪونہ ٿو اچي تہ محمد هاشم کي نوڪري ۾ وڌيڪ عرصو رکندي مون کي بہ شرم محسوس ڪونہ ٿو ٿئي، تنهنڪري منهنجو ڪيل حڪم بحال رهي.“

ساڳئي وقت اهو بہ حڪم ڪيم تہ محمد هاشم کي موٽائي دادوءَ جو ڪليڪٽر ڪري رکيو وڃي ٿو(١).

نوٽيفڪيشن جاري ٿي ويو. ان کان پوءِ محمد هاشم کي پنهنجي نوٽ جو نقل ڏيکاريم، جيڪو ٽائيپ بہ مون پاڻ ڪيو هو، جيئن ٻئي ڪنهن کي اندر جي خبر نہ پوي، ڇو تہ ان مان اهلڪار صاحب جي رعب خراب ٿيڻ جو انديشو هو، جيڪا ڳالهہ مون ڪانہ ٿي گهري؛ انتظامي امور ۾ هر ڳالهہ کي ڪن حدن اندر رکڻ ضروري هوندو هو.

---

(١) دادوءَ ۾ ڪمس موڪلڻ جو خاص سبب هيءُ هو تہ اينهڙ پن مهيني ۾ سنڌ جي گورنر ۽ پاڪستان جي گورنر جنرل، ٻنهي کي، هڪ ٻئي اٿيان سيوهڻ، منڇر ۽ لڪشن ڪاج جي ڪشت تي وڃڻو هو، جنهن جو انتظام ڪوهہ الهڙ ۽ اوآموز آفيسر ڪري ڪونہ سگهي ها. گورنر جنرل بہ غلام محمد مرحوم هو.

نوٽ پڙهڻ بعد محمد هاشم هيءُ نيڪاٽيٽي فرمائي: "پير سائين، تنهنجي مهرباني. تو ته گڏهه کي گج ڀرائي ڇڏيا، پر هڪ ڳالهه جو خيال ڪجانءِ. جڏهن توکي وزارت ڇڏڻي هجي ته ان ڪان هفتو اڳ مون کي رٽائر ڪرائي ڇڏج، ورنه تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ انهيءَ ضد وچان اهو اهلڪار صاحب منهنجا جيرا ٻڪيون ڪباب ڪري ڪائي ڇڏيندو. وڏي جوکم جهڙو ڪم ٿي چڪو آهي."

* * *

اڄا ڪراچيءَ ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ٿي هو ته هڪ فائيل مون ڏانهن حڪم لاءِ موڪليائين. فائيل جو تعلق سنڌ جي ڪڇرين سان هو. ڪجهه عرصي ڪان ٻيلجيم جي ماڻهن کي سنڌ جي ڪڇرين سان عشق پيدا ٿيو هو، جت هو انهن ڪين کي پاليندا به هئا ۽ ڪجهه ٻوليون ٻولڻ به سيکاريندا هئا. پيسا ڪافي ڏيندا هئا، جنهنڪري لالچ جا ماريا ڪين جا واپاري ڪڇرين کي ڦاسائي ٽوڪرن جا ٽوڪرا ڀري اوڏانهن موڪلي ڪمائي ڪرڻ لڳا هئا.

محمد هاشم کي سنڌ جي ڪڇرين جي اهڙي طرح ملڪ نيڪاليءَ تي سخت اعتراض هو. هن نوٽ لکيو ته سنڌ جون ڪڇريون به سنڌ جون رهاڪو آهن، سنڌ جي رزق ۾ انسانن جهڙيون ڀاڱي ڀائيوار آهن، الله تعاليٰ انهن کي سنڌ جي سونهن وڌائڻ، ٻوڪن سان جيتن جڻين کي کائي صاف ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي. انهن جو به سنڌ تي اوترو ئي حق آهي، جيترو اسان انسانن جو آهي. قصور صرف اهو اٿن جو هو ڪمزور آهن ۽ بي زبان آهن. اسان پنهنجي ڏاڍائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، نفعي ڪمائڻ خاطر انهن گڏهن کي ڦاسائي، ديس نيڪالي ڏئي، انهن حقن کان محروم ڪيون ٿا، جيڪي جڳ جي لاهيندڙ ۽ پاليندڙ کين هن ديس مٿان ڏنا آهن.

اها پاليسي اصولي طرح غلط آهي. سنڌ جي رزق ۽ پاڻ ساڻ پائيوار ساهدارن کي ملڪ نيڪالي ڏئي پيسا ڪمائڻ ۾ پنهنجن ڏيهن کي پرڻ خراب عادت آهي: اڄ ڪُڪڙيون وڪڻون ٿا، سڀاڻي اُٺ، ڇگو نظر آيو ته ڇا نه وڪڻڻ لڳنداسين، تنهنڪري شروع ۾ ئي ان عادت کي روڪڻ ضروري آهي. بي جان جنسون (اناج وغيره) وڪڻڻ واپار آهي، بي ضرر ساهدارن کي وڪڻڻ ۾ ديس نيڪالي ڏيڻ بي رحمي ۽ حق تلفي آهي. وغيره، وغيره."

مون سائس اتفاق ڪندي ڪُڪڙين جي ڦاسائڻ ۾ ٻاهر موڪلڻ تي بندش وجهڻ جو حڪم جاري ڪيو. ڪي ماڻهو ڪلڻ لڳا، مون محمد هاشم کي ٻڌايو، چيائين: "فڪر نه ڪريو، اهي ماڻهو ته نياڻيون به وڪڻي ڪمائي ڪندا آهن؛ اهي عادتي چمڙيءَ جا واپاري آهن. اسان کي پنهنجي اصول تي رهڻ گهرجي."

* * *

پاڻ دادوءَ جو ڪليڪٽر ٿي ويو. سنڌ جو ڪمشنر مسٽر نذير احمد مرحوم (۱) گشت تي اوڏانهن ويل هو. ريل تي ڪيس چڙهڻ لاءِ محمد هاشم ساڻس گڏجي دادو اسٽيشن تي آيو. اتي ڏٺائين ته ڪُڪڙن سان پُر ريل ڪارا ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ، بُڪ ٿيا، پليٽفارم تي پيل آهن.

بابوءَ کي سڏي ڪانئس پڇيائين ته "هي جهنگلي پکي ڪراچيءَ لاءِ ڇو بُڪ ڪيا اٿوَ؟" بابوءَ ٻڌايس ته "هي پالتو

---

(۱) سنڌ ۾ هر دلعزيز آفيسر سمجهيو ويندو هو. همدرد، با مذاق، دبدبو، هر ڳالهه کي ڪم اچڻ وارو. تازو هي جهان ڇڏي ماڻهن کي روئاريندو ويو آهي.

ڪڪڙ آهن ۽ ڪڪڙن جي ڪراچيءَ موڪلڻ تي بندش ڪانه آهي.“

محمد هاشم: ”هي جهنگلي پکي آهن. ڪارن ۾ بند آهن ته ٻه پيا هڪٻئي سان وڙهن ۽ هڪٻئي کي ٺونگا هڻن. ڇا اهي پرڪار پالتو پکين جا لڳندا آهن؟“

پوليس کي حڪم ڪيائين ته بابوءَ کي گرفتار ڪري، ٽوڪرا ڪٺائي، سندس ڪورٽ ۾ حاضر ٿئي.

ڪمشنر صاحب ڪانئس پڇيو ته ”هيءَ قدم ڪهڙي قاعدي هيٺ پيو کڄي؟“

ڇيائينس: ”صاحب، اوهان فڪر نه ڪريو، جوابداري منهنجي آهي. بابو هاڻ ڪورٽ سان ٻه ڪونه ڇنندو. آءٌ ڪراچيءَ وارن کي هن ضلعي جا ڪڪڙ ڪاٺي هوائون ڇڏڻ ڪونه ڏيندس. قاعدو ڇاٽان ۽ آءٌ ڇاٽان.“

محمد هاشم بابوءَ تي متبادل چارجون مڙهيون:

(۱) جهنگلي پکين جي ڦاسائڻ ۽ انهن جي واپار تي قانوني بندش آهي، جنهن جي پڇڪڙي ڪئي وئي آهي (اهو قاعدو تازو خود مون پاس ڪرايو هو). اهي ڪڪڙ جهنگلي پکين جي زمري ۾ اچن ٿا، ڇو ته شاهدن ۽ مشيرن کين پاڻ ۾ وڙهندي ڏٺو آهي.

(۲) اهي جهنگلي پکي نه به هجن ته به ڪڪڙ ته ضرور آهن، ۽ ڪڪڙن جي ڪراچي موڪلڻ تي گذريل جنگ جي زماني (۱) ۾ قانوني بندش وڌل هئي، جيڪا اڃ تائين رد ڪانه ٿي آهي.

(۱) محمد هاشم پراڻن فائيلن سان اهو بندش وارو سرڪيولر ڳولي ڪڍيو، جيڪو ڪيس اڳ مون ئي معلوم هو. جنگ پوري ٿي وئي هئي، پر اڃا سرڪيولر کي رد ڪرڻ بالا سرڪار کي وسري ويو هو.

بابو غريب مصيبت ۾ ڦاسي ويو، محمد هاشم سنڌس ڪيس ڪـي انـگهائيندو رهيو. ان وچ ۾ ڳالهه ضلعي بلڪ سنڌ اندر پکڙجي ويئي. دادوءَ جا ڪڪڙ ڪراچي اچڻ بند ٿـي ويا، ڪراچيءَ وارن دانهون ڪـرڻ شروع ڪيون. محمد هاشم بانڪو بي پرواهه ٿي چوندو رهيو: "هيءَ قانون جي ڳالهه آهي، ڪراچيءَ وارن کي ٻه معلوم ته ٿئي ته دادو ضلعي ۾ ڪا ٻه حڪومت آهي."

* * *

ان زماني ۾ هڪ عجيب ۽ غير معمولي ڪيفيت پيدا ٿي.

ڪراچيءَ ۾ وڏي گوشت واپرائڻ جو شوق، اوچتو ئي اوچتو، وڌي ويو. سارو مارو سنڌ جي چوپائي مال تـي پوڻ لـڳو. هندستان مان سگهل ٿـي آيل مال جون ترڪون پرائي راتورات ڪراچيءَ جي ڪوس خانن ڏانهن موڪلڻ جي جرئت اچـا ڪنهن ۾ ڪانه پيدا ٿي هئي.

سنڌ جي پنهنجي زندگيءَ جو مدار سارو زراعت تي ۽ زراعت جو مدار وري چوپائي مال تـي هو. ان ڪان سواءِ کير، ڏڌ ۽ مکڻ تـي گوناڻن جـو گـذر ٿيندو هـو. سنڌ ن خوراڪي ضرورتون ٻه پوريون ٿينديون هيون ۽ صحت ٻه قائم رهندي هـوَن. چانهه جي وبا اچا گوناڻن ۾ ڪانه پکڙي هئي. کير ڏڌيءَ، مکڻ ڦڻيءَ ۽ لسيءَ جي اپ تي اوڳرايون ڏيندا، پوتڙو هيٺ تـي، ڪهاڙي ڪلهي تـي رکيو مـال چاريندا، نـڙ ۽ بينون وڄائيندا، مست الست بڻيا وتندا هئا. سڀ شئي گهر جـو گهر مان پئي ملندي هئي. صحت بحال رهندي هئي. نيچرل غـذا، کُـلي هوا، نـه ڊالڊا نـه ملاوٽي مسالا، نه آنڊي ۾ وڪڙ نـه پيٽ ۾ ڏُکـڙ، نـه حڪيمن جي حاجت نه ڊاڪٽرن جي محتاجي، نـه دواخانن جا ڌڪا،

نہ اسپتالن جا ٽاپا، نہ ٿاڻن جا گهڙا پرٽا نہ انڪار جي صورت ۾ رولاڪ ليڪجي "رجوع" ٿيڻ جا خطرا. تندرست، تنومند، ڇڻ ڪيرٽر جسي ڪليل وادين ۾ ويٺن ۾ هـرڻ پيا ٽيلن، ٽپن ۽ ڪڏن.

آءٌ روينيو وزير سان گڏ صحت کاتي جو بہ وزير هوس. مون کي سنڌ جي زراعت ۽ صحت ٻنهي جو خيال رکڻو پيو ٿي. مون فيصلو ڪيو تہ سنڌ(١) ۽ ڪراچيءَ جي دنگ تي چوڪيون ويهاري سنڌ جي چوپائي مال کي سمگل ٿي ڪراچي ۾ اچي ڪُسجڻ کان بچايو وڃي.

ان "ناڪہ بندي" کي عمل ۾ آڻڻ جو فرض مون ٻين آفيسرن سان گڏ، (خاص طرح سان) محمد هاشم جي سپرد ڪيو. رات جي وقت آءٌ پاڻ بہ پيدل دنگ تي ڦري ڏسندو هوس تہ آت ڇا پيو وهي واپري. (ان ڪم ۾ منهنجو ساٿي وزير خان صاحب غلام رسول خان ڪيهر بہ ڪڏهن ڪڏهن منهنجو ساٿ ڏيندو هو). محمد هاشم خود جي تہ ان کان پوءِ ننڊ ڦٽل رهي. ساري رات پيو لانڍيءَ جي پريان ٽڪرين ۾ (جت ڪراچي ۽ سنڌ جو دنگ هو ۽ هينئر آت اسٽيل مل کڙي ٿي رهي آهي) ٽاپا کائيندو هو ۽ چوڪين تي ذاتي چوڪسي رکندو هو. هفتي کن اندر چوپائي مال جي واپارين ۽ سمگلرن کي ٽوٽا چپائي ڇڏيائين. لانڍي پريان ٽڪرين ۾ جو گهڙيو سو ڦاٿو، ڏنڊ نہ پر رڪي جيل جي سزا. ٽنگوڙالي ٿي

(١) ان زماني ۾ مرڪز، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇني پنهنجي حوالي ڪئي هئي ۽ ان کي علحده "مرڪزي" تحويل ۾ ورتو هو.

راتو رات ساڪري جي لاڪپ ڏانهن ڪجي ٿي ويو. ڏڪن جا شاهد ٿيا. ٽورن ٿي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جي قاصاين ۽ وڏي گوشت جي شاڻقن جا ڪُتا اونڌا ڪرائي ڇڏيائين ۽ سنڌ جي چوپائي مال تان هڪدم ڪوپ لاهي وڌائين.

جنهن ۾ رات آءٌ پاڻ ان دنگ جي دوري تي ويس ته ڏٺم ته محمد هاشم وڏيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ڪٿو ويڙهيو سجاڳ ويٺو آهي. سندس سڄي ۽ ڪاٻي سپاهي ۽ چوڪيدار ڪمر ڪشيو هيڏانهن هوڏانهن، لڪن ۽ لنگهن ۾ ڊوڙندا، ووڙيندا ۽ واجهائيندا پئي وتيا.

محمد هاشم پوڙهو ٿي چڪو هو، پر همت جوان هئس. ڪن نخريلن، نفيسڙن، نازڪڙن، پاوَ ڪُلان ۾ تُرڻ وارن تيرڪ تالين منجهان ڪونه هو. نه ڪراچيءَ کان ٻاهر دم گهٽبو هئس، نه ڏهين ٻجي ڏينهن کان پوءِ اکيون مهٽيندو ننڊ مان اٿندو هو ۽ نه ڇهري کي چمڪائڻ(۱)، سرمي، سرخي ۽ سينٽن لائڻ کان سواءِ آفيس ۾ اچڻ کان عار لڳندو هئس. گهوڙي تي چڙهندي ڪونه ڊڄندو، آٿ پٽيءَ تان ڪِرڻ جو خطرو ڪونه هوندو هئس. قانون جو خود ڪيٽون هو، "ڪيٿ گهتان؟ هيت گهتان!" وارو قصو ڪونه(۲)!

---

(۱) "ڏلد ته ادل جا ماڻڪ موتي؛ سرخي هي رنگ لايوا" (ٻين ڪيترن جو اهو حال ۽ افعال هو).

(۲) ڪي عجيب غريب واقعا منهنجي علم ۾ آيا، پر ڪلهن مَن جي موڪالي ٿي ته پائن سان بيان ڪندس؛ في الحال ميٺي ٻه ماٺ، مٺلي ٻه ماٺ،

محمد هاشم جھڙا سخت جان آفيسر هئا، جن انگريزن پاران انتظام پئي هلايو ۽ ان پرديسي حاڪم لاءِ سرخروئيءَ جو باعث پئي بڻيا.

* * *

گورنر جنرل غلام محمد مرحوم سيوهڻ اچڻو ٿيو، لعل سائينءَ جي چانئٺ چمڻ ۽ منڇر جي ملاحظي لاءِ!

سندس استقبال ۽ منزل جي انتظام (۱) لاءِ، آءٌ ۽ محمد هاشم (جيڪو دادوءَ جو ڪليڪٽر ٿي ويو هو) اڳئين ڏينھن تي وڃي سيوهڻ ۾ ويٺاسين.

سج لھندي آءٌ لٽ ڪٽي پا پياده شهر ڏسڻ لاءِ نڪري هليس. اڪيلوئي اڪيلو. شهر جي وٽ ۾ واريا سي ميدان جي ڪناري تي لوڪلبورڊ جي پراڻي ويران مسافرخاني جي پر مان گذريس. حاطي جي ڊُٺل ديوار پاھران ٻه ـ ٽي پارڙا پئي ڪيڏيا. ڪارڙا، اگھاڙا، هڏن جا پڃرا، ڪَل سڙيل، تيري وڏيل، اکين تي چپيون چڙهيل. مون پڇين، ”ڪير آهيو؟“ چيائون: ”پرديسي پاليشاهين جا ٻار آهيون.“ ”هت ڇو آيا آيو؟“ ”اندر اسان جو پيءُ بيمار پيو آهي.“

آءٌ اندر گھڙي ويس. ات ڇت ڪِريل ورانڊي جي ڪنڊ ۾ مٽيءَ تي هڪ نوجوان ليٽيو پيو هو، پر ۾ ڇيٽن جي ڏونهين پئي دکي، پاڻ پٽ تي ائي سور جون دانھون پئي ڪيائين، ماٺس مٽائڻ ويٺي رُني!

---

(۱) منزل جي خرچ ۽ مھماني وغيره لاءِ مون پنھنجي هڙان سمورو خرچ پريو، جيئن محمد هاشم رسائي فنڊ ٿي هٿ ڪيمائڻ لاءِ مجبور ٿي مون سان ڪنيل قسم ڀڃي.

مصنف شڪايتون ٻڌي رهيو آهي. سندس سامهون مسٽر محمد هاشم عباسي ڪليڪٽر دادو ويٺو آهي.

سنڌن ماجرا معلوم ٿي: سيوهڻ تعلقي جي ڏورانهين جابلو ڪنڊ جا پاليشاهي هئا، اِن نوجوان کي جلندر جي بيماري لڳي ويل هئي، ماڻس کوٽان لاعلاج ڪرائي هت ڪٺائي آئي هئي؛ هت سيوهڻ ۾ ٻه نه ڊاڪٽر هو نه علاج جي خرچ لاءِ وٽن ٻه ڏوڪڙ. نه صرف ايترو، پر ڪاڏي لاءِ ٻه ڪجهه ڪو نه هئون. راتاڪون پاڻ ۾ پيار ٻنهي ٻڪ ۾ پاهه ٿيندا رهيا هئا. نوجوان جي زال هينئر شهر مان روٽيءَ اڪر پنڻ لاءِ "گداءَ" تي اڪري ويل هئي؛ اُڌ جي موسم هئي، پارو وسي رهيو هو، پار اگهاڙا، بيمار جي هيٺ تي چڙو لانگوٽو، ماڻيءَ جو پنهنجو پڙو ۾ ڳج ليڙون ليڙون. اوڇڻ لاءِ نه رلهي نه ٽپڙ. هوڏانهن:

پاڙي لاهه پچار، ڪيئن رات (۱) رنجائي گذري؟

اهو حال ڏسي دل ڏهلجي ويئي. پنهنجي ضمير کان سوال پڇيم ته، جيڪڏهن ملڪ جي رهاڪو انسانن جا هي حال آهن ته پوءِ انهن هچارن کان هيڏيون ڍلون ۽ هيترا محصول، ايتري قدر چيپاڻي، چپلائي وصول ڪرڻ جو اسان کي ڪهڙو حق آهي؟ اها ته صريحاً حرامخوري پيا ڪريون! ڪنهن ڏينهن ضرور پچاڻو ٿيڻو آهي؛ ستان دير ٿئي ته، هيئان ئي حساب وٺڻ لاءِ اٺي ڪڙا ٿيندا. "دير" جو نتيجو انڌير نه هوندو آهي، بلڪ دير گيرد سخت گيرد!

---

(۱) شهر اندر ڪن اوطاقن ۾ ڪافين ۾ عين ان وقت ٻه ڪالا پچالا ٿي رهيا هئا ۽ هوڪ لڳي پئي هئي: "قائم رهندا شال قلندر مردن جا ميخانا!" ٻي دردن جون پلائون دورا

آءُ ڊوڙي وڃي محمد هاشم کي وٺي آيس. اهو درد انگيز نظارو ڏسي پاڻ به ڏاڍو متاثر ٿيو. صلاح ڏيڻي ته گورنر جنرل جي سامان لاءِ جيڪا ٽرڪ آيل آهي، ان کي في الحال خير جي ڪم لاءِ استعمال ڪجي، يعني مٿس کٽ رکائي، هنڌ وڇائي، بيمار کي سماري، راتو رات محمد هاشم (۱) پاڻ پاليشاهيءَ جي سڄي آکه کي کٽائي وڃي دادو اسپتال ۾ پهچائي، هر طرح ٺاهيڪو ڪري موٽي اچي. آءُ وزير صحت به هوس. دادوءَ جي ڊاڪٽر ڏانهن هدايت نامو موڪليم ته: "بيمار کي اسپتال جا صاف ڪپڙا پهرائي، وي. آءِ. پي ڪمري ۾ رهايو وڃي، سندس علاج خيال سان ٿئي ۽ بهترين ٿئي (ورنه ڊاڪٽر صاحب پاڻ ۽ اسپتال جو عملو چٽ)، ضرورت پوي ته تار موڪلي سرجن پنٿو(۲) کي ڪراچيءَ مان گهرايو وڃي، هر صبح مون وٽ تار يا ٽيليفون رستي رپورٽ پهچڻ گهرجي ته بيمار جي ڇا حالت آهي، قيمتي کان قيمتي دوا سرڪاري خرچ تي مهيا ڪري ڪتب آندي وڃي."

محمد هاشم اهو سڄو ڪم سرانجام ڪري آڌيءَ رات سيوهڻ موٽي آيو. پڻيان گورنر جنرل جي منزل واري خرچ واري رقم مان ٻه-ٽي سؤ روپيا به ڇڏي آيو ته بيمار جي ٻارن ۽ زالن لاءِ ڪپڙا خريد ڪري هڪدم سبارائي

---

(۲) پاڻ ڊرائيور ۽ ڪلينر سان گڏ اڳيان ويٺو: پويان ٽرڪ ۾ بيمار جي کٽ ۽ سندس فيملي! 'خدمت خلق' کي هن پنهنجي ڪليڪٽريءَ جي رعب لاءِ انقلابڪار ڪوڙ سمجهيو.

(۱) سرجن پنٿو کي مون تازو سنڌ جي ميڊيڪل کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪيو هو.

کين پهرايا وڃن(۱) ۽ سندن کاڌي خوراڪ جو بہ بندوبست ٿيندو رهي.

بعد ۾ جڏهن آءٌ دادو اسپتال جي چڪر تي ويندو هوس تہ اهو نوجوان پنهنجي پوهاري سان مسلح، اڇي "سالوٽ" ڪندو هو. پوليس جي گارڊ آف آنر کان اها پوهاري واري سلامي مون پنهنجي لاءِ وڏيڪ عزت‌افزائي جو باعث ٿي سمجهي. غريب وٽ اهوئي هو، پيو ڇا ٿي ڪري سگهيو؟

* * *

محمد هاشم مرحوم پنهنجو وارو وڄائي ويو، جاءِ خالي ڇڏي ويو.
مون وزارت ڇڏي، هو بہ موڪلائي ويو.
رهي نالو الله جو.

* * *

محمد هاشم مرحوم کان علاوه بہ مون کي وزارت جي زماني ۾ ڪيترا چڱا ساٿي مليا. ان لحاظ سان آءٌ خوش قسمت هوس. توڙي جو انهن ڏينهن جي عملدارن ۾ هوندي بہ اچا قحطالرجال ڪونہ آيو هو. ڪيترائي انسان منجهن موجود هئا.

---

(۱) گورنر جنرل جي منزل پوري ڪري آءٌ پاڻ دادو ويس ۽ وڃي بيمار جي خبرچار لڌم. هو تيزيءَ سان روبصحت ٿي رهيو هو. سندس پاتي بہ صاف ستهرا تازا توانا ڪلندا، پهڪندا نظر ٿي آيا. ماڻهن همٿ ڪئي‌ٿو پئي دعائون ڪيون. بيمار تندرست ٿيو تہ ڪيس دادو اسپتال ۾ ئي اوڪري ڏيئي رکيو ويو. آءٌ پوءِ جڏهن بہ دادو ويندو هوس، تہ انهن جو سڌو سماءُ لهندو هوس. انهن جي خوشحالي ڏسي طبيعت کي سڪون حاصل ٿيندو هو.

مثلاً منهنجن ساٿين ۾ **آغا محمد يعقوب** شامل هو، جنهن جهڙو خود دار، با اخلاق اعليٰ اهلڪار ڪن سڀاڳين سرڪارين کي ميسر ٿي سگهيو ٿي. سندس ذاتي خواه ملازمتي زندگي صاف ۽ شفاف، اصول ۽ انصاف خاطر پنهنجي ذات کي جوکم ۾ وجهڻ وارو هو.

مسٽر نور محمد پٺاڻ توڙي جو ڪليڪٽريءَ جي گريڊ ۾ هو ۽ مون وٽ ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ڪم ٿي ڪيائين، پر ظاهر خواه باطن ۾ درويشن جو درويش-سيرت ڪان سواءِ صورت ۾ به. هڪ لحظي لاءِ به منجهس اهو پندار پيدا ڪونه ٿيو ته هو ايڏي اختيار جو صاحب آهي. سندس انسانيت پنهنجي مٿي اهڙي وٽ هئي، جنهن اڳيان عملداري حيثيت هيچ هئي. عملداري ڪندي به الله تعاليٰ کي اهڙن ماڻهن راضي ٿي رکيو. وجود کي وڃائي، ”آنا“ کي اڏائي! انهن جي عملداري عبادت هوندي هئي.

ديوان بولچند ڪرپالاڻي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي سيڪريٽري، هڪ سچو سنت هو. سندس نظر ۾ ڪليڪٽريءَ ۽ سندس پيرن جي پراڻي گهيتلي جي قدر ۽ قيمت ۾ ڪو فرق ڪونه هو. خوديءَ کي ”لا“ جي لت سان پيچي پورا ڪري ڇڏيو هئائين. سندس فرض شناسي ۽ پگهار کي حلال ڪري ڪائڻ جو اهو عالم هو جو آڌيءَ رات تائين اڪيلو دفتر ۾ ويٺو ڪم ڪندو هو. اهڙا به موقعا ٿيا، جڏهن هو ٽيبل تي ويٺي ۽ ڪم ڪندي بيهوش ٿي ٿي ويو. اها خبر مون کي پهتي. مون لکت ۾ حڪم ڪيو ته: ”شام جو آفيس بند ٿيڻ وقت **سر سڌاني رناڻي ڪمشنر**، پنهنجي روبرو بولچند

كي آفيس مان كڍي گهر روانو كري، ان كان پوءِ پنهنجي بنگلي ڏانهن وڃي"(١).

سر سڀني سوكل تي ويو ته ديوان ٻولچند، پٽيوالن كي ميڙيون منٿون كري، دروازو كولرائي وري ٻه اڪيئين وانگر راتين جون راتيون دفتر ۾ گذاريندي كم كرڻ لڳو.

هڪ شام مون اوچتو وڃي سندس آفيس تي ڇاپو ماريو. ديوان ٻولچند، مون كي ڏسي، سخت گهٻرائجي ويو. مون نه كئي هم نه تم، پنهنجا ماڻهو موٽر مان لاهي ديوان كي ٽنگوٽالي كرائي موٽر ۾ وجهي وڃي سندس گهر ۾ ڇڏو كيم. پٽيوالن كي تنبيهه كيم ته جيكڏهن آفيس جي وقت كان پوءِ ديوان كي در كولي ڏنائون ته كين هڪدم نوكري مان جواب ڏنو ويندو.

ٻيو ديوان پوءِ ٻه كون مڙيو. فائيلن جا ستا گهر كڻي وڃي اتي كم كرڻ لڳو. وري حكم كيم ته فائيل آفيس كان ٻاهر نه وڃن. مجبور ٿي مون كي چوڻ لڳو ته "منهنجي طبيعت جي ساخت اهڙي آهي، جو جيكڏهن ڏينهن جو كم رهجي وڃي ٿو ته ساري رات ان چنتا ۾ ڦٿكندو رهان ٿو ۽ ننڊ ٻنه كانه ٿي اچيم."

---

(١) آءٌ ڏكيس ٿي ته مبادا كنهن ڏينهن آفيس ۾ ويٺي كم كندي كندي ديوان ٻولچند جي هارٽ فيل ٿي وڃي! اهڙو هڪ واقعو آءٌ تازو ڏسي چكو هئس. منهنجو اسٽينوگرافر سيد محمد شاهه مهاڄر مرحوم رات جو دير تائين منهنجي دفتر ۾ كم كندي كندي هارٽ فيل سبب گذاري ويو هو. مون كي ٿي گهريو ته منهنجي خدمت كندي وڏيڪ ماڻهو اهڙن حادثن ۾ ڦٽي وڃن.

مون پڇيس: ”ديوان وڏا، ننڍ ڪڏهن ٿي اچيو؟“

ديوان: ”جڏهن يقين ٿيم ته ته پنهنجي ڊيوٽي پوري ڏني اٿم ۽ اڄ جو ڪم سڀان تي ڪونه ڇڏي آيو آهيان.“

سنڌ مان رٽائر ڪيائين ته پاڪستان سرڪار کيس پاڻ وٽ ڪنيو ۽ سندس ڪارڪردگيءَ جي پيش نظر کيس تمغهٔ خدمت به عطا ڪيو.

وضع دار ۽ وفادار انسان هو. آءٌ وزارت ڇڏي ويس، تنهن هوندي به جيستائين جيئرو هو، عيد مبارڪ ۽ خيرعافيت پرسيءَ لاءِ مون وٽ ايندو رهيو.

مسٽر عبدالله چنا روينيو کاتي جو پيو هيرو هو. مختيارڪاريءَ مان چڙهي ڪليڪٽر ۽ پوءِ ڊپٽي سيڪريٽري بڻيو هو. سندس منهن ڏسي ڪنهن کي همت ڪانه ٿيندي هئي جو کيس ڪنهن ناجائز ڪم لاءِ چئي سگهي. غلط ڪم ڪرڻ کان چيف منسٽر کي به جواب ڏئي ڪيندو هو. حلال جي ڪمائي تي قانع، حرص کان پري، نه بنگلي سازيءَ جو چڪر، نه بينڪ بيلنس جو فڪر، مروت ڏيکارڻ لاءِ تيار، خوشامد ڪرڻ کان بيزار، قاعدي قانون جو پابند، رولن ريگيوليشنن جو ماهر، جيڪي لکندو چئو سون تي ٽڪ!

ڊاڪٽر پنهور ڪراچيءَ جو چوٽيءَ جو سرجن ۽ ڊاڪٽر هو. روزانو هزارن روپين جي ڪمائي هئس. جڏهن سنڌ ۾ صحت کاتي جو خانو خراب ٿي ويل ڏٺم ته کيس ارداس ڪيم ته خالص انساني خدمت خاطر قرباني ڪري ڊائريڪٽر جنرل هئڻ قبول ڪري. مون کي جواب ڏئي ڪونه سگهيو. سندس اياڻڪاريءَ ۾ ۽ سندس جوش و خروش

ڪان متاثر ٿي اَمان صحت ڪاتي جي رُت بدلائي ڇڏيسين.
صحت جي وزارت سنڀاليندي هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي ڏٺم
ته ڪاري قيامت لڳي پئي هئي. ساري ڪاتي اندر ڪو به
اعليٰ ڊگري يافته (ايف. آر. سي. ايس) ڊاڪٽر ڪونه، معمولي
ڊاڪٽر به ڳاڻاوان، تعلقن ۾ ڊسپينسريون ويران، ضلعي اسپتالون
جهُرڻ تي، نرسون ندارد، ميڊيڪل ڪاليج پوين پساهن ۾،
دوائون غائب (ڪي ڊاڪٽر صاحب، سرڪار وٽان مليل قيمتي
دوائون دڪاندارن کي وڪڻي ڏيندا هئا ۽ غريب مريضن
کي رنگين پاڻيءَ جون بوتلون ڀري ڀري ڏيندا هئا)، فوجداري
ڪيسن ۾ ڪوڙا سرٽيفڪيٽ ڏئي غريبن جا خون لوڙهيا
ٿي ويا، اسپتالن ۾ ڦٽيل ۽ سور جا ستايل مريض پاڪاريندا
ٿي رهيا، پنهنجيءَ پڄڻ ۽ بدلائڻ وارو ڪونه.

پنن سالن اندر ڪافي ڪم ٿيو. سکر، لاڙڪاڻي،
جيڪب آباد، نواب شاهه ۽ ٺٽي ۾ اسپتالن جون نيون عمارتون
ٺهيون (ڪن جون اسڪيمون پاس ٿيون)، لياقت ميڊيڪل
ڪاليج جو بنياد پيو، سرڪاري خرچ تي ايف. آر. سي. ايس جي
ڊگرين وٺڻ لاءِ نوجوان ڊاڪٽر ولايت موڪليا ويا، قيمتي ۽
اڻ لڀ دوائن جو هوائي جهاز ڀري آندو ويو، جيئن دير نه
ٿئي، ڊاڪٽرن جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ نه فقط ميڊيڪل
ڪاليجن ۾ سيٽون وڌايون ويون، پر حيدرآباد ۾ هڪ خاص
ميڊيڪل اسڪول کوليو ويو، جيئن تعلقن جي ڊسپينسرين ۾
ڪم چالو ڪرڻ لاءِ، ٽن سالن اندر ڊاڪٽر پڙهي ڪافي
تعداد ۾ تيار ٿي وڃن، ڪوڙن سرٽيفڪيٽن کي بُنجي ڏيڻ
لاءِ وڏن ڊاڪٽرن جو هڪ خاص بورڊ ٺاهيو ويو، جيڪو

شڪايت يا اختلاف جي صورت ۾ هڪدم موقعي تي ههڙي مريض يا متردي جو خود معائنو ڪندو هو. مشهور راشي ڊاڪٽر صاحبن کي هڪدم رخصت ڏني ويئي ۽ باقين ۾ ڌهڪاءُ پيدا ڪيو ويو. اسپتالن ۾ داخلا وقت مريضن کي ننڍي لڳل ڪارڊ ڏنا ويا (جن تي منهنجو يا ڊاڪٽر پنهور جو ذاتي نالو ۽ ائڊريس ڇپيل هو) ته جيڪڏهن ڪين ڪا شڪايت محسوس ٿئي ته ڪارڊ ٽپال ۾ اڇلائي ڇڏين ۽ اسان پاڻ سندن خبرگيري ڪنداسين.

اهڙا به موقعا آيا، جڏهن ڪنهن ڏورانهين ڳوٺ ۾ ڪا شديد بيماري پيدا ٿي ته ڊاڪٽر پنهور پاڻ يا ڊاڪٽر ساڻ ڪري ۽ دوائون کڻي وڃي اُت ڪيمپ لڳائي ويهي رهيو ۽ اوستائين اتانهون نه هٽيو، جيستائين بيماري ڪنٽرول هيٺ نه آندي ويئي.

منهنجي وزارت ڇڏڻ کان پوءِ ڊاڪٽر پنهور به استعفا ڏيئي علحده ٿي ويو. ڪجهه سال ٿيا ته موريو ڪراچي ۽ ڇڏي وڃي لنڊن ۾ اسپتال کولي ويهي رهيو.

ٻ سوزا: منهنجو پي. اي هو. نوجوان، ۲۵ ورهيه چمار، حافظي جي اها حالت هئس، جو سنڌ جي سمورن مختيارڪارن، ريزيڊنٽ ماجسٽريٽن، ڊپٽي ڪليڪٽرن متعلق ساري معلومات برزبان ٻڌائي سگهندو هو، نالو، ڄم جي تاريخ، نوڪريءَ ۾ گهڙڻ جي تاريخ، ڪٿ ڪٿ نوڪري ڪيائين، ريڪارڊ تي ڪهڙا اوٽ انس وغيره وغيره. اهي سڀ ڳالهيون، ايترن سون آفيسرن جون سندس حافظي جي ڦرهيءَ تي چٽيل

محمد هاشم گزدر

هونديون هيون. ڪنهن ڪاغذ يا ڪتاب ڏسڻ جي ضرورت ڪانه پوندي هئي. اوهان نالو ڪٿو ۽ هو سرسر سموريون حقيقتون ٻڌي ٻيئي ٻڌائي ويندو هو.

هتان جي ماڻهن جون بي قدريون ڏسي، پنهنجي وطن کان پوءِ نوڪري ڇڏي ولايت هليو ويو ۽ وري هيڏانهن جو منهن ڪونه ڪيائين.

حافظي جي ايتري قدر قوت مون ٻئي ڪنهن انسان ۾ ڪانه ڏٺي. عجوبه روزگار هو. اوهان ڪتاب جو صفحو سندس اڳيان پڙهو، هتي کان پوءِ پڇوس ته زباني حرف بحرف ٻڌائي ويندو.

محمد هاشم گزدر

نالو محمد هاشم، قوم ميلاڻ جو گزدر قبيلو. ڌنڌو انجنيري. پورو، قد وچولو، بت ڀريو، خوش پوش، خوش ذوق، خوش لباس، خوش خُلق. سنجهي ئي نوڪري ڇڏي، سياست کي سنڀاليائين. مرحوم حاجي بابا مير محمد بلوچ جو صحيح جاءِ نشين، سنڌ جو مانُ ۽ ڪراچيءَ جو شان هئو.

اجا سنڌ بمبئيءَ کان جدا نه ٿي هئي ته بابا مرحوم جي وفات بعد بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو. سنڌ جي جدائي بعد ته گهڻا سياسي عهدا ماڻيائين: ڪراچيءَ جو ميئر، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر، سنڌ جو وزير، مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ آئين ساز مجلس جو نائب صدر.

گزدر جي سياست گز جهڙي سڌي هئي؛ شروع زندگيءَ کان پڇاڙيءَ تائين عشق سنڌ جي مسلمانن سان رهيس. واتان

پي وائي ڪانه ٻوليائين. سردي هجي يا گرمي، سُڪ هجي يا ڏڪُر، اوچيندو رهيو، لوڙيندو رهيو. ببر شير وانگر گجيو ۽ گڙيو، ڪنهن کان ڪونه ڪنبيو. ڪنهن جي اڳيان ڪونه هٻڪيو.

آءٌ ڪيس چوندو هوس ته "سياست ۾ تون ڪم ڀڃريان ڪرين ٿو، سوچين بعد ۾ ٿو." اهو اندازو صحيح هو. مچ مچائڻ جي دير هوندي هئي، گزدر پاڻهرتو نچندو ڪُڏندو اچي منجهس پاڻ اڇلائيندو هو ۽ ان کان پوءِ پيهي پڇندو هو ته "مچ ڇو متو آهي؟"

ڪراچيءَ جي سياسي ۽ مسلم ليگي زندگيءَ تي سالن جا سال ڇانيل رهيو. گزدر نه هجي ها ته ڪراچيءَ اندر، جت هندن جو زور هو، نه ١٩٣٨ع واري مسلم ليگ ڪانفرنس، نه ١٩٤٣ع واري آل انڊيا ليگ سيشن، نه پاڪستان واري تحريڪ ڪامياب ٿي سگهي ها. سنڌ اسيمبليءَ اندر ته ڪانگريسين لاءِ ڪال هوندو هو. کين چيڙائڻ ۽ هوش مان ڪڍڻ جي ضرورت هوندي هئي ته گزدر کي اڳيان ڪبو هو. هڪ دفعي اسيمبليءَ ۾ بحث هلندي گرما گرمي پيدا ٿي ويئي. ڪانگريس پارٽيءَ جو اڪيلو مسلمان ميمبر، مرحوم مغفور محمدامين کوسو بحالت جذب و استغراق، لپ ڏئي ڪيس ٿائيءَ مان جهليو ۽ هن ٽڪن مٿان ٽڪون وهائي ڪڍيس. وٺ وٺان ٿي وئي، لڪ لڪان، ڙِڪ ڙڪان! اسپيڪر 'آرڊر آرڊر' پڪاريندو ۽ ميز تي مُترڪا ماريندو رهيو، پر هي حضرت پنهنجي ڪم کي جُنبيا رهيا. ڪانگريس جا ميمبر،

جن جو تشدد ۾ وشواش ڪون هو، پچڻ لاءِ درن کي اڪثين لايون ويندا هئا. سرگواسڻ سائي چيئي سپاهيملاٽي (ڊپٽي اسپيڪر) کي ته اها ڳالهه بنهه ڪانه ٿي وڻي. پنهنجيءَ نفرت کي نسواني انداز ۾، نڪ جي موڙي سان نوڪدار بڻائي پاڻ سان ئي پنهنجي خيالات جو اظهار ڪندي رهي، ڏاڍيان ڳالهائڻ يا پارليماني آدابن ٻڌائڻ لاءِ فضا سازگار ڪانه ٿي نظر آيس.

* * *

سکر جي مسجد منزلگاهه واري مسلم ليگ تحريڪ جاري هئي، پوليس ۽ ستياگرهي مسلمانن جي وچ ۾ مقابلا جاري هئا، پوليس (هوم) کاتي جو وزير سر غلام حسين مرحوم هو، سکر مان گزدر ڏانهن نياپو موڪليم ته ”تون سر صاحب جي بنگلي جو گهيراءُ ڪراءِ.“ گزدر خلق گڏ ڪري، جلوس جي صورت ۾ وڃي بنگلي جو محاصرو ڪرايو. سر صاحب کي اڳواٽ ڪٿان پتو پئجي ويل هئي، وقت کان اڳ کسڪي ويو هو. پڙيان نعرن وکهي سندس گهر پاتين جو ويهڻ وره ڪري ڇڏيائون. گزدر پاڻ ۽ سندس والنٽيئر ڌرڻو ماريو ويٺا رهيا. منجهند کان پوءِ خبر پيتس ته حڪومت مسجد منزلگاهه تان پوليس هٽائي ڇڏي، تڏهن وڃي سر صاحب جي دولت خاني تان ڪڙو لٿو.

* * *

مسلم ليگ ۽ تحريڪ پاڪستان جو ايترو قدر شيدائي هو جو سنڌ خواهه هندستان جي جنهن به گوشي ۾ ڪا ميٽنگ يا ڪانفرنس ٿيندي هئي يا ڪو جلوس نڪرڻو هوندو هو ته گزدر ضرور وڃي شامل ٿيندو هو ۽ ان کي ڪامياب بڻائڻ ۾ حصو وٺندو هو.

۱۹۴۰ع جي مارچ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو سالانو اجلاس لاهور ۾ ٿي رهيو هو. گزدر صاحب اڳواٽ اچي

پهتو هو. قائداعظم رح دهليءَ کان لاهور ٽرين ۾ تشريف آور ٿيو. استقبال لاءِ ٻئي هجوم سان گڏ، گزدر ۽ آءٌ به پليٽفارم تي موجود هئاسين. قائداعظم گاڏي مان لهي پليٽفارم تي آيو. ماڻهو ڪيس ايتريقدر ويڙهي ويا جو قائداعظم بلند آواز ۾ چيو ته "مون کي چيڀاٽي رهيا آهن"(١). گزدر فوراً اڳتي وڌي ماڻهن کي ڌڪا ڏئي پاسي ڪري، قائداعظم کي ٻاڪُر ۾ جهلي، اڳتي وٺي هلي موٽر ۾ ويهاريو!

اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ مون کي چيائين ته آءٌ سنڌس ويهڻ لاءِ ڪو اهڙو بندوبست ڪريان(٢)، جو هو قائداعظم جي ويجهو هجي ۽ خدانخواسته جيڪڏهن مٿس ڪو حملو ٿئي ته هو پاڻ کي وچ ۾ ڏئي، قائد جي ڪجهه حفاظت ڪري سگهي.

ڪيس خبر پئي هئي ته اهڙي حملي جو امڪان موجود هو، انهن ڏينهن ۾ هڪ تازي واقعي ڪري لاهور جي فضا ڪشيده ۽ حالتون غير يقيني هيون. پر خدا ڪيو، خير جي گذري ويئي.

* * *

١٩٥٤ع ۾ محمد علي بوگره تي دباءُ وجهي، گورنر جنرل غلام محمد مرحوم، مرڪزي آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙائي ڇڏيو هو. گزدر مرحوم اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر هو. ٻؤ کان پيا ميمبر ۽ اسيمبليءَ جا عهديدار ته پڇي ويل هئا، پر گزدر صاحب، صبح جو هميشه جي دستور موجب، ٿهي لُنگي، سڦو سنُوٽ پائي، ڪوٽ ۾ گلاب جو گُل ٽُنبي، وڃي هال جي ٻاهران پهتو ۽ پوليس جي پهري کي ٽوڙي

(1) "I am being squeezed"

(٢) لاهور اجلاس جي انتظام رکڻ لاءِ، مون کي ڪيترا مهينا لاهور ۾ رهي، ڪم ڪرڻو پيو هو.

اندر وڃڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. پوليس جو هٿ سنگينن لڳل بندوقن ۾، ته گزدر جو چنبو قلف ۾. "چڪ تڏي ۽ تڏو- تنهنجو ورار وڏو." گهڻي وقت تائين منجهن ڇڪري چالو رهي. گزدر کي قانوني طرح Cause of Action مقدمي داخل ڪرڻ سبب پيدا ڪرڻو هو، جنهن جي بنياد تي هاءِ ڪورٽ ۾ حڪومت خلاف رٽ جي درخواست داخل ڪري سگهجي. رٽ داخل ٿي، جنهن کي قانون جي تاريخ ۾ "مولوي تميزالدين خان واري ڪيس" جي حيثيت حاصل ٿي. مولوي صاحب رحمةالله عليه اسيمبليءَ جو اسپيڪر هوندو هو. ان واقعي وسيلي "جمهوريت" جا جلوا ڏسي وڃي پنهنجي گهر ويهي رهيو، مرندو مري ويو، هيڏانهن جو منهن نه ڪيائين.

* * *

مرحوم ايوب خان جو دؤر آيو. سڀنو لڏائين ته ساڳي گزدر منجهان پاڪستان جي 'انٽي گرٽي' (سالميت Integrity) کي موتمار خطرو آهي. بي دريافتو ولي ڪٽي جيل ۾ وڌائينس. پاڪستان لاءِ گزدر جون سالن جون قربانيون ۽ خدمتون لحظي ۾ لڙهي ويون. "چورن ڏٺا هٿئين نه هٿئين جهڙا."

ڪريمان جا بڇڪا، ڪٽي ويا چڙ چورا!

ايوب خان سياستدان بڻيو ته ڪنوينشن مسلم ليگ ٺهرايائين. ڪراچي شهر مان گزدر جهڙي مسلم ليگ جي پراڻي پهلوان کي شامل ڪرڻ جي شديد ضرورت محسوس ٿي. هڪدم پاڪستان جي سالميت-تان خطرو ٽري ويو، گزدر آزاد ٿيو. اميد ڪئي ٿي ويئي ته گزدر جيل جي سبق سکڻ بعد سڌو سرڪاري مسلم ليگ جو رخ رکندو، پر گزدر جهڙا پُٽ پيڙين سانرن جا پيٽ ڇڏيا هئا. سڌو وڃي، پر سهٽو ته سليين.

جهانگير پارڪ ۾ پبلڪ ميٽنگ ٿي، گزدر پهچي ويو. تقرير اڙي، ڪيائين جو دوباره 'انٽي گرٽي' گهات ٿيڻ لڳي. [illegible] ۾ [illegible] "ڏوهه" وڌو ڪري

وڏو هٿائين، تنهنڪري بغاوت جو مقدمو به مڙهيائونس.
ڪيترو عرصو قيد ڪاٽيندو رهيو. ٻاهر آيو ته صحت برباد ٿي
ويل هئس. زماني جون حالتون سٺيون ڪين ٿيس. اوچتو
دل تني پيس. وڃي سنڌ جي ٻين شهيدن سان مليو.

ان ڪان اڳ مون سان ملڻ آيو. ڏاڍو ڏکويل هو.
سندس درد ڀريون ڳالهيون ٻڌي منهنجي وات مان نڪري ويو:

دُکهه مين پنڃرائے جهنڊ ڪے اندر،
ايڪ پکهيرو، درد ڪا مارا، پيهو پيهو ڪرتا هے؛
ڪون سنے يه غم ڪي باتين، ڪون ڪسي ڪي سنتا هے؟

* * *

ان ڏينهن خاص طرح ڏاڍيءَ ڏکويل حالت ۾ گهر موٽيو.
ٻن ڏينهن اندر ٻڌم ته سنڌ جي شهيدن سان شامل ٿي وڃي
پنهنجي رب جي پيش پيو—شايد هن نتيجي تي پهتو هو ته:

وَڳَرُ ويا وَهِي، ڪالهه تنهنجا ڪُونجڙي،
ڪنديءَ ڪوه رهي، سَرَ ۾ سيرين ريءَ؟

ڏاڍو صدمو رسيم. آخر ڪليميءَ جي ڪلام سان دل کي
ڪجهه آٿت ڏنم:

مجنون بگوشهٔ ز جفائے زمانه رفت،
ديوانه اش مخوان که عجب عاقلانه رفت!

(مجنون زماني جي ظلمن ڪري وڃي ڪنڊ ۾ ڪريو،
چريو نه چئوس، عقل جو ڪم ڪيو اٿائين!)

هينئر ڪراچيءَ جي ڪنهن گمنام گوشي ۾ ابدي آرام
ڪري رهيو آهي. سندس آرام ڦٽائڻ لاءِ نه مٽس ميلا لڳن،
نه ڀڳن جون سوالي سٽنڌ عورتون اچيو ونس هٿل هنگاما
ڪن، نه نمائشي سياستگر ڀڄ ۾ بيهي هٿ ٽنگي پنهنجا فوٽا

حضرت خواجہ احمد زمان رح (لنواري شريف)

ڪڍائين (هٿ مٿي، اکيون فوٽوگرافر ۾)، نہ ڪم طاقتي يا هرنيا جا مالدار مريض پڙ-پڙوتيون ياسي ڪانئس وٺامن يا سرجن جو ڪم وٺن.

مطلب تہ مڙني جنجالن کان ڇٽل، رب جون رحمتون ماڻي رهيو آهي.

حضرت خواجہ احمد زمان رحمۃ الله عليه

لواري شريف جي درگاهہ جو سجاده نشين هو، پر رهندو ڪراچيءَ جي گارڊن ڪوارٽر ۾ هو. ڪڏهن ڪنهن مصوّر کي انسانيت ڪبريٰ جي تصويرڪشي ڪرڻي پئي تہ سائين احمد زمان رح جي صورت ئي سامهون رکڻي پوندس، جنهن جي ڏسڻ سان روح کي راحت ۽ قلب کي قرار حاصل ٿيئي ٿيو. الله تعاليٰ جي پيارن جي پهچاڻ ئي اها ٿئي ٿي، ڪين ڏسندي ڏک ڏور ۽ درد دفع ٿيو وڃن.

سنڌ هونءَ تہ صدين کان وڏيرن جي ورثي، مُلن لاءِ مٿي چانو ۽ پيرن جي پاٽاري ٿي رهي آهي. وڏيرا هن دنيا کي ليک رکڻ جا ٺيڪيدار، مُلا ڪفن دفن جا مقاطعدار ۽ پير سونهارا اڳيئين جهان لاءِ جوابدار هوندا هئا.

پر سائين احمد زمان رحمۃ الله عليه جي شخصيت بلڪل نياري هئي. پنهنجي دور جي وڏن علمائن ۽ علامن کان مٿاهين مقام جو مالڪ هو، آءٌ پاڻ تہ تقريباً اڻ پڙهيل هوس، پر سائس ٿوريءَ گهڙيءَ گفتگو بعد ائين محسوس ڪندو رهيس تہ علم ۽ آگهي جو اهڙو ڪو ذاڪو تصور ۾ ڪونہ اچي ٿي سگهيو، جنهن تي اکوات سندس قدم نہ پيل هجن.

جڏهن مون کي سندس زيارت نصيب ٿي، پاڻ ڪراچيءَ جي گارڊن ايسٽ جي هڪ بنگلي ۾ رهندو هو. ڪمپائونڊ جو در عموماً ڀيڪڙيل رهندو هو. در اندران سندن ۾ خدمتگار

ڪالوڙيءَ ٻنچ تي ويٺا هوندا هئا. مالڪ جي معيار جو ڀرپور پتو سندس ملازمن جي حُليي ۽ هَٿان مان پوندو آهي. آن زماني ۾ جيئن وڏو پير، تيئن سندس خليفا خوفناڪ! معلوم پوندو هو ته بهشت ۽ دوزخ جون ڪنجيون اندر ويٺل بزرگ جي گيڏي ۾ پيل آهن، پر ٻاهر خليفن جي خنڊڪيءَ جي ڇا معنيٰ ٿي سگهي ٿي، جيڪي خواه مخواه اکيون ڦاڙهيون ڪيون، ڏاڙهي مکيون، مڇان مروڙيون، ۽ لٺ ٻا لڪڙ هٿ ۾ ڪنيون پيا مريدن ۽ در پيهي آيل ملاقاتين کي ڌڪا ڌوڏا ڏيندا هئا؟ آخر ڏينهن قيامت جي، اهڙو قهر ته ڪونه ٿيڻو هو ته پڇاڻي مهل، بدقسمت ٻندن جي ٻاري ۾ انهن خليفن جو ووٽ به ورتو وڃي؟ ان هوندي به، هن جهان ۾، خاص طرح سان اليڪشنن جي ”سيزن“ ۾ خليفن جي خوب پيگهي مٽل (۱) هوندي هئي.

خواجه صاحب موصوف جا ملازم مون کي گهڻن پيرن جي روايتي خليفن کان مختلف نظر آيا. سادڙا ۽ ميرانجهڙا ڪپڙا ٻوريل هئون. سنهن ۾ مروت ۽ اکين ۾ حياءُ هون. پر ۾ نه لٺ نه لڪڙ. مون کي ڪونه سڃاڻندا هئا. آءٌ اڳ ڪڏهن اوڏانهن ويل به ڪونه هوس. ٢٥ کن ورهيه چمار هئم. اجان گمنام، نه بدنام. نه موٽر ۾ چڙهي وڃي لٿو هوس، نه وڪٽوريا گاڏيءَ ۾. پيدل جاڪوڙيندو، پتو پڇائيندو، وڃي پهتو هوس. ڏسندي سائينءَ جي خدمتگارن آئي آڌرڀاءُ ڪيو. مون ٻڌاين ته حضرت خواجه صاحب سان ملڻو اٿم، ”ڀلي آيا، جي آيا“ چئي، سنجهان هڪ مون کي اڳ ۾ ڪري بنگلي جي دروازي ڏانهن هلڻ لڳو. مون استدعا ڪيس ته

(۱) آن زماني جو دستور هوندو هو: اسيمبلين جا اميدوار ڀيرن مکوڙن جي، خدمت ۾ نذرانو پيش ڪندا هئا ۽ خليفن جو وات مٺو ڪندا هئا، ووٽر ووٽ مرشدن جي حڪم موجب ڏيندا هئا، جيڪو هن وچ ۾ ”نوٽ تي ووٽ“ جو واپار ڪولو هولدو هو ته.

”ڀرين وچي سائينءَ کي رپورٽ ڪيو، جيڪڏهن پاڻ اجازت ڏين ته پوءِ مون کي وٺي هلو.“ چيائون: ”فقير جي گهر رپورٽ نه ٿيندي آهي.“

اندر ورانڊي ۾ پير رکندي، سامهون ورانڊي جي پراهين ڇيڙي تي ڏٺم ته هڪ ڪرڙو ڏيڍ چار جو شخص ڪاٺ جي صندل تي ويٺو آهي. صندل تي پراڻي سٽ جي فراشي وڇايل آهي. ائين نه سمجهيم ته اهو شخص خود خواجه صاحب رحه آهي. ڪوبه پيراڻو نٽ ٺانگر ڪونه هو؛ رنگ ڪٽڪ ونون، قد وچولو، سنهاري مبارڪ ڪتريل؛ جسم تي سنهڙو سفيد چولو، پر تختي سٿڻ، مٿي تي اڇڙي ٽوپي، جيڪا گهڻا ماڻهو نماز پڙهڻ وقت پائيندا آهن. ڳتي وڏي ڪانئس ٿي پڇيم ته ”مون کي حضرت خواجه صاحب سان ملڻو آهي.“ پڇڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي جو ورانڊي ۾ داخل ٿيڻ بعد پوئتي اک ورائي ڏٺو هوم ته جيڪو خليفو مون کي پاهران وٺي آيو هو، سو مون کي ڇڏي غائب ٿي ويل هو. پاڻ صندل تان اٿي ڏاڍي قرب سان هٿ ملائي، مرڪي چيائين: ”منهنجا حبيب لبيب، احمد زمان آءُ آهيان.“ منهنجي حيرانيءَ جي حد ڪانه رهي. صندل تي پاڻ سان گڏ ويهڻ لاءِ اشارو ڏنائين. مون ادب وچان احتراز ڪيو. پر ۾ هڪ پراڻي ڪاٺائين ڪرسي ڏسي ان تي ويهڻ جي ڪوشش ڪيم. مون ڪان اڳ پاڻ ڪرسيءَ کي ريڙهي، صندل جي سامهون رکي فرمايائين: ”هاڻي هت ته ويهو.“

اها ڳالهه پاڪستان ٺهڻ کان پندرهن سال اڳ جي آهي. سنڌ ۾ مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ ميمبرن جون نيون چونڊون ٿي رهيون هيون. منهنجو هڪ دوست اميدوار هو. اوچتو بيمار ٿي پوڻ سبب پاڻ ڪراچيءَ ڪونه اچي سگهيو هو؛ پنهنجي پاران

مون کي خواجه صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي، درگاهه جي مريدن ڏانهن، ورتن جي باري ۾، خطن وٺڻ لاءِ موڪليو هئائين.

خواجه صاحب ٻهريان تہ روايتي ”خوش خيرعافيت“ ڪئي. هلڪي، مٺي، محبت ۽ شفقت ڀرئي آواز ۽ انداز ۾، منهنجو حوصلو وڌيو. ٿورن اکرن ۾ مقصد عرض ڪيم. هڪدم در تي ويٺل خليفن مان هڪ کي سڏائي حڪم ڪيائين تہ خط لکي تيار ڪريو.

خليفو خط لکڻ ويو. پٺيان خواجه صاحب پڇيو تہ ”منهنجي اميدوار جي عمر ڪيتري آهي؟“ مون عرض ڪيو ”منهنجو هم عمر آهي.“ ٻيو سوال: ”مقابلي ۾ ڪير اٿس؟“ منهنجو جواب: ”حاجي عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد.“ پاڻ ٿورو مشڪي فرمايائين: ”ڀؤ نہ ڪريو، سنڌ جي ڀهراڙيءَ جي نوجوانن کي ميدان ۾ اچڻ گهرجي، انهن کي حوصلو ڏيارڻ جڳائي.“

جيستائين خط لکجي آيا ۽ سائين مٿن صحيحون ڪيون، مون کي پنهنجيءَ گفتگو سان نوازيندو رهيو. هر جملي جي ابتدا ”منهنجا حبيب لبيب“ سان پئي ٿي. زبان سادي، لفظ ٿورا، علم ۽ معلومات جي نمائش جو نشان ڪونہ، نماڻائي، عاجزي، نہ حقيقت، طريقت، يا روحانيت جي آڌار وسيلي ٻڌندڙ تي پنهنجي روحاني ڀيچ جي رعب ويهارڻ جي پيراڻي زباني وٽ پڪڙ، نہ ڦوڙائڻ عربي عبارتون، نہ مولويانہ هم داني جو مظاهرو، نہ خطيبانہ شعلہ بياني جي ڪوشش — جيڪڏهن ڪا ڪوشش هئي تہ اها تہ علم ۽ دانش جي اوگهڙ نہ ٿئي. اڌ ڪلاڪ جي گفتگو بعد بلڪل واضح ٿي ويو تہ علم ۽ روحانيت جو هڪ ڀريل ۽ ڍڪيل مٽ آهي، محفلن اکيان وڃڻ وارو خالي گهڙو نہ آهي.

خط وٺي آءٌ ان ڏينهن تہ روانو ٿي ويس، پر پنهنجي دل ديواني سندس در تي وڃائي ويهي رهيس. هر وقت

اندر ۾ اهائي آڪير رهي ته وري وري وٽس حاضر ٿي، علم جي ان مٿ مان ڪو ڇڪو حاصل ڪجي. مخالف اميدوارن کي خبر پئجي. ويئي ته آءٌ خط حاصل ڪري چڪو آهيان. انهن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته ڪنهن طرح اهي خط ڦيرا رائجن، پر ڪامياب ٿي ڪونه سگهيا. آءٌ نٿو سمجهان ته ساڳين حالتن هيٺ هو ڪن ٻين پيرن وٽان اهڙيءَ طرح ناڪامياب ٿي موٽيا هوندا، ڪڏهن ڏهه ـ ڏهه دفعا به پيرن جا خط ڦرندا رهيا. سدار رهندو هو واڪ جي واڌ گهاٽ ِ تي!

* * *

پهرينءَ حاضريءَ کان پوءِ آءٌ ور ور ڪندو وٽن ويندو رهيس، هفتي، پندرهين ڏينهن. ڪم حاج ڪونه. سمجهي ڪونه سگهيس ته سندن ڪهڙيءَ ادا جو اهو اثر هو. پر اثر هو، ۽ ڏاڍو اثر هو.

دوران گفتگو سندن ارشادات کي قلمبند ڪرڻ لاءِ ڪتاب گهرجي. هت اختصار کان ڪم وٺڻ جي مجبوري آهي. مثال لاءِ ٻه ـ ٽي ڳالهيون عرض آهن:

اٽليءَ ۾ مسوليني جي ڊڪٽيٽري قائم ٿي چڪي هئي؛ جرمنيءَ ۾ هٽلر هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا هئا. اخبارن ۾ دنيا جي واقعات تي بحث ٿيندا پئي رهيا. پاڻ فرمايائون: "ڊڪٽيٽري سيزر کي ڪانه ڦبي؛ هنن کي ڪٿان ڦبندي؟ الله تعاليٰ نافرمان بندن کي سزا ڏيارڻ لاءِ وقتي علاج طور اهڙيون بلائون نازل ڪندو آهي، پر اهو علاج عارضي هوندو آهي. الله تعاليٰ پنهنجن بندن کي مستقل طور ذليل ۽ مجبور ڪري رکڻ پسند ڪونه ڪندو آهي. جيڪڏهن باري تعاليٰ کي اهڙي صورتحال منظور هجي ها ته هو

انسان کي اونداهيءَ ۾ ڇڏي ڏئي ها، سندن رهنمائيءَ لاءِ نه پيغمبر موڪلي ها نه ڪتاب، ۽ نه نيڪوڪاريءَ جا اصول ٻڌائي ڇڏي ها.“

مون عرض ڪيو ته: ”دنيا جي تاريخ مطابق ته ڪن قومن کي طويل مدتن تائين اهڙين مصيبتن ۾ گرفتار رهڻو پئي پيو آهي.“

خواجه صاحب: ”هائو، منهنجا حبيب! حڪيم علاج جو عرصو مرض ۽ مريضن جي حالتن مطابق متعين ڪندو آهي، وڏو مرض ته ڊگهو علاج!“

ٻيءَ هڪ صحبت ۾ قومن جي تنزل ۽ تباهيءَ جي سببن تي پنهنجي راءِ ظاهر فرمايائون. ائين پئي معلوم ٿيو ته مغرب ۽ مشرق جي ڪنهن به قوم جي تاريخ، تهذيب، تمدن، ترقي ۽ تنزل جي باري ۾، ڪنهن به ٻوليءَ ۾، شايد اهڙو ڪو ڪتاب ڪونه هجي، جيڪو سندن نظر مان نه گذريل هجي. ڪلاڪ ڏيڍ اندر سميري، اشوري، مصري، بابلي، قلداني، فنيقي، يوناني، رومي، چيني، هندي، سيماطيقي قومن جي تاريخ تي تبصره جا وَڏَ ڦَڙيا مينهن وسائي ڇڏيائين. عقل دَنگ ۽ زبان گُنگ رهجي وئي! آخر ۾ نتيجو به ٻڌايائين:

”قومون تڏهن تباهه ٿينديون آهن، جڏهن منجهان انساني محبت گم ۽ پئسي جي پوڄا ڪرڻ لڳنديون آهن. ماڻهو، ماڻهوءَ کان نفرت ڪندا آهن، هڪ ٻئي سان، بطور انسان جي، محبت ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ پئسي ٻڪيان ائين ڪاهي پوندا آهن، گويا پئسو سندن معبود آهي. شرڪ جو اهو بدترين قسم آهي ۽ شرڪ الله تعاليٰ جي نظر ۾ سڀ کان وڏو گناهه آهي. بادشاهه بغاوت کي ۽ الله تعاليٰ شرڪ کي ناپسند ڪندو آهي.“

تعجب ان ڳالهه تي آيم ته ان نظريي جي تائيد ۾ پاڻ جيڪي سنڌون پيش فرمايائون، سي صرف قرآن پاڪ، انجيل، توريت ۽ مختلف قومن جي متفرق مذهبي ڪتابن تي مبني ڪونه هيون، پر اقوام عالم جي سياسي تاريخ ۽ تهذيبي ۽ معاشرتي روايات ۽ ذهني رجحانات (لٽريچر، آرٽ وغيره) جي ريڪارڊ تي پڻ.

اهڙيون ڪيئي مجلسون ٿينديون رهيون. مون کي بي غرض طالب عالم سمجهي، ڪوشش فرمائيندا رهيا ته الله جي ڏني مان مون کي به، منهنجي اهليت مطابق، ورثائيندا رهن.

پوئين ملاقات ۾ ازراه بنده نوازي مون کي ململ جي پڳ عنايت فرمايائون، جيڪا آءٌ مدتن تائين بطور تبرڪ، سنڀاليو ويٺو رهيس.

پوڙهو پوربيو

پيدائش ڀارت جي پورب پاسي جي هئس: مزدوري ڪياماڙي بندر تي ڪندو هو، ڀٺيءَ آگهاڙي، جهازن مان ڳوٿيون ڪڍي هيٺ لاهيندو هو ۽ ريل جي گاڏن مان سامان ڪڍي وڃي جهازن تي چاڙهيندو هو. مزدوري رپيو روز(١).

(١) ان زماني ۾ مزدور ترقي ڪري ته روپيو روز ڪڍي. ڪسٽم جا آفيسر ايماندار هئا، تنهنڪري مزدورن لاءِ ايندڙ ويندڙ مال تي هٿڙي هڻڻ جا موقعا ڪونه هئا. حاجي سوالهارا به خرچ پري، خيرخيراتون ڪري، خالي هٿين اچي بندر تي لهندا هئا. نه پيٽ سان ٻوڪيءَ جي ٿانهه جو ڪمربند، نه پالهن ۾ رادو يا روليڪس جهون سرنيون واچون، نه هٿ ۾ ٽرالزسٽر (جيڪي اڃان ايجاد ئي ڪونه ٿيا هئا)، نه ٻنهيءَ ۾ آب زمزم جي ٻوتلن کان سواءِ ڪو ٻيو سامان. حجاج کان علاوه ٻاتي ٽريفڪ انگريز ۽ ٻين غير ملڪين جو، جيڪي نه ڏهڻ جا هئا، نه کڻڻ جا.

پوءِ، اهڙين حالتن هيٺ بندر جي مزدورن کي ڪا ٻالائي آمدني ٿئي ها ڪٿان؟ الهيءَ رپئي روز تي راضي رهڻو پوندو هون.

سٽر ڪان مٿي چمار، ڏرم هندو. ڊگهو قد، پر بدن ڏُٻرو. اچي ڏاڙهي ڏُن تائين. هيٺ تي لنگوٽو، باقي بُت اڪثر اگهاڙو. نالو هينئر ياد ڪونه رهيو اٿم.

شام ويلي، رستي جي پاسي ۾ هڪ ميدان ۾ تڏا وڇائي ويهندو هو ۽ جيڪي غريب پڳل ڀانهن يا ٽنگهن جو علاج اسپتالن مان ڪرائي ڪونه سگهندا هئا، يا اسپتالن مان نااميد ٿيندا هئا، سي وٽس ايندا هئا. هي انهن جا هڏا به جوڙيندو هو ۽ تيل مالش ڪري مٿن پٽيون به ٻڌندو هو. پائي پيسو ڪنهن ڪان ڪونه وٺندو هو. تيل ۽ پٽين جو خرچ به پاڻ ڀريندو هو. پنهنجي فن جو اُستاد هو. اهڙي ناماچار هئس جو اسپتالن جا رد ٿيل مريض به وٽس ايندا هئا. ڀڄاڙيءَ ۾ ته مالدار ۽ وڏا ماڻهو به اسپتالن کي ڇڏي، ڪانئس علاج ڪرائيندا هئا. مقرر وقت تي گهڻا مريض اچي جمع ٿيندا هئا. هرهڪ کي نمبروار ڏسندو هو، غريب هجي يا امير.

مرحوم راءِ بهادر هوتچند نواب شاهه جو وڏو زميندار، بعد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اهم ميمبر ۽ منهنجو پراڻو دوست هو. ڪنهن ايڪسيڊنٽ ۾ ڀانهن ڀڳي ۽ ٽنگهه مُڙي پئي هئس. پيسي جو زور هوس. ڪراچيءَ جي وڏن وڏن انگريز سرجنن کان علاج ڪرايائين، پر فائدو ڪونه پيس. ايڪسري ڪيائي ڏٺائين ته هڏا ڀڄڻ بعد جت ٻيٺا هئا، اتي ٻيٺا آهن، نه سڌا ٿيا آهن ۽ نه پاڻ ۾ جڙيا آهن. ڪنهن جي واتان ڪياماڙيءَ جي اِن پوربئي جي ڳالهه ٻڌائين. هڪ شام مون کي ساڻ وٺي هلي ڪياماڙي پهتو. پٽ تي ڀراڻا تڏا پٿاريل هئا. ستر کن مريض سامهون صفون ٻڌيون ويٺا هئا. انهن ۾ غريب به هئا ۽ امير به ـــ پارسي سيٺيون، ميمڻ، بوهري، هندو، مسلمان، ڪرستان ۽ هڪ ٻه يورپي، گهڻا مرد ۽ ڪجهه عورتون. واري سان منجهان هرهڪ کي سڏي، سامهون ويهاري، چڪاسي، هڏا سوٽي، پٽي ٻڌي، "پرماتما

ڀلي ڪريگا" چئي اڏاريندو ويو ٿي. راءِ بهادر ۽ آءٌ پوئين صف ۾ ويٺل هئاسين. اکيون لائنون ڀوريون ٿيون ته راءِ بهادر کي ويجهو اچڻ جو اشارو ڪيائين. آءٌ راءِ بهادر کي ڀاڪر ۾ جهلي، ٽيڪ ڏيندو ڏانهس وٺي ويس. راءِ بهادر جي ٻانهن ۾ ٽنگ سوٽي، مٿن هٿي پڏي، ائين ڏينهن بعد اچڻ جو چئي فارغ ڪيائين.

مون ڏانهن مُنهن ڪري، ڪجهه مُشڪي، پڇيائين:

"پُترا! کيا هووت هي؟"

مون چيو: "همارا مَنُ ٽوٽت هي"، ان ڪان وڌيڪ پوربي مون کي ڪانه ٿي آئي.

مريض سڀ آئي ويا هئا، باقي راءِ بهادر ۽ آءٌ رهجي ويا هئاسين. ٻاڻ به فارغ ٿي چڪو هو، تنهنڪري خوشگوار موڊ ۾ هو. پيار ڀريون ڳالهيون ڪرڻ لڳو، گهڻو ڪجهه. چئي ويو. جنهن جي پڇاڙي هن جملي تي ٿي:

"پُتر، سُکهي رهوگي اگر ياد رکهوگي که جيون (انساني زندگي) جل (پاڻيءَ) ۾ پترا (ڪاغذ) هي، گلني والي چيز هي-آج نه تو کل گل جائي."

راءِ بهادر ان ڪان پوءِ ٿي دعا وٺي ويو. آءٌ به ساڻس گڏ وڃي درويش جو درشن ڪندو رهندو هوس. راءِ بهادر جي چنگهه ۾ ٻانهن جُڙي راس ٿي ويون. وري حاضري ڏيڻ جو اتفاق ڪونه ٿيو. زماني جي غلطانين ۾ غرق رهيس. راءِ بهادر به سنڌ ڇڏي وڃي بمبئيءَ ۾ باقي زندگي بسر ڪئي.

پر پوربئي فقير جي صورت اڄ به اکين اڳيان پئي ڦري. ا غير معمولي انسان هو، ٿورن اکرن ۾ زندگيءَ جي ماهيت ۽ معنيٰ سمجهائي ويو.

سائين سڀ ۾ پيو بسي-سندس مِهر جو مينهن ٻاغن خواه بيابان تي هڪ جهڙو ٿو وسي.

"ڪامريڊ" عبدالقادر

ڏامراهن، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو ڄپنو هو، پر پوءِ پنهنجا وڏڙا ٽنڊي ڄام ضلعي حيدرآباد ۾ ڪيا هئائين. هارين جو همراهه، مخاديمن (١) جو مخدوم، ساري ڄمار هارين جي حقن لاءِ جاگيردارن سان جهيڙا جنجهٽون وٺيو رهيو. ٽنڊي ڄام جي پاسن ۾ وڏيون وڏيون جاگيرون هونديون هيون، جت هارين سان ڏاڍو آزار هوندو هو. عبدالقادر وچ ۾ ويٺو جاگيردارن خلاف تحريڪ هلائيندو هو. مسڪين هو. نه زر نه زمين، رزاق مطلق تي آسرو هوس، جنهن منجهانئس ڪڏهن هٿ ڪونه ڪڍيا. حيدرآباد جا جاگيردار لڪاهتي، سنڌ جي سياست تي حاوي، انگريز سرڪار جا حامي، وقت جي ڪامورن جا ڄاڄي - ۽ هيڏانهن هتين خالي هڪ نادار ورڪر. ڪڏهن ريل جو ڪرايو ڪونه، ڪڏهن ويلو ويهي رهڻ. جهرڪيءَ شهباز ۾ جهيڙو هو، پر جهرڪيءَ کي جس هو. اوستائين جهٽ جاري رکيائين، جيستائين جاگيرون ختم نه ٿيون.

رشوتون آڇيائونس، ڪوڙا ڪيس ڪرايائونس، جن هارين جي حقن لاءِ وڙهيو ٿي، خود تن جي هٿان مارڪٽ ڪرائيندا رهيس، "ڪامريڊ" جو ليبل مڙهي، ڪميونسٽ سڏي، انگريز کي مٿس ڪاوڙائڻ جي ڪوشش ڪيائون، فتوا ڪڍارايائون ته مذهب ۾ جاگيرون جائز آهن، انهن کي ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪندڙ فسادي آهي، فساديءَ تي الله تعاليٰ جي ڦٽڪار آهي، ۽ انهيءَ منطق مطابق عبدالقادر تي خدائي ڦٽڪار وسندي رهي ٿي.

پر عبدالقادر پرواهه ڪانه ڪئي، ريل ۾ هجي يا جيل ۾، تن ۾ اها ئي تنوار ته هارين کي حق ملن، جاگيردار سنڌين مٿان اجائي ڇٽي آهن.

---

(١) جاگيرن جي زميندارن ۽ ڪاتيدارن کي 'مخاديم' چوندا هئا.

جاگيرن ۾ اڪثر جهيڙا ٿيندا ئي رهيا. جاگيردارن جا ڪمدار ۽ ڪامي هارين کي هيسائي جاگيرن مان زوريءَ بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڪامورا ۽ پوليس وارا جاگيردارن جا طرفدار هوندا هئا. عبدالقادر هارين ۾ مقابلي ڪرڻ جي جرئت پيدا ڪئي هئي. طرفين ۾ لٺ لٺان ٿيندي هئي، هارين خلاف ڪوڙا ڪيس ٺهندا هئا، تقريباً هر ڪيس جي جوابدارن ۾ عبدالقادر کي ضرور شامل ڪيو ويندو هو، پوءِ هو موقعي تي موجود هجي يا نه. انگريز جي زماني ۾ ڪوڙو ڪيس ٺاهڻ آسان هوندو هو، پر ڪورٽن اڳيان ثابت ڪرڻ مشڪل. انگريز جاگيردارن جو همدرد ۽ عبدالقادر جو دشمن هوندو هو، پر خدا ڪارڻ سچ چئبو ته عدل ۽ انصاف جي ڪاروبار ۾ انهيءَ انداز ئي، پنهنجو منهن ڪارو ڪونه ڪندو هو، تنهنڪري عبدالقادر ٿورا ڏينهن حاضري ڀري هر دفعي آزاد ٿي ايندو هو.

* * *

ڪراچيءَ جي ذڪر ۾ مون عبدالقادر کي انڪري آندو آهي، جو منهنجون ساڻس ملاقاتون ڪراچيءَ ۾ ئي ٿينديون رهيون هيون. سرڪاري آفيسن ۾ يا اخباري دفترن جا چڪر ڪاٽيندو رهندو هو. ڪاڏيءَ جي شلوار ۽ قميص، تنهن تي گيڙو رنگ جي صدري، مٿي تي ٽوپڙي، هٿ ۾ هر وقت ڏنڊو. قميص ۽ صدريءَ جا کيسا درخواستن ۽ اخبارن سان ڏٽيل. شروع ۾ منهنجي ساڻس ڪانه پوندي هئي. آءٌ جاگيردارن کي سنڌ جي قديمي تمدن، معاشري ۽ روايتن جي نشاني سمجهندو هوس، جن جي مٽجڻ ڪري (منهنجي خيال ۾) سنڌ جو پنهنجي ماضيءَ سان ڪو رشتو باقي ڪونه رهندو. عبدالقادر جي نظرن ۾ اڪرن ۾ اهي سنڌ جي روايتي تمدن ۽ تهذيب جون علامتون نه هيون، پر سنڌ جي بدن تي پراڻن ناسورن جون نشانيون.

انهن نظرياتي اختلافن ڪري آءٌ نہ عبدالقادر سان ڳوڙهائي پيدا ڪندو هوس ۽ نہ پنهنجين اخبارن ۾ سندس تحريڪ جي پبلسٽي ئي ڏيندو هوس. منهنجي ياراڻي جاگيردارن سان هئي، سندن دعوتون وٺندو هوس ۽ وٽن شڪار ڪندو هوس. جاگيرن ۾ هارين جو حال ڪونہ ڏٺو هوم.

۱۹۵۳ع ۾ آءٌ سنڌ جو روينيو وزير ٿيس. عبدالقادر مون وٽ آيو. چيائين: "هاڻي توتي خدا ۽ خدا جي بندن ڀاران جوابداري آهي. دفتر ۾ قرآن جي آيتن جا ڪتبا ۽ قطعا هنيو ويٺو آهين. جاگيرون هينئر تنهنجي ڪاتي ۾ آهن. تنهنجي ساٿي وزيرن ۾ جاگيردار آهن، تنهنجو اٿڻ ـ ويهڻ انهن سان ئي رهيو آهي، پر تنهنجي قبر ۾ آهي ڪونہ ويندا، پنهنجو حساب ڪتاب توکي پاڻ ڏيڻو پوندو. آءٌ جاگيرن جي هارين ڀاران انصاف گهرڻ آيو آهيان. هڪ واري تون پاڻ ويس بدلائي، هلي جاگيرن جي هارين جي حالت پنهنجي اکين سان ڏس. سرڪاري پروگرام ٺاهي هلندين تہ ڪامورا ۽ جاگيردار اڳواٽ اهڙو انتظام ڪندا، جو تون ڪجهہ ڏسي ڪونہ سگهندين، تنهنڪري وزيري ٽيپ ٽاپ ڇڏي، الله تي آسرو رکي، خانگي طرح مون سان گڏ هلي انهن ڳوٺن ۽ واهڻين ۾ گهمي ڦري گهرن جو معائنو ڪر ۽ ظلمن جا داستان ٻڌ. ذاتي طرح آءٌ ڪجهہ ڪونہ آهيان، توتي ڪو زور بار آڻي ڪونہ ٿو سگهان. تنهنجي پارٽيءَ يا اسيمبليءَ ۾ هارين جو هڪڙو نمائندو ڪونہ آهي، سڀ جاگيردار ۽ وڏا زميندار آهن، هندو آهن يا مسلمان. اسان جو فقط نانءُ الله جو آهي، ٻيو ڪو ڌڻي ڌوڻي ڪونہ آهي. انگريز هوندا هئا تہ اسان سان ٿورو گهڻو انصاف ٿيندو هو. هاڻي تہ جاگيردارن جي پنهنجيءَ وزارت ۾ اهو آسرو بہ ڪونہ رهيو آهي."

مون چيس: "اهي ڏکيون ڳالهيون ڇڏي ڏي، ڪن خاص شڪايتن جي باري ۾ درخواستون آنديون هجني ته آهي ڏيئي وڃ، انصاف ٿيندو."

ڪاٻر درخواست ڪانہ ڏنائين، آئي هليو ويو. ويندي چوندو ويو "مان پنهنجو فرض ادا ڪري ڇڏيو، هاڻي تون ڄاڻ تنهنجو الله."

آن ڏينهن تہ اهو قصو ٿي گذريو، پر هو جيڪي ڪجهہ چئي ويو، سو منهنجي اندر ۾ چڀندو رهيو. هوريان هوريان اهو ارادو ٿيندو ويو تہ ڪامريڊ جي ڪوڙ سچ پرکڻ لاءِ اوچتو ڪيس جهلي هلي جاگيرن جي اندر جو حال پنهنجين اکين سان ڏسجي.

ڪنهن کي ٻڌائڻ يا پروگرام بنائڻ کان سواءِ اوچتو، هڪ ساٿي ساڻ کڻي، موٽر ۾ چڙهي، لڙيءَ رات ڪراچيءَ سان روانو ٿي صبح سج اڀرڻ کان اڳ ٺٽي جام پهچي، وڃي عبدالقادر کي ننڊ مان اٿاريم: چئلينج ڏنيمانس تہ "هينئر جيڪي ڏيکارڻو هجئي سو هلي ڏيکار. پر هڪدم هلُ، هن گهڙيءَ نيڪُر، دم دير نہ ڪر."(١)

چيائين "پر موٽر جو رستو ڪونہ هوندو، ٽانگي تي هلڻو پوندو."(٢)

اسٽيشن ڏانهن ويندڙ هڪ ٽانگو برقت جهلي، مٿس سوار ٿي، ست ميل ڪن رستو طئي ڪري، وڃي ڪنهن واهڻ پيڙا ٿياسين. هڪ وڏي جاگيردار جو علائقو هو. چوڌاري

(١) مون ڪيس ايترو وقت ڏنو نہ ٿي گهريو، جو هو اڳواٽ پيغام موڪلي ڪو خود سلطنت ڊرامو رچارائي سگهي.

(٢) اِن خيال سان تہ وزير جي اچڻ جي خبر ڪنهن کي نہ ٿئي. مون موٽر ميرپورخاص موڪلي ڏني، ان هدايت سان تہ شام جي پنجين بجي موٽي اچي ڪنڊ ياسي سان پيهي منهنجو انتظار ڪري.

فصل: ڪڻڪ، ڪمند، انب جا باغ، واڙيون وغيره. هارين جي اِن واهڻ کان ٿورو پري، باغ جي ڪناري سان، ڳاڙهين سيرن سان تعمير ٿيل هڪ بنگلو هو، جيڪو جاگيردار پنهنجي تفريح لاءِ ٺهرايو هو. عام طرح سان منجهس جاگيردار جا ڪاردار ۽ ڪامدار رهندا هئا.

سان پنهنجو حليو بدلايو ويو هوس: مٿي تي وڏو پٽڪو، پير ۾ ڀوري ناري سان وڏيري محمد هاشم هاليپوٽي (مرحوم) جي سوڪڙيءَ طور موڪليل سنڌي جتي، باقي بت تي ميرو چولو ۽ بافتي جي سٿڻ. ڏسڻ ۾ اٿين پئي آيس جڻ عبدالقادر جو ڪو نوڪر يا ڏڪاريل ساٿي ورڪر آهيان.

واهڻ ۾ وڃي گهر گهمياسين، مردن، عورتن ۽ ٻارن جو حال ڏٺوسين، غربت، بک، ڏک ۽ بيماري جو پيمانو نڪارو هو، ڪکائن ڇپرن اندر ڦاٽل رليون، ٺيڪر جا پراڻا گهڙا، ٻه-ٽي ڇنل متجيون، باقي نانءُ الله جو. گهر جا ڀاتي اڪثر مليريا جا ماريل، جيڪي ٻچيل سي سڪل سڙيل، پاسريون ظاهر، چنگهون پاڻهون ڀڄيون خشڪ ڪاليون.

مون پڇيون: ”واهڻ جي چوڌاري هيترا فصل، تنهن هوندي به اوهان جو هي حال!“

جواب: ”اهي فصل جاگيردار جا آهن. اسان کي روزانو مزدوريءَ يا ونڊيءَ تي وهائيندو آهي. مرد جي اٺ آنا ڏهاڙي، عورت جي ڇهه آنا، سا به مرضي هوين ته ڏين نه ته اڄ صبح ڪندا رهن.“

* * *

ورندڙ ٻن مهينن اندر مون ساڳيءَ طرح ڪڏهن عبدالقادر سان گڏجي ۽ ڪڏهن ڪانئس جدا وڃي، پنجن ڇهن جاگيرن جو دورو ڪيو، ساڳيوئي نقشو هو هارين جو انڪ، ڳڙاٽڙو ۽ ...

دل ۾ فيصلو ڪيم ته اهو هڪ ٺيٺ انساني مسئلو آهي؛ تنهن ڪري جاگيرون ضرور رد ڪندس، پوءِ جيڪا به قيامت آئي ته ان کي منهن ڏيندس. سيڪريٽريٽ مان جاگيرن متعلق اڳيون پويون سارو ريڪارڊ گهرائي پڙهڻ شروع ڪيم. معلوم ٿيم ته سنڌ اندر ڏهن لکن ايڪڙن ۾ جاگيرون آهن، ڪي ڪي ته ايڏيون وڏيون، جو فقط هڪ جاگيردار وٽ ٻي لک چوويهه هزار ايڪڙ ايراضي آهي. جاگيرن جون سنڌون انگريز جي اوائلي زماني ۾ سنڌ جي پهرئين انگريز گورنر سر چارلس نيپئر جون ڏنل هيون (گهٽو ڪري ١٨٤٤ع ۾، يعني مياڻي واريءَ جنگ کان سال کن پوءِ.) پر خوشقسمتيءَ سان سنڌن ۾ به شرط پيل هئا: (١) جاگيردار انگريز سرڪار سان وفادار رهندو؛ ۽ (٢) جاگير جي آمدنيءَ مان پاڻ وٽ فوج تيار رکندو، جيڪا ضرورت وقت انگريز سرڪار جي فوج ۾ شامل ٿي جنگيون لڙندي.

مون لاءِ انهن ٻن شرطن جي آڙ وٺي سنڌون ختم ڪرڻ آسان هو. اهو حڪم آءٌ بحيثيت روينيو وزير پاڻ ڪري ٿي سگهيس. اسيمبليءَ اڳيان ڪنهن به بل آڻڻ جي ضرورت ڪانه هئي، ڇو ته جاگيرون ڪنهن به اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ايڪٽ هيٺ ڏنل ڪونه هيون؛ محض انتظامي حڪم (Excutive Order) هيٺ گورنر جون عطا ڪيل هيون. ١٩٣٥ع واري آئين هيٺ گورنر جا اختيار ڪاتن جي وزيرن کي سونپجي ويل هئا. هن وقت روينيو محڪمي جي باري ۾ سمورا اختيار منهنجي حوالي هئا، تنهنڪري آءٌ اهڙوئي نئون انتظامي حڪم ڪڍي اهي سنڌون ۽ جاگيرون هن بنياد تي رد ڪري ٿي سگهيس ته هينئر انگريز ڪونه رهيو آهي، جنهن سان جاگيردار پنهنجي وفاداري ڏيکارين، يا آن جي جنگين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پاڻ وٽ فوجون رکن.

جاگيرن متعلق ڪاغذن جي پڪڙ پڇاڙ ڪري، اسان جي دفتر مان ڳالهه نڪري، اسيمبلي ۾ وزارت اندر موجود جاگيردارن جي نمائندن تائين وڃي پهتي، تن جا ڪَن ڪڙا ٿي ويا.

اهو زمانو مرحوم پيرزادي عبدالستار واري وزارت جو هو. پيرزادو مرحوم خود جاگيردار پارٽيءَ جي اسيمبلي ميمبرن جي مدد سان اوائل ۾ وڏو وزير مقرر ٿيو هو، حالانڪ آن وقت تائين پاڻ به اسيمبليءَ جو چونڊيل ميمبر ڪونه هو (١). شروع ١٩٥٤ع ۾ سنڌ ۽ منهنجي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا هئا، جن جو ذڪر هن ڪان اڳ هڪ-ٻن جاين تي اچي چڪو آهي. جاگيردارن جي پهچ پاڪستان جي وزير اعظم محمد علي بوگري مرحوم تائين به هئي. سيني مڙي مون کي وزارت مان ڪيرائي ڇڏيو.

پر چارج ڇڏڻ کان اڳ آءٌ جاگيرن وارو فائيل هڪ لفافي ۾ بند ۽ سيل ڪري وقت جي گورنر جناب حبيب ابراهيم رحمت الله کي هن ليٽر سان ڏيئي ويو هوس ته "منهنجي وڃڻ کان پوءِ ڪو جاگيردار پاڻ روينيو وزير ٿيندو، جيڪو هڪدم هن فائيل کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، تنهنڪري فائيل اوهان پنهنجي تجوريءَ ۾ بند ڪري رکو. انشاءالله آءٌ جلد وزير ٿي موٽي ايندس ۽ اوهان وٽان اچي اهو فائيل ڪڍندس." گورنر صاحب فائيل تجوريءَ ۾ رکي، ان جي خاني تي پنهنجي سيل هڻي ڇڏي.

سٽن مهينن کان پوءِ وري روينيو وزير ٿي آيس. ان وچ ۾ جناب جي جاءِ تي نواب ممدوٽ گورنر ٿي آيو هو، جيڪو پاڻ پنجاب جي هڪ جاگيردار خاندان جو

---

(١) ١٩٣٥ع واري آئين مطابق ڇهن مهينن تائين غير ميمبر به وزير بنجي ٿي سگهيو: ڇهن مهينن اندر پاڻ کي ڪٿان ميمبر چونڊرائڻو پوندو هوس، نه ته وزارت مان خارج.

سربراهہ هو. حبيب صاحب کيس ڪونہ ٻڌايو هو تہ تجوڙيءَ ۾ اهڙو بہ ڪو فائيل پيل آهي. دوباره وزير ٽين شرط سون نئين گورنر کان تجوڙي کولرائي فائيل پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. ڪجهہ ڪاغذ، جيڪي منهنجي وڃڻ وقت اڃان بہ سيڪريٽريٽ ۾ رهجي ويل هئا، تن جي تلاش شروع ڪيم. معلوم ٿيو تہ منهنجي جاءِ نشين جاگيردار وزير، وزارت ۾ ويهڻ شرط، پهرئين ڏينهن ئي، اهي ڪاغذ گهرائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيا هئائين ۽ چارج ڏيڻ واري ڏينهن موٽائي ڪونہ ڏنائي ويو هو. روينيو سيڪريٽري مسٽر محمدي مرحوم هو. مون جبرو حڪم لکي موڪليس تہ جيڪڏهن اهي ڪاغذ هڪ ڏينهن تائين دستياب نہ ٿيا تہ آءٌ سيڪريٽريٽ جي سڄي عملي کي معطل ڪندس ۽ اڳوڻي وزير ۽ سيڪريٽريءَ خلاف بہ جوڳي ڪارروائي ڪندس. ٻئي صبح تي محمدي صاحب ڪاغذ کڻي اچي پيش ڪيا--چيائين: ”ڪالهہ شام تائين اهي ڪاغذ منهنجي ميز ۾ ڪونہ هئا، اڄ صبح جو اچي ڏٺم تہ ڪو شخص گذريل رات جو منهنجي ميز جي خاني ۾ رکي ويو آهي.“(١) منهنجو ڪم سان ڪم هو، ڪاغذ مڪمل ٿي ويا، وڌيڪ ڏيکهہ ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ رهي هئي. محمديءَ کان اڳ، روينيو سيڪريٽري، انگريز سر سڌني رڊلي هو. هو هارين جي فائدي ۾ هوندو هو ۽ جاگيرن جي گرفت گهٽائڻ جي باري ۾ رٽائر ٿيڻ کان اڳ منهنجي ڪافي رهنمائي ڪري ويو هو.

آءٌ ڪراچيءَ جي ڪچري سان نڪري وڃي ڪجهہ ڏينهن لاءِ ٺٽي جي مڪلي بنگلي ۾ منزل انداز ٿيس. جاگيرن رد ڪرڻ جو حڪم لکيم، فلسڪيپ جي پنجاه

(١) هن قصي جو ايترو تفصيل ان خيال سان ڏنو اٿم تہ پڙهندڙن کي اندازو ٿئي تہ انهن ڏينهن ۾ ڪهڙيءَ طرح سرڪاري ڪاروبار هلندو هو ۽ ڪهڙين ڪهڙين چالاڪين کي منهن ڏيڻو پوندو هو.

پنن تي. يقين هوم ته اهو فيصلو جاگيردارن پاران رٽ داخل ٿيڻ تي ضرور هاءِ ڪورٽ اڳيان ويندو، تنهنڪري اهڙو مدلل ۽ ايتري قدر قانوني حدن اندر هجي، جو اُن کي ڪوبه چوري ڪو نه سگهي.

ساڳئي وقت سنڌ جي ڪليڪٽرن کي به اتي گهرائي ٻڌائي ڇڏيم ته ”هيءُ حڪم فلاڻي ڏينهن، خاص قاصد اوهان وٽ ڪٺي ايندا، اوهان پوليس ۽ رينجرز جو عملو اڳواٽ پاڻ وٽ موجود رکجو. حڪم پهچڻ شرط ۲۴ ڪلاڪن اندر جاگيرن جي ايراضين جا قبضا جاگيردارن کان ڇڏائي، زمينون جن به هارين ۽ مخاديمن جي ڪاشت هيٺ هجن، تن جي حوالي ڪجو، جاگيردارن جا ماڻهو گڙٻڙ ڪن ته انهن تي ان وقت سخت قدم کڻجو.“ ان ڳالهه تي خاص طرح سان زور ڏنم ته قبضن جي ڦير گهير چوويهن ڪلاڪن اندر مڪمل ٿي وڃڻ گهرجي، ڇو ته مون کي يقين آهي ته جاگيردار هڪدم رٽ داخل ڪري عارضي منع ناموولي اچي اسان جو ڪم روڪائي ڇڏيندا.

انهن انتظامن پوري ڪرڻ بعد آءٌ موٽي ڪراچي پهتس. پنهنجي حڪم جي تائيد ڪابينه کان ڪرايم. آها وزارت ٽن وزيرن تي مشتمل هئي. وزير اعليٰ خانبهادر کهڙو هو ۽ مون سان گڏ ٻيو وزير خانبهادر حاجي مولا بخش سومرو. اهي ٻئي صاحب جاگيردارن جي اثر کان آزاد هئا، تنهنڪري ڪابينه جي اسپيشل ميٽنگ سڏائي مون واري فيصلي کي بحال ڪري ڇڏيائون.

ان کان پوءِ، بلڪ ساڳئي ڏينهن، ٿي واريءَ ميٽنگ ۾ ڪليڪٽرن سان طئي ڪيل پروگرام موجب ڪارروائي ڪئي ويئي. ٻئي ڏينهن شام تائين ڏهن لکن ايڪڙن مان ڇهن ستن لکن ايڪڙن تان جاگيردارن جو قبضو ڇڏائجي ويو. ان کان پوءِ هو هاءِ ڪورٽ ڪري هاءِ ڪورٽ مان وقتي

سنڌ وزارت جو اجلاس، جنهن ۾ جاگيرداري ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

منع نامو وٺي آيا. پر اهي ڪيس ايوب خان جي مارشل لا لڳڻ تائين اڃان زير تجويز رهندا آيا هئا. ايوب خان جو مارشل لا آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ لڳو، جنهن جو مفصل ذڪر پهي هنڌ تي ٿي چڪو آهي. ٢٠- نومبر جو مون کي منيلا مان ڪراچي گهرائي، وزير خارجه مرحوم منظور قادر ٻڌايو ته ايوب خان جاگيرن جي منسوخي جي باري ۾ منهنجو لکيل نوٽ ۽ حڪم گهرائي پڙهيو آهي. ان ڪان متاثر ٿي سندس مرضي آهي ته هو مون کي زرعي اصلاحات واريءَ ڪميشن جو، جنهن جو هو عنقريب اعلان ڪرڻ وارو آهي، چيئرمن مقرر ڪري. پر آءٌ منيلا جي سفارت ڇڏي سوٽي ملڪ ۾ اچڻ لاءِ هرگز تيار ڪونه هوس، تنهنڪري منظور قادر مرحوم اڳيان خوب ليلائي، آزيون ۽ نيزاريون ڪري ڪيس سمجهايم ته هو ايوب خان اڳيان منهنجو عذر پاڻ پيش ڪري منهنجي جان ڇڏائي ۽ آءٌ ساڳي شام جي جهاز ۾ چڙهي منيلا ڏانهن نڪري ويس. وڃڻ کان اڳ جاگيرن متعلق جنهن لکيل ۽ ڇپيل مواد کان مون ڪم ورتو هو، سو منظور قادر جي حوالي ڪري ويس.

ايوب خان جي مارشل لا هيٺ زرعي اصلاحات ٿيا، جاگيرن جو نانءُ نشان مٽجي ويو، جاگيردارن جون داخل ڪيل رِٽون خودبخود رد ٿي ويون.

* * *

ايمانداريءَ جي ڳالهه اها آهي ته جيڪي ڪجهه مون ڪيو يا ڪندو ٿي رهيس، سو سڀ عبدالقادر جي ڪوشش جو نتيجو هو. هڪ بااصول ۽ سچو ڪارڪن سؤ سال جي تاريخ کي مٽائي نئين رخ وٺائڻ لاءِ ڪافي ٿئي ٿو. اهڙا ڪارڪن ٿوراٽيءَ سنڌ پيدا ڪيا ۽ انهن جو علمبردار هو اهو غريب عبدالقادر، ڏاسراهن جو چاول ۽ شايد ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پوريل. سنڌ اڄ ڪيس ياد ڪري يا نه،

تنهن کان هو بي نياز ٿي چڪو آهي. پنهنجي سر جيڪي ڪرڻو هوس، سو ڪري ويو. هڪ دفعي اوائلي زماني ۾ مون کيس چيو هو ته ڪو ڏور اهڙو به ايندو، جڏهن سنڌ اندر سرڪاري دفترن ۾ تنهنجي تصوير لڳل نظر ايندي. پاڻ چيائين: "اهڙو غريب نواز ۽ مردم شناس دؤر سنڌ ۾ ايندو ئي ڪونه."

مرندي گهڙيءَ تائين مرحوم جو عقيدو هيءُ رهيو ته "جيستائين سنڌ جي چاتيءَ تان وڏيرن، پيرن ۽ مُلن جون چنبون نه لٿيون آهن، اوستائين ان بار هيٺان سنڌ دٻي رهندي، نه چيلهه کڻي سگهندي، نه آئي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهندي."

آءٌ سائس جهيڙا ڪندو هئس ته ڪجهه نرم رخ اختيار ڪري. سنهنجون پنهنجيون ڪمزوريون دامنگير هيم: هاڻ پير (توڙي جو پيشه ور پير نه)، ڌنڌو وڏيرپ ۽ پڙهايل مُلن جو.

پر عبدالقادر پنهنجي عقيدي تي پختو رهيو. آءٌ کيس موڙي ڪنهن معتدل خيال تي آڻڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿي سگهيس.

سنڌ جون مارئيون

سنڌ ۾ ڏاڍو پردو هوندو هو. عورتن کي "شاديءَ براديءَ" تي برادريءَ ۾ وڃڻو پوندو هو ته برقعو اوڙهي، پلويڙي واريءَ گاڏيءَ ۾ ۽ سو به رات ويلي. رستي ويندي ساڻهو اهڙيون گاڏيون ڏسي، رستو ڇڏي، گاڏين ڏانهن پٺي ڪري بيهندا هئا. وڏن گهراڻن جي مستورات کي فاصلي سببان، ريل رستي وڃڻ ويندا هئا ته به اهڙيءَ طرح جو سڄو گاڏو بُڪ ڪرايو ويندو هو ۽ درين دروازن کي بند رکڻ کان سواءِ خود گاڏي کي به چادرن جي پلويڙي سان ڍڪيو

ويندو هو، جيئن اُن تي غيرن جي نظر نہ پوي. عورت جي آبرو جو معيار ۽ معراج اهو هوندو هو، تہ جنهن گهر ۾ شاديءَ رات آئي، اتان مري ڪنڌولو ڪڍجيس. ڪو زمانو تہ اهڙو بہ هو جو مرنديون مري وينديون هيون، پر حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن کي نبض تائين نہ ڏيکارينديون هيون، منهن پوڻ يا بدن چڪاسائڻ تہ درڪنار. چوندا هئا تہ يعقوب ڪونريجي جهڙا حڪيم، مريض جي پانهن ۾ ڌاڳو ٻڌرائي، پري ڪان ڌاڳي تي آڱر رکي، ان مان نبض جو اندازو لائيندا هئا.

ان ۾ عورتن تي سندن مرضيءَ خلاف زور زبردستيءَ جو سوال ڪونہ هوندو هو. سنڌ جي مشهور چوڻي آهي تہ "پيءُ ٽنگي پيءُ پاهين کي الله جهلي تہ جهلي، بندو ڪيئن پڪلي؟" سنڌ جون خواتين خود پنهنجي عزت، آبرو، مانُ ۽ شان ان ۾ سمجهنديون هيون تہ گهر جون راڻيون هجن، راجائن وانگر ڪوٺن اندر رهي راڄ ڪن ۽ نہ يورپي عورتن وانگر جسم کي سينگاري، مٿا اگهاڙا (١) ڪري، سرخيون، سينٽ ڪجل لائي، منهن کي ميخانن جا پرڪشش "سائن بورڊ" بڻائي، گهٽيون گهمي، دڪان ۽ هوٽلون چاڪوڙي، گڏيل پارٽين ۾ ڪائي پيي ۽ اخبارن ۾ فوٽا ڇپارائي، عام دعوت گناهہ ڏينديون وتن.

سنڌ جي آمڙين جو مزاج ماروئي وارو هو: ڪٿي ۽ ڪيت، ٻاقي مڻهن منهنجو سومرا، سَرُ ميروئي هوءِ!

ڪردار ۽ ڪيريڪٽر (٢) جي لحاظ سان، ست ۽ ستيا جي خيال

---

(١) "مٿي اگهاڙي" سنڌ جي عورت لاءِ سخت گار هوندي هئي؛ لوفر يا بدمعاش مرد لاءِ چوندا هئا تہ "مٿي اگهاڙو" آهي.

(٢) ڪو وقت ايندو، جڏهن سنڌ جون خواتين سنڌ جي سياسي قيادت سنڀالينديون؛ مرد هيلتائين ڪاني ڪند پڪيڙي ڇڪا آهن.

ڪان، بهادري ۽ قربانيءَ جي نقطہ نگاهہ سان سنڌ جي مهرين يا مارئين جو سَت ملڻ مشڪل هو: پردي پٺيان رهندي بہ هُنن هر دوَر ۾ مانجهي مردن کي جنم پئي ڏنو. هڪ شاهہ رح جي ئي شاهدي وٺو. سبق هيءُ هوندو هو سنڌ جي مائن جو پنهنجن مردن کي:

مَرُ مَرِين آءٌ روئيين، موٽي ڪانڌ م َ آءٌ،
سَچُن تو پُٺاءُ، ڪچا ڪَنم جيڏيون!

جيڪڏهن بعد جي ڪنهن سڙيل سَمي ۾ سنڌي چوٽيءَ موجب 'ڪين... مٽان پيٽ، ڪانگن ڪيرائي وڏي'، تہ ان ۾ نہ سَتُر جو ڏوهہ نہ سَتُروَندين جو. ويهين صديءَ جي شروع ۽ ان کان اڳ جيڪي مشاهير سنڌ ۾ پيدا ٿيا، تن جي فهرست تہ ڏسو! زبان ملڪ جي جان ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي سار سنڀال ڪنهن لڌي ۽ ڪنهن جي گوديءَ ۾ محفوظ، جهلن جهولن کان بچندي آئي؟ سنڌ جي ڪلچر(۱) ۽ روايتي ريتن رسمن جي ڪل ڪير لهندو آيو؟

غرض، سنڌ جي مائن جا سنڌ تي وڏا احسان ٿيندا رهيا آهن.

* * *

---

(۱) پيڪنگ (چين) ۾، اڄ کان سوا سو سال اڳ، لاڙڪاڻي جو هڪ هندو گهراڻو لڏي وڃي واپار جي خيال سان رهڻ لڳو هو. پوئين ٽن پيڙهين تہ سنڌ ۾ قدم بہ ڪونہ رکيو هو؛ چين ۾ ئي ڄائيون نپنيون هيون. ۱۹۶۱ع ۾ آءٌ سفير ٿي پيڪنگ ويس. پڻائون تہ آءٌ سنڌي آهيان 'مالي موڪلائي' گهر وٺي ويا. ڇا وڃي ڏٺم؟ ننڍا وڏا سڀ سنڌي پيا ڳالهائين؛ ٻارن جي چيني آيائن کي بہ سنڌي سيکاري ڇڏي هئائون، جيئن هو ٻارن جي سنڌي ٻولي خراب نہ ڪن. گهر اندر رهڻي ڪرڻي (جنڊي لٽل پينگها وغيره)، ۽ عورتن جو لباس سنڌي طرز جو. ماحول اهڙو، جو ڄڻ آءٌ لاڙڪاڻي جي ڪنهن هندو گهر ۾ دعوت تي آيو آهيان. مالي ڪٽ تي رکي ڪارايائون. مالي ساري (مانڊڙ)

پردي جو ذڪر ڪندي ھيءَ حقيقت ٻڌائڻ ضروري آھي ته ساري ڪراچي شھر ۾ انھن ڏينھن ۾ ھڪڙي به بي پرده عورت، جوان يا پوڙھي، ھندو يا مسلمان، ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي ھئي. مختلف قومون ھت رھنديون ھيون؛ مذھب مختلف ھون، طرز رھائش ۽ ريتون رسمون مختلف ھين، پر گھٽ ۾ گھٽ ١٩٣٠ع تائين پردي جي معاملي ۾ سڀ ھم خيال ھيون. پارسي البته ڪجھه قدر آزاد ھوندا ھئا، پر انھن جون عورتون به منھن اگھاڙي، گھٽيون ڪونه گھمنديون ھيون. ڪڏھن ڪڏھن سڄ لھڻ مھل پنھنجن مردن ۽ ٻارن سان گڏ وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، ھوا بندر يا اوڏانھن ويندڙ رستي جي ڪنارن تي گاڏي بيھاري گھڙي سوا تازي ھوا وٺي اينديون ھيون، ورنه ٿيو پلو. نه ڪو ڏسي نه ھيرڪي -- نه ڪتو ڏسي نه ٻونڪي!

* * *

(آلدل) سنڌي ھئي، جنھن ۾ منجھ جا سڪل ٻھه به ھئا ۽ ماڻليءَ جي مٽيرن (ڇڙن) جون ڪڇريون؛ ڪلويڙين جو آچار ۽ ٻاجر ۽ ٻوريون ٻي. آڳڻ تي ٻڌايائون ته سنڌن گھر ۾ سنڌي ماليءَ ڪان سواءِ ٻي ڪا ڪاله اچي ۽ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ شيون ھو ھر مھيني ھانگ ڪانگ مان گھرائيو پيا موجود رکن.

(٢) ١٩٥٠ع ۾ آءُ اخبار نويسن جي صدر جي حيثيت ۾ لکنو ويس. الھرا گانڌيءَ جي مڙس فيروز گانڌي آنجھاني جو مھمان ھوس. ھو ٻيءَ جو ھوم منسٽر شري شاستري، جو ھاڻ ھندستان جو وزيراعظم به ٿيو، مون سان گڏ شھر وغيره ڏيکارڻ لاءِ ھلندو چلندو رھيو ٿي. شھر ۾ سنڌ سان لڏي ويل ھندو شرنارٿين جي ڪيمپ ھئي. اخبارن ۾ پڙھيائون ته سنڌ جو ڪو پير آيو آھي؛ ميڙ ڪري فيروز جي جاءِ تي پھتا ۽ مون کي دعوت ڏني پاڻ وٽ وٺي وڃا. مون سان گڏ فيروز، ھوم منسٽر شاستري، لکنو جا ھندو اخبار نويس، ۽ ڪي مقامي آفيسر به ھليا. جنھن تنبوءَ ۾ سنھنجي لاءِ ماليءَ جو بندوبست ڪيو ھئائون، اتي پھتاسين ته مون کي اندر وٺي ھليا؛ (ھلندڙ)

۱۹۳۰ع تائين مون ڏٺو ته ڪراچيءَ ۾ صرف هڪ اهڙي پارسي خاتون هئي، جيڪا سينٽ لونڊر مکي، رنگارنگ ساڙهي پائي، هار سينگار ڪري، شام جو هوا بندر تي اچي بي حجابانه چهل قدمي ڪندي هئي. پاڻ هئي ته اشراف، اوباش بلڪل ڪانه هئي. صدر جي هڪ مشهور ڊاڪٽر جي زال هئي. گهڻو ڪري مڙس کي به ساڻ وٺيو ايندي هئي. هوا بندر تي سندس اچڻ بلا ناغه هوندو هو؛

(آنڌل) فيروز ۽ شاستري ۽ پڻ ڪي تنبو جي درڪان ٻري ٻيهاري ڇڏيائون. ڇي اسان جون زالون ٻير جو درشن ڪنديون ۽ ڪيس رسوئي به ڪارائينديون. اهڙي موقعي تي اوهان ٻاهرين کي اندر اچڻ جي موڪل ڪانه ڏينداسون؛ البته منهنجي سنڌي نوڪر کي اندر اچڻ ڏنائون. مايون ٻار وٺي آيون؛ انهن کي آسيس ڪرايائون ۽ سڳا ڌاڳا به ورتائون. مالي ڪٽ تي رکي ڪارايائون. سڀني ۾ جيڪا وڏي مائي هئي، تنهن ڪٽ جي ٻيرالدي ڏانهن ويهي هڪو جهليو ۽ مکيون آڏايون. آهستو آهستو هيءُ به چوندي رهي ته "هتان جا ماريا سڀ حرام ٿيون پيا ڪائين؛ ٻير فقير جي مراد به ڪانه اٿن؛ سڄو ڏينهن پيا پڻ (پان) ڪايون وات ميرڪائين؛ ڪاڏي ۾ ڇڙا مرچ ۽ ڪوڙو سٽپ؛ زالن جا ڪپڙا ڏسيو اکيون هيٺ ٿيو وڃن" وغيره، وغيره.

ڪين ڳوڙها ڳاڙيندي ڇڏي تنبوءَ کان ٻاهر آيس ته فيروز چيو ته "جيڪڏهن هنن اياڻن کي سنڌي سيتا اهڙي پياري هئي ته پوءِ هيڏانهن اڏي ڇو پئي آيا؟"

(۳) ياد رهي ته سنڌ جي مسلمانن خواهه هندو گهرن ۾ اهو هڪو دستور هولدو هو ته (جيڪڏهن وڏو ڪٽنب نه هولدو هو ته) عورت پنهنجي مڙس لاءِ کاڌو پاڻ پچائيندي هئي ۽ جيستائين مڙس اچي کائي فارغ نه ٿيو آهي، اوستائين پاڻ مانيءَ نه کائيندي. وڏو ڪٽنب هولدو هو ته گهر جون سڀ عورتون مانيءَ تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون هيون، پر اها ڳالهه تمام معيوب هئي ته زال مڙس کان اڳ ۾ ماني کائي ويهي رهي. ساڳي طرح زال پنهنجي مڙس کي نالو وٺي به ڪونه سڏيندي؛ مڙس جو نالو ڪڻڻ به احترام جي اصولن جي خلاف سمجهيو ويندو هو.

پاڪستان ۽ هندستان جي ايڊيٽرن جي ڪاميٽي

اتفاقاً ڪنهن ڏينهن مڙس واندو نه هوندو ته پاڻ اڪيلي به هلي ايندي هئي، مگر ايندي ضرور هئي!

ڪراچيءَ جا پنهنجا رهاڪو مائي جو ڪو نوٽس ڪو نه وٺندا هئا، البته ٻهراڙيءَ مان ايندڙ مالدار ماڻهن لاءِ هڪ حسين عورت جو ائين بي پرده ۽ بي حجاباڻو گهمڻ نياري ڳالهه هئي. ٻيگيون ٻاڙي ڪري شام جو هوا بندر تي حاضر ٿي اهو نظارو ضرور ڏسندا هئا. ”پراميناڊ“ (سيرگاهه) جي ٻنهي پاسي پٿين ۽ ٿنڀن تي چڙهي ويهي رهندا هئا. جن کي ڏاڙهي هوندي هئي، سي ڏاڙهيءَ ۾ ڦڻيون پيا ڦاهيندا هئا، جن جي مردانگيءَ جو نشان يا ساري سوڙي صرف مڇون هيون، سي ويٺا انهن کي مروٽيندا هئا؛ پر مائي نه ڏاڙهي جي ڦڻين کان متاثر ٿيندي هئي، نه مڇن تي ڪيل محنت جو قدر ڪندي هئي. پنهنجي مٺي اکيون هيٺ ڪيو پئي ٽور ٽلندي هئي ۽ پنهنجن سوالن جي دلين تي منگ ڏريندي هئي، نه هيڏانهن ڏسندي هئي، نه هوڏانهن واجهائيندي هئي. سندس اهڙي بي توجهي کان بيزار ٿي، ڪن نوجوانن ساڳئي وقت ”پراميناڊ“ تي پاڻ به پسار ڪرڻ شروع ڪيو، سو به اهڙي ڍنگ سان، جو هر ڦيري ۾ مڙيوٽي مائيءَ سان ڪراس ٿيندو رهين، پر هوڏانهن ”چخي نه باشد“ چالو رهي.

انهيءَ زماني ۾ ٻهراڙيءَ جي وڏيرن موٽرون وٺڻ شروع ڪيون هيون. ستاويهن سون ۾ شيورليٽ ۽ ٻن هزارن ۾ فورڊ ڪار وڪامندي هئي. ڪراچيءَ پهچي موٽر خريد ڪرڻ کان پوءِ لازم هوندو هو ته اها موٽر هوا بندر تي هلي اهڙي رخ سان بيهي، جو جڏهن مائي اتان لانگهائو ٿئي ته موٽر ۽ منجهس ويٺل ماڻهن تي نظر پويس، ان کان پوءِ به جنهن صورت ۾ نگاهه نيم وا جي نوازش ڪانه ٿي ته هارنن جي بي سبب هوڪر لڳي ويندي هئي. هارن رٻڙ جي بال وانگر هوندا هئا ۽ منجهان نڪرندڙ آواز گويا نڙ

گڏهه جي هينگ! ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو تجربو به ناڪامياب ثابت ٿيو.

آخري طريقو هيءُ رٿيو ويو ته ڪراچيءَ پهچڻ تي بيمار ٿي پئجي ۽ هلي ان ڊاڪٽر کان علاج ڪرائجي، جنهن جي گهر واري اها مائي هئي. بيماريون ڪهڙيون ٿي پونديون هيون، تنهن جي خبر ڪانه ٿي پئي، پر ايترو ظاهر هو ته سنڌ جا شوقين وڏيرا خواه نوجوان ليڊر مڙيوئي ان ڊاڪٽر صاحب جي دواخاني جا پانڌيئڙو هوندا هئا. سُري ويجهي پوڻ جي غرض سان هو اڪثر پاڻ سان ميون، مٺاين ۽ سنڌ مان شڪار ٿي آيل پکين جون ڏاليون به کڻيو ويندا هئا. سندن اها "ورڪ" ڪيتري قدر ڪامياب ٿي، سا خدا پاڪ کي خبر. جيتري قدر مان ڏسي سگهيس، سو هيءُ هو ته اهڙا مريض ڪاڙهين ۽ مائيين مڪسچرن جون بوتلون هٿن ۾ لوڏيندا ٻاهر نڪرندا هئا. گهر وڃي پيئندا هئا يا گٽر ۾ وهائي ڇڏيندا هئا، تنهن جو مدار لازماً سندن مرض جي سچائي يا ڪوڙائي تي هوندو. البته جيڪي مريض ڏالين سان "هٿيار بند" ٿي ايندا هئا، تن جا مُنهن ڪڏهن ڪڏهن سرها هوندا هئا، گمان ٿيندو هو ته شايد 'شربت ديدار' جو چُڪو بروقت ميسر ٿيو هوندن. ترت علاج اهوئي ٿي سگهيو ٿي!

ڳوٺ موٽڻ کان پوءِ جڏهن ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪيل ڪاميابين جو ذڪر ڪچهرين ۾ ٿيندو هو ته گفتگو جو هڪ اهم موضوع ان محاذ جون خبرون چارون به هونديون هيون.

* * *

ڪراچيءَ جي منڊمن کان اسان جا وڏيرا وڙن ويندا هئا، حالانڪ 'ديدار عام' اهوئي هوندو هو. منڊمون ڪافي تعداد ۾ هونديون هيون. صبح شام صدر جي دڪانن جا سير ڪنديون هيون. خاص مارو الفنسٽن اسٽريٽ تي هوندو هون،

جت سنڌن ضروريات جا دڪان هوندا هئا. ڀرواري ۾ مان آيل وڏيرا ڪانئن ڏاڍو ڏڃندا هئا. مٿان ڪا ميم صاحب اوچتو منهن پٺجي وڃين، تنهن ڀئو کان گهٽا ته ٻنهي صدر جو رخ ئي ڪونه ڪندا هئا. سنڌن لامارا مولو مسافرخانو، زميندار هوٽل، سنڌ اسلاميه هوٽل، جهونا مارڪيٽ، نيپئر روڊ، ڪياماڙي ۽ وڏ ۾ وڏ هوا ٻه در تائين محدود هوندا هئا. هڪ ڏينهن ڏٺم ته جاليائي(۱) فوٽوگرافر جي دڪان ۾، جيڪب آباد طرف جا ٻه-ٽي طرائي (۲) وڏيرا پنهنجن اڌ درجن نوڪرن ۽ ناپئرن سميت واڙيا بيٺا آهن. پَنوَ جا ماريل، منهن لٿل، اکيون ڏرا ڏنل، وار ڪانڊاريل، چپ سُڪل، زبان تارؤن سان لڳل—چڻ ٻڪرين جي ڌڻ کي بگهيڙ جي بوءِ پئي آئي.

منهنجا واقف هئا؛ فوٽوگرافي ۾ جي شوق ڪري آءٌ به جاليائي جي دڪان تي گهٽو ويندو هوس؛ مون کي گمان ٿيو ته هي صاحب شايد پنهنجو گروپ فوٽو ڪڍائڻ آيا آهن. پر اسٽوڊيو ڏانهن متوجهه ٿيڻ بدران منجهان هڪ نه ٻيو هر هر ٻاهرئين در مان منهن ڪڍي رستي جي ٻنهي پاسن ڏانهن واجهائي وري تڪڙو تڪڙو موٽي ٿي آيو. اها روش قدري منجهائيندڙ محسوس ٿي. مون جاليائي جي پٽ کان پڇيو، تنهن ٻڌايو ته هنن ويچارن پر وارن دڪانن تي ڪن سنڌسن کي چڙهندي ڏٺو آهي، جن کان ڏڇي اچي هت مڙيا آهن! مون وڏي وڃي ٻاڻ وڏي وڏيري کان پڇيو ته: "فوٽو ڪڍائڻ ۾ ايتري دير ڇو پيا ڪريو؟"

چيائين: "فوٽو وڃي پَٽ ۾، اسان کي اچي ساهه جي لڳي آهي."

---

(۱) جاليائي پارسيءَ جو دڪان الفنسٽن اسٽريٽ ۾ هولدو هو.

(۲) اچين ٻڳن ۾ ٻه طرّه رکندا هئا؛ هڪ وڏانجهڙو، ٻيو ننڍو.

آءٌ: ”خير ته آهي؟“

وڏيرو: ”خير، خير ڪو آهي. بازار ڏيون پئي آياسين، ڇوڙي جـون صندوقان ”بيگ“ ۽ ”بستره بـنـد“ ولٽا هئا، اوچتو ڏٺوسين ته منڊمون پيون اچن، انهن جـي ڀـوَ کان هن ڀـَرِ واري دڪان ۾ گهڙي اچي سام ورتي اٿسي. اهي منڊمان ڪيڏانهن ڪک پن ٿين ته اسان هتان نڪري ٻـَرِ منهن ڪيون.“

آءٌ: ”پر منڊمن مان اوهان کي ڪهڙو ڀـوُ آهي؟ هو توهان کي ڇا ڪنديون؟“

وڏيرو: ”شاه صاحب، خبر نه آهي ڪهڙي ”جورپي“ (يـورپـي) ”هفيسر“ (آفيسر) جون زالون يـا نياڻيون آهن. ٻڌو اٿسي ته ڪمشنر، ڪلٽر، ڪماني ۽ ٻين گهڻن هفيسرن جا بنگلا هن ئـي ٻاڙي ۾ ڀـَرِ ڀاسي آهن. جيڪڏهن اسان جو هت ٽولو ڪري گهمڻ ڪنهن منڊم صاحب کي نه وڻي ته هوءَ اسان کي ٻـڌرائي زيل (جيل) موڪلرائي سگهي ٿي. ڪاراچي گهڻ گهمڻ جـي ماڪ، اسان وچي ٽيپ ڪاٽيون، تنهنڪري شينهڻ ۽ ٻگهاڙين کان پڇي پاسو ڪرڻ جڳائي.“

اها ڳالهه مـئـي ۱۹۲۴ع جي آهي. مهيني کان پـوءِ نـوَن خطابن جا اعـلان ٿيا. ان وڏيـري کي ”خانبهادري“ جـو خطاب مليو!

بوستان خان

لـڪـڻ وارا وڏن ماڻهن بابت لـکندا. افعال ڪهڙا بـه هجنن، دنيا کي سک ڏنائون يا آتس تباهي آندائون، بهرحال وڏا ماڻهو هجن، ماڻهپي ۾ نه، ته به مال وزر ۾! ننڍن ماڻهن، هيٺين طبقي جي غريبن کي ڪو ياد ڪونه ڪندو، ڄڻ هو ڇاوا ئي اجايا هئا. حالانڪ هن دنيا جو سڄو چرخو غريبن ۽

محنت ڪش جي پگهر تي منحصر رهي ٿو — ائين جيئن پيٽرول جي آڌار تي موٽرڪار. پيٽرول نہ هجي يا ختم ٿي وڃي تہ موٽرڪار ڪيئن هلي؟

* * *

بوستان خان معمولي پٽيوالو هو، پر ”ڪمشنر صاحب بهادر مالڪ ممالڪ سنڌ“ جو پٽيوالو هو، تنهنڪري ڪيس ’چوبدار‘ سڏيو ويندو هو. هزاري جي پاسي جو هو. ساڍا ڇهہ فوٽ قد، بُت موزون، منهن گول، رنگ پورو، پانهون ڪولي هلندو هو، ڄڻ پڪي اڏامڻ جي پيو ڪري.

ڪراچيءَ جي انهن ڏينهن جي گورنمينٽ هائوس ۾، ڪمشنر صاحب جي دروازي تي غاليچو وڇايو ويٺو هوندو هو. ملاقاتين جو استقبال ڪرڻ ۽ رپورٽ ڪري کين ڪمشنر اڳيان پيش ڪرڻ، سندس فرائض ۾ داخل هوندو هو. عام طرح اهو ڏٺو ويندو هو تہ آفيسرن جا اڪثر پٽيوالا بدتميز هوندا هئا، منهن بڇڙو ڪيون ويٺا هوندا هئا، ملاقاتي سلام ڪندا هونِ تہ ويٺي ويٺي ڪنڌ ڌوڻي ڇڏيندا هئا، صاحب کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ چئبن تہ ڄڻ ڪنهن موچڙو هڻي ڪڍين. گهڻو وقت سهائڻ ۽ نيئمائڻ کان پوءِ ئي ملاقاتيءَ جي نالي جو پرزو ڪٽي اندر ويندا. ملاقات ٿي وڃڻ کان پوءِ البتہ سندن مزاج هڪدم بدلجي مٺو ٿي ويندو هو. ملاقاتيءَ کان خرچي وٺڻ لاءِ بڪٽي گُگر وانگر ٻاهر تائين ڪيڏ لڳا ويندا هئس. جيستائين ٻہ-ٽي روپيا نہ ملندن، اوستائين پيا ڏند شيڪيندا ۽ ملاقاتيءَ جي ڪوٽن ۽ ڪڇرين، ڪتن ۽ ڪڪڙن جي خير عافيت پڇندا.

بوستان خان هر لحاظ سان انهن کان مختلف هوندو هو. ملاقاتين تي گورنمينٽ هائوس ۾ پير رکندي رعب چڙهي ويندو هو، پر پري کان ورانڊي ۾ ويٺل بوستان خان جو مُشڪندڙ مُنهن ڏسي سامت ۾ اچي ويندا هئا. نيڊو هجي

يا وڏو، بوستان خان هڪدم وڏي اڇي مرحبا چوندس، ٻئي هٿ ڏيئي ملندس، ڪرسي سوري ويجهي ڪندس، خاندان جو حال احوال پڇندس، نالي جي چٽي وٺي جلد کان جلد صاحب سان ملائيي، وري گاڏيءَ تائين آڻي پهچائيندس. موقعي تي ڪابه خرچي ڪانه وٺندس، ملاقاتي دعوت ڏيندس ته، جڏهن واندڪائي ٿئيس ته گهر اچي سانس ملي. نوڪريءَ جو وقت پورو ڪري واندو ٿيندو ۽ مرضي پوندس ته، وٽس لنگهي ويندو، نه ته خير. پر جي اتفاقاً ڪڏهن در لنگهي آيو ته ماڻهو اکيون وڇائي ملندس آدرڀاءُ ڪندو. سچ ته، اهو آهي ته سنڌ جا ماڻهو، ڪمشنر کان وڌيڪ بوستان خان جو احترام (١) ڪندا هئا. محبت جو جواب محبت سان ڏيندا هئس. ڪمشنر جو معاملو زور سان جو هوندو هو، بوستان سان دل جا ڳانڍاپا هوندا هون. پاڻ هو چڙو ٽيوالو، پر ماڻهپو مقام ۾ مڪان جو محتاج نٿو رهي.

* * *

سنڌ جدا ٿي ۽ پراڻي ڪمشنري ٽٽي ته بوستان به پينشن وٺي غائب ٿي ويو. سنڌ ۾ وڌيڪ رهي سُور نه پاتائين! هڪ ادارو هو جو ختم ٿي ويو. ويندي ڏسيندو ويو ته، 'عزت ڏيو، عزت لهو' ۽ بدخوئي سان ڪجهه ڪونه وري.

بوستان خان کان سوڪلائيندي، مناسب آهي ته سنڌ جي پراڻي "گورنمينٽ هائوس" سان به "رضا مالڪ جي" ڪبي هلجي.

* * *

(١) سرديءَ جي موسم ۾ ڪمشنر صاحب سنڌ جي گشت تي نڪرندو هو ته سنڌ جا معزز بوستان خان جي اعزاز ۾ جدا دعوتن جو انتظام ڪندا هئا.

اهو گورنمينٽ هائوس، سر چارلس نيپئر جي زماني ۾ ٺهيو هو ۽ بمبئيءَ کان سنڌ جي جدا ٿيڻ تائين قائم رهيو. سادي عمارت هئي. وچ وارن ڪمرن مٿان فقط ٽن ڪمرن جي ماڙي مٿانس جڙيل هئي. باقي سڄي عمارت هڪ ٿهي، پنجن ڇهن فوٽن جي ٿلهي تي اڏيل هئي. ڪمرا وڏا، ڇتيون مٿاهيون، فرش ٽائلس جو. ملاقاتين جي ويهڻ لاءِ ورانڊو هوندو هو، ٽن پاسن کان کليل. ڏاڍو هوادار، ويٺي نسبد پئي ايندي هئي. ان ورانڊي کان پوءِ ڪمرا هوندا هئا. پهريون اسسٽنٽ ڪمشنر (جيڪو پڻ انگريز هوندو هو) جو ڪمرو، ان کان اڳيرو ڪمشنر جي پنهنجي آفيس جو وڏو ڪمرو، تنهن کان پوءِ گهر جا ڪمرا. سامهون ميدان ۽ گلدار ٻوٽا. ورانڊي ۾ ويٺي ڪياماڙي پئي ڏسبي هئي. وچ ۾ ڪابه وڏي عمارت ڪانه هوندي هئي. ڪل ٽي-چار ماڻهو گورنمينٽ هائوس ۾ ويٺل نظر ايندا هئا. ڪمشنر پاڻ، سندس اسسٽنٽ ۽ ٻه-ٽي پٽيوالا-- سانت لڳي پئي هوندي هئي. سڪون، اطمينان ۽ آرام سان سڀو ڪاروبار هلندو هو. ائين ڪونه محسوس ڪبو هو ته ساريءَ سنڌ تي هن سانتيڪي ويٺوڙي بنگلي مان سڀو راڄ ٿئي. نه آفيسرن جي ڀڄ ڊڪ، نه دروازن کلڻ يا بند ٿيڻ جو کڙڪو، نه ماڻهو مُڇا سُڇا، نه ڪَن ڳالهيون، نه ڪُنڊن ۾ ويهي ملڪ يا ماڻهن کي ڊاهڻ ۽ ٺاهڻ جون سازشون. ماحول سادو، صاف، سانتيڪو، پر رعب وارو. ملاقاتين واري ورانڊي ۾ ڪٺوڙي سان ڪڙيل سفيد رنگ جون نيٽ سان واڻيل ڪرسيون ۽ بنچون رکيل. سامهون هڪ وڏي ميز، جنهن تي لکڻ پڙهڻ جو سامان ۽ ملاقاتين جو ڪتاب پيل هوندو. ان زماني ۾ اڃان فائونٽين قلم عام ڪونه ٿيا هئا. ماڻهو مس جي ڪپڙيءَ مان اسٽيل ٻوڙي ملاقاتين جي ڪتاب ۾ پنهنجا نالا لکندا هئا. مس ڪپڙي چينيءَ جي هوندي هئي گلابي گلن سان. اهڙي سهڻي

مس ڪپڙي مون وري ڪاڻ ڏٺي. پئرس، روم ۽ لنڊن ۾ به گھوليم، پر نظر تي ڪاڻ چڙهي.

وڏا وڏا انگريز ڪمشنر ان گورنمينٽ هائوس ۾ رهي ويا هئا، جن اسي سال جي سنڌ جي تاريخ جوڙي هئي. سر بارٽل فريئر ١٨٥١ع کان ١٨٥٩ع تائين ڪمشنر ٿي رهيو. ان جي ڏينهن ۾ انگريز جي زماني جي سنڌ جي تعمير ٿي؛ پليون، رستا، ريلون، تار، ٽپال، اسپتالون، اسڪول، ڪاليجون، ٿاڻا، ضلعن ۽ تعلقن ۾ سرڪاري عمارتون، سروي، لا اينڊ آرڊر وغيره وغيره سندس زماني جون نشانيون رهجي ويل آهن، جن مان گهڻيون اڃان تائين ڍاهي نٿيون ڊهن (مثلاً صدر جو فريئر هال). انسان جو همدرد انسان هو. لياري ڪوارٽر جي هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ مسڪين ميربحر مان ڪنهن واقفيت ٿي ويئي هئس، جنهن اڳتي هلي دوستيءَ جو رنگ اختيار ڪيو. ان مسڪين کي نه صرف سالن جا سال پنهنجي کيسي مان قوت گذران پهچائيندو رهيو، پر پاڻ يا سندس گهر جو ڪو ڀاتي بيمار ٿي پوندو هو ته طبع پرسيءَ لاءِ ڪمشنر صاحب خود اڪيلي سر هر روز سندس جهوپڙيءَ ۾ ويندو هو. پنهنجي همدرديءَ، عدل، انصاف ۽ حسن انتظاميءَ جي ذريعي سنڌ اندر انگريز جي راڄ جا پير پختا ڪري ڇڏيائين. سنڌ ۽ سنڌ جي لٽريچر سان دلي چاهت هئس؛ پنهنجي ڏيءَ جي مطالعي لاءِ شاهه عبداللطيف رح جي سنڌي ۾ سوانح عمري لکرائي، ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرايائين.

ٻيو ناميارو ڪمشنر سر ايونس جيمس هو. سنڌ جي تاريخ ۽ لٽريچر جو وڏو چاڻو هو. انتظام ۽ انصاف جي معاملن ۾ هاريءَ ۽ جاگيردار ۾ فرق ڪونه ڪندو هو. ڪنهن آبرو واري جي هرو ڀرو پڳ ڪونه لاهيندو هو، پر مجال ڪانه ڏيندي ڪنهن وڏ وڏيري يا پير سونهاري کي، جو ڪو

چور يا ڌاڙيل ڌاري، سندس پيءُ ڪڙڪي سان سڀ معاملا پاڻهرتو پيا حل ٿيندا هئا.

ساڳيءَ طرح ليوڪس ڪمشنر به مٽير مڙس ٿي گذريو. سنڌ اندر ڏاڍو امن واسان قائم رکيائين ۽ وڏو ڏاڪو پيدا ڪيائين.

نالي وارن ڪمشنرن مان پويون سر هينري لارينس هو، جنهن نيئن اٿندڙ سياسي تحريڪن (ڪانگريس، خلافت، هجرت وغيره) کان متاثر ٿي ڪوشش ڪئي ته سنڌ جي مسلمانن کي سرڪاري نوڪرين ۾ ڪُپائي کين آزاديءَ جي تحريڪن کان پري رکي. ان ڪوشش ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب به ٿيو، پر ان وچ ۾ سياسي بيداري زور وٺندي ويئي، جنهن جو جواب هن سختيءَ سان ڏيڻ گهريو. آهو اهڙو زمانو هو، جنهن ۾ سنڌ جي عمومي سوالن متعلق سنڌ جا بزرگ، هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ گڏجي قدم کڻندا هئا. چنانچه سنڌ جا ٻه ٻرک نمائندا، مرحوم رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس، ڪمشنر لارينس جي ڪارروائين خلاف بمبئيءَ جي گورنر ڏانهن دانهن کڻي ويا. سنڌ مان مخفي طرح منهن لڪائي پهچي وڃڻو پيو، ڇوته لارينس سندن گرفتاريءَ لاءِ حڪم ڪيدي چڪو هو. بمبئيءَ جي گورنر سنڌ جي انهن اڳواڻن جي ڳالهه ڪانه ٻڌي، جنهنڪري هو منجهانئس نااميد ٿي، بمبئيءَ مان ئي جهاز ۾ سوار ٿي سڌو لنڊن پهتا. سيڪريٽري هنڌ سان ملي ڪانئس حڪم ڪرايائون ته لارينس کي، جيڪو مختصر موڪل تي لنڊن آيل هو، موٽڻ بعد سنڌ جو ڪمشنر ڪري نه رکيو وڃي. لارينس جي گهرواريءَ ليڊي لارينس نالي ڪتاب "Indian Embers" ۾ اهو سچو قصو بيان ڪيو آهي ۽ ساڳئي وقت پيا به گهڻا دلچسپ احوال سنڌ جي باري ۾ ڏنا اٿائين.

لارينس ڪان پوءِ سنڌ جي ڪمشنري تي معمولي قسم جا انگريز اچڻ لڳا. ڪي ھٺيلا، ڪي مٺڪرا، ڪي ڪم چور، ڪي چورن سنان مور. في الحقيقت پهرين عالمي جنگ ڪان پوءِ انگريزن جو اهو نسل، جنهن شروع ۾ برطانيہ جو جهنڊو دنيا جي وڏي حصي تي جهلايو هو، ختم ٿيڻ لڳو هو. وڏن گهرائن جا ماڻهو اکي وانگر هيئنر ملڪ ڪان ٻاهر وڃي نوڪري ڪرڻ ڪان ناٻري واري ويهي رهيا هئا ۽ انهن جي بدران 'ڪاسبي ڪڙا' ڀرتي ٿي اچڻ لڳا. دنيا جو دستور آهي تہ رعيت سرڪاري ڪاموري جو منهن ڏسي سرڪار جي ٻاري ۾ راءِ قائم ڪندي آهي. سنڌ جي پوين ڪمشنرن جا منهن ڏسي، سنڌ جا سست ماڻهو بہ هن راءِ جا ٿي ويا تہ سنڌ کي بمبئيءَ ڪان جدا ڪرائي ڪمشنري راڄ جا لاهہ ڪڍي ڇڏڻ گهرجن، ۽ ٿيو بہ ائين. مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن تاسس جهڙو بدخو ۽ گبسن جهڙو چلولو ڪمشنر ٿي نہ اچن ها تہ شايد سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ ايترو زور وٺي ڪو نہ سگهي ها.

*　　　*　　　*

سنڌ جدا ٿي. ڪمشنر ان سنڌ، مالڪ ممالڪ سنڌ، جو ڏڌو نڪري ويو. تاريخي پراڻو گورنمينٽ هائوس بہ ڍهي ويو. ان جي جاءِ تي قافلہ سراءِ جي نموني تي گورنر هائوس جي نالي سان نئون گذرگاهہ تعمير ٿيو، جنهن ۾ هيلتائين پندرهن ٻانڌيئڙو مانجهاندو ڪندا موڪلائيندا ويا آهن.

جمي سيٺ

آنجهاني جمشيد مهتا جو پڙلاءُ منهنجي ڪن تي انهن ڏينهن ۾ پيو، جڏهن سندس والد سيٺ نسروانجي اچان جيئرو ۽ ڦڙت هو ۽ جمشيد کي ماڻهو پيار وچان "جمي سيٺ" سڏيندا هئا. پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين ڪراچيءَ اندر

جمي سيٺ جي رات هئي. عوام خواه سرڪار سان واسطو رکندڙ جيڪا به ڳالهه هوندي هئي، تنهن ۾ جمي سيٺ اڳين ڪان اڳرو هوندو هو: ڪوبه ادارو اهڙو ڪونه هو، جنهن جي لاهه يا چاڙهه ۾ سندس درڪ ڪونه هوندو هو. نرم طبيعت جو ماڻهو هو. هرجائي مزاج جو ۽ ”ادائي گهر“ گهمندڙ -- صبح انگريز ڪمشنر جو سلامي ته شام جو انگريز جي دشمن ڪانگريس جو شيواداري. منجهانس نه مسلم ليگ مايوس نه مهاسڀا محروم. پنهنجن سان به پورو ته ڌارين سان به سنمک. پنهنجي زندگيءَ جي اصولن ۽ مقصدن کي ايتري قدر لچڪيدار بڻائي ڇڏيو هئائين، جو انهن جي ڪنهن سان به ٽڪر ڪانه ٿي ٿي. منهنجي ساڻس انڪري دلچسپي پيدا ڪانه ٿي سگهي جو آءٌ بروقت سمجهي ڪونه سگهيس ته آخر هيءُ ماڻهو ڪرڻ ڇا ٿو گهري ۽ سندس اصول مُعيّن به آهن يا نه -- ڪنهن مقرر ۽ وڏي مقصد لاءِ پيو هلي يا محض پنهنجي نالي ڪيڻ لاءِ پيو هر در ۾ ٿونا هڻي؟ جيڪڏهن انسان جا اصول مقرر ۽ معيّن آهن ته تضادن ۽ تڪرارن جي هن دنيا ۾ لازماً ڪنهن نه ڪنهن سان تصادم ٿيڻو آهي؛ البته اصول مقرر ڪونه آهن ۽ ماڻهوءَ جو مزاج لڙئي پاڻيءَ وانگر آهي ته هو آسانيءَ سان هر رنگ ۾ رنگجي ساڻس هڪ ٿي سگهي ٿو. بدقسمتيءَ سان جمي سيٺ جي باري ۾ ڪنهن وقت تائين آءٌ ان مونجهاري مان نڪري ڪونه سگهيس. ڪيس چور ۽ پاڳي پنهي جي ٽاڪن تي موجود ڏسي، اسان نڍڙي دماغ ۽ محدود سمجهه وارن ماڻهن جي دل تي هيبت چڙهي ويندي هئي. جي. ايم. سيد صاحب سندس معتقد خاص، بلڪ هڪ طرح جو شيشُ، پر منزلگاهه واري ڪيس ۾ اچي شاهدي ڏنائين سندس خلاف ۽ هندن جي فائدي ۾.

سيد صاحب پنهنجي قيمتي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ جمشيد صاحب جي بيان ۾ لکيو آهي ته:

”جمشيد صاحب پارسي مذهب جو پوئلڳ هو. ١٩٠٩ع ۾ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ سان واقفيت بعد، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر ٿيو. صوفي خيالات رکڻ ڪري، هو جملي مذهبي اختلافن پويان بنيادي وحدت جو قائل هو. انهيءَ جي پيروي ۾ هو رمضان جا روزا رکندو هو، محرم وقت مسلمانن سان همدردي ڪندو هو، ناتال ايسٽر وغيره جي موقعن تي ديولن ۾ وڃي عيسائين جي دعائن ۾ شرڪت ڪندو هو، هندو ڏڻ وار تي هندن سان شريڪ ٿيندو هو ۽ ساڳيءَ طرح سکن ۽ يهودين سان به وڃي شريڪ ٿيندو هو. ٿياسافيڪل سوسائٽي سندس مکيه مرڪز هو. خدا ۾ سندس پڪو ايمان هو. هي ڪرم يوگي، اعليٰ مفڪر ۽ دردمند دل رکندڙ انسان هو. سندس چوڻ هو ته ”مذهب ماڻهن لاءِ بڻايو ويو آهي، نه ماڻهو مذهب لاءِ.“ (صفحو ١٨٨، جلد پهريون)

اڳتي هلي سيد صاحب لکي ٿو ته:

”مجسم ڪرشن - ڪرشن مهاراج لاءِ مشهور آهي ته هو محبت جو اوتار هو. سندس پريم ليلا ايتري چانيل هئي، جو سندس هزارين زالن ۽ گوپين سان هرهڪ تي اهو اثر ويٺل هو ته سندس محبوب آهي:

”ڪَوڙين تنهنجون ڪاميون،
تون ڪَوڙِن سندو ڪانڌ.“ (شاهه)

ان وانگر (جمشيد) جي برهمچاري هجڻ جي باوجود سوين عورتون سندس محبت جي هام هڻنديون هيون(١).

(١) سيد صاحب صفحي ١٩١ تي ڳالهه جو تت بيان ڪري ٿو: ”هيءُ (يعني جمشيد) خوبصورت چهرن کي پسند ڪندو هو.“

هي وقت تي هرهڪ وٽ ويندو هو. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ ڪين ملندو هو. نفساني خيال ڪان(١) آجو، هي محبت جو اوتار هو."

(صفحو ١٨٩، جلد پهريون)

*　　　*　　　*

اُن بزرگ کي هن جهان ڇڏڻي هينئر ٢٥ ورهيه گذري چڪا آهن. سندس زندگيءَ جو سارو حساب ڪتاب هن وقت اسان جي سامهون اچي ويو آهي. منهنجي راءِ آهي ته، هو صوفي هو، ڪوفي ڪونه هو. انساني ارتقا ۽ روحاني ارتفاع جي اُن مقام معليٰ تي پهچي چڪو هو، جتان جي بلندين تان پيهي هيٺ ڌرتيءَ ڏانهن نوڙي نگاهه ڊوڙائيندي ڪيس ساري مخلوق خدا جي يڪسان ۽ يڪ رنگ نظر ايندي هوندي، يعني هڪ ئي خالق جي هڪ ئي مخلوق، سڀ ۾ تون ئي تون، نه پيد نه پاڙ، چڱي جي ساري جوڙ جڳي، بندو ڪير جو پنهنجي مالڪ جي ساخت مان ويهي ورڇ ڪري؟ بي لالچ خدمت ڪرڻي آهي ته سڀ جي ڪرا

سنڌ جي صوفين جو اهوئي مسلڪ هو، انهيءَ ڪري ئي سندن صدا هيءَ رهي ته:

ڪر ڪا ڳنڍڻ جـي ڳالهه، ڇنڻ منجهه ڇا هي؟

پر ان حقيقت کي پروڙڻ لاءِ اندر جون اکيون کپنديون هيون، جن کان آءٌ محروم هوس:

لذت باده نداني بخدا تا نه چشي.

*　　　*　　　*

(١) برهمچاري هو (صحيح ۽ سچي معنيٰ ۾)؛ پاڄين، ميوي ۽ کير تي گذر ڪندو هو؛ ڪنهن به قسم جو ماس نـه کائيندو هو؛ تختي تي سمهندو هو؛ کاڌيءَ جو ڪوٽ (ڊگهو، ٻنهه ڳچيءَ سان) ۽ پتلون ڍڪيندو هو؛ ڏاڙهي شيو ڪندو هو؛ مڇون ڪتربل هولديون هئس.

مون جيڪي ڪجهه ڏٺو، سو هيءُ هو تہ: ”مجلسي ماڻهو“ ڪونہ هو، ٿورو ڳالهائيندو هو، هر وقت ڪنهن ڳوڙهيءَ سوچ ۾ رهندو هو. ڳالهائيندي اکيون ٻوٽي ڇڏڻ ۽ سوچڻ لڳي ويندو هو، منهن سان خوشيءَ يا غم جي غمازي ڪانہ ٿيندي هئس، هڪ لحظو بہ واندو ڪونہ ويهندو هو، صبح جو فورڊ موٽر ۾ ويهي ٻاهر نڪرندو هو، اڌيءَ رات تائين گهر ڪونہ موٽندو هو، سارو ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن جي مشڪلڪشائي ڪندو وتندو هو، بيشمار ادارن سان وابستہ هو، هرهڪ ۾ هر روز پيو منهن پائيندو هو، ڪنهن جي دل ڪونہ ڏکائيندو هو. ڪنهن جي بہ خدمت ڪرڻ کان انڪار ڪونہ هوندو هو، انسان تہ ڇڏيو، پر حيوانن، بي زبانن، پکين پکڻين جي بہ چاڪري ڪندو وتندو، ڪراچيءَ جي وڻن ٽڻن، گلن ۽ ٻوٽن جي بہ پيو سار لهندو. بحث تڪرار ۾ بهرو ڪونہ وٺندو، ٿي سگهندس تہ ٽٽل دلين کي گنڍڻ جي ڪوشش ڪندو، ڪنهن جي تحقير، گلا، يا شڪايت جو اکر سندس زبان تي ڪونہ آيو. خبر نہ، آهي رات جو سمهندو ڪڏهن هو ۽ ڪو آرام بہ ڪندو هو يا نہ. مون تہ هڪ بہ دفعو اهو بہ ڏٺو تہ اڌيءَ رات جو بندر روڊ تي پيدل پاڻيءَ سان رستو ڌئاري، غالباً عقيدو هوس تہ:

تاسين بين بجاءِ، جاسين ساهہ سريـر ۾

* * *

جنهن ڪراچيءَ جي ڪشش بعد ۾ لکن کي آڻي هت ڪڍيو، سا ڪراچي ان جمشيد جي جوڙيل هئي. اهي عمارتون، اهي نقشا، اهي رستا، اهي باغ باغيچا، اهي تفريح گاهون، سڀ سندس عرق ريزي جو نتيجو هيون. ڪراچيءَ کي اهڙيءَ طرح ڳاعيائين ۽ سينگاريائين، جيئن ڪا مشفق ماءُ ٻرٽي رات پنهنجي نياڻيءَ کي هار سينگار ڪرائي. پاڻ صبح جو غسل ڪندو هو تہ ماهيل ۽ توروون هڪ گيلن پاڻي

کپائيندو هو -- ان پڻ کان ته مبادا گهڻي پاڻي خرچ ڪرڻ ڪري ڪراچيءَ جو ڪو ماڻهو، جانور يا وڻ پاڻيءَ لپ کان محروم رهجي وڃي(١)!

سنڌس انتقال ١٩٥٢ع ۾ ٿيو. پر آن کان ڪجهه سال اڳ هو عملي زندگيءَ کان ڪناره ڪش ٿي ويو هو. جنهن دنيا جو باشندو هو، سا باقي ڪانه رهي هئي؛ خريدار ئي نه هوندو ته دڪاندار دڪان ڇو کولي ويهندو؟

مون ڪيس ان وچ ۾ صرف هڪ ڀيرو گورنر جنرل هائوس ٻاهران ڏٺو. بواءِ اسڪائوٽ يونيفارم پهريو، چوڪرن کي سلامي لاءِ اندر وٺيو ٿي ويو. غور سان ڏٺم -- بواءِ اسڪائوٽ يونيفارم ۾ ائين پئي لڳو، ڄڻ جمشيد نه، پر جمشيد جو ڪارٽون هو؛ پيو ته سنڌس چهري تي زندگيءَ جي ڪا علامت باقي ڪانه بچيل هئي، ڄڻ ڪنهن لهڪندڙ پاڻيءَ جي لب ۾ لپي ڏياري هاڻي ٻاهر ڪڍيو اٿس.

ٿوري عرصي کان پوءِ ڪٿي اڪيون به ٻوليائين.
پيو ڇا ڪري ها؟

پين باج ڪي لوٽ پڙي، لوڙي من ڪي تار،
سڄڻ والي هي چلي گئي، ڪسي بجاوڻ هار!

---

(١) انهن ڏينهن ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ محسوس ٿيندي رهندي هئي؛ اڃان سنڌ جي درياهه مان پاڻي ڪٿي اچڻ جو انتظار مڪمل ڪيو ويو هو.

ڏسڻي

الف

ابن بطوطہ: ١٧
ابوالفضل ۽ فيضي: ١٧
اختر حسين: ٢١٧
استاد منظور علي خان: ٣٦٤
اسد الله شاھ لڪياري: ٥
اسماعيليہ ڪاليج: ٨٨
اسپيچلي، دڪاندار: ١٤٠، ١٥٧
اڪبر اعظم: ١٥، ٩٨، ١١٥، ١١٦، ٢٣٢، ٣٠٣
اڪبر الله آبادي: ٨٢
الله بخش ٽالپر: ١٤٩
الله بخش شهيد: ٢٧، ٢٨، ٤٦، ٥٤، ٥٥، ٥٦، ١٥٣، ١٨١، ١٨٥، ٢٠٥، ٢٠٦، ٢٠٨، ٢١٤، ٢١٥، ٢٢٠، ٢٢٧، ٢٣٥، ٢٣٦، ٢٣٧، ٢٤٤، ٢٤٦، ٢٤٧، ٢٤٩، ٢٥٠، ٢٥١، ٢٥٥، ٢٦٦، ٢٦٧، ٢٦٨، ٢٦٩، ٢٧١، ٢٧٧، ٢٧٨، ٢٨٦، ٢٩٢، ٢٩٩، ٣٠٢، ٣٠٣، ٣٣١، ٤١٤، ٤١٦.
الله بخش گبول: ١٨١، ١٨٢، ٣٤٩، ٣٥٠
الامين، روزنامه: ١٦٠
الراشد، مخزن: ٣٢٢
الڪاشف، مخزن: ٣٢٥
الحزب، اخبار: ٣٢٥
الوحيد، ”سنڌ آزاد نمبر“: ٣٣١
الوحيد روزنامه: ١٤٣، ١٤٨، ١٤٩، ١٥٤، ١٦٤، ١٦٥، ١٦٨، ١٧٠، ١٨٠، ٢٥٥، ٣٢٢، ٣٢٥، ٣٢٧، ٣٣١، ٣٧٢، ٣٧٤، ٤٠٢
اميرو، باورچي: ٨٨، ٨٩
اندرا گانڌي: ٤٨٩
انڊريوز، ڊرائيور: ٣٠٧، ٣٠٩
انقلاب، روزنامه: ١٨٨
انجمن اسلام، سکر: ٢٣٣
انجمن ترقيءِ اردو: ٤١٩
اوم منڊلي: ٢٥٠، ٤١١، ٤١٥
ايبڊو: ٤٠٩، ٤٣٩، ٤٤٠
اي. ايل. پرائيس: ١٤٦، ٤٠٠
اي. پنجابي: ٢١٨
ايڊورڊ ستون: ١٣١

ايف. سي. بورن: ٢٦٨
اي. ڪي. بروهي: ١٠٠
ايس. ايم. ٽلاٽي، جج: ١٢٨،
٤٠١
ايسٽوڪ: ٣٥٩
ايلسا قاضي: ١٠٠، ١٠٢
ايم. اي. خالق: ٢١٣
ايم. ايچ. صوفي: ٣٩٣
ايوب خان: ١٧، ٥٠، ١٠٨،
١٦٣، ٣٦٩، ٤٣٩، ٤٤١،
٤٦٥، ٤٨٥
آريا سماج: ٢٦١، ٢٦٤
آزاد اخبار: ٣٢٥
آغا خان: ١٥٥، ١٩٠
آغا غلام دستگير خان، جج:
٣٩٠
آغا غلام نبي: ٢٣٩، ٢٤٥
آغا محمد يعقوب: ٤٥٦
آغا نظر علي خان: ٢٤٥،
٢٨٢، ٢٨٣، ٢٨٤، ٢٨٥،
٢٨٨، ٣٩٥، ٣٩٨

ب

بابا مير محمد بلوچ: ١٤٦،
١٥١، ١٥٤، ١٥٥، ١٥٨،
٤٦١
بابو فضل الاهي: ١٤٦، ١٤٧
باربريني محل: ١٠٩
بارڪر، ايس. پي: ٣٧٠
بايزيد بسطامي: ٣٥٨
بچل شاهه مست: ١٢٠
بچُو سيٺ: ١٣٨
برائٽن: ٤٨
بڊ، ڪليڪٽر: ٤٧
بلوچستان جديد، اخبار: ١٥٥،
٣٧٧
ٻُلا شاهه: ٣٧
بولچند ڪرپالاڻي: ٤٥٦،
٤٥٧
بوستان خان: ٤٩٤، ٥٠٠
بي. ٽي. ٺڪر: ١٤٦
بئريسٽر شاهاڻي: ٢٧٨، ٢٨١،
٢٨٢، ٢٨٧

ٻ

ٻيڙو سيٺ: ١٤٠

پ

پايونيئر، اخبار: ١٨٧
پرتاب، اخبار: ١٨٧
پرنسيپال ڀُٽاڻي: ٦٥، ١٥٠،
٣٥٣، ٣٦٣
پرنسيپال شاهاڻي: ١٥٠
پروفيسر عبدالستار خيري:
٢١٧
پروفيسر ڦيرواڻي: ٣٨٤

پروڊا: ٣٦٧
پمنائي: ٣٠٠، ٣٠١
پي. ماسٽر، جج: ٣٩٣
پير الاهي بخش: ١٣، ٢٨،
٥٢-٦٥، ٩٣، ٢٠٦، ٢٣٥
پير پاڳاره: ١٥٦
پير پٺل رح: ١٠٧
پير پرچونڊي شريف: ٢٥٤،
٣٠٠
پير جهنڊو: ٣٢٧
پير حجت الله شاهه راشدي:
١٠٧
پير زاده عبدالستار: ٣٧، ٣٤٧،
٣٦٣، ٣٧٢، ٤٨٢
پير شاهه مردان شاهه: ١٠٧
پير علي مرتضيٰ شاهه: ١٠٧
پير علي محمد شاهه اول:
٣٣٨
پير عبدالغفار شاهه: ٨٤
پير غلام مجدد سرهندي:
٢٣٩، ٢٤١، ٢٤٥
پير محمد راشد رح: ١٠٧،
١٧٩
پير محمد مهدي شاهه: ٣٣٨
پيرل فقير: ٧٦

ڀ

ڀڳت ڪنور رام: ٢٥٤، ٢٥٥،
ڀيرو مل مهرچند: ٩٢

ت

تاريخ معصومي: ٨٩
تاريخ ڪلهوڙا: ١٩٤
تذڪره مشاهير سنڌ: ١٨
تذڪره مخادير ڪهڙا: ٤٠٦
توحيد، مخزن: ٣٢٥

ٽ

ٽائيمس آف انڊيا: ١٨٧
ٽائيمس، هفتيوار: ١٨٦
ٽامس، ڪمشنر: ٨٧، ٥٠٠
ٽربيون، لاهور: ١٨٧
ٽي، جي. الفنسٽن: ٣٧٦
ٽيپو سلطان: ٤٣١

ج

جارج برناڊ شا: ١٠١
جاليائي فوٽوگرافر: ١٤١،
٤٩٣
جرنل نيچرل هسٽري سوسائٽي:
١١
جڙيل شاهه: ٥٠، ٥١
جسٽس او سليوان: ٢٧٨، ٢٨١،
٢٨٦، ٢٨٧، ٢٩٠
جسٽس منظور قادر: ٤٤٠،
٤٤١، ٤٨٥
جمشيد مهتا: ١٢٩، ١٤١،
١٤٦، ٢٩٥، ٢٩٦، ٢٩٧،
٣٨٢، ٥٠٥

"جنب گذاريم جن سين": ۵۰۱، ۵۰۲، ۵۰۳
جناح هاسٽل: ۹۹، ۳۶۹
جواهر لال نهرو: ۱۴۵، ۱۴۶، ۱۷۴، ۱۸۶، ۱۸۸، ۱۹۱، ۳۷۳
جهانگير پنٿڪي: ۱۳۰، ۱۴۶
جي. بلس: ۱۳۹، ۱۴۰، ۱۵۷
جي. ايم. سيد: ۲، ۳، ۴، ۲۵، ۶، ۱۶، ۲۷، ۲۸، ۲۹، ۵۵، ۵۶، ۵۷، ۵۸، ۵۹، ۶۰، ۶۲، ۷۱، ۹۲، ۱۴۶، ۱۵۶، ۱۶۹، ۱۸۱، ۲۱۳، ۲۲۱، ۲۳۹، ۲۴۵، ۲۵۲، ۲۶۹، ۲۹۴، ۲۹۵، ۲۹۶، ۲۹۷، ۲۹۹، ۳۶۳، ۵۰۱، ۵۰۲
جيوڻ شاهه: ۲
جيئندل شاهه: ۳
جيرامداس دولترام: ۱۶۰، ۲۰۷، ۳۵۲، ۳۸۳، ۴۰۲

چ

چانسيلر ميٽرنڪ: ۳۷۲
چرچل: ۱۷۴
چرنجي لال: ۲۶۷، ۲۶۸
چندو حلوائي: ۱۵۷
چوڌري اختر حسين: ۲۱۸
چوڌري چوٿو رام: ۱۹۲، ۲۲۷
چوڌري رحمت علي: ۱۸۸، ۱۸۹
چوڌري محمد علي: ۳۸

ح

حاتم علوي: ۱۴۶، ۳۷۵، ۳۸۲، ۳۸۳
حافظ اسحاق، راڪي: ۸۳
حافظ شريف حسين: ۱۵۱
حاجي احمد ڪريم محمد ميمڻ: ۱۴۱
حاجي امير علي لاهوري ۲۶۴
حاجي ڏوسل: ۱۳۷، ۱۳۸، ۱۳۹
حبيب ابراهيم رحمت الله: ۴۸۲، ۴۸۳
حسن علي آفندي: ۸۲، ۱۵۰، ۳۸۳، ۳۸۴، ۳۸۵، ۴۰۰
حسين علي آفندي: ۸۷
حسين عليہ السلام: ۴۴۱
حسام الدين راشدي: ۸۹، ۱۹۴
حڪيم اجمل خان: ۳۲۹
حڪيم شمس الدين: ۸۴، ۳۳۷
حڪيم علي محمد قادري: ۱۵۸، ۳۳۶، ۳۴۰
حڪيم فتح محمد سيوهاڻي: ۹۲، ۱۳۳، ۱۴۶، ۱۵۸، ۲۴۸، ۳۲۸، ۳۳۶

حڪيم قائم الدين: ٣٣٧
حڪيم صمصام: ٣٤٠-٣٤١
حڪيم يعقوب ڪؤنريجو: ١٠٥-١٠٦، ٤٨٧

خ

خانبهادر ڊّر محمد خان: ٣٩٧
خانبهادر ڏني بخش جتوئي: ١٠٨
خانبهادر نبي بخش محمد حسين: ١٤٥
خانبهادر ماما: ١٤٦
خانصاحب ڪريم بخش جتوئي: ١٠٨
خان قلات: ٤٠٣، ٤٤٢
خان فقيرا خان ڏنتوڙ: ٤١٧
خليفة المسلمين: ٩٢، ١٢٣
خواجه احمد زمان رح: ٤٦٧-٤٧٣
خواجه ناظم الدين: ٣٦٨، ٤٣٢
خير محمد سولنگي: ٢٠، ٢١، ٢٢، ٢٤
خير محمد هيسباڻي: ٣٣٦

چ

چيتمل پرسرام: ١٦٠
چيتي مپاهيملاڻي: ٤١٥، ٤١٨، ٤٦٣

د

دادا ليکراج: ٤١٠، ٤١٥
دادا گزيٽ: ١٢٦، ١٢٧
دارا شڪوه: ١٦
دريا خان صوفي: ٢٥٤
دين پيلو: ٢٩١
دين محمد وفائي: ١٨، ١٩، ٩٢، ١٤٩، ٣٢١-٣٢٨
دين محمد شاهه لڪياري: ١٢٦-١٢٧
دين محمد، گورنر: ٤٢٢
دين محمد عليگ: ١٤٩، ٣٧٢-٣٧٤
ديوان آڏارام: ٦٧-٦٨
ديوان بسنترام: ٢٨٢، ٢٨٦، ٢٨٧، ٢٨٨، ٢٨٩، ٢٩٠
ديوان پرڀداس: ٦١
"ديوان حافظ": ٩٤

ذ

ذوالفقار علي ڀٽو: ٣٧١

ڊ

ڊاڪٽر افضال حسين قادري: ٢١٨
ڊاڪٽر امبيڊڪر: ١٨٧، ١٩٠، ١٩١، ٢١٦
ڊاڪٽر ايني بيسنٽ: ٥٠٢

ڊاڪٽر خانصاحب: ١٩٣
ڊاڪٽر سيد عبداللطيف: ٢١٨
ڊاڪٽر سورلي: ٣٥٢
ڊاڪٽر شيخ محمد عالم، وڪيل:
٢٧٣، ٢٧٤، ٢٧٥، ٢٧٦،
٢٧٧، ٢٨٨
ڊاڪٽر گربخشاڻي: ١٩٢، ١٥٠،
٢٥٧، ٣٥٣-٣٦٣
ڊبليو رچرڊسن: ١٢٨، ٤٠١
ڊسوزا: ٤٦٠
ڊي. آر. نارمن: ٢٦٥
ڊيلي گزيٽ، ڪراچي: ١٤٨،
١٩٤، ٣٠٩، ٤٠٠

ڏ

ڏيارام جيٺمل ڪاليج: ٦٥،
١٥٠
ڏيارام گدومل: ٣٨٥

ر

راڻي وڪٽوريا: ٣٥٥
رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس: ١٨٧،
١٨٩، ١٩٠، ١٩١
راءِ بهادر بولچند آلو مل
پوچواڻي: ٤١٠
راءِ بهادر شيوارام ڏيونمل:
١٤٧
راءِ بهادر هوتچند: ٤٧٤
راءِ صاحب ٽوپڻداس: ٣٩١
رالي برادرس: ١٣٢
رامناٿ صوبيدار: ٣٧٠
راجا آف محمود آباد: ٢١٨
رفائيل اربينو: ١٠٩
رضوان الله: ٢١٨
رڪيل شاهه صوفي: ٦٥، ٣٥٣
رني ڪوٽ: ١٥
روپچند بيلارام: ١٤٦
رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي:
١٦٠، ٣٥٠، ٣٥٣، ٣٨٧،
٤٩٩
رئيس علي محمد مري: ١٤٩
رئيس ڏتل خان: ٧٧-٨١

س

ساڌ ٻيلو، سکر: ٢٣٢، ٢٨٤،
٢٩١
ساڌو واسواڻي: ١٤٨
سچل فقير جتوئي: ٧٥، ٧٦
سر ابراهيم رحمت الله: ٤٣٢
سر ايونس جيمس: ٤٠٨، ٤٩٨
سر ايرڪ ويسٽن، جسٽس:
٢٦٩، ٢٧٠، ٢٨٦، ٢٨٩،
٢٩٠، ٣٠٣، ٣٠٥
سر بارٽل فريئر: ٤٩٨
سر جهانگير ڪوٺاري: ١٤٣،
١٤٦
سرجن پنٽو: ٤٥٤، ٤٥٨، ٤٦٠

سر چارلس نيپئر : ١٥٨، ٤٨١، ٤٩٧
سر سيموئيل هور: ١٨٨، ١٩٠
سر سڊني رڊلي: ٤٨٣، ٤٥٦، ٤٥٧
سر سڪندر حيات خان : ٥٧، ٥٨، ١٨٤، ١٨٨، ٢٢١، ٢٢٣، ٢٦٨، ٢٦٩، ٢٧٣، ٢٧٤، ٢٧٥، ٢٧٦
سر شاهنواز خان ڀٽو: ١٤٦، ١٦٢، ٣٨٩، ٣٩١، ٣٩٣، ٣٩٦، ٣٩٧
سر فرانسز لوبو: ٦٧، ٦٨
سر فرانسز مُڊي: ٣
سر ڪائوسجي جهانگير: ١٤٦
سر عبدالقيوم: ٩٠
سر علي محمد خان دهلوي: ٨٥
سر لانسيلانٽ گرهام: ٥٥
سر محمد شفيع: ١٩٠
سر مانٽيگوويب : ١٤٦، ١٤٨، ٤٠٠، ٤٠١
سر هينري لارينس: ١٤٢، ٤٩٩، ٥٠٠
سردار اورنگزيب خان : ٢١٨
سردار ولڀ ڀائي پٽيل: ٢٠٩
سقراط: ١٠٣
سڪندر مرزا: ١١٦
سڪوئرا، فوٽوگرافر: ١٥٧
سلطان محمود ڪوڪلتاش: ١١١
سن يات سن: ٣٤
سنتداس منگهارام: ١٦٠
سنسار سماچار، اخبار: ١٤٩
سنڌ اسلاميه هوٽل: ٤٩٣
سنڌ آبزرور، روزنامه: ٥٦، ٦٠، ١٤٨، ٣٠٨، ٣٧٨
سنڌ پڪٽ: ٣٥٢
سنڌ زميندار، روزنامه: ٦٧، ٨٦، ٨٨، ١٢٦، ٢٣٣، ٣٩٥
سنڌ سڀا: ٣٨٤، ٣٨٥
سنڌ مدرسة الاسلام: ٨٢، ٨٦، ٨٨، ١٤٩، ١٥٠، ٣٨٢، ٣٨٥، ٣٨٦
سنڌ محمڊن ائسوسئيشن: ٣٨٥، ٣٨٦، ٣٨٧-٣٩٩
سنڌ يونيورسٽي: ١٦، ١٠٠، ١٠٣
سنڌي ادبي بورڊ: ٩٢، ٩٣، ٣٢٤، ٤٠٨
سوڀراج نرملداس: ٩٢
سول ـ مليٽري گزيٽ: ١٨٧، ١٨٨، ٢٢٤، ٢٢٥
سهروردي: ٤٣٩
سيٺ جعفر خواجه: ٨٤
سيٺ صالح محمد: ١٧٩

سيٺ عبدالرحيم صالح محمد ميمڻ : ۱۴۲
سيٺ نائون مل هوتچند: ۱۷، ۴۰۳، ۴۱۰
سيٺ وشنداس مانجهو: ۲۶، ۲۷، ۲۵۷، ۳۵۱
سيٺ هارون ۽ ڏاڏا سيٺ : ۱۳۸
سيٺ هوتچند: ۴۰۳، ۴۰۶، ۴۰۷، ۴۰۸، ۴۰۹
سيد احمد شهيد: ۱۹۴
سيد ايم اسلم : ۲۱۳
سيد حيدر سنائي: ۱۶
سيد حسين صفاهاني: ۱۸
سيد پير شاهه راشدي : ۸۴، ۱۱۷، ۱۱۸، ۱۴۰، ۱۷۹
سيد سجاد حيدر يلدرم: ۲۱۷
سيد علي مڪي: ۲۶
سيد عبدالرؤف شاهه : ۱۶۹
سيد محمد شاهه مهاجر: ۴۵۷
سعد زغلول پاشا : ۳۴۲

ش

شاهه اويس پمپنگ پلانٽ : ۳۶۸
شاهه حسين اردن: ۳۵
شاهه حسن ارغون: ۱۱۰
شاهه عنايت شهيد : ۴۰۵
شاهه لطيف ڀٽائي: ۹۸، ۱۰۰، ۱۰۳، ۲۵۷، ۳۵۵، ۴۹۸
شاهه جو رسالو: ۱۰۱، ۱۵۰، ۳۵۵
شبلي : ۳۶۰
شدي ـ سنگهٽن : ۲۶۱، ۲۶۴
شريف الدين پيرزاده : ۳۱۴
شمش الدين بلبل: ۱۶، ۸۱-۸۳
شورتن منُهيٽا: ۱۴۷، ۲۳۷
شيخ عبدالمجيد سنڌي: ۲۷، ۱۴۶، ۱۴۸، ۱۵۱، ۱۵۶، ۱۵۹—۱۷۴، ۱۷۹، ۱۸۱، ۱۸۴، ۲۱۳، ۲۲۰، ۲۲۵، ۲۳۴، ۲۶۹، ۳۵۲، ۴۷۰
شيخ محمد قادر: ۵
شيخ محمد اشرف: ۱۸۸، ۲۱۹
شيخ مبارڪ (والد ابوالفضل): ۱۷
شيخ واجد علي: ۲۳۹، ۲۴۰، ۲۴۵، ۲۵۲

ص

صالح شاهه ٽينگ وارو : ۶۹—۷۱
صاحبزاده هارون قدر موسيٰ علي مرزا : ۱۱۶

ط

طيب علي علوي: ۱۴۶، ۳۸۳

ع

عارب فقير جتوئي: ۷۴–۷۶، ۱۲۰

عبدالله چنا: ۴۵۸

عبدالله فقير موچي ۷۵

عبدالله هارون: ۲۷، ۱۳۷، ۱۴۱، ۱۴۲، ۱۴۳، ۱۴۶، ۱۴۸، ۱۶۴، ۱۶۷، ۱۶۸، ۱۶۹، ۱۷۰، ۱۷۲، ۱۷۳، ۱۷۵، ۱۷۶–۳۲۰، ۳۴۹، ۳۷۵، ۳۷۸، ۴۰۱، ۴۷۰

عبدالرحيم خان خانان: ۱۵

عبدالرحيم شاهه سجاولي: ۸۵

عبدالجبار، وڪيل: ۱۶۰

عبدالمجيد جتوئي: ۱۰۸–۱۰۹

عثمان علي انصاري: ۸۴

عدنان سيندريس: ۳۵–۳۸

علامه اقبال: ۳۸، ۱۸۸، ۱۹۰، ۱۹۱، ۲۱۶، ۲۲۸

علامه عبدالجليل: ۱۸

علامه قاضي: ۱۶، ۸۱، ۹۴–۱۰۴

علامه دائود پوٽو: ۱۶، ۸۱، ۸۳–۹۴، ۱۵۰

علي احمد پٺاڻ: ۸۴

علي بخش چنو: ۶۵–۶۷

علي برادران: ۴۰۱

علي حسن هَنگڙو: ۱۱۷

عيسيٰ ترخان: ۱۵

غ

غلام حسين خالقڏنو هال: ۱۴۳، ۱۵۶، ۳۰۸

غلام حسين قاسم: ۱۴۶، ۱۴۷

غلام رسول ڪيهر: ۴۵۰

غلام علي چاگلا: ۱۴۶

غلام مجتبيٰ عيسائي: ۲۴۲

ف

فاطمه جناح: ۲۳۷

فتح فقير: ۱۲۰، ۱۲۲

فريئر هال: ۱۳۶، ۱۳۷، ۳۹۳، ۴۹۸

فقيرالله علوي: ۴۰۶

فقير بخش خان ڪاڇي: ۶

فقير عبدالرحيم گرهوڙي: ۹۸

فيروز گانڌي: ۴۸۹، ۴۹۰

فيصل شهيد، شاهه عراق: ۳۵، ۳۶

ق

قاضي خدا بخش: ۱۴۶، ۱۵۲، ۳۷۴، ۳۷۷

قاضي عبدالرحمان: ۱۴۶، ۱۴۹، ۴۰۱–۴۰۲

قاضي فضل الله: ۲۲۹، ۲۴۵

قاضي محمد اڪبر: ۲۳، ۵۹، ۶۰، ۶۱، ۶۲، ۳۶۹

قائداعظم: ٢٧، ٣٢، ٦٧، ١٣٧، ١٥٠، ١٥٥، ١٥٦، ١٦٩، ١٧٢، ١٧٣، ١٨٢، ١٨٤، ١٨٦، ١٨٧، ١٨٨، ١٩٠، ١٩٨، ٢١٦، ٢١٧، ٢١٩، ٢٢١، ٢٢٢، ٢٢٩، ٢٣٠، ٢٣٢، ٢٣٧، ٢٩٤، ٣١٤، ٣١٧، ٣١٩، ٣٨٤، ٣٦٤

قرارداد پاڪستان: ٣٢، ١٥٧، ١٨٨، ١٩٥، ٢١٦، ٢١٧، ٢٢٠، ٢٢١، ٢٢٥، ٢٢٦، ٢٢٧، ٢٢٨، ٢٣٠، ٣١٤، ٤٦٣

ڪ

ڪالڪا اسٽيشن: ٢٧٦-٢٧٨

ڪارلٽن هوٽل: ١٣٦، ١٣٧

ڪامريڊ عبدالقادر: ٤٧٦-٤٨٧

ڪارونيشن هوٽل: ١٧٢-١٧٣

ڪرنل برائون: ٨٤، ٨٦

ڪريمان: ٢٦٤، ٢٦٦

ڪشنداس لولا: ٥٩، ٢٧٨، ٢٩٢، ٢٩٣، ٢٩٤

ڪوٽا والا ڪليڪٽر: ٦٤، ٢٤٠، ٢٤١، ٢٤٣، ٢٤٤، ٢٤٥

ڪئپٽن پريڊي: ٤٠٩

ڪوتمراج پٽنيا: ١٤٨، ٣٠٨، ٣٢٨، ٣٢٩

گ

گانڌي: ٣١، ٣٤، ١٧٢، ١٧٤، ١٨٨، ٢٤٧، ٣٤٣

گبسن، ڪمشنر: ٣٤٤، ٣٤٥، ٥٠٠

گل محمد شاهه لڪياري: ٤٩-٥٠

گوبند رام هاسومل، وڪيل: ٥٣

گورڌن غنڊو، سکر: ٢٥٣

گيان باغ، لاڙڪاڻو: ٣٢٣

ل

لارڊ ٽيمپلوڊ: ٣٩٨

لارڊ رپن: ٣٨٤، ٣٨٥

لارڊ ريڊنگ: ٣٨٩، ٣٩٠

لارڊ لنلٿگو: ٢٢٣، ٢٢٤

لارڊ ويول: ١٦٨

لال بهادر شاستري: ٤٨٩

لالچند امرڏنومل: ٩٢

لالچند نولراءِ، وڪيل: ٢٥٩

ليڊي لارينس: ٤١٩، ٤٩٩

ليوڪس پارڪ، سکر: ٢٣٤

ليوڪس، ڪمشنر: ٣٥١، ٤٩٨

ليلا رام (والد شيخ عبدالمجيد سنڌي): ١٦٠

م

ماتر يومي، اخبار: ١٤٩

مارئي: ٩١، ٣٦١، ٣٦٢

ماستر گنو بندرام: ٢٨-٣٣

ماستر محمد خان: ١٥١

مائوزي تنگ: ٣٤

محمد ايوب کهڙو: ٣٨، ٣٩، ٤٦، ٤٧، ٥٨، ٨٦، ٨٧، ١٤٦، ١٨١، ٢١٣، ٢٢١، ٢٣٤، ٢٣٩، ٢٦٥، ٢٦٩، ٢٧٧، ٣٥٤، ٣٩٣، ٤٨٤

محمد امين کوسو: ٤٦٢

محمد اسماعيل ناريجو: ١٢٦

محمد اسماعيل زونر: ٤٠-٤٨

محمد پناهه ڏکڻ: ١١٧، ٣٠٢

محمد حنيف صديقي: ٤٠٦، ٤٠٨

محمد صديق ميمڻ: ٩٢

محمد صالح صديقي: ٢٤

محمد عالم گهلو: ١٢٦

محمد علي بوگره: ٣٨، ٣٦٨، ٣٦٩، ٣٧٠، ٤٦٤، ٤٨٢

محمد هاشم گزدر: ١٤٦، ١٤٧، ١٥١، ١٥٥، ٢١٣، ٢٢١، ٢٣٩، ٢٧١، ٤٦١-٤٦٧

محمد هاشم مخلص: ٨١، ٨٢

محمد هاشم عباسي: ٤٢٠-٤٥٥

محمدي: ٤٨٣

مخدوم بصرالدين سيوهاڻي: ١٤

مخدوم بلال رحه: ١٦

مدرسه ڪڏه: ١٧٥

مسجد منزلگاهه: ٣٢، ٦٠، ٢٣٢-٣٠٥، ٤٦٣، ٥٠١

مسلم ايڊووڪيٽ، اخبار: ٣٧٤، ٤٠٢

مسلم وائيس، اخبار: ٣٢، ٢٣٠، ٣١٤، ٣١٨

مصري شاهه، دادو وارو: ٢، ٥١

ملڪ برڪت علي: ١٨٦، ٢١٦، ٢٢٥

ملڪ سردار خان نومڙيو: ٥

ملڪ عبدالعزيز: ٢١٣

ملڪ غلام محمد: ٣٨، ٣٩، ٧٣، ١٠٤، ٣٦٨، ٣٦٩، ٣٧٠، ٤٤٥، ٤٥٢، ٤٦٤

مُلان شعبان: ١٩-٢١، ٢٣-٢٥

منشي ڪنومل: ٥٣

منصور حلاج: ٣٥٨

مولانا آزاد: ٢٠٩

مولانا آزاد سبحاني: ٢٠٣

مولانا ثناءالله: ٢١٣

مولانا شوڪت علي: ١٥٦، ١٦٦

مولانا قاسمي: ۴۰۵
مولانا محمد صادق کڏه: ۱۲۷، ۱۴۶، ۱۴۷، ۱۵۱، ۱۵۴، ۱۷۴-۱۷۶، ۲۴۷
مولانا محمد صادق راڻيپوري: ۸۴
مولانا محمد علي: ۱۵۶
مولانا محمد علي جوهر: ۱۴۳، ۱۹۰، ۲۴۱، ۳۷۴
مولانا حسرت موهاني: ۲۰۳
مولانا روم: ۹۵
مولانا ظهورالحسن درس: ۱۴۶، ۱۵۱، ۱۵۳
مولانا ظفر علي خان: ۱۵۶، ۲۲۵
مولانا عبدالڪريم چشتي: ۱۴۹
مولانا عبدالڪريم درس: ۱۴۶، ۱۵۰، ۱۵۲
مولانا عبدالحامد بدايوني: ۱۶۹
مولانا عبيدالله سنڌي: ۱۷۵، ۲۴۷، ۳۲۷
مولانا غلام رسول مهر: ۱۹۳، ۱۹۴، ۲۱۸، ۲۲۲، ۲۲۸، ۳۱۳
موتيرام عيدنمل: ۱۴۶
مولوي تميزالدين: ۴۶۵
مولوي فضل الحق: ۱۸۴
۱۹۰، ۱۹۲، ۲۲۷، ۴۱۲، ۴۱۳، ۴۳۴
مولوي محمد صديق: ۱۵۱، ۱۵۴
مولوي عبدالحي حقاني: ۱۵۲، ۱۵۳، ۱۸۳، ۱۸۴، ۲۱۳، ۲۷۶
موليڏنو مسافرخانو: ۱۳۳، ۱۴۳، ۴۹۳
مولا بخش سومرو: ۵۴، ۴۸۴
مهاسڀا: ۲۱۰، ۲۶۱
ميان مير سيوهاڻي: ۱۷
ميڊم نٿوران: ۱۱۵-۱۱۹
ميلاپ، اخبار: ۱۸۷
مير ايوب خان: ۱۴۶، ۴۱۸، ۴۲۵
مير بنده علي ٽالپر: ۸۷، ۲۶۹
مير شير محمد ٽالپر: ۱۶، ۴۰۵
مير علي نواز خان ٽالپر: ۴۰۵
مير علي مراد ٽالپر: ۴۰۵
مير مراد علي ٽالپر: ۴۰۹
مير غلام علي ٽالپر: ۳۸، ۴۳۵
مير معصوم بکري: ۸۹، ۲۳۳، ۲۹۰، ۲۹۱، ۳۰۳
ميران محمد شاهه: ۹۳
ميراڻ جمالي: ۱۲۲-۱۲۷

ن

نادر شاھ: ٣٠٨
نارو ڍِڳت: ٢٧–٤٧، ٣٦٤
نبي بخش ڍٽو: ١٧٩–١٨٠
نذير احمد، ڪمشنر: ٤٤٧
نسيم تلوي: ٨٤، ١٥٥، ٣٧٧–٣٨٢
نصرت اسٽيشن: ١٣٤
نصير فقير جلالاڻي: ٣٥٣
نواب ڀوپال: ٣٠٨
نوابزاده لياقت علي خان: ٢٢٩
نواب سر شاھنواز خان ممدوٽ: ٢١٧، ٢١٨، ٢٤٦
نواب سر محمد يامين خان: ١٨٨
نواب ڪالا باغ: ١٠٨
نواب گورماني: ١٦٣
نواب محمد اسماعيل خان: ٢٢٩
نواب نذير يار جنگ بهادر: ١٨٨، ٢١٩
نواب ولي محمد خان لغاري: ١٥
نوري سعيد: ٣٥، ٣٦، ٣٧
نور محمد ڀٽي: ٤٥٦
نور محمد ڪلهوڙو: ٣٢٣
نور محمد، وڪيل: ٣٩٤–٣٩٧
نهچلداس وزيراڻي: ٢٠٦، ٤٤٥
نياز احمد، ڪمشنر: ٣٦٧
نيپولين: ١١٢
نيو ٽائيمس، اخبار: ١٤٨
نئشنل آرڪائيوز، اسلام آباد: ١٦٩، ١٨٨، ١٩٤، ٢١٦، ٢١٩، ٣١١، ٣١٤

و

واجا فقير محمد درا خان: ١٤٦
وڏيرو بلاول خان زونر: ٤٠
وڏيرو محمد هاشم ڄاليپوٽو: ٤٨٠
ولي محمد حسن علي: ١٤٦، ١٤٧، ٣٨٦، ٣٨٩، ٣٩٢، ٣٩٣، ٤٠٠
ولي محمد شاھ لڪياري: ٤، ٢٥، ٢٦، ٤٩
ون يونٽ: ١٠٨، ١٥٩، ٣٦٣

ھ

هٽلر: ١٧١، ١٧٢، ١٧٣، ١٧٤، ٢٠٠، ٣٤٢

هرچند راءِ وشنداس: ٦، ١٤٦، ١٤٧، ٢٣٨، ٢٥٨، ٣٥٠-٣٥٣، ٤٩٩
هندو گزيٽ، سکر: ٢٨٥
هندو، روزنامه: ١٤٩
هور، درزي: ١٣٩

ي

ياجوج ماجوج: ٣٤٢، ٣٤٩
يار محمد ڪلهوڙو: ١٦، ١٨
يوسف هارون: ١٧٨، ٢١٣، ٢٣١، ٣٠٦
يونينسٽ پارٽي: ٥٨
يونائيٽيڊ نيشنس: ١٧١

23.1.1976

پيارا سائين،

عليڪم سلام بعد مون کي عرض ڪرڻ آهي ته گذريل ٻه هفتي اندر اوهان جي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" پڙهيو اٿم ؛ ڪتاب کي ايتري چاهه سان مطالعو ڪيم ته ڪاڏي پيٽ ۽ ننڊ مون کان وسري ويا. منهنجو مقصد آهي ته ڪتاب جي باب ۾ هڪ ڊگهو مضمون لکان، سا پر هن جا ڪجهه ابواب به جرمني زبان ۾ ترجمو ڪريان...

اميد ته سڀ خير هوندو. گهر ڀار کي محبت.

وڏي ادب سان دعاگو

Annemarie Schimmel

هن ڪتاب جي ٻهرين ڀاڱي بابت نامور جرمن مستشرق خاتون
پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شيمل جو مصنف ڏي لکيل خط

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياچوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)